يونيورسٽي آف سنڌ جام شورو

پي ايڇ.ڊي ٿيسز

محبت پرڙي جي سنڌي پوليءَ تي ڪيل ڪم جو تنقيدي اڀياس

دين محمد ڪلهوڙو

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي، جام شورو

سنڌ، پاڪستان

2021ع/ 1443هه

UNIVERSITY OF SINDH

Dated_____

DEPARTMENT OF SINDHI

CERTIFICATE

Certified that Mr. Deen Muhammad S/o Muhammad Pannah Kalhoro has carried out research on the topic:

"A Critical Study of the work of Muhabbat Buriro on Sindhi Language"
"محبت برڑي جي سنڌي ٻوليءَ تي ڪيل ڪم جو تنقيدي اڀياس"

under my supervision. His work is original & distinct and his dissertation is worthy of presentation to the University of Sindh, Jamshoro for award of the degree of Doctor of Philosophy (Ph. D.) in SINDHI.

Prof. Dr. Muhammad Anwar Figar Hakro
Supervisor
Department of Sindhi
University of Sindh, Jamshoro

DECLARATION

I hereby declare that this M. Phil thesis has been prepared and composed entirely by myself and that all the work carried out is also my own: except where specifically stated.

Deen Muhammad Kalhoro

انتساب

وڇڙي ويل گهر ڀاتين – بابا سائين محمد پناهه، امڙ سائنڊ حليمه،

ٻن ڀائرن – حافظ محمد لقمان ۽ جان محمد جي نالن سان منسوب ڪريان ٿو،

زندگيءَ ۾، جن جي ڪَمي، هر وقت محسوس ڪندو رهندو آهيان.

فهرست

- **پيش لفظ** **i**
- **اختصار** **iii**

باب پهريون: محبت پرڙي جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندس تحقيقي ڪم جو تعارف **01**

1.1 محبت پرڙي جي زندگيءَ جو احوال **01**

1.1.1 خانداني پس منظر – ڄم **01**

2.1.1 ننڍپڻ ۽ تعليم **01**

1.1.3 ازدواجي زندگي ۽ ملازمت **04**

1.1.4 وفات ۽ مدفن **06**

1.2 محبت پرڙي جي زندگيءَ تي سماج، سياست ۽ ادب جو اثر **06**

1.2.1 سماج سان تعلق **07**

1.2.2 سياست **08**

1.2.3 سياسي تنقيدي ڪتاب **10**

1.2.4 سياست کان ڪنارا ڪشي **11**

1.2.5 ادب ۽ صحافت سان ويجهڙائي **11**

1.2.6 محبت پرڙي جو قائم ڪيل پبلشنگ ادارو **12**

1.2.7 سنڌالاجيءَ ۾ ڪيل اعزازي ڪم **12**

1.2.8 سنڌي ادبي سنگت قنبر سان وابستگي **12**

1.2.9 علمي ۽ تحقيقي ڪمن جي ابتدا **12**

1.2.10 محبت ٻرڙي جا قلمي نالا
16
1.2.11 ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي
16

باب ٻيو: ٻوليءَ بابت پيش ٿيل نظريا – هڪ تنقيدي اڀياس 29

2.1 ٻولي ڇا آهي؟
29
2.2 ٻوليءَ جي ابتدا بابت پيش ٿيل نظريا
30
2.2.1 بَو - وَو وارو نظريو: (The Bow Wow Theory)
31
2.2.2 پُوه – پُوه يا قُوه – قُوه وارو نظريو (The Pooh – Pooh theory) 31
2.2.3 ڊِنگ – ڊانگ وارو نظريو (The Ding – Dong Theory)
32
2.2.4 يو – هي - هو وارو نظريو (The Yo - he – ho Theory)
32
2.2.5 اشارن جو نظريو (The Gesture Theory)
33
2.2.6 سُر - تار وارو نظريو (The Musical theory)
33
2.2.7 لڳ لاڳاپي وارو نظريو (The Contact Theory)
34
2.2.8 فعل وارو نظريو (The Verb theory)
35
2.2.9 مورس سوئڊيش وارو نظريو (Morris swadesh theory) 35
2.3 ٻوليءَ جي نظرين بابت محبت ٻرڙي جي قائم ڪيل راءِ جو تجزيو
36

باب ٽيون: سنڌي ٻوليءَ جي بُڌ بنياد بابت پيش ٿيل نظريا : هڪ تنقيدي اڀياس
40

3.1 ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو نظريو
40
3.2 سر جارج ابراهام گريئرسن جو نظريو
42
3.3 جارج شرٽ جو نظريو
43

3.4 پيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جو نظريو
43
3.5 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نظريو
44
3.6 سراج الحق ميمڻ جو نظريو
45
3.7 ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو
47
3.8 جيرام داس دولترام جو نظريو
49
3.9 جان ايڊورڊ مچينر جو نظريو
49
3.10 ڊاڪٽر آسڪوپرپولا جو نظريو
50
3.11 ايم . ايچ پنهور جو نظريو
50
3.12 پيش ٿيل نظرين/راين تي محبت پرڻي جو تجزيو – هڪ تنقيدي اڀياس 51

باب چوٿون: سنڌي صوتيات ۾ محبت پرڻي جو مطالعو
57

4.1 صوتيات – معنيٰ، وصف، اصول ۽ اهميت
57
4.1.1 معنيٰ ۽ وصف
57
4.1.2 اصول
60
4.1.2.1 آوازن جي اڀياس جا قاعدا ۽ قانون
61
4.1.2.2 لساني آوازن جي پيدا ٿيڻ جو طريقو
63
4.2 سنڌي صوتيات ۾ ٿيل ڪم ۽ ان جي اهميت
65
4.2.1 اهميت
66
4.3 ’لسانيات‘ جون شاخون
68
4.4 محبت پرڻي جو ’سنڌي صوتيات‘ ۾ ٿيل ڪم – هڪ تنقيدي اڀياس 69
4.4.1 پوليءَ جا آواز
70

4.5 علم آواز (Phonetics)
74
4.5.1 معنيٰ، وصف ۽ تعارف
74
4.5.2 ’صوتيات‘ ۽ ’علم آواز‘ لاءِ ڪتب ايندڙمتضاد اصطلاح
77
4.6 علم صوتيه (Phonemics**)**
78
4.6.1 معنيٰ ۽ وصف
78
4.7 ’صوتيه‘ جي باري ۾ محبت ڀرڙي جي جوڙيل راءِ جو موازنو
82
4.8 لساني آوازن جا مخرج
84
4.8.1 معنيٰ ۽ وصف
84
4.9 ڳالهائڻ جي عضون بابت محبت ڀرڙي ۽ ٻين ماهر لسان جي راين جو تقابلي اڀياس 86
4.10 سُر آواز ۽ وينجڻ آواز
90
4.10.1 معنيٰ ۽ وصف
90
4.10.2 ’سُر آواز‘ ۽ ’وينجڻ آواز‘ جي باري ۾ عالمن جو پيدا ڪيل مونجهارو– هڪ تنقيدي اڀياس **97**
4.10.3 نيم – سُر (semi-vowel) بابت ڊاڪٽر الانا جي راءِ تي محبت ڀرڙي جي تنقيد **99**
4.11 محبت ڀرڙي جي ’سُر آواز‘ ۽ ’وينجڻ آواز‘ جي باري ۾ راءِ – تنقيدي اڀياس 101
4.12 سُر آوازن جي ورهاست
103
4.12.1 واحد بخش شيخ طرفان آوازن جي ورهاست
105
4.12.2 محبت ڀرڙي پاران سُرن جي ورهاست –تنقيدي اڀياس **106**
4.13 هڪ نيارو ۽ اڻ ڪوجيل سنڌي سُر
113
4.13.1 اڻ – ڪوجيلَ ڪي نيارا سنڌي سُر
116
4.14 ’وينجڻ آواز‘ جي ورهاست
125

4.14.1 ٹٹيٹا (ڳرا) ۽ بي ٹٹا (هلڪا) وينجڻ آواز (voiced and voiceless consonants) 125
4.14.2 آوسرگ ۽ وسرگ وينجڻ آواز (Aspirated and unaspirated consonants) 127
4.14.3 وسرڳائي/ اوسرڳائيءِ ۾ [ـهه] ۽ [هه] جو وياڪرڻي ڪارج 129
4.15 سنڌي وينجڻ آوازن جي ورهاست 131
4.15.1 صاف وينجڻ آوازَ (Soft or clear consonants) 132
4.15.2 نڪاوان وينجڻ آوازَ (Nasal consonants) 132
4.15.3 بندشي وينجڻ آوازَ (Stops consoants) 133
4.15.4 ڏماڪيدار خارجي وينجڻ آواز 134
4.15.5 ڏماڪيدار اندروني/چوسٹا وينجڻ آواز 134
4.15.6 لرزيدار 135
4.15.7 گسڪيدار 135
4.15.8 جزوي بندشي (Partial closure) 137
4.15.9 پاسائتا (Lateral) 137
4.15.10 ڦڙڪٹا وينجڻ آواز (Flapped) 138
4.15.11 وينجڻ آوازن جي خصوصيت معلوم ڪرڻ 139
4.16 پد (Syllable) 139
4.16.1 معنيٰ ۽ وصف 139
4.16.2 ’پد‘ جي باري ۾ ماهرن جي قائم ڪيل راين جي تناظر ۾ محبت ہرڙي جي تنقيد 141
4.16.3 ’پد‘ کي معلوم ڪرڻ جو آسان طريقو 160
4.17 اِدغام (سنڌي) 160

4.17.1 معنيٰ ۽ وصف
160
4.18 سَنڌي (Assimilation) بابت عالمن جا رايا
163
4.18.1 اِدغام (سَنڌِي) جا قسم
167
4.19 عالمن جي راءِ جي تناظر ۾ محبت پُرڙي جي اِدِغام (سَنڌِي) بابت جوڙيل راءِ – هڪ اڀياس 168

باب پنجون: سنڌي صرفيات: معنيٰ ۽ وصف – محبت پرڙي جو صرفيات ۾ ڪم
182

5.1 معنيٰ ۽ وصف
182
5.1.1 علم صرف جي وصف ۽ مفهوم
185
5.2 محبت پرڙي جي 'صرفيه' بابت قائم ڪيل راءِ – هڪ تنقيدي اڀياس 187
5.3 لفظ - معنيٰ ۽ وصف
187
5.3.1 'لفظ' جي وصف بابت محبت پرڙي جي قائم ڪيل راءِ – هڪ تنقيدي اڀياس 190
5.4 'صورت' (form) ۽ ان جا قسم
191
5.4.1 وصف
191
5.4.2 'صورت' جا قسم
194
5.4.2.2 پابند يا پَر- وَس صورت (Bound form)
195
5.4.3 'خودمختار' ۽ 'پابند' صورت بابت محبت پرڙي جي راءِ: هڪ تنقيدي اڀياس 197
5.5 پابند صورت جي ترتيب (Order)
200
5.5.1 اڳياڙي (Prefix)
201
5.5.2 وچياڙي (Infix)
202
5.5.3 پڇاڙي (Suffix)
203

5.6 پابند صورت بابت محبت برڑي جو ڪيل تحقيقي ڪم – هڪ تنقيدي اڀياس 205
5.7 لفظ جي درجيبندي 210
5.7.1 ابتدائي يا بنيادي لفظ (Primary words) **210**
5.7.1.1 مفرد يا سادو لفظ (Simple words) **211**
5.7.2 ثانوي لفظ (Secondary words) **211**
5.7.2.1 مُرَڪّب لفظ (Compound words) **212**
5.7.2.2 مُرتّب لفظ (Complex words) **213**
5.8.2.3 'مُڪرّر' لفظ (Reduplicated words) **214**
5.8 لفظ جي درجيبندي بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي قائم ڪيل راين جي تناظر ۾ محبت برڑي جو ڪيل اڀياس 216
5.9 لفظ جو ڏاتو، پاڙ يا مصدر 228
5.10 ڏاتو پاڙ يا مصدر بابت محبت برڑي جي راءِ – هڪ تنقيدي اڀياس 232

باب ڇهون: علم نَحوَ – معنيٰ، وصف، اصول ۽ قاعدا: علم نَحوَ ۾ محبت برڑي جو تحقيقي ڪم 244

6.1 علم نحوَ – معنيٰ ۽ وصف 244
6.2 علم نحوَ جا اصول ۽ قانون 247
6.3 علم نحوَ ۾ محبت برڑي جو اڀياس 249
6.3.1 "ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي" مقالي جو تنقيدي اڀياس **253**

باب ستون: سنڌيءَ ۾ لغت سازي، انسائيڪلوپيڊيا، اصطلاح سازي ۽ ترجمي نگاريءَ جي فن تي محبت برڑي جو ڪيل تحقيقي ڪم 280

7.1 لغت سازي – وصف، اصول، فن ۽ قسم 280

7.1.1 معنيٰ ۽ وصف
280
7.1.2 اصول، فن ۽ قسم
283
7.2 محبت ٻرڙي جو لغت سازيءَ تي ڪيل ڪم – هڪ تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس 288
7.2.1 محبت ٻرڙي جو لغت سازيءَ ۾ ڪم جو دائرو
288
7.2.2 ’جامع سنڌي لغات‘ [جلد -**1** جي پهرين پڑهٽي] جو جائزو – هڪ اڀياس **297**
7.3 انسائيڪلوپيڊيا – معنيٰ، وصف، فن ۽ تاريخ
299
7.3.1 معنيٰ ۽ وصف
299
7.3.2 فن ۽ تاريخ
302
7.4 ’انسائيڪلو پيڊيا‘ جي موضوع تي محبت ٻرڙي جي ڪيل ڪم جو تعارف 306
7.5 اصطلاح سازي – معنيٰ، وصف ۽ فن
313
7.5.1 معنيٰ ۽ وصف
313
7.5.2 سنڌيءَ ۾ اصطلاح سازيءَ جو فن ۽ تاريخ
317
7.5.3 سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي
319
7.5.4 محبت ٻرڙي جو سائنسي ۽ فني اصطلاح سازيءَ ۾ ڪيل ڪم – هڪ تنقيدي اڀياس **320**
7.6 ترجمه نگاريءَ جي وصف، فن، قسم ۽ اصول
338
7.6.1 ترجمه نگاريءَ جي وصف
338
7.6.2 ترجمي جو فن
342
7.6.3 ترجمي جا قسم
343
7.6.4 ترجمي جا اصول
344
7.7 محبت ٻرڙي جو ترجمه نگاريءَ ۾ ڪيل ڪم – هڪ تنقيدي اڀياس
345

7.7.1 آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي (ليکڪ – ايم.ايڇ پنهور)
346

باب اٺون: نتيجا، تجويزون ۽ ببليوگرافي
356

- **نتيجا**
356
- **تجويزون**
361
- **ڪتابيات (**Bibliography**)**
363

- Abstract
i-v

بِسْمِ اللهِ الـرَّحْمٰنِ الـرَّحِيْمِ ۝

پيش لفظ

الله جِئن نالوءِ، تِئَن مُون وڏو آسرو،
خالق ٿُنهنجيءِ کانڌ جو، پَرو پاندُ نه کوءِ،
نالو رب سندوءِ، رهيو آهي روح ۾.
(شاهه)

رب پاڪ جا اڻ ڳڻيا شڪرانا، جنهن ذات باريءَ مون کي پنهنجي فضل و ڪرم سان نعمت سان نوازي، اِن قابل بڻايو آهي جو اڄ مان تحقيق جهڙي خشڪ ۽ آٽ ڪائنئي ڪم ۾ هٿ ڳنڍي، اُن کي پايهء تڪميل تائين پهچايو آهي.

دراصل تحقيق جو ڪم نه رڳو تدريسي عمل جو هڪ حصو آهي، پر هي ڪم، زندگيءَ جو به هڪ اهم جُزُ آهي. انسان شعوري يا لاشعوري طرح هن عمل ۾ متحرڪ رهي ٿو ۽ جيڪي ماڻهو هن عمل کي پنهنجي زندگيءَ ۾ شعوري طرح لاڳو ڪن ٿا، گهڻو ڪري اُهي ئي ڪاميابيون حاصل ڪن ٿا ۽ اُهي ئي ماڻهو ٻين لاءِ به اڳتي جي لاءِ مثال بڻجن ٿا.

ڪوبه تحقيقي ڪم، پوءِ اُهو تدريسي ميدان ۾ ٿئي يا اُن کان ٻاهر، بنهه ٽڪائيندڙ ٿئي ٿو. هِن عمل لاءِ ريسرچ اسڪالر کي مستقل مزاجيءَ سان گڏوگڏ پنهنجي مقصد سان سچو هڻڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ ڪامياب ملڻ مشڪل آهي. منهنجي هِن تحقيقي عمل ۾ وک وک تي نيون رڪاوٽون ۽ پيچيدگيون به پيدا ٿينديون رهيون، پر مان ڪڏهن به مايوس نه ٿيس ۽ انهن رڪاوٽن ۽ مسئلن کي مُنهن به ڏيندو رهيس ۽ پنهنجو تحقيقي ڪم به ڪندو رهيس.

منهنجو پي ايڇ.ڊي لاءِ عنوان آهي – ”محبت ٻرڙي جي سنڌي ٻوليءَ تي ڪيل ڪم جو تنقيدي اڀياس“ جيڪو 15- مارچ 2019ع تي منظور ٿي مليو ۽ سنڌي شعبي جو سينيئر پروفيسر ڊاڪٽر محمد انور فگار هَڪڑو صاحب گائيڊ مقرر ٿيو. ڪورس ورڪ ته 2018ع ۾ ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪري چڪو هئس ۽ اُن ئي سال اين.ٽي.ايس جي ٽيسٽ به 60% ۾ ڪواليفاءِ ڪري چڪو هئس،

هاڻي مقالو لکڻ ۽ سيمينار ڪرائڻ جو مرحلو شروع ٿي چڪو هو. مون ڊاڪٽر هَڪڑي صاحب جي نگرانيءَ ۾ سڀيئي سيمينار ڪامياب ڪرائي مقالو

مڪمل ڪري وقت اندر جمع ڪرايو. ڊاڪٽر محمد انور فگار هَڪڙو صاحب انهن سمورن مرحلن ۾ منهنجي رهنمائي ڪندو رهيو. ڊاڪٽر هَڪڙو صاحب جڏهن به مون کي مايوس ڏسندو هو ته وڏو حوصلو، همٿ ۽ دلداري ڏيندو هو. ماڻهن کي حوصلو ۽ همٿ ڏجي ته ڪافي مسئلا پاڻمرادو حل ٿي ويندا آهن. منهنجو هيءُ موضوع سنڌي ٻوليءَ سان تعلق رکي ٿو ۽ ٻين عام موضوعن کان بلڪل نرالو ۽ چيڙهالو آهي ۽ هِن تي ڪم ڪرڻ ۾ مون کي وڏي جاکوڙي ڪَرڻي پيئي آهي، ڇو ته منهنجي هِن تحقيق جو طريقيڪار تجزئي ۽ تنقيد تي آڌاريل آهي، انڪري سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل اهي موضوع جن تي ٻين عالمن به لکيو آهي، تن کي محبت ٻرڙي جي ڪم سان پيٽ ڪئي ويئي آهي، تنهنڪري تحقيق جي هن ٻٽي عمل منهنجي ريسرچ ورڪ کي هيڪاري ڦهلائي ڇڏيو هو، پر جيئن ته مان پنهنجي ريسرچ ورڪ جا دائرا ۽ حدون محبت ٻرڙي جي کيل ڪم سان مشروط ڪري چڪو هئس، اُنڪري هِن مقالي کي انهن دائرن ۽ حدن ۾ سمائڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪئي آهي.

هن سموري سفر ۾ ڪووڊ-2019ع جا ڀيانڪ مسئلا به لاحق ٿيا ۽ انهن زندگيءَ کي جڙ ته هڪ هنڌ بيهاري ڇڏيو. مان به اُن وبا جو شڪار رهيس ۽ تحقيق جو ڪم به گهٽو متاثر ٿيو. شڪر الحمد لله، رب سائينءَ ڪرم ڪيا ۽ ان موذي مرض کان ڇوٽڪارو حاصل ٿيو ۽ وري نئين عزم ۽ ولولي سان رهيل ڪم کي پڄاڻيءَ تي رسايو.

شڪريه ادائي

هن تحقيقي رٽا کي پايهء تڪميل تائين رسائڻ ۾ گهر پاتين سميت ٻين ڪيترن ئي همدرد دوستن ۽ ساٿين جو سهڪار به شامل رهيو آهي، جن جو پيار ۽ خلوص پريو ساڻ شامل نه هجي ها ته هي ٽيڪنيڪل ۽ علمي ڪم مڪمل نه ٿي سگهي ها. سڀ کان پهريان مان پنهنجي محسن ۽ گائيڊ پروفيسر ڊاڪٽر محمد انور فگار هَڪڙي صاحب جو دليؤون ٿورائتو آهيان، جيڪو پنهنجي گوناگون مصروفيتن مان منهنجي لاءِ وقت ڪڍندو رهيو ۽ پنهنجي مفيد مشورن ۽ صلاحن سان منهنجي رهنمائي ڪندو رهيو. ٻئي نمبر تي مان پنهنجي جيون ساٿياڻي ضميرالنساءِ جو به ٿورائتو آهيان، جنهن پاڻپريءَ منهنجي لاءِ نه رڳو گهر جو ماحول سازگار بڻايو، پر منهنجو قدم قدم تي ساڻ به ڏنو. اُن سان گڏوگڏ مان منهنجي ننڍڙي ڌيءُ مهرالنساءِ، جنهن کي گهر ۾ لاڏ مان ’خوش نصيب‘ چوندا آهيون، جو نالو به ڪٽندڙ، جنهن هن تحقيقي ڪم دوران مون کي گهر ۾ لکڻ پڙهڻ جو ماحول ڏنو. پاڻ سهيل راڄڙ جو ڪمپوز ڪئي ۽ قدم قدم تي منهنجون ڏنگايون به برداشت ڪيون، مان اُن جو به ٿورائتو آهيان.

وڏي سگهه سَندياءِ، ٻاجهُن ڀَريو آهِيين،
مون تان مِهرُ مَ لاهِ، آئون ٿُنهنجِي آهيان.
(شاهه)

1- جنوري 2022ع
واپڊا ڪالوني، ڄام شورو

دين محمد ڪلهوڙو

اختصار

1. موضوع جي اعتبار کان منهنجي تحقيقي مقالي جو تعلق محبت ۾رڙي جي سنڌي ٻوليءَ تي ڪيل ڪم سان آهي ۽ عنوان آهي – "محبت ۾رڙي جي سنڌي ٻوليءَ تي ڪيل ڪم جو تنقيدي اڀياس". سنڌي ٻوليءَ جي تحقيق جي حوالي سان، ڪيترن ئي گوشن کان ڪم ٿيو آهي، پر اُهو اڃا به تحقيق جو گهُرجائو آهي، ڇو ته ٻوليءَ جي علم جو ڪينواس ٻين علمن جي پيٽ ۾ وڌيڪ وسيع ۽ ڦهليل آهي ۽ اُن جي سمورن پاسن تي هڪ ئي وقت ڪنهن هڪ اسڪالر جي وس جي ڳالهه نه آهي. اُن لاءِ وڏو وقت ۽ گهڻا اسڪالر درڪار آهن. هڪ پي ايڇ.ڊي اسڪالر لاءِ اهو قطعي ممڪن نه آهي ته هو ٻوليءَ سان لاڳاپيل سمورن معاملن کي هڪ ئي نشست ۾ اڀياس هيٺ آڻي، گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهي.
2. هن مقالي ۾ ٻوليءَ جي انهن معاملن کي تنقيدي اڀياس هيٺ آندو ويو آهي، جن بابت محبت ۾رڙي لکيو آهي. هيءُ مقالو سنڌي لسانيات جي هيٺين مضمونن کي تحويل ۾ وٺي ٿو:
1- صوتيات، 2- صرفيات، 3- نحويات، 4- معنيات، 5- لغت سازي، 6- اصطلاحسازي، 7- انسائيڪلو پيڊيا ۽ 8- ترجمه نگاري.
هِي اُهي موضوع ۽ مضمون آهن، جن تي محبت ۾رڙي ڪم ڪيو آهي. مقالو اٺن بابن تي مشتمل آهي، جن جا عنوان، تفصيلوار هن طرح آهن:

- محبت ۾رڙي جي زنيگيءَ جو خاڪو ۽ سندس تحقيقي جو تعارف.
- ٻوليءَ بابت پيش ٿيل نظريا – هڪ تنقيدي اڀياس.
- سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت پيش ٿيل نظريا/ رايا – هڪ اڀياس.
- سنڌي صوتيات ۾ ٿيل ڪم ۽ اُن ۾ محبت ۾رڙي جو حصو.
- سنڌي صرفيات: معنيٰ، وصف – سنڌي صرفيات ۾ محبت ۾رڙي جو ڪم.
- علم نحوَ: معنيٰ، وصف، اصول ۽ اهميت – علم نحوَ ۾ محبت ۾رڙي جو ڪم.
- سنڌيءَ ۾ لغت سازي، اصطلاحسازي، انسائيڪلو پيڊيا سميت ترجمه نگاريءَ جي فن تي محبت ۾رڙي جو ڪيل ڪم.

- نتيجا تجويزون ۽ ببليوگرافي.

- پهرئين باب ۾ محبت ٻرڙي جي پيدائش، خانداني پس منظر، نندپڻ، تعليم، ازدواجي زندگي ۽ ملازمت سميت سندس سماجي، سياسي ۽ ادبي مصروفيات بابت تحقيقي انداز ۾ لکيو ويو آهي.
- ٻئي باب ۾ ٻوليءَ جي نظرين بابت مختلف ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن جا نظريا/ رايا پيش ڪيا ويا آهن ۽ انهن نظرين/ راين تي محبت ٻرڙي جي راءِ جو پڻ تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي. هن باب ۾ ٻوليءَ جي هيٺين نظرين کي بيان ڪيو ويو آهي:
  - بو – وو وارو نظريو
  - پُوه – پُوه يا ڦُوه – ڦُوه وارو نظريو
  - ڊِنگ ڊانگ وارو نظريو
  - يو – هي – هو وارو نظريو
  - اشارو وارو نظريو
  - سُر – تار وارو نظريو
  - لڳ لاڳاپي وارو نظريو
  - فعل وارو نظريو
  - مورس سوئڊيش وارو نظريو
- ٽئين باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت هن وقت تائين جيڪي نظريا/ رايا پيش ٿيا آهن، انهن جو نه رڳو اپياس ورتو ويو آهي، پر انهن نظرين/ راين تي محبت ٻرڙي جي قائم ڪيل راءِ جو پڻ موازنو ڪيو ويو آهي. هن باب ۾ هيٺين عالمن/ اسڪالرن جا سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت نظريا/ رايا شامل ڪيا ويا آهن – ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، جارج ابراهم گريئرسن، جارج شرٽ، پيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، جئرامداس دولترام، جان ايڊورڊ مچينر، ڊاڪٽر آسڪوپرپولا، ايم.ايڇ پنهور.
- ڇوٽين باب ۾ سنڌي صوتيات جي معنيٰ، وصف، اصول ۽ سنڌي صوتيات ۾ ٿيل ڪم جي اهميت سميت محبت ٻرڙي جي سنڌي صوتيات ۾ ٿيل ڪم جو تنقيدي اپياس پڻ ورتو ويو آهي. هن باب ۾ صوتيات جي ٻن شاخن – علم آواز ۽ علم صوتيه جي معنيٰ ۽ وصف سميت انهن جي ويڪرڻي ڪارج بابت تنقيدي اپياس پيش ڪيو ويو آهي. هن باب ۾ لساني آوازن جا مخرج ۽ اُن مان پيدا ٿيندڙ آوازن جي قسمن بابت محبت ٻرڙي جي قائم

کيل راين جو پڙ موازنو کيو ويو آهي. هن باب ۾ سُر آواز ۽ وينجڻ آواز، اوسرگ ۽ وسرگ وينجڻ آواز جي باري ۾ محبت ٻرڙي جي قائم کيل راين جو اپياس کيو ويو آهي. هن باب ۾ پد، پد جي قسم، اِدغام (سنڌي)، اِدغام جي قسمن بابت به لکيو ويو آهي.

- باب پنجين ۾ سنڌي صوتيات جي معنيٰ، وصف سميت محبت ٻرڙي جي صرفيات تي کيل کم جو پڙ تنقيدي اپياس کيو ويو آهي. هن بابت ۾ ’لفظ‘ جي وصف ۽ اُن جي قسمن سميت لفظ جي آزاد ۽ پابند صورت، لفظ جي اڳياڙي، پڇاڙي ۽ وچياڙي، لفظ جي ذاتو، پاڙ يا مصدر جي باري ۾ محبت ٻرڙي جي کيل کم جو پڙ تنقيدي اپياس کيو ويو آهي.
- باب ڇهين ۾ نه رڳو علم نحوَ جي معنيٰ، وصف، اصول ۽ قاعدن بابت لکيو ويو آهي، پر محبت ٻرڙي جي لکيل مقالي ”ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي“ جو جائزو ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ پروفيسر محمد عمر چنڊ جي لکيل مقالن جي روشنيءَ ۾ ورتو ويو آهي. ضميري پڇاڙيءَ جو احو جائزو مختلف زمانن جي گردانن ۾ ورتو ويو آهي.
- باب ستين ۾ سنڌيءَ ۾ لغت سازي، اصطلاحسازي، انسائيڪلو پيڊيا ۽ ترجمه نگاريءَ جي فن تي لکيو ويو آهي. هن باب ۾ محبت ٻرڙي جي مٿين موضوعن تي کيل کم جو پڙ تنقيدي جائزو پيش کيو ويو آهي. هن باب ۾ مٿين موضوعن تي سلسليوار ڏار ڏار بيانن ۾ ذکر کيو ويو آهي.
- محبت ٻرڙي جي سائنسي ۽ فني اصطلاحسازيءَ تي کيل کم جو پڙ تنقيدي اپياس اپياس ورتو ويو آهي. هن باب ۾ ترجمه نگاريءَ جي حوالي سان ايم.ايڇ پنهور جي ترجمو کيل ڪتاب ”آڳاٽي سنڌي ۾ سنڌي ٻولي“ مان ٻوليءَ سان لاڳاپيل ٻن مضمونن – ”سنڌ جون ٻوليون“ ۽ ”سنڌ جي ٻولي“ کي تنقيدي اپياس هيٺ آندو ويو آهي. ترجمي جي خوبين ۽ خامين کي جوڙيل پئرامٽر ذريعي پرکيو ويو آهي.
- باب اٺين ۾ نتيجن سميت تجويزن ۽ ببليوگرافي ڏني ويئي آهي.

3. هن مقالي جي متن ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن سميت مختلف معياري لغتن ۽ انسائيڪلو پيڊيائن جي مواد جي حوالي ڏيڻ لاءِ آي پي آي وارو طريقو اختيار کيو ويو آهي ۽ گڏوگڏ مواد ۽ حوالي جي

صحت طرف به پورو پورو ڏيان ڏنو ويو آهي. مقالي ۾ پيش ڪيل حوالن جا اصل ماخذ نظر مان به چگي طرح ڪڍيا ويا آهن.

4. هن مقالي ۾ تحقيق جو طريقيڪار هيٺئين مفروضي جي بنياد تي رکيو ويو آهي – ”سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد متعلق نظرياتي بحث ۾ محبت ٻرڙي جي علمي ۽ شعوري حيداريءَ جي اهميت ۽ افاديت جو تعين“. ان مفروضي کي ”محبت ٻرڙي جي سنڌي ٻوليءَ تي ڪيل ڪم جو تنقيدي اپياس“ جي سري هيٺ تجزئي ۽ تنقيد جي عمل وسيلي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. لاڳاپيل موضوع جي گهرج موافق محبت ٻرڙي جي سنڌي ٻوليءَ تي ڪيل ڪم کي مختلف پهلوئن ۾ ورهائي، هڪ معياري ڪسوٽي جوڙي، اُن مان گذاريو ويو آهي. ٻين لفظن ۾ تنقيدي جو بنيادي مقصد ڪنهن تحقيق جو مڪمل ۽ تفصيلي طرح جائزو وٺڻ ئي مقصود هوندو آهي ۽ هن عمل ذريعي تحقيق جي معيار کي جاچي، اُن جو قدر ۽ قيمت طئه ڪرڻ هوندو آهي.
5. هن مقالي جي لکڻ جو طريقو، بيان ۽ طريقيڪار تجزياتي ۽ تنقيدي مقرر ڪيو ويو آهي. هِن مقالي جو تعلق، ڪتابن، لائبررين ۽ ٻوليءَ جي ڏيهي پرڏيهي عالمن ۽ ماهرن سان آهي، تنهنڪري هِن مقالي جي تياريءَ لاءِ تحقيق جا بنيادي ۽ ثانوي ٻئي ذريعا ڪم آندا ويا آهن. بنيادي ذريعن ۾ محبت ٻرڙي جي لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن سميت سندس نالي سان قائم ڪيل اداري ’ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي‘ جي اثاثن ۽ ذخيرن مان لاڀ حاصل ڪيو ويو آهي، البت ثانوي ذريعن ۾ موضوع سان لاڳاپيل ڪتابن، لغتن، رسالن، اخبارن، اديبن ۽ عالمن سميت انٽرنيٽ کان به مدد مدد حاصل ڪئي ويئي آهي.
6. هن موضوع تي ٿيل تحقيقي ۽ تنقيدي اپياس مان هيٺيان مقصد حاصل ٿين ٿا:

- موضوع سان لاڳاپيل اهڙا نوان ۽ لڪل گوشا نروار ٿيا آهن، جن تي درست رخ ۾ ڪم نه ٿيو هو.
- هن موضوع تي ڪم ڪرڻ کان پوءِ ٻوليءَ جي پيدا ٿيڻ سميت سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي اول کان موجوده دور تائين پيش ٿيل نظريا، مفروضا ۽ رايا پڙهڻ لاءِ هڪ هنڌ ملن ٿا ۽ پڙهندڙ/ اسڪالر کي نون زاوين کان سوچڻ، سمجهڻ ۽ اُن تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي دعوت ڏين ٿا.

- هن تنقيدي اپياس ذريعي پڑهندڙ/ اسڪالر جو پنهنجي ٻوليءَ طرف ويجهڙائيءَ وارو تعلق جُڙي ٿو.
- هيءُ مقالو، سنڌي زبان جي خصوصي طرح لسانياتي لحاظ کان اکر/ حرف ۽ لفظ جي اکيڙ سميت اُن سان لاڳاپيل نحوي ۽ صَرفي بناوت بابت عالمي حلقن ۾ نئين سر بحث ڪرڻ جي دعوت ڏئي ٿو.
- هيءُ مقالو، محبت پرڙي جي سنڌي ٻوليءَ ۾ جوڙيل فني ۽ سائنسي اصطلاحسازي، لغت سازي ۽ انسائيڪلوپيڊيا جي فن کي سمجهڻ ۽ اُنهن تي نون زاوين کان وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ماحول فراهم ڪرڻ ۾ هٿي ڏئي ٿو.

محبت ٻرڙي جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندس تحقيقي ڪم جو تعارف

1.1 محبت ٻرڙي جي زندگيءَ جو احوال

1.1.1 خاندائي پس منظر – ڄم

محبت ٻرڙي جو مائٽاڻو نالو محبت علي هو. هُو پنهنجي گهرو رڪارڊ موجب، 22 ربيع الاول 1372هه ۾، سرڪاري رڪارڊ موجب، 25- مارچ 1952ع تي، شوڪت علي ٻرڙي (1987ع-1920ع) جي گهر قنبر شهر جي نورشاهه محلي ۾ ڄائو. محبت ٻرڙي جو والد شوڪت علي، 'لاهوتي شوڪت علي' جي نالي سان مشهور هو. هُو پورهيت شخص هو. قنبر جي لاهي چاڙهي ۾ سندس سيلون هئي، جتي هو حجامڪو ڪم ڪندو هو. دين، تاريخ ۽ علم سان لڳاءُ سبب، 'آزاد حقيقت' جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو، جيڪو قلمي حالت ۾ سندس پونئرن وٽ موجود آهي. هُو شاعر به هو. 'شوق' تخلص استعمال ڪندو هو. محبت ٻرڙو سندس ٽيون نمبر پٽ هو.

محبت ٻرڙي جا وڏا اصل ميرپور ٻرڙي، ضلعي جيڪب آباد جا ويڙل هئا، جتان اٽويهين صديءَ ڏاري، لڏي اچي قنبر ۾ آباد ٿيا. سندس وڏي تڙ ڏاڏي جو نالو 'مِڙل' هو، جنهن تان سندس پونئر 'مِڙاٽي ٻرڙا' سڏجن ٿا. محبت ٻرڙي جو وڏو ڏاڏو مِڙل، ميرپور ٻرڙي ۾ پير دامن علي شاهه جي درگاهه سنپالينڊڙ هو. سندس وفات ۽ تدفين به اُتي ئي ٿِي. محبت ٻرڙي جو ڏاڏو محمد عثمان ٻرڙو (1925ع- 1865ع) هر فن مولا شخص هو. هُو پنهنجي وقت جو مذهبي عالم، مولوي ۽ اديب هو. هن مختلف مذهبي موضوعن تي پنج ڪتاب لکيا ۽ هڪ ڪتاب، شاعريءَ جي مختلف صنفن تي سهيڙيو ۽ پنهنجي آتم ڪٿا به لکي، پاڻ خلافتِ تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن به هو. (ٻرڙو، 2014ع: 16)

2.1.1 ننڍپڻ ۽ تعليم

محبت ٻرڙي تعليم جا ابتدائي پنج درجا، گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول قنبر ۾ مارچ 1964ع ڏاري پاس ڪيا. ننڍپڻ ۾ محبت ٻرڙي جو شمار نهايت هوشيار ۽ ذهين ٻارڙن ۾ ٿيندو هو، اُنڪري استادَ به ڪيس گهڻو پائيندا هئا. پرائمري ۾ شمس الدين شيخ ۽ محمد مڙل شيخ وٽان حساب سکيا، جي پنهنجي

دور جا تمام هوشيار ۽ لائق استاد هوندا هئا. انهن کي به محبت ٻرڙو هوشياري ۽ ذهانت سبب گهڻو پسند هوندو هو.

”محبت ٻرڙو 1964ع ۾ پرائمري (ابتدائي) تعليم پوري ڪري، انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول قنبر ۾ داخل ٿيو. اُن وقت اسڪول جو هيڊماستر مشهور اديب ۽ نهايت لائق تعليمدان وي.جي مَڪَائي (وسيومل جيوترام) مقرر هو. هُو اصل ڪارو شاهه تعلقي (موجوده نوشهرو فيروز ضلعو) جو رهواسي هو، ۽ 2- جنوري 1946ع کان 31- جنوري 1967ع تي رٽائرمينٽ تائين، قنبر ۾ هيڊماستر ٿي رهيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هُو انڊيا جي رياست ’ٻڙوده‘ لڏي ويو، جتي 1988ع ۾ ديهانت ڪري ويو. هن ايم.اي جو مونوگراف ’جهانيان خاندان‘ تي لکيو، جيڪو آڪٽوبر 1972ع ۾ سنڌالاجي اداري ڇپائيءَ پڌرو ڪيو.“ (ٻرڙو، 2006ع: 9 70)

محبت ٻرڙو پڙهائي دوران هر سبجيڪٽ تي پورو پورو ڌيان ڏيندو هو ۽ اهوئي سبب آهي جو هر مضمون ڪيس پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ وڻندو هو. هن جا اکر پڻ ڏاڍا سهڻا هئا، جڙ موتين جا داڻا لڙهيءَ ۾ پويل هجن، اهي اکر لکڻ پنهنجي ماروٽ اشرف علي ٻرڙي سيکاريس. مئٽرڪ دوران ادبي ڪتابن ۽ رسالن پڙهڻ جو شوق، سندس هم ڪلاسي دوست محمد ايوب راجپوت ڏياريو، جنهن کي هن اردو ڊائجسٽ ۽ جاسوسي توڙي ٻيا اردو ناول پڙهيا.

محبت ٻرڙي جون 1969ع ۾ ڏهين جماعت اي گريڊ ۾ پاس ڪئي. ان کان پوءِ سيپٽمبر 1969ع ۾ ٽن مهينن جو ٽائيپنگ ڪورس به ڪاميابيءَ سان پاس ڪيو. 1969ع ۾ هن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ فرسٽ ايئر سائنس (پري ميڊيڪل) ۾ داخلا ورتي. ان وقت سواريءَ جو وڏو مسئلو هوندو هو، روز قنبر کان لاڙڪاڻي اڇ وڇ ڪا سولي ڳالهه نه هئي. ڪاليج وڃڻ لاءِ هُو صبح سوير گهران، منجهند جي ماني رومال ۾ ويڙهي ڪٽي نڪرندو هو، ڏيڍ ڪلوميٽر ڪن ٻاهر، شهدادڪوٽ روڊ سان واقع قنبر علي خان ريلوي اسٽيشن تي پيادل پهچندو هو (جنهن جي شاگرد طور ’پاس‘ ٺهرائي هئائين)، جتي گڏ ٽيل شاگرد، جيڪب آباد کان لاڙڪاڻي لاءِ هلندڙ ريل، لاڙڪاڻي ايندا ۽ ويندا هئا ۽ ڊگري ڪاليج پرسان رحمت پور ڦاٽڪ وٽ ريل جي رفتار گهٽ ٿيندي هئي، ته لهي پوندا هئا. محبت ٻرڙو به انهن سان گڏجي ريل ۾ سفر ڪندو هو ۽ واپسيءَ دوران ڪڏهن ساڻئي ڦاٽڪ تان، ته ڪڏهن لاڙڪاڻي جنڪشن ريلوي اسٽيشن تان سوار ٿيندو هو ۽ لڙيءَ شام قنبر پهچندو هو.

”تن ڏينهن دوران محبت ٻرڙي جي گهر ۾ بجلي نه هئي، ۽ هُو رات جو گهٽيءَ ۾ اسٽريٽ لائيٽ جي روشنيءَ ۾ دير تائين پڙهندو هو. ننڍپڻ ۾ ئي محبت ٻرڙي کي درسي ڪتابن کان علاوه غير درسي ڪتابن پڙهڻ جو به حد

درجي جو شوق هوندو هو. هُو ڊگري ڪاليج لاڙڪاٽي جي لائبرريءَ مان روزانه 2، 3 ڪتاب اِشو ڪرائيندو هو ۽ فري ٽائيم ۾ به انهن جو مطالعو ڪندو هو. ان طرح هُن ڊگري ڪاليج لاڙڪاٽي ۾ پڑهائيءَ دوران سوين ڪتاب پڑهيا. هِن انهيءَ مطالعي کي شوق بدران هڪ عادت بٽائي چڏيو هو. جيستائين ريل اچي ۽ پليٽفارم تان رواني ٽي، هو ريلوي اسٽيشن تي به ڪتاب پڑهندو رهندو هو ۽ اهو مطالعو ريل ۾ به جاري رهندو هو. جڏهن ته باقي ڪتاب، گهر ۾ پڑهي وٺندو هو. سندس مطالعي جي اها رفتار شاگرديءَ جي دور کان ئي تِکي رهي جا ساٽس سڄي ڄمار ساٽ نپائيندي رهي.” (ٻرڙو، 2014ع: 20، 19)

محبت ٻرڙي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاٽي مان جولاءِ 1971ع ۾ انٽر سائنس جو امتحان، فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. اهوئي سبب آهي جو سندس داخلا ايل.ايم.سي ڄام شوري ۾ ٽي ويئي. قنبر جي تاريخ ۾ اهو پهريون موقعو هو ته هڪ غريب گهراٽي جو ٻار ڊاڪٽريءَ ۾ چونڊجي ويو هو. هُو اُن کان پوءِ ٻين ماڻهن لاءِ روشنيءَ جو ڪِرڻو ۽ اتساهه جو سبب بٽيو. اهو سندس سخت محنت جوئي ڦل هو.

محبت ٻرڙي 1972ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄام شوري ۾ داخلا ورتي. سنڌ جي تعليمي، علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارن جو شهر ’مدينة العلم‘ (ڄام شورو) ۽ پر وارو ادبي ۽ ثقافتي مرڪز حيدرآباد جو شهر، محبت ٻرڙي کي هڪ نئين دنيا ۾ وٺي ويو. انهن ٻنهي ’جاڙن شهرن‘ محبت ٻرڙي جي فڪري طرح اوسر ڪئي. هُن ايم.بي.بي.ايس جي ڊگري سيپٽمبر 1979ع ۾ پاس ڪئي. اهو 1976ع جو امتحان هو، جنهن جو نتيجو سنڌ ۾ لساني وڇوڙن سبب، 21- نومبر 1979ع تي پڌرو ٽيو. ”انهن ڏينهن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر نجيب، پروفيسر ڊاڪٽر علي محمد انصاري ۽ پروفيسر ڊاڪٽر عظيم عالماڻي پرنسيپال طور ذميداريون سنڀاليون. محبت ٻرڙي کي اُتي جن استادن پڑهايو، تن ۾- سرجن ضمير صديقي، پروفيسر ارشاد موريااڻي، پروفيسر ناصره خان ۽ ٻيا شامل آهن. سندس هم ڪلاسين ۾- ڊاڪٽر جاويد شيخ، ڊاڪٽر خليل قاضي، ڊاڪٽر عزيز ٽالپر، ڊاڪٽر خادم لاکير، ڊاڪٽر منير شيخ، ڊاڪٽر ڪنعيا لال گيانچنداڻي، ڊاڪٽر اعجاز ٹُرڪ، ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا، ڊاڪٽر شفقت عباسي، ڊاڪٽر ايوب جروار، ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، ڊاڪٽر ولي عباسي وغيره شامل هئا.” (ٻرڙو، 2014ع: 20)

ايل.ايم.سي ۾ پڑهڻ دوران محبت ٻرڙي جي دوستن ۽ ساٿين جو حلقو ته ادبي ۽ سياسي سرگرمين جي ڪري، صرف ايل.ايم.سي تائين محدود رهڻ بدران، تمام گهڻو وسيع ٽي ويو هو، جن ۾ خاص طور ڊاڪٽر آڪاش انصاري، اسلم پرويز، سيف الله نظاماڻي، اسد گاڏهي، مظفر ٻرڙو، نور نبي راهوجو، منصور

عالم ابڙو، منظور ڇڇڙو، مشتاق شابراڻي، عبدالله ملاح، مير مظهر ٽالپر، ڊاڪٽر علي گل ميتلو، ايار عالم ابڙو، قيس عالم ابڙو، طارق عالم ابڙو، وغيره اهم آهن.

ڄام شوري ۾ محبت ٻرڙي جا تعليمي خرچ سندس وڏي پاڻُ فتح علي ’تراب‘ سَنَا، جيڪو عرب رياست شارجه جي هڪ وادي ’خور فِڪان‘ ۾ درزي هو. محبت ٻرڙي کي امدادي وظيفا به ملندا هئا. هُو مختلف رسالن جي ڪتابت به ڪندو هو، جن مان پٽ سندس تعليمي خرچن جو انتظام ٿيندو رهيو. محبت ٻرڙي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهائيءَ دوران ’ايم.ايل.سي بٹالين‘ ڄام شوري ۾ آڪٽوبر 1974ع کان 1976ع دوران ’نيشنل گارڊس‘ پاران ’نيشنل ڪيڈٽ ڪارپس‘ جو ’سرٽيفڪيٽ آف سروس‘ جو لازمي ڪورس به ڪري ورتو.

محبت ٻرڙي جهڙيءَ طرح لکڻ پڙهڻ ۾ وسيع نظر هو، تهڙيءَ ريت هٿ جو به ڪشادو ۽ سخي مڙس هو. ايل.ايم.سي واري زماني ۾ سندس ڪمرو، پنهنجي رهائش گهٽ، پر مهمان خانو وڏيڪ لڳندو هو. مهمان ڪانئس موڪلائيندا هئا، ته هو اُنهن کي حيدرآباد وٺي، پنهنجن پئسن مان ڪين ڪتاب خريد ڪري ڏيندو هو، ۽ اهڙي طرح هو علم جي وڌ ورهاست به ڪندو هو. سندس نڊيڊ جي ساٿي پروفيسر منظور ڇڇڙي اُن بابت پنهنجي هڪ مضمون ”اهڙا مانجهي مرڻا ناهن!“ ۾ لکيو آهي ته:

> ”ڊاڪٽر محبت وٽ سڃيءَ سنڌ جا دوست (ڄام شوري) ايندا هئا، هُو جڏهن ڪانئس موڪلائيندا هئا، ته انهن کي حيدرآباد ’قومي ڪتاب گهر‘ تي وٺي ويندو هو. واپسيءَ جيترا پئسا بچائي، باقي سمورن پئسن جا ڪتاب کين وٺي ڏيندو هو. اهڙيءَ ريت، سڃيءَ سنڌ جي ڪارڪنن جا گهر بهترين لائبريرين ٿي ويا، جن مان سڃيءَ سنڌ جي دوستن پرپور فائدو ورتو.“ (ڇڇڙو، 2017ع: 247)

1.1.3. ازدواجي زندگي ۽ ملازمت

محبت ٻرڙي جي شادي، 1983ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پڙهيل لکيل ميمڻ گهراڻي مان ٿِي. سندس سهرو مولا بخش ميمڻ، سڀي ڪورٽ ڪراچيءَ ۾ جج هو. سندس ٽيڻ واري جيون ساٿياڻي ان وقت ايل.ايم.سي ۾، بي.ڊِي.ايس جي ٽئين سال جي شاگرديااڻي هئي. شاديءَ کان پوءِ چوڪري بي.ڊي.ايس جي تعليم اڌ ۾ ڇڏي ڏني، کين 1984ع ۾ هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو محبت ٻرڙي پنهنجيءَ پسند تي ’ساجد محبت‘ رکيو. هُن پنهنجي پٽ کي بيپناهه پيار ڏنو ۽ ڪيس پاڻ سان گڏ گهمايو ڦيرايو. (ساجد محبت مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ بي.اي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄام شوري مان پاس ڪئي ۽ اين.اِي.ڊي يونيورسٽي مان

ايم.اِي ڪئي. هُو پڻ محنتي ۽ هوشيار آهي، انڪري ڪيس پڙهڻ دوران ئي ليڪچراري ملي ويئي. هن وقت ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي.)

ميڊيڪل سائنس ۾ ڊاڪٽري جي ڊگري وٺڻ کان پوءِ محبت ٻرڙي 'پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل اسلام آباد' ۾ رجسٽريشن ڪرائي. ان کان پوءِ هُن 10- فيبروري 1980ع کان 14- جون 1982ع تائين ملٽري سروس ۾ 'ڪئپٽن ڊاڪٽر' جي حيثيت ۾ پنجاب جي مختلف شهرن ۾ نوڪري ڪئي، جنهن دوران سندس مقرري اٽڪ، گلگت، اسڪردو ۽ ڪوئٽا شهرن ۾ رهي، پر ڪيس اُتي سڪون ۽ مزو نه آيو، ڇو ته هُو شاگرديءَ واري دور ۾ سياست ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪري چڪو هو ۽ سجاڳ ذهن جو مالڪ هو. سڀي پگهار، بنگلي سماجي رُتبي باوجود 'اها نوڪري ڪيس پسند نه آئي، چاڪاڻ ته اُتي سوچ ڪي ڪُلف لڳل هئا. هو سياسي طرح سمجهه جي ان نهج تي پهتل هو، جتي اها نوڪري جسماني ملازمت سان گڏ ذهني ملازمت ڄاتائين پئي. ٻيو ته محبت ٻرڙو روايتي ڊاڪٽر نه هو، جنهن کي ٻين ڊاڪٽرن وانگر رواجي طور پنهنجي حياتي گذارڻي هئي. هُو ته پنهنجن ماروئڙن، عام ماڻهن، غريب غُربن ۽ ديس واسين جي خدمت ڪرڻ لاءِ پڙهيو ۽ ڊاڪٽر ٿيو هو. انڪري فوج ۾ 'ڪئپٽن ڊاڪٽر' جي نوڪري ڇڏي آيو ۽ ڄام شوري ۾ ڪجهه وقت پنهنجي ننڍي پاڻ صُحبت ٻرڙي وٽ رهيو.

'ڪئپٽن ڊاڪٽر' جو عهدو ڇڏڻ کان پوءِ محبت ٻرڙي خانگي ملازمت ڪرڻ لاءِ ڪجهه وقت ڪراچيءَ ۾ رهيو ۽ هڪ بلڊ بئنڪ ۾ ڪم ڪرڻو لڳو، پر پوءِ ستت ئي نوڪري به ڇڏي پنهنجي شهر قنبر ڏانهن هليو آيو. اهو 1984ع جو زمانو هو. قنبر ۾ سندس آباڻي گهر ۾ رهائش جي تنگيءَ سبب هُو پهريان شهر ۾ هڪ ڪمري تي مشتمل مسواڙي گهر ۾ رهيو، جيڪا جاءِ هڪ دوڪان جي مٿان ٺهيل هئي. 1990ع ۾ شيخ ۽ گوپانگ پاڙي جي وچ تي، شهر جي مشهور ڊاڪٽر نانڪ رام جي گهر پرسان، گهر ٺهرائي سڀني گهرپاتين سان اُتي اچي رهيو. ان گهر ۾ ٺهرايل پهرين چئن ڪمرن ۾، هن پنهنجي چئن پائرن کي رهايو ۽ پاڻ ڪجهه وقت کان پوءِ تڏهن اچي رهيو، جڏهن سندس ڪمرو، اُن جاءِ جي مٿان ٺهيو. اُن گهر جي اڏاوت ۾ محبت ٻرڙي به ڪم ڪيو، رياضت ٻرڙو لکي ٿو ته:

> "اُن گهر جي اڏاوت دوران ڊاڪٽر محبت ٻرڙي پاڻ به سخت محنت ۽ مزدوري ڪئي، سروٽا ڪُٽيا، ڏَمڪُ هنيو، پٽين کي تَر ڪيو، مَسالو تيار ڪيو ۽ ايٽريقدر جو فرسٽ فلور تي پنهنجي رهڻ لاءِ ڪمري تي پاڻ ٽيئر ۽ گاڊر چاڙهي لڳايا." (ٻرڙو، 2014ع: 22)

محبت ٻرڙي قنبر شهر ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان پوءِ شهر جي مختلف پاڙن- باغي ديري، گوپانگ ۽ علي خان ۾ ڪلينڪ کولي علاج ڪندو رهيو. باغي ديري ۾ ٽن هنڌن تي ڪلينڪ شفٽ ٿيس، پهرين هنڌ سندس ڪلينڪ تان چوري ٿي، جنهن ۾ هر شيءِ ٻُهاري ڏيئي ڪنئي ويئي. پوءِ معلوم ٿيو ته اُها چوري پرسان ڪلينڪ هلائيندڙ هڪ ديوان ڪمپائونڈر جي چوڻ تي قنبر جي هڪ مشهور برادريءَ جي ماڻهن ڪئي، پر پوءِ ساڳئي برادريءَ جي هڪ ٻئي شخص، سڃي چوري واپس ڪرائي، اُهو محبت ٻرڙي جي ڪردار ۽ رويي مان بيحد متاثر هو.

محبت ٻرڙي کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان بيحد انسيت هئي، جنهنڪري نه رڳو ڪلينڪ جو نالو ’لطيف‘ رکيو هئائين، پر ’لطيف ڪلينڪ‘ کان اڳ سياسي تنظيم ۾ سندس ڳجهو نالو به لطيف هو، انڪري سياسي ۽ نظرياتي ڪتابن تي به پنهنجو نالو ’لطيف‘ رکيائين. سندس ’لطيف ڪلينڪ‘ قنبر ۾ علمي، ادبي ۽ سياسي ڪچهرين ۽ گڏجاڻين جو اهم مرڪز پڻ بڻيل رهي. محبت ٻرڙو بيمارن کان تمام ٿورا پئسا وصول ڪندو هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن مريض وٽ دوا وڻڻ جي سگهه نه هوندي هئي، ته ان کان في نه وٺندو هو، پر ان کي دوا جا پئسا به پنهنجي کيسي مان ڏيئي ڇڏيندو هو ته جيئن مريض وقت اندر اها دوا اسٽور تان وٺي کائي سگهي. سندس هٿ ۾ وڏي شفا هئي. هُو مريضن کي فقط ضروي دوا لکي ڏيندو هو. انهن حالتن ۾ هو ٻن ويلن لاءِ به پريشان رهندو هو، پر اُن جي پنڪ پوڻ نه ڏيندو هو. هُو گهٽو ڪري مريضن کي انجيڪشن نه ڪندو هو، جنهنڪري ڪيترائي مريض اهو وسهندا هئا ته ڊاڪٽر کي انجيڪشن ڪرڻ نٿي اچي. سندس گهر باغي ديري واري ڪلينڪ کان سوا ڪلوميٽر پري هو، ۽ اُهو سفر هُو سائيڪل تي ڪندو هو، ۽ سال ۾ روزن واري عيد، قرباني‌ءَ واري عيد ۽ 10-محرم تي ڪلينڪ بند رکندو هو.

1.1.4 لاڏاڻو ۽ آخري آرامگاهه

محبت ٻرڙو 9- اپريل 1997ع تي معمول موجب نيرن ڪري لطيف ڪلينڪ تي ويو ۽ وري ٻن پهرن جي مانيءَ لاءِ گهر موٽيو، ته ساهه کڻڻ ۾ سوڙهه محسوس ڪيائين. هُن ٽيليفون تي، پنهنجي ويجهي دوست ڊاڪٽر نظير شيخ سان ڳالهايو ۽ ان تڪليف بابت ٻڌايو، ڊاڪٽر نظير شيخ هن کي فوري طور هڪ ٽِڪي وڻڻ لاءِ چيو. فون تي اهو ڳالهائي، هُو کٽ تي اچي ليٽيو، ته خاموش ٿي ويو. سندس ننڍو ڀاءُ صحبت علي گهر ۾ هو، جنهن محبت کي سيني تي گهٽائي زور ڏنا ۽ سَڏ ڪيا، پر هُو هر سڏ ٻُڌڻ کان گهٽو پري ٿي چُڪو هو.

هِن عالم، اڻ ملهه باڪردار ۽ مثالي محنتي ماڻهوءَ جو لاڏاڻو، دل جي اٽيڪ پوڻ ڪري ٿيو. سندس وفات 9- اپريل 1997ع تي ٿي. محبت ٻرڙي جي

مڑهه کي قنبر جي عيدگاهه واري مقام ۾ جاءِ ڏني ويئي. هُو قنبر ۾ ڇميو، قنبر وارن جي خدمت ڪئي ۽ قنبر ۾ ئي دفن ٿيو.

1.1 محبت ٻرڙي جي زندگيءَ تي سماج، سياست ۽ ادب جو اثر

محبت ٻرڙو مطالعي جي حوالي سان ڏاڍو تيز هو. هو وڏي کان وڏو ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڳولیندو هو. ڪتاب کي مليو ناهي، چَٽُ. اهڙي تيز رفتاريءَ، هن جي پڙهاڪو سگهه کي نه رڳو وڌائي ڇڏيو پر سندس سوچڻ، لوچڻ ۽ لکڻ جي سگهه کي به اُن ئي تيز رفتاريءَ سان وڌائي تيز فهم بڻائي ڇڏيو هو.

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو لکي ٿو ته:

> ”ڊاڪٽر محبت ٻرڙو سنڌ جو بيدار دماغ ليکڪ هو. هُو گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو. سندس پڙهڻ ۽ لکڻ جا موضوع به گهڻا هئا. هن فقط 45 سال زندگي ماڻي، اوڻيهن سالن جي عمر ۾ لکڻ شروع ڪيائين. لڳ ڀڳ ڇويهه سال سانده پڙهيو، ڪَڙهيو ۽ ڪَريو. جيڪو ڪجهه لکيائين، واهه جو لکيائين. مان جيڪو ۽ جيترو مواد ڏسي سگهيو آهيان، اهو وڏي وزن وارو آهي. اهوئي سبب آهي جو هو سنڌ جي باشعور طبقي جي دل جي ڌڙڪن رهيو آهي.“ (هَڪڙو، 2017ع: 370)

ٻرڙو جيترو ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو، ته ان کان وڌيڪ انهن تي تبصرا به ڪندو هو ۽ دوستن سان به تفصيلي بحث ڪندو هو. هُو بحث ڪندڙن کي آخر ڪُٽائي ڇڏيندو هو. نور نبي راهوجو لکي ٿو ته:

> ”هُو ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ محفلين جو مور به هو ته مطالعي جو به جنون جي حد تائين شوقين هو. هُو اڪثر ڪري رات جو دير تائين دوستن سان ڪچهريون ڪندو هو. پڙهيل ڪتابن تي دوستن سان تفصيلي تبصرا ڪندو هو. ڪيس سياسي بحث مباحثي جو تمام وڏو فن هو. هُو ٿوري ئي دير ۾ پنهنجي پرپور دليلن سان مخالفن کي يا ته قائل ڪري پنهنجو حمايتي بڻائي ويندو هو يا ڪين ڪُٽائي بس ڪرائي ڇڏيندو هو.“ (راهوجو، 2019ع: 177-171)

سندس تحريرن ۾ مضبوط دليلن جي ادائگي بابت نور نبي راهوجو وڌيڪ لکي ٿو ته:

> ”سندس ساڻي شوخي ۽ دليلن جي پختگي سندس تحريرن ۾ به نمايان طور نظر ايندي، خاص طور تي سندس لکيل تنقيدي

> ڪتاب ”..... جيڪو سچ چوي“ سندس شوخ، اڪابر ذهن جو اعليٰ نمونو ۽ هڪڙو لازوال شاهڪار آهي.“ (حوالو ساڳيو، 318)

1.1.1 سماج سان تعلق

محبت ٻرڙي 76-1974ع دوران قنبر ۾ ٻارڙن جي تنظيم جي سرپرستي ڪئي. اها تنظيم ڈُر محمد ناهي هئي، جيڪا هڪ اخبار جي زيرِانتظام ڪم ڪندي هئي. محبت ٻرڙو، ان تنظيم جون ميٽنگون اٽينڈ ڪرڻ لاءِ ڪڈهن ڪڈهن چام شوري کان ايندو هو.

رياضت ٻرڙو لکي ٿو ته:

> ”هن ٻارڙا سنگت جا سرپرست ڊاڪٽر محبت ٻرڙو، ڊاڪٽر ظفر قادري ۽ عظيم سومرو هئا ۽ آرگنائيزر پائو درمحمد ٻرڙو هو. ”گلن جهڙا ٻارڙا سنگت“ پاران ضلعي سطح جا ڪيترائي تقريري مقابلا ۽ مباحثا، هفتيوار گڈجاڻيون، ٽيبلا ۽ عام معلومات جا مقابلا منعقد ٿيا.“ (ٻرڙو، 2006ع: 118)

اهڙيءَ طرح محبت ٻرڙي پنهنجي انمول ڪردار ۽ روين سان قنبر جي شعوري ۽ ترقي پسنديءَ واري سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي دور جي شروعات، پنهنجي ٻين همعصر ساٿين سان گڈجي ڪئي.يي

1.1.2 سياست

محبت ٻرڙي سياست جي شروعات 1976ع ۾ ڪئي، جڏهن هو ايل.ايم.سي ۾ پڙهندو هو. سندس ڪوششن سان لياقت ميڊيڪل ڪاليج چام شوري ايس.ايس.ٽي (سنڌي شاگرد تحريڪ) جو يونٽ ڪُليو. ان يونٽ جو محبت ٻرڙو 1978ع تائين سيڪريٽري رهيو.

محبت ٻرڙي جي ذهانت ۽ مدلل گفتگو سامهون ويڙل يا ٻڌندڙ ماڻهوءَ کي جلد موهي وجهندي هئي، چو ته سندس ڳالهيون عام ماڻهن جي گفتگوئن ۽ موضوعن کان مٿي، سحرانگيز هونديون هيون ۽ جلد متوجهه ڪندڙ هيون. سندس ايل.ايم.سي واري زماني جو ويجهو ساٿي ڊاڪٽر ايوب جروار پنهنجي هڪ مضمون ”محنتي، اڻ ورچ ۽ جفاڪش انسان“ ۾ لکي ٿو ته:

1978ع دوران محبت ٻرڙو سنڌي شاگردن جي انهيءَ تنظيم جو پهريون چونڊيل صدر (مرڪزي) رهيو. محبت ٻرڙي پنهنجي دور ۾ انهيءَ سياسي تنظيم کي سياسي ۽ علمي طرح وڌيڪ فعال ۽ مضبوط ڪيو. سياسي ۽ فڪري بحثن تي مشتمل ليڪچرن جو سلسلو شروع ڪيو. سندس ليڪچر ڳوڙهن موضوعن

تي هوندا هئا، پر سندس سمجهائڻ جو انداز نهايت آسان ۽ سادو هوندو هو. سندس ليڪچر ڪڏهن ڪڏهن طويل ٿي ويندا هئا جو اُهي هفتو هفتو به هلندا هئا. مارشل جو سخت دور هو، لينن، مارڪس ۽ اينجلس جي فڪري ڪتابن تي بندش هئي، پر محبت ٻرڙو اُهي بحث ليڪچرن جي صورت ۾ عام ڪندو هو. هُو سياست ۾ "محبت ٻرڙو" جي نالي سان ته مشهور هو، پر رڪارڊ تي "ٻرڙو بجاءِ ڪا ٻي ذات لکيل هئي، جنهن ڪري سندس ڪمرو ۽ پاڻ پوليس جاچ ۽ تفتيش کان بچيل رهيا.

محبت ٻرڙي جي ڏنل ليڪچرن ۽ ان وقت جي ڏکين حالتن بابت ولي عباسي پنهنجي هڪ مضمون "پڙ تان پاهڻ نه چُري" ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

> "رڳو ايل.ايم.سي ۽ قنبر ۾ نه، پر سڄيءَ سنڌ ۾ تنظيم طرفان رکيل پروگرامن ۾ ڊاڪٽر محبت ليڪچر ڪيا. ضياءَ جو ڪارو دور، پر اهي ڪم به ضرور ڪرڻا آهن. لِکي، ڇُپي، روپ بدلائي به ذميواري نپائڻي آهي. هڪ پيرو ڦاٽڪ (جام شورو) تان هاسٽل ڏانهن پئي آيس، ڏسان ته همراهه (محبت ٻرڙو) کي گوڏ ٻڌل، سادو پهراڻ پهري، ڪلهي تي پوتڙو، وار وِکريل ۽ ڏاڙهي وڌيل! ويجهو پهچي ڪانئس احوال ورتم، ته ٻڌايائين: 'شاهه پور چاڪر ليڪچر ڏيڻ پيو وڃان.' همراهه ان وقت روپوش هو." (ولي، 2017ع: 243)

ولي عباسي وڌيڪ لکي ٿو ته:

> "محبت ٻرڙي جُهڏي ۾ (رات جي وقت) ليڪچر پئي ڏنو، ليڪچر دوران ڪالر مان پُڻي ڏي هٽ وڌائي ڪا شيءِ ڪڍي ٻاهر اُڇلائي. اهو ڪُئو هو جيڪو پڻيءَ تي اندران چڙهي ويو هو. هڪڙي غريب ڪامريڊن جي تنظيم، مٽان حالتن جو ضيائي ظلم. آپريون، ڪَچيون، اونداهيون ۽ پراڻيون جايون، اتي لِڪَ ۾ پيا ليڪچر ٽين، ۽ ليڪچر ڏيڻ وارو هجي محبت ٻرڙو." (حوالو ساڳيو)

جام شوري ۾ ايم.بي.بي.ايس جي تعليم پوري ڪري پوءِ هن عوامي تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ پوءِ ان جي "مرڪزي تعليمي ڪاميٽيءَ" جو ميمبر به رهيو. ان ڪاميٽيءَ ۾ هن مختلف سياسي ۽ علمي موضوعن تي ليڪچر به ڪيا. گشت دوران سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ قائم يونٽن ۾ به سندس وڃڻ ٿيو، جتي هن ليڪچر ڪيا.

1980ع ۾ نوڪري اختيار ڪرڻ ۽ 1984ع ۾ پنهنجي شهر ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان پوءِ هو سياسي ڪمن کان پاسيرو رهيو، پر اُتي به علمي، ادبي،

سياسي، سماجي ۽ سائنسي موضوعن تي ليڪچر ڏيندو رهيو ۽ انهن ڏينهن ۾ ئي سندس لکڻ جي باقاعده ابتدا ٿي.

1.1.3 سياسي تنقيدي ڪتاب

محبت ٻرڙي 1988ع ۾ ”..... جيڪو سچ چوي“ لکيو، جيڪو لطيف ۽ سچل جي فرضي نالن سان ڇپيو. ان ۾ سنڌ جي قومپرست اڳواڻن جي سياسي ڪارڪردگين جو تنقيدي اپياس ورتل هو.

هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت جي باري ۾ محبت ٻرڙي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته:

> ”هِن ڪتاب ۾ پنهنجي اڳوڻن ساٿين واري رَوَش برقرار رکي آهي ۽ ڪنهن به تنظيم سان ڪابه هٽ ٿوکي ڳالهه نه ملائي آهي، بلڪه عام ڪارڪنن جي ڳالهه به نه ڪنئي آهي. مڃيل اڳواڻن جي انٽرويوئن، مضمونن ۽ ڪتابن تان حوالا ڪٽي بحث ڪيو آهي.“ (لطيف ۽ سچل، 1988ع: 11، 10)

’. . . جيڪو سچ چوي‘ سنڌ جي سياست تي جارحانه انداز ۾ لکيو ويو،جيڪو سنڌ جي ساڃاهه وند طبقي کي بيحد پسند آيو ۽ اُن بابت مختلف اخبارن، رسالن ۽ روبرو ڪچهرين ۽ محفلن ۾ ذڪر به ٿيو ۽ ان جي مجموعي طرح ساراهه ٿيڻ لڳي.

”. . . جيڪو سچ چوي“ لکڻ تي محبت ٻرڙي کي پنهنجي تنظيم پاران ’علمي محاذ جو سچو سپهه سالار‘ جو خطاب به مليو.

1.1.4 سياست کان ڪنارا ڪشي

1990ع ۾ عوامي تحريڪ ۾ پنهنجي قائد جي ضابن جي پڇڙين سبب شگاف پوڻ لڳا. ان سلسلي ۾ پارٽي قائد ان وقت جي اهم سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تي مختلف الزام لڳائي، انهن کي پارٽيءَ مان برطرف ڪرڻ شروع ڪيو. قائد جو اهو عمل ڏسي محمد فاضل راهوءَ جي فرزند محمد اسماعيل راهوءَ ساڻي تنظيم جي نالي سان الڳ ڏرو ٺاهيو. ڪافي سياسي ڪارڪن ان ڏڙي ۾ شامل ٿيا. محبت ٻرڙو ان نازڪ صورتحال جو تجزيو ڪيو ۽ ان حوالي سان هڪ مضمون ”فاضل جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ هجي ها ته. . .“ لکيو. ٻئي سال هڪ ٻيو مضمون ”سنڌ جو سورهيه شهيد فاضل راهو“، ورسيءَ تي لکيو، ته ڪيس 1992ع ۾ پارٽيءَ مان خارج ڪيو ويو.

1.1.5 ادب ۽ صحافت سان ويجهڙائي

محبت ٻرڙي جي ادبي ۽ صحافتي لکڻين جي ابتدا، گڏوگڏ ٽِي. سنڌس لکڻ ۽ اخبارن، رسالن ۾ ڇپجڻ جي شروعات، ايل.ايم.سيءَ واري زماني ۾ ٿي. جڏهن هو ڄام شوري مان نڪرندڙ رسالن، مخزنن- ’شاگرد پبليڪيشن‘، ’انجيڪشن پبليڪيشن‘ ۽ ’لياقت پبليڪشن‘ ۾ لکندو هو. انهن سڀني مخزنن ۽ رسالن ۾ محبت ٻرڙو پهريان طنز و مزاح تي لکندو هو، بعد ۾ سنڌس سنجيده ۽ فڪري مضمون ڇپجڻ لڳا. پوءِ هُو 1977ع ۾ ’سنڌي شاگرد پبليڪيشن‘ جو ايڊيٽر به ٿيو ۽ ساڳئي وقت ڄام شوري مان نڪرندڙ مخزن ’انجيڪشن پبليڪيشن‘ جو معاون ايڊيٽر به رهيو ته، ان مخزن جو ڪافي عرصي تائين ڪاتب به رهيو. سنڌس ابتدائي لکڻين ۽ رسالن ۾ ڇپجڻ جو ابتدائي زمانو 1973ع کان شروع ٿئي ٿو. 1992ع ۾ جڏهن ڪراچيءَ مان "جاڳو" اخبار جاري ٿي، ته هو قنبر مان ان جو نمائندو مقرر ٿيو ۽ پوءِ باقاعده ڪالم، مضمون لکڻ شروع ڪيائين.

1977ع ۾ محبت ٻرڙو ايل.ايم. سي مان نڪرندڙ شاگرد رسالي "سنڌي شاگرد پبليڪيشن" جو ايڊيٽر ۽ "انجيڪشن پبليڪيشن" ڄام شوري جو سهڪاري ۽ ڪاتب رهيو. هُو "رهبر ڊائجسٽ" جو به سهڪاري رهيو.

1.1.6 محبت ٻرڙي جو قائم ڪيل "ڏاهپ ڪتاب گهر" ادارو

1978ع ۾، محبت ٻرڙي پنهنجي شهر قنبر ۾ "ڏاهپ ڪتاب گهر" جي نالي سان هڪ ڇپائيءَ جو ادارو قائم ڪيو. "مائو زي تنگ" ليکڪ- رسول بخش پليجو جنوري 1979ع ۾ ڇپايو.

1.1.7 انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ ڪيل اعزازي ڪم

لساني جهيڙن ۾، سنڌالاجيءَ جي لائبرري شرپسندن هٿان جلائي ويئي ته ان وقت جي اداري جي انچارج پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا جي سربراهيءَ ۾ لائبرريءَ تي ڪم شروع ٿيو ته محبت ٻرڙي پنهنجي آرٽسٽ دوست منصور عالم ابڙي سان گڏجي، پنهنجي خوبصورت اکرن سان ڪتابن جا اعزازي طور ڪئٽلاگ لکيا.

1.2.8 س.ا.س قنبر شاخ سان وابستگي

س.ا.س قنبر شاخ ويجهڙائي 1980ع کان ٿي. هو 1995ع ۾ سنگت قنبر جو ميمبر ٿيو ۽ پوءِ هو سنگت جي مختلف گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندو هو. سنگت قنبر ۾ "سنڌي ٻوليءَ جا سُر ۽ آواز" موضوع تي هن هڪ ليڪچر به ڏنو ۽ اُن کان علاوه هن مختلف وقتن تي مختلف موضوعن تي ليڪچر به ڪيا.

1.2.9 علمي ۽ تحقيقي ڪمن جي ابتدا

محبت ٻرڙو عوامي تحريڪ کان خارج ٿيڻ بعد ڪنهن ٻي سياسي جماعت ۾ شموليت اختيار نه ڪئي. جيئن ته هو سنڌو لکندڙ ۽ سنڌو تجزيه نگار هو، انڪري هو سياسي تجزيا ۽ مضمون لکندو هو. هن جي انگريزي ۽ سنڌي به سنڌي هئي، انڪري هو انگريزيءَ مان ترجما به ڪندو هو، پر انهن سمورن ڪمن جي پيٽ ۾ سندس طبيعت ۽ مزاج سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌ ويجهه طرف مائل ٿي ويو هو، انڪري هو سنڌيءَ ۾ انسائيڪلو پيڊيا تيار ڪرڻ، پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي جوڙڻ، سنڌي گرامر ۽ سنڌي زبان جي لفظن جي ڏاتوئن جي تحقيق ڪرڻ جهڙن مشغلن ۾ لڳي ويو ۽ پوءِ اُهي مشغلا سندس عشق بڻجي ويا. اهي ڪم اڳتي هلي سندس ازلي سجاٽپ بڻجي ويا.

محبت ٻرڙو سچي چمار ان راءِ جو رهيو، ۽ ان تي عمل به ڪندو رهيو، ته جيڪو ڪجهه به پاڻ کان عملي ۽ علمي ڪم ٿي سگهي ٿو سو آوس ڪرڻ گهرجي. ان عزم هيٺ هِن 'انسائيڪلوپيڊيا' بابت هڪ تفصيلي تعارفي مضمون بعنوان 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا' لکيو ۽ مواد سهيڑڻ لاءِ نه صرف رڃابندي ڪئي، پر ڪم جي شروعات ڪندي "مواد سهيڑيو مهم" هيٺ لسٽون جوڙڻ پڻ شروع ڪيون. اُهي لسٽون 'الف' اکر تائين مڪمل ڪيون هيون، جن ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ ذاتيون، قومون، ديهون، پسون، راڳ، هُنر، ساز، زيور، ڳهه ڳڻا، پرت، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، سبزيون، گاهه ڦڻا، مشينن جا پرزا، اديبن، شاعرن، محققن، ليکڪن ۽ صحافين جا نالا شامل ڪيا ويا هئا. هن انهن عنوانن هيٺ مواد سهيڑڻ جي پوري ترتيب پيش ڪئي. واضح هجي ته ان وقت تائين سنڌ جي ڪنهن به اداري ان رڃا جي نه ئي پلاننگ ڪئي ۽ نه ئي ان منصوبي تي ڪم شروع ڪيو هو. سندس 'لطيف ڪلينڪ'، جيڪا اڳ ئي ڪلينڪ گهٽ ۽ لکڻ جي آفيس وڌيڪ لڳندي هئي. اها علمي، ادبي ڪتابن، رسالن ۽ انگريزي توڙي سنڌي ڊڪشنرين ۽ انگريزي ۾ لکيل انسائيڪلوپيڊيائن سان سٽجي وئي. ان ڪم دوران محبت ٻرڙي کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي اصطلاح سازيءَ جي پڻ سخت ضرورت محسوس ٿِي. جنهن کان سواءِ هن انسائيڪلوپيڊيا جو ڪم اڻپورو پانيو پئي، ان ڪري هن لسٽون جوڙڻ دوران اصطلاحسازيءَ جو ڪم به هٿ ۾ کنيو. ان سلسلي ۾، سندس به اهم مقالا 'ٻول گهاڙيتو' ۽ 'سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي' انتهائي اهم آهن. اهو سمورو تحقيقي ڪم، سندس ڪتاب "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا" (1998ع) ۾ سهيڑيو ويو آهي.

رياضت ٻرڙو "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا" جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر محبت ٻرڙو 1991ع ۾ انسائيڪلوپيڊيا تي ڪم شروع ڪيو پر پوءِ ڪيس محسوس ٿيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ انسائيڪلوپيڊيا ڏيڻ لاءِ ضروري آهي، ته سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي به سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود هجي. ان گهُرج کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊاڪٽر محبت 'ٻول گهاڙيتو' ۽ 'سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي' مقالا لکيا." (ٻرڙو، 1993ع: 4)

انهن مقالن ۾ هُن سنڌي ٻوليءَ ۾ اصطلاحسازي ڪرڻ ۽ لفظ گهڙڻ لاءِ بنيادي گَس ٻاهيا. هن 'ٻول گهاڙيتو' مضمون ۾ 50 مختلف موضوعن جي اصطلاحن جا سيٽ ٻاهي پيش ڪيا، ۽ ٻئي مضمون 'سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي' ۾ سنڌي اصطلاحن لاءِ انگريزي توڙي فارسي ۽ سنڌي ترتيبن تي بحث ڪيو ۽ پنهنجي راءِ دليلن سان رکي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي گڻن کي پڻ نروار ڪيل هو. انهن ٻنهي مضمونن ۾ محبت ٻرڙي سنڌي لفظن جي بُڻ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي. هيءَ انتهائي اهم تحقيقي وِڪ هئي، جيڪا محبت ٻرڙي ڪنئي هئي، ڇاڪاڻ ته ان ئي تحقيقي وِڪ کيس سنڌي ٻوليءَ تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ اتساهيو هو ۽ پوءِ هن "ٻول جو بُڻ" (2007ع) ۽ "ٻوليءَ جو بڻُ" (2002ع) ڪتابن تي ڪم شروع ڪيو.

پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ پنهنجي هڪ مقالي ۾ محبت ٻرڙي جي ٻوليءَ تي خدمتن تي لکيو آهي ته:

"ڊاڪٽر محبت، سنڌي لغت نويسي ۽ لسانيات ۾ هڪ انوکي وصف جي ٻِنا (ابتدا) وڌي، جيڪا مغرب جي فني روايت تي ٻڌل هڪ نئين لساني تحقيق هئي. اسان جا سنڌي نصاب نويس ضرورت وقت نوان اصطلاح ضرور گهڙيندا هئا، پر ان تجربي جو دائرو بلڪل محدود هو. اصطلاحسازيءَ واسطي باقاعدي ڪنهن فني واٽ کي محبت ٻرڙي کان اڳ ڪنهن به عالم مطالعي هيٺ ڪونه آندو هو." (عرساڻي، 2017ع: 61)

پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي وڌيڪ لکي ٿو ته:

" محبت ٻرڙي لفظ جي نِج مادي کي ڇُولي، اُن مان ٺهڪندڙ ترتيب سان اسم، فعل ۽ صفتون جوڙي ڏيکاريون، اِها ئي ڳالهه فني ۽ سائنسي علم جي اٽٽر تقاضا پڻ هوندي آهي. محبت ٻرڙي جي سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي گهڙاوتن ۾ ڪڏهن به ڪنهن نصابي اداري ان طرف ڌيان نه ڏنو." (حوالو ساڳيو، 61-60)

محبت ٻرڙي جي سائنسي ۽ فني اصطلاح سازيءَ سميت سنڌي لفظن جي ڏاتن ۽ انهن جي اصليتن تي ڪم ڪرڻ واري صلاحيت کي بيان ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو لکي ٿو ته:

> "محبت ٻرڙو لفظ جي پوري معنيٰ ۽ احساس جو ادراڪ رکندڙ هو. هُو لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ کي سمجهندڙ واري اهليت رکندڙ هو. سنڌي لفظن جي ڏاتن ۽ اشتقاقن تي ڪيس عبور حاصل هو. هن کي سنڌيءَ جو ليڪسيڪالاجسٽ چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. ليڪسيڪالاجسٽ جو مطلب آهي، لفظ جي گهاڙيتي جو مطالعو ڪري، ان جي پس منظر، تاريخ ۽ معنيٰ کي چاڻيندڙ." (ٻگهيو، 2017ع: 49)

ان دوران ئي هُن، محقق ۽ عالم ايم.ايڇ پنهور جا سائنس، تاريخ ۽ ٻوليءَ بابت لکيل تحقيقي ڪتاب ۽ مقالا ترجمو ڪرڻ شروع ڪيا. اهي مقالا ڪتاب "آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي" 2010ع ۾ سهيڑيا ويا آهن. محبت ٻرڙي خاص طور ايم.ايڇ پنهور جي ٻن انگريزي ڪتابن "Chronological Dictionary of Sindh" ۽ "A Source Material on Sindh" جا ترجما پڻ ڪيا، جنهن تي ايم.ايڇ پنهور، محبت ٻرڙي بابت راءِ ڏني ته:

"محبت ٻرڙي ۾ وڏو پوٽينشل هو. هُو جيڪڏهن 45 بدران 75 سال حياتي ماڻي ها ته الائي ڇا هُجي ها! هو تمام گهڻو لرنيٽ ماڻهو هو." (پنهور، 2017: 36)

محبت ٻرڙو هڪ جنون هو جيڪو سنڌي علم ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي محبت سان سلهاڙي چڪو هو. هن وس پڳي علمي ۽ تحقيقي ڪم سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻڻ پئي چاهيا. هُن سنڌي ٻوليءَ جي ستاءَ ۽ سنڌي لفظن جي باطن ۽ جوڙجڪ کي سمجهي ورتو هو. ان جو اظهار هن پنهنجي ڪيترن ئي مضمونن ۽ مقالن ۾ به ڪيو هو.

محبت ٻرڙي جي 'لطيف ڪلينڪ' توڙي قنبر ۾ ٻين هنڌن تي ٿيندڙ ڪچهريون پڻ علمي نوعيت جون هونديون هيون، جن مان حاضر دوست بيحد پرائيندا هئا، پر ان باوجود محبت ٻرڙي سائنسي، علمي، ادبي ۽ سماجي موضوعن تي به ليڪچر ڏيڻ جو سلسلو پڻ جاري رکيو. اهي ليڪچر هن جيالاجيءَ، فزڪس، آرڪيالاجيءَ، ادب، ٻوليءَ، انساني حقن ۽ ٻين موضوعن تي به ڏنا.

محبت ٻرڙي شاگردن لاءِ سولي سنڌيءَ ۾ هڪ ڪتاب ’ڏرتي منهنجو گهر‘ (2009ع) پڻ لکيو. هن قولن ۽ چوندِ چوٽين تي مشتمل هڪ ڪتاب ”ڪوٽيشنس“ (انگريزي) جي ڪجهه حصن جو ترجمو پڻ ڪيو.

ٻئي طرف محبت ٻرڙي علم الانسانَ (اينٿروپالاجي)، ثقافت، سوشيالاجيءَ، جاگرافيءَ ۽ ٻين موضوعن تي مضمون پڻ لکيا، جن مان ڪجهه مضمون سندس ڪتاب ”ماڻهو ۽ ماڻهپو“ (1999ع) ۾ سهيڙيا ويا آهن. هن روزاني ”ڌان“ ۾ ڇپجندڙ راندين جي طرز تي سنڌي ۾ ’لفظ ڳوليو‘ ۽ ’آرپار لفظ‘ راندیون پڻ ٺاهيون ۽ ڇپرايون.

مختصر طور ڄاڻايل ان علمي ڪم کان سواءِ محبت ٻرڙي سنڌ جي سياسي ۽ سماجي صورتحالَ بابت ڪيئي سياسي مضمون لکيا ۽ چوندِ مضمون ترجمو پڻ ڪيا، جيڪي مختلف روزاني سنڌي اخبارن، خاص ڪري ”جاڳو“، ”عوامي آواز“ ۽ ”هلال پاڪستان“ ۾ ڇپيا. انهن مضمونن ۾ هُن سنڌ دوست مؤقف ۽ سنڌ جو سياسي ڪيس پيش ڪيو. هُن ڪيترن ئي ليکڪن جي تحريرن کي پڻ سڌاريو ۽ سنواريو. سندس خوبصورت هٿ اکرن ۾، رياضت ٻرڙي جو سهيڙيل ڪتابڙو ”سائنسي ڄاڻ“ (1994ع) پڻ ڇپيو.

محبت ٻرڙو، ايل.ايم.سي ۾ پڙهڻ کان وٺي گهر پاتين ۽ دوستن ڏانهن انيڪ خط لکيا، جيڪي ”محبت جا خط“ عنوان سان 2016ع ۾ ڇپيا. ’محبت جا خط‘ جي ’پيش لفظ‘ ۾ رياضت ٻرڙو لکي ٿو ته:

> ”هن ڪتاب ۾ اهي سمورا ميسر خط ڇاپي پڌرا ڪيا آهن، جيڪي ڊاڪٽر محبت ٻرڙي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄام شوري ۾ 1972ع کان 9- اپريل 1997ع تي قنبر ۾ سندس وفات تائين لکيا، هِن ڪتاب ۾ سمايل آهن. هنن خطن کي پڙهندي، ماڻهو ڄڻ ته اُن 25- ورهيه دور مان، ڊاڪٽر محبت جي جذبن، احساسن، خيالن ۽ سرگرمين کان آگاهه ٿئي ٿو ۽ ڄاڻي وٺي ٿو ته ڪهڙيءَ ريت ڊاڪٽر محبت جي سوچن جي اوسر ٿي آهي.“ (ٻرڙو، 2016ع: 4)

شاگردیءَ واري زماني ۾ محبت ٻرڙي ڊائري پڻ لکي ۽ ٿورڙي شاعري به ڪئي. هِن پنهنجي مختصر 45 سالن واري زندگيءَ ۾ ڪافي دوست ۽ شاگرد تيار ڪيا، جن مان ڪافي اڄا تائين سنڌ جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ مسلسل جاکوڙين پيا. وفات کان پوءِ سندس ڇڏيل علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪتاب، سندس نالي پٽيان قائم ڪيل اداري ’ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي‘ قنبر پاران ڇپايا وڃن ٿا.

1.2.10 محبت ٻرڙي جا فرضي نالا

سياسي، علمي، ادبي ۽ سائنسي لکڻين ۾ محبت ٻرڙي مختلف نالا استعمال ڪيا آهن، انهن نالن ۾ هيٺيان شامل آهن: لطيف ۽ سچڻ، مهراڻ، محبت علي، ساجد اجيد، م.ع، سجاد قنبروي، ساجد، محبت، سچڻ ٻرڙو ۽ محبت ٻرڙو.

سندس وفات کان پوءِ محبت ٻرڙي جا جيڪي ڪتاب سهيڙي ڇپرايا ويا آهن، تن تي سندس نالو "ڊاڪٽر محبت ٻرڙو" لکيو ويو آهي، جڏهن ته پاڻ پنهنجي علمي ۽ تحقيقي تحرير تي 'محبت ٻرڙو' قلمي نالو لکندو هو.

1.2.11 ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي

9- اپريل 1997ع تي محبت ٻرڙي جي لاڏاڻي ڪري وڃڻ کان پوءِ "ڪيرٽر سائنس اڪيڊمي قنبر" جو نالو "ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي" رکيو ويو، پوءِ ان جي آئين ۽ منشور ۾ محبت ٻرڙي جي ڪيل ڪمن کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ وارو نئون نُڪتو شامل ڪيو ويو.

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي قيام بابت رياضت ٻرڙو 'قنبر: هڪ اڀياس' ۾ لکي ٿو ته:

> "ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ 'ڪيرٽر سائنس اڪيڊمي قنبر' جي جنرل باڊيءَ جي هنگامي گڏجاڻي 25- اپريل 1997ع تي علي خان، قنبر ۾ ٿي، جنهن ۾ رياضت ٻرڙي، ستار هَڪڙي، خادم رند، مجيد منگيءَ، دين محمد ڪلهوڙي، پائو درمحمد ٻرڙي ۽ گوتم جيسواڻيءَ شرڪت ڪئي. گڏجاڻيءَ جي صدارت رياضت ٻرڙي ڪئي. گڏجاڻيءَ متفقه راءِ سان 'ڪيرٽر اڪيڊميءَ' جي نالي کي بدلائي 'ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي' رکيو ويو ۽ شريڪ ستن ئي رڪنن کي نئين قائم ڪيل 'اڪيڊميءَ' جو رڪن تسليم ڪري، نئين سر عهديدار ۽ ڪاروباري ڪميٽيءَ جا ميمبر چونڊيا ويا، جيڪي هن ريت هئا:
>
> جنرل سيڪريٽري: رياضت ٻرڙو
>
> جوائنٽ سيڪريٽري: خادم رند
>
> لائبررين ۽ فنانس سيڪريٽري: ستار هَڪڙو
>
> ميمبر ڪاروباري ڪميٽي: پائو درمحمد ٻرڙو، مجيد منگي ۽ دين محمد ڪلهوڙو." (ٻرڙو، 2006ع: 756-755)

اڪيڊميءَ ڀاران محبت ٻرڙي جو چاليهو 25- مئي 1997ع تي قنبر ۾ ڪيو ويو. ان چاليهي ۾ هڪ تعارفي بُڪ ليٽ ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. محبت ٻرڙي جي نالي پٽيان قائم ڪيل هيءُ ادارو هر سال 9-اپريل تي محبت ٻرڙي جي ورسيءَ جو اهتمام ڪندو آهي ۽ ان موقعي تي محبت ٻرڙي سان لاڳاپيل ڪونه ڪو ڪتاب ڇاپي پڌرو ڪندو آهي. ان کان علاوه سنڌ ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ نمايان ڪم ڪندڙ شخصيتن کي "محبت ٻرڙو ايوارڊ" پڻ ڏنو وڃي ٿو.

محبت ٻرڙي جا طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب

1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (1998ع)، مقالا، مضمون ۽ علمي خط)
2. ماڻهو ۽ ماڻهپو (1999ع مقالا ۽ مضمون)
3. اڇو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون (2000ع مقالا ۽ مضمون)
4. يادون ۽ سُڪون (2001ع انٽرويو، ڪهاڻيون طنز و مزاح ۽ ننڍايل ناول)
5. ٻوليءَ جو بُٽ (2002ع، تحقيقي ڪتاب)
6. سنڌي ٻولي: لفظه، لغت ۽ لکيت (2003ع مقالا ۽ مضمون)
7. شعور (پهرين ڇاپو 2004ع، ٻيو ڇاپو 2008ع ۽ ٽيون ڇاپو 2014ع)
8. موسيٰ ڪان مارڪس تائين (پهريون پاڻو، 2005ع، ترجمو: ليکڪ: سبطِ حسن، مڪمل ڪتاب 2010ع ۾ ڇپيو.
9. سنڌ: حڪمران ايم.ڪيو.ايم ۽ سنڌي عوام (2006ع سياسي مضمون)
10. ٻول جو بُٽ (2007ع تحقيقي ڪتاب)
11. جدلي مادیت جا بنيادي اصول (2008ع ترجمو: ليکڪ: اي. اسپرڪن ۽ او.ياخوت)
12. ڏرتي: منهنجو گهر (2009ع، سائنسي معلوماتي ڪتاب)
13. آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي (2010ع، ترجمو: ليکڪ: ايم.ايڇ پنهور)
14. ڏاهپ جو جنم (2011ع ترجمو، رياضت سان گڏ)
15. فلسفو: هڪ مطالعو (2012ع، ٻه ننڍا ڪتاب گڏ)
16. ضميري پچاڑيون (2013ع تحقيقي- تنقيدي مقالو)
17. آهنجي ڏرتي (2014ع ترجمو ڪيل سياسي مضمون)
18. فطرت، سائنس ۽ سماج (2015ع، سماجي ۽ سائنسي مضمون)
19. محبت جا خط (2016ع لکيل خط)

محبت ٻرڙي جي لکيل مواد جي فهرست:

(1) 'ڊاڪٽر' (ڪهاڻي)، سالياني "لياقت مخزن" جام شورو، 1973-1974ع

(2) ’حالُ حبيبان’ (ايڈيٽوريل) ”سنڌي پبليڪيشن ’رڙ جا راهي‘“، جنوري ۽ مارچ 1974ع

(3) ’ڪتو‘ (ڪهاڻي)، (قلمي نالو: اجيد ڪماريو)، ”سوجهرو“، اپريل 1974ع، (پيهر ”سنڌي پبليڪيشن“، مئي 1974ع).

(4) ’بڪواس‘ (طنز و مزاح)، ”شاگرد“، آگسٽ 1974ع

(5) ’ڪٽان کان ڪٽي‘ (ڪهاڻي) ”شاگرد“، جنوري 1975ع

(6) ’آزادي‘ (طنز و مزاح)، ”شاگرد“، فيبروري 1975ع

(7) ’يادون ۽ سُڪون‘ (ڪهاڻي)، ”شاگرد“، اپريل 1975ع

(8) ’هڪ انسان‘(ڪهاڻي)، ”شاگرد“، مئي 1975ع

(9) ”ٽلهي ٽيڙ لاءِ نسخي جي ڳولا‘(ڪهاڻي)، ”شاگرد“، سيپٽمبر 1975ع

(10) ’نيڪي‘(ڪهاڻي)، ”شاگرد“، ڊسمبر 1975ع

(11) ’ڊينڊڙو ماڙهو‘ (ڪهاڻي، ترجمو: چائو شو)، ماهوار ”شاگرد“ حيدرآباد، ڊسمبر 1975ع

(12) ’بهترين بوٽ‘ (ڪهاڻي)، ڊسمبر 1975ع

(13) ’انقلاب‘ (ناول، ننڍايل ترجمو. جارج آرويل) (قلمي نالو: سجاد قنبروي) ماهوار ”سنڌي ڊائجيسٽ“ حيدرآباد، جنوري ۽ فيبروري 1976ع (پن قسطن ۾ ڇپيل)

(14) ’سخاوت ڳچيءَ پئجي وئي‘(ڪهاڻي)، ”شاگرد“، فيبروري 1976ع

(15) ’اڄ جا سورهيه‘ (ڪهاڻي)، ”هلال پاڪستان“، 12 جولاءِ 1974ع. (قلمي نالو: ساجده نسرين)

(16) ’سنجيدگي سان- چڙڻا ڊگها ڪيو‘ (ڪهاڻي، ترجمو: شفيق الرحمان) ”شاگرد“، فيبروري 1976ع (قلمي نالو: سجاد قنبروي)

(17) ’منگهڙ‘ (ڪهاڻي)، ”لطيف مخزن“ چام شورو، 1975-1976ع

(18) ’اُٿي رائو ريل، ويٺلن تان واري وري‘ (انٽرويو)، ”سنڌي شاگرد“ پبليڪيشن (پيو ڪتاب)، 1978ع

(19) ’سنڌڙي جو سوڳنڌ.... مرنداسين پر مرڪندي‘ (خط)، (پبليڪيشن نامعلوم)، 1978ع

(20) ’نوجوانن جي تحريڪ‘ (ترجمو: مائو زي تنگ، قلمي نالي ”سڄڻ ٻرڙو“ سان ڇپيل)، ”سنڌي شاگرد“ پبليڪيشن، 1978ع (؟) (ڪتابي روپ ۾ 20 صفحن تي پڻ ڇپيل، ڇپائيندڙ: ملير ادبي اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1984ع)

(21) ’قومي گڏيل محاذ’ (ترجمو: مائو زي تنگ، قلمي نالي ”سڄڻ ہرڙو“ سان ڇپيل). ڏرتتي پبليڪشن، 10 مئي 1978ع، (ٻيهر: ڪتاب ”مائو زي تنگ جا مضمون“، مئي 1982ع)

(22) ’چوندون، سنڌ، ڏوهي- رسول بخش پليجو’ (قلمي نالو: مهراڻ مگسي) پرهه ڦٽي پبليڪيشن سکر (ڪَڙي نمبر 8)، 1988ع

(23) ’قاتل بهاري سنڌ مٿان ڪاهيندا پيا اچن’ (پمفليٽ)، پاران: عوامي نيشنل پارٽي لاڙڪاڻو)

(24) ’سائنسي ۽ سائنسي سوچ’ (ايڊيٽوريل)، ”سائنسي سوچ“، سيپٽمبر 1990ع (ڪتاب ”فطرت، سائنس ۽ سماج“ (2015ع) ۾ ڇپيل)

(25) ’سج’ (مضمون، رياضت سان گڏ)، ”سائنسي سوچ“، سيپٽمبر 1990ع، (ڪتاب ”فطرت، سائنس ۽ سماج“ (2015ع) ۾ ڇپيل)

(26) ’فاضل جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ هجي ها ته...’، ”جاڳو“، ۽ ”عوامي آواز“، 17 جنوري 1991ع

(27) ’محمود غزنوي جون ڪاهون’ (ترجمو: پروفيسر عزيزالدين احمد)، ”جاڳو“، 4 جولاءِ 1991ع

(28) ’محمود غزنوي جي پنجاب تي ڪاهه’ (ترجمو: پروفيسر عزيزالدين احمد)، ”جاڳو“، 22- جولاءِ 1991ع

(29) ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا’، ”هلال پاڪستان“، 16- آگسٽ کان 27 سيپٽمبر 1991ع تائين (چئن قسطن ۾)

(30) ’نگران وزيراعظم آڏو عوام جو ڪيس’، ”جاڳو“، 26- آگسٽ 1991ع

(31) ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا- مواد سهيڙيو مهم’ ”جاڳو“ 28- نومبر 1991ع

(32) ’ڏوهي ڪير- تعليم ڪاتو، آءِ.بي.اي ڪراچي يا شاگرد؟“ ”جاڳو“ 2- ڊسمبر 1991ع

(33) ’ماڻهو ۽ ماڻهپو’، ”عبرت مئگزين“، 1-15، جنوري 1992ع

(34) ’سنڌ جو سورهيه پُٽ شهيد فاضل’، ”جاڳو“، ”عوامي آواز“ ۽ ”الوحيد“ ۾ 17 جنوري 1992ع تي ڇپيل

(35) ’سنڌ ۾ موجود ڌارين جون لوڏون ۽ ٻوڙي سرڪار جي خاموشي“، ”جاڳو“، 24 جنوري 1992ع

(36) ’ڊگهو پنڌ- چانگ چينگ- لانگ مارچ’ (ترجمو: ايڊگر سنو)، ”سنڌو“، 30 جنوري، 25 فيبروري 1992ع (چئن حصن ۾)

(37) ’سنڌ جي تاريخ ۾ وڏيرا شاهيءَ جو منفي ڪردار“، ”جاڳو“، 12 فيبروري 1992ع (ٻيهر ڇپيل: هفتيوار ”چٽنگ“ حيدرآباد، اپريل 1998ع، عنوان ’وڏيرا شاهي’)

(38) ’سنڌ معاملن جي حقيقي صورتحالُ ڇا آهي؟‘، (ترجمو: اقبال جعفر)، ”عوامي آواز“، 26-27 فيبروري 1992ع (ٻن قسطن ۾)

(39) ’سوويت يونين کان پالهي ڏرتي‘ (ترجمو: مشتاق احمد)، ”جاڳو“، پهرين مارچ 1992ع

(40) ’آيت الله جو پوت‘، (ترجمو: فريد هاليجي)، ”عوامي آواز، 3 مارچ 1992ع

(41) ’ڪئنادا ايڪئل رهڻ جي اميد رکي ٿو‘، (ترجمو: محمد اظهر علي خان)، ”الوحيد“، 5 مارچ 1992ع

(42) ’سوويت يونين کان پوءِ دنيا ڪٿي بيٺي آهي؟‘، ”جاڳو“، 8 مارچ 1992ع

(43) ’جمهوريت‘ (ننڍايل ترجمو)، ”عبرت مئگزين“، 15 مارچ 1992ع

(44) ’روايت اڄا جيئي پئي‘ (ترجمو)، ”جاڳو“ 20 مارچ 1992ع

(45) ’ماسڪو ۾ ڊپ ۽ پُل‘ (ترجمو: ليڪ: جوناٿن اسٽيل)، ”جاڳو“ 5 اپريل 1992ع

(46) ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (ليڪ)، ”آفتاب“، 14 اپريل 1992ع

(47) ’لفظ ڳوليو‘(1)، ”سنڌو“ 15- 21 اپريل 1992ع

(48) ’ڪامورا شاهي ۽ بيوس عوام‘، ”عوامي آواز“، 15 اپريل 1992ع

(49) ’لفظ ڳوليو‘(2)، ”سنڌو“، 22-28 اپريل 1992ع

(50) ’لفظ ڳوليو‘(3)، ”سنڌو“، 29- اپريل- 5 مئي 1992ع

(51) ’مهانگائي- يلتسن لاءِ مسئلو‘ (ترجمو: چارلس قئسٽ اداد)، ”جاڳو“، 30 اپريل 1992ع

(52) ’لفظ ڳوليو‘(4)، ”سنڌو“، 6-12 اپريل 1992ع

(53) ’آرپار لفظ- سادي ڳجهارت(5)، ”سنڌو“، 13-19 مئي 1992ع

(54) ’احمد شاهه ابدالیءَ جون سنڌ تي ڪاهون‘ (ترجمو: پروفيسر عزيزالدين احمد)، ”جاڳو“، 15 مئي 1992ع

(55) ’احمد شاهه ابدالیءَ جون سنڌ تي ڪاهون‘ (ترجمو: پروفيسر عزيزالدين احمد)، ”الوحيد“، 19 مئي 1992ع

(56) ’آرپار لفظ- ٻاراڻي ڳجهارت‘(1) ”سنڌو“، 20-26 مئي 1992ع

(57) ’آرپار لفظ- ٻاراڻي ڳجهارت‘(2)، ”سنڌو“، 27 مئي، 2 جون 1992ع

(58) ’سنڌين جو نئون سياسي اڳواڻ‘ (قلمي نالو ”مهراڻ مگسي“)، ”جاڳو“، 23 جون 1992ع

(59) ’آرپار لفظ- ٻاراڻي ڳجهارت‘(5)، ”سنڌو“، 24 جون 1992ع

(60) ’حياتي ڪهڙن ڪمن ۾ گذريو وجي‘، ”جاڳو“ 26 جون 1992ع (ٻيهر ”سائنسي سوچ“، مئي 2010ع ۾ ڇپيل).

(61) ’آرپار لفظ- ٻاراٹي ڳجهارت‘(6)، ”سنڌو“، 1 جولاءِ 1992ع

(62) ’سنڌ ۾ چور- ڪڏا ۽ خطرا‘ (ترجمو: آءِ.اي رحمان)، ”جاڳو“ 7-8 جولاءِ 1992ع

(63) ’رڍن جي ماٹ‘ (ترجمو: شفقت اي خان)، ”جاڳو“ 26 جولاءِ 1992ع

(64) ’سنڌ ۾ للڪار‘ (ترجمو: سينيٹر پروفيسر خورشيد احمد)، ”جاڳو“ 16 ۽ 21 آگسٹ 1992ع (ٻن قسطن ۾)

(65) ’اهنجي ڏرتي سُورهه ساري ٹي‘ (ترجمو: سليم احمد خان)، ”جاڳو“، 19 آگسٹ 1992ع

(66) ’شهاب الدين غوريءَ جي هندستان تي ڪاهه‘ (ترجمو: پروفيسر عزيزالدين احمد)، ”جاڳو“، 3 سيپٹمبر 1992ع

(67) ’ڪُڦاٹل پاڪستاني‘، ”جاڳو“، 3-6 ڊسمبر 1992ع (ڇئن قسطن ۾)

(68) ’ڏاهپ جي ڏيهه مان‘ (ترجمو)، ”الوحيد“، 12 ڊسمبر 1992ع

(69) ’پاڪستان ۾ نسلائپ جون پاڙون‘ (ترجمو)، ”جاڳو“، 12 ڊسمبر 1992ع

(70) ’ڪَٹرپٹو: هڪ قوم خلاف‘، ”جاڳو“، 13 ڊسمبر 1992ع

(71) ’پاڪستان ۾ سنڌ جي معاشي ڦُرلٹ‘، (ترجمو: ليکڪ: ايم.ايڇ پنهور)، ”جاڳو“، 25- 26 جنوري 1993ع (ٻن قسطن ۾)

(72) ’سنڌ جي صورتحالُ جا بنياد‘ (ترجمو: ليکڪ: ايم.بي نقوي)، ”جاڳو“، 13 فيبروري 1993ع

(73) ’اوپرا همبستر‘ (ترجمو: ليکڪ: مزدڪ)، ”جاڳو“ 14 فيبروري 1993ع

(74) ’اختلاف ۽ اتفاق جو مدار ذهنيت تي آهي‘، ”جاڳو“، 20- 21 فيبروري 1993ع

(75) ’اڇو ته ”ڏرتي“ ٺاهيون ۽ ان کي وڍيون‘، ”سائنسي سوچ“، مارچ 1993ع (ڪتاب ”ڏرتي: منهنجو گهر“ جو هڪ باب)

(76) ’قنبر ميونسپل ڪاميٹي بحران ۾ ڇو؟‘ (رپورٹ)، ”جاڳو“، 14 اپريل 1993ع

(77) ’اڇو ته ٹوري همت ڪيون‘، ”جاڳو“ 8 سيپٹمبر 1993ع

(78) ’پاڪستان ۾ جمهوري قدرن کي پائدار ڪيئن بٹائجي؟‘ ”جاڳو“، 25-26 سيپٹمبر 1993ع (ٻن قسطن ۾)

(79) ’جامع سنڌي لغات جو جائزو: پهرين جلد جي حوالي سان پهرين پڑهٹي‘، ”جاڳو“، 8 آڪٹوبر 1993ع کان قسطوار ڇپيل. (مڪمل مقالو ”ڪينجهر“، ڊسمبر 1993ع ۾ ڇپيل)

(80) ’سنڌ جي مکيه ثقافتي واقعن ۽ راجن جو اتهاس‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، نومبر 1993ع (”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو هڪ حصو)

(81) ’موريا ۽ سنڌ ۾ ہڏمت جي آچپ‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، ڊسمبر 1993ع (ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو هڪ حصو)

(82) ’ہول گھاڙيتو‘ ”سائنس“، ڊسمبر 1993ع

(83) ’باختري يوناني ۽ ثقافتي ڏي- وٺ‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، جنوري 1994ع (”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو حصو)

(84) ’سنڌ ۾ ڳوٺاڻي مفلسي‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”جاڳو“، 25-26 جنوري 1994ع

(85) ’عورتن سان جنسي زيادتيون‘، (ترجمو: فرح تاز زيدي)، ”عبرت مئگزين“، 1-15 فيبروري 1994ع (قسط پهرين) ۽ ’جنسي هراسپ‘، 15-28 فيبروري 1994ع (آخري قسط)

(86) ’هرهڪ لفظ هيري کاڻ‘، ”ڪينجهر“، مارچ 1994ع

(87) ’ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ہولي‘، ”مهراڻ“، 1-2 1994ع، (ٻيهر ڪتاب ”سنڌي ہوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون“ (جلد II ۾ ڇپيل)

(88) ’پاڪستان کي ڏوهارين جو کيت نه ٿاهيو‘، ”برسات“، 17 مارچ 1994ع

(89) ’سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي- مختصر جائزو‘، ”سائنس“، اپريل 1994ع

(90) ’پي.اين.اي- تحريڪ جي ابتدا ۽ انت‘، (ترجمو. ليکڪ: منير احمد)، ”برسات“ 1 اپريل 1994ع

(91) ’مددگار جٽو- سِي.آءِ.اي‘، (ترجمو. ليکڪ: حسن مجتبيٰ ۽ اوٽي صديقي)، ”برسات“، 11 اپريل 1994ع

(92) ’رياست جي بُڻ بنياد بابت نظريا‘، ”ڪينجهر“، مئي 1994ع

(93) ’سنڌ ۾ راءِ اڇوڪي ۽ ہوڏي اقتدار جو انت‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، جون 1994ع (”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو هڪ باب)

(94) ’اميه راڇوڪي 669-749ع ۽ سنڌ تي برهمڻ حڪمراني‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، جولاءِ 1994ع (”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو هڪ باب)

(95) ’39- مسڪين پاڪستاني، جن پرڏيهه ۾ علاج ڪرائڻ لاءِ پرڏيهي مٽا ستا واري ناني جي صورت ۾ 18 ڪروڙ پاڪستاني رپيا خرچ ڪيو‘، (ترجمو)، ”ڪونج“، جولاءِ 1994ع

(96) ’سنڌ تي عرب سوپ‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، آگسٽ- سيپٽمبر 1994ع، (”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو هڪ باب)

(97) ’سنڌ ۾ زرعي- آبهوائي علائقن بابت نئين سوچ‘، (ترجمو. ليکڪ: ايم.ايڇ پنهور)، ”برسات“، 24 سيپٽمبر 1994ع

(98) ’اوڙاهه- تاريخي ناول جو نئون روپ‘ (اپياس)، ”عبرت مئگزين“، 1 نومبر 1994ع

(99) ’سنڌ جا شهر ۽ وسنديون‘، (ترجمو. ليکڪ: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، نومبر- ڊسمبر 1994ع ۽ اپريل 1995ع (پن قسطن ۾)، (ڪتاب ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“ (2010ع) ۽ ”قديم سنڌ جي تاريخ“، (2011ع) مرتب: نوراحمد ميمڻ، ۾ پڻ ڇپيل)

(100) ’ڏرتي منهنجو گهر‘، ”عبرت مئگزين“، 1 ڊسمبر 1994ع (ڪتاب: ”ڏرتي: منهنجو گهر“ جو هڪ باب)

(101) ’هڪ وڏو چقمق‘، ”عبرت مئگزين“، 15 ڊسمبر 1994ع (ڪتاب ”ڏرتي: منهنجو گهر“ جو هڪ باب)

(102) ’سنڌ جون گهٽ گهريون ڏريون دهشتگردن کي ڪيئن منهن ڏين؟‘ ”هلال پاڪستان“، 2 ڊسمبر 1994ع

(103) ’سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڏانهن سنجيده رويي جي گهرج‘، ”هلال پاڪستان“، 30-31 ڊسمبر 1994ع (پن قسطن ۾)

(104) ’مهاجر، اردڪ ۽ دهشتگرد ۾ فرق ڪرڻ گهرجي‘، ”هلال پاڪستان“، 4 جنوري 1994ع

(105) ’سنڌ دوستيءَ جي نالي ۾ دڙڪي واري سياست‘، ”هلال پاڪستان“، 10 جنوري 1994ع

(106) ’پاٽر ڇمار‘، ”ڪينجهر“، مارچ 1995ع

(107) ’ماڻهوءَ جهڙو جانار ۽ ماڻهو‘، ”ڪينجهر“، مارچ 1995ع

(108) ’خط‘، ”ڪينجهر“، مارچ 1995ع

(109) ’الفابيٽ/رسم الخط/اسڪرپٽ- ڪجهه اعتراض ۽ ڪجهه انومان‘، ”پرهه“، مارچ ۽ اپريل 1995ع (پن قسطن ۾)

(110) ’سنڌ جون ٻوليون (آمريءَ جي اوسر کان منصوره جي ميسارجن تائين)، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪينجهر“، اپريل 1995ع (ڪتاب: ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“ (2010ع) ۾ پڻ ڇپيل)

(111) ’سنڌ جي ٻولي (4 هزار- 1 هزار ورهيه ق.م)‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪينجهر“، جولاءِ 1995ع (ٻيهر ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون“، (جلد 7)، ۾ ڇپيل ڪتاب ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“ (2010ع) ۾ پڻ ڇپيل)

(112) ’سنڌ ۾ ماڻهو‘ (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪينجهر“، سيپٽمبر 1995ع (ڪتاب: ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“ (2010ع) ۾ پڻ ڇپيل)

(113) ’پونجاڻي ڪئلينڈر‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، سيپٽمبر 1995ع، (”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو پهريون باب)

(114) ’استدلال جو اهو طريقو غلط آهي‘، ”جاڳو“، 18-27، 30 نومبر 1995ع، 2-3، 6، 10 ڊسمبر 1995ع (16 قسطن ۾ ڇپيل) (ڪتاب: ”افسانوي ۽ فڪري ادب“ (2007ع) مرتب: چامي چانڊيو، ۾ پڻ ڇپيل)

(115) ’اکين جي مُرڪ ۽ اندر جو درد‘، ”لکٹهار“، قنبر، مارچ 1996ع

(116) ’سنڌ ۾ نئين پاڙ (نوپهڻي) ڇمار‘، (ترجمو: ليکڪ: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪينجهر“، مارچ 1996ع (”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو هڪ حصو)

(117) ’شهيد فاضل کي دوستيءَ جي آڙ ۾ بدنام ڪرڻ بند ڪيو‘، ”سنڌ“، 26 مارچ 1996ع

(118) ’عوامي تحريڪ ۽ پليجو گروپ‘، ”سنڌ“ 14-19 جون 1996ع (پنجن قسطن ۾ ڇپيل)

(119) ’ٽر ۽ ڪوهستان رڙن جا وڻ ٽڻ‘، (ترجمو: ليڪڪه: مسز فرزانه پنهور)، ”ڪينجهر“، جولاءِ 1996ع

(120) ’سنڌ جي سالميت ۽ ايم.ڪيو.ايم‘، ”سنڌ“، 15-16 جولاءِ 1996ع

(121) ’سنڌالاجي مامرو: انڪوائري ڪيئن ٽيڻ کپي؟‘ ”سنڌ“، 8 سيپٽمبر 1996ع

(122) ’اينڊڙ چوندون: سنڌ دشمن سازشن جا پيرا ڪٽڻ جي ضرورت‘، ”عوامي آواز“، 3 جنوري 1997ع

(123) ’سنڌ ۾ سياسي گهوٽالو ۽ وطن دوست ڏُر جي ضرورت‘، ”عوامي آواز“، 13 جنوري 1997ع

(124) ’دهشتگردن پاران نئين حڪومت لاءِ پهريون تحفو‘، ”برسات“، 19 جنوري 1997ع

(125) ’ڇا ايم.ڪيو.ايم سنڌ دشمن ۽ دهشتگرد فطرت مٽائي سگهندي؟‘، ”عوامي آواز“، 22-23 جنوري 1997ع (ٻن قسطن ۾)

(126) ’سنڌ جي بندرگاهه خلاف سازشن جو تاجي پيٽو‘، ”عوامي آواز“، 30-31 جنوري ۽ 1 فيبروري 1997ع (ٽن قسطن ۾)

(127) ’خاڪن جو خاڪو‘ (اپياس)، ”ڪينجهر“، فيبروري 1997ع

(128) ’سنڌ جي هر عالم، اديب ۽ محقق لاءِ هڪ ڪلي دعوت‘، ”ڪينجهر“، مارچ 1997ع

وفات بعد اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل مضمون

(1) ’راڄ‘، ”ڪينجهر“، آگسٽ 1997ع (ٻيهر ”سائنسي سوچ“، مارچ- اپريل 2009ع ۾ ڇپيل، ڪتاب: ”فطرت، سائنس ۽ سماج“ (2015ع) ۾ پڙ ڇپيل)

(2) ’جيٽا- جينا- جيناه- جيناح- جِناح‘، ”جاڳو“، 11 مارچ 1998ع

(3) ’ذهنن کي وهمن ۾ قاتل رکڻ جي ”سائنسي“ ڪوشش‘، ”برسات“، 27 مارچ 1998ع (ڪتاب ”فطرت، سائنس ۽ سماج“ (2015ع) ۾ ڇپيل)

(4) ’هُو ويچارو‘ (ڪهاڻي، ترجمو: چيخوف)، ماهوار ”مومل“ حيدرآباد، نومبر 1998ع

(5) ’قانون ڇا آهي؟‘ ”سائنسي سوچ“، فيبروري 2009ع (ڪتاب: ”فطرت، سائنس ۽ سماج“ (2015ع) ۾ ڇپيل)

(6) ’اُٽو: مادو آڏيندڙ سِرَ‘، ”سائنسي سوچ“، جنوري- مارچ 2011ع (ڪتاب: ”فطرت، سائنس ۽ سماج“ (2015ع) ۾ ڇپيل)

(7) ’وهمن جي دنيا کان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش‘، (حبيب آدرش جي اڻڇپيل ڪتاب ”روشني جي تلاش ۾“ جو مهاڳ)، ”سائنسي سوچ“، جنوري- مارچ 2012ع (ڪتاب: ”فطرت، سائنس ۽ سماج“ (2015ع) ۾ ڇپيل)

(8) ’وٽوٽ بادشاهت ۽ جانوٽ بادشاهت‘، ”سائنسي سوچ“، اپريل- جون 2012ع (ڪتاب: ”فطرت، سائنس ۽ سماج“ (2015ع) ۾ ڇپيل)

(9) ’روس ۾ ڏوهه جي اوچي اُڏام‘، (ترجمو: مارگريٽ شپيرو)، .....

وفات کان پوءِ ڪتابن ۾ ڇپيل ليک

(1) ’انساني حق- مختصر تاريخ‘، (مضمون)، ڪتاب: ”ماٺهو ۽ ماٺهپو“ 1999ع

(2) ’هوڏ‘ (ڪهاڻي)، ڪتاب ”يادون ۽ سُڪون“ 2001ع

(3) ’ٻوليءَ ۾ ڦيرڦار جي اڀياس لاءِ اهم ٻوليڇاڻي وِٽڪَن جي چوند‘، (مضمون)، (ترجمو: ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو)، ڪتاب: ”سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت“ 2003ع

(4) ’جاگيرپ خلاف سنڌ جي سرويچ جدوجهد‘ (مقالو)، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ڪتاب ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“، 2010ع

(5) ’آبهوائي تبديليون ۽ انهن جو اتهاس تي اثر‘، (مقالو)، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ڪتاب ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“، 2010ع

(6) ’فلسفو‘، ڪتاب ”فلسفو: هڪ مطالعو“، 2012ع

(7) ’مارڪسي- لينني فلسفو‘، ڪتاب ”فلسفو: هڪ مطالعو“، 2012ع

(8) ’جناب ايم.ايڇ پنهور ڏانهن خط-1‘، ڪتاب ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“، 2010ع ۽ ”محبت جا خط“ 2016ع

(9) ’جناب ايم.ايڇ پنهور ڏانهن خط-2‘، ڪتاب ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“، 2010ع ۽ ”محبت جا خط“، 2016ع

(10) ’پنجاب ۾ سنڌ کي گم ڪرڻ‘، (مقالو)، (ترجمو: پروفيسر ڊاڪٽر صاحب خان چنو)، ڪتاب ”اهنجي ڏرتي“، 2014ع

(11) ’ڇا علم ۽ عمل ورثي ۾ منتقل ٿين ٿا؟‘ ڪتاب ”فطرت، سائنس ۽ سماج“، 2015ع

(12) ’اسين فطرت مان ڇا ٿا کٹي اچون؟‘ ڪتاب ”فطرت، سائنس ۽ سماج“، 2015ع

(13) ’سماج، طبقا ۽ پيداواري لاڳاپا‘، ڪتاب ”فطرت، سائنس ۽ سماج“، 2015ع

(14) ’ڪائنات ۽ مادي کي سمجھڻ جي ڪاٹي‘، ڪتاب ”فطرت، سائنس ۽ سماج“، 2015ع

(15) ’سائنس جو موضوع‘ (تقرير)، ڪتاب ”فطرت، سائنس ۽ سماج“ 2015ع ۾ ڇپيل

(16) ’وهم وسار‘ (مضمون)، ڪتاب ”فطرت، سائنس ۽ سماج“ 2015ع ۾ ڇپيل

اڇپيل ليک

(1) ’جي سِکين ته سگھو ٿئين‘، مارچ 1978ع

(2) ’شهيد فاضل ڏانهن کليل خط‘

(3) ’پونجاڻي (ڏرتياڇاڻي) ڪئلينڈر بابت بنيادي ڄاڻ‘

(4) ’جانار شاهپ‘

(5) ’گڏهن جي بي عزتي‘

(6) ’رياست ۽ ان جا عنصر‘

(7) ’ماڻهو ۽ سندس آڳيتن (Predecessors) جي ارتقا‘

(8) ’مارڪسمت جا ٽي سرچشما ۽ ٽي بنيادي جزا‘ (ترجمو: لينن)

(9) ’رگّيل ڪپڑو‘ (ترجمو: هڪ باب)

(10) ’پڑهجي ڪيئن؟‘ (ترجمو)، (پبلشر وٽان گُم ٿي ويل)

(11) ’احمد شاهه ابداليءَ جون ڪاهون ۽ پنجاب جا عوام‘ (ترجمو)

(12) ’وڍا گَلو گھاڙا‘ يا وڏي ڪنڊَ ڪورَ (وڏو قتلام)، (ترجمو)

(13) ’اسسٽنٽ ڪمشنر قنبر کي ڏنل آجياڻي ۾ ڪيل تحريري خطاب‘

(14) ’قنبر جا مسئلا- ميونسپل جون ڳھيون‘ (سپاسنامو)

(15) ’عبدالعزيز ٻرڙي جي آجياڻي ۾ پيش ڪيل سپاسنامو‘

(16) ’ايڊمنسٽريٽر ميونسپل ڪاميٽي ڏانهن لکيل درخواست، موضوع: شهر

جا اجتماعي ۽ اهم مسئلا

(17) ’پي.ايڇ.ڊي ڊيسرٽيشن‘ (ترجمو: ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو)، پنجون باب ترجمو ڪيو ويو.

(18) ’ڪميونيڪيشن ميڊيا جو استعمال‘ (ترجمو: ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو).

حوالا

1. ٻرڙو، رياضت (1998ع) پيش لفظ، ڊاڪٽر محبت ٻرڙو، انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
2. ٻرڙو، رياضت (2006ع) ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر (تعارف)، مرتب ۽ ايڊيٽر: رياضت ٻرڙو، قنبر: هڪ اپياس (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
3. ٻرڙو، رياضت (2006ع) قنبر ۾ سياسي تنظيمون (مقالو)، مرتب ۽ ايڊيٽر: رياضت ٻرڙو، قنبر: هڪ اپياس (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
4. ٻرڙو، رياضت (2006ع) قنبر تعلقي جا نامور استاد (مقالو)، مرتب ۽ ايڊيٽر: رياضت ٻرڙو، قنبر: هڪ اپياس (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
5. ٻرڙو، رياضت (2006ع) محبت ٻرڙو (پروفائيل)، مرتب ۽ ايڊيٽر: رياضت ٻرڙو، قنبر: هڪ اپياس (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
6. ٻرڙو، رياضت (2014ع) ڊاڪٽر محبت ٻرڙو: شخصيت، فڪر ۽ فن (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
7. ٻرڙو، رياضت (2016ع) محبت جا خط (پيش لفظ)، ڊاڪٽر محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
8. ٻرڙو، رياضت (2017ع) ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (پروفائيل)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت ٻرڙو، محبت جن جي من" (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
9. ٻرڙو، محبت، ڊاڪٽر (2017ع) ڏرتي منهنجو گهر (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
10. ٻگهيو، محمد قاسم، ڊاڪٽر (2017ع) ڊاڪٽر محبت ٻرڙو: سنڌي ٻوليۦ جو وڃايل لفظ، (مقالو)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت ٻرڙو، محبت جن جي من (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
11. پنهور، ايم.ايڇ (2017ع) تاثراتي رايا، ترتيب ۽ تدوين: رياضت ٻرڙو، محبت جن جي من (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
12. جروار، ايوب، ڊاڪٽر (2017ع) محنتي اڻ وڻڪ ۽ جفاڪش (مضمون)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت ٻرڙو، محبت جن جي من (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
13. ڇڇڑو، منظور (2017) اهڙا مانجهي مرڻا ناهن (مضمون)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت ٻرڙو، محبت جن جي من (چاپو پهريون، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.

14. راهوجو، نورنبي (2019ع) ڊاڪٽر محبت ہرڙو، شاگرد سياست کان ہولي ماهر تائين، (مقالو)، ايڊيٽر: ثمينه ميمڻ ٿماهي مهراڻ، شمارو 2، جلد 69، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
15. عباسي، ولي (2017ع) پڙ تان پاهڻ نه چُري (تاثر)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت ہرڙو، محبت جن جي من (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي
16. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر (2017ع) سنڌي زبان ۾ فني اصطلاحسازي ۽ ڊاڪٽر محبت ہرڙي جون لساني مهارتون (مقالو)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت ہرڙو، محبت جن جي من (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي.
17. لطيف ۽ سڃڻ (1988ع) . . . جيڪو سچ چوي (مهاڳ)، حيدرآباد: سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي.
18. هَڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر (2017ع) تاثراتي رايا، ترتيب ۽ تدوين: رياضت ہرڙو، محبت جن جي من (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي.
19.

ٻوليءَ بابت پيش ٿيل نظريا – هڪ تنقيدي اڀياس

2.1. ٻولي ڇا آهي؟

ٻولي، ڪنهن به سماج ۾ پاڻمرادو ايجاد ڪيل آوازي علامتن جي هڪ اهڙي تنظيم آهي، جنهن سان انهيءَ سماج جو هر هڪ فرد جُڙيل رهي ٿو. ٻوليءَ کان سواءِ ڪو به انساني سماج ۽ معاشرو ٺهي نه ٿو سگهي ۽ نه وري ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن به سماج کي سمجهي سگهجي ٿو.

دراصل ٻولي، علامتن جي هڪ اهڙي تنظيم آهي، جنهن جو تعلق عملي دنيا جي واقعن ۽ شين سان هوندو آهي ۽ معنيٰ به واقعن ۽ شين تي مدار رکي ٿي ۽ هر واقعي ۽ شيءِ جو پس منظر ۽ ماحول به پنهنجو پنهنجو ٿئي ٿو، جنهنڪري لفظ جي معنيٰ به اُن پس منظر ۽ ماحول مطابق تبديل ٿئي ٿي، توڙي جو علامت (Symbol) ساڳي رهي ٿي.

ٻولي، پنهنجي مزاج ۽ روح ۾ مسلسل هڪ ثقافتي ۽ تهذيبي سفر جاري رکندڙ اها تنظيم آهي، جنهن جي ذريعي ساڳئي سماج جا فرد هڪٻئي سان جُڙيل آهن. ٻولين جي ذريعي رڳو قومن جي ثقافت جي چاڻ نه پوندي آهي، پر انهن جي ماضيءَ بابت به معلومات حاصل ٿيندي آهي.

ٻولي ماهر 'بلومفيلڊ' چيو هو ته: "ٻولي، ثقافت جو هڪ جُز آهي، جنهن سان قومن جي ٺهڻ ۽ ڌهڻ جو عمل وابسته آهي." (بلومفيلڊ،1961: 42)

محبت ٻرڙو، ٻوليءَ جي تعريف هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

"ٻولي، اهڃاڻن جي هڪ خود ساخته سرشتي کان مدد وٺي ٿي، جنهن کي اسين ٻولي سڏيون ٿا، اها در اصل اهڃاڻن جو هڪ وڏو ۽ شاندار هٿرادو ۽ خود ساخته (پاڻمرادو جُڙيل) سرشتو آهي." (ٻرڙو، 2002: 18)

آمريڪا جي ٻن عالمن- بلاخ ۽ ٽرئگر (Block & Trager) جن جو غالباً ساڳيو رايو آهي ته : "زبان، پاڻمرادو قبول ڪيل آوازي علامتن جي اها جماعت آهي، جنهن جي ذريعي ساڳئي گروه جا فرد هڪٻئي سان تعاون ڪن ٿا." (جتوئي، 1983: 9)

مٿئين بحث مان هيٺيان 3 نُڪتا سمجهڻ جي لائق آهن:

1. ٻولي، علامتن جي هڪ تنظيم آهي.
2. ٻوليءَ جي علامتن جو تعلق، انساني آوازن سان آهي.
3. ٻوليءَ جو ن علامتون، پاڻمرادو اختيار ڪيل هونديون آهن.

2.2 ٻوليءَ جي ابتدا بابت پيش ٿيل نظريا

ٻوليءَ جي ابتدا بابت تحقيقدانن جا مختلف رايا سامهون اچن ٿا. هڪڙا رايا، مذهبي عقيدن جي بنياد تي قائم ڪيل آهن ۽ ٻيا وري سائنسي علم جي بنيادن تي ٻڌل آهن. مذهبي عقيدن جو بنياد، ڏاڏي آدم عليه السلام کان شروع ٿئي ٿو. تنهنڪري سڀني ٻولين جو بنياد، ڏاڏي آدم عليه السلام جي، ڳالهايل زبان کان شروع ٿئي ٿو. ان لاءِ مسلمانن وٽ عربي. يهودي، عيسائين ۽ اسرائيلن وٽ عبراني. هندن جي عقيدي موجب، اها ابتدائي ويدڪ ٻولي هئي، پر سائنس جا رايا، تجربي ۽ مشاهدي جي بنياد تي قائم ٿين ٿا، تنهنڪري علمي حقيقت جو تعلق، مذهبي يا ڏرمي عقيدي سان نه پر سائنس سان آهي.

هن سلسلي ۾ ڊارون (Darwin) جي ارتقائي تحقيق، انسانذات جي هڪ ابي ڏاڏي واري اعتقاد کي ٽوڙي وڌو، تنهنڪري ٻولين جي هڪ ابي ڏاڏي وارو عقيدو به ٽٽي پيو ۽ اهو سمجهيو ويو ته جيئن انسان، حيوان مان ترقي ڪري پيدا ٿيو آهي، تيئن حيواني ٻولين مان انساني ٻوليون ترقي ڪري نڪتيون آهن.” (جتوئي، 1983: 25)

اوائلي پٽرائتي دور جو اوائلي انسان، ڪيئن ڳالهائڻ سکيو. ان لاءِ عالمن جا ڪي نظريا ملن ٿا، جيڪي هن طرح آهن:

1. بَو – وَو وارو نظريو
2. ڦُوه - ڦُوه وارو نظريو
3. ڊنگ ڊانگ وارو نظريو
4. يو - هي - هو وارو نظريو
5. اشارن وارو نظريو
6. سُر - تار وارو نظريو
7. ميل – جول وارو نظريو
8. فعل وارو نظريو

9. مورس سوئڊيش وارو نظريو

2.2.1. بَو - وَو وارو نظريو: (The Bow Wow Theory)

"A Theory, that language Originated in imitation of natural sound (such as those birds, dogs or thunders)." (Wikipedia)

هن نظريي مطابق، شروع ۾ اوائلي انسان، حيوانن جي آوازن جو نقل ڪرڻ سکيو هوندو ۽ پوءِ اُتان ئي آهستي آهستي ڳالهائڻ سکيو.

"اسان جو مشاهدو آهي ته ننڍڙو ٻار، جنهن زماني ۾ ڳالهائڻ سکندو آهي، تڏهن ڪُتي کي اشارو ڪري چوندو آهي. "ڀَنئون ڀَنئون!" اهڙيءَ طرح ٻليءَ لاءِ "مِيائُو مِيائُو" ۽ ڪانوَ لاءِ "ڪان، ڪان" چوندو آهي. اهڙي قسم جا ڪيترائي لفظ، دنيا جي سڀني ٻولين ۾ موجود آهن. تنهنڪري گمان ڪيو ويو ته انسان پهريائين ائين ڳالهائڻ سکيو هوندو." (جتوئي، 1983: 26)

هي نظريو، جنهن مفروضي جي بنياد تي قائم ڪيو ويو آهي، اهو فقط هڪ حد کي ته ظاهر ڪري ٿو پر اُن ٻوليءَ جي پوري ساختيات کي سمجهڻ ۾ ڪار آمد ثابت نه ٿو ٿئي، ڇو ته "هيءُ نظريو، اِهو سمجهائي نٿو سگهي ته ٻوليون ڪيئن اچار واري سڌاءَ حاصل ڪري سگهيون." (باربر، 1965: 31)

هيءُ نظريو رڳو ايتري رهنمائي ڪري سگهي ٿو ته شروع ۾ لفظن جي جوڙجڪ ڪجهه ان طرح ٿي هوندي، پر اُن کي ٻولي نه ٿو چئي سگهجي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته انسان هن سنسار جي ڪن آوازن جي اظهار لاءِ انهن جو هو بهو نقل ڪري ٿو. مثلاً: "هوائي جهاز 'ڏُون' ڪري اسان جي مٿان لامارا ڏَنا"، "ابراهيم جي موٽر سائيڪل 'ڦٽ ڦٽ' ڪندي، اسان جي پرسان لنگهي ويئي"، "ڪتي کي پير ۾ سونٽي لڳي ته 'ڪئون – ڪئون' ڪندو پڇي ويو، "تتر اڏاڻو ته 'ٽا'، بندوق هٿي ماري وڌومانسِ، اهڙن قسمن جي جملن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهڙن آوازن مان لغت جا لفظ ته نٰهن ٿا مگر ٻولي نٿي نٰهي." (جتوئي، 1983: 27)

مٿين مثالن 'ڏُون'، 'ڦٽ ڦٽ'، 'ڪَئون ڪَئون' ۽ 'ٽا' فقط 'اهجاڻ' آهن، جيڪي رڳو واقعن کي ظاهر ڪن ٿا، پر انهن جي پس منظر کي بيان نه ٿا ڪري سگهن. انڪري هي نظريو، فقط انو مان ۽ قياس آهي.

2.2.2 . پُوه – پُوه يا ڦُوه – ڦُوه وارو نظريو (The Pooh – Pooh theory)

This theory claims that sounds which are caused by pain, pleasure, surprise & sudden expressions must had been the origion of language. We know that there are a lot of sounds like that e.g. wow, ouch, oh, ah, boo etc (en. M. wiktionary.org)

هن نظريي جو باني، ماهِر لسان مئڪس مُلر (Max Muller) هو، جنهن اٽويهين صديءَ ۾ هيءُ نظريو پيش ڪيو. هن نظريي موجب، اوائلي انسان، غم، خوشي، ڪاوڙ، تعجب واري ڪيفيت ۾ ڪي آواز بي ساخته طور اچاريا هوندا، جن اڳتي هلي، ٻوليءَ جو بنياد رکيو هوندو. "هن نظريي کي 'ندائي نظريو' (Interjectional Theory) به سڏيو ويو آهي." (الانا، 2006: 12)

هِن نظريي مان اها خبر پوي ٿي ته ٻولين، مختلف آوازن کي استعمال ڪيو هوندو، پر مختلف آوازن (اچارن) بابت هيءُ نظريو به فائدو نٿو پهچائي ڇو ته مختلف ٻولين ۾ اهڙن آوازن جو تعداد گهٽ وڌ آهي، تنهنڪري هي نظريو به مٿئين نظريي وانگر ٻولين جي پيدا ٿيڻ بابت نامڪمل آهي. وڌ ۾ وڌ اهو ٻڌائي سگهي ٿو ته ٻولين، آوازن کي ڪيئن استعمال ڪيو هوندو.

2.2.3.ڊِنگ – ڊانگ وارو نظريو (The Ding – Dong Theory)

A Theory, that language originated out of natural correspondence between objects of sense perception & the vocal noises which were part of early human's reaction to them. (www.merriam-webster.com)

هن نظريي مطابق، اهو گمان ڪيو ويو ته انساني آواز ۽ مطلب جي درميان هڪ ڳجهو لاڳاپو آهي. (باربر، 1965: 33) تنهنڪري قديمي انسان تي ٻاهرين مخلوقات جا اثرات پيا هوندا، انهن جي درست اظهار لاءِ مناسب آوازن کي استعمال ڪيو هوندائين. گويا هر احساساتي اثر، گهنڊ جي آواز وانگر مناسب آواز پيدا ڪيو هوندو. هن نظريي کي عالمن بلڪل گهٽ اهميت ڏني آهي.

2.2.4. يو – هي - هو وارو نظريو (The Yo - he – ho Theory)

Yo - he – ho theory (plural yo – he – ho theories): Aspeculative theory that human language emerged from instinctive noises made by humans, during physical exertion & especially while involved in collective rhythemic labour. (en.m.wiktionary.org)

هيءُ نظريو، 19 صديءَ جي اسڪالر نوئري (Noire) پيش ڪيو. هن نظريي مطابق، ٻولين جي ابتدا هڪ ٻئي جي مدد سان ٿي هوندي گڏيل مدد

۽ سهڪار دوران ڪي خاص قسم جا آواز اُچاريا هوندا، جيئن: يو – هي – هو – ها وغيره. جهازن ۽ ٻيڙن تي ڪم ڪندڙ، ڪاٿي ڪٽندڙ، سرون ٺاهيندڙ، ڳوٽيون ڪٽندڙ وغيره ڪامي ماٿهو اڇ به گڏيل ڪم ڪندي، اهڙا آواز اُچارياندا رهندا آهن. " زور لڳائڻ وقت اسين نرگهٽ ۾ آوازي ڦڙڪن (Vocal Cords) وٽ ساهه کي گُهٽيون ٿا ۽ زور لائڻ ڇڏيون ٿا تڏهن هونگ سان گڏ ساهه کي هڪدم ٻاهر ڪڍون ٿا ۽ پوءِ وري ڊگهو ساهه کڻي، ان کي گهُٽي وري زور لڳايون ٿا. انهيءَ وچ ۾ جيڪڏهن آواز ڪڍبا ته ضرور سُر (Vowels) ۽ وينجن (Constant) پيدا ٿيندا." (باربر، 1965: 34)

هن نظريي ۾ به خوبيون آهن. هڪ ته هيءُ نظريو وينجن – سر واري سٽاءَ سان ٺهڪي ملي ٿو ۽ ٻيو ته هيءُ نظريو، انساني سماجي تعاون کي ٻولين جي پيدا ڪرڻ ۾ مددگار تصور ڪري ٿو . تنهنڪري "هيءُ نظريو، هن ڳالهه جي به پڻپرائي ڪري ٿو ته پهريان لفظ، جي استعمال ۾ آيا هوندا، سي امري هوندا، جهڙوڪ آ (ءُ)، کا (ءُ) پا (ءِ) وغيره." (جتوئي، 1983: 29)

2.2.5 اشارن جو نظريو (The Gesture Theory)

This Theory states that human language was developed from gesture that were a primitive form of communication, as opposed to the vocal signals that might have been adopted by non – human primates…. We will be focusing on the gesturing on the gestural theory to discussion on gestures in the evolution of language. (blogs.ntu.edu.sg)

هيءُ نظريو ٻڌائي ٿو ته انسان ڳالهائڻ کان اڳ گونگن وانگر اشارن کان ڪم ورتو هوندو. اڇ به گونگا اشارن جي ذريعي سان ٻوليءَ جو ڪم وٺن ٿا ۽ خود ڳالهائيندڙ به اڇڪلهه ڳالهائيندي هٿن، ٻانهن ۽ مٿي جي چرپر کان ڪم وٺن ٿا. هن نظريي وارن عالمن جو چوڻ هو ته: "انسان 3500 ق.م ڌاري ڳالهائڻ سکيو." (باربر، 1965: 35)

ان کان اڳ تصويرن جي ذريعي کان زبان جو ڪم ورتو ويو، ڇو ته تصويرون خود اشارتي اهجاڻ ڪم آڻين ٿيون . هيءُ نظريو، قبولڻ جي قابل نه رهيو ڇو ته اهو سمجهه ۾ اچي نٿو سگهي ته ڳالهائڻ کان سواءِ ايترو عرصو ثقافت ڪيئن ترقي ڪري سگهي هوندي!

2.2.6 سُر - تار وارو نظريو (The Musical theory)

Musical theory is the study of the practices & possibilities of music. The Oxford companion to music describes three interrelated uses of the term "music theory." (Wikipedia)

هي نظريو لسانيات جي ماهر ڊينمارڪي عالم اوٽو ييسپرسن (Otto Jesperson) پيش ڪيو هو. سندس چوڻ هو ته بَو – وَو، ڦوهه – ڦوهه ۽ يو - هي – هُو وارا نظريا پولين جي ڪِن حصن جي ابتدا بابت ته ٻڌائين ٿا، پر ساري پولي ڪيئن وجود ۾ آئي، تنهن بابت ڪجهه به ڪونه ٻڌائين ٿا. اوٽو جي خيال موجب، "ابتدائي زماني ۾ وڌا ۽ ڊگها لفظ موجود هئا، جي سرن جي ذريعي ظاهر ڪيا ويندا هئا. اِهو ئي سبب آهي جو ابتدائي تحرير به نظم ۾ هئي ۽ نثر ۾ به. انسان اوائل ۾ ڳائڻ سکيو ۽ پوءِ ڳالهائڻ." (جتوئي، 1983: 30 - 29) اِن ڪري هن نظريي کي موسيقيت وارو نظريو به سڏين ٿا.

هيءُ نظريو، اِنڪري نه قبوليو ويو جو اڄ به ڪيتريون پوليون دنيا پر ۾ موجود آهن، جي اڃا تائين لکيت ۾ نه آيون آهن ۽ ثقافت جي بنهه ابتدائي مرحلي ۾ آهن. انهن ۾ شعر و شاعري يا بنهه ڪانهي يا بلڪل معمولي آهي، تنهنڪري ڪيئن چئجي ته زبانن جي ابتدا، سُر يا راڳ سان ٿي هوندي!

2.2.7. لڳ لاڳاپي وارو نظريو (The Contact Theory)

A longstanding line of research that aims to combat bias among conflicting groups springs from a theory called the "Contact Hypothesis." Developed in the 1950 by Gordon Allpart, Ph.D. theory holds that contact b/w two groups can promote to learn & acceptance, but only under certain conditions, such as equal. (www.apa.org)

هيءُ نظريو، ائمسٽرڊام جي پروفيسر جي – ريوس (J- Reves) پيش ڪيو. سندس چوڻ مطابق، هر انسان ۾ ٻين انسانن سان ميل ميلاپ پيدا ڪرڻ جو قدرتي جذبو موجود آهي، جنهن جي ڪري پوليون پيدا ٿيون ۽ تبديل ٿيندي، ترقي ڪنديون ويون. هن انهن جون منزلون به بيان ڪيون آهن. انهن مان پهرين هئي آوازن سان لاڳاپي واري منزل - انهيءَ منزل ۾ انسان ۽ حيوان ساڳئي پد تي هو. ٻئي هئي رڙ واري منزل، جنهن ۾ رڙ جو تعلق ماحول سان هوءِ نه هڪ هڪ شخص سان. ٽين هئي سڏ واري منزل، جنهن جو تعلق فردن سان هو ۽ ان ۾ مدد جي طلب موجود هئي. انهيءَ سڏ سان ئي اول ڳائڻ ۽ پوءِ ڳالهائڻ شروع ٿيو. ان بعد لفظن جي پيدا ٿيڻ جي منزل آئي. پروفيسر جي ريوس جي چوڻ مطابق، ابتدائي زبان، امري نموني جي هئي، جهڙوڪ: "آءُ، ڪاءُ، ڳاءِ" وغيره، مگر هو اِهو ٻڌائي نه سگهيو ته الڳ الڳ اچار ڪيئن پيدا ٿيا." (جتوئي، 1983: 30)

سائنس ۽ مذهب، هن ڳالهه ۾ متفق آهن ته انسان به ٻين جانورن وانگر حيوان آهي، فرق فقط ايترو آهي ته انسان جون جبلتون (Instincts) تبديليءَ جي لائق آهن مگر ٻين حيوانن جون ائين نه آهن. انسان ۾ تقليد يا نقالي

(Imitation) ۽ تفڪر (Thinking) جو گُڻ موجود آهي، جنهنڪري هو هر فن، هر هُنر ۽ هر علم سکي سگهي ٿو.

2.2.8. فعل وارو نظريو (The Verb theory)

To suggest facts & ideas to explain something: to form a theory about something. Theorize about something. The study theorized about the role of dreams in people's lives. (www.oxfordleanersdictionries.com)

ڊائمنڊ اي. ايس (Diamond A.S) نالي هڪ اسڪالر 1959ع ۾ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ٻوليءَ جي ابتدا تي تحقيق ڪئي آهي. ڊائمنڊ هيٺ ڄاڻايل نُڪتن کي بيان ڪيو آهي.

1. لفظ، هڪ اوائلي فعلي ڏاتوءَ مان پيدا ٿيا آهن.
2. ٻوليءَ جو ابتدائي سماجي ڪارج.
3. اوائلي لفظن جا آوازي روپ
4. اوائلي لفظن جي لغوي اهميت.

هن نظريي موجب اوائلي اوباش قسم جا ماڻهو جڏهن هڪ ٻئي جي ڪم ۾ واهرو ٿيا ته اهڙن آوازن، سندن اوائلي ٻوليءَ جو روپ اختيار ڪيو. اهي آواز، اڳتي هلي فعل جوڙڻ جا صيغا بنيا.

اِن ڪري هن نظريي کي فعل وارو نظريو سڏيو وڃي ٿو.

2.2.9. مورس سوئڈيش وارو نظريو (Morris swadesh theory)

Swadesh believed that his techniques could discover deep relationships between apparently unrelated language, thus allowing for the identification of macro families & possibly even a "Proto-Human" language. His theories were often converted & some have been deprecated by later linguists. (en.m.wikipedia.org)

لسانيات جي ماهر مورس سوئڈيش (Morris Swadesh) 1971ع ۾ هيءُ نظريو پيش ڪيو. مورس سوئڈش ٻوليءَ جي ارتقاء کي چئن دورن ۾ تقسيم ڪيو.

1. اوائلي پاٽر وارو دور (Eoglottic Period)

2. قديم پاٿر وارو دور (Paleoglotic Period)
3. نئون پاٿر وارو دور (Neo- glottic Period)
4. تاريخي دور (Historical Period)

مورس جي راءِ موجب:

1. هيءُ زمانو تڏهن کان شروع ٿيو، جڏهن ٻوليءَ جو "ندائي طريقو" (Exclamatory System)، "بياني طريقي" ۾ منتقل ٿيو. ان وقت ٿي سگهي ٿو ته رڳو ٻه لفظ جُڙيا هئا، جن ۾ "جهيلار" (Intonation)، آواز ڪيڻ جي طريقي، "ترنم يا موسيقيت" يا " سر – تار واري طريقي" جي معاونت سان، الڳ الڳ مفهوم وٺي سگهيا هئا.
2. هن زماني ۾ آوازن جي شڪلين ۽ روپن ۾ نواڻ آئي ۽ لفظن جي ذاتوئن ۾ تبديلي ڪري لفظن واڌارو ڪيو ويو.
3. هن دور ۾ آڳاٽن دورن ۾ مستعمل لفظن "ذاتوئن" (Roots) ۾ وينجن يا وائل کي اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي روپ ۾ ڪتب آڻي وڌيڪ لفظ جوڙيا ويا. گهٽيون تبديليون لفظن جي وچ يعني پد ۾ سُر (Vowels) کي دگهو ڪري يا سُسائي، اُن ۾ آوازي تبديليون ڪري، يا نڙگهٽ (Glottis) ۾ يا چپن ۾ ڦير گهير آڻي، يا سر جي صورت ۾ ڦير ڦار آڻي، لفظ جي اچار ۾ تبديل ڪري، مفهوم ۾ تبديليون آنديون ويندیون هيون. تڏهن جنس ۾ تفاوت نه هو.
4. هن زماني ۾ ڳالهائڻ جي لفظن، انهن ڪردنتن، مشتقن، اڳياڙين. پڇاڙين ۽ علم صرف جي قاعدن قانونن ۾ اضافو ڪيو ويو.

2.3 ٻوليءَ جي نظرين بابت محبت ٻرڙي جي قائم ڪيل راءِ جو تجزيو

محبت ٻرڙي مٿي ڏنل سمورن نظرين ۾ ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر بابت ڪنهن نه ڪنهن، پر مجموعي طرح رڳو هڪ پهلو کي ڪنيو، بيان ڪيو ۽ تفصيلي بحث جو موضوع بنايو آهي، پر اهو به سچ آهي ته گهڻن نظرين ۾ سچائيءَ جو ڪو نه ڪو پهلو به موجود آهي. ان سلسلي ۾ محبت ٻرڙو پنهنجي ڪتاب "ٻوليءَ جو بڻ" (2002) ۾ لکي ٿو ته:

"فطري آوازن جو نظريو" سبق ٿو ڏي ته ماڻهوءَ فطرت جي آوازن جو نقل ڪيو آهي ۽ پوءِ انهن آوازن کي مخصوص معنيٰ ڏني آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪيترائي لفظ فطرتي آوازن جي نقاليءَ ۾ ٺهيل آهن. پر اهي ٻوليءَ جو رڳو هڪ معمولي حصو آهن. ٻوليءَ جي باقي لفظن جو بنياد ڇا آهي؟ فطرت جي آوازن جو نقال رڳو ماڻهو ڇو آهي؟ تِڏ، ڏيڏر، جهرڪيءَ، باز، ڪُوئي ۽ ٻليءَ

کان ويندي ٻڌن، اُٺ ۽ گج (هاٿي) تائين، هزارين قسمن جا ساهوارا مختلف آواز ڪڍن ٿا، انهن مان ڪو به فطري آوازن جو نقل چو نه ٿو ڪري؟ ماڻهو، جڏهن اڄا حيواني سطح تي هوتڏهن ڇا، ارتقا جي اوچيءَ سطح تي هڻڻ باوجود، ڪنهن به فطري آواز جو نقل نه ڪرڻ باوجود ڇا اُٺ، گهوڙي، گڏهه ۽ ٻڌن ڪان به ڇٽ هو جو پنهنجا ڪي به آواز نه ڪڍي سگهندو هو؟" (ٻرڙو، 2002: 39)

محبت ٻرڙي جي راءِ موجب اهو مڇو پوندو ته هزارين جيتن جڻن، پکين پکڻن ۽ جهنگلي جانورن وانگر حيوان سطح جو ماڻهو (جانور نما) ڪي نه ڪي آواز اڇاري سگهندو هو، البت اهي حيواني "ٻولي" جي خاني ۾ ئي رکڻا پوندا. محبت ٻرڙو لکي ٿو ته:

"ڪي پکي ڪنهن ڪنهن مهل پنهنجي مُنهن لات لنوڙ لڳندا آهن، انهن لاتين کي جيڪڏهن راڳ ڳائڻ سڏي سگهجي ٿو، ڪُتي، گدڙ ۽ بگهڙ جي وقتي اوناڙن ۽ ڳئن، گابن، جي وقتي رنپ کي جيڪڏهن ڳائڻ سڏي سگهجي ٿو ته پوءِ پک ئي جاماڻهو (جانور نما ماڻهو) جي وقتي کيڪڙاٽن کي جهونگار، تنوار، تان ۽ راڳ سڏي سگهجي ٿو . . . کيترائي جيت، پکي ۽ جانور پنهنجي وڏي شڪار يعني کاڌ خوراڪ جي ملي ويل وڏي ذخيري کي گڏجي سڏجي "سماجي" تعاون وسيلي ڪنهن اهڙي هنڌ پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جتي آئيندي ان کي واپرائي سگهجي .انهن حيوانن وٽ ڇا کي اهڙا آوار ٺهي سگهيا آهن جن کي لفظ يا ٻولي سڏي سگهجي؟ جاماڻهو (جانور نما ماڻهو) به هڪ عرصو "حيواني سهڪار" ڪندي گذاريو آهي، پر حيوان جي سطح تي اهو سهڪار کي به لفظ پيدا نٿو ڪري سگهي." (ٻرڙو، 2002: 40، 39)

هن ۾ اهو شڪ نه آهي ته هر حيوانٌ، ڪنهن نه ڪنهن "پاڻ ڪان ڏاڍي" ۽ قدرتي آفتن کان ڊڄي ٿو ۽ تڪليف دؤران مختلف آواز ڪڍي مدد لاءِ ٻاڏائي ٿو. ساڳيءَ طرح خوشيءَ جي وقت به کي نه کي آواز اڇاري ٿو. سندس "خوشيءَ" ۽ "غم" جي ٻنهي ڪيفيتن جا آواز بدليل آهن. هي سڀئي عمل ڪيس هڪ لفظ به نه ڏئي سگهيا آهن. حيواني سطح جو ماڻهو نما ساهوارو پڻ ساڳيءَ حالت ۾ ئي رهيو هوندو.

محبت ٻرڙو مٿي ڄاڻايل سمورن نظرين ۾ هڪ گڏيل ڪوٽ جي نشاندهي ڪندي لکي ٿو ته:

"نظرين ۾ گڏيل ڪوٽ ٻي به آهي. يعني اهي ٻوليءَ جي ابتدا ڪنهن "بي آواز گونگي" کان ڪن ٿا. حيوان سطح جو "ماڻهو" بي آواز گونگو هجي، اهو ممڪن نه آهي، "جا ماڻهو" مختلف موقعن تي کي نه کي آواز ڀلي کيڪڙاٽ ئي

چو نه هجن، ڪيڙي سگهيو هوندو. "بي آواز گونگو" ته ڪِول جي سطح کان به هيٺاهين سطح تي آهي.

جيڪو ساهه وارو ان تخليقي سطح تي پهچي چڪو هجي جو فطرت جي آوازن جو نقل ڪري سگهي. /س/، /گ/، /ک/ وغيره اچاري سگهي ۽ انهن جي وچ ۾ فرق ڪري سگهي. سماجي سهڪار وسيلي هڪ ٻئي جو هٿ ونڊائي سگهي، ڏکئي وقت ۾ ٻانهه ٻيلي ٿي سگهي يعني اهو حيوان، جنهن جو ذهن هڪ تخليقي سطح کي پهچي چڪو هجي، رڳو هڪ ئي ٿي سگهي ٿو ۽ اُن جو نالو آهي "ماڻهو". (حوالو ساڳيو: 40)

اها ڳالهه قبول ڪرڻ جوڳي نه آهي ته جيئن جانور، پکي پکڙ ۽ جيوَ رڙين، دانهن، ڪوڪن يا ٻين ذريعن، جهڙوڪ: پنهنجن ڪنڌن، پکن، پرن ۽ ڳچيءَ جي اشارن جي مدد سان، ڪنهن خوف يا ڪنهن خطري يا سندس خوراڪ جي موجود هئڻ جي باري ۾، يا ٻين مسئلن جو اظهار ڪندا آهن، تيئن انسان، پنهنجي سماجي ماحول جي ترقيءَ سان گڏ آوازن، لفظن، جملن ۽ اشارن سان پنهنجي خيال جو اظهار بتدريج ڪندو رهيو آهي.

"اهو مڇڻو پوندو ته انسان ذات کي سکڻ جي سگهه يا اُن سلسلي ۾ مهارت يعني قابليت حاصل ڪرڻ، اظهار جي وسيلن يعني مواصلات جي ذريعن کي ترقي ڏيارڻ ۽ انهن کي پُراثر بنائڻ ۾ هزارين نه، پر لکين سال لڳي ويا هوندا." (الانا، 2006: 24)

ٻولين جي ٺهڻ ۾ يقيناً هڪ طويل دور برسر پيڪار نظر اچي ٿو، جنهن ۾ مٿي بيان ڪيل نظريا، ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان ٻوليءَ جي ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ کي ظاهر ڪرڻ ۾ هٿي ڏين ٿا. پر سراج الحق ميمڻ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي" (1964ع) ۾ به ڊارون (Darwin) جي نظريي کي فوقيت ڏني آهي. هن نظريي موجب، "ٻولين جو بنياد، وات جو سانگ يا اشاري بازي (Mouth Pantomime) آهي، جنهن ۾ آواز جي تنتن، لاشعوري طرح، هٿن پيرن جي حرڪتن ۽ اشارن جي اهل ۽ نقل ڪرڻ شروع ڪيو. ڪنهن به مقصد لاءِ، جڏهن انسان هٿن جا اشارا ڏيڻ شروع ڪيا، تڏهن آوازي تنتن به هو بهو هٿن جي نموني تي ڦهلجڻ ۽ سُسڻ سان، انهن جو نقل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ايئن ڪندي ڪندي، انهن ۾ آواز پيدا ڪيا، جيڪي هزارها سال گذرڻ سان ڪنهن معنيٰ جا حامل ٿيا!" (سراج، 2009: 40) سراج الحق ميمڻ، انهيءَ نظريي سان ملندڙ ٿا-ٿا ۽ يو - هي - هو نظريي سان ملندڙ سنگ – سانگ نظريي جو ذڪر ڪندي، فطري آوازن واري نظريي کي نسبتاً درست سمجهي ٿو.

"سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" (1978ع) ۾ الهداد ٻوهيي به "فطري آوازن واري نظريي" کي نسبتاً وڌيڪ اهم نظريو سمجهي ٿو، 'فطري آوازن واري نظريي' بابت چئي سگهجي ٿو ته اهو نظريو پاڻ ۾ " بو- وو" ۽ "ڊنگ - ڊانگ" (جن کي " سنڌي ٻولي" جي ديباچي ۾ محمد ابراهيم جويي واريسر "هو- هو" يا "وو- وو" ۽ "ٽڻ- ٽڻ." يا "ڊم - ڊم " سڏيو آهي) نظرين کي سمائي رکي ٿو.

لڳ لاڳاپو – (حيواني) سماجي سهڪار ۽ مختلف قسمن جا آواز، جن کي مخصوص حالتن ۾ هڪ مخصوص مفهوم به مليل آهي، ڪيترن ئي جيتن، پکين ۽ جانورن ۾ به موجود آهن ۽ انهن جي موجودگيءَ سبب ڪو به سماج/ ٻولي نڻا ناهن. انڪري اهو سوال پيش ڪيا ويا هئا ته جانوڻن (جانور نما ماڻهن) جي "ٻوليءَ"، "سماج"، "راهپ" ۽ "سمجهه" ۽ ماڻهوءَ جي ٻوليءَ، سماج، راهپ، سمجهه جي وچ ۾ فرق ڪرڻو آهي.

"ماڻهو وٺ جيڪڏهن سماجي سهڪار يا راڄوٽي ناتا جُڙي چُڪا هجن ته ان مهل وٺس ڪا نه ڪا، آپري، سَپري، سادي سودي، اوائلي ۽ ابتدائي سطح جي ارچ (Primitive، جيڪا رچيل نه هجي) ٻولي ۽ راهپ (ثقافت ڪلچر) موجود هجڻ ئي گهرجي. راهپ ۽ ٻولي ناهي ته ڪي به تخليقي ذهن ۽ سماج ناهن. اسان کي ٻوليءَ، سماج، راهپ، سمجهه پيدا ٿيڻ ۽ اسرڻ وارو ڏاڪو جڏهن هڪ "جا ماڻهو" حيواني زندگيءَ کان ڇڄي ٿو ۽ انسان زندگيءَ ۾ داخل ٿئي ٿو. اِها هڪ وِڪ يا اهي ڪي وِڪون جن "جا ماڻهو" ۽ ماڻهوءَ جي وچ ۾ سَنڌو پيدا ڪيو ۽ وِٿيءَ کي وڌايو." (ٻرڙو، 2002: 41)

حوالا

1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2006ع) سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
2. ٻرڙو، محبت، ڊاڪٽر (2002ع) ٻوليءَ جو بڻ، (ڇاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
3. جتوئي، علي نواز، پروفيسر (1983ع)، علم اللسان ۽ سنڌي زبان، (ڇاپو پهريون)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
4. ميمڻ، سراج الحق، (2009)، سنڌي ٻولي، (ڇاپو ٻيو)، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
5. Bloomfield, L. (1964), Language, London: George Allen & ltd.
6. C.L Barber (1965), The story of languages, (E. L. B. S. edition), London: Pan Books Ltd.
7. Morris, Swadesh (1971), Origin Diversification of Languages, Chicago: Aldine - Attherton, Inc.

سنڌي ٻوليءَ جي بُنڊ بنياد بابت پيش ٿيل نظريا : هڪ تنقيدي اڀياس

سنڌي ٻوليءَ جي بڊ بنياد بابت هن وقت تائين جيڪي رايا مقرر ٿي چڪا آهن، تن سڀني کي ’نظريو‘ چوڻ درست نه ٿيندو، ڇو ته نظريو تڏهن چئي سگهبو، جڏهن ان سان سهيوڳي يا پوءِ واري دؤر جا ماهر نه رڳو اتفاق رکن، پر اُن جي حمايت ۾ پوئواري به ڪن. سنڌي ٻوليءَ جي بڊ بنياد بابت پهريون پيرو ارنيسٽ ٽرمپ راءِ رکي هئي، جنهن جي راءِ کي ان دؤر ۾ پوءِ واري دؤر جي اڪثر عالمن قبوليو هو ۽ ان جي تائيد به ڪئي هئي، ۽ ڪن جزوي طرح اختلاف به رکيو هو. ان کان پوءِ ڊيهي عالمن مان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اهو پهريون ٻولي ماهر هو، جنهن انهيءَ نظريي کي دليلن سان رد ڪري پنهنجو نظريو پيش ڪيو هو، جنهن جي نظريي کي پڊ ڪيترن عالمن قبول ڪيو ۽ اُن جي پڌرائي ڪئي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اُن نظريي کي رد ڊيڊ وارو سراج الحق ميمڊ هو. اهڙيءَ طرح سراج الحق ميمڊ جي نظريي کي رد ڪرڊ وارو عالم پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا هو. ائين ئي سنڌي ٻوليءَ جي بڊ بنياد بابت رايا/ نظريا قائم ٿيندا رهيا. رايو، دراصل اهڙي بيان کي چئجي، جنهن جو بنياد، ذاتي خيال يا عقيدي تي قائم هجي، پر اُن جي بچاءَ ۾ ڪو به ثبوت وغيره پيش ڪيل نه هجي ۽ گڊوگڊ ٻين ماهرن ۽ عالمن طرفان به ان کي ڪا حمايت ۽ پوئواري حاصل نه هجي. نظريو، هڪ اهڙو بيان آهي، جيڪو سائنسدانن جي هڪ حلقي پاران وسيع انداز ۾ پرکيو ۽ آزمايو ويو هجي ۽ اهو گهڊن مشاهدن ۽ عالمي معيار جي ثبوتن تي قائم ڪيل هجي. ويجهڙ ۾ ايم.ايڇ پنهور ۽ ڊاڪٽر آسڪوپرپولا جا رايا به ميدان تي اڇي چڪا آهن، جن کي به نظريي طور قبول ڪيو پيو وڃي. ان کان اڳ سنڌ جا ٻيا ڪيترا ٻولي ماهر ۽ عالم، پنهنجي پنهنجي تحقيق جي بناء تي سنڌي ٻوليءَ جي حسب نسب بابت پنهنجا رايا ۽ مفروضا قائم ڪري چڪا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي بڊ بنياد، اوسر ۽ارتقا جي مختلف زاوين ۽ رخن تي چگي خاصي روشني وجهن ٿا.

انهيءَ تناظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڊ بابت عالمن جا مختلف رايا/ نظريا ملن ٿا، پر اها حقيقت آهي ته سنڌي ٻولي ”مهين جي دڙي“ کان وٺي نه رڳو هن خطي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر لکي به ويندي رهي آهي. مُهين جو دڙو ۽ هڙپا جا ماڳ، سنڌو سڀيتا جي تابناڪ عروج جا زندهه ۽ جاويد آثار ۽ ثبوت آهن. مهين جي دڙي جي کوٽائيءَ مان جيڪي ٽانوَ، مُهرون ۽ سِڪا مليا آهن، جيڪا

لکت ملي ٿي، اها تصويري صورت ۾ آهي، جنهن تي پوءِ مختلف کوجناکارن ۽ عالمن مختلف وقتن تي تحقيق پئي کئي آهي ۽ پنهنجا نظريا، رايا ۽ انومان پيش کيا آهن.

3.1 ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو نظريو

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ اصليت تي جرمني جائي ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (1885ع-1828ع) پهريون پيرو تحقيق کندي سنڌي ٻوليءَ کي هند-آريائي ٻولين جي خاندان مان قرار ڏيندي راءِ ڏني هئي ته:

"سنڌي، نج سنسکرتي ٻولي آهي. هيءَ ٻولي، اتر اولهه وارن ٻين ڏيهي ٻولين جي پيٽ ۾ پرڏيهي عناصر کان وڌيڪ آجي آهي. پراکرت جا پراڻا ويڪرڻي، شايد کو سهڻو (معقول) سبب ڏيئي سگهن ۽ اهو ٻڌائي سگهن ته اپپرنش جو اهو کهڙو لهجو آهي، جنهن مان سنڌي، پراکرت جي سڀني کان بگڙيل لهجي جي صورت ۾ ڦٽي نڪتي آهي، پر جڏهن سنڌيءَ جي پنهنجين پينر ٻولين سان، ويڪرڻ جي نڪتهء نظر سان پيٽ ڪجي ٿي، تڏهن اسان سنڌيءَ کي ٻين ٻولين جي مقابلي ۾ اوليت جي حيثيت ڏيون ٿا." (ٽرمپ، 1872: 11، 1)

ڊاڪٽر ٽرمپ وڌيڪ لکيو ته: "سنڌيءَ ۾ جيڪي خصوصيتون آهن. تن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي قديم پراکرت سان هڪجهڙائي رکي ٿي." (حوالو ساڳيو)

مٿين بحث مان هي نُڪتا نڪرن ٿا:

1. سنسکرت، برصغير جي ٻولين جو اصل بڻ بنياد نه آهي.
2. سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌو ماڻر جي سنڌو تهذيب سان آهي.
3. سنسکرت ته پاڻ ، اتر- اولهه واريءَ پراکرت جي هڪ لهجي ، اڏيچيه جي هڪ شاخ جو سڌاريل سنواريل روپ آهي.
4. سنسکرت جو بنياد ، ابتدائي پراکرت لهجي جي شاخ سان آهي.

مٿين نُڪتن جي بنياد تي هيءُ نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته: پراکرت ٻوليون، سنسکرت جون بگڙيل صورتون نه، پر ان جي ابتڙ خود، پراکرت جي اتر-اولهه وارن لهجن مان هڪ لهجي (اڏيچيه) جي هڪ شاخ جو، سڌاريل ۽ سنواريل روپ آهي. تنهنکري سنسکرت جي حيثيت، برصغير جي کنهن به ٻوليءَ جي ماتر-پاشا، واري هرگز کانه آهي، پر سنسکرت ته پاڻ، پراکرت جي ٻين لهجن وانگر هڪ لهجي جهڙي رهي آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ جي هن نظريي کي گهڻي وقت تائين قبوليو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن عالمن انهيءَ نظريي جي پوئواري ڪئي، جن ۾ سر جارج ابراهام گريئرسن (1941ع – 1851ع)، پروفيسر جهمٽمل نارومل وسڻاڻي (جنم 1842ع)، مرزا قليچ بيگ (1929ع - 1853ع)، ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي (1953ع – 1875ع)، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي (1947ع – 1884ع)، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (1942ع – 1882ع)، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو(1958ع – 1897ع) ۽ ٻيا شامل هئا. سر جارج ابراهام گريئرسن، ڊاڪٽر ٽرمپ جي نظريي جي پوئواري ڪندي سنڌي ٻوليءَ کي هند – آريائي ٻولي قرار ڏئي ٽو.

3.1.1 سر جارج ابراهام گريئرسن جو نظريو

سرجارج ابراهام گريئرسن، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جو ٻيو ڪوجناڪار عالم آهي، جنهن 1873ع ۾ هندوستان اچي اتي جي ڳالهائجندڙ ٻولين جي سروي ڪئي. هن کي 1898ع ۾ "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا"، جو سپرنٽينڈنٽ ڪري موڪليو ويو. هن انهيءَ ڪم تي ڪي لڳ ڀڳ 30 سال ڪم ڪيو. سندس تحقيقي ڪم "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا"، جي نالي سان يارهن جلدن تي مشتمل ڪتابي شڪل ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هو اٽين جلد ۾ سنڌي ٻولي ءَ جي بڻ بنياد بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

"سنڌي ٻولي، هند – آريائي ٻولين جي اتر – اولهه واري جي هڪ مکيه ٻولي آهي، جيڪا وراڇڊ اپپرنش مان نڪتي آهي." (گريئرسن، 1919ع: 15)

هن ساڳئي جلد ۾ "لساني لڳ لاڳاپا" جي عنوان سان وڌيڪ لکيو آهي ته:

"سنڌي ۽ لهندا گڏجي هند - آريائي ديسي ٻولين جي ٻاهرين گهيري جو اتر-اولهندو گرهه ٺاهن ٿيون ۽ انهن ۾ ڪيتريون ئي خاصيتون آهن، جيڪي ڪين اتر- اولهه واري سرحد (N.W.F) جي داردي ٻولين سان گڏيين ٿيون. . . اسان جي اڳيان پراڪرت وياڪرڻي، مارڪنڈيه (xviii-i) جي وضاحت آهي ته سنڌ ۾ ڳالهائڻ واري "اپپرنش پراڪرت" کي "وراچڊ" سڏيو ويندو هو، جنهن مان سنڌي ڦٽي نڪتي آهي." (حوالو ساڳيو)

سر جارج ابراهام گريئرسن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ ان جي گرامر بابت جيڪا معلومات گڏ ڪئي آهي ۽ ڪتاب، حوالي طور ڪم آندا آهن، اهي ان دور جا مستند ڪتاب، گرامر ۽ لغتون شامل آهن. واٽن جي گرامر (1836ع)، ايسٽوڪ جي ڪتاب 'Vocabulary of Sindhi Language' (1843ع)، اسٽئڪ جو گرامر (1849ع) ۽ لغت جا ٻئي جلد، ارنيسٽ ٽرمپ جا مضمون ۽ گرامر، گولڊ

سمبڌ جو سنڌي صرف و نحوَ (1860ع)، منشي اڌارام جي گائيڊ (1861ع) ۽ جان بيمس جو ڪمپيوٽر گرامر، جنهن ۾ سنڌيءَ سان گڏ پنجابي، هندي، گجراتي، مرهٽي ۽ بنگالي ٻوليون شامل آهن.

3.1.2 جارج شرٽ جو نظريو

جارج شرٽ (وفات: 1886ع)، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت سنه 1878ع ۾ هڪ مضمون لکيو، جنهن ۾ سنڌي زبان جي مستقل لغوي ذخيري ۽ ٻين نحوي خصوصيتن کان متاثر ٿي، هن سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت مان ڦٽي نڪرڻ واري ارنيسٽ ٽرمپ واري نظريي سان اختلاف رکندي سنڌيءَ کي دراوڙي واري بنياد واري نظريي جي تائيد ڪئي. سندس مضمون 'The Traces of Dravidian Element in Sindhi' انڊين انٽيڪئري (Indian Antiquary) جي ڊسمبر 1878ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو. شرٽ پنهنجي مضمون جي صفحي نمبر 293 ۾ لکي ٿو ته:

"اهو بلڪل سچ آهي ته سنڌي، سنسڪرت زبان جي ڏيءُ آهي، پر ساڻئي وقت اهو به ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته سنسڪرت وارو نج خون سنڌي زبان ۾ ناهي. ان (سنڌي) جي گرامر جي مکيه پاڻ جو بنياد، سنسڪرت آهي. مگر هڪ اهم ۽ خاص خصوصيت، يعني ضميري پڇاڙين جو استعمال، سنڌيءَ کي ايرانين زبانن سان ملائي ٿو. حالانڪ انهيءَ استعمال ۾ انهن (ايراني زبانن) کان هيءَ (سنڌي) گهڻو اڳتي آهي." (شرٽ، 1878ع : 293)

جارج شرٽ پنهنجي نظريي جي حمايت ۾ هيٺيان دليل ڏنا آهن:

(1) سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي لفظن جي آخري اکر تي اعراب وارو اصول ساڻيو آهي.

(2) سنڌيءَ جي مجهول فعلن جي ستاءَ ۾ 'پ' جو اُچار موجودآهي، جيڪو ساڻيو دراوڙي ٻولين وارو 'پ' آهي مثلاً: ڏوپجڻ، ڏاپجڻ.

(3) سنڌيءَ ۾ دراوڙي ٻولين وانگر ٻه حرف صحيح گڏ نٿا اچن.

(4) سنڌيءَ ۾ 'ڪي' ۽ 'آن' وارا لفظ، سنسڪرت بدران دراوڙي ٻولين مان نڪتل آهن.

(5) سنڌيءَ ۾ ڪي لفظ اهڙا آهن، جيڪي اصل ۾ دراوڙي آهن، جهڙوڪ: ڪراڙو، ڪوڙو، ڪڏڻ، ڪٽڻ، وغيره.

3.1.3 پيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جو نظريو

پيرومل مهرچند آڏواٽيءَ سنڌي ٻوليءَ کي بنيادي طرح سنسڪرت مان ڦُٽي نڪتل قرار ڏئي ٿو. جيئن ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ چيو هو، پر پيرومل جو رايو هي آهي ته: سنڌي ٻوليءَ تي جدا جدا دورن ۾ مختلف ٻولين جو اثر چڙهيو آهي ۽ يارهين صديءَ ۾ موجوده صورت اختيار ڪئي آهي.

پيرومل مهرچند پنهنجي نظريي جي دليل ۾ سنسڪرت جي هڪ جملي جي پيٽ پراڪرت، ناگر اپڀرنش ۽ سنڌيءَ سان ڪئي آهي. هو 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' ۾ لکي ٿو ته:

"نموني لاءِ هتي اول هڪ ننڍڙو جملو سنسڪرت ۾ ڏجي ٿو ۽ اهو ساڳيو پراڪرت، ناگراپڀرنش ۽ سنڌيءَ ۾ به ڏجي ٿو ته پيٽ ڀرڻ ۾ ڪجهه سولائي ٿئي.

سنسڪرت: هي راجن، ايشهه برهمڻ ڪٿم سڪثي پوشيتي؟

پراڪرت: هي راين، ائسو ومڻو ڪڏن سهرو پوتسدي؟

ناگراپڀرنش: هي راڃ، يهه بمڻ ڪم سڪڙيئو هو سئي؟

سنڌي: اي راڃ ، اهو ٻانڻ ڪيئن سُڪي هوئيندو؟ (پيرومل، 1998: ، 73)

هن نظريي جو بنيادي روح ، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي بيان ڪيل نظريي تان کنيل آهي، جنهنڪري اڃڪلهه جي عالمن هن نظريي کي ايتري اهميت نه ڏني آهي.

3.1.4 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نظريو

ويهين صديءَ جي پهرين اڌ تائين ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ واري نظريي جي پوئواري ٿيندي رهي، پر پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي ڏيهي عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ آڪٽوبر 1950ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺايل "سنڌي ادبي ڪانفرنس" دوران پنهنجي پيش ڪيل مقالي ۾ "سنڌي ٻوليءَ کي هڪ سامي صفت ٻولي" قرار ڏيندي ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ واري نظريي کي چئلينج ڪيو. اهو مقالو پوءِ ٽماهي "مهراڻ" رسالي جي پهرئين (1959ع) ۾ ڇپيو. ان کانپوءِ هن 1962ع ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ' جي نالي سان هڪ ڪتاب ڇپرائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت تفصيل سان لکيو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحقيق ۾ راءِ گهراڻي (632ع - 450ع)، برهمڻ گهراڻي (712ع - 632ع) ۽ عرب گهراڻي (1050ع - 712ع) جي دورن کي 'سنڌي ٻوليءَ جي اوسر وارو زمانو' قرار ڏنو. هن پنهنجي نظريي جي تائيد ۾

اهو دليل پڻ ڏنو ته: عيسوي پنجين صديءَ کان وٺي يارهين صديءَ جي آخر تائين موجوده سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل (جوڙجڪ) ٿي. انهيءَ عرصي کان اڳ واري دؤر کي سنڌ جي ٻوليءَ يا ’ٻولين وارو دؤر‘ سڏجي ٿو، پر سنڌي ٻولي، جنهن جي اسان کي علمي ڄاڻ آهي، اها اڄا ناپيد هئي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مٿي ڄاڻايل نظريي جو اپياس ڪجي ٿو ته ان ۾ هڪ وڏو جهول ۽ تضاد نظر اچي ٿو. مثال طور، سنڌي ٻوليءَ کي هڪ ئي وقت هند – آريائي ٻه ڪوٺي ٿو ته وري ان کي سامي صفت ٻولي ٻه قرار ڏئي ٿو، يعني ڏڙ ريڍو، سسي ٻاکري. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سميت ارنيسٽ ٽرمپ جي نظريي کي چئلينج ڪندي سراج الحق ميمڻ 1960ع ۾ هڪ مضمون لکيو، جنهن ۾ هن ڄاڻايو ته سنڌي ٻولي نه ڪي سامي صفت ٻولي آهي، نه ڪي سنسڪرت مان نڪتي آهي، پر سنڌي ٻولي، سنڌ جي ئي قديم ٻولي آهي.

3.1.5 سراج الحق ميمڻ جو نظريو

سراج الحق ميمڻ 1964ع ۾ ’سنڌي ٻولي‘ جي نالي سان ڪتاب لکيو هو، اُن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ ان جي پس منظر تي تحقيقي انداز ۾ لکيو.

سراج الحق ۾ سنڌي زبان بابت اڳ پيش ٿيل نظرين، مفروضن ۽ دليلن کي رد ڏنو آهي. خاص طور تي نبي بخش بلوچ جي پيش ڪيل نظريي کي چئلينج ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکيو هو ته: ”آثار قديمه مان مليل مواد ۽ معلومات جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي قديم ٻولي غالباً ڪا سامي زبانن جي ست مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو.“ جڏهن ڊاڪٽر بلوچ اهو مقالو 1959ع ۾ ٿماهي ’مهراڻ‘ ۾ ڇپايو هو ته ان جي جواب ۾ سراج الحق ميمڻ به هڪ مضمون لکيو هو. اهڙيءَ طرح لڳاتار ٻن ورهين تائين ٻن اسڪالرن وچ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي علمي بحث مباحثو ٿيندو رهيو. ڊاڪٽر بلوچ، ان وقت هڪ مڃيل عالم هو ۽ سراج الحق ميمڻ ويهن ورهين جو هڪ ڇوڪرو نوجوان هو. سراج الحق ميمڻ پنهنجي تحقيق ۾ رڳو قديم آثارن تي نه پاڙيو هو، پر دنيا ۾ رائج ٻولين جي لفظن جي جوڙجڪ جي اصولن، صرفي، نحوي ۽ صوتياتي ضابطن، آوازن ۽ اُچارن جي سچاڻپ جي باري ۾ تازن نظرين ۽ خيالن کي وڏي جاکوڙ ۽ ڏيان سان پڙهيو هو ۽ ان منجهان علمي ۽ اصولي بنياد تي سنڌي ٻوليءَ جي نظريي جي تعمير ڪئي هئي.

سراج الحق ميمڻ انهيءَ نظريي جو بنياد، سنڌي تمدن ۽ مهين جي دڙي جي اصلوڪي ٻولي يعني سنڌيءَ کي بنايو آهي. سراج الحق ميمڻ جي انهيءَ

نظريي تي پهرين اعتراض ڊاڪٽر لچمڻ داس خوبچنداڻيءَ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪيو.

ڊاڪٽر لچمڻداس خوبچنداڻي لکيو ته ”سراج پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ ۾ مهين جي دڙي مان مليل مهرن کي پڙهڻ جي دعويٰ ڪرڻ بعد ان تي لکيل ٻوليءَ کي جديد سنڌيءَ سان ملائيندي قديم سنڌي ٻولي قرار ڏنو آهي. حالانڪ قديم تحريرن جي ماهرن ان جي لکت جي معمي کي صحيح طور حل نه ڪيو آهي. سراج جي لکڻين ۾ گمراهه ڪن تصورات ذريعي جديد سنڌي لفظي ذخيري جي فونيشي ۽ سميري زبانن سان پيٽ ڪندي دعوي ڪئي آهي ته انهن قديم ٻولين تي سنڌيءَ جا گهرا اثرات موجود آهن.“ (هدايت پريم، 2007: 104)

ڊاڪٽر لچمڻداس خوبچنداڻي اهو به اعتراض اٿاريو ته سراج الحق ميمڻ جو اهو نظريو سمير تهذيب جي ماهر نوح ڪريمر جي قائم ڪيل راءِ تان آڌاريو ويو آهي، جنهن ۾ نوح ڪريمر سمير مان مليل تختين وارين لکڻين کي پڙهي، اهو نظريو پيش ڪيو هو ته: ”سميري تمدن جا انسان، جنهن دلمون ملڪ جي ساراهه مان ڊاپجن ئي نٿا ۽ باربار ان کي ديوتائن جو ملڪ چون ٿا، سو لاشڪ مهين جي دڙي وارو ملڪ هو.“ (نوح ڪريمر، 1960ع: ڊان اخبار)

ڊاڪٽر نوح ڪريمر اڳتي هلي لکي ٿو ته: ”ڪي عالم ”دلمون“ کي ايراني نار جي بحرين ڏانهن اشارو سمجهن ٿا، پر اهو غلط آهي، ڇاڪاڻ ته اُتي هاڻ يا قديم زماني ۾ هاڻيءَ جي وجود جو ڪو نشان ڪو نه ٿو ملي. ڊينمارڪ جا ڪيترا ’علم الانسان‘ جا ماهر، سالن کان بحرين جون کوٽايون ڪندي ٽڪجي پيا آهن ۽ هاڻ ان ڳولا کي ڇڏڻو پيو اٿن.“ (حوالو ساڳيو)

سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر خوبچنداڻي جي اعتراض کي هنن لفظن ۾ رد ڪري ٿو ته: ڊاڪٽر نوح ڪريمر جو اهو رايو منهنجي نظريي جي تائيد ڪري ٿو. مُهين جي دڙي مان لڌل مهرن ۾ ئي چار مهرون اهڙيون آهن، جن تي منهنجي پڙهڻيءَ موجب، ”ڪوٽ مون“، ”ڪوٽ ڏل مون“ ۽ ”ڪوٽ مهن“ لفظ اچن ٿا. منهنجي خيال ۾ مهين جي دڙي جي پوئين دور ۾ ٻئي يا ٽئي تهه واري ڪنهن شهر کي ”ڏل موهن“ يا ”ڏلمون“ سڏيندا هئا، جنهن کي سميرين 1800 ق.م ۾ ”دل مون“ (دلمون) سڏيو ٿو پاڻنجي.“ (سراج، 2009: 60)

سراج الحق ميمڻ جي پيش ڪيل انهيءَ نظريي تي ڊاڪٽر غلام علي الانا تنقيد ڪندي ”نئين زندگي“ جون 1965ع واري پرچي ۾ لکيو آهي ته : سراج الحق ميمڻ جو سنڌي جي بنياد وارو پيش ڪيل نظريو، جنهن جو سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاهر گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ويو آهي، سو ڪو نئون نه آهي،

پيرومل ۽ گنگارام سمراٽ اهڙيون ڳالهيون اڳ ۾ ئي ڪيون آهن. (الانا، 1965: 22-24)

هو وڌيڪ لکي ٿو ته: ”هن ڪتاب ۾ مفروضا توڙي دليل ۽ صوتياتي تبديل توڙي صرفي صوتي قيري گهيري جا اهڙا ظني جواز پيش ڪيا ويا آهن، جن ۾ اهوثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته موجوده سنڌي، سنسڪرت کان آڳاٽي سنڌو ماٽر جي قديم زبان آهي، جنهن مان سنسڪرت نڪتي آهي.“ (الانا، 1965: 24-22)

سراج الحق ميمڻ، جولاءِ 1965ع واري نئين زندگيءَ ۾ ڊاڪٽر الانا جي انهيءَ اعتراض ۽ تنقيد بابت تفصيلي جواب ۽ وضاحت ڏني. ”سنڌي ٻولي“، ڪتاب ۾ مون آرين جي وجود کان ئي انڪار ڪيو آهي، انڪري انهن جو سپت سنڌو ۾ موجود هجڻ يا نه هجڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. آءٌ آرين جو وجود کان ئي انڪاري آهيان ته پوءِ ڪاڪي پيرو مل ۽ منهنجي نظريي ۾ لاڳاپو ڪٿان آيو؟“ (سراج 1965: 22)

سراج الحق ميمڻ پنهنجي علمي تحقيق مان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان نه، پر سنسڪرت، سنڌي ٻوليءَ مان نڪتي آهي. پنهنجي اهڙي دليل کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ هن سنڌو سپيتا جي شروعاتي زماني جو جائزو ورتو آهي، جنهن مان هن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو مرڪز سنڌ هو جيڪا پوءِ پرپاسي جي علائقن ۾ پکڙي ۽ ان مان سنسڪرت سميت ٻيون ٻوليون به پيدا ٿيون. هن مهين جي دڙي مان هٿ ڪيل نشانين سان جيڪي لفظن جا اهجاڻ مقرر ڪيا، اهي لساني اعتبار کان مضبوط پئي لڳا. اهو ئي ڪارڻ آهي ته اڄ جڏهن آسڪوپرپولا جي سنڌو لکت جي پڇت جي حوالي سان ڪيل ڪم کي سراج الحق ميمڻ جي ڪم سان پيٽجي ٿو ته ٻنهي ڪمن ۾ ڪو ايڏو وڏو فرق محسوس نٿو ٿئي. سراج الحق ميمڻ آرين واري نظريي کي محض افسانو ۽ جرمن عالمن جو ذهني اختراع ٿو ڪوٺي. سندس تحقيق موجب، بابل، ۽ سمير، تهذيب جو سنڌي تهذيب تي ڪو به اثر ڪو نه ٿيو آهي، بلڪ بابل ۽ سمير جي تهذيب تي سنڌو تهذيب يعني مُهين جي دڙي ۽ هڙپا واريءَ تهذيب جا نمايان اثر نظر اچن ٿا، جا واپارين ۽ تاجرن جي معرفت اوڏانهن پهتي ۽ پکڙي هئي.

3.1.6 ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو رايو پين عالمن جي پيٽ ۾ بنهه مختلف آهي. هن سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل بابت پيش ٿيل سمورن نظرين کي رد ڪيو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا انهيءَ نظريي ۾ وڌيڪ واڌارا سڌارا آڻيندي مذڪوره ڪتاب جي نئين ڇاپي (2004ع) ۾ نئون مواد شامل ڪيو آهي. هن نئين ڇاپي ۾ عالمن جا وڌيڪ رايا ۽ وڌيڪ دليل پيش ڪري اهو واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته: سنڌي، هر طرح کان اڻ آريائي زبان آهي. هن ٻوليءَ جو بنياد سنڌو-ماڻر واريءَ تهذيب ۾ بيٺل آهي. موجوده سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد سنڌو ماڻر واري اها قديم ٻولي آهي، جيڪا هن ماڻر جا رهواسي، پنهنجي روزانو وهنوار، اٺڻي ويهڻي ۽ وڻج واپار جي ڏي وٺ ۾ روزانو ڪم آڻيندا هئا.

هو لکي ٿو ته:

"سنڌو ماڻر جا اهي لوڪ سندن تهذيب ۽ تمدن، هن وادیءَ ۾ ڪٿان ٻاهران لڏي آيل لوڪن جي تهذيب ۽ تمدن ڪانهي، پر هي ماڻهو، هن وادیءَ جا اصلوڪا ۽ بنيادي رهاڪو آهن. هنن ماڻهن ۽ سندن تهذيب ۽ تمدن، هن وادیءَ ۾ ئي جنم ورتو. سندن ٻولي هِن سرزمين ۾ ئي انهن لوڪن ۽ سندن سماج جي اوسر سان گڏ اپري، اسري، وڏي ويجهي. هن ماڻر جو اصلوڪو نالو سئنڌو/ سنڌو هو ۽ هن ماڻر ۾ رهندڙ لوڪن کي سئنڌوئي/سئنڌئي/ سنڌي سڏيندا هئا." (الانا، 2004: 28)

ڊاڪٽر الانا نئين ڇاپي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت مفصل لکيو آهي. سندس رايو آهي ته: سئنڌئي (سنڌي) ٻولي ڏارڏار ڏهن شاخن جي مدد سان سنڌو ماڻر جي ڏارڏار خطن ۾ ڳالهائي ويندي هئي، انهن مان هڪ شاخ سئنڌئي/ سنڌي سنڌوماڻر جي مرڪزي ۽ ڏاڪٽي حصي ۾ ڳالهائي ويندي هئي. ٻي شاخ، سنڌو ماڻر جي اترئين علائقي ۾، ڪشمير جي وادیءَ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. ٽين شاخ، داردي علائقي ۾ رائج هئي. چوٿين شاخ لهندي، جيڪا اڳتي هلي سرائيڪي، ملتاني،هندڪو، پوٺواري، شاهپوري ۽ ڏني وغيره لهجن ۾ ورهائجي ويئي. پنجين شاخ، اپرندي يعني لوٽل کان اڳتي يعني نرمندا ندیءَ تائين پکڙيل هئي. اها شاخ وري ٻن ٻولين ۾ ورهائجي ويئي. مثال طور بيڪانير، جيسلميري، ڊاٺڪي، ماروڙي، ميواڙي ۽ ٻيلي. ڇهين شاخ اتر – اوپر ۾ موجوده رياست هريانا ۾ بانگڙو، باگڙي وغيره جي روپ ۾ رائج آهي. ستين شاخ، ڏکڻ – اوپر واري سڏجي ٿي، جنهن ۾ پارڪري، گُجراتي ۽ سوراشٽري (ڪاٺياواڙي)، ڪچي وغيره ٻوليون شامل آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا جي انهيءَ نظريي جي چنڊچاڻ ڪندي ايم. ايڇ پنهور لکيو ته: اهو نظريو، بشپ ڪالڊويل (1875ع) جي نظريي تي بيهاريل آهي، جنهن ۾ بشپ ڪالڊويل چيو هو ته:

”دراوڙ ماڻهن جو واسطو غيرآريائي ست سان هو ۽ اهي ستين (Sethyian) خاندان منجهان هئا. جن جي ٻولي تواراني (Turanian) ٻولين جي ست سان واسطو رکي پئي. الانا سمجهي ٿو ته آريا جڏهن سنڌ ۾ آيا ۽ هڙپائي (Harappans) ماڻهن کي مات ڏنائون، تڏهن هڙپا وارن مان کي لڏي وڃي بلوچستان ۾ وينا ۽ بروهي (Brauhis) سڏيا وڃن ٿا.” (پنهور، 2010: 64)

ايم.ايڇ پنهور وڌيڪ لکي ٿو ته: ائين چوڻ ٺيڪ نه آهي ڇو ته هڙپا وارن کي آرين مات نه ڪيو هو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ 8 کان 9 سو ورهين جي وٿي آهي. بروهي قلات ۾ يارهين صديءَ دوران آيا، ان کان اڳ نه. بروهي، بلوچستان جي پيٽ ۾ افغانستان ۾ وڌيڪ (2 لک ماڻهو) آهن. هاڻي ته ان ڳالهه ۾ به شڪ ڪيو وڃي ٿو ته بروهڪي ڪا دراوڙي(Dravadian) ٻولي به آهي. (حوالو مٿي ڏنل)

3.1.7 جيرام داس دولترام جو نظريو

جيرام داس دولترام جي سڃاڻپ تاريخ ۾ هڪ سياستدان طور ٿئي ٿي. هو ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي ڪانگريس ڪاميٽي جي ’ٿمورتي‘ ۾ شامل هو. نئين دهليءَ ۾ 1957ع ۾ منعقد ڪيل آل انڊيا اورينٽئل ڪانفرنس ۾ سنڌي حصي جو صدارتي خطبو جيرامداس دولترام ڏنو، جنهن ۾ هن پنهنجو مقالو ’The Ancestory of Sindhi‘ پڙهيو. هن مقالي ۾ جيرامداس، وراڇڊ اپيرنش جي انهن خصوصيتن کي سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيتن سان تفصيل سان پيٽ ڪئي، جنهن جو ذڪر مارڪٽڊيه به ڪيو آهي.

جيرامداس دولترام جي نظريي مطابق: ڪا آڳاٽي ٻولي هئي، جيڪا ويدن واري زماني کان اڳ سنڌي ماٿري جي هيٺئين حصي جا ماڻهو ڳالهائيندا هئا. ان مان موجوده سنڌي ٻولي اُسري نسري آهي، جيڪا قديم سنڌيءَ جي روپ ۾ ثانوي پراڪرت جي حيثيت رکي ٿي. (خوبچنداڻي، 1969: 217)

جيرام داس ان نتيجي تي پهتو آهي ته سنڌيءَ جا اڪثر لفظ ۽ نحوي بناوتون مارڪٽڊيه جي ڏنل وراڇڊ اپيرنش مان نڪتل نه آهن، تنهنڪري پشل، گريئرسن جي ان را ۽ ڪي جيرامداس دولترام قبول نه ٿو ڪري ته سنڌو ماٿري جي هيٺئين حصي يعني سنڌ جي مقامي ماڻهن جي ٻولي وراڇڊ هئي ۽ سنڌي ٻولي وراڇڊ مان ڦٽي نڪتي آهي.

3.1.8 جان ايڊورڊ مچينر جو نظريو

سنڌو لکت جي سلسلي ۾ جان ايڊورڊ مچينر جو حوالو سندس تحقيقي ڪتاب "سنڌو ماڻريءَ جي لکت جو اڀياس" (Studies in the Indus valley iscriptions) ۾ ملي ٿو، جيڪو 1978ع ۾ اوڪسفرڊ يونيورسٽيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان ڪتاب ۾ مچينر لکي ٿو:

"سنڌ جي مُهرن ۾ لکيل هڪ امڪاني ٻولي سميري به آهي. قديم آثارن جي کوٽاين ۽ کوجنائن وسيلي اهڙيون شاهديون ضرور مليون آهن ته سنڌ ۽ سمير جا واپاري واسطا ۽ ناتا قائم هئا. . . سنڌو سڀيتا سان لاڳاپيل مُهرون ميسوپوٽيميا مان به لڌيون ويون آهن، جنهن مان پڻ هن حقيقت جي پڌرائي ٿئي ٿي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپاري ناتا قائم هئا. ايراني نار مان هٿ آيل مُهرن مان پتو پوي ٿو ته ان ملڪ جي واپاري ڏيتي ليتي سنڌ جي شهرن: لوٿل ۽ مهين جي دڙي سميت مڪران، ڏکڻ ايران، بحرين ۽ سمير سان هلندي هئي. . . سمير جي تجارتي لکتن ۾ ميلوها جو ذڪر ملي ٿو. ماهر جو چوڻ آهي ته اهو اشارو سنڌ ڏانهن آهي." (مچينر، 2012: 23)

اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌو سڀيتا جي اثر بحرين کي پنهنجي پاڪر ۾ پري ورتو هو.چاڪاڻ ته بحرين ۾ تور (ماپ) جا وَٽَ سمير جا نه، پر سنڌ وارا ڪتب آندا ويندا هئا. توڙي جو سنڌ جي پيٽ ۾ بحرين کي سمير وڌيڪ ويجهي به هئي، تنهنڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌو سڀيتا جو اثر، ان سڀيتا جي سرحدن کان گهڻو پري پري تائين به قائم هو.

جان ايڊورڊ مچينر ذڪر ڪيل دڙن مان مليل مهرن ۾ استعمال ٿيل نشانين جا ملهه به مقرر ڪيا آهن. اهڙيءَ ريت هن سنڌو ۽ براهمي لکتن جي هڪجهڙائين جي پيٽ به ڪئي آهي، جنهن جي بناءَ تي سندس نظريو بيٺل آهي.

9. ڊاڪٽر آسڪوپرپولا جو نظريو

سنڌو تهذيب، سنڌو لکت ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت ڊاڪٽر آسڪوپرپولا جون خدمتون نظر اچن ٿيون. هن 1975ع ۾ ڪوٽايل پهرئين عالمي ڪانفرنس " سنڌ صدين کان" ۾ سنڌو لکت بابت پنهنجا ويچار وڌيا هئا. ۽ گڏوگڏ لکت جي پاڇ (Decipherment) تي ٿيندڙ تحقيق کان عالمي اسڪالرن کي آگاهه پڻ ڪيو هو. سندس مقالي جو موضوع هو: 'Recent Developments in the Study of Indus Script' اهو مقالو بعد ۾ 'Sindh through the Centuries' جي نالي سان 1981ع ۾ شايع ٿيو.

ان کان پوءِ ڊاڪٽر پرپولا باقاعده سنڌ ۾ ايندو رهيو ۽ هن ڪيئي پيرا مهين جي دڙي جي سروي ۽ وڙڻ به ڪئي. سندس ٻن مکيه ڪمن کي عالمي سطح تي مڃتا ڏني ويئي آهي:

1. سنڌو تهذيب سان لاڳاپيل مهرن (Seals) جي عالمي معيار مطابق ترتيب (Universal Classification of Indus Valley Seals)
2. سنڌو لکت جي پاڇ (Deciphering the Indus Script)

آسڪوپرپولا مهين جي دڙي مان هٿ آيل مهرن ۽ برتنن وغيره تي اڪريل تصويري نشانين (Pictographic Signs) جا ملهه طئه ڪري سنڌو لکت جي پڇڻ جي دعويٰ ڪري ٿو. ان آڌار هو چوي ٿو ته: " سنڌي ٻوليءَ جو لاڳاپو دراوڙي نسل جي ٻولين سان آهي. جيئن ته قدامت جي لحاظ کان سنڌي ٻولي گهڻو اوائلي آهي، ان آڌار چئي سگهجي ٿو ته دراوڙي نُڪَ جو ٻيون ٻوليون، ان مان اسريون."(آسڪوپرپولا، انڊس اسڪرپٽ)

ڊاڪٽر آسڪوپرپولا دراوڙي نسل جي ٻين مک ٻولين- تامل، تيليگو، ڪنڙي وغيره جو ماهر هجڻ ناتي، انهن ٻولين جي ڏاتن(Roots) جي پيٽ سنڌي ڏاتن سان ڪمپيوٽر وسيلي ڪري ٿو.

3.1.10 ايم . ايڇ پنهور جو نظريو

ايم. ايڇ پنهور(محمد حسين پنهور) سنڌي زبان جي اصل خاندان ۽ ارتقاء بابت هڪ نئون نظريو پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ کي قديم هند-يورپي مان جنم ورتل قرار ڏنو آهي. هو پنهنجي هڪ انگريزي مضمون 'Language of Sindh,From Rise Amri upto fall of Mansura' ۾ لکي ٿو ته:

"قديم هند-يورپي ٻوليءَ مان قديم هند-آريائي ٻولي نڪتي، جنهن مان قديم هندي نڪتي، جنهن تي دراوڙي اثرات ٿيا. جنهن بعد تمام آڳاٽي سنڌي جُڙي، جنهن تي 1000 ق.م کان 600 ق.م ۾ رگ ويدي سنسڪرت جا اثرات مرتب ٿيا. 600 ق.م کان 500 ق.م ۾ پوئين دؤر واري سنسڪرت جا اثرات پيا. تنهن بعد آرميائي ۽ پهلوي (قديم ايراني ٻولي) جا اثرات 500 ق .م کان 400 ق.م ۾ پيا. پاليءَ جا اثرات 325 کان 187 ق.م ۾ پيا. پالي ۽ يوناني جا گڏيل اثرات 87 ق .م کان 283ع تائين پيا. تنهن بعد پهلوي جا اثرات 283ع کان 356ع تائين پيا. تنهن بعد قديم سنڌيءَ جو جنم ٿيو. جنهن سان 356ع کان 711ع تائين سنسڪرت جو ميل ميلاپ رهيو. 711ع کان 1011ع تائين عربي ۽ سنسڪرت جو گڏيل اثر ٿيو، جنهن بعد وچئين دور واري سنڌي ٻولي وجود ۾ آئي، جنهن جو عرصو 1011ع کان 1315ع تائين آهي. 1315ع کان 1600ع تائين فارسي جا اثرات ٿيا. جنهن بعد

ڪلاسيڪي سنڌي ٻولي ٻڌي. فارسيءَ جا اثرات 1843ع تائين ٿيندا رهيا، جنهن سبب 19هين صديءَ جي وچ واري سنڌي ٻولي وجود ۾ آئي. جڏهن ته انگريزي ۽ فارسيءَ جا گڏيل اثرات 1843ع کان 1947ع تائين پيا، جنهن بعد 'جديد سنڌي ٻولي' وجود ۾ آئي." (پنهور، 1988ع: 36-24)

ايم.ايڇ پنهور جي نظريي مطابق: سنڌي زبان،ڪڇ، لس ٻيلي، سبي ۽ رحيم يار خان ضلعي ۾، ۽ راجستان جي ڪجهه حصن ۾ يعني ٻاڙمير جي اولهه ۾، ۽ جيسلمير ۾پڻ ڳالهائي ويندي آهي. سرولي (سرائڪي نه)، لاڙي، ڪڇي ۽ ٿاريلي، سنڌي ٻوليءَ جا لهجا آهن.

3.2 پيش ٿيل نظرين/راين تي محبت برڙي جو تجزيو – هڪ تنقيدي اڀياس

سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل بابت ٻين عالمن سميت سراج الحق ميمڻ جو نظريو به پيش ٿيو هو. ان جي موافقت ۽ مخالفت ۾ ڪيئي علمي، تحقيقي، تنقيدي مقالا لکيا ويا. انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عالم گنگا رام سمراٽ جو نالو به نمايان آهي. گنگارام سمراٽ، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت سراج الحق ميمڻ جي نظريي کي چئلينج ڪيو. محبت برڙي پنهنجي ڪتاب "اڇو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون" ۾ انهن ٻنهي عالمن جي خيالن ۽ راين جو تجزيو ڪيو آهي.

محبت برڙو، سنڌي ٻوليءَ جي اُچارن، لفظن، صوتين توڙي ويا ڪرڻي صورتن، گردانن ۾ اهڙيون خصوصيتون ڳولي لڌيون آهن، تنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته صدين جي سفرنامي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجون اصلوڪيون خصوصيتون نه وڃايون آهن. محبت برڙو ڪنهن به ٻوليءَ کي پنهنجي سڀيتا جو عڪس ۽ اولڙو سمجهي ٿو ۽ پنهنجي تجزيي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين ۾ ملندڙ ڏاتو/لِڪُ/ جون ڪي 207 صورتون ڇاڻايون آهن، جيڪي سندس ڪتاب 'اڇو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون' ۾ "سگهڙ ٻولي" جي عنوان سان 123 صفحي کان 127 صفحي تائين، اڀياس هيٺ آيل آهن.

حوالا

1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1965ع) سنڌي زبان جا چند مسئلا (مضمون)، ايڊيٽر: عبدالواحد سنڌي، ماهوار نئين زندگي، جون 1965ع، حيدرآباد: محڪمه اطلاعات، حڪومت سنڌ.

2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1974ع) سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز.
3. آڏواڻي، پيرومل. مهرچند [1956]. (1998)، سنڌي ٻوليءَ جي تايخ (ڇاپو پنجون)، ڄام شورو / حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
4. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (1999ع) سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڄام شورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر، يونيورسٽي آف سنڌ.
5. ٻرڙو، محبت (2000ع) اچو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون، (ڇاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
6. پريم، هدايت، ڊاڪٽر (2007ع) سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ انهن جي تحقيق (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
7. پنهور، ايم. ايڇ (2010ع) آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي، مترجم: ڊاڪٽر محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
8. سمراٽ، گنگارام (1995ع) استدلال جو اهو طريقو غلط آهي(مقالو)،ايڊيٽر: ماهوار "سنڌ سڃاڻ" آگسٽ،26-22، 66 ڪراچي ، بحواله- اچو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون، ليکڪ: محبت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
9. مچينر اي. جان، (2012ع)، سنڌو ماڻريءَ جي لکت جو اپياس، (ڇاپو پهريون)، سنڌيڪار: عطا محمد پنهرو، ڪراچي: آرڪائيز ڪاتو، حڪومت سنڌ.
10. ميمڻ، سراج الحق (1964ع) سنڌي ٻولي (ڇاپو پهريون)، پيش لفظ، 4، حيدرآباد سنڌ: عظيم پبليڪيشن.
11. ميمڻ، سراج الحق (1965ع) سنڌي زبان جا چند مسئلا (مضمون)، ايڊيٽر: عبدالواحد سنڌي، ماهوار نئين زندگي، جولاءِ 1965ع، حيدرآباد: محڪمه اطلاعات، حڪومت سنڌ.
12. Asko parpola- Indus Script, Website.
13. Grierson, G.A, 1919: Linguistic Survey of India, vol: viii, part-I.
14. Khubchandani, Lachhman (1969), Current trends in Linguistics- Sindhi.
15. Panhwar, M.H, 1983: Languages of Sindh, from rise of "Amri up to fall of Mansura, book: Cultrul Heritage of Sindh". Ed. Dr. A Jabbar Junejo & M. Qasim Bughio
16. Shirt, George, 1878, "Traces of Dravidian Element in Sindhi, The Indian Antiquaary, vol, II, December 1878.
17. Trump. E. Dr. 1872: A German of Sindhi language Introduction, Lepzig, F.A, Brokhans, P.1. Journal of Royal Asiatic Society.

سنڌي صوتيات ۾ ٿيل ڪم ۽ اُن ۾ محبت پرڙي جو حصو

4.1 صوتيات – معنيٰ، وصف، اصول ۽ اهميت

4.1.1 معنيٰ ۽ وصف

'صوتيات' بن لفظن – 'صوت' ۽ 'يات' جو جوڙ (Affix) آهي. هن لفظ جي نسل ۽ معنيٰ ڄاڻڻ بابت مختلف لغتن جو اڀياس ڪرڻ لازمي آهي.

- 'جامع سنڌي لغات' (جلد چوٿون) مطابق: "صوت: ذ. (ع.صوت = آواز ڪرڻ) آواز – صدا – ندا – بانگ." (بلوچ، 2007: 202)
- ڪريم اللغات (اردو) مطابق: "'صوت' = 'آواز'" (كريم الدين، ؟: ؟)
- فيروزاللغات جديد (اردو) موجب: "صوت (ع – ا – مث) آواز – صدا. 'صوتيات' (صو – تِي – يات) (ع – ا – مث) وہ علوم و فنون جو آواز سے تعلق رکھتے ہيں۔" (فيروز سنز، ؟: ؟)
- المنجد (عربي – اردو لغت) مطابق: "اَلصَوت: آواز – ہر قسم کا راگ – ج اَصْوات – نحويوں کے نزديک اسمائے اَصوات وہ ہيں کہ جن سے کسی آواز کی حکايت کی جائے، جيسے پتھر پر پتھر کی آواز کے لئے 'طق' اور يا جن سے جانور وغيرہ کو آواز دی جائے يا ڈانٹا جائے، جيسے گھوڑے کے لئے 'هَلا' اور خچر کے لئے 'عَدَس'. اور يا تعجب کے لئے جيسے 'وَی' يا اظہارِ درد کے لئے جيسے 'اُح': يا اظہارِ حسرت و افسوس کے لئے جيسے 'آہ'۔" (معلوف، ؟: ؟)

اوڪسفرڊ انگلش – سنڌي ڊڪشنري مطابق: "Phonology – اسم صوتيات، ڪنهن ٻوليءَ جي اُچارن يا آوازن جو مطالعو." (ابڙو، 2010: 1306)

مٿي ڄاڻايل مختلف لغتن جي اڀياس کان پوءِ معلوم ٿيو ته 'صوتيات' دراصل عربي النسل لفظ آهي، جيڪو عربي ذاتو 'صوت' (Phone) مان ورتل

آهي، اُن جو مطلب آهي – ’آواز‘ ۽ ’ات‘ (Logy) پڻيان لڳايل پڇاڙي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – ’علم‘ يا ’ڄاڻ‘. جيئن: دينيات، سماجيات، اقتصاديات، اخلاقيات، مذهبيات وغيره. ان طرح ’صوتيات‘ جي پوري معنيٰ هن طرح نڪري ٿي: ”اهو علم، جنهن جو تعلق آواز سان هجي.“

انگريزي لغتن ۾ ڪتابن ۾ ’علم صوت‘ يا ’صوتيات‘ لفظ لاءِ ”فونولاجي“ (Phonology) اصطلاح/ لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ، هيڻين انگريزي لغتن ۽ ڪتابن جي اپياس ۽ ريسرچ ڪرڻ کان پوءِ معلوم ڪري سگهبي.

”بولي، اظهار جو اهڙو وسيلو آهي، جنهن کي جدا جدا نمونن ۾ ورهائي ٿو سگهجي. اهو جن پاڻ ۾ ورهائي ٿو سگهجي، انهن مان هر هڪ کي ’مونيم‘ (Moneme) ٿو چئجي. انهيءَ ’مونيم‘ ۾ بوليءَ جي معنيٰ وارو مواد به هوندو آهي ۽ ان جي صوتياتي صورت به هوندي آهي. انهيءَ صوتياتي صورت کي وري جن جزن ۾ ورهائي ٿو سگهجي، انهن کي ’فونيم‘ چئجي ٿو. فونيمن جو تعداد بوليءَ ۾ مقرر ٿئي ٿو ۽ انهن جي نوعيت ۽ هڪ ٻئي سان واسطيداري به جدا جدا ٿئي ٿي.“ (آندري، 1962: 26)

مٿي پيش ڪيل حوالن جي اپياس کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو، ته هن علم جو تعلق، آوازن سان آهي. آواز هلڪا به ٿين ٿيا ته ڳرا به، صاف به ٿين ٿا ته گهُٽا يا نڪاوان به. پيش ڪيل مواد مان اها به خبر پوي ٿي، ته بوليءَ جا ظاهري ۽ باطني ٻه پهلو ٿين ٿا، جن جو تعلق آوازن سان ئي آهي. انهن ٻنهي جو لاڳاپو علم طبعي (Physics) ۽ علم بدن (Physiology) سان آهي. انڪري، بولين جي آوازن جي مطالعي لاءِ علم طبعي ۽ علم بدن جو سهڪار گهربل آهي.

هن علم جي مدد سان نه رڳو ڪنهن به بوليءَ جي هر هڪ آواز ۽ انهن آوازن جي مخرج جو جائزو وٺي سگهجي ٿو، پر ڳالهائڻ دوران جيڪي عضوا ڪم ڪن ٿا، انهن جي باري ۾ به ڄڻيءَ طرح جائزو وٺي سگهجي ٿو. جيئن بولي ماهرن - بلاخ ۽ ٽرئگر لکيو آهي ته: ”هن علم جي معاونت سان، اهو سمجهائي سگهجي ٿو ته ڪنهن به نئين يا خاص آواز جي ڪيڏ وقت، ڳالهائڻ جي عضون جو ڏول ڪهڙو ٿي سگهي ٿو.“ (بلاخ ۽ ٽرئگر، 1942: 13، 12)

برطانيا جي ماهر لسان فرٿ (Firth) به صوتيات کي علم اللسان جي شاخ سڏيو آهي. هو پنهنجي تصنيف ’Papers in Linguistics‘ (1934-57) ۾ لکي ٿو ته: ”علم صوت، ڳالهائڻ جي آوازن جو علم آهي.“ (فرٿ، 1957: 30)

انساني بوليءَ سان تعلق رکندڙ آوازن تي هن وقت تائين سائنسي طرز تي ڪافي کوجنا ٿي چڪي آهي. گويا هي علم هاڻي ’سائنسي علم‘ ٿي چڪو آهي. تنهنڪري، ’علم صوت‘ کي هاڻي ڪيترين ئي ٻين شاخن ۾ ورهايو ويو

آهي، ۽ اهن سمورين شاخن جا دائرا ۽ حدون به متعارف ڪيون ويون آهن. پروفيسر علي نواز جتوئي اُن بابت لکي ٿو ته:

ٻوليءَ جي آوازن جو مطالعو هينئر علمي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. هن علم کي "علم آواز" (Phonetics) سڏيو وڃي ٿو. ان ۾، ٻولين ۾ ڪم ايندڙ آوازن جو پورو پورو جائزو ورتو وڃي ٿو ۽ آوازن جي نوعيت، ادائگي، تقسيم ۽ مخرج جي به جاچ پڙتال ڪئي وڃي ٿي. انهن آوازن جي لساني ڪاروائي ۽ سٽاءَ وري علم صوتيه (Phonemics) جي ذريعي بيان ڪئي وڃي ٿي. تنهنڪري، صوتيات جون ٻه مکيه شاخون آهن: هڪ 'علم آواز' (Phonetics) ۽ ٻي 'علم صوتيه' (Phonemics). انهن ٻنهي کي گڏي 'صوتيات' چئجي ٿو." (جتوئي، 1983: 35)

هن سائنسي علم مطابق، لفظ مختلف ننڍن جزن يعني آوازن (صوتين) مان جُڙن ٿا ۽ اُهي مختلف صوتيا گڏجي لفظ ۽ پد جوڙين ٿا.

4.1.2 اصول

1. ٻولي بامقصد آوازن جي ترتيب

ٻولي، آوازن جو هڪ گڏيل ۽ خوبصورت سنگم آهي. اهو سنگم، آواز جي ترتيب ۽ سنوت سان جُڙي ٿو. آوازن جي ترتيب سان انساني ذهن ۾ ڪو نه ڪو تصور ۽ خيال جنم وٺي ٿو. انسانن کان علاوه ٻيا ساهوارا جانور، پکي پکڙ ۽ جيت جڻا وغيره به پنهنجي مخصوص آوازن، ڪُوڪُن، سرڙاٽن ذريعي هڪ لحاظ کان پاڻ ۾ گفتگو ته ڪن ٿا، پر سندن اهو عمل، ڪنهن ترتيب، سرشتي يا اصول جي صورت ۾ موجود نه آهي. سندن اهڙيون ڪُوڪُون، سرڙاٽ ۽ آواز، هنن جي جبلتن ۽ عادتن جي پُورائي لاءِ هڪ اهڃاڻوي بنياد فراهم ته ڪن ٿا، پر ٻوليءَ کي جنم نٿا ڏين، ڇو ته انهن وٽ اهڙا ڪي به اصول ۽ قاعدا موجود نه آهن، ۽ اُهو انهن لاءِ ممڪن به نه آهي، ڇو ته هي عمل، رڳو انسان جي وس هيٺ آهي، ڇو ته انسان جي دماغ ۾ شعور، عقل ۽ پُرجهه جو عنصر موجود آهي، پر ٻين ساهوارن ۾ ائين نه آهي. شعور جي معنيٰ آهي – تصور ۽ خيال ڪرڻ جي سگهه ۽ ادراڪ، پنهنجي ترقي ۽ واڌاري لاءِ جدوجهد ڪرڻ، خواهش ڪرڻ، امنگ ڪرڻ، پنهنجي ۽ ٻين جي ٻُري پلي جي پروڙ ۽ پرجهه رکڻ، هڪ ٻئي جو ضروري طرح ساٿ ڏيڻ، هڪ ٻئي سان بهتر ورتاءُ رکڻ. اهڙو شعور رڳو ئي رڳو انسان وٽ آهي ۽ سندس اهڙي شعور، ٻوليءَ کي به پيدا ڪيو آهي. اهو ئي فرق، انسان کي ٻين ساهوارن کان الڳ ۽ ممتاز بڻائي ٿو.

2. انساني آوازن کي سمجهڻ

صوتيات، انساني شعور مان قُٹل هڪ اهڙو نظام ۽ قاعدو آهي، جنهن جي مدد ۽ سهڪار سان ڳالهائڻ جي آوازن ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين عنصرن جو چگيءَ ريت اڀياس ۽ عملي جائزو وٺي سگهجي ٿو. ڳالهه ٻولهه دوران مختلف آوازن جي مناسب استعمال سان انهن آوازن جو سماجي ڪارج جُڙي ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

"گفتگو واري ٻولي '(Spoken language)'، آوازن جي متواتر (Succession of sounds) مان ٺهي ٿي. اهي (متواتر)آواز، پنهنجن شاخن سميت، ڳالهائڻ جي عضون (Organs of speech) جي مدد سان اچاريا ويندا آهن ۽ اُهي (متواتر آواز)، 'ڳالهاءَ جي آوازن' (Speech sounds) ۽ آوازن جي گهڪي (Glides) مان ٺهندا آهن." (الانا، 2017: 49)

هيءَ ڳالهه اهم آهي، ته ٻولي ڳالهائيندڙ پهريان ٻوليءَ جي آوازن کي سمجهي، نه ته هو آوازن ۾ فرق نه ڪري سگهندو. فرق نه ڪري سگهڻ سان ٻوليءَ جي سموري نظام کي سمجهڻ هن لاءِ ڏکيو ٿي پوندو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا وڌيڪ لکي ٿو ته:

"ڪنهن به ٻوليءَ جي سکڻ لاءِ اول، اُن ٻوليءَ جي ويڪرڻ، سکڻ يا اُن ٻوليءَ جي لغت مان لفظن جي لڙهين ۽ سنگهرن جي ياد ڪرڻ جي ضرورت نه آهي، پر سکندڙن لاءِ اِهو ضروري آهي ته هو پهرين اُن ٻوليءَ جي ڏار ڏار آوازن کي سڃاڻن. . . سکندڙن کي اُهي آواز ائين اچارڻ گهرجن، جيئن مقامي ماڻهو، اُهي آسانيءَ سان سمجهي سگهن." (الانا، 2017: 49)

3. آوازن جو سائنسي طرح جائزو وٺڻ

هن علم جي مدد سان، هر آواز ۽ اُن آواز جي مخرج (Point of Articulation) جو چگيءَ طرح جائزو وٺي سگهجي ٿو. هن علم جي معرفت اهو ڄاڻي سگهجي ٿو ته ڪهڙن ڪهڙن آوازن کي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا عضوا ڪم اچن ٿا ۽ انهن جي اُچارڻ جو اصول يا طريقو ڪهڙو آهي. هن علم جي ذريعي نه فقط مفرد آوازن ۽ اُن جي اُچارن جي ڄاڻ پوي ٿي، پر ڏار ڏار لفظن (مفرد، مرڪب، مرتب) ۾، ڏار ڏار آوازن جي استعمال ۽ انهن جي ورڇ جي به سُڌ پوي ٿي. مثال طور اها خبر پوي ٿي ته ڪهڙا ڪهڙا آواز، لفظن جي مُنڍ (Initial position) ۾ ڪم اچن ٿا، ڪهڙا ڪهڙا آواز، لفظن جي وچين صورت (Medial position) ۾، ۽ ڪهڙا ڪهڙا آواز، لفظن جي آخري صورت (Final position) ۾ ڪتب اچن ٿا.

ان کان علاوه اها به خبر پوي ٿي ته کهڙا کهڙا آواز، گڏيل يعني مرکب صورت ۾ اُچاري سگهجن ٿا، ۽ کهڙا کهڙا آواز، گڏي اچاري نٿا سگهجن. ان کان سواءِ، اها به معلومات ملي ٿي ته کهڙن کهڙن آوازن جو مرکب اُچار ممکن نه آهي.

4.1.2.1 آوازن جي اپياس جا قاعدا ۽ قانون

ماهرن جي راءِ موجب، انساني آوازن جي اپياس لاءِ ٿي اصول يا قاعدا آهن:

1. تلفظ يعني اُچارن وارو قاعدو
2. هوائي لهرن وارو قاعدو
3. سماعت يعني سڌ وارو قاعدو

پروفيسر علي نواز جتوئي انهن قاعدن يا اصولن بابت لکي ٿو ته:

"هُولين جي آوازن کي ٽن لحاظن کان اپياس هيٺ آڻي سگهجي ٿو: هڪ تلفظ يعني اُچارن جي لحاظ کان، ٻيو هوائي لهرن جي لحاظ کان ۽ ٽيون سماعت يعني سڌ جي لحاظ کان." (جتوئي، 1983: 36-35)

ماهرن جي راءِ مطابق، مٿين انهن ٽنهي قاعدن يا اصولن مان اُچارن وارو قاعدو ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڪارائتو آهي، ڇو ته هن قاعدي موجب، آوازن جو باريڪ بينيءَ سان جائزو ۽ چيڪ ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن عمل سان عضون جي ڇُرپر کي مشاهدي هيٺ آڻي سگهجي ٿو.

'اُچار' جي تعريف، ڊاڪٽر غلام علي الانا هن طرح ڪئي آهي ته:

"ڳالهائڻ جا آواز (Speech sounds) ڳالهائڻ جي عضون جي جسماني تحرڪ (Bodily motion) جي مدد سان پيدا ٿين ٿا. انهيءَ تحرڪ کي 'اُچار' (Articulation) چئبو آهي." (الانا، 2017: 55)

"علم صوتيات جي مدد سان اُچار سکڻ مان، چڱا ۽ ڪامياب نتيجا نڪتا آهن. درست اُچار ڪرڻ لاءِ علم صوتيات جي تربيت ضروري آهي. ان لاءِ هيٺيون ڳالهيون (اصول) لازمي آهن:

(i) ڪنن کي تربيت ڏيڻ (Ear-training)

(ii) ڳالهائڻ جي عضون جي مشق ڪرڻ،

(iii) گڏيل آوازن (Clustered sounds) ۽ آوازن جي ميل (Sequences of sounds) ۽ ساڳين آوازن جي ميل جي ڊيگهه (Length)، زور (Stress) ۽ جهيلار (Intonation) جي مدد سان جملن اندر لفظن جا درست اُچار ڪرڻ.

"ڳالهائڻ دوران هوائي لهرون وات اڳيان پيدا ٿيندیون آهن، انهن کي سمجهڻ دشوار ٿيو پوي، اُن لاءِ علم طبعي (Physics) ۽ علم رياضي (Mathematics) کان مدد ونڻي پوندي آهي، پر اُن کي سڀڪو سمجهي نٿو سگهي. ان هوندي به اسپيڪٽروگرافي ۽ ڪِمو گرافي جي ذريعي آوازن جي لهرن کي گراف يعني ليک سازيءَ جي صورت ۾ آڻي، سندس نوعيت کي جاچيو وڃي ٿو." (جتوئي، 1983: 36)

سماعت يعني سڻڻ جي اعتبار کان آواز ان طرح معلوم ٿين، جيئن اُهي اچارجن ٿا، پر اُن لاءِ بار بار ٻڌڻ جي مشق ڪرڻ بيحد ضروري آهي. هر انسان ننڍپڻ کان ونڊي پنهنجي مادري زبان جي آوازن جي مشق ڪندو رهي ٿو ۽ هو روزمرهه جي مستعمل آوازن کڍڻ جو پڻ هيراڪ آهي، پر اُن جي پيٽ ۾ ٻين ڏارين ٻولين جي آوازن کي اُچارڻ ۽ سمجهه ۾ ان کي ڏُشواري محسوس ٿئي ٿي. اُن لاءِ ٻڌڻ جي مشق (Ear-Training) بيحد لاڀائتي سمجهي وڃي ٿي.

روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪافي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي مادري زبان جي اُچارن ۾ غلطيون ڪندا آهن، جيڪڏهن اُهي ماڻهو پنهنجيون غلطيون سڌارڻ چاهين، ته اُهي علم صوتيات جي اصولن کي ڪتب آڻي سگهن ٿا. عام طور تي اهي غلطيون ماڻهوءَ جي ٻن عيبن تي مدار رکن ٿيون: (1) ڳالهائيندڙ ۾ طبعي خاميءَ سبب، (2) ڪنهن عادت سبب. انهن ٻنهي عيبن سڌارڻ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر الانا لکي ٿو ته:

"ٻئي قسم (عادت سبب) وارا عيب، گهڻن ئي ماڻهن ۾ ڏٺا ويا آهن. . . انهن کي گهرجي ته پرڏيهي ماڻهن وانگر، انهن آوازن جي اُچار ڪرڻ جي مشق ڪن. . . پهرئين قسم (طبعي خامي) واري عيب لاءِ علم صوتيات جي هڪ خاص شاخ ايجاد ڪئي ويئي آهي، جنهن کي ڳالهائڻ جي ورزش (Speech therapy) چوندا آهن." (الانا، 2017: 53)

سڻڻ جي لحاظ کان لساني آواز جي اڀياس جو مقصد، انهن جي اُچارن کي صحيح طور بيان ڪرڻ آهي. ان کان سواءِ، هِن جو ڪو ٻيو مقصد نه هوندو آهي. هوائي لهرن جي اعتبار کان سندن اڀياس جو مطلب، اُنهن باريڪين کي جاچڻ ۽ سمجهڻ، جي ٻيءَ طرح مشڪل سان معلوم ڪري سگهجن ٿيون يا بنهه ڪري نٿيون سگهجن.

4.1.2.2 لساني آوازن جي پيدا ٿيڻ جو طريقو

آوازن کي مشاهدي ۽ اڀياس ذريعي سمجهڻ کان پوءِ ٻيو مرحلو – آوازن جي پيدا ٿيڻ جو آهي. هن عمل دوران اِهو مشاهدو، اڀياس هيٺ آندو ويندو آهي، ته لساني آواز ڪيئن پيدا ٿين ٿا، يعني انهن جي پيدا ٿيڻ ۾ ڪهڙا عضوا حرڪت ۾ اچن ٿا. آواز جي پيدا ٿيڻ ۽ انهن کي سمجهڻ ۾ علم بدن (Physiology) معاونت ڪري ٿو. آواز پيدا ڪرڻ ۾ جيڪي عضوا حرڪت ۾ اچن ٿا، اُهي آهن: چپ، ڏند، زبان، مهارون، تارون، وات جو کوپو، ڪاکڙو، نڙي، نڙگهٽ، ڦڦڙ، پيٽ ڇهه وغيره. هنن سمورن عضون کي گڏي ’ڳالهائڻ جا عضوا‘ (Organs of speech) چيو وڃي ٿو.

ڳالهائڻ دوران جيڪي بدن جا عضوا، اُچارڻ وقت استعمال ٿين ٿا، عالمن انهن کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي: (1) اُچاريندڙ (Articulators) ۽ (2) مخرج (Point of articulation). اُهي عضوا جيڪي چُرپُر ڪري سگهن ٿا، ۽ هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تائين والار ڪري سگهن ٿا، اُهي ٽيا – اُچاريندڙ. اُهي جڳهيون يا هنڌ، جن کي اچاريندڙ (Articulators) عضوا چُهن ٿا يا انهن جي ويجهو گذرن ٿا، اُهي ٽيا – مخرج (Point of Articulation).

ڳالهائڻ جي عضون بابت مفصل احوال، سنڌي ٻوليءَ جي ٻن عالمن – پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا جي تصنيفن – ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ ۽ ’سنڌي صوتيات‘ ۾ ملن ٿا.

لساني آوازن جي ٺهڻ وارن طريقن جي مشاهدي ۽ اڀياس لاءِ ضروري آهي ته انساني آوازن ۽ مختلف سازن سرودن مان پيدا ٿيندڙ آوازن وارن طريقن جي پاڻ ۾ پيٽ ڪجي.

”ٻنهي حالتن (طريقن) ۾، آواز کي روڪڻ ۽ اُن جي ’لنگهه‘ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪرڻ سان، آواز ۾ ڌار ڌار خصوصيتون پيدا ڪري سگهبيون آهن. انسان جي گفتار يا ڳالهاڻ ۾ نرم تارونءَ (Soft palate) کي هيٺ يا مٿي ڪرڻ، يا هوا جي لنگهڻ وقت، اُن جي لنگهه ۾ ’گهُٽ‘ يا ’کُل‘‘ پيدا ڪري، ڌار ڌار خصوصيتن وارا آواز – يعني گهُٽيل، کُليل، صاف، گهُٽا، گِسٽا، ڏُوکٽا، چُوسٽا ۽ ڦڙڪي وارا – پيدا ڪري سگهجن ٿا. انساني آواز جي تحرڪ ۾ ڦڦڙن جي مدد سان ’زور‘، ’داب‘ ۽ ’ڪمزوري‘ آڻي سگهبي آهي. جڏهن ڦڦڙن مان هوا ڦوڪي، مٿي وات واري کوپي ۾ چاڙهبي آهي، تڏهن وات واري کوپي ۾، ڌار ڌار ’هنڌن‘ تي، رنڊڪون وجهڻ سان، يا هوا جو لنگهه، سوڙهو يا ويڪرو ڪرڻ سان، آوازن ۾ ڌار ڌار خصوصيتون پيدا ٿيندیون آهن. اهو سيڪجهه ائين ٿئي ٿو، جيئن ساز وڄائڻ

مهل، ان مان ڏار ڏار يعني سنها ۽ ٽلها سُرَ ڪيڻ لاءِ، آڱرين جي مدد سان، يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ڪيو ويندو آهي.” (الانا، 2017: 55)

عام حالت ۾ جڏهن ڦڦڑن جي مدد سان ساهه کڻجي ٿو، تڏهن ڪو به آواز پيدا نٿو ٿئي، پر جڏهن ’زور‘ يا ’داب‘ ذريعي هوا کي روڪي ٻاهر ڪڍجي ٿو ته آواز نڪري ٿو. هن عمل ۾ پيٽ ڇهه (diaphragm) ۽ ڦڦڑ (Lungs) تحرڪ ۾ اچن ٿا. هوا جڏهن ڪنهن سوڙهي گهَٽ يا لنگهه مان زور سان گذرندي آهي، يا ڪنهن رڪاوٽ مان ڪُلندي آهي، ته آواز پيدا ڪندي آهي. مشاهدي سان معلوم ڪيو ته سازن سرودن – بينن، بنسرين، دهلن، باجن، نڑن ۽ شرنائين مان نڪرندڙ آواز به ان ئي اصول مطابق خارج ٿين ٿا. هوا جڏهن پيٽ ڇهه جي مدد سان ٻاهر زور سان ڪڍجي ٿي، تڏهن اها آوازي ڦڑڪن جي وچان نڙگهٽ منجهان گذري نڪ ۽ وات جي رستي ٻاهر نڪرندي آواز پيدا ڪري ٿي.

ڳالهائڻ دوران جيڪي عضوا ڪم ڪن ٿا، تن مان ڪي ٻاهران ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر ڪي بلڪل ڏسي نه سگهبا آهن، جيڪي ٻاهران ڏسڻ ۾ اچن ٿا، اهي آهن – ڏند ۽ چپ. البت ڪِن آوازن جي اُچارڻ وقت چپ جي نوڪ (tip of the tongue) به ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ٻيا اهم عضوا جيڪي ٻاهران ڏسڻ ۾ نه ايندا آهن، اُهي وات جي کوپي (Oral cavity) جي اندر ئي اندر آوازن جي اُچارڻ ۾ ڪم اچن ٿا. ايڪسري ڪئميرا (X-ray Camera) يا لئرنگوسڪوپ (Laryngoscope) جي مدد سان اهي عضوا ڏسي سگهبا آهن. وات جي اندرئين حصي جي مشاهدي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته مشاهدو ڪندڙ پنهنجو وات کولي، هٿ جي آرسيءَ جي مدد سان، وات جي اندرئين حصي کي ڏسي. روشنيءَ کي پٺ ڏيئي بيهجي ۽ آرسي اهڙيءَ طرح جهلجي ته جيئن روشنيءَ جو عڪس وات ۾ پوي ته جيئن مشاهدو ڪندڙ وات جي اندرئين حصي جو جائزو وٺي سگهي.

ڪنهن به ٻوليءَ جي فني ۽ صوتياتي جوڙجڪ ۽ سٽاءَ جي اڀياس ڪندڙن کي ڳالهائڻ جي عضون جي بيهڪ ۽ عمل جي پوري پوري ڄاڻ هئڻ گهرجي. اهو ڄاڻڻ به گهرجي ته ڪهڙن ڪهڙن عضون جي ميلاپ يا تحرڪ سان، ڪهڙا ڪهڙا آواز پيدا ٿين ٿا.

هڪ سڪيا ورتل صوتيات جو ڄاڻو (Phonetician) ئي ٻڌائي سگهندو، ته ڪهڙي آواز جي پيدا ڪرڻ وقت ڪهڙا ڪهڙا عضوا استعمال ٿين ٿا. يا ائين ڪٽي چئجي ته ڪنهن آواز جي اُچار جي حالت ۾ چپ توڙي ٻيا عضوا ڪهڙي صورت اختيار ڪن ٿا. چپ ۽ وات جو ڪهڙو حصو چرپر ڪري ٿو ۽ ڪهڙو عضوو وات جي ٻئي حصي سان ملي آواز ٺاهي ٿو.

4.2 سنڌي صوتيات ۾ ٿيل ڪم ۽ ان جي اهميت

1. صوتيات، ٻين مضمونن جي ٻيٽ ۾ علم لسان جو هڪ ڳُوڙهو ۽ گهڻو ڏيان ڇڪائيندڙ مضمون آهي. ڇو ته لسانيات ۾ ٻوليءَ جو ظاهري تعلق، آوازن سان هوندو آهي، انڪري لسانيات جي باقي مضمونن کان اڳ ۾ ’صوتيات‘ بحث هيٺ اچي ٿو. دنيا جي سمورين ٻولين ۾ پنهنجو پنهنجو ’صوتياتي نظام‘ ٿئي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ به صوتياتي نظام موجود آهي، جيڪو پنهنجي جاءِ تي وڏي اهميت رکي ٿو. سنڌي صوتيات ۾ جن عالمن ڪم ڪيو، انهن ۾ - ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ، پنهنجي سنڌي گرامر (1872ع) ۾ سنڌي زبان جي آوازن، انهن جي مخرجن سميت آوازن جي قسمن – مفرد، مرڪب آوازن تي به لکيو. ان کان پوءِ، سيمور (Seymour) 1884ع ۾ سنڌي گرامر تيار ڪيو، جنهن ۾ هن ٻين موضوعن سميت صوتيات سان لاڳاپيل موضوعن تي لکيو. 1892ع ۾ ديوان نارائڻ جڳنناٿ وسناڻي، صوتيات ۾ ذڪر جوڳو ڪم ڪيو. هن ’نئون سنڌي گرامر‘ جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ سنڌي آوازن تي سير حاصل بحث ڪيل آهي. 1904ع ۾ ديوان ڏيارام وسومل ميرچنداڻيءَ جو لکيل گرامر ملي ٿو. ان کان پوءِ سر ابراهام گريئرسن (1927 ۽ 1919)، ٽي.جي بيلي (1922ع) ۽ آر.ايل. ٽرنر (1923ع) به سنڌي صوتيات جي باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه لکيو آهي.

1925ع ۾ ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جو ’وڏو سنڌي وياڪرڻ‘ ٽن جلدن ۾ پڌرو ٿيو. پهرئين جلد ۾ ڪاڪي ڀيرومل سنڌي آوازن جي مخرجن ۽ مرڪب آوازن جي باري ۾ لکيو آهي. سندس ٻئي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘ (1956ع) ۾ به هن علم تي لکيو اٿس. مرزا قليچ بيگ جي ’سنڌي وياڪرڻ‘ پاڳي ٻئي (1960ع) ۾ سُرن آوازن جي باري ۾ چنڊچاڻ ڪيل آهي.

2. ورهاڳي کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر علي نواز حاجن جتوئي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽرمرليڌر جيٺلي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، سراج الحق ميمڻ ۽ ٻين ’سنڌي صوتيات‘ جي مختلف موضوعن تي ڪم ڪيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي پنهنجين لغتن (جامع سنڌي لغات ۽ تحقيقي لغات سنڌي) ۾ سنڌي صوتياتي نظام تي روشني وڌي آهي. پروفيسر علي نواز ’حاجن خان‘ جتوئي ’سنڌي صحيفو‘ ۽ ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ ڪتابن ۾ ’صوتيات‘ تي ڇڪو خاصو ڪم ڪيو آهي. ڊاڪٽر الانا جو ڪتاب ’سنڌي صوتيات‘ 1967ع ۾ ڇپيو، جنهن کي سگا ۽ رائيٽرس گلڊ طرفان اوارڊ به مليو. اُن کان پوءِ هن ڪتاب جو وڌايل

۽ سڌاريل ڇاپو سنه 2017ع ۾ ڇپيو آهي، جنهن ۾ ’سنڌي صوتيات‘ جي باري ۾ ڪجهه نئون مواد به شامل ڪيل آهي. ڊاڪٽر الانا جو ٻيو ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘ 1987ع ۾ ڇپيو، ان ۾ به ’سنڌي صوتيات‘ جي باري ۾ ڄاڻ ملي ٿي.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو سماج ڪارج‘ ۾ به سنڌي آوازن بابت تفصيلي بحث ڪيل آهي. ان کان علاوه ويجهڙ ۾ محبت ٻرڙي جي ڪتاب – انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا (1998ع)، اڇو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون (2000ع)، ٻوليءَ جو بڻ (2002ع)، سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت (2003ع)، ٻول جو بڻ (2007ع)، ضميري پچاڑيون (2013ع) ۾ ’صوتياتي نظام‘ تي چندڇاڻ ڪيل آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ پروفيسر علي نواز ’حاجن خان‘ جتوئيءَ سميت ٻين ڪيترن ئي عالمن ۽ اسڪالرن جو ڪم گهڻي ڀاڱي تنقيدي بحث هيٺ آندل آهي.

3. پارت ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي سنڌي ڏوني – وگيان (سنڌي صوتيات) تي ڪم ڪيو آهي. ان کان علاوه پارت جي هڪ ٻئي ودوان ستيش روهڑا "پاشا ۽ پاشا وگيان" جي نالي سان ڪتاب لکيو آهي. هنن ٻنهي ڪتابن ۾ ’سنڌي صوتيات‘ جي باري ۾ معلومات ملي ٿي.

4.2.1 اهميت

1. ڊاڪٽر غلام علي الانا هن علم جي اهميت ۽ تاريخ جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي صوتيات‘ (1967ع) جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌي صوتيات جي تاريخ، سنڌو – ماٿر جي تاريخ وانگر، تمام گهڻي پراڻي آهي. علم طب، علم رياضي، علم ڪيميا، علم جوتش ۽ علم طبعي توڙي جادو ۽ منتر جي علمن وانگر، ٻيءَ دنيا کي، هيءُ علم به سنڌو – ماٿر جي ماهرن کان ئي ورثي ۾ مليو. . . آوازن جي اچارڻ جو ڍنگ، آوازن جا مخرج توڙي علم صوتيات جي بيان کان، دنيا کي پهرين پهرين برصغير انڊو – پاڪ جي عالمن ئي واقف ڪرايو." (الانا، 2017: 10)

ڊاڪٽر الانا وڌيڪ لکي ٿو ته:

"سنڌو ماٿر جو مشهور وياڪرڻي پنڌت پاڻيني، پهريون ئي شخص (ماهر لسان) هو، جنهن ’صوتيات‘ جي جديد علم جو پايو وڌو. ٻين عالمن اُن جي نتيجن تي سوچ ويچار ڪري پنهنجين ٻولين ۾، پنڌت پاڻينيءَ جي نتيجن کي پنهنجو ڪري، بيان ڪيو." (الانا، 2017: 11، 10)

2. موجوده جديد ۽ سائنسي دور ۾ جتي سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ ٻين هُنري علمن ۾ واڌارا، سڌارا ۽ نيون نيون حاصلاتون ٿيون آهن، ته اُتي 'سنڌي صوتيات' جو علم به پنهنجا پير پختا ڪرڻ لڳو آهي. ڪو زمانو هو جو هتي هيءُ علم بنهه نئون هو. هتي هن ملڪ ۾ ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ به نه پڙهايو ويندو هو. سنڌ ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪوششون ونڊي ايم.اي (سنڌي ادب) ۾ لسانيات جو مضمون به شامل ڪرايو هو ۽ اهڙيءَ ريت ٻين يونيورسٽين ۾ به هيءُ علم، سنڌي ادب ۾ هڪ سبجيڪٽ طور متعارف ٿيڻ لڳو.

ڊاڪٽر الانا جي چوڻ مطابق: "علم لسانيات ۽ صوتيات جي علمن جي تربيت ونڊ ۽ هند – آريائي ٻولين جي صوتياتي نظام جي ڄاڻ ۽ ڪافي مطالعي ۽ مستند ڪتابن جي اپياس کان پوءِ 'سنڌي صوتيات' ڪتاب تيار ڪيو ويو ۽ اُن ڪم جي نگراني، لنڊن يونيورسٽيءَ جي 'اسڪول آف اوريئنٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز' جي جڳ مشهور عالمن جي هٿ هيٺ رهي." (الانا، 2017: 14)

3. علم لسان جي جديد ۽ سائنسي اصولن ۽ قاعدن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۽ ويڪرڻ جو اپياس، ڪنهن به طرح دلچسپيءَ کان خالي نه آهي. جديد اصولن جي رائج ٿيڻ کان اڳ، 'لسانيات' لاءِ 'فلالاجي' (Philology) جو اصطلاح ڪتب ايندو هو. حالانڪ اُهو اصطلاح، لسانيات جهڙي سائنسي ۽ گهڻ – موضوعاتي علم کي پنهنجي تحويل ۾ نٿو ونڊي، ڇو ته فلالاجي، تاريخي ۽ تقابلي لسانيات تي مشتمل 'لسانيات' جي هڪ شاخ آهي، جيڪا هاڻي نئين تقاضائن مطابق، روزمرهه جي مستعمل ٻوليءَ جي صوتي، صرفي، نحوي ۽ معنوي چنڊچاڻ ڪرڻ کان قاصر آهي، ڇو ته اڳ هيءُ علم، ٻوليءَ جي اوائلي تاريخ ۽ اُن جي دورن جي تقابلي اپياس ڪرڻ ۾ ئي معاونت ڪندو هو، ۽ هِن وقت اُن جي جاءِ تي 'تاريخي لسانيات' ۽ 'تقابلي لسانيات' ٻه ڏار شعبا پنهنجي حيثيت مجرائي چڪا آهن. تنهنڪري هاڻي هن علم جا دائرا، 'فلالاجي' واري اصطلاح کان وسيع ٿي ويا آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا 'عام لسانيات' ۽ 'فلالاجي' بابت 'سنڌي صوتيات' جي ڇاپي ٻئي (2008ع) جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

"جديد لسانيات جي اصولن موجب، ٻولين جي تقابلي اپياس لاءِ، ٻولين جي لسانياتي اصولن ۽ قاعدن جي ڄاڻ لاءِ يعني عام لسانيات (General linguistics) جي ڄاڻ هئڻ ضروري هوندي آهي، نه ڪه ڪن ٻولين جي لفظن جي ڄاڻ – 'عام لسانيات (General linguistics) ۽ 'فلالاجي'

(Philology) به اهڙا فني لفظ آهن، جن جي معنيٰ، مفهوم ۽ ڪارج ۾ وڏو فرق آهي. اڳ ۾ چيو ويو آهي ته ’فلالاجسٽ‘ ٻولين جو ڄاڻو هوندو آهي، پر جديد لسانيات جي اصولن موجب، ٻولين جا ’عام لسانياتي اصول‘ جن ۾ صوتيات، صوتياتي ساخت ۽ رچنا، صوتياتي نظام، انهن ٻولين (جن جي پيٽ ڪئي ويندي آهي) جي صرف ۽ نحوَ وغيره جي ساخت جي جديد لسانياتي اصولن موجب ڄاڻ ۽ اُن جي تربيت، پيٽ ڪندڙ لاءِ ضروري هوندي آهي، ۽ ڪنهن به پيٽ ڪندڙ کي انهن اصولن کان واقف هجڻ، اُن لاءِ لازمي هوندو آهي.“ (الانا، 2017: 34)

’صوتيات‘ جي اهميت کي مدنظر رکندي، هاڻي اهو طئه ڪرڻ گهرجي ته جهڙيءَ طرح ملڪي يونيورسٽين ۾ هيءُ علم، ’لسانيات‘ جي صورت ۾ رائج ٿي رهيو آهي، ته اُن کي هيٺين سطح تي پڙ آڻڻ جا اُپاءَ ونڻ گهرجن ۽ گڏوگڏ انهن ادارن جي استادن کي به هن علم جي سکيا ڏيڻ گهرجي، ته جيئن اُهي اُستاد، نوجوانن کي هيءُ علم (صوتيات)، آسانيءَ سان پڙهائي ۽ سيکاري سگهن.

4.3 ’لسانيات‘ جون شاخون

’لسانيات‘ جو مضمون، پنهنجي مفهوم ۽ اهميت جي اعتبار کان گهڻو وسيع ۽ ڪشادو آهي، انڪري هيءُ مضمون، ايم.اي سنڌي ادب کان الڳ ’شعبي‘ طور هئڻ گهرجي، ڇو ته لسانيات ۾ صوتيات سميت ٻيا به ڪئين مضمون ۽ شاخون شامل آهن، جن سان به انصاف نٿو ٿئي. ان طرح لسانيات ۾ ’صوتيات‘ کان علاوه ٻيا ڪئين مضمون يا شاخون شامل آهن، جن جا نالا هن طرح آهن:

نحويات، معنويات، لساني جاگرافي، تاريخي لسانيات، تقابلي لسانيات، بياني لسانيات، نفسياتي لسانيات، حياتياتي لسانيات، ثقافتي لسانيات، سماجي لسانيات، بشرياتي لسانيات، معاشياتي لسانيات، ماحولياتي لسانيات، اطلاقي، عملي لسانيات، ادبي اُسلوبيات، علم صرف/ تشڪيلات (صرفيات)، علم لغت (لغتيات)، لساني قديمات، ليکي چوکي واري لسانيات يا شماري لسانيات، ساختياتي لسانياتي، سماجي آراڏاين واري لسانيات، محاوراتي لسانيات وغيره.

’لسانيات جي شاخن جي درجيبندي هن طرح ڪجهه قدر واضح ٿئي ٿي:



اسان وٽ ’لسانيات‘ جي مٿي بيان ڪيل سمورن شعبن ۾ ته ڪم نه ٿيو آهي، البت ’بياني لسانيات‘ جي ڪجهه شاخن: صوتيات، صرفيات، نحويات، معنويات، لساني جاگرافي، اُسلوبيات سميت ’صوتيات‘ جي ’علم آواز‘، ’علم صوتيه‘ ۽ گڏوگڏ ’سماجي لسانيات‘ ۾ به ڪجهه ابتدائي ڪم ٿيو آهي. ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي جو ڪتاب: ’سنڌي ٻولي – لسانيات کان سماجي لسانيات تائين‘ (1988ع) ڇپجي چڪو آهي، جنهن ۾ ’سماجي لسانيات‘ جي تعارف سان گڏ اُن جي ڪمن بابت ويچار وندیل آهن.

4.4 محبت ٻرڙي جو ’سنڌي صوتيات‘ ۾ ٿيل ڪم – هڪ تنقيدي اڀياس

دنيا ۾ ۾ ’صوتيات ‘ جي شعبي ۾، جنهن جديد ۽ سائنسي انداز ۾ ڪم ٿي رهيو آهي، اُهو هاڻي سماجي سائنس مان ترقي ڪري خالص سائنس (Pure science) جي ذمري ۾ اچي ويو آهي. اڄ هيءُ علم، رڳو نظرياتي ۽ ڪتابي بحثن ذريعي سکيو ۽ سمجهيو ويندو هو، پر هاڻي جديد سائنٽيفڪ انداز ۾ سکيو وڃي ٿو. مثال طور: اڄ فقط اهو پڙهايو ويندو هو ته آواز پنهنجن

مخرجن وٽان ڪهڙين حالتن مان ۽ ڪيئن پيدا ٿين ٿا، پر اُهو عملي طرح سيکارڻ مشڪل هو ته انهن آوازن جي ڳراڻ، هَلڪاڻ، گهُٽائپ ۽ چٽائپ جو موازنو ڪيئن ڪري سگهجي ٿو، پر هاڻي اسپيڪٽرو گرافي (Spectrography)، ڪِموگرافي (Kymography)، ڪئپسول (Capsule)، ربر ميمبرين (Rubber membrane)، ايڪسري ڪئميرا (X-ray camera)، لئرنگوسڪوپ (Laryngoscope) ۽ ٻين جديد اليڪٽرانڪ اوزارن ذريعي آوازن جي لهرن کي ماپي، انهن کي آسانيءَ سان مشاهدي ۽ اپياس هيٺ آڻي، وڌيڪ خاصيتون معلوم ڪري سگهجن ٿيون.

محبت ہرڙي پنهنجي تحقيق ۾، عملي طرح مٿئين اصول کي اهميت ڏني آهي، ۽ علمي بحث دوران عالمن جي ڪيل ڪمن کي به اُن ئي پئراميٽر (ڪسوٽي) سان پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. 'سنڌي صوتيات' ۾ ٿيل سندس ڪم کي هتي ٻن زاوين کان بحث هيٺ آندو ويندو: (1) عالمن جي ڪيل ڪمن جي چنڊچاڻ بعد سندس قائم ڪيل راءِ، (2) سندس جوڙيل راءِ جي علمي حيثيت.

4.4.1 ٻوليءَ جا آواز

1. آواز (Sounds)، بنيادي طرح ٻن گروهن ۾ ورهايل ٿين ٿا، هڪڙا – انساني آواز (Human sounds) ۽ ٻيا – جانورن جا آواز (Animal sounds). هنن ٻنهي آوازن ۾ فرق، هي آهي ته انساني آواز، معنيٰ دار ٿين ٿا، يعني اُهي شعور جي پيداوار آهن، جن ۾ سنوت، ترتيب ۽ هڪڙو مربوط نظام موجود آهي، پر جانورن جا آواز بي معنيٰ ٿين ٿا، يعني اُهي ڪنهن به ترتيب يا ڪنهن به مربوط نظام هيٺ جڙيل نه آهن. مثال طور: جانورن جي آوازن جا مختلف سيٽ رڪارڊ ڪري انهن جو اپياس ڪبو ته انهن آوازن ۾ واضح فرق نظر ايندو. جيڪڏهن گڏهه جي پهرين هينگ جو آواز 15 سيڪنڊ آهي ته اُن جي ٻي هينگ جو آواز به 15 سيڪنڊن تائين هجي، اهو ضروري نه آهي. اهڙيءَ طرح ڪُتي جي پهرين رُوڙ ۽ ٻي رُوڙ ۾ به فرق هوندو، يعني ڪتي جي هر رُوڙ جي رفتار سميت اُن جي ڳراڻ ۽ هلڪاڻ ساڳي نه هوندي ۽ هر جانور مختلف ڪيفيتن ۽ حالتن دوران ڏار ڏار آواز ڪڍي ٿو، جنهن مان اُن ڪيفيت ۽ ڪم جي خبر پوي ٿي. پر انسانن جي آوازن ۾ ائين نه آهي.

2. انسان، شعوري طرح پنهنجي آوازن ۾ هڪجهڙائي به رکي سگهي ٿو ته انهن ۾ فرق به آڻي ٿو، ڇو ته هو پنهنجا آواز شعوري طرح هڪ خاص ترتيب ۽ هڪ خاص نظام تحت ادا ڪري ٿو، جنهنڪري انساني آواز معنيٰ دار ۽ جانورن جا آواز، بي معنيٰ سڏجن ٿا. انسان وٽ شعور آهي،

پر جانورن وٽ شعور نه آهي. شعور اهو واحد گڻ ۽ ڪسوٽي آهي، جنهن انسان کي جانورن کان الڳ ڪري بيهاريو آهي ۽ ٻولي به دراصل انهيءَ شعور جي پيداوار آهي، جنهن جي ذريعي انسان، پنهنجي هم جنس انسان سان پنهنجا خيال، ويچار، خواب، رڄائون، مقصد، ڏک سک ۽ تمنائون وغيره ٻوليءَ ذريعي وندي ٿو.

3. ٻوليءَ جي آوازن تي جڏهن غور ڪجي ٿو ته معلوم ٿيندو ته هڪ آواز جي پيدا ٿيڻ لاءِ انسان جا عضوا – چپ، زبان، ڏند، مهارون، تارون، وات جو کوپو، نڙي، نڙگهٽ، ڦڦڙ، پيٽ ڇهه وغيره ڪيئن تحرڪ ۾ اچن ٿا ۽ انسان پنهنجي مرضيءَ موافق آواز ڪڍي، انهن مان لفظ ۽ جملا پيدا ڪري پنهنجو مقصد بيان ڪري ٿو. پروفيسر علي نواز جتوئي آوازن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”آواز به ڪيترن قسمن جا ٿيندا آهن، جهڙوڪ: جانورن جا، هوائن جا، شين جي گهسجڻ جا، سازن جا، کنگهڻ، روئڻ ۽ کلڻ جا آواز. اهڙن آوازن سان ٻوليءَ جو ڪو به واسطو نه آهي. سندس سنبنڌ رڳو انسانن جي انهن آوازن سان آهي، جي ڳالهائڻ وارن عضون جي ذريعي ظاهر ٿين ٿا ۽ معنيٰ رکن ٿا. . . ڳالهه ٻولهه وقت بدن جا عضوا، پيٽ ڇهه کان وٺي چپ تائين چرپر ڪن ٿا، هوا ۾ لهرون پيدا ٿين ٿيون ۽ انهن لهرن جا مناسب اثرَ ڪَنَ جي دهلڙيءَ کان دماغ تائين پهچن ٿا.“ (جتوئي، 1983: 14، 13)

4. ٻوليءَ جي آوازن کي سمجهڻ لاءِ محبت ٻرڙي انسانن ۽ جانورن جي آوازن جي پاڻ ۾ پيٽ ڪئي آهي، جنهن ۾ هُن ٻنهي (جانورن ۽ انسانن) جي وچ ۾ ٿي بنيادي فرق، واضح ڪيا آهن. هو لکي ٿو ته:

”اڄ ڏينهن تائين مليل شاهدين ۽ حقيقتن موجب، سوچڻ، سمجهڻ يعني علم ۽ عقل يا شعور رکڻ واري اڪيلي مادائي زندهه هستي رڳو ماڻهو آهي. اهو سندس شعور جو ڪرشمو آهي، ته هو نه رڳو پنهنجي ماحول پر پنهنجيءَ سوچ کي بيان ڪري سگهي ٿو. خود علم ۽ عقل يا شعور جي تخليق ۽ پرورش جو بنيادي ڪارڻ، عمل ۽ تجربو آهي ۽ انهيءَ عمل ۽ تجربي کي سمجهڻ لاءِ ماڻهو پاران ’چو‘، ’چا‘، ’ڪير‘، ’ڪيئن‘، ’ڪٿي‘، ’ڪڏهن‘، ’ڪهڙو‘، جهڙا ٻول استعمال ڪيا ويندا پئي رهيا آهن.“ (ص 17)

محبت ٻرڙو وڌيڪ لکي ٿو ته:

”ٻين سڀني ’ساهوارن‘ ۽ ’ماڻهو‘ جي وچ ۾ ٿي وڃڻ، بنيادي، مکيه ۽ نيارا فرق موجود آهن:

(1) ماڻهو کا نه کا پيداواري تخليقي سرگرمي ڪري يا ان ۾ ٻانهن ٻيلي ٿئي ٿو.

(2) ماڻهو کا نه کا ٻولي ڳالهائي ٿو.

(3) ماڻهو ڪجهه نه ڪجهه سوچي سگهي ٿو.

انهن ٽنهي جي گڏيل عمل وسيلي پنهنجيءَ سوچ ۽ تجربي کي پنهنجي پوئين نسل ڏانهن منتقل ڪري ٿو." (ٻرڙو، 2007: 17)

5. مٿئين تذڪري ۾ محبت ٻرڙي 'شعور' کي ڪسوٽي (پيراميٽر) طور پيش ڪيو آهي، جنهن مان عمل ۽ تجربو حاصل ٿئي ٿو، جن جي ذريعي حاصلاتون ٽين ٽيون ۽ اُهي حاصلاتون، انسان کي جانور کان ممتاز بڻائين ٽيون. يعني مٿي ڄاڻايل ٽي عنصر (1) انسان جي تخليقي سرگرمي، انساني سماج ۽ ثقافت (راهپ) کي جنم ڏين ٿا.

6. محبت ٻرڙو جيت جناور سميت پکي پکڻن ۽ آبي جانورن وغيره جي آوازن کي ٻوليءَ ۾ شمار نٿو ڪري. هُو سمجهي ٿو ته اُهي آواز محض انهن جي جبلتن ۽ عادتن کي ظاهر ڪن ٿا، جن سان هو وقتي طرح پنهنجي ضرورتن ۽ گهُرجن جو پورائو ڪن ٿا، پر اُهي آواز، ٻوليءَ ۾ شامل نه آهن، ڇو ته ٻولي، انساني سماج ۾ ڪيترائي فرق رکي ٿي. هو اُن متعلق پنهنجي ڪتاب "ٻول جو بڻ" ۾ تفصيلي بحث ڪندي لکي ٿو ته:

"جيت جناور کان ويندي پکي پکڻ ۽ مڇي مڇڻ تائين، هزارين قسمن جا ساهه وارا کي نه کي آواز ڪڍن ٿا. سوين ساز مختلف قسمن جا آواز پيدا ڪن ٿا. ايتري قدر جو هوا جڏهن تيز گهُلي ٿي، تڏهن پڻ مختلف هنڌن تي مختلف نمونن جا آواز اپجن ٿا، پر انهن سڀني آوازن کي 'ٻوليءَ جا آواز' نٿو سڏجي." (ص 18)

اهو سچ آهي ته جانور هڪ ٻئي سان لڳ لاڳاپي لاءِ يا ڪنهن ٻئي ۾ ڪو ڪم ڪرڻ جو اتساهه پرڻ لاءِ يا ڪنهن ڪم تي آماده ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جا واڪا ڪندا آهن. پنهنجو مقصد پورو ڪرڻ لاءِ، خطري کان آگاهه ڪرڻ لاءِ، کاڌ خوراڪ جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جا ننڍا وڏا ساهه وارا مختلف قسمن جا تفريق ڪري سگهڻ جو چتاءُ ڏيندڙ سڏ ڪندا آهن. انهن جون ڪي رڙيون اهڙيون به آهن، جن مان ڪاوڙ، جوش، ڊپ، مزي وغيره جو اظهار ٿئي ٿو، پر اُهي سمورا آواز انساني ٻوليءَ جي پيٽ ۾ ڪيترائي فرق رکن ٿا. جاندارن جون رڙيون، اُچارڪ، سَنڌيل يا ڳانڍڪ (articulate) ناهن. ان جو مطلب اصولي طرح هيءُ آهي ته انهن ۾ اڌپ جي ڪوٽ آهي، انهن جو ڍانچو نه آهي، جن جي

ڪري ئي انساني اورپ ڪي ٻولن ۾ ورهائي سگهڻ ممڪن ٿئي ٿو. ماڻهو ان لائق آهي جو ڪنهن به قسم جي اورپ ۾ ڪنهن هڪ ٻول ۾ ڪو هڪ آواز تبديل ڪري (جيئن: ڪَن، ڪُن، ڪِن يا ڪَنو، ڪُنو، ڪِنو وغيره) يا ڪنهن هڪ جملي ۾ هڪ ٻول جو هڪل آواز تبديل ڪري (جيئن "سنڌ جا ماڻهو سڀاجها آهن"/ "سنڌ جا ماڻهو ستا آهن") ۽ ڪڍهن ڪڏهن هڪ جملي ۾ هڪ ٻول جو هڪ آواز تبديل ڪري (جيئن "مون ڪيس ميدان ۾ وڙهندي ڏٺو" / "مون ڪين ميدان ۾ وڙهندي ڏٺو") ان ڪي مفهوم جي لحاظ کان بدلائي سگهي. ٻين جاندارن وٽ ٻولن ۾ نه ورهائجي سگهجندڙ جيڪي آوازي اشارا ڪري سگهي ٿو، انهن جي ڳٽپ بلڪل ٿوري ٿيندي. سپ کان وڌيڪ اُسريل جانور، وڌ ۾ وڌ ٽيهن قسمن جا سڏ ڪري سگهي ٿو، جڏهن ته ماڻهوءَ جي ٻوليءَ ۾ ممڪن اُچارن جو انگ اٽڪُٽ آهي. جانورن جون رڙيون عام طرح سپ طرفو يا گهڻ طرفو مطلب رکن ٿيون، جڏهن ته ماڻهوءَ جو سڏُ، گهرج آهر سپ طرفو يا خصوصي ٿي سگهي ٿو.

محبت ٻرڙو لکي ٿو ته:

"ماڻهو مختلف جانورن ۽ پکين کي سڏڻ يا هڪلڻ لاءِ مختلف قسمن جون ڳٽڪرون ڪندو رهي ٿو. هو ڪيترن ئي پکين ۽ جانورن جي آوازن جي آهلَ به ڪندو آهي. مثال طور: پنهنجيءَ زبان کي ڏندن ۾ ڏيئي، ڪجهه پاسائتو رکندي، مٿين ۽ هيٺين ڏندن جي وٽيءَ مان ۽ ڪنهن هڪ واڇَ کان هوا ڇڪي اهڙو آواز ڪڍندو آهي، جنهن جو مطلب ڪنهن پالیل جانور خاص ڪري ڊڄي، گهوڙي يا گڏهه کي هلندو رهڻ تي آماده ڪرڻ هوندو آهي، يا وري خاص ڪري مينهن کي هڪلڻ لاءِ 'هُون' جهڙو آواز ڪڍندو آهي. اهڙا ڪيترائي آواز ٿي سگهن ٿا. ماڻهو انهن مان ڪجهه، کي آواز چونڊي ڪڍي ٿو ۽ انهن کي ڳالهه ٻولهه ۾ اڏاوتي سِرَ طور ڪم آڻي ٿو. ٻوليءَ ۾ اڏاوتي سِرَ طور ڪم ايندڙ آوازن کي 'ٻوليءَ جا آواز' چئجي ٿو." (ٻرڙو، 2007: 19، 18)

7. ٻوليءَ جي آوازن جي باري ۾ محبت ٻرڙي جي مٿين تشريح ۽ وضاحت، دراصل پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي واضح ڪيل بيان جي اُپٽار آهي، جا پروفيسر علي نواز جتوئي ڪجهه هن طرح ڇاڻائي آهي:

"عام طرح سان ڏٺو ويو آهي، ته حيوانَ – غم، خوشي، خوف ۽ سڏ وارن موقعن تي خاص قسم جا آواز ڪن ٿا. ڪُڪڑِ، ڪُڪڑَ (نر) کي سڏ ڪرڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو آواز ڪندي آهي، آني لاهڻ بعد ٽئين قسم جو، آري واري عرصي ۾ وٽس ويجهي وڃڻ وقت چوٿين قسم جو، ڇڻ کي

سڏڻ وقت پنجين قسم جو ۽ سِرڻ يا ڪانوَ کي ٻچن تي حملي ڪندي ڏسڻ وقت ڇهين قسم جو آواز ڪندي آهي، ته سندس ٻچا لڪي وڃن.” (ص 31)

پروفيسر جتوئي وڌيڪ لکي ٿو ته:

”اوائل ۾ انسان جڏهن شڪار تي گذر ڪندو هو تڏهن اهڙي قسم جا آواز نقل ڪرڻ سکيو هوندو. مثلاً: هرڻ کي پڪڑڻ يا شڪار ڪرڻ لاءِ هرڻن کي سڏ ڪرڻ وارو سندن آواز سکيو هوندو تان ته سندس آواز تي پُلجي هرڻ ڏانهس اچن ۽ شڪار ٿين. اڄ به گهٽا شڪاري ائين ڪندا آهن. بگهڙن، چراخن وغيره جهڙن خوفناڪ جانورن کي ڊيڄاري پڄائڻ لاءِ شينهن جي گجگوڙ ڪرڻ سکيو هوندو. ساڳئي وقت ٽولن ۾ رهڻ سببان پنهنجي تجربن ۽ واقعن کي بيان ڪرڻ لاءِ آوازن ۽ اشارن کي ملائي زبان جو ڪم ورتو هوندو.” (جتوئي، 1983: 31)

محبت ٻرڙي ۽ پروفيسر علي نواز جتوئي جي بيانن ۾ ٻن ڳالهين جو واضح فرق موجود آهي:

- پروفيسر علي نواز جتوئي جانورن ۾ آوازي فرق ذريعي معنوي تضاد بيان ڪري ٿو، پر محبت ٻرڙو آوازي معنائن سميت جانورن جي جبلتن ۽ عادتن جو چيد ڪندي جزيات يا ڪُليات طرف ويندي ڏسجي ٿو.
- پروفيسر علي نواز جتوئي انسان جي ٻوليءَ جو بنياد، مختلف بامعنيٰ آوازن ۽ اشارن تي رکي ٿو ۽ محبت ٻرڙو انهن آوازن ۽ اشارن جي نحوي ۽ صرفي ترڪيبن جي اهميت جو حامل نظر اچي ٿو.

4.5 علم آواز (Phonetics)

4.5.1 معنيٰ، وصف ۽ تعارف

- اوڪسفرڊ انگريزي – سنڌي ڊڪشنري موجب:

Phonetics – اسم ج: (اڪثر واحد طور) 1. صوتيات. آواز ۽ انهن جي درجيبندي 2. صوتيات جي درجيبنديءَ جو اپياس. (ابڑو، 2010: 1305)

- فيروزاللغات اردو (جديد) موجب:

آواز (ف – ا – مث) (🗁) صدا – نِدا – بانگ – پڪار (🗎) شور (3) آهٽ (🗐) دهماڪا (🗏) نغمہ، (⌛) شُهره (فيروز سنز، 2007: 28)

- لغات فارسي مطابق:

آواز (ف) بول، (🗎) ٹکرانا دو چیزوں کا، (🗏) شہرت

1. پيش ڪيل مواد جي اپياس کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته ’علم آواز‘ (Phonetics) دراصل اهو علم آهي، جيڪو ’صوتيات‘ ۾ ان حصي کي بحث هيٺ آڻي ٿو، جنهن ۾ ’آواز‘ جي خاصيتن – مثال طور: آواز جي بلندي، آواز جي رفتار، آواز جي دِگهائپ، آواز جي لاهه چاڑهه ۽ ڏار وغيره شامل آهي. پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو:

”هِن علم ۾ هولين ۾ ڪم ايندڙ آوازن جو پورو پورو جائزو ورتو وجي ٿو ۽ آوازن جي نوعيت، ادائگي، تقسيم ۽ مخرج جي جاچ پڙتال ڪئي وجي ٿي. . . ازان سواءِ ان ۾ آوازن جي دِگهائپ، بلندي، تيزي ۽ لاهه چاڑهه يعني ڏار جو به جائزو ورتو ويندو آهي.“ جتوئي، 1983: 35)

2. دراصل فونيٽڪس (Phonetics) ۽ ’فونولاجي‘ (Phonology) انگريزيءَ جا هِڙا اصطلاح (Terms) آهن، جن جي معنيٰ ۽ پس منظر ۾ فرق آهي. ’فونيٽڪس‘ آواز جي انهيءَ حصي تي بحث ڪري ٿو، جنهن ۾ آواز جي ادائگي (اُچارڻ واري حالت)، آواز کي دِگهي ڪرڻ، ننڍي ڪرڻ، سنهي ڪرڻ، ٿلهي ڪرڻ، گَگهي ڪرڻ، تيزيءَ يا ڍرائيءَ سان آواز ڪرڻ ’فونيٽڪس‘ ۾ اچن ٿا، پر ’فونولاجي‘ اهو اصطلاح آهي، جنهن جي پهرئين حصي ۾ مٿيون اهو سڀ ڪجهه بحث ته اچي وجي ٿو، پر اُن سان گڏ ان جي ٻئي حصي ۾ آواز جي لساني ۽ معنوي ڪارج تي به اُهو بحث ڪري ٿو. هن حصي ۾ اُن علم کي ’علم صوتيه‘ (Phonemics) چئجي ٿو. هي علم، آوازن ۾ فقط معنوي فرق کي ظاهر ڪري ٿو. گويا ’فونيٽڪس‘ ۽ ’فونيمڪس‘ گڏجي ’فونولاجي‘ کي جنم ڏين ٿا، جنهن لاءِ عربيءَ مان ’صوت‘ ۽ سنڌيءَ مان ’يات‘ لفظن جي ميلاپ سان ’صوتيات‘ جو اصطلاح وجود ۾ آيو. ’فونولاجي‘ کي سنڌيءَ ۾ هاڻي ’صوتيات‘ چئجي ٿو.

پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته:

”هن علم ذريعي هولين ۾ ڪم ايندڙ آوازن جو پورو پورو جائزو ورتو وجي ٿو ۽ آوازن جي نوعيت، ادائگي ۽ تقسيم ۽ مخرج جي جاچ پڙتال ڪئي وجي ٿي. انهن آوازن جي لساني ڪاروائي ۽ سٽاءَ وري ’علم صوتيه‘ (Phonemics) جي ذريعي بيان ڪئي وجي ٿي. تنهنڪري ’صوتيات‘ (Phonology) جون به مکيه شاخون آهن: هڪ ’علم آواز‘ (Phonetics) ۽

ٻي ’علم صوتيه‘ (Phonemics). انهن ٻنهي کي گڏي ’صوتيات‘ سڏجي ٿو.“ (جتوئي، 1983: 35)

علم آواز (Phonetics) موجب، فقط هي ڏسڻو پوندو آهي ته ڪل ڪيترا آواز، ڪنهن خاص ٻوليءَ ۾ استعمال ٿين ٿا ۽ اُهي ڪهڙي قسم جا آهن، انهن جون خصوصيتون ڪهڙيون آهن. گويا انهن آوازن کي ٻوليءَ کان الڳ ڪري پوءِ علم طبعي ۽ علم بدن موجب بيان ڪيو ويندو آهي ۽ هر ٻوليءَ ۾ انهن آوازن جو تعداد مختلف آهي، پر اُهي ٻين ٻولين ۾ ڪيئن ملي لساني ڪارج ڪن ٿا ۽ معنوي اختلاف پيدا ڪن ٿا، اهڙي قسم جي علم کي ’علم صوتيه‘ (Phonemics) سڏجي ٿو. اها علمي شاخ، ’صوتيات‘ کي ’لسانيات‘ سان ملائي ٿي.

3. محبت ٻرڙي عربي لفظ ’صوت‘ يعني ’آواز‘ لاءِ ’وايو‘ لفظ استعمال ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ ’وايو‘ اصطلاح جو پهريون ڀيرو استعمال جارج شرٽ جي ’اکر ڏاتو‘ ڪوش ۾ ملي ٿو. (شرٽ، 1866: 39) اڪيلي آواز لاءِ ’وايو‘ اصطلاح ڪم آٿيندي محبت ٻرڙو لکي ٿو ته: ”ڳالڻ (ڳالهائڻ) يا گفتار جو اڪيلو آواز ’وايو‘ (صوت – Phone) سڏجي ٿو. (ص 116)

محبت ٻرڙي جي راءِ مطابق:

’وايو‘ هر انهيءَ آواز کي چئجي ٿو، جيڪو ڳالهائڻ وسيلي پيدا ڪيو ويو هجي ۽ ٻوليءَ جي لفظ کي جوڙڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو. [ڪ] هڪ وايو آهي، توڙي جو مرد، عورت يا ٻار اُن کي اچارڻ دوران هڪ جهڙو نٿو اُچاري.

4.5.2 ’صوتيات‘ ۽ ’علم آواز‘ لاءِ ڪتب ايندڙمتضاد اصطلاح

’صوتيات‘ ۽ ’علم آواز‘ جي انگريزي اصطلاحن جي باري ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن ۽ اسڪالرن جا مختلف رايا ملن ٿا.

- برطانوي اسڪالر Ward, C ’صوتيات‘ ۽ ’علم آواز‘ ٻنهي لاءِ ’ Phonetic Science‘ اصطلاح ڪتب آندو آهي. (Ward, 1952: 63)
- پروفيسر علي نواز جتوئي ’صوتيات‘ لاءِ ’Phonology‘ ۽ ’علم آواز‘ لاءِ ’Phonetics‘ اصطلاح ڪم آندا آهن. (جتوئي، 1985: 35)
- ڊاڪٽر غلام علي الانا ’صوت‘ لاءِ ’Phone‘ ۽ ’صوتيه‘ لاءِ هڪ هنڌ ’Phoneme‘ ته ٻئي هنڌ ’صوتيات‘ لاءِ ’Phonetics‘ ۽ ’علم الاصوات‘ لاءِ ’Phonology‘ جا اصطلاح ڪتب آندا آهن. (الانا، 2017: 50، 54)

- محبت پرڙي ’علم آواز‘ لاءِ انگريزيءَ ۾ ’Phone‘ ۽ ’صوتيه‘ لاءِ ’Phoneme‘ ۽ سنڌيءَ ۾ ’صوتيه‘ لاءِ ’وايو‘ اصطلاح ڪم آندو آهي. (پرڙو، 2002: 55، 116)

4.6 علم صوتيه (Phonemics)

4.6.1 معنيٰ ۽ وصف

- جامع سنڌي لغات (جلد چوٿون) موجب،

صَوتٌ: ذ (ع. صوت = آواز ڪرڻ) آواز – صدا – نِدا – بانگ (بلوچ، 2007: 202)

- فيروزاللغات (اردو) موجب،

صَوت (ع – ا – مث) آواز – صدا (فيروز سنز، [illegible]: [illegible])

- كريم اللغات موجب،

صوت – آواز (كريم الدين، ؟: [illegible])

- اوڪسفرڊ انگريزي – سنڌي ڊڪشنريءَ موجب،

صوتيو – ڪنهن زبان جي صوتي (آوازي) اِڪائي، فونيمڪ – صفت: صوتياتي، فونيمڪس، اسم: صوتيات. (ابڙو، 2010: 1305)

’صوتيه‘ (Phoneme) جي باري ۾ ڏيهي پرڏيهي عالم ۽ اسڪالر ورهايل نظر اچن ٿا، جنهن ڪري ڪا هڪڙي راءِ قائم نه ٿي سگهي آهي، پر تنهن هوندي به انهن عالمن ۽ اسڪالرن جا رايا ’صوتيه‘ کي سمجهڻ ۾، يا ڪنهن هڪ راءِ جوڙڻ ۾ پڻ مدد فراهم ڪن ٿا.

مٿي بيان ڪيل مواد جي اڀياس مان ڄاڻ پوي ٿي ته:

’صوتيه‘ دراصل لفظ ’صوت‘ مان ورتل آهي. سنڌيءَ ۾ اُن جو مفهوم آهي - ’آواز‘. ’صوتيات‘ ۾ هيءُ علم، آواز جي اُن بنيادي حصي (يونٽ) کي بحث هيٺ آڻي ٿو، جنهن مان ڪنهن به ٻوليءَ جي معنوي فرق، سٽاءَ ۽ لساني جوڙجڪ بابت ڄاڻ ملي ٿي. يوناني (Greek) زبان ۾ ’صوتيه‘ لاءِ ’Phoneme‘ ۽ ’علم صوتيه‘ لاءِ ’Phonemics‘ اصطلاح ڪم اچن ٿا. پروفيسر علي نواز جتوئي ’علم صوتيه‘ جي سادي تعريف بيان ڪندي لکيو آهي ته:

”علم صوتيه، ’صوتيات‘ جي اها شاخ آهي، جنهن جي ذريعي آوازن جي لساني ڪاروائي ۽ سٽاءَ بيان ڪئي وڃي ٿي.“ (جتوئي، 1983: 35)

ڊاڪٽر غلام علي الانا ’صوتيه‘ جي باري ۾ واضح نه آهي، البت ’سنڌي صوتيات‘ ۾ ’صوتيه‘ (Phoneme) جي ڪن پاسن تي روشني ضرور وڌي آهي، پر اُها ناڪافي آهي. هو هڪ هنڌ لکي ٿو ته: ”صوتيات جو علم، ’صوت‘ (Phone) ۽ ’صوتيه‘ (Phoneme) جي سمجهاڻي، لفظن ۾ انهن جي عمل ۽ تقسيم توڙي اُنهن جي جزن (elements) جي تشريح لاءِ مواد مهيا ڪري ٿو. ڪو شخص چاهي پنهنجيءَ زبان ۾ ڪٽي ڪيتري به مهارت رکندو هجي، پر صوتيات جو علم، اُن ماڻهوءَ جي چاڻ ۽ مطالعي ۾ گهٽو اضافو آڻي ٿو، ۽ اُن جي معلومات کي لسانيات جي جديد علم جي مدد سان جديد بنائي ٿو. مثال طور: صوتيات جي تربيت ۽ مطالعي کان اڳ، ڪو شخص چاهي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪيتري به مهارت ڇو نه رکندو هجي، پر هو اُهو هرگز نه ٻڌائي سگهندو ته [س] ۽ [پ] ۾ ڪهڙو فروق آهي، يا اُهي ٻئي آواز، آوازن جي ڪهڙن گروهن سان واسطو رکن ٿا.“ (الانا، 2017: 50)

ڊاڪٽر غلام علي الانا ٻئي هنڌ انگريزي ٻولي ماهر ڊينئل جونز کان مدد وٺندي لکي ٿو ته: ”صوتيه ساڳين صوتي آوازن جو هڪ گروهه آهي (ڊينئل جونز هن کي ’family of sound‘ سڏيو آهي). اهي آواز، ٻوليءَ ۾ سڀني هڪ گروهه جي آوازن ۾ فرق ڏيکارين ٿا ۽ ساڳئي وقت اُهي پاڻ ۾ علحدگي به رکن ٿا، يعني اُهي هڪجهڙا نه آهن. انهيءَ ڪري چئبو ته اُهي آواز جيڪي ساڳئي صوتيه سان نسبت رکندا هجن ۽ گڏجي ساڳيو ’صوتيه‘ ٺاهين،اهڙن آوازن کي ’صوتيه – پاتي‘ (Allo phones) چئبو آهي.“ (الانا، 2020: 7)

برطانوي اسڪالر شپلي جي.ٽي. (Shiply J.T.) ’صوتيه‘ جي باري ۾ هن طرح لکي ٿو ته:

”. . . عادتن جو هڪ سيٽ آهي، جيڪو هر ماڻهو ٻال جَتِيءَ ۾ ئي پنهنجي ٻوليءَ جي قوميت مان سکي ٿو. اُهو سيٽ، ڪن خاص آوازن جي پيدا ڪرڻ مان ٺهي ٿو. انهن خاص آوازن کي ’فونيم‘ (صوتيه) ٿو چئجي. اُهي فونيم (صوتيه) وري ٻوليءَ جي ٻين سرشتن ’مورفيم‘ (صرفيه) جي صورت وٺن ٿا.“ (شپلي، 1955: 246)

شپلي جي نظر ۾ ’صوتيه‘ (Phonemes) ٻوليءَ جا ڪي ’خاص آواز‘ ٿين ٿا. ٻين لفظن ۾ ’صوتيه‘ کي ٻوليءَ جو بنيادي ايڪو به چئي سگهجي ٿو، جنهن جي ذريعي ’صرفيه‘ وجود ۾ اچن ٿا، جن جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو.

4.7 ’صوتيه‘ جي باري ۾ محبت پرڻي جي جوڙيل راءِ جو موازنو

1. محبت ۾رڙو هن موضوع تي بحث ڪرڻ کان اڳ ۾ن اصطلاحن: ’صوت‘ (Phone) ۽ ’صوتيو‘ (Phoneme) کي سمجهڻ گهُري ٿو. ’صوت‘ کي هو گفتار يعني ڳالهائڻ جو اڪيلو آواز سڏي ٿو، جنهن لاءِ هن ’وايو‘ (Phone) اصطلاح ڪم آندو آهي. هو ”ٻول جو بڻ“ ۾ لکي ٿو ته: ”ڳالڻ (ڳالهائڻ) يا گفتار جو اڪيلو آواز ’وايو‘ (صوت، Phone) سڏجي ٿو.“ (۾رڙو، 2007: 116)

هو وڌيڪ لکي ٿو ته: ”چئمبرس ڊڪشنري چوي ٿي ته ’وايو‘ ڄاڻنگي (ڊيسيبيل) پيماني تي راڙ (Loudness) جو هڪ ايڪو ۽ اوڪسفرڊ ڊڪشنري چوي ٿي ته ’وايو‘ ڳالهائڻ جو اڪيلو آواز آهي، پوءِ اُهو وائل (سُر) هُجي يا وائڃڻ (وينجڻ).“ (حوالو ساڳيو)

2. مٿئين بيان ۾ محبت ۾رڙي لاگرٿم (Logarithmetic) لاءِ ’ڄاڻنگي‘ اصطلاح ڪم آندو اٿس. ڄاڻنگي=/ ڄاڻ+ انگ + اِي/= ڄاڻ ڏيندڙ انگ وارو، اهڙيءَ طرح آواز جي زور ماپڻ لاءِ (Decibel) اصطلاح ايجاد ڪيو آهي. ڊيسيبيل: (ڊيسي= ڏهون حصو + بيل = گراهم بيل (جنهن سُڃاڻڪ ٽيليفون به ايجاد ڪئي هئي) = هڪ قسم جو ماپو/ ماپڻو، جنهن تي آواز جو زور، بجليءَ جو وهڪرو وغيره ماپيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سُر (Vowel) لاءِ ’وائل‘ ۽ ’وينجڻ (Consonants) لاءِ ’وائڃڻ‘ نوان اصطلاح ايجاد ڪيا آهن.

3. محبت ۾رڙي ’صوت‘ يعني ’وايو‘ جي باري ۾ هن طرح راءِ جوڙي آهي ته:

” ’وايو‘ (صوت – Phone) هر انهيءَ آواز کي چئجي ٿو، جيڪو ڳالڪ آرڪڻ (مخرج - Point of Articulation) وسيلي اُپايو (پيدا ڪيو) ويو هجي ۽ بوليءَ جي ٻول جوڙڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو. [ڪ] هڪ ’وايو‘ آهي، توڙي جو مرد عورت يا ٻار اُن کي اُچار دوران سؤ سيڪڙو هڪ جهڙو نٿو اُچاري.“ (۾رڙو، 2007: 116)

محبت ۾رڙي ’صوتيه‘ لاءِ ’وائيو‘ (Phoneme) اصطلاح استعمال ڪيو آهي. ’وائيو‘ يعني ’صوتيه‘ (Phoneme) جي باري ۾ هن طرح وصف بيان ڪئي آهي ته:

”بوليءَ جي آوازن واري سرشتي جي ايڪي کي ’وائيو‘ سڏجي ٿو. ساڳئي آواز جا ساڳئي ٻول ۾ مختلف اُچار پڻ ٿي سگهن ٿا. انهن اچارن کي ساڳئي ڳالڪن آوازن جي آکاهه، جٿو يا گروهه (Allophons) قرار ڏيندي اُن جي هر پاتيءَ کي هڪ ٻئي جو ’بدل آواز‘، ’وٽڪو‘ يا ’وٽاڪ‘ (variant) سڏجي ٿو.“ (۾رڙو، 2007: 117، 116)

4. محبت ٻرڙي جي نظر ۾ ’صوت‘ (وايو) ۽ ’صوتيه‘ (وائيو) ۾ هن طرح فرق آهي:

هنن ٻنهي اصطلاحن جو ڏاتو ’واءَ‘ آهي، جنهن مان: ’وايو‘ (وا+يو) ۽ ’وائيو‘ (واء+يو) ٺاهيا ويا. ’واءَ‘ معنيٰ ’هوا‘، هوا معني آواز جي وَهُڪَ. جتي آواز جي وَهُڪَ کي لنگهه نه ملندو، ان لاءِ ’وايو‘ ۽ جتي آواز جي وهڪ کي جزوي لنگهه ملندو، ته ان لاءِ ’وائيو‘ اصطلاح ڪم آندا آهن. هن معاملي کي هن طرح سمجهي سگهجي ٿو:

”جنهن اکر مٿان جزم (ـْ) ڏني وڃي ٿي، اُن بابت عام طرح اهو تصور ڪيو ويندو آهي، ته اهو ’ساکن‘ (مانو، چپ، بي آواز) آهي. ’آبْ‘ اُچاري ڏسو. [آ] چوٽ مهل چَپَ [آ] اُچارڻ واري بيهڪ تي هوندا ۽ [آ] چوندي ئي چَپَ پاڻ ۾ ملائي بند رکڻا پون ٿا ۽ سمجهيو وڃي ٿو، ته ’آبْ‘ چيو ويو. ’آپْ‘ اُچاري ڏسو. ڇا ’آبْ‘، آپْ‘، آپْ‘، ’آقْ‘ ۽ ’آبْ‘ جي وچ ۾ فرق آهي؟

چَپَ بند ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن هوا جي ڪجهه نه ڪجهه حصي کي آزاد نه ڇڏبو ته ’آبْ‘، آپْ‘، آپْ‘، ’آقْ‘ ۽ ’آبْ‘ جي وچ ۾ فرق ڪري سگهڻ ممڪن نه رهندو. هيءَ ڳالهه ياد رکڻي آهي.

هاڻي ’آچْ‘، ’آچْ‘، ’آجْ‘، ’آجهْ‘ ۽ ’آڃْ‘ اُچاري ڏسو. [آ] چوٽ کان پوءِ ڇِڏَ جي مُهڙِ، سخت تارونءَ سان ملي، هوا جي لنگهه کي بند ڪري ٿي ۽ چَپَ هڪ ٻئي کان وٺيرکا رهن ٿا. اُهي لفظ اچاريندي هوا جو لنگهه بند ڪرڻ کان پوءِ هوا جي ڪجهه نه ڪجهه حصي کي جيڪڏهن دڳ نه ملندو، ته نه رڳو انهن لفظن جي وچ ۾ فرق ڪري سگهڻ ممڪن نه هوندو، پر ڪو به ٻڌندڙ انهن ’ٻولن‘ کي ’آبْ‘، آپْ‘، آپْ‘، ’آقْ‘ ۽ ’آبْ‘ کان فرق رکندڙ سڏي نه سگهندو. ساڳيءَ طرح، هوا جي وَهُڪَ کي رنڊڪ کان پوءِ ذرو به دڳ نه ملندو ته ’آڪْ‘، ’آکْ‘، آگْ‘ ۽ ’آگهْ‘ جي وچ ۾، ۽ انهن ۽ مٽي اڳ ڄاڻايل ’ٻولن‘ کان فرق ڪري سگهڻ ممڪن نه آهي.

’آسْ‘ ۽ ’آشْ‘ چئي ڏسجي. اُهي ’ٻول‘ اچاريندي هوا جي وهڪ کي رنڊڪ جيئن ته جزوي آهي، تنهنڪري هوا جي وَهُڪَ کي چٽيءَ طرح محسوس ڪري سگهجي ٿو ۽ ٻڌندڙ، ٻڌندي ئي فرق ڪري سگهندو، ته ’آسْ‘ چيو ويو يا ’آشْ‘. بلڪل ساڳئي نموني ’آبْ‘ ۽ ’آبْ‘ ۽ اهڙا مٽي ڏنل سمورا ’ٻول‘ اچارڻ مهل فرق رڳو تڏهن ئي محسوس ڪري سگهبو جڏهن هوا جي وهڪ کي رنڊ ٿيندي ئي ڪجهه نه ڪجهه دڳ

ملي، جتي به هوا جو دگ بند هوندو، اُتي ڪنهن به قسم جو ڪو به آواز نه اُپجي (پيدا ٿي) نه سگهندو. آواز جي اپت لاءِ هوا جي وهڪ کي دگ ملڻ ضروري آهي." (ٻرڙو، 2007: 60، 59)

5. هن بحث مان چگّيءَ طرح معلوم ٿئي ٿو ته محبت ٻرڙي 'صوت' (Phone) لاءِ 'وايو' ۽ 'صوتيه' (Phoneme) لاءِ 'وائيو' جا اصطلاح ڇو ڪم آندا آهن.

4.8 لساني آوازن جا مخرج

4.8.1 معنيٰ ۽ وصف

- جامع سنڌي لغات (جلد پنجون) مطابق:

"مخرج: ذ. (ع. خَرج = هو نڪتو، وهيو). نڪرڻ جي جڳهه – نيڪال – لنگهه – بنياد – اصل – پاڙ – ماده رُوٽ – اکر ڏاتو. علم نحوَ جي اصطلاح ۾ وات مان "الف، ب" جي اکرن نڪرڻ جي جاءِ، اُچارُ. وَٽ سَٽ – وَر وَکڙ. هيٺ مٿانهين. ناز نخرو." (بلوچ، 2007: 296)

- فيروزاللغات اردو (جديد) موجب:

"مَخرج (مَخ – رَج) (ع – ا – مذ) (🗁) خارج ہونے کی جگہ – نکلنے کی جگہ – منبع (🗎) اصل – جڑ – مادہ" (فيروز سنز، 🖮🗀🗀🗎: ⧖⧖👁)

- ڪريم اللغات (اردو مطابق:

"مخرج: جگہ نکلنے کی" (ڪريم الدين، ؟: 🗐🗀🗎)

- اوڪسفرڊ انگلش – سنڌي ڊڪشنري مطابق:

"ا – الف – ڳالهاءِ، گفتگو. ب: واضح ٻول يا تقرير، صاف اُچار. 2 – الف: سَنڌَ ملائڻ، سَنڌَن جو ڪم يا طريقو. ب: سَنڌو." (ابڙو، 2010: 90)

- لغات فارسي موجب: "مَخرِج (ع) نکلنے کی جگہ (دار عمر فاروق رضه، ؟: 🖱🖮)

"جوڙ، ڳنڍ، خيال جو اظهار، صاف اچار، جمع بندي، فصل بندي، جوڙ بندي، سَنڌَن ۾ باهمي ميلاپ، صاف اُچار ڳنڍ، خيال يا مطلب ظاهر ڪرڻ، اصول ٻڌائڻ، جذبن کي واضح ڪرڻ." (ميمڻ، 2001: 124)

مٿين حوالن جي اپياس مان خبر پوي ٿي ته: ’مخرج‘ اصل ۾ ڳالهائڻ جي آوازن جا اُهي مختلف هنڌ (Point of Articulation) يا جوڙ آهن، جتان آواز خارج ٿين ٿا. آواز جي پيدا/ خارج ٿيڻ ۾ بنيادي طرح ٻن قسمن جي عضون جو عمل دخل ٿئي ٿو: (ا) اُچارينڊڙ عضوا (Articulatory organs) ۽ (2) اُچارَ جا محور يا هنڌَ (Point of Articulatory). پروفيسر علي نواز جتوئي اهڙن عضون کي، جيڪي آواز پيدا ڪن ٿا، ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي: هڪڙن کي اُچارينڊڙ (Articulators) ۽ ٻين کي مخرج (Points of Articulations) سڏيو آهي. هو لکي ٿو:

”بدن جا اُهي حصا، جيڪي ڳالهائڻ يا آوازن اچارڻ وقت استعمال ٿين ٿا، تن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي: هڪڙن کي اُچارينڊڙ (Articulators) ۽ ٻين کي مخرج (Points of articulation) سڏجي ٿو.“ (جتوئي، 1983: 58)

هن بيان ۾ واضح آهي ته ڳالهائڻ جي آوازن پيدا ٿيڻ ۾ ٻن قسمن جي عضون جو عمل دخل ٿئي ٿو. انهن ٻن قسمن جي عضون ۾ زبان ۽ هيٺيون چپ، اُچارينڊڙ عضون ۾ شامل آهن، باقي ٻيا عضوا ’مخرج‘ طور استعمال ٿين ٿا. پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا ’سنڌي صوتيات‘ (ڇاپو ٽيون – 2017ع) ۾ لکي ٿو ته: ”هر آواز جي اُچارڻ ۾ ’مخرج‘ يعني نقطهء ادا (Point of articulation) يا اُچارينڊڙ جزي (Articulator) جي ٻيهڪ (Position) ڪهڙي ٿئي ٿي؟ انساني جسم ۾ آوازن جي پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ مقرر ”پڙُ“ (Tract of region) ٿيندو آهي، جتي ڳالهائڻ جا آواز پيدا ٿي سگهن ٿا. ڪنهن به گفتگوءَ ۾ جيڪي به عضوا ’عمل‘ ڪن ٿا، تن مان ڪي ٻاهران ئي ڏسڻ ۾ ايندا آهن، پر ڪي بلڪل ڏسي ڪونه سگهبا آهن. ڳالهائڻ جا جيڪي عضوا ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندا آهن، اُهي آهن: چپ ۽ ڏند. البت ڪن آوازن جي اُچارڻ وقت چپ جي نوڪ (Tip of the tongue) به ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ٻيا اهم عضوا جيڪي ٻاهران ڏسڻ ۾ نٿا اچن، اُهي ’وات واري کوپي‘ (Oral cavity) جي اندر ئي اندر آوازن جي اچارڻ ۾ ڪم اچن ٿا. ايڪسري ڪئميرا (X-ray camera) يا لئرنگوسڪوپ (Laryngoscope) جي مدد سان اهي عضوا ڏسي سگهبا آهن.“ (الانا، 2017: 57)

هن عمل کي ماڻهو پاڻ به جاچي سگهي ٿو. ان لاءِ هڏ – آرسي کڻي ڪُليل وات آڏو جهلجي، جيئن آرسيءَ جو عڪس ڪُليل وات ۾ داخل ٿئي، پوءِ وات واري کوپي جي اندر آوازن اچارڻ ۾ ڪم ايندڙ عضون جو مشاهدو ڪري سگهجي ٿو.

4.9 ڳالهائڻ جي عضون بابت محبت ٻرڙي ۽ ٻين ماهر لسان جي راين جو تقابلي اپياس

1. محبت ٻرڙي پنهنجي ڪتاب "ٻول جو بڻ" (2007ع) ۾ 'ڳالهائڻ جا عضوا' لاءِ 'ڳالڪ آرڪڻ' ۽ 'آواز' لاءِ 'واڪل' اصطلاح جوڙيا آهن، هو لکي ٿو ته:

"واڪو ڪندڙ (واڪائي، واڪل) آوازَ، ٻوليءَ جو مادائي مواد مهيا ڪن ٿا ۽ واڪل آواز مختلف قسمن جي خصوصي عضون جي مدد سان اپايا وڃن ٿا، جن کي 'ڳالهائڻ جا عضوا' يا ڳالڪ آرڪڻ چئجي ٿو." (ٻرڙو، 2007: 19)

2. آواز چڪي ڪيڻ جي باري ۾ محبت ٻرڙي پيٽ ڇهه (Diaphrgm)، مشڪن (Muscles)، سيني (Chest) پيٽ جي وچ واري پردي جي گڏيل شڪتيءَ (طاقت/ زور) کي اهميت ڏني آهي. انهن جي زور سبب، ڦڦڑن مان هوا ڇڪجي ٻاهر نڪري ٿي. ائين به نه آهي ته رڳو هوا کي اندر يا ٻاهر ڇڪڻ سان آواز پيدا ٿئي ٿو، بلڪ آواز تڏهن ئي جنم وٺي ٿو، جڏهن 'واڪل ڏوريون' (Vocal cords) حرڪت ڪن ٿيون، يعني جڏهن اُهي لرزش واري عمل مان گذرن ٿيون، تڏهن ئي آواز پيدا ٿئي ٿو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته واڪل ڏوريون يا تنتون ئي آواز پيدا ڪرڻ جو واحد ذريعو آهن. ان کان پوءِ ڳالهائڻ جي عضون جو ڪردار اهميت وارو جڙي ٿو، ڇو ته ڳالهائڻ جي عضون جي معرفت وات جي کوپي ۾ هوا جي داب کي گهٽائي وڌائي مختلف آواز پيدا ڪجن ٿا.

3. محبت ٻرڙي مخرج سميت ڳالهائڻ جي عضون جي ڇُرپُر مان پيدا ٿيندڙ آوازن جي باري ۾ تفصيلي بحث ڪيو آهي، پر هتي اُن جو اختصار پيش ڪجي ٿو:

'ٻول جو بڻ' ۾ 'مکيه ڳالڪ آرڪڻ' جو تعارف ڏيندي محبت ٻرڙو لکي ٿو ته: "جيڪ: وات ۾ موجود چرپر ڪندڙ مشڪائون آرڪڻ؛ ڳالهائڻ، چٻاڙڻ، ڳهڻ ۽ ذائقي سان واسطيدار آرڪڻ، ڦُنڊي ٽلهو ٿي ۽ پٽارجي سنهو ٿي سگهندڙ آرڪڻ، جيڪ کي عام طرح (1) ڇُڪَ (چوٽي)، (2) مُهڙ، (3) مٽياڙي، (4) پُٺ ۽ پاڙ، ۽ (5) ڦر نالي ۾ ورهايو وڃي ٿو.

(i) **وانڌ:** هوا جي لنگهه وارو نڙو، آواز اپائڻ لاءِ مددگار هڪ آرڪڻ.

(ii) **واڪل ڏوريون (Vocal Cords):** وانڌ جي مٿئين حصي ۾، پٽ جي اندرئين پاسي ٻه جهليدار طاقيون (هڪ اوريان ۽ ٻي پريان).

(iii) **نرم تارون (Soft Palate) يا ڪنڌ (Velum):** وات جي ڇت جو پٺيون نرم حصو.

(iv) **سخت تارون (Hard Palate):** وات جي چت جو اڳيون هڏائون حصو.

(v) **ڪاڪڙو (Uvula):** نرم تارونءَ جي پوئين حصي ۾ هيٺ لڙڪندڙ ڊاڪ جهڙو هڪ آرڪڻ.

(vi) **گلاٽ (Glottis):** گَلي جي دري جيڪا واڪل ڏورين جي سسڻ يا ڦندڻ ۽ لرزش سبب سوڙهي ۽ ويڪري ٿيندي رهي ٿي." (ٻرڙو، 2007: 20)

(4) حاصل مطلب ته: 'مخرجَ' (Points of articulation) ۽ اچاريندڙ (Articulators) کي مِلائي اُنهن کي 'ڳالهائڻ جا عضوا' (Speech Organs) سڏجي ٿو. انهن عضون مان هڪڙا 'وات جي کوپي' (Oral cavity) ۾ موجود هوندا آهن. هنن ٿنهي کي ملائي 'آوازن جو پِڙُ' (Region of sounds) چئجي ٿو. 'وات واري کوپي' (Oral cavity) ۾ - چَپَ (Lips)، ڏند (Teeth)، مَهارَ (Teeth ridge/ alveolus)، مُورڌن (Retroflex)، سخت تارون (Hard palate)، نرم تارون (Soft Palate)، نرم تارونءَ کان ٿورو پونير وارو حصو (Post velum or post soft palate) ۽ ڪاڪڙو (Uvula) شامل آهن. 'نڙيءَ واري کوپي' (Pharynx cavity) ۾ نڙي (Pharynx)، گَلو (Glottis) ۽ نڙگهُٽ (Larynx) 3 عضوا اچي وڃڻ ٿا. اُن کان علاوه 'نَڪ وارو کوپو' (Nasal cavity) سنگهڻ يا ساهه کڻڻ واري عمل (Sensatory and respiratory system) ۾ ورهايل رهي ٿو.

(5) محبت ٻرڙو آواز پيدا ڪرڻ بابت وڌيڪ لکي ٿو ته:

"آواز اپائڻ لاءِ شڪتيءَ جي گهرج پوي ٿي، جيڪا سيني جون مشڪون ۽ پيٽ ڇهه (diaphragm سيني ۽ پيٽ جي وچ وارو پردو) مهيا ڪن ٿيون ۽ ان لائق ٿي سگهجي ٿو ته هوا کي ڦڦڑن مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي سگهجي. اهو ياد رکڻ گهرجي ته رڳو هوا کي زور سان اندر ڇڪڻ يا ٻاهر ڌڪڻ وسيلي آواز پيدا نٿو ڪري سگهجي (پوءِ پلي ڪهڑن به عضون وسيلي شڪتي ورتي وڃي) تان جو 'واڪل ڏوريون' لرزش ڪن. هوا جي وهڪ مهل واڪل ڏوريون ٿورو يا گهٽو ڦڑڪنديون ته واڪو/ آواز پيدا ٿيندو، نه ته نه ٿيندو. ڳالڪ آرڪڻ جي جڏي وسيلي، انهن جي هڪ ٻئي سان سهڪار (Cooperation) ۽ سهرِٽ (Coordination) وسيلي وات جي کوپي ۾ هوا جي وهڪ کي رندڪ/ يا سوڙهه ڪري مختلف قسم جا آواز اپايا وڃن ٿا.

”ڦڦڙن تائين ۽ اتان کان ٻاهر تائين هوا/ واءُ پهچائيندڙ نڙ کي وانڙ (Wind pipe) سڏجي ٿو، جنهن جي متئين چيڙي، ’نڙگهٽ‘ وٽ سندس پتين جي اندرئين پاسي سان ڳنڍيل جٽڪ ٻه ننڍڙا چپ آهن، جن کي ’واڪل ڏوريون‘ چئجي ٿو. ڦڦڙن کان ايندڙ هوا سپ کان اڳ واڪل ڏورين واريءَ، وقت سر ۽ گهرج آهر ويڪري ۽/ يا سوڙهي ٿيندڙ دريءَ – ’گلاٽ‘ – مان گذري ٿي. هوا جو لنگهه جڏهن گهٽيءَ حد تائين اڻ رنڍيل هوندو تڏهن اهي پوريءَ طرح ڪُليل هوندیون آهن ۽ جڏهن اهي سوڙهيون ٿي ملن ٿيون تڏهن گلاٽ بند ٿيو وڃي، انڪري جيئن ته هوا جو لنگهه ئي نه هوندو، تنهنڪري هوا جي وهڪ ۽ لنگهه به سوڙهو يا ويڪرو ڪري سگهجي ٿو ۽ اهڙي طرح هوا جي وهُڪَ ۽ لنگهه به سوڙهو يا ويڪرو ٿي سگهندو. گلاٽ مان جيئن ئي هوا گذرندي ته هڪ قسم جي سريلي ۽ لرزشي گونج پيدا ڪندي، جنهن کي واڪو (voice) سڏجي ٿو. واڪي جي شدت/ ڪُوڪ گهٽ يا وڌ ڪري سگهجي ٿي ۽ اها ڳالهائڻ مهل واڪي جي لاهه چاڑهه سان گهٽ يا وڌ ٿيندي رهندي آهي ۽ ڳالهائڻ دؤران آواز ۾ هڪ واڪو يا پڙڪو موجود يا اڻ موجود ٿئي ٿو. اُهي آواز، جن ۾ نسبتاً وڌيڪ پٽڪو ٿئي ٿو، انهن کي ’واڪيداري‘، گهٽيٻٽا يا پُٽپُٽا (voiced) چئجي ٿو، پر ڳالهائيندي ڪي آواز انهيءَ بيهڪ تي اُڀجي سگهندا آهن جو واڪل ڏوريون پوريءَ طرح ڪُليل هجن، پٽڪو نه – جهڙو هجي. اهڙن آوازن کي ’اواڪ‘ ۽ ’گهٽيٽو‘ يا ’بي پٽو‘ (voiceless) سڏجي ٿو. آواز ۾ پٽائپ جي موجودگي ڪنن کي هٿ جي ترين وسيلي زور سان بند ڪري پرکي سگهجي ٿي. ’اگهه‘ چوندي ’گهه‘ اُچارڻ مهل کوپڙيءَ ۾ گونجدار پُٽڪائتو (bussing) آواز اُپرندو، جڏهن ته ’اک‘ چوندي ’ک‘ اُچارڻ مهل اهو پُٽڪائتو آواز موجود نه هوندو. حقيقت اها آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ [گهه] ۽ [ک] بلڪل ساڳئي نموني اُپايا وڃن ٿا، سواءِ اُن فرق جي، ته هڪ ’پُٽپُٽو‘ آهي ۽ ٻيو ’بي پُٽو‘. [پ] ۽ [ب]، [ت] ۽ [د]، [ٽ] ۽ [ڊ] وغيره اهڙي ئي قسم جي آوازن جا جوڙا آهن.

گلاٽ مان گذرڻ کان پوءِ هوا جي هڪ وهڪ متئين پاسي هلندي رهي ٿي ۽ ڪجهه اڳتي هلي وات يا نڪ ٻنهي مان خارج ٿئي ٿي. وات جي ڇت جو سڀ کان وڌيڪ پَريون/ پويون پاسو، جنهن کي ’نرم تارون‘ يا ’ڪنڌ‘ چئجي ٿو، هيٺ يا متي چوري سگهبو آهي. اُن جي پوڇڙ ۾ لار وانگر لٽڪندڙ ڊاڪ جهڙو آرڪڙ، ڪاڪڙو (uvula) متي ٽِي نڪ جي ڪوپي ڏانهن هوا جي لنگهه کي ٻُنجو ڏيئي بند ڪري سگهي ٿو ۽ ائين ڪرڻ وسيلي مختلف قسمن جا آواز اپائجن ٿا.” (برڑو، 2007: 22 – 21)

- پروفيسر علي نواز جتوئي ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ (1983ع) ۾ ’ڳالهائڻ جي عضون‘ ۾ هيٺيان (الف) اُچاريندڙ(Articulators) ۽ (ب) مخرج (Points of articulation) عضوا ڄاڻايا آهن:

(الف) اُچاريندڙ (Articulators)

1- هيٺيون چَپُ (Lower Lip)

2- ڇپ (Tongue)

3- ڇپ جي مٿياڙي يا قَڙُ (Apex)

4- ڇپ جي اڳياڙي (Front)

5- ڇپ جي پڇاڙي (Back)

6- ڪاکڙو (Uvula)

7- آوازي قڙڪا (Vocal cords)

(ب) مخرج (Points of articulation)

1- چَپُ (مٿيون) جو هنڌ (Upper lip)

2- ڏند (Teeth)

3- مٿين ڏندن جي مهارن جو هنڌ

4- سخت تارونءَ جو هنڌ

5- نرم تارونءَ جو هنڌ

6- نڙيءَ جو هنڌ

7- نڙگهٽ جي ڍڪڻي (Epiglottis)

- پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا ’سنڌي صوتيات‘ (2017ع) ۾ ’ڳالهائڻ جي عضون‘ ۾ هيٺيان عضوا بيان ڪيا آهن:

1- ڏندَ Teeth، 2- مَهارون (Teeth-ridges)، 3- سخت تارون (Hard palate)، 4- نرم تارون (Soft palate)، 5- مُورڌن (Retroflex)، 6- چپ

(Lips)، 7- ڪاڪڙو (Uvula)، 8- نڙي (Pharynx)، 9- گلو (Glottis)، 10- نڙگهٽ (Larynx)، 11- آوازي تندون (Vocal cords)، 12- ڇپ (Tongue).

i- ڇپ جي نوڪ يا چوٽي (Tip of the tongue)

ii- ڇپ جي ڌار (Blade of the tongue)

iii- ڇپ جي مُهڙ (Front of the tongue)

iv- ڇپ جي پوڇڙ (Back of the tongue). (الانا، 2017: 66-59)

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا 'آوازن جي پڙ' کي صوتياتي مطالعي جي سهوليت خاطر 'ڳالهائڻ جي عضون' جي ورهاست (الف) 'وات جي ڇت' (roof of mouth) ۽ (ب) ڇپ (the tongue) جي صورت ۾ ڪئي آهي. هن 'وات جي ڇت' کي ڇهن مکيه پاڳن ۾ ورهايو آهي، جن ۾ 1- ڏند (Teeth)، 2- مَهارَ (teeth-ridge)، 3- مُورڌن (Retroflex)، 4- سخت تارون (hard palate)، 5- نرم تارون (soft palate)، 6- نرم تارونءَ کان ٽورو پونير حصو (Post of palate) شامل آهن ۽ ڇپ (Tongue) کي پنجن پاڳن ۾ ورهايو آهي، جن ۾ 1- ڇپ جي نوڪ يا چوٽي (tip of the tongue)، 2- زبان جي ڌار (blade of the tongue)، 3- ڇپ جي مُهڙ (front of the tongue)، 4- ڇپ جي پوڇڙ (back of the tongue) ۽ 5- ڇپ جي پاڙ (root of the tongue) عضوا اچي وڃن ٿا.

- مرزا قليچ بيگ جي لکت موجب: نڙي، تارون، زبان جو پاسو يا ڇپ، ڏند ۽ چپ ڳالهائڻ جا عضوا آهن. (قليچ، 1992: 203)

ڪاڪي پيرومل مهرچند جي بيان موجب: ڪَنٺُ، تارون، ڏند، ڇپَ ۽ چَپَ ڳالهائڻ جا عضوا آهن. (پيرومل، 1985: 206-205)

مٿين بيانن جي اپياس کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته 'سنڌي صوتيات' ۾ فقط ٽن پولي ماهرن جا نالا ملن ٿا، جن ڇپ جي حصن، تارون جي حصن، ڪاڪڙو، واکل ڏوريون وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. انهن ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي، پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ محبت برڙي جا نالا نظر اچن ٿا. مٿين درجيوار ۾ عالمن کي ڇڏي ڪري محبت برڙي جي بيان جو اپياس ڪجي ٿو ته، اهو نون اصطلاحن سان بيان ڪيل هڪ نئون ۽ انوکو تجربو آهي. مثال طور محبت برڙي ڳالهائڻ جي عضون لاءِ ' ڳالڪ آرڪڻ' اصطلاح ڪم آندو آهي، جيڪو ڪانئس اڳ ڪنهن به استعمال نه ڪيو آهي. گويا هي اصطلاح پهريون پيرو محبت برڙي ايجاد ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح 'زبان جي چوٽيءَ' لاءِ 'چُڪ'، 'آوازي

تندون' لاءِ 'واڪل ڏوريون'، 'هوا جي لنگهه وارو نڙو' لاءِ 'وانڊ' (wind pipe)، 'آواز' لاءِ 'واڪو' (voice) جهڙا نوان اصطلاح به پهريون پيرو محبت ٻرڙي گهڙي ڪم آندا آهن. اُها ٻي ڳالهه آهي ته اُهي اڳتي هلي علمي حلقن ۾ پڙهندڙن وٽ ڪيترو مقبول ۽ مروج ٿين ٿا، پر جيئن ته اُهي مستعمل اصطلاحن جي پيٽ ۾ نوان ۽ دير سان هضم ٿيندڙ اصطلاح ضرور آهن، پر اُهي علمي طرح پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ ضرور رکن ٿا، جن جي اڳ ۾ هن طرح سان گهڙاوت نه ٿي آهي.

4.10 سُر آواز ۽ وينجڻ آواز

4.10.1 معنيٰ ۽ وصف

- اوڪسفرڊ انگلش – سنڌي ڊڪشنري ۾ 'Vowel' جي معنيٰ هن طرح لکي آهي:

"Vowel = واڻُل/اسم: 1- حرف عِلت، 2- حرف علي جو علامتي اکر جهڙوڪ: a, e, i, o, u وغيره." (ابڙو، 2010: 1999) ۽ ساڳي لغت ۾ وينجڻ (Consonant) لاءِ "حرف صحيح، مصوت، وينجڻ" معنيٰ ڪتب آندل آهي. (ص 362)

- عبدالرشيد ميمڻ جي ترتيب ڏنل لغت Comprehensive English to English and Sindhi Dictionary موجب:

"موافق، مطابق، هم آواز، حرف صحيح، يوگيه، ملندڙ، همسا، ميل کائيندڙ، ٺهڪندڙ، موافقت رکندڙ، ٺهڪڻو." (ميمڻ، 2001: 597)

"حرف علت (ع – ا – مذ) وہ حرف جو کسی حرف صحیح کو متحرک کرے۔ اردو میں حرف علت تین ہیں: ا – و –ی۔" (فیروز سنز، 🖮🗀🗀🗎: 🗁🗐🗐)

مٿئين مواد جي اڀياس کان پوءِ 'سُر آواز' ۽ 'وينجڻ' بابت هينئين معلومات ملي ٿي:

- لساني آوازن جا ٻه مکيه گروهه ٿين ٿا: (1) وينجڻ آواز (Consonants) ۽ (2) سُر آواز (vowels).

'وينجڻ' لاءِ انگريزيءَ ۾ استعمال ٿيل اصطلاح 'consonant' اصل ۾ يوناني ٻوليءَ جي لفظ 'consonantem' تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "اهو آواز جيڪو سُر آواز (vowel) جي مدد سان پيدا ٿيو هجي. اهڙيءَ طرح سُر آواز لاءِ انگريزيءَ ۾ استعمال ٿيل اصطلاح 'vowel' اصل ۾ يوناني ٻوليءَ جي

’vox‘ مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي – ’آواز‘. مٿيان ٻئي اصطلاح وينجڻ’ (consonants) ۽ سُر آواز (vowels) هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. ’وينجڻ‘ کي پنهنجو ڪو به ’آواز‘ نه آهي ۽ هُو خاموش آهي، جيستائين سُر آواز (vowel) سندس مددگار نٿو ٿئي، تيستائين ڪو به لفظ يا پد نٿو ٺاهي سگهي. سنڌي ڪَڪ پٽيءَ ۾ ٽن سُر آوازن لاءِ "ا، و ۽ ي" جون تحريري صورتون موجود آهن، جن کي عام طور تي "حروف علت" چيو وڃي ٿو. ساڳئي وقت ’وينجڻ‘ لاءِ ڪَڪ پٽيءَ ۾ انهن ٽن سرن کان علاوه باقي حرفن جي تحريري صورتن کي ’حروف صحيح‘ چيو وڃي ٿيو.

ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي ته: ٻوليءَ جي ماهرن، انگريزي لفظ ’consonant‘ جي تحريري صورت کي ’حروف صحيح‘ ۽ اُن جي آوازي اُچار (حالت) کي ’وينجڻ‘ سڏيو آهي. ساڳئي وقت انگريزي لفظ ’vowel‘ جي لکت واري صورت کي ’حروف علت‘ ۽ آواز واري حالت کي ’سُر‘ چيو اٿن. يعني ’سُر‘ ۽ ’وينجڻ‘ جو تعلق آوازن سان ٿئي ٿو، پر ’حروف علت‘ ۽ ’حروف صحيح‘ جو تعلق صورتخطيءَ (Orthography) سان ٿئي ٿو.

مثال طور: ’ب‘ حرف جي لکيل صورت کي ’حرف صحيح‘ ۽ [ب] کي ’وينجڻ‘ چئبو. اهڙيءَ طرح ’آ، آ، اِ، اُ، آو، او، اُو، آي، اي ۽ اِي‘ حرف ۽ [آ، آ، اِي، آ، آو، اُو، آي، اي ۽ اِي] سر آوازن جون تحريري صورتون آهن.

’حروف صحيح‘ ۽ ’حروف علت‘ اهي ٻئي اصطلاح، اصل ۾ عربي زبان جي لفظن – ’مصمّت‘ ۽ ’مصوّت‘ جا سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ نعم البدل آهن، نه ته عربي صرف و نحوَ ۾ ’حروف صحيح‘ لاءِ ’مصمّت‘ ۽ ’حروف علت‘ لاءِ ’مُصوّت‘ اصطلاح اڄ به ديني مدرسگاهن ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا.

’مصمّت‘ جي معني آهي – خاموش يا چُپ. ’مُصوّت‘ جي معنيٰ آهي - ’آواز وارو‘. پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته:

". . . چئن طريقن موجب، جيڪي آواز پيدا ٿين ٿا، تن کي ’وينجڻ‘ يا ’مصمّت‘ (Consonant) سڏجي ٿو. ’مُصمّت‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’گنگو ٿيل‘. سچ پچ ته اِهي آواز الڳ حالت ۾ سُرن يا ’مصوتن‘ کان سواءِ اُچاري نٿا سگهجن، جڏ ته چُپ يا ماڻِ ۾ آهن. ’مصوّت‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’صوت‘ (voice) يعني ’آواز وارو‘. انهن وينجڻ جا آواز يا مُنهن جي خال مان يا نڪ جي خال مان اچاري سگهجن ٿا." (جتوئي، 1983: 55)

پروفيسر علي نواز جتوئي ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”سُر ۽ وينجڻ لفظ، سنسڪرت زبان مان آيا آهن، انهن کي عربيءَ ۾ ’مُصوّت‘ ۽ ’مصمّت‘ سڏجي ٿو. جيڪي اکر يا حرف، ’مُصوّت‘ آوازن لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا، تن کي ’حروف علت‘ سڏجي ٿو ۽ جيڪي، ’مُصمّت‘ آوازن لاءِ ڪم آندا وڃن ٿا، تن کي ’حروف صحيح‘ سڏجي ٿو. اُهي اکر يا حرف آهن ۽ نه آواز، بلڪ آوازن جا تحريري نمائندا آهن. ’مصوّت‘ جي معنيٰ آهي - صوت وارو (sound or phonation) ۽ ’مصمّت‘ جي معنيٰ آهي - چُپ يا ماٽِ وارو. اِهي مصمّت آواز يعني وينجڻ، مصوّت آوازن يعني سُرن جي سهاري کان سواءِ گهٽو ڪري اُچاري نه سگهبا آهن. پنهنجي مٿي اِهي گُنگا يا ماٽ ۾ آهن.“ (جتوئي، 1983: 45، 44)

سنڌيءَ ۾ ’سُر‘ (حروف علت) ۽ ’وينجڻ‘ (حروف صحيح) جي باري ۾ ٻوليءَ جي ماهرن جا مختلف رايا ملن ٿا.

مرزا قليچ بيگ ’سنڌي وياڪرڻ‘ (پاڳو ٽيون) ۾ لکي ٿو ته:

”عربي زبان موجب، ٽي اکر آهن، جن کي ’حرف علت‘ چوندا آهن، يعني بيمار اکر – ڇا لاءِ جو اُهي ٻين جي مدد سان ڪم ايندا آهن ۽ انهن کان سواءِ ٻين اکرن کي ”حرف صحيح“ يعني سَگها ۽ چگا ٻلا اکر چوندا آهن. اُهي ٽي آهن: ا، و ۽ ي. اهي ساڳيا ٽي اکر لفظن جي مُنڊ ۾، ڪڏهن وچ ۾ ’حرف علت‘ ٽي به ڪم ايندا آهن. هر هڪ ’حرف صحيح‘ کي ڪو ’حرف علت‘ گهرجي، تڏهن ڪم ايندو ۽ منجهانئس ڪو آواز نڪرندو.“ (قليچ، 1992: 208)

لفظ ’علت‘ عربيءَ ۾ ’بيمار‘ لاءِ استعمال ٿئي ٿو ۽ ’صحيح‘ لفظ عربيءَ ۾ صحتمند ۽ تندرست لاءِ ڪتب اچي ٿو، انڪري مرزا قليچ بيگ ’ا، و ۽ ي‘ حرفن کي ’علت‘ يعني ڪمزور يا بيمار سڏيو آهي، جو اُهي بيمارن وانگر ڪِنجهندا، ڪُرڪندا ۽ آواز ڪندا رهندا آهن، يا صحتمند يا چگو پلو ماڻهو اُنهن وانگر آواز نه ڪندو آهي ۽ ماٽ ۾ هوندو آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي راءِ پيش ڪرڻ کان اڳ پيرومل مهرچند آڏواڻي، واحد بخش شيخ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راين تي تنقيد ڪئي آهي. ڊاڪٽر الانا ته ’صوتيات‘ ۾ ’حرف صحيح‘ ۽ ’حرف علت‘ کي ڪا به اهميت نه ڏني آهي ۽ هُن انهن ٻنهي اصطلاحن بجاءِ ’وينجڻ‘ ۽ ’سُر‘ جا اصطلاح ڪم آندا آهن، ڇو ته سندس نظر ۾ انهن جو تعلق فقط آوازن سان آهي، نه کي صورتخطيءَ سان.

سُر کي ڪاڪو پيرومل ۽ شيخ واحد بخش حروف علت سڏي ٿو. شيخ واحد بخش لکي ٿو ته: ”’علت‘ معنيٰ آهي بيماري، ڇاڪاڻ ته ’و ا ي‘ بيمار

ماڻهوءَ جي صدا آهي، تنهنڪري انهن ٽن حرفن – و، ا ۽ ي ڪي علت جا حرف سڏجي ٿو.” (شيخ، 2006: 15)

’سُر‘ ڇوٽ سان فقط ’آواز‘ جي نمائندگي ٿئي ٿي، پر جڏهن ’حرف علت‘ چئجي ٿو ته ’حرف‘ جي لکيل صورت جي نمائندگي ٿئي ٿي، انڪري ’سُر‘ ۽ ’حروف علت‘ هڪ شئي هوندي به ڏار ڏار ڪارج رکن ٿا. اهڙيءَ طرح ’حروف صحيح‘ سان به ساڳيو مسئلو درپيش آهي.

مٿين عالمن جي راين جي تنقيدي اپياس کان پوءِ هڪ ٻئي ٻولي ماهر سراج الحق ميمڻ جي ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ (ڇاپو ٻيو) جو اپياس ڪجي ٿو، ته اُن ۾ به موصوف ’سُرن‘ ۽ ’حروف‘ علت جي باري ۾ وچيان ئي نئين ڳالهه ڪئي آهي. هن ٻولي ماهر ته سنڌي زبان ۾ حروف علت جو تعداد 11 ٻڌايو آهي، جن کي مٿين عالمن سُر آواز سڏيو آهي. سراج الحق ميمڻ سنڌيءَ ۾ يارهن حروف علت ڇاڻائيندي لکي ٿو ته:

”هر ٻولي، حروف علت ۽ حروف صحيح تي مبني آهي. سنڌيءَ ۾ يارنهن (11 حروف علت آهن، جي هيٺ ڏجن ٿا:

آ، اِ، اُ، آ، اِي، اي، آي، او، اُو، آو، آئُو
aaoo, ao, uo, o, (ai)y, ay, ee, aa, u, i, a.” (سراج، 2009: 82)

مٿي سراج الحق ميمڻ طرفان ڇاڻايل يارهن حروف علت مان، ترتيبوار ڏهن کي ڇڏي آخري يارهون حروف علت – ’آئُو‘، ۾ ڏگهن سُرن [آ - aa، ۽ اُو - uo) جي ميلاپ سان تيار ڪيو ويو آهي. سراج الحق ميمڻ ڇاڻايل مٿين يارهن حروف علتن جي لاءِ انگريزي اُچار اُ ُن ڪري مقرر ڪيا آهن، ته جيئن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي انهيءَ راءِ جو دليل ڏيئي، ان کي رد ڏيئي سگهي. سراج الحق ميمڻ، يارهن حروف علتن جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”هنن حروف علت جي هيٺان انگريزي اُچار انڪري ڏنا ويا آهن، جو اسان جي هڪڙي عالم کي اهو شڪ نه بلڪ پڪ آهي ته سنڌيءَ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ حروف علت هئا ئي ڪين ۽ عربيءَ اسان تي وڏو احسان ڪري ا، و، ي حروف علت اڌارا ڏنا، تڏهن اسان جي ٻولي جُڙي راس ٿي. پٽپرائيءَ ۾ ’ڪڪڑ‘ ۽ ’گدڑ‘ (لفظن) جا مثال ڏنا اٿس، ته ڏسو هي ته رڳو ’حروف صحيح‘ جا مجموعا آهن!

”گِدَڑُ – gidaru‘ [vowels: i, a, u]’

ڪُڪُڑُ – kukuru‘ [vowels: u, u, u]’.” (حوالو ساڳيو)

ڈاڪٽر غلام علي الانا ۽ سراج الحق ميمڻ هڪ حد تائين درست آهن ته هنن ڈاڪٽر بلوچ جي راءِ جو موازنو ’آواز‘ جي آڏار تي ڪيو آهي، ليڪن سندن تنقيد مڪمل جائز تڏهن ليکبي، جڏهن اِهي عالم، ’آواز‘ سميت حرفن جي صورتخطيءَ کي به نظر ۾ رکن. ڈاڪٽر بلوچ مثال ۾ جيڪي لفظ چاڻايا آهن، انهن ۾ ’حروف علت‘ مان ڪو به حرف شامل نه آهي، سڀ حروف صحيح استعمال ڪيل آهن. ڇو ته اها ڳالهه ڈاڪٽر بلوچ صورتخطيءَ جي بنياد تي ڪئي آهي.

ڈاڪٽر غلام علي الانا کي ڪاڪي پيرومل مهرچند جي ’حروف علت‘ ۽ ’حروف صحيح‘ جي باري ۾ جوڙيل راءِ ۾ ڪيس انهن اصطلاحن جو معنوي پهلو ته نظر آيو، پر ساڳئي صفحي تي سرن ۽ وينجن بابت اها راءِ نظر نه آئي، جنهن ۾ ڪاڪي پيرومل جي راءِ نظر نه آئي، جنهن ۾ هن حروف علت کي پنهنجي سُر آواز هجڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ حروف صحيح جو آواز حروف علت سان مشروط ڪيو آهي.

دراصل ڪاڪي پيرومل مهر چند آڏواٽيءَ جي راءِ جا به پاسا آهن. پهرئين جو بنياد، حروف علت ۽ حروف صحيح جي معنوي پهلوءَ تي رکيل آهي، ۽ ٻئي جو بنياد، سائنسي اصولن تي قائم آهي.

ڈاڪٽر الانا ’سُر‘ جي وصف کي سمجهائڻ کان پوءِ ’وينجڻ‘ جي وصف کي سمجهائيندي لکي ٿو ته:

”جن آوازن جي اچار ڪرڻ مهل، ڦڦڑن کان ڏُوڪي ايندڙ هوا جو وات واري کوپي ۾ مختلف مخرجن وٽ لنگهه، سُڪ بند ڪيو وڃي ته اهڙا آواز ’وينجڻ‘ سڏبا آهن.“ (الانا، 2020: 23)

ڈاڪٽر الانا ’سُر‘ ۽ ’وينجڻ‘ جون خصوصيتون بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”جديد لسانيات جي ماهرن طرفان ’سُر‘ ۽ ’وينجڻ‘ جي بيان ڪيل انهن وصفن جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو ته ’وينجڻ‘ ۽ ’سُر‘ جي اُچار ڪرڻ جي طريقي ۾ به وڏو فرق آهي. انهيءَ ڪري ٻنهي قسمن جي آوازن يعني ’وينجڻ‘ ۽ ’سُرن‘ جي وصفن ۾ به وڏو فرق نمايان آهي. اهو به نوٽ ڪرڻ گهرجي ته سڀ ’سُر‘ ڳرا ٿيندا آهن، پر وينجڻ مان ڪي ’هلڪا‘ (voiceless) ته ڪي وري ڳرا (voiced) ٿيندا آهن.“ الانا، 2020: 23)

10.2 ’سُر آواز‘ ۽ ’وينجڻ آواز‘ جي باري ۾ عالمن جو پيدا ڪيل مونجهارو– هڪ تنقيدي اپياس

مٿي ڄاڻايل مواد جي تقابلي جائزي ونڊ کان پوءِ، معلوم ٿئي ٿو ته 'سُر آواز' ۽ 'وينجڻ آواز' جي باري ۾ عالمن جي ڪا به هڪ راءِ نه جُڙي سگهي آهي، جنهنڪري انهن ۾ مونجهارو موجود آهي. پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي پيش ڪيل عربي اصطلاحن – 'مصمّت' (وينجڻ) ۽ 'مُصوّت' (سُر) جي معنوي جائزي ونڊ کان پوءِ پڙهندڙ مُنجهي پوي ٿو ته ڇا موصوف جي انهيءَ معنيٰ کي قبول ڪجي يا عربي لغت جي پوئواري ڪجي، جنهن ۾ 'مصمّت' لفظ جي معنيٰ چُپ يا ماڻ ڏنل آهي، ليڪن پروفيسر علي نواز جتوئي 'مصمّت' لفظ جي معنيٰ 'گُنگو' ڄاڻائي آهي. (ص 55)

پر ڏسجي ٿو ته اصل مونجهارو عالمن ئي پيدا ڪيو آهي، جن 'وينجڻ' کي آواز طور پئي متعارف ڪرايو آهي. جيڪو ماڻ ۾ هجي ۽ اُهو آواز به رکندو هجي، اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ ان جي باري ۾ ڪنهن به پولي ماهر جي مطمئن ڪندڙ وضاحت نٿي ملي. هتي ڇو نه اهڙو سوال رکجي ته ڇا دنيا جي ڪا اهڙي به پولي آهي، جنهن جي 'وينجڻ' ۾ آواز نه هجي، پر اُهو هُجي به خاموش يا چُپ ۽ آواز به رکندو هجي يا گُنگو هجي. حالانڪ نظر ڪجي ته گُنگائپ ۾ به آواز جي موجودگي هوندي آهي.

محبت ٻرڙو پنهنجي ڪتاب 'ٻول جو بڻ' (ڇاپو پهريون) ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي جي 'مصمّت' ۽ 'مصوّت' جي حوالي سان تنقيد ڪندي لکي ٿو:

"هيءَ ڳالهه پاڻ ئي پنهنجي تضاد کي ظاهر ڪري ٿي، 'وائڄڻ' (مُصمّت) جيڪڏهن 'گونگو' يا 'ماڻ' آهي ته 'آواز' ڪيئن ۽ ڇو سڏي سگهبو؟ جيڪو 'آواز' آهي، اُهو ماڻ ڪيئن ۽ ڇو ڇئي سگهبو؟ هجي 'آواز' ۽ سڏجي 'ماڻ'! ان جو مطلب اهو ٿيندو ته 'رندڪ' کي 'آواز' سڏيو پيو وڃي! ڇا اهو ممڪن آهي ته ڪنهن ڦوڪل ساز جا سمورا سوراخ بند رکي ڪو آواز اپائي سگهجي؟ جي 'نه'، ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته هوا جي وهڪ کي ڳالڪ (ڳالهائڻ وارن) عضون جي مدد سان پوري طرح بند رکي ڪنهن آواز کي جنم ڏيئي سگهجي؟! وائڄڻ 'رندڪ' جو نالو ناهي، پر رندڪ ڪندي ئي اُن سان گڏ ۽ هڪ هوا جي ڪجهه نه ڪجهه مقدار کي آجي ڪرڻ وسيلي اُپايل آواز جو نالو (وينجڻ) آهي." (ٻرڙو، 2007: 62)

محبت ٻرڙو، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي راين جي وڌيڪ چنڊچاڻ ڪئي آهي ۽ ان سلسلي ۾ پرڏيهي عالم بارٿل مامبرگ جو اهو حوالو پڻ ڏنو آهي، جيڪو ڊاڪٽر غلام علي الانا استعمال ڪيو آهي. محبت ٻرڙو بارٿل مامبرگ جو بيان حوالي طور ڏيندي لکي ٿو ته:

”وينجڻ سدائين ڪنهن شيءِ جي مدد سان ئي آواز ڏيندا آهن ۽ اڪيلي سر آوازي نه سگهبا آهن. وائلن کي ’ساڏيا‘ (سڏ وارا) پڻ سڏيو وڃي ٿو، ڇو ته اُهي ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي مدد کان سواءِ ئي آوازي سگهبا آهن.“ (ٻرڙو، 2007: 62)

محبت ٻرڙي موجب، ڪو به وينجڻ جيڪڏهن سُر آواز کان سواءِ آوازي نڏو سگهجي، ته ان جو مطلب هي ٿيو ته وينجڻ هڪ وائلدار آواز آهي، اهو محض رندڪ جو نالو نه آهي، پر رندڪ ڪندي ئي آزاد ڪيل هوا جي وهڪ رکندڙ آواز آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا جي پرڏيهي عالم بلومفيلڊ جي حوالي سان پيش ڪيل راءِ ۽ وضاحت کان پوءِ به مٿيون سوال پنهنجي جاءِ تي برقرار آهي. ڊاڪٽر الانا هڪ طرف سُر جي اهميت کي سمجهندي اها ڳالهه تسليم ڪري ٿو ته ’وينجڻ‘ پنهنجي سِر ڪو به لفظ نڏو ناهي سگهي، جيستائين ’سُر‘ آواز جي مدد کيس نڏي ملي. يعني ’وينجڻ‘ ساڪن ۽ غير متحرڪ آهي، جڏهن متحرڪ آواز يعني سُر آواز ساڻس ملي ٿو، ته وينجڻ جو وياڪرڻي ڪارج پورو ٿئي ٿو، يعني پوءِ اُن مان لفظ ۽ پد ٺهن ٿا. ٻئي طرف ڊاڪٽر الانا وري ’ا، و ۽ ي‘ سُرن مان فقط ’ا‘ کي سُر مڃي ٿو، باقي ’و ۽ ي‘ کي سُر بجاءِ نيم سُر سمجهي ٿو. هن اهڙو اظهار ’سنڌي صورتخطي‘ (چوڻون ڇاپو) ۾ ڪيو آهي. ڊاڪٽر الانا لکي ٿو:

”سنڌي گرامر ۾ سنڌيءَ جا صرف 3 سُر (حرف علت) ڇاڻايا ويا آهن: ا، و ۽ ي. دراصل [و] ۽ [ي] سُر نه آهن. خود ڊاڪٽر بلوچ به (ا، و ۽ ي) کي حرف علت ڪري ٿو سمجهي. (ڏسو: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص ص 22 ۽ 23)

”حقيقت ۾ سنڌي صوتيات موجب [و] جو آواز ٻن گروهن ۽ قسمن وارو آهي. هڪ [و v] ڳرو، هينئين چپ ۽ ڏندن گاڏئون ڳسٽو آواز (voiced labio-dental) آهي ۽ ٻيو (و w) نيم – سُر (semi-vowel) آهي. [ي] ڳرو (fricative) سخت تارونءَ وارو نيم – سُر (voiced palatal semi vowel) آهي. انهن کي سُر ڪوڻڻ بدران نيم – سُر (semi-vowel) سمجهڻ گهرجي. البت سنڌيءَ جا [او، اُو، اي ۽ اِي) سُر ’و‘ ۽ ’ي‘ حرفن جي مدد سان لکت جي صورت ۾ نمايان ڪجن ٿا، پر اُن مان ائين ڪونه سمجهبو ته ڪو [و ۽ ي] آواز، سُر آهن. اها پُل اکرن کي ڏسي ڪئي ويئي آهي.“ (الانا، 1993: 110)

ڊاڪٽر الانا جي انهيءَ راءِ کان پوءِ سُر آواز، حروف علت کان ڇڄي الڳ ٿي پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ حاصل ڪن ٿا، جن جو ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نظر ۾ سُر آواز ۾ ڪو به ڪارج نڏو رهي. سندس چوڻ مطابق ’و‘ ۽ ’ي‘ فقط سُرن جي نشاني ظاهر ڪرڻ ۾ ئي مدد ڪن ٿا. سنڌيءَ ۾ ڪُل 10 (ڏهه) سُر آواز ٿين

ٿا، جيڪي ’و‘ ۽ ’ي‘ جي سهڪار سان تحريري شڪل ونڻ ٿا، اُهي 10 سُر هيٺين تحريري شڪلين ۾ ظاهر ڪجن ٿا:

سُر – (vowel) [ا] = [آ، اِ، اُ ۽ آ] (آ= ڊگهو سُر آهي، جنهن ۾ [ا] ۽ [ا] جا به ننڍا سُر شامل آهن)

نيم – سُر (semi-vowel) [و = آو، او ۽ اُو
ي = آي،
اي ۽ اِي]

[ا، و ۽ ي] = آ، اِ، اُ، آ، آو، او، اُو، آي، اي ۽ اِي = 10 سُر

مٿي تحريري شڪل ۾ غور سان ڏسبو ته [ا] سُر، سڀني صورتن ۾ موجود آهي، پر ’و‘ ۽ ’ي‘ معاون طور تحريري صورت ۾ موجود آهن. هونءَ به پنهنجي سِر ماٿهو ’آ‘ جو آواز بار بار ڪيڏ جي مشق ڪري ۽ جائزو وٺي ته ’آ‘ اُچارڻ سان آواز ڪي ڪٿي به روڪ يا رنڊڪ نٿي ٿئي، ته سمجهبو ته سُر آواز جي معاملي ۾ ڊاڪٽر الانا جي راءِ ڪافي وزندار آهي. اجا به جيڪڏهن سنڌي ڪَڪ پڻيءَ جي سمورن حرفن ڪي اچارڻ جي مشق ڪجي ته ’الف‘ جي ويجهو [ح/هه] آواز جون خاصيتون به ذري گهٽ ساڳيون محسوس ٿين ٿيون، پوءِ چو نه [ا] آواز وانگر [ح/هه] آواز ڪي به سُر (vowel) ۾ شمار ڪجي؟

4.10.3 نيم – سُر (semi-vowel) بابت ڊاڪٽر الانا جي راءِ تي محبت پرڙي جي تنقيد

اڌ وائل (semi vowel، نِيم – سُر)

ڊاڪٽر الانا جي مٿي تجويز ڪيل انهن نيم – سرن تي محبت پرڙي تنقيد ڪئي آهي، جنهن بابت تنقيدي اڀياس هيٺ پيش ڪجي ٿو:

- هڪ جهوٽو، وهڪو يا گسڪو جيڪو محض هڪ اتفاقي ناتو پيدا ڪندڙ ناٽڻو-آواز (linking-sound) نه آهي، پر اهو هڪ پد به نٿو ٺاهي . . . هڪ اڌ وائل ڪنهن به – سُري جيان وهڪو آهي، پر اهو ڪنهن به – سُري جيان هڪ پد ناهي. (باربر، 1982: 287 ۽ 9)
- نيم – سُر، ڳري گسٽي آواز (voiced gliding sound) کي چئبو آهي، جنهن جي اچارڻ ۾ ڳالهائڻ جا عضوا هڪ سُر جي اچارڻ کان شروع ٿين ٿا، ۽ يڪدم ٻئي ساڳئي يا وڌيڪ اوچائيءَ (prominance) واري ’سُر‘ ڏانهن مُڙن ٿا. هڪ سُر کان ٻئي سُر ڏانهن اچار لاءِ چپ جي جلدي مُڙڻ

(موڙ) ڪري، وچان ئي هڪ نئون ’گسڪٽو‘ آواز (gliding sound)پيدا ٿئي ٿو. اهڙن آوازن کي ’نيم – سُر‘ چئبو آهي. (الانا، 1967: 39)

اڌ وائل بابت ڊاڪٽر الانا پاران ڏنل هن وضاحت کي سندن ئي بيانيل ٻه – سُري وائل جي وضاحت سان پيٽي ڏسبو، ته ڪو به فرق محسوس نه ٿيندو، جڏهن ته باربر ([1982] 287 ۽ 9) جي وضاحت چوي ٿي: ”اڌ – وائل واء / چپ جو هڪ جهُوٽو يا وهڪو جيڪو محض هڪ اتفاقاً ناتياڪ – آواز (linking sound) نه آهي، پر اهو هڪ پد به نٿو ٺاهي . . . هڪ اڌ – وائل آواز ڪنهن ٻه – سُري جيان وهڪو آهي، پر اهو ڪنهن ٻه – سري جيان هڪ پد ناهي.“ ڪي عالم ائين به چون ٿا ته هڪ اڌ – وائل ڪنهن وائل يا وائڇ ٻنهي جي فطرت جو ڪارج ادا ڪندڙ آواز آهي ۽ ڪن جو خيال آهي ته اڌ – وائل (سُر) اهو آواز آهي جيڪو وائل (سُر) جي فطرت رکي ٿو پر وائڇ (وينجڻ) جو ڪارج ادا ڪري ٿو.

(1) /وَڻ/ ۽ /وادِو/ ٻولن ۾ پهريون [و] هڪ وينجڻ جي نمائندگي ڪري ٿو.

(2) /اوڊِو/ ۽ /ڪوجهو/ ٻولن ۾ سمورا ’و‘ تحريري نشان هڪ آواز جي مڪمل تحريري نشان جو هڪ جز آهن.

(3) /جُوار/ ۽ /هُوا/ ٻولن ۾ [و] هڪ اڌ – وائل جي نمائندگي ڪري ٿو. (’جُوار‘ ۽ ’هُوا‘ کي ڪي ليکڪ ’جُئار‘ ۽ ’هُئا‘ به لکندا آهن).

(4) /يَڪو/ ۽ /يامين/ ٻولن ۾ پهريون [ي] هڪ وينجڻ جي نمائندگي ڪري ٿو.

(5) /سپاٽي/ ۽ /ڪير/ ٻولن ۾ ’ي‘ تحريري نشان هڪ آواز جي مڪمل تحريري نشان جو هڪ جز آهي.

(6) /اپياس/ ۽/پاڻيارو/ ٻولن ۾ [ي] هڪ اڌ – وائل جي نمائندگي ڪري ٿو.

- {اڌ – وائل} [و] جي اچار لاءِ ڳالهائڻ جا عضوا [آ، او يا اُو] سُر کان شروع ٿين ٿا، ۽ رڪجڻ کان سواءِ يڪدم ٻئي سُر [آ يا آ] ڏانهن مڙن ٿا. ڳالهائڻ جي عضون جي جلدي موڙ ڪري، عضون ۾ گهڪو ٿئي ٿو، ۽ ڳرو گسٽو آواز يعني نيم – سُر [و] پيدا ٿئي ٿو. هن کي ٻن چپن ۽ نرم تارونءَ وارو (labiovelar) نيم – سُر چئبو آهي. . .

ساڳيءَ طرح [ي] جي اچارڻ لاءِ ڳالهائڻ جا عضوا [اِ ۽ اِي] سُرن کان شروع ٿين ٿا ۽ رڪجڻ کان سواءِ يڪدم ٻئي سُر (آ ۽ آ) ڏانهن مڙن ٿا. ڳالهائڻ جي عضون جي جلدي موڙ ڪري، عضون ۾ گهڪو ٿئي ٿو، ۽ ڳرو

گسڪٽو آواز يعني نيم – سُر [ي] پيدا ٿئي ٿو. هن کي سخت تارونءَ وارو نيم – سُر چئبو آهي. (الانا، 1967: 39 ۽ 40)

[آي] ۽ [آو] چو ٻه – سُرا وائل ۽ [و] ۽ [ي] چو اڌ – وائل آهن. انهيءَ حوالي سان ڪا به وضاحت نه ڏني ويئي آهي. باربر (1982: 7) چوي ٿو ته ٻه – سُري ۽ اڌ – وائل ۾ بنيادي فرق رڳو اهو آهي ته ٻه – سُرو هڪ پد کي جنم ڏئي ٿو، جڏهن ته اڌ – وائل ڪنهن به پد کي جنم نٿو ڏئي. ان ڳالهه سان اتفاق ڪندي هيءُ محبت ٻرڙو اهو به چوڻ گهري ٿو ته اڌ – وائل [ي] ۽ [و] کي اڪيلي آواز طور، هڪ پاڻ – وهيٽي (خودمختار) آواز طور اچاري سگهڻ ممڪن نه آهي، ان کي ڪنهن نه ڪنهن وائل جي زور وسيلي ئي اوري سگهجي ٿو، بلڪل ائين جيئن ڪنهن وائڃڻ کي اچاربو آهي. اڌ – وائل جڏڪ ڪنهن اڪيلي وائل ۽ اڪيلي وائڃڻ جي وچ وارو هڪ ڏاڪو يا آواز آهي.

ياد رکيو وجي ته محبت ٻرڙي کي اڌ – وائل [و] ۽ [ي] جي اپڄڻ بابت ڊاڪٽر الانا جي ٻڌايل طريقي سان مورڳو اختلاف آهي. 'چَوڻ' ۽ 'پَوڻ' جهڙن ٻولن جي ڏاتو، امر واحد ۽ اسم مصدر ۽ 'ساڳيا/ ساڳا' ۽ 'پاڳيا' جهڙن ٻولن جي ڏاتو ۽ انهن سان مليل پچاڑين تي غور ڪبو ته [و] ۽ [ي] جي اپڄڻ بابت مٿي بيان ڪيل ڳالهه پنهنجو پاڻ کي بي وزن ثابت ڪري رکندي.

4.11 محبت ٻرڙي جي 'سُر آواز' ۽ 'وينجڻ آواز' جي باري ۾ راءِ – هڪ تجزيو

محبت ٻرڙي صوتياتي ۽ وياڪرڻي جي حوالي سان ٻوليءَ جي آوازن کي ٻن گروهن (ا) 'سُر آواز' (vowels) ۽ 'وينجڻ آواز' (consonants) ۾ ورهايو آهي. 'سُر آواز' لاءِ 'وائل' ۽ 'وينجڻ آواز' لاءِ 'وائڃڻ' اصطلاح ڪم آندا اٿس. هو پنهنجي ڪتاب 'ٻول جو بڻ' (چاپو پهريون) ۾ لکي ٿو ته:

"ٻوليءَ جي آوازن کي سندن فطرت، اڏپ ۽ ڪيفيت جي لحاظ کان ٻن وڏن جٿن ۾ ورهائي درجيبند ڪري سگهجي ٿو. آوازن جي هڪ جٿي کي 'وائل' (vowel) ۽ ٻئي کي 'وائڃڻ' (consonant) آواز سڏجي ٿو. 'وائل آواز' ٻوليءَ جو ٻڌڻ ۾ اچڻ جوڳو ۽ برقرار رهي سگهندڙ (sustainable) پڌڻو آواز آهي، جنهن کي اپائڻ لاءِ هوا جي وهڪ ۽ اُن جي لنگهه کي وات جي کوپي ۾ سوڙهه سنگهوڙ پلي ٿئي، پر رندڪ، جزوي يا مڪمل، قطعي نه ٿئي. وات جي کوپي ۾ هوا جي وهڪ ۽ اُن جي لنگهه کي ڳالڪ آرڪٽن جي سهڪار ۽ سهرٽ وسيلي ڏار ڏار هنڌن تي ٽيندڙ سوڙهه سنگهوڙ مختلف قسمن جي وائل آواز اپائڻ ۾ مددگار ٿئي ٿي. مختصر طرح ائين به بيان ڪري سگهجي ٿو ته وائل اهو ڳالڪ آواز آهي، جيڪو وات مان (واڪل ڏورين جي مدد سان واڪي ۾ بدلائي)

ساهه جي اڻ رندیل (un-impeded) وهڪ وسيلي اپايو وڃي ٿو. ڦڦڑن کان ٻاهر ڏوڪي ايندڙ هوا جو سمورو مقدار جڏهن نڪ جي کوپي ڏانهن وڃڻ بجاءِ، وات جي کوپي مان گذري چپن وٽان خارج ٿئي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ جيڪي وائل آواز پيدا ٿين، انهن کي 'صاف' ۽ جڏهن هوا نڪ جي کوپي مان نيڪال ٿئي ته اهڙي حالت ۾ جيڪي وائل آواز پيدا ٿين، تن کي 'نڪوان' سڏجي ٿو." (ہرڑو، 2007: 43، 23)

مٿئين بحث مان هيءُ نتيجو نڪتو آهي ته وينجڻ معنيٰ چُپ يا ماٽِ. ماٽِ يا چُپ کي ادبي يا لساني اصطلاح ۾ 'ساکن' يا 'غير متحرڪ' چئبو. جيئن ته بحث ۾ اها ڳالهه چڻي ٿي آهي، ته جهڑيءَ طرح 'سُر' (vowel) هڪ متحرڪ يا غير ساکن آواز آهي، تهڑيءَ طرح 'وينجڻ' (consonant) به هڪ غير متحرڪ يا ساکن آواز آهي، پر هِتي اها ڳالهه ڪُٽکي ٿي ته اهو ڪيئن درست آهي يا ڪيئن مڃجي، ته هُجي 'آواز' ۽ سڏجي ساکن يا غير متحرڪ. محبت ہرڑو سُر آواز ۽ وينجڻ آواز جي اپياس کان پوءِ هي نتيجو ٿو ڪڍي ته جهڑيءَ ريت سر (vowel) ۾ آواز موجود آهي ۽ اُهو 'سُر آواز' چوڻ جي لائق ئي تڏهن ٻڌجي ٿو جڏهن اُن ۾ 'آواز' جي موجودگي آهي. اهڑيءَ طرح 'وينجڻ' ۾ به آواز جي موجودگي شامل آهي. مگر اهو آواز، سُر (vowel) جي پيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. اهڑي وينجڻ آواز کي محبت ہرڑو 'جهيڙو وائل' يعني 'جهيڙو سُر' ڪوٺي ٿو، ۽ اُهو عربيءَ ۾ جزم (ـْ) سان ظاهر ڪري سگهجي ٿو. محبت ہرڑي جي راءِ مطابق، انگريزيءَ ۾ اهڑي آواز جي اڃا ڪا به تحريري صورت وجود ۾ نه آئي آهي، پر موصوف وينجڻ جي انهيءَ هلڪي آواز، جنهن کي هو 'جهيڙو وائل' سڏي ٿو، [1/1] صورتخطي يا نشانيءَ سان ظاهر ڪري ٿو.

محبت ہرڑو 'سر آواز' جي اپياس کان پوءِ 'ہول جو بڑ' ۾ 'وينجڻ آواز' بابت هن طرح لکي ٿو ته:

"جيئن وائل آواز جي هڪ خصوصيت بنا رندڪ هجڻ آهي، تيئن وائڃڻ آواز جي هڪ خصوصيت رندڪدار هجڻ آهي. هوا جي وهڪ ٻنهي قسمن جي آوازن لاءِ لازمي آهي. هوا جي اُها وهڪ، جنهن وسيلي [آ]، [آ] وغيره جهڑو چڻو يا رتل وائڃڻ آواز نه اُپجي سگهي، پر راڙ جي سطح ۽ مدي (period) جي حوالي سان انهن کان به گهٽ هجي، اُن کي 'جهيڙو وائل' سڏجي ٿو." (ہرڑو، 2007: 63)

محبت ہرڑو اڳتي لکي ٿو ته:

"انگريزي لکيت ۾ اهو 'جهيڙو وائل' آواز ظاهر ڪري سگهڻ لاءِ اڃا ڪو به تحريري نشان وجود ۾ نه آيو آهي. عربي، سنڌي لکيت ۾ 'جزم' جي نشان کي 'جهيڙي وائل' جو نمائندو سمجهڻ گهرجي. ليڪڪ (محبت ہرڑو) اُن هلڪي آواز،

جهيڙي وائل کي وايا ڇاڻي (phonetic) صورتخطيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ [1/1] ڪم آڻي ٿو. ٻوليءَ ۾ ٻول ۾ آواز کي جاچبو آهي، لکت کي نه." (حوالو ساڳيو)

محبت ٻرڙي پنهنجي راءِ کي واضح ڪرڻ لاءِ انگريزي زبان جي لفظن جا مثال دليل طور پيش ڪيا آهن. هو لکي ٿو ته:

- /script/ (سڪرِپٽ، جنهن کي سنڌيءَ ۾ عام طرح "اسڪرپٽ" اچاريو ويندو آهي) جي تحريري نشانن ۾ وائل جي نشاندهي ڪندڙ رڳو هڪ اڪر 'i' (آءِ) آهي، جنهن جو سڌو واسطو 'r' (آر) سان آهي ۽ باقي اڪر بنا وائل آهن. پر ڇا ان ٻول ۾ 's' (ايس)، 'c' (سِي)، 't' (ٽِي) ۽ 'p' (پِي) جو ڪو به آواز نه آهي؟

- اڪثر انگريزي ٻولن جو جمع واسطيدار ٻول جي آخر ۾ 's' (ايس) آڻي ٺاهيو وڃي ٿو، جيئن drivers (ڊرائيورس)، tailors (ٽيلرس)، sailors (سيلرس) وغيره. مروج انگريزي اچار ۾ 'ڊرائيور'، 'ٽيلر' ۽ 'سيلر' جهڙن ٻولن جو آخري آواز [r] [(ر)] جو آواز ڇڏو نه ڪيو ويندو آهي، يا ائين چئجي ته ايترو هلڪو ڪيو ويندو آهي جو اُن جو محض احساس ئي ٿي سگهندو آهي، پر اهڙن ٻولن جي پويان 's' اچي جڏهن ٻول کي جمع ڪري ٿي تڏهن، نه رڳو 's' پر 'r' جو آواز به ٻڌڻ ۾ اچڻ جوڳو ٿي پوندو آهي، توڙي جو لکيت ۾ اهي 'بنا وائل' ئي هوندا آهن.

- درحقيقت، اوهين جڏهن پراڻي انگريزي پڙهي رهيا هجو، تڏهن اوهان کي اهو ياد رکڻو آهي ته هر تحريري نشان جو اُچار ڪرڻو آهي، جيئن 'niht' (night) ۾ 'h' جو، sign (to sign) ۾ 'n' ۽ 'g' ٻنهي جو، (to kiss) cyssan ۾ ٻئي 's' آواز ۽ اهڙيءَ طرح وڌيڪ. ان جو صاف ۽ ڇڏو مطلب هي ٿيو ته لکت ۾ جيڪي اکر (ڪهڙي به آواز جا نمائندا قرار ڏنا وڃن) بنا وائل سڏجن ٿا. ٻول ۾ اهي سَو سيڪڙو بي آواز نه آهن." (ٻرڙو، 2007: 63، 64)

حاصل مطلب: /house/ ۾ 's' هڪ سر 'e' رکي ٿو، تنهنڪري رتل (sustained) يا برقرار رهي سگهندڙ 'وينجڻ' سمجهيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح /house/ ۾ به 's' هڪ رتل وينجڻ آهي ۽ 'e' ان جو سر آواز آهي. /scripts/ ۽ /school/ ۾ 's' بظاهر 'وينجڻ' آهن، پر ڇا ائين چئبو ته انهن لفظن ۾ 's' جو آواز ئي موجود نه آهي. انڪري هي وينجڻ آواز ۾ جهيڙو سر آواز موجود رهي ٿو، جيڪو سر آواز جي ملڻ سان وڌيڪ متحرڪ ٿئي ٿو.

4.12 سُر آوازن جي ورهاست

’سُر آواز‘ جي ورهاست وقت ٽن ڳالهين جو خاص خيال رکڻ گهرجي:

الف - ڇپ جو حصو، جيڪو اچاريندڙ (articulators) آهي.

ب - ڇپ جي اوچائي ۽ ڦهلاءُ.

ج - ڇپن جي حرڪت جو انداز.

ڇپ (tongue)، ڳالهائڻ جو اهڙو عضوو آهي، جنهن جا 3 حصا: مٿياڙي (Apex)، اڳياڙي (front) ۽ پچاڙي (back) ٿين ٿا. انهن مان مٿياڙي جي اڳ واري حصي کي چوٽي (tip) سڏجي ٿو. هيءُ حصو، ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڇُرٽو قِرٽو آهي. هِن کي اُچاريندڙ عضوو (articulatory organ) چئجي ٿو، ڇو ته هي عضوو آواز پيدا ڪرڻ مهل مخرجن جي ويجهو وجي ٿو يا انهن کي ڇُهي ٿو. باقي ڇپ جا ٻيا حصا، سُسن ۽ ڏندن ٿا ۽ ڪڏهن وري تراکڙا ٿي هيٺين جاڙي (Lower Jaw) جي ڪُب ۾ سمائجي وڃن ٿا ۽ اهڙيءَ ريت ڇَپَ، ڇِپَ جي انهن ٽنهي حصن جي حرڪت دوران، پنهنجي هيئت ۽ صورت بدلائين ٿا. چوٽيءَ سميت ڇپ جا ٻيا حصا به اچاريندڙ آهن.

عالمن سُرن جي تقسيم هن طرح ڪئي آهي:

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا پاران سُرن جي ورهاست

ڊاڪٽر الانا موجب، سُرن جي درجيبنديءَ جو مدار، ڇپ جي چاڙهه (raising of the tongue) يعني ڇپ جو وات ڏانهن مٿي (تارونءَ طرف جيترو ممڪن ٿي سگهي، اوترو مٿي) کڄڻ ۽ ’ڇپ جي لاٿ‘ (falling of the tongue) جيترو ممڪن ٿي سگهي، تارون کان اوترو هيٺ لهڻ، ۽ ڇپ جي حصي (مهڙ يا پوچڙ) جو، تارونءَ ڏانهن ’مٿي کڄڻ‘ ۽ تارونءَ کان ’هيٺ لهڻ‘ تي آهي:

1. ڇپ جي اوچائيءَ ۽ لاٿ جي لحاظ کان سُرن جي ورهاست



[آي، [اِي، اُو] [اَ] [آ]
او، را ۽ اُ)

2. ڇپ جي حصن (مهڙ، پوڇڙ ۽ وچ) مطابق سُرن جي ورهاست

الف: مُهڙ وارا سُر (Front vowels) [اِي ۽ اي]

ب: پوڇڙ وارا سُر (Back vowels) [اُو، او ۽ آ]

ج: وچڑا سُر (Central vowels) [اَ، اُو ۽ آ]

3. ڇپن جي بيهڪ مطابق، سُرن جي ورهاست



4. سيڙيل سُر (Tensed vowels) [اِي]

5. ڊرا سُر (released vowels) [اَ]

سنڌي سُرن جي ترتيب



سُرن جي لام يا ڊيگهه (length of vowels) جي لحاظ کان ورهاست:





2. سُرن جون جوڙيون: سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب، سُرن جون جوڙيون هي آهن:

[آ] ۽ [آ] – [آ] چوٽو سُر، اُن جو ڊگهو جوڙ [آ]

4.12.1 واحد بخش شيخ طرفان آوازن جي ورهاست

	اُچارن جو هنڌ (مخرج)	حرف
1.	شفوي حروف (چپن مان نڪرندڙ حرف)	ب، ٻ، پ، ف، پ، ڦ، م، و
2.	شجري حروف (ڪليل گول چپن مان نڪرندڙ حرف)	ج، جهه، چ، ش، ص، ض، ڇ
3.	نٿوي حروف (ڏندن ۽ زبان ملائڻ سان نڪرندڙ حرف)	ٿ، ذ
4.	نطعي حروف (زبان کي مٿين ڏندن سان ڏيئڻ ذريعي نڪرندڙ حرف)	ت، ٽ، د، ڈ، ط
5.	اسلي حروف (زبان جي چوٽيءَ مان نڪرندڙ حرف)	س، ز، ظ
6.	ذلقي حروف (زبان جي چيڙي مان نڪرندڙ حرف)	ڇ

7.	لهوي حروف (تارونءَ مان ۽ تارونءَ سان زبان لڳائڻ سان نڪرندڙ حرف)	ا، ٽ، ٺ، ڇ، ب، ڊ، ڏ، گ، ر، ڙ، ڳ، ک، ڪ، ل، ن، ٽ، هه، ي
8.	حلقي حروف (حلق يا نڙيءَ مان نڪرندڙ حرف)	گهه، ڱ، ح، خ، ع، غ، ق

4.12.2 محبت ٻرڙي پاران سُرن جي ورهاست – هڪ تنقيدي اڀياس

هر هڪ سُر آواز کي جڏهن اڪيلو ڪري اچاربو ۽ ڏيان پنهنجي وات ۾ ڇپ جي ڇُرپُر ۽ چپن جي ڏول تي رکبو تڏهن ڄاڻي سگهبو ته واڪل ڏورين کان وٺي چپن تائين هوا جي وهڪ کي خصوصي طرح سوڙهه سنگهوڙ ۽ گهٽ وڌ ڪندڙ مکيه آرڪٽ ڇپ آهي ۽ ان جا مکيه مددگار ڇپ آهن.

ڇپ تراکڙي ٿي هيٺين ڄاڙيءَ جي وچ واري ڪُب ۾ ويهجي وجي ٿي، جڏهن مشڪون ڦندائي وچڙي ۽ ڪڏهن ايتري ٽلهي ٿي وجي ٿي جو تارون هيٺان هڪ سوڙهي وٺي مس بچي ٿي، پر سُر آواز پيدا ڪرڻ مهل ڇپ ڪڏهن به ايتري ٽلهي نٽي ٿئي جو ان جو ڪو به حصو ڪنهن به هنڌ وات جي پولار ۾ ان جي ڇت کي ڇُهڻ لڳي. ڇپ جي ٿولهه ۾ گهٽ وڌائي وات جي پولار کي گهٽ وڌ ڪري ٿي. ٻيو ته، هر سُر آواز اچارڻ مهل سڄي ڇپ هڪ ڪَرِي ٽُلهي يا ستنهي نٽي ٿئي. ڪڏهن ان جو پٽيون حصو ٽلهو ٿي اُپري ٿو ته ڪڏهن اڳيون يا وري وچيون. ڇپ جي اڳئين حصي کي به ٻن حصن ۾ ورهائي سمجهڻ گهرجي. ڇپ جي چک، سُر آواز اپائڻ ۾ ايڏو اهم ڪردار ادا نٽي ڪري، جيترو ان جو مُهڙ (يعني چک کان پويون حصو). ڇپ جي مشڪن جي سِيٽ ۽ ڊرائي پڙ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

سُر آواز کي سندس مخصوص روپ ڏيڻ ۾ چپن جي بيهڪ به اهم ڪردار ادا ڪري ٿي:

(1) ڇپ جڏهن گول ٿين ٿا:

(الف) ويڪرا گول ٿين ٿا،
(ب) وچڙا گول ٿين ٿا ۽
(ٻ) سوڙها گول ٿين ٿا،

(2) ڇپ جڏهن پکڙيل هجن ٿا ۽

(3) ڇپ جڏهن وچڙا ڪُليل هجن ٿا.

سُر آواز پيدا ڪندي چپ ڪڏهن به پاڻ ۾ نٽا ملن. (چپ پاڻ ۾ ملي هوا جي وهڪ کي بند ڪري آزاد ڪندا ته پيدا ٿيندڙ آواز سُر نه هوندو، اهو به چپائون وينجڻ آواز ٿي پوندو.

نرم تارون پڻ ڪجهه قدر هيٺ مٿي ٿئي ٿو ۽ هوا جي گذر کي گهٽ وڌ ڪري وائل آواز جي اپت ۾ هڪ ڪردار ادا ڪري ٿو. ڪجهه ٻولين ۾ ڪي اهڙا وائل آواز به اچارجن ٿا جن ۾ چپ جي چڪ مٿي وکڙ ڪري پٺتي موٽ کائي ٿي (باقي چپ انهيءَ ئي حالت ۾ رهي ٿي، جنهن ۾ وائل آواز اپائڻ مهل هوندي آهي)، اهڙيءَ حالت ۾ اچاريل وائل آواز کي مُورڊني (retroflex يا پُٺ – وکڙ) سڏجي ٿو.

چپ جي ٿولهه، چپ جي ٿلهي يا سنهي ٿيل حصي، چپن جي ڊول ۽ نرم تارونءَ جي سطح جي حوالي سان هر وائل اچارڻ مهل وات جي کوپي جي بيهڪ مختلف ٿئي ٿي، ۽ مختلف ٻولين ۾ ساڳيو آواز اچاريندڙ پڻ مختلف ٿئي ٿي. مثال طور [آ] لڳ ڀڳ هر ٻوليءَ ۾ اچاريو وڃي ٿو، پر ڪنهن انگريزي، چيني، عربي يا سنڌيءَ جي وات مان اچارڻ مهل انهن سپني جي ڳالهائڻ جي عضون جي بيهڪ ضروري ناهي ته هڪ جهڙي هجي. خاص ڪري چپ جي سطح کي ذهن ۾ رکي، عام سمجهاڻيءَ لاءِ جڙتو مُک يا معياري آواز مقرر ڪيا ويا آهن ته جيئن هڪ جهڙي آواز مهل چپ جي عمومي بيهڪ کي ذهن ۾ آڻي سگهجي.

<u>معياري سُر اچارڻ مهل چپ جي بيهڪ</u>



1. اڳيون اوچو / سوڙهو سُر، جيئن [اِي]
2. اڳيون وچٿرو اوچو/ اڌ – سوڙهو سُر، جيئن [اِ]
3. اڳيون گهٽ اوچو/ اڌ – ڪليل سُر، جيئن [اي]
4. اڳيون هيٺيون / ڪليل سُر، جيئن [آي]

5. پويون هيٺيون / ڪليل سُر، جيئن [آ]

6. پويون گهٽ اوچو/ اڌ – ڪليل سُر، جيئن [آو]

7. پويون وچڙو اوچو/ اڌ – سوڙهو سُر، جيئن [او]

8. پويون اوچو/ سوڙهو سُر، جيئن [ا] ۽/يا [اُو]

9، 10 ۽ 11 وچيان سُر، جيئن [آ]

سنڌي سُر آواز اچارڻ مهل ڇپ جي بيهڪ
هڪ راءِ (الانا، 1967: 75)



(1) اِي (2) اِ (3) اي (4) آ (5) او
(6) اُ (7) اُو (8) آ (9) آو (10) آي

* * *

سنڌي سُر آواز اچارڻ مهل ڇپ جي بيهڪ
(جتوئي، 1983: 50 ۽ 52)



(1) اِي (2) اِ (3) اي (4) آي (5) آ
(6) آو (7) او (8) اُ (9) اُو (10) اَ

* * *

انگريزي سُر اچارڻ مهل چپ جي بيهڪ
(باربر، 1982: 5)



هيٺ هر هڪ سُر جي اچار مهل ڳالهائڻ جي عضون جي بيهڪ جو تفصيل ڏجي ٿو.

- [اِي]: مهڙيون (front)، اوچو (high) (’سوڙهو‘ يا ’گهُٽيل‘ (close) به سڏبو آهي، ڊگهو (long)، صاف (non-nasal) سُر آواز. چپ جي چوٽيءَ جو هيٺيون حصو هيٺين اڳين ڏندن جي ٽيڪ وٺي ٿو، مشڪون سيٽيل. چپ پکڙيل. مثال: /اِيٽ، اِيس/ ٻولن جو پهريون آواز.
- [اِ]: مهڙيون، (ذرو وڌ) وچڙو اوچو (mid high)، ننڍو (short)، صاف سُر آواز، چپ جي چوٽيءَ جو هيٺيون حصو هيٺين اڳين ڏندن جي پاڙ ڪي

چُهي ٿو، مشڪون ڏريون، چپ وچٽرا پکڙيل. مثال: /اٽ، اِڪِي/ ٻولن جو پهريون آواز.

- [اي]: مهڙيون، (ذرو گهٽ) وچٽرو اوچو (’اڌ – سوڙهو’ يا ’اڌ – گهٽيل’ half close) به سڏبو آهي). ڊگهو، صاف، سُر آواز، مشڪورن ڏريون. چپ وچٽرا کليل. مثال: /ايڪو، ايڏو/ ٻولن جو پهريون آواز.

- [آي]: مهڙيون گهٽ اوچو (low high) (’اڌ کليل’ (half open) به سڏبو آهي)، ڊگهو، صاف سُر آواز. هيٺين چاڙي ٿورو هيٺ پرو سَٽ کائي ٿي. مشڪون ٿورو سيٽجي ڏريون ٽين ٽيون. چپ وچٽرا کليل. مثال: /آيٽ، آيٽ/ ٻولن جو پهريون آواز.

- [آ]: چپ جي وچ وارو هيٺيون (low) (’کليل’ (open) به سڏبو آهي)، ڊگهو، صاف سُر آواز، جيڪڏهن بلڪل چٽو ڪري اچاربو ته پٺيون (back)، هيٺيون، ڊگهو صاف سُر آواز. وات نسبتاً وڌيڪ کُليل. چپ ڏرا ۽ کُليل. مثال: /آڪهه، آلهه، آواز/ ٻولن جو پهريون آواز.

- [آو]: پٺيون، گهٽ اوچو، ڊگهو، صاف سُر آواز. هيٺين چاڙي ٿوري مٿيري سٽ کائي ٿي. چپ وچٽرو کليل هجڻ کان هلڪي گول هجڻ ڏانهن چرپر ڪن ٿا. مثال: /آولو (سَولو)، آورڪَ/ ٻولن جو پهريون آواز.

- [او]: پٺيون، (ذرو گهٽ) وچٽرو اوچو، ڊگهو، صاف سُر آواز. چپ کليل گول. مثال: /اوڏر، اوٺو/ ٻولن جو پهريون آواز.

- [اُو]: پٺيون، اوچو، ڊگهو، صاف سُر آواز، چپ سوڙها گول. مثال: /اُچو، اُوڪ/ ٻولن جو پهريون آواز.

- [آ]: وچون، وچٽرو اوچو، ننڍو، صاف سُر آواز. چپ وچٽرا، کليل. مثال: /آمان، آبا، آٽو/ ٻولن جو پهريون آواز.

محبت ٻرڙو سمجهي ٿو ته ڪي ٻيا سُر آواز پڻ سنڌي لفظن ۾ موجود آهن، جن کي اڃا نه کوجيو ويو آهي.

سُر آوازن جي درجيبندي

[آ]، [ا] ۽ [اُ] کي ’ننڍا‘، ۽ باقي، مٿي چاڙايل سُر آوازن کي ’ڊگها‘ سڏجي ٿو. ساڳيءَ طرح سندن بناوت جي حوالي سان سمورن وائل آوازن کي ٽن گروهن ۾ ورهايو وڃي ٿو: (1) نج يا يَڪسُرا، (2) ٻِسُرا ۽ (3) ٽِسُرا.

(1) نج (Pure) يا يَڪسُرا (Monophthong)

اهڙو سُر آواز جيڪو هڪ ئي مخرج وٽان هڪ سَٽ ۾ ادا ٿي وڃي، ان کي ’نج‘ يا ’يڪسرو‘ سڏجي ٿو. [آي] ۽ [آو] بابت اختلاف موجود آهي، باقي سڀني ڄاتل سنڌي صاف سُر آوازن کي اتفاق راءِ سان نج يا يڪسرو مڃيو وڃي ٿو.

(2) ٻه – سُرو (Diphthong)

سنڌيءَ جي ٻن سُرن (يعني وائل آوازن) جهڙوڪ ’آي‘ ۽ ’آو‘ لاءِ گمان ڪيو ويندو آهي ته اهي ٻه – سُرا (Diphothing) آهن مگر لسانياتي تجربيگاهن ۾ جاچي ڏٺو ويو آهي ته اهي هڪ – سُرا (Monophthong) آهن. (جتوئي، 1983: 53)

ڊاڪٽر لچمڻ خوبچنداڻي انهن ٻنهي آوازن کي ٻه – سُرو نٿو مڃي ۽ کين سڌو سادو اڌ – کليل سُر سڏي ٿو. ڊاڪٽر الانا (1967: 79-78) اهو ڏيڻ ۽ ڄاڻائڻ باوجود انهيءَ راءِ سان اختلاف ڪندي (آي) ۽ (آو) کي يڪسرو تسليم نٿو ڪري.

- [آي] هي ’يڪپدو دهرو سُر‘ يعني (ٻه – سُرو وائل) آهي. هن جي اچارڻ ۾ ڇپ آ [8] ڪان شروع ٿئي ٿي، ۽ يڪدم [اي] ڏانهن مڙي ٿي. [آ] کان [اي] ڏانهن هڪدم مڙڻ ڪري يڪپَدو (phonetic transcription) ۾ هن جي صورت [8e] ٿي سگهي ٿي. [8e] جو پويون جز ’ڪمزور‘ (non-syllabic) آهي. اصطلاح ۾ ’Phthong‘ جي لفظي معنيٰ آهي ’واڪو‘ (voice) يا سُر (vowel). سنڌيءَ ۾ ’vowel‘ جي متبادل طور ’سُر‘ آڻڻ جي ڪري ’phthong‘ جي اصطلاح ۾ مونجهارو پيدا ٿي پوي ٿو. ڊاڪٽر الانا ’phthong‘ جي متبادل طور ’يڪپدو دهرو سُر‘، ’دهرو سُر‘ ۽ ’يڪپدو دهرو‘ لفظ ڪم آڻڻ سان گڏ ’يڪي پد وارو ٻٽو سُر‘ (1969: 27) جهڙا لفظ پڻ ڪم آندا آهن. جنهن ڪري پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي. محبت ٻرڙي ’vowel‘ جي بدران ’وائل‘ ڪم آندو آهي (جنهن جو سبب گهربل جاءِ تي ڏنل آهي ۽ ’phthong‘ جي بدران ’سُر‘ لفظ ڪم آڻيندي ’monophthong‘ جي لاءِ ’يڪسرو‘، ’diphthong‘ جي لاءِ ’ٻه – سُرو‘ ۽ ’triphthong‘ جي لاءِ ’ٽه – سُرو‘ اصطلاح ڪم آندا آهن.

[آو] هي به يڪپَدو دهرو سُر (يعني ٻه – سُرو وائل) آهي. هن جي اچارڻ ۾ زبان آ [8] کان شروع ٿئي ٿي، ۽ يڪدم [او] ڏانهن مڙي ٿي. [آ] کان [او] ڏانهن هڪدم موڙ ڪائڻ جي ڪري ’يڪپدو گسڪٽو‘ آواز ٿئي ٿو. صوتياتي رسم الخط ۾ هن جي صورت [85] ٿي سگهي ٿي. [85] جو پويون جز ’ڪمزور‘ آهي. (الانا، 1967: 81)

- يڪپدا دهرا سُر هي آهن: آي ۽ آو.

سادن ۽ ڏُهرن سرن جي پيٽ لاءِ هيٺيان مثال ڏجن ٿا:

سادا سُر	يڪپدا دهرا سُر
اوجهه	اوج (الانا، 1967: 79)

[آي] ۽ [آو] بابت ڊاڪٽر الانا جي مٿي ڏنل وضاحت ۾ دليل جي قوت موجود آهي پر پاڻ جيڪا ’نيم – سُر‘ (اڌ – وائل، semi-vowel) جي وضاحت ڪئي اٿن (1967: 39) ان ۾، ۽ ٻه – سري جي وضاحت ۾ فرق قائم رکي نه سگهيا آهن.

ٻه – سُري جي هڪ وضاحت

- جيڪڏهن ٻه سُر (يعني ٻه وائل) اهڙي طرح اچارجن جو پهريون (وائل) پورو پورو ادا ڪري پوءِ ٻيو ادا ڪجي، ته اهو مرڪب (compound) آواز ٿيندو؛ مثلاً "چَئوس" ۾ پهريائين [آ] جو آواز پورو ڪجي ٿو ۽ پوءِ [او] جو، تنهنڪري اتي ٻه سر (يعني ٻئي وائل) ڏار ڏار آهن؛ انهن کي ٻه – سُرو (diphthong) سڏي نه سگهبو؛ مگر ٿَئي، ڪاءُ، لاءِ، پوءِ، پيءُ، سيءُ (ءِ) سوءَ لفظن جي آخر ۾ ٻه – سرو (diphthong) آواز آهي، جيئن ڳالهائڻ وقت محسوس ٿئي ٿو. سنڌي لفظن جي آخر ۾ جيڪڏهن همزو ايندو ته پوءِ ان جو آواز اڳئين سُر (يعني وائل) آواز سان ملي ٻه – سرو ٺاهيندو؛ ٻيءَ حالت ۾ نه ٺاهيندو. (جتوئي، 1983: 53)

"جيئن ڳالهائڻ وقت محسوس ٿئي ٿو". چوڻ ڪا مناسب وضاحت نه آهي. ڳالهائڻ وقت ته ٻه – پدو (disyllabic) محسوس ٿئي ٿو. /ٽِ+ اي/، /ڪا+آ/، /لا+اِ/، /پو+اِ/، /پِي+اُ/، /سِي+ اُ/، /سو+آ/. جڏهن ته هڪ ٻسرو وائل آواز ڪڏهن به ٻه – پدو نٿو ٿئي، اهو يڪپدو (monosyllabic) هوندو آهي. انگريزيءَ جي /make/، /hide/، /house/، /boy/ ۽ /home/ ٻولن ۾ وائل آواز ڪي ٻه – سرو قرار ڏنو ويو آهي. (باربر، 1982: 7). ان ڪري:

ٻه – سرو وائل اهو آواز آهي، جيڪو آواز جي هڪ ئي سَٽ/ وَهڪ ۾ ادا ٿي وڃي يعني يڪپدو هجي پر اچاريندي ان جا ٻه جز محسوس ٿين.

[او] ۽ [اي] چوڻ مهل آواز جا ڪي به ٻه جز محسوس نٿا ٿين. جڏهن ته [اُو] ۽ [آي] اچارڻ مهل نه رڳو هرهڪ آواز جا ٻه جز پر ڇپ جي چرپر ۾ هڪ جهُوٽَ، جهولَ يا ڳِسڪَ ڪي پڻ محسوس ڪري سگهجي ٿو.

3. ٽه – سُرو (Triphthong)

- ڪن ٻولن جھڙوڪ: انگريزيءَ ۾ ٽه – سُرو (triphthong) (آواز) به ٿئي. ڏيان ڏيڻ گھرجي ته 'چيئَر' ۽ 'ٽائئَر' لفظ لکندي 'ئ' تي حرڪت (زبر) جي نشاني ڏيڻ سبب انگريزي ٻولن جو آواز/ اچار نٿيڪ طرح ظاهر نٿو ٿئي. ان نموني لکڻ جي ڪري 'چيئر' جو ٽه – سُرو آواز ([ايئه] پڃي [اي+آ] ۽ 'ٽائئر' جو ٽه – سرو آواز [آئئه] پڃي [آءِ+آ) ٿي پيو آهي. انگريزيءَ جون ڊڪشنريون اهي اچار هن طرح سمجھائين ٿيون:

چَيمبرس ڊڪشنري	**اوڪسفرد ڊڪشنري**
• chair / chār/ چيئر	• chair / tʃeə/ (ر) چيئـ
• tyre /t r/ ٽائئر	• tyre /taiə (r)/ (ر) ٽائئـ

[آئئه] ۽ [ايء] جھڙيون وائل صورتون سنڌي ٻوليءَ ۾ اجا تائين نه کوجيون ويون آهن.

ٽه – سُرو وائل اهو آواز آهي، جيڪو آواز جي هڪ ئي سَٽ/ وهڪ ۾ ادا ٿي وڃي، يعني يڪپدو هجي پر اچاريندي ان جا ٽي جز محسوس ٿين.

4.13 هڪ نيارو ۽ اٽ ڪوجيل سنڌي سُر

هتي لکيت سرشتي جي هڪ خاميءَ ڏانهن ڏيان ڏيڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. انگريزيءَ ۾ 'Loure' جو اچار /lōōr/ (لُور) آهي ۽ 'house' جو اچار /hows/ (هائس) آهي جيڪو سنڌيءَ ۾ مروج اچار 'هائُوس' کان فرق رکي ٿو. توڙي جو ٻنهي لفظن جو اچار ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ جھڙن ۽ ٻن وائل اکري نشانن ou کان مدد ورتي ويئي آهي. پھرئين لفظ 'Loure' ۾ سُر آواز [اُو] ۽ 'fight' جو سُر آواز [آءِ] آهي، توڙي جو ٻنهي مختلف آوازن کي ظاهر ڪندڙ اکري نشان ساڳيو 'i' آهي.

محبت ٻرڙي کي هيٺ ڏنل ٽن لفظن جو سُر آواز ظاهر ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي:

/کا-/. ڊاڪٽر الانا (1987: 41) هن لفظ کي /کائٹ/ جو ڏاتو سڏيو آهي.

/کاءُ-/. پروفيسر جتوئي (1983: 121) هن لفظ کي /کائٹ/ جي 'بنياد جو پھريون پد' سڏيو آهي.

/کاءُ-/. هي لفظ /کائٹ، کا- يا کاءُ-/ جي امري صورت کي ظاهر ڪري ٿو.

/کاءُ/ ٻه – پدو ٻول آهي: /کا+اُ/. اهو پاڻ ۾ امر واحد ضمير حاضر (’تُون‘) لکايو ويڻو آهي، ۽ اهو ضميري مفهوم پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ [اُ] آهي. /اُتُ، ويهُ، لِکُ، ڏِسُ، وَڃُ/ سڀ امري صيغا آهن، ۽ انهن ۾ ڇاڻايل، لياقت يا معنوي فرق پيدا ڪرڻ جو اڪيلو سبب انهن ٻولن جو پويون [اُ] آهي. اهو ڪڍي ڇڏڻ کان پوءِ باقي بچندڙ ٻول /اُتْ، ويهْ، لِکْ، ڏِسْ، وَڃْ/ هوندو، ۽ انهن صورتن کي ڊاڪٽر غلام علي الانا (1987: 41، 42 ۽ 43) ’ڏاتو‘ ۽ پروفيسر علي نواز جتوئي (1983: 117، 121 وغيره) ’بنياد‘ يا ’بنياد جو پهريون پد‘ سڏي ٿو.

/کاءُ/ جو [اُ] ڪڍي ڇڏڻ کان پوءِ يا ته اها صورت بچندي، جنهن کي پروفيسر جتوئي /کائڻ/ جي بنياد جو پهريون پد سڏيو آهي، يعني /کاءُ-/ يا وري اها صورت، جنهن کي ڊاڪٽر الانا /کائڻ/ جو ڏاتو سڏيو آهي يعني /کا-/.

لکت جي اصولن موجب /کاءْ/ لکڻ غلط آهي ڇو ته ’جزم‘، جيڪا عام سوچ موجب ’ساکن‘ يا ’بنا سُر‘ هجڻ جي نشاني آهي، اهڙي اکر مٿان ظاهر ڪئي ويئي آهي، جيڪو هڪ سُر جي نمائندگي ڪندڙ آهي. ڇا ڪنهن به سُر تحريري نشان تي، عام سوچ موجب، ’جزم‘ يعني سڪون جي نشاني ڏيئي سگهجي ٿي؟

جواب "نه" آهي. يعني جيڪو پاڻ سُر آواز آهي، اهو وري بي حرڪت، مانو، ساکن ڪيئن ٿيندو؟ جيڪو پاڻ ’آواز‘ آهي سو وري ’بي آواز‘ ڪيئن ٿي سگهندو!؟ چٽو مطلب هي ٿيو ته عام سوچ موجب /کاءْ-/ لکڻ غلط آهي.

پوءِ، ڇا /کا-/ لکڻ درست آهي؟ ڇا اهو لفظ جي حقيقي ڏاتوءَ کي ظاهر ڪري ٿو؟

جواب آهي، "نه".

/ٻارڻ، مارڻ، ٺارڻ، ساڙڻ/ وغيره جو ڏاتو جيڪڏهن /ٻارْ-، مارْ، ٺارْ-، ساڙْ-/آهي، جيئن ڊاڪٽر غلام علي الانا (1987: 42 ۽ 43) ڇاڻائي ٿو ته پوءِ /کائڻ/ جو ڏاتو /کاءْ-/ هجڻ گهرجي. جيئن /ٻارڻ، مارڻ، ٺارڻ، ساڙڻ/ وغيره جو ڏاتو سندن صرف پهريون مڪمل آواز /ٻا-، ما-، سا-/ ناهي، تيئن /کائڻ/ جو ڏاتو به سندس صرف پهريون (سمجهيو ويندڙ مڪمل) آواز /کا-/ ناهي. جيڪڏهن /کائڻ/ جو ڏاتو /کاءْ-/ ناهي ۽ /کا-/ آهي ته پوءِ ڇاڻايل ٻين متعدي فعلن جو ڏاتو به /ٻا-/، /ما-/، ٺا-/، /سا-/ هڻڻ گهرجي، پر سڏي ڳالهه آهي ته ائين ڪرڻ غلط هوندو.

/مارْ-، ٻارْ-، ٺارْ-/ ٻولن ۾ [ر] تي پورو ڏيان ڏبو ته اهو هڪ مڪمل وائڃڻ آواز بدران هڪ لرزيدار هلڪو/ جهيڻو سُر يا وڏ ۾ وڏ هڪ اڌ – وائل (سُر)

محسوس ٿيندو پر ان جو تحريري نشان ’ر‘ جيئن ته وينجڻ جو نمائندو سمجهيو وڃي ٿو، انڪري مٿس جزم جو نشان آڻي فرض ڪيو ويو آهي ته اهو هڪ ’ساڪن وينجڻ‘ آهي ۽ پول جو ڏاتو ڇاڻائڻ مهل سندس تحريري صورت کي قائم رکيو ويو آهي. /ء/ جيئن ته ڪنهن وينجڻ جو نه پر سُر آواز جو تحريري نشان سمجهيو وڃي ٿو، تنهنڪري ڊاڪٽر غلام علي الانا ان کي جزم ڏيئي ’ساڪن‘ ظاهر ڪرڻ بدران گم ڪرڻ ضروري سمجهيو، جڏهن ته پروفيسر علي نواز جتوئي اهو ڏيان نه رکيو ته، عام سوچ موجب، وائل نشان کي ساڪن نٿو ڪري سگهجي. جيئن ته سندن ادراڪ ۽ سمجهه مڃيو پئي ته اهو /کا-/ نه پر /کاءْ/ ٿيڻ گهرجي، تنهنڪري پاڻ ائين لکڻ پسند ڪيائون.

/ما-، نا-، سا-، ها-/ جيان /کا-/ صورت کي /کائڻ/ جي ڏاتو طور غلط سمجهندي ۽ /مارْ-، سازْ-، هارْ-/ صورتن کي درست سمجهي، مثال طور آڏو رکندي /کائڻ/ جو ڏاتو ٿيندو /کاءْ-/ پر /کاءْ-/ لکڻ غلط آهي، /کا-/ ٿي نٿو سگهي، پوءِ درست صورت ڪهڙي!؟

درست صورت آهي /کاء/.

/کاء/ = [ک + آء]

اها صورت، جنهن کي پروفيسر علي نواز جتوئي /کائڻ/ جي ’بنياد جو پهريون پد‘ سڏيندي /کاءْ-/ صورت ۾ لکيو ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جن /کائڻ/ جو ڏاتو سڏيندي /کا-/ صورت ۾ لکيو، پنهنجي حقيقي صورت ۾، ۽ درست صورت ۾ تڏهن ظاهر ٿئي ٿي جڏهن /کاء/ لکيو وڃي.

ان کي /کاءْ/ لکي سگهجي ٿو، پر انهيءَ شرط تي ته، ليڪ سان اتفاق ڪندي، ’جزم‘ کي ’ساڪن‘ يا ’بنا وائل‘ جو تحريري سمجهڻ بدران هلڪي تحرڪ يا جهيڙي وائل جو نشانو سمجهيو وڃي. پر ان کي /کا-/ لکڻ بلڪل غلط آهي، ڇو ته /کائڻ/ جهڙن ’حاصل مصدرن‘ جو ڏاتو سندن صرف پهريون آواز نه آهي. محبت ٻرڙو /کاء/ جي پوئين جز کي جهيڙو وائل سمجهي ٿو. هتي جيئن ته ڊاڪٽر غلام علي الانا جي حوالي سان بحث ٿيل آهي، تنهنڪري سندس ئي ڪم آندل اصطلاح لکيو ويو آهي. واحد بخش شيخ ([1986] 372) /کائڻ، ڪاهڻ، مارڻ، هارڻ/ وغيره صورتون کي متعدي معروف جو مصدر ڄاڻايو آهي، پر ڊاڪٽر الانا (1987: 43-32) انهن کي ’حاصل مصدر‘ سمجهي ٿو.

/آءُ/ = [آ] + [اُ] = /آ/ + /اُ/ – ٻه پد

/آءِ/ = [آ] + [اِ] = /آ/ + /اِ/ – ٻه پد

/آءَ/ = [آ] + [آ] = /آ/ + /آ/ – ٻه پد

/آءْ/، /آءِ/ ۽ /آءَ/ ۽ [آء] جي وچ ۾ تفاوت کي محسوس ڪرڻ گهرجي.

[آءِ] هڪ سُر آواز آهي. اهو هڪ ٻه – سُرو آهي.

[آءِ] اچاريندي [آ] جي آوازي لهر (sound wave) متي چڑهي، چڑهندي ختم نٿي ٿئي (جي ختم ٿي ويندي ته آواز [آ] ئي رهندو) پر چڑهندي هلڪو موڙ کائي ٿي ۽ ختم ٿي/ لهي وڃي ٿي. اهو هڪ يڪپدو آواز آهي. /آءْ/ اچارڻ مهل [آ] چئي ختم ٿيندي/ لهندڙ لهر هڪ پيرو وري [آ] چوٽ لاءِ اُپري ٿي ۽ ٻئي پد کي جنم ڏئي ٿي. /کاءُ، لاءِ، پيءُ، سوءَ، سِيءُ ۽ ٿئي/ جا مثال ڏيندي آخري آوازن کي پروفيسر علي نواز جتوئي ٻه – سُرا سڏيو آهي. جي اهي ٻه – سُرا آهن ته پوءِ [آء] کي يڪسرو مڇٽو پوندو. ڊاڪٽر الانا [آي] ۽ [آو] کي ٻه – سُرو سڏيو آهي. انهن جي پيٽ ۾ [آء] وڌيڪ معياري ٻه – سُرو مڇٽو پوندو، ڇو ته [آء] چوٽ مهل ڇپ کي يڪدم "موڙ کائڻ" ۽ "گسڪڻ" جي ٻه ايڏي گهرج ناهي [آء] چوندي [آ] اچاريندڙ ڇپ پنهنجي وچ وٽ هلڪو اُپار کائي [آ] جي جاري رهندڙ لهر کي هلڪو وڌاءُ يا وهڪرو ڏئي ٿي، جنهن لاءِ وڌ ۾ وڌ ائين چئي سگهجي ٿو ته [آ]، [اِ] يا [اُ] ڏانهن وڌي ٿي، پر انهن جي بيهڪ تي پهچڻ کان اڳيئي ختم ٿي وڃي ٿي.

[اُو] ۽ [آي] لساني (يعني لسانياتي) تجربيگاهه ۾ جيڪڏهن يڪسرا آهن ته [آء] انهن کان وڌيڪ بهتر نموني هڪسرو ثابت ٿيندو.

/لائڻ/ جو امر واحد /لاءِ/ آهي ۽ ڏاتو /لاء/ = [ل+آء]

/ڳائڻ/ جو امر واحد /ڳاءِ/ آهي ۽ ڏاتو /ڳاء/ = [ڳ+آء]

/ڏائڻ/ جو امر واحد /ڏاءِ/ آهي ۽ ڏاتو /ڏاء/ = [ڏ+آء]

/وائڻ/ جو امر واحد /واءِ/ آهي ۽ ڏاتو /واء/ = [و+آء]

وائل جو ڏاتو 'واء' آهي. 'وائل' اصطلاح مقرر ڪرڻ جو سبب 'ٻاڌيي – 1' (Appendix-1) ۾ ڏنو ويو آهي.

انگريزي ٻول /hide/ جو آواز ٻه – سُرو سمجهيو وڃي ٿو (باربر، 1982: 7). اهو ساڳيو سُر آواز /light/، /fight/ ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي لفظن ۾ نظر اچي ٿو.

ان سُر آواز کي واياڃاڻي (Phonetic) صورتخطيءَ ۾ هن طرح ظاهر ڪيو وڃي ٿو:

Hide = /haid/
Fight = /fait/
Light = /lait/

لفظ جي عام تحريري صورت ۾ لفظ جي سُر آواز کي توڙي جو هڪ اکر ’ i ‘ وسيلي ظاهر ڪيو ويو آهي پر واياڃاڻي صورتخطيءَ ۾ ان سُر آواز کي ٻن سُر آواز اکرن ’ai‘ وسيلي ظاهر ڪرڻ درست سمجهيو ويو آهي.

سنڌيءَ ۾ اهڙو ئي آواز رکندڙ ٻول آهن: /مائڻ، چائتڻ، ڏائڪ، کائڪ/. /کائڻ، ڏائڻ، پائڻ، ڳائڻ/ وغيره جهڙن ٻولن جو ڏاتو پڻ ساڳيو آواز موجود رکي ٿو. انهن ٻولن ۾ وائل [آء] کي تحريري صورت ۾ ’آء‘، ’آئ‘ يا ’آءُ‘ جي صورت ۾ ئي لکي سگهجي ٿو.

مٿي چاڻايل انگريزي توڙي سنڌي ٻولن جي وائل آواز جي جوڙجڪ تي پورو ڏيان ڏيو. پرکي ڏسبو ته [آء] هڪ وڌيڪ بهتر، هلڪو ۽ يڪسرو آواز محسوس ٿيندو.

4.13.1 اڻ – ڪوجيلَ ڪي نيارا سنڌي سُر

1. <u>آء</u>

/Bat، Fan، Man، Tan/ جهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ لکڻ دوران صورتخطيءَ جو مسئلو پيدا ٿئي ٿو. ڪي انهن لفظن کي سنڌيءَ ۾ ’بَئٽ‘، ’فَئن‘، ’مَئن‘ ۽ ’ٽَئن‘ لکندا، ته ڪي ’بيٽ‘، ’فَين‘، مَين‘ ۽ ’ٽين‘. وڌيڪ عام صورتون ’مَئن‘، ’بَئٽ‘، فَئن‘ ۽ ’ٽَئن‘ آهن.

’دَئت‘ يا ’دَئيت‘ – هنن ۾ درست صورت ڪهڙي آهي؟

ساڳيءَ طرح ’آئٽ‘ ۽ ’آيٽ‘، آئٽ‘ ۽ ’ايٽ‘ ۽ ’آئٽ‘ ۽ ’آيٽ‘ وغيره جهڙين صورتن مان درست ڪهڙيون آهن؟

ڇا [آء] ۽ [آي]، ٻئي هڪ جهڙا آواز آهن ۽ ’آء‘ ۽ ’آي‘ هڪ جهڙيون صورتون، يا ٻنهي جي وچ ۾ ڪو فرق به آهي؟

اچو ته ’مَئڻ‘، ’ميڻ‘ ۽ ’مَيدان‘ ٻولن جي پهرئين سُر آواز تي غور ڪريون

/ميڻ/ جو اچار ’/مي/ + /ڻ/‘ ۽ آوازَ [م + اي] + [ڻ] آهن.

/مَيدان/ جو اچار ’/مَي/ + /دا/ + /ن/ ۽ آواز [م + آي] + [د + آ] + [ن] آهن.

/مَئڻ/ جو اچار ’/مَ/ + /اِ/ + /ڻ/ ناهي.

/مَئڻ/ جو اچار ’/مَئه/ + /ڻ/’ آهي ۽ ان جا آواز ٿيندا [م + آء] + [ڻ].

/مئڻ/، /ميڻ/ ۽ /مَيدان/ جي پهرين سُر آوازن ۾ فرق موجود آهي ۽ اچارڻ ۾ ڏيان ڏيڻ وسيلي انهيءَ فرق کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

محبت ٻرڙي جو خيال آهي ته [اي] ۽ [آي] ۽ [آء] جي وچ ۾ فرق موجود آهي.

[آء] هڪ سُر آواز آهي. اهو هڪ – سُرو آهي.

[آء] اچاريندي [آ] جي آوازي لهر مٿي چڙهي، چڙهندي ختم نٿي ٿئي، جي ختم ٿي ويندي ته آواز [ا] ئي رهندو. نه ئي وري (ڊاڪٽر الانا جي لفظن جي پوئواري ڪندي) [آ] چوندي يڪدم موڙ يا گسڪو کائي [اي] ڏانهن وڌي ٿي (– جي ائين ٿيندو ته آواز [آي] ٿيندو) پر چڙهندي هلڪو موڙ کائي ٿي ۽ ختم ٿي/ لهي وڃي ٿي. اهو هڪ يڪپدو آواز آهي. /آءُ/، (جيئن: پَئُه، ڏَءُ) اچارڻ مهل [آ] چئي ختم ٿيندڙ/ لهندڙ لهر هڪ ڀيرو وري [ا] چوٽ لاءِ اُڀري ٿي ۽ ٻئي پد کي جنم ڏئي ٿي، تنهنڪري /آءُ/ جا ٻه پد ٿيندا. [آء] ٻن پدن کي جنم نٿو ڏئي ۽ نه ئي وري [آء] چوٽ مهل ڇپ کي يڪدم ”موڙ کائڻ“ يا ”گسڪڻ“ جي ايڏي کا گهرج ٻه محسوس ٿئي ٿي. [آء] چوندي [آ] اچاريندي ڇپ پنهنجي وچ وٽ هلڪو اُپار کائي [ا] جي جاري آواز کي هلڪو وڌاءُ يا وهڪو ڏئي ٿي (جنهن لاءِ وڌ ۾ وڌي ائين چئي سگهجي ٿو ته [اُ] يا [اِ] ڏانهن وڌي ٿي پر [اُ] يا [اِ] جي بيهڪ تي پهچڻ کان اڳيئي ختم ٿي وڃي ٿي).

[آي] ۽ [آء] جي آوازي لهر ۾ فرق کي چٽيءَ طرح محسوس ڪري سگهجي ٿو. [آي] لسانياتي تجربيگاهه ۾ جيڪڏهن يڪسرو آهي ته [آء] ان کان وڌيڪ بهتر نموني يڪسرو ثابت ٿيندو پر [آي] کي جيڪڏهن ٻه-سرو مڃيو وڃي تڏهن ٻه [آء] يڪسرو ئي آهي. [آء] هڪ اهڙو آواز آهي، جنهن کي [اي] ۽ [آي] جي وچ تي محسوس ڪري سگهجي ٿو. [آء] جي پوئين جز کي، محبت ٻرڙو، ’جهيڙو وائل‘ سمجهي ٿو.

/مَئڻ/ جو امر واحد /مَئِه/ آهي ۽ ڏاتو /مَئه/ = [م+ آء]

/ڏَئڻ/ جو امر واحد /ڏِءِ/ آهي ۽ ڏاتو /ڏَء/ = [ڊ+ آء]

/رَئٹ/ جو امر واحد /رَءِ/ آهي ۽ ڏاتو /رَء/ = [ر+ آء]

جيئن /مَرڻ، سڙڻ، ٻرڻ، مَکڻ/ وغيره جو امر واحد واريسر /مَـرْ، سَـڙْ، ٻَـرْ ۽ مَکِ/ آهي ۽ ڏاتو واريسر /مرْ، سڙْ، ٻَرْ ۽ مَکْ/. انهن ۽ اهڙن ٻولن جو ڏاتو جيڪڏهن /مَ، سَ، بَ ۽ مَ/ مجيو وجي ها يا هجي ها ته پوءِ انهن کي آڏو رکندي /مَئٹ، ڍَئٹ ۽ رَئٹ/ جهڙن ٻولن جو ڏاتو /مَ، ڍَ ۽ رَ/ مجيو وجي ها پر حقيقت ۾ دليل انهيءَ ڳالهه کي رد ڪن ٿا، ۽ اها ئي حقيقت ۽ اهو ئي دليل ان راءِ کي اڇا وڌيڪ پختو ۽ وزنائتو بنائي ٿو ته /کائٹ، ڳائٹ، ڏائٹ/ جهڙن ٻولن جو ڏاتو به /کا، ڳا، ڏا/ سمجهڻ بلڪل ئي غلط ٿيندو.

'هَئو مَئو ٽرڻ' - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ موجب، اُن جو اتر ڏي اچار 'هَئه مَئه ٽرڻ' آهي.

/هَئه/ = [هه + آء] ۽ /مَئه/ = [م+ آء]

/وڍٹ/ جو امر واحد /وَڍِ/ آهي ۽ ڏاتو /وَڍْ/. سنڌي ٻولي اهڙن ڪجهه ڏاتن جي ٻويان /اُ/ ۽ /آ/ (يعني {اُ} ۽ {آ}) آڻي معنوي فرق پيدا ڪندي ڪي نوان ٻول ٺاهي ٿي:

/وَڍْ/ + /اُ/ = وَڍُ (اسم، مذڪر، واحد)

/وَڍْ/ + /آ/ = وَڍَ (اسم، مذڪر، جمع)

مختلف ڪاڇن ۾ ميزبان پاران "ادا، کائي ڍَءُ ڪجو" ۽ مهمانن پاران "بس ٻاڻ، کائي ڏاڍا ڍَوَ ڪيا آهن" جهڙا جملا ضرور ٻڌبا آهن. انهن 'ڍَءُ' ۽ 'ڍَوَ' ٻولن جو ڏاتو ڇا آهي؟ /وَڍُ/ ۽ /وَڍَ/ کي نظر ۾ رکندي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته /'ڍَءُ' ۽ 'ڍَوَ'/ جو ڏاتو /ڍَء/ آهي.

/ڍَء/ + /اُ/ = ڍءُ (اسم، مذڪر، واحد)

/ڍَء/ + /آ/ = ڍَءَ < ڍَوَ (اسم، مذڪر، جمع)

اهڙو هڪ ٻيو مثال/ٻَـئُه ۽ ٻَـوَ/ جو آهي:

/ٻَئه/ + /اُ/ = ٻَـئُه

/ٻَئه/ + / آ/ = ٻَـئَه < ٻـوَ

/ڍَء/ = [ڍِ + آء]

/ٻَئه/ = [ٻ + آء]

واحد بخش شيخ (1986ع: 340، 33) ’فعل‘ جي سري هيٺ ’فعل لازمي‘ ۽ ’فعل متعدي‘ جي مَٽ ستّ تي بحث ڪندي ڪجهه فعلن جي تبديليءَ کي ڪنهن به اصول جو پابند نه سمجهندي ڪجهه ”بيقاعدي تبديل ٿيندڙ“ لفظن جا مثال ڏنا آهن، جڏهن ته اهو پڻ ٻڌايو اٿئون ته ڪي لازمي صيغا متعدي ٿيندي هڪ مخصوص سٽاءَ جي پابندي ڪن ٿا. اها ڳالهه پڙهڻ کان پوءِ لازمي طرح سوال ٿو اپري ته ڪي فعل لازمي مان متعدي ٿيندي ڪنهن اصول جي پابندي ڪندي نظر ڇو اچن ٿا ۽ ڪي ٻول ائين ڇو نٿا تبديل ٿين؟ انهيءَ سوال جو جواب توڙي جو سندس ئي ڪتاب ۾ مختلف هنڌن تي بحث دوران ظاهر ٿئي ٿو. محبت ٻرڙو هڪ ٻيرو وري انهيءَ پاسي ڏي ڏيان ڇڪائڻ چاهي ٿو ته اسان جي الفابيٽ ۽ صورتخطي ڪن ٻولن ڪي درست صورت ۾ لکڻ کان عاجز نظر اچي ٿي. اهو به نظر ۾ رکيو وڃي ته ڪي ٻول وقت گذرندي ڪي قدر يا پوريءَ طرح تبديل ٿين ٿا ۽ اهو پڻ ته ڪن ٻولن جي ڏاتو سان ڪي آواز ملي، ان ۾ معنوي فرق پيدا ڪن ٿا ۽ جڏهن ائين ٿئي ٿو تڏهن پڻ ٻول جي اچار ۾ فرق اچي وڃي ٿو جيئن /ڏَء/ سان {آ} ملڻ کان پوءِ ٺهندڙ ٻول /ڏَءَ/ بدران /ڏَوَ/ آهي. /پَـوَ، تَـوَ، چَـوَ، ڪَـوَ/ ۽ اهڙا ٻيا به ڪيئي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. اهو پڻ ياد رکيو وڃي ته ڪي ٻول گم پڻ ٿي وڃن ٿا.

/ڪائڻ/ انهن ٻولن ۾ شامل ڪيو ويو آهي جن بابت سمجهيو ٿو وڃي ته تبديل ٿيندي ڪنهن اصول جي پابندي نٿا ڪن. واحد بخش شيخ ان جو لازمي /ڪاڇڻ/ قرار ڏنو آهي ۽ اهو ئي ٻول عام طرح سمجهيو به وڃي ٿو. ’جامع سنڌي لغات‘ /ڪاڇڻ/ جو سنسڪرت بنياد ’ڪاڏ‘ ۽ /ڪائڻ/ جو سنسڪرت بنياد ’ڪاد‘ ڄاڻايو آهي پر اهو ٻول جڏهن اسم (۽ مذڪر واحد) ٿي ڪم اچي ٿو تڏهن ان جو هڪ متبادل /ڪيڻ/ به ڏنو آهي. ’ڪيڻ‘ تي لاڙي اثر نمايان نظر اچي ٿو. محبت ٻرڙو ان جو صحيح اچار /ڪَئڻ/ سمجهي ٿو، جنهن جو امر واحد /ڪئُه/ ۽ ڏاتو /ڪَئه/ (=[ڪ + آء]) ٿيندو.

’جامع سنڌي لغات‘ /ڪِيَڻ/ به ڏنو آهي جنهن جو سنسڪرت بنياد ’ڪاد‘ ڏيندي، ان جي معنيٰ ۾ ’ڪاڇ‘، ’ڪاڏو‘ ۽ ’ڪانو‘ به ڄاڻايو آهي. اهڙا ڪي ٻيا ٻول ’ڪِئَڻ‘، ’ڪِئاڻ‘، ’ڪِئو‘، ’ڪِئائي‘ وغيره به ڏنل آهن.

’ڪاء‘ جي صورت، مضارع ۽ حال طور ضمير متڪلم واحد جي حالت ۾، ’ڪاوان‘ ۽ ’ڪاوان ٿو‘ ٻڌي آهن.

مٿي آيل ٻولن ۾ ’ڪَئه‘ ۽ ’ڪاء‘ کي ڏاتو قرار ڏيندي ٻول ۾ [ي] ۽ [و] جي اپرڻ تي ڏيان ڏيڻ جي گهرج محسوس ٿئي ٿي.

’ڏَء‘ ۽ ’ڀَئه‘ جھڙن ٻولن جو جمع (مذڪر، اسم) آھي ’ڏَوَ‘ ۽ ’ڀَـوَ‘ (ن ڪي ’ڏَءَ‘ ۽ ’ڀَنَّه‘، جيڪي اچارڻ ۾ ڏکيا محسوس ٿين ٿا). ’ڀئه‘ ڏاتو رکندڙ ڪي ٻول آھن: ٻوائتو، ڀَوارو، ڀَـوَ ڀريو وغيره (ڏسو ’ج س ل‘)، جن ۾ پڇ [آ] بدران [و] اچي ٿو.

هيٺ ڏنل لفظن جي صورتخطيءَ، ٻولن جي آواز ۽ خاص طرح پھرئين رتل وائڇڙ کان پوءِ ايندڙ آواز (۽ ان جي نمائندگي ڪندڙ اکر) تي ڌيان ڏيڻ جي گھرج آھي.

’چَوَڻُ‘، ’چيو مڃ‘، ’چئي وان‘، ’چَوڻِي‘، ’چَوٌ وَڃ‘، ’چَوچاءُ‘، ’چَو چواءُ‘، ’چَوَڙ چائڙ‘ (ڏسو ’جامع سنڌي لغات‘). ’چوندو‘، ’چيو‘ ۽ ’چَئو‘ کي به ذهن ۾ رکڻ گھرجي. انهن ٻولن جو ڏاتو ڇا آھي؟

’چَوَڻُ‘ اسم مصدر سڏيو وڃي ٿو.

’چَئُه‘ امر واحد آھي.

’چَئه‘ ڏاتو ٿيندو.

/چَئه/ = [چ + آء]

ساڳيءَ طرح ’ٻوائتو‘، ’ٻوارو‘، ’ڀَوَ ڀريو‘ وغيره جو ڏاتو ٿيندو /ڀَئه/ = [پ + آء].

هاڻي ضرورت محسوس ٿئي ٿي ته ’چَوچاءُ‘ ۽ ’چَو چواءُ‘ ۾ ’چاءُ‘ ۽ ’چواءُ‘ تي ڌيان ڏجي. ٻن طريقن سان بحث ڪري سگھجي ٿو:

(1) اندريون جوڙ /آ/ اچي ’چَئه‘ کي ’چاء‘ يا ’چواء‘ ڪري ٿو يا

(2) [آء] جو [آ] وڌي [آ] ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾، [آ] وڌائي [آ] ڪجي ٿو ۽ ٻول ۾ معنوي فرق پيدا ڪيو وڃي ٿو.

هاڻي ’چَوَڙ چائڙ‘ ۾ /چائڙ/ تي ڌيان ڏيو ۽ سوچيو ته ’چائڙ‘ ۽ ’چوائڙ‘ جي وچ ۾ معنيٰ ۽ مفهوم جي حوالي سان ڪو اصولي فرق به موجود آھي ڇا؟ ۽ انهن ٻنهي جو ڏاتو ڇا آھي؟

محبت ٻرڙي جي نظر ۾ ’چائڙ‘ ۽ ’چوائڙ‘ هم معنيٰ ٻول آھن ۽ ٻنهي جو (ترت) ڏاتو /چاء/ (=/چواء/) آھي ۽ اصولي ڏاتو يا پاڙ-ٻول /چَئه/.

/چَئه/ + (اندريون جوڙ) /آ/ = چاء (چواء)

/چاء/ (چواء) + /اِ/ = چاءِ (چواءِ) ..... امر واحد

’چائڻ‘ ۽ ’کائڻ‘ جي پاڻ ۾ پيٽ ڪيو.

/کائڻ/ جو امر واحد آهي /کاءُ/ ۽ (ترت) ڏاتو /کاء/ = [ک + آء] ۽ اندريون جوڙ هٿائڻ کان پوءِ اصولي ڏاتو يا پاڙ-ٻول ٿيندو /کئه/ = [ک + آء].

مٿي ڏنل ’چئه‘ ۽ ’پئه‘ ڏاتو رکندڙ ۽ ڄاڻايل ٻولن تي ڏيان ڏيو. /چَئه/ جي ڪِ جيڪو به وائل آيو آهي، انهيءَ اتي يا پاڻُ برقرار رکيو آهي يا وري [و] يا [ي] کي اپائڻ جو ڪارڻ بڻيو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته هڪ وائل آواز (يا وائل آواز جي جهيڙي وائل) جي ڪِ جڏهن ٻيو وائل آواز اچي ٿو تڏهن اتي اهو وائل آواز پاڻ برقرار رهي ٿو (رهي سگهي ٿو) يا وري [و] يا [ي] اُپجي (سگهي) ٿو — ٻولي اتي، اهڙيءَ حالت ۾ اچار-سهنج جو خيال رکي ٿي. ان نموني جڙندڙ ڪن ٻولن ۾ اپرندڙ آواز [و] ۽ [ي] ڪٿي اڌ-وائل هجن ٿا ته ڪٿي وائڃڻ. محبت ٻرڙو اڌ-وائل آواز [و] ۽ [ي] جي اپت جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جن جي انهيءَ راءِ کي مڪمل درست نه ٿو سمجهي ته صرف [آ، او يا اُو] کان صرف [آ يا آ] ڏانهن مڙندڙ ۽ گسڪو ڪندڙ ڪوشش سبب مشروط طور اڌ-وائل [و] ۽ صرف [اِ ۽ اِي] کان صرف [آءِ آ] ڏانهن مڙندڙ ۽ گسڪو ڪندڙ ڪوشش سبب مشروط طور اڌ-وائل [ي] پيدا ٿئي ٿو. ’چئه‘ ڏاتو رکندڙ ۽ مٿي ڏنل ڪجهه ٻول اهڙو هڪ مثال آهن. ’ٿڏون‘ ۽ ’ٿڏيون‘، ’ڳنڍون‘ ۽ ’ڳنڍيون‘، ’برساتون‘ ۽ ’برساتيون‘، ’لهرون‘ ۽ ’لهريون‘ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي سنڌي ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن ۾ ايندڙ لفظ ۽ ’ڪاوان‘ ۽ ’چوان‘ جهڙا ٻول انهيءَ موضوع تي وڌيڪ گهرائي سان سوچڻ جي دعوت ڏين ٿا.

/ساڙڻ، مارڻ، ڍاهڻ، ڏاهڻ، ڪارڻ، ڳارڻ/ جهڙن، متعدي فعل ٻولن جي فعل لازمي واري صورت /سڙڻ، مرڻ، ڍهڻ، ڏهڻ، ڪرڻ، ڳرڻ/ چئي وڃي ٿي (۽ آهي) ۽ /’چائڻ‘/ (چوائڻ) جي صورت /چئڻ/ (چوڻ) ته ’کائڻ‘ جي لازمي صورت /کئڻ/ هجڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح /لائڻ، پائڻ، ڳائڻ، ڏائڻ/ وغيره جهڙين متعدي صورتن جي لازمي صورت /لئڻ، پئڻ، ڳئڻ، ڏئڻ/ هجڻ گهرجي ۽ جي ائين هجي ته، انهن جو واريسِر ڏاتو ٿيندو: /لَئه، پَئه، ڳَئه، ڏَء/ = (...+ آء).

’جامع سنڌي لغات‘ ۾ /ڏَئڻ/ مان /ڊائڻ/ ۽ /رَئڻ/ مان /رائڻ/ موجود آهن پر /مَئڻ/ مان /مائڻ/ موجود ناهي (توڙي جو ڪي جهونيون عورتون اڄ به ائين اچاريندیون آهن) البته /مئراٹڻ ۽ مائرائڻ/ موجود آهن.

/ڏَئڻ/ جو امر واحد آهي /ڏَءِ/ ۽ ان جو ڏاتو /ڏَء/ = [ڊ + آء].

/رَئڻ/ جو امر واحد آهي /رَءِ/ ۽ ان جو ڏاتو /رَء/ = [ر + آء].

’جامع سنڌي لغات ۾ ’پَـوَنُ‘ لفظ به نظر اچي ٿو، جنهن جو تفصيل هن طرح ڏنل آهي:

- پَوَنُ: مصدر (سن. پـْرَمْ = ڦرڻ) ڦرٽي- ڳِرٽي.

ڇا ’پَواٽي‘ (’پاڻئٽي‘، ’پَنواٽي‘) ۽ ’پَنوَر‘ جهڙن ٻولن جو ڏاتو پڻ اتان ئي اچي ٿو؟

’چوڻ‘ کي ذهن ۾ رکندي ’پوڻ‘ جو امر واحد ٿيندو /پَئُه/ (= رُلُ) ۽ ڏاتو /پَئه/ ([= پ + آء]).

’ڪائو‘ (= لاتِ) ۽ ’ڪَئُه‘ (= لَهَ، لهپَ) جو ڏاتو محبت ٻرڙي جي نظر ۾ /ڪَئه/ (=[ڪ + آء]) آهي.

[آ]، [اي]، [آي]، ۽ [آء] جي وچ ۾ فرق آهي ۽ محبت ٻرڙو انهيءَ کي قائم رکڻ چاهي ٿو.

2. <u>اُء</u>

[**اُء**] هڪ سُر آواز آهي. اهو هڪ **يڪسُرو** آهي.

[اُء] اچاريندي [اُ] جي آوازي لهر مٿي چڙهي، چڙهندي ختم نه ٿي ٿئي (جي ختم ٿي ويندي ته آواز [اُ] ئي رهندو) پر چڙهندي هلڪو موڙ کائي ٿي ۽ ختم ٿي/لهي وڃي ٿي. اهو هڪ يڪپدو آواز آهي. /اُءِ/ (جيئن: /آيُئِه/ = ’تو وٽ آيو‘ ۽ /لکندُءِ/ = ’تو ڏي لکندو‘، جا آخري ٻه آواز) اچارڻ مهل [اُ] چئي ختم ٿيندڙ/لهندڙ لهر هڪ ڀيرو وري /ا/ (= [ا]) چوڻ لاءِ اپري ٿي ۽ ٻئي پد کي جنم ڏئي ٿي تنهنڪري /اُءِ/ جا ٻه پد ٿيندا. [اُء] ٻن پدن کي جنم نٿو ڏئي ۽ نه ئي وري [اُء] چوندي چپ کي يڪدم ”موڙ کائڻ“ يا ”گسڪڻ“ جي ايڏي ڪا گهرج ٻه محسوس ٿئي ٿي. [اُء] اچاريندي [اُ] اوريندڙ چپ پنهنجي وچ وٽ هلڪو اپار کائِي [اُ] جي جاري آواز کي هلڪو وڌاءُ يا وهڪو ڏئي ٿي (جنهن لاءِ وڌ ۾ وڌ ائين چئي سگهجي ٿو ته [ا] ڏانهن وڌي ٿي پر ان بيهڪ تي پهچڻ کان اڳ ختم ٿي وڃي ٿي).

/هُئڻ/ جو امر واحد /هُئُه/ آهي ۽ ڏاتو /هُئه/ = (هه + اُء)

/لُئڻ/ جو امر واحد /لُئُه/ آهي ۽ ڏاتو /لُئه/ = (ل + اُء)

/رُئڻ/ جو امر واحد /رُءُ/ آهي ۽ ڏاتو /رُء/ = (ر + اُء)

توڙي جو ’لُئڻ‘ ۽ ’لوئڻ‘، ’لُڏڻ‘ ۽ ’لوڏڻ‘ ۽ ’جُڙڻ‘ ۽ ’جوڙڻ‘ لفظن جي جوڙن جي وچ ۾ معنوي فرق قائم رکيو ويندو آهي، پر عام طرح، اهڙيءَ ئي فرق کي ’ڏُئڻ‘ ۽ ’ڏوئڻ‘ ۽ ’رُئڻ‘ ۽ ’روئڻ‘ جهڙن ٻولن جي جوڙن جي وچ ۾ محسوس نٿو ڪيو وڃي، جڏهن ته اهي به ساڳئي اصول ۽ ترتيب هيٺ تبديل ٿين ٿا — چو؟ ۽ چو ’ڏوئڻ‘ جي حقيقي مفهوم کي ’ڏوئارڻ‘ يا ’ڏوئرائڻ‘ ۽ ’روئڻ‘ جي حقيقي مفهوم کي ’روئارڻ‘ جهڙن ٻولن وسيلي ظاهر ڪيو وڃي ٿو؟ ساڳيءَ طرح ’ڏوئڻ‘ ۽ ’ڏُئڻ‘ جي وچ ۾ موجود فرق کي به نروار هجڻ گهرجي.

’جامع سنڌي لغات‘ تان ورتل ۽ هيٺ ڇاڙايل لفظن جو ڏاتو ڏيان لهڻي ٿو:

’پُـئـاڻ‘ (=پُـئـه+آڻ)، ’پُـئـو‘ (=پُـئـه+او) ۽ ’پُـئـيـڪـارو‘ (=پُئه+اِي+ڪار+او) جو ڏاتو ’پُئه‘ (=[پ+اُء])، ’پُئائڻ‘ جو لازمي ’حاصل مصدر‘ ’پُئڻ‘ (=پُئه+آڻ) آهي ۽ ان جو ڏاتو ’پُئه‘ (=[پ+اُء])، ’ڏُئاءُ‘ (=ڏُء+آ+اُ)، ’ڏُئو‘ (= ڏُء+او) ۽ ’ڏُئيڙ‘ (=ڏُء+ايڙ) جو ڏاتو ’ڏُء‘ (=[ڏ+اُء])، ’ڀُئي‘ (=ڀُء+اِي) جو ڏاتو ’ڀُء‘ (=[ڀ+اُء])، ’ڏُئڻ‘ (=ڏُء+آڻ) جو ڏاتو ’ڏُء‘ (=[ڊ+اُء])، ’ڪُئو‘ (ڪُوئو)، ’ڪُئي‘، ’ڪُئا‘ (ڪُوئا) ۽ ’ڪُيون‘ (ڪُئيون) جو ڏاتو ’ڪُئه‘ (=[ڪ+اُء])، ’گُئاڻ‘ (=گُئه+آڻ)، گُئار‘ (=گُئه+آر) ۽ ’گُئاري‘ (گُئه+آر+اِي) جو ڏاتو ’گُئه‘ (=[گ+اُء])، ’لُئارو‘ (=لُئه+آر+او)، ’لُئارِي‘ (=لُئه+آر+اِي) ۽ ’لُئانڊو‘ (=لُئه+آنڊ+او) جو ڏاتو ’لُئه‘ (=[ل+اُء])، اهو ساڳيو ڏاتو ’لُئو‘ (=لُئه+او) ۽ ’لُئا لائڻ‘ جي ’لُئا‘ (=لُئه+آ) ۾ پڻ نظر اچي ٿو.

’مُئا‘، سنڌ جي هڪ ذات جو نالو، درحقيقت ’مُئا‘ ئي آهي يا ڪو ٻيو ٻول ڦري ’مئا‘ ٿيو آهي، ڄاتل ناهي پر ’مُئا‘ جو ڏاتو ’مُئه‘ (= [م+اُء]) ئي ٿيندو.

/چُئڻ/ جو امر واحد /چُئُه/ ۽ ڏاتو /چُئه/ = [چ + اُء] آهي.

[اُء] هڪ نيارو ۽ سنڌي ٻولن ۾ اڳ اڻ-ڪوجيل وائل آواز آهي.

3. اوء

[اوء] هڪ سُر آواز آهي ۽ اهو هڪ **ٻه-سُرو** آهي.

/رُئڻ، ڏئڻ/ وغيره مان /روئڻ، ڏوئڻ/ ’روئڻ‘ جي معنى ۾ ’رُئڻ‘ ۽ ’ڏُوَڻ‘ جي معنى ’ڏوئڻ‘ ڏئي ٿي، جنهنڪري اهو سمجهڻو پوي ٿو ته ’رُئڻ‘ ۽ ’روئڻ‘ ۽ ’ڏُئڻ‘ (ڏُوَڻ) ۽ ’ڏوئڻ‘ جي معنائن ۽ مفهومن ۾ اهڙو ڪو به فرق موجود نه ٿو سمجهيو وڃي جو لازمي ۽ متعدي جهڙي تفريق ڪري سگهجي. جڏهن ته هڪ طرف ’لُئڻ‘ ۽ ’ڏُئڻ‘ ۽ ٻئي طرف ’لوئڻ‘ ۽ ’ڏوئڻ‘ جي معنوي فرق کي محسوس

ڪندي ۽ مٿي ڇاڙايل ہولن کي ڏسي ۽ سمجهي مڇو پوي ٿو ته ’ڏُئڻ‘ ۽ ’رُئڻ‘ فعل لازمي ۽ ’ڏوئڻ‘ ۽ ’روئڻ‘ فعل متعدي هجڻ گهرجن.

/روئڻ/ جو امر واحد /روءُ/ آهي ۽ ڏاتو /روء/ = (ر + اوء)

/ڏوئڻ/ جو امر واحد /ڏوءُ/ آهي ۽ ڏاتو /ڏوء/ = (ڏ + اوء)

/لوئڻ/ جو امر واحد /لوءِ/ آهي ۽ ڏاتو /لوء/ = (ل + اوء)

[اوء] هڪ سُر آواز آهي ۽ [اُ]، [او] ۽ [اُو] کان فرق رکي ٿو.

[اوء] اچاريندي [او] جي آوازي لهر مٿي چڑهي، چڑهندي ختم نه ٿي ٽئي (جي ختم ٿي ويندي ته آواز [او] ئي رهندو) پر چڑهندي هلڪو موڙ کائي ٿي ۽ ختم ٿي/لهي وڃي ٿي. اهو هڪ يڪپدو آواز آهي. /اوءِ/ چوندي [او] چئي ختم ٽيندڙ/لهندڙ لهر هڪ پيرو وري [اِ] چوڻ لاءِ اپري ٿي ۽ ہئي پد کي جنم ڏئي ٿي، تنهنڪري /اوءِ/ جا ہه پد ٽيندا. [اوء] ہن پدن کي جنم نه ٿو ڏئي ۽ نه ئي وري [اوء] اچاريندي ڇپ کي "موڙ کائڻ" يا "گسڪڻ" جي ايڏي ڪا گهرج ہه محسوس ٽئي ٿي. [اوء] اچاريندي [او] اوريندڙ ڇپ پنهنجي وچ وٽ هلڪو اپار کائي ٿي ۽ [او] جي جاري آواز کي هلڪو وڌاءُ يا وهڪو ڏئي ٿي (جنهن لاءِ وڌ ۾ وڌ ايئن چئي سگهجي ٿو ته [اُ]، [اِ] يا [آ] ڏانهن وڌي ٿي پر انهن مان ڪنهن جي ہه بيهڪ تي پهچڻ کان اڳ ئي ختم ٿي وڃي ٿي).

’ٽوئڪي‘ (=ٽوء+اِڪ+اِي)، ’ٽويو‘ (=ٽوء+او)، ’ٽوئِي‘ (=ٽوء+اِي)، ’ٽوئڻ‘ (=ٽوء+اِڻ) ۽ ٽوئيلي (ٽوء+ايل+اِي) جي ڏاتو /ٽوء/ = [ٽ+اوء]، ’پوئڻ‘ (=پوء+اڻ)، پوئر (=پوء+اِر) ۽ ’پويَر‘ (=پوء+آر) جي ڏاتو /پوء/ = [پ+اوء]، ’جهوئڻ‘ (=جهوء+اڻ) جي ڏاتو /جهوء/ = [جھ+اوء]، ’سوئڻ‘ (=سوء+اڻ) جي ڏاتو /سوء/ = [س+اوء]، ’ڪوئڻ‘ (=ڪوء+اڻ) جي ڏاتو /ڪوء/ = [ڪ+اوء]، ’موئڻ‘ (=موء+اڻ) جي ڏاتو /موء/ = [م+اوء] ۽ ’ووئڻ‘ جي ڏاتو /ووء/ = [و+اوء] ۾ اهو وائل آواز چٽيءَ طرح پرکي سگهجي ٿو.

4. <u>اِء ۽ ايء</u>

[اِء] هڪ سُر آواز آهي. اهو هڪ **يڪسرو** آهي.

[اِء] اچاريندي [اِ] جي آوازي لهر مٿي چڑهي، چڑهندي ختم نه ٿي ٽئي (جي ختم ٿي ويندي ته آواز [اِ] ئي رهندو) پر چڑهندي هلڪو موڙ کائي ٿي ۽ ختم ٿي/لهي وڃي ٿي. اهو هڪ يڪپدو آواز آهي. /اِءَ/ يا /اِءُ/ چوندي [اِ] چئي ختم ٽيندڙ/لهندڙ لهر هڪ پيرو وري [آ] يا [اُ] چوڻ لاءِ اپري ٿي ۽ ہئي پد کي جنم ڏئي ٿي، تنهنڪري /اِءَ/ يا /اِءُ/ جا ہه پد ٽيندا. [اِء] ہن پدن کي جنم نه ٿو ڏئي ۽ نه ئي

وري [ٕاء] اچاريندي جڀ کي "موڙ کائڻ" يا "گسکڻ" جي ايڏي کا گهرج به محسوس ٿئي ٿي. [ٕاء] اچاريندي [ا] اوريندڙ جڀ پنهنجي وچ ڏانهن هلکو اپار کائي ٿي ۽ [ا] جي جاري آواز کي هلکو وڏاءُ يا وهکو (اچا به ائين چئجي ته ڏوڏو) ڏئي ٿي.

/نِئڻ/ جو امر واحد /نِئُه/ آهي ۽ ڏاتو /نِئه/ = [ن+ٕاء]

/جِئڻ/ جو امر واحد /جِئُه/ آهي ۽ ڏاتو /جِئه/ = [ج+ٕاء]

/ٽِئڻ/ جو امر واحد /ٽِئُه/ آهي ۽ ڏاتو /ٽِئه/ = [ٽ+ٕاء]

'جامع سنڌي لغات' تان ورتل ۽ هيٺ ڏنل ٻولن جو ڏاتو ڏيان لهڻي ٿو:

'پِئڻ' (پيئڻ) (=پئه+اڻ)، 'پياس' (=پئه+آس)، 'پياسو' = (پئه+آس+او)، 'پياسي' (= پئه+آس+اِي)، 'پياک' (=پئه+آک)، 'پيالو' = (پئه+آل+او)، پيالي (=پئه+آل+اِي)، 'پيائين' (=پئه+آئين)، 'پيچ' (=پئه+ايچ)، 'پيچِي' (=پئه+ايچ+اِي)، 'پيچ' (=پئه+ايچ)، 'پيچڙ' (=پئه+ايچ+اڙ)، 'پيٽ' (=پئه+ايڙ)، 'پِيَڙ' (=پئه+اڙ)، 'پِيَڙِ' (=پئه+اڙ+ا)، 'پِيَڙِي' (=پئه+اڙ+اِي)، 'پِنَڙ' (=پئه+اڙ)، 'جِئڏ' (جِيئڏ) (=جِئه+اڏ)، 'جِئندڙو' (=جِئه+اند+ڙ+او)، 'جيڏو' (=جِئه+ايڏ+او)، 'جيڏِي' (=جِئه+ايڏ+اِي)، 'جِنَڙ' (جِيئڙ) (=جِئه+آڙ)، 'جِئاک' (جِيئاک) (=جِئه+آک)، 'ڏَيَڙ' (ڏئڙ) (=ڏِء+آڙ)، 'ڏيج' (=ڏِء+ايج)، 'ڏئڙيات' (=ڏء+آڙ+آت)، 'ڏيات' (=ڏِء+آت)، 'ڏيب' (=ڏِء+ايب)، 'کِئڙ' (=کِئه+اڙ)، 'کِئام' (=کِئه+آم)، 'کِئو' (=کِئه+او)، 'کِئائي' (=کِئه+آئي)، 'کِياءُ' (=کِئه+آءُ)، 'گِيات' (=گِئه+آت)، 'گِيان' (=گِئه+آن؟)، 'گِياني' (=گِئه+آن+اِي)، 'لِيار' (=لِئه+آر)، 'لِئاري' (=لِئه+آر+اِي)، 'لِياکو' (لِيئاکو) (=لِئه+آک+او)، 'لِئڙ' (=لِئه+آڙ)، 'لِئو' (=لِئه+او)، 'لِيَّ' (سن. لِيهَ. پرا. لِئه = چنبڙڻ)، 'لِيار'، 'لِيارو'، 'لِيارِي'، 'ليپ' (=لِئه+ايپ)، 'ليپڙ' (=لِئه+ايپ+اڙ)، 'ليس' (=لِئه+ايس)، 'ليسر' (=لِئه+ايس+ار)، 'ليسوڙو' (=لِئه+ايس+او+ڙ+او)، 'ليسوڙِي'، 'نِئات' (=نِئه+آت)، 'نِياتِي'، 'نِياپو' (=نِئه+آپ+او)، 'نئارو' (=نِئه+آر+او)، 'نياتي' (=نِئه+آت+اِي)، 'نياٽي' (=نِئه+آڙ+اِي)، 'نياڙو'، 'نِئڙت' (نِوڙت، نِيئڙت) (=نِئه+ڙ+ت)، 'نينديِ' (نِيئنديِ) (=نِئه+انديِ+آ)، 'وِياڙو' (=وِئه+آڙ+او)، 'وِيَم' (=وِء+ام)، 'ويڙهو' (=وِء+ايڙهه+او)، 'هِئون' (=هِئه+اون)، 'هيانءُ' (=هِئه+آن+اُ)، 'هيانتو' (=هِئه+آن+ت+او) وغيره.

4.14 'وينجڻ آواز' جي ورهاست

'وينجڻ آواز' کي خصوصيتن جي بنياد تي هن طرح ورهائي سگهجي ٿو:

4.14.1 پٽيٽا (ڳرا) ۽ بي پٽا (هلڪا) وينجڻ آواز (voiced and voiceless consonants)

محبت ٻرڙو ڳرن وينجڻ آوازن يعني 'پٽيٽن' ۽ هلڪن يعني 'بي پٽن' آوازن جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"ڦڦڙن کي ڏُوکي ايندڙ هوا جڏهن واڪل ڏورين کي ايترو زور سان ڦڙڪائي جو ٻڌڻ ۾ اچڻ يا پرک جوڳو ٿي پوي ته اهڙي آواز کي 'پٽيٽو' (يا ڳرو) آواز چئجي ٿو. جن آوازن جي حالتن ۾ واڪل ڏورين جو ڦڙڪو ايترو زوردار نه هجي هو پُٽڪو ٻڌي نه سگهجي يا پرک جوڳو ٿي نه پوي، ته اهڙي آواز کي 'بي پُٽو' ('هلڪو'، 'نرم' يا 'ڪومل') سڏجي ٿو." (ٻرڙو، 2007: 23)

محبت ٻرڙو پنهنجي راءِ ۾ 'پُٽيٽن' ۽ 'بي پُٽن' (هلڪن) وينجڻ آوازن جي ڪسوٽي واڪل ڏورين جي زور کي مقرر ڪري ٿو. اهو زور وينجڻ آوازن جي 'پٽيٽائپ' ۽ 'بي پٽائپ' واري خاصيت کي ظاهر ڪري ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا انهيءَ خاصيت کي هن طرح بيان ڪيو آهي ته:

"آوازي تندون (vocal cords) مُشڪن وسيلي چڪجن ٿيون ۽ ڊريون به ٿين ٿيون. اُهي جڏهن چڪجي هڪ ٻئي سان ملي، هوا جو لنگهه سُڪ بند ڪري ڇڏين تڏهن ڦڦڙن کان ڏُوکي ايندڙ هوا جي داب جي ڪري، آوازي تندون، لرزش ۾ اچن ٿيون ۽ لرزش جي ئي حالت ۾ هوا کي لنگهه ڏين ٿيون، تنهنڪري اُهي آواز جن جي اُچارڻ مهل، آوازي تندون مٿي بيان ڪيل طريقي موجب جڏهن لرزش ۾ اچن، تڏهن اهڙيءَ حالت ۾ اُچاريل آوازن کي ' ڳرا آواز' (vocal sounds) چئبو آهي، پر جڏهن آوازي تندون، هڪ ٻئي کان ڇيٽيون يعني پري هوندیون آهن، جنهن ڪري سندن وچ ۾ هڪ خال ٺهي پوندو آهي، تڏهن ڦڦڙن کان ڏُوکي ايندڙ هوا، اُن خال مان آسانيءَ سان لنگهي ويندي آهي. اهڙي حالت ۾ آوازي تندون تحرڪ ۾ نه ايندیون هجن، يعني لرزش نه ڪندیون هجن، تڏهن اهڙيءَ حالت ۾ اُچاريل آوازن کي، هلڪا (voiceless) آواز چئبو آهي." (الانا، 2017: 86، 85)

حاصل مطلب:

i. پٽيٽي ۽ بي پُٽي وينجڻ آواز جو دارومدار، آوازي ڏورين تي رکيل آهي. جڏهن آوازي ڏوريون چڪجي هڪٻئي سان ملي، هوا جي لنگهه کي ڪٽي مضبوطيءَ سان روڪي بند ڪري ڇڏين ٿيون، تڏهن پيٽ ڇهه يا ڦڦڙن کان ڏُوکي ايندڙ هوا سبب آوازي ڏوريون تيزيءَ سان ڦڙڪڻ يا لرزڻ لڳن ٿيون ۽ انهيءَ مهل هوا کي جاءِ ڏين ٿيون، اهڙيءَ حالت ۾ پيدا

ٽيندڙ آوازن کي ’پُٽپٽا‘ يعني ’ڳرا آواز‘ يا ’ڳرا وينجڻ‘ (voiced sounds) چئجي ٿو.

ii. پر جڏهن آوازي ڏوريون اُن جي ابتڙ ڪم ڪن، يعني اُهي جڏهن هڪ ٻئي کان ٽوريون وٽيرڪيون هُجن، تڏهن پيٽ ڇهه يا ڦڦڙن کان تيزيءَ سان ايندڙ هوا، انهن وٽين مان آسانيءَ سان گذري وڃي، يعني اُن مهل آوازي ڏوريون لرزڻ بجاءِ ساڪن حالت ۾ هجن، اهڙيءَ صورت ۾ پيدا ٽيندڙ آواز کي ’پُٽپٽا‘ يعني ’هلڪا وينجڻ آواز‘ (voiceless) چئجي ٿو.

محبت ہرڙي ’پٽپٽن‘ ۽ ’بي پٽن‘ آوازن جي فرق کي معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ طريقو ٻڌايو آهي، جنهن ذريعي ’پٽپٽا‘ ۽ ’بي پُٽا‘ آواز معلوم ڪري، انهن جا جوڙا ترتيب ڏيئي سگهجن ٿا.

محبت ہرڙو لکي ٿو ته:

”پٽپٽي ۽ بي پٽي آواز ۾ فرق کي سمجهڻ جو سولو طريقو هي آهي ته ڪنن کي هٿن جي ترين سان پوريءَ طرح بند ڪري ڪو به آواز اچاريو وڃي. ڪو آواز اُپجڻ (پيدا ٿيڻ) مهل پُٽڪو ٻڌڻ ۾ ايندو (– پُٽپٽو) ۽ ڪو آواز اُپجڻ (پيدا ٿيڻ) مهل پُٽڪو ٻڌڻ ۾ نه ايندو (– بي پٽو)

پُٽپٽي آواز جا مثال: [گهه]، [پ] وغيره

بي پُٽي آواز جا مثال: [پ]، [ت] وغيره. (ہرڙو، 2007: 23)

محبت ہرڙي جي انهيءَ طريقي تي بار بار مشق ڪرڻ کان پوءِ ’پُٽپٽن‘ ۽ ’بي پٽن‘ آوازن ۾ فرق معلوم ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ڳرن يعني ’پٽپٽن‘ ۽ هلڪن يعني ’بي پُٽن‘ آوازن جي جوڙن بابت لکي ٿو ته:

”سنڌي صوتياتي نظام ۾ ڪيترائي ڳرا (پُٽپٽا) آواز ملن ٿا، جيڪي هلڪن (بي پُٽن) آوازن جا ’جوڙا‘ (counterparts) ٿي ڪم ايندا آهن. اُهي هلڪا ۽ ڳرا آواز، ساڳئي مخرج (point of articulation) تان ۽ ساڳيءَ ريت اُچاربا آهن؛ مثال: [ت] ۽ [د] آواز، هڪ ٻئي جا جوڙيدار آواز (وينجڻ) آهن. [ت] ڏندن وارو، هلڪو ڏُوڪٽو آواز آهي ۽ [د] ڏندن وارو، ڳرو ڏُوڪٽو آواز آهي. اهي ٻئي آواز، ساڳئي نموني ۽ ساڳئي مخرج وٽ اُچاربا آهن.“ (الانا، 2017: 86)

محبت ہرڙي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي انهن راين کان پوءِ هيٺين پُٽپٽن ۽ بي پُٽن وينجڻ آوازن جي مالها سندن جوڙن ۽ بغير جوڙن جي پيش ڪجي ٿي:

ٻڌڻڀا	بي ٻڌا	ٻڌٽڀا	بي ٻڌا	ٻڌٽڀا	بي ٻڌا
جوڙيدار آواز		جوڙيدار آواز		جوڙيدار آواز	
ب	پ	ٹ	...	ج	چ
پ	ڦ	نھه	...	جھه	ڇ
ٻ	...	ر	...	ج	...
م	...	ڑ	...	ج	...
مھ	...	ڑھه	...	ي	...
ه	ت	ل	...	و	ف
د	ٽ	لھه	...	ز	س
ڈ	ٽ	ک	ک	...	ش
ڊ	ٹ	گھه	گ	...	ھه
ڈ	...	ڳ	...	غ	خ
ڈ	...	گ	...	...	ق
نھه	...	...	...	...	...

4.14.2 آوسرگ ۽ وسرگ وينجڻ آواز (Aspirated and unaspirated consonants)

محبت ٻرڙو 'وسرگ' ۽ 'اوسرگ' وينجڻ آوازن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"وسرگ ۽ اوسرگ (وينجڻ) آواز ۾ فرق کي سولي نموني ان طرح سمجهي سگهجي ٿو ته هٹ جي پٹيءَ کي چپن جي ويجهو جهلي ڪو به آواز اچاريو وڃي. ڪو آواز اچڻ (پيدا ٿيڻ) مهل هٹ جي پٹيءَ تي هوا جو ڦوڪو يا ان جي ڏُوڪ (Puff of breath) محسوس ٿيندي ۽ کي آواز اچڻ مهل اها ڏُوڪ محسوس نه ٿيندي. جن آوازن اچارڻ مهل هوا جو ڦُوڪو محسوس ٿئي، انهن کي 'وسرگ' (Aspirated)۽ جن ۾ ڦوڪو محسوس نه ٿئي، انهن کي 'اوسرگ' (Un Aspirated)سڏجي ٿو.

وسرگ آواز جا مثال: [ڦ]، [ٽ] وغيره

اوسرگ آواز جا مثال: [د]، [ج] وغيره. (ٻرڙو: 2007: 23)

وصف ۽ طريقي ۾ هڪ واضح فرق موجود آهي. وصف، ڪنهن به شيءِ جي خوبي، گڻ، خاصيت سميت ان جي مقصد ۽ معنيٰ کي اجاگر ڪري ٿي، پر

طريقو اُن جي مڙني خوبين، گڻن، خاصيتن سميت ان جي معنيٰ ۽ مقصد تائين پهچڻ جو هڪ وسيلو يا گس هوندو آهي.

وسرگ ۽ اوسرگ آواز جي باري ۾ محبت ٻرڙي جي قائم ڪيل انهيءَ راءِ جي اپياس کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته اها راءِ، وصف بجاءِ وسرگ ۽ اوسرگ آواز معلوم ڪرڻ يا پرکڻ جو هڪ طريقو آهي، نه ڪي وصف آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ طرفان قائم ڪيل راين جو اپياس ونڊجي ٿو.

پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته:

”ڏماڪيدار آوازن ۾ هڪڙا اُهي آواز آهن، جن جي ڏماڪي سان گڏ هوا جي ”ڦُوڪ‘ (puff) شامل ٿئي ٿي ۽ ٻين ۾ نٿي ٿئي. پ/ڦ جوڙي مان ’ڦ‘ ۾، ب/پ جوڙي مان ’پ‘ ۾، ت/ٿ جوڙي مان ’ٿ‘ ۾، د/ڏ جوڙي مان ’ڏ‘ ۾، ٽ/ٺ جوڙي مان ’ٺ‘ ۾، ڊ/ڍ جوڙي مان ’ڊ‘ ۾، چ/ڇ جوڙي مان ’ڇ‘ ۾، ج/جهه جوڙي مان ’جهه‘ ۾، ڪ/ک جوڙي مان ’ک‘ ۾ ۽ گ/گهه جوڙي مان ’گهه‘ ۾ هوا جي ڦُوڪ، ڏماڪي سان گڏ شامل آهي. انهن آوازن کي وسرگ (Aspirated) سڏبو آهي. جن آوازن ۾ اها وسرگائي (Aspiration) نه هوندي آهي، تن کي اوسرگ سڏبو آهي.“ (جتوئي، 1983: 58)

ڊاڪٽر الانا وسرگ ۽ اوسرگ آوازن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”آوازن جي اچارڻ مهل، ڦڦڑن کان ايندڙ هوا جو زور، ڪن حالتن ۾ ججهو ٿيندو آهي ته ڪِن حالتن ۾ وري گهٽ ٿيندو آهي. هوا جو زور ’پيٽ ڇهه‘ (diaphragm) جي وسيلي ڏنل زور تي مدار رکي ٿو. جڏهن هوا جي داب ۾ زور گهٽو هوندو آهي ۽ هوا جي لنگهه ۾ رڪاوٽ (occlusion) جي ’هٿ‘ يا ’ڇُٽڻ‘ سان، هوا جي ’ڦُوڪ‘ (puff of breath) هڪدم آواز جي پويان، اُن سان گڏوگڏ، ٻاهر ڏوڪيندي ايندي آهي. هوا جي انهيءَ ڦُوڪ کي ’وسرگائي‘ چئبو آهي. اهي آواز جن سان هوا جي ڦُوڪ گڏجي ايندي آهي يعني شامل هوندي آهي، تن کي ’وسرگ آواز‘ (Aspirated sounds) چئبو آهي. اهڙا آواز آهن: [ڦ، پ، مهه، ٿ، ٺ، ڏ، ڍ، ٽهه، نهه، ڇ، جهه، ڙهه، ک، گهه ۽ لهه] . . . اهڙيءَ طرح اُهي آواز، جن سان هوا جي ڦُوڪ گڏيل نه هوندي آهي، تن کي ’اوسرگ‘ (unaspirated) آواز چئبو آهي. اهڙا آواز آهن: [پ، ب، م، ت، ٿ، د، ڊ، ٽ، ن، چ، ج، ڙ، ڪ، گ ۽ ل] وغيره.“ الانا، 2017: 90، 89)

مٿي پيش ڪيل مواد جي اپياس کان پوءِ حاصل مطلب هي نڪري ٿو ته:

1. سنڌيءَ ۾ ڪن آوازن جي پيدا ٿيڻ وقت، هوا جي ڦُوڪ، آواز سان گڏوگڏ ٻاهر ڏُوڪجي نڪرندي آهي ۽ ڪن آوازن جي پيدا ٿيڻ وقت، هوا جي ڦُوڪَ، آواز سان گڏ شامل نه هوندي آهي. جن آوازن سان، هوا جي ڦُوڪَ، گڏوگڏ ڏُوڪجي نڪري، تنهن کي 'وسرڳائي' (Aspiration) ۽ جن آوازن سان، هوا جي ڦُوڪَ شامل نه هجي، تن کي 'آوسرڳائي' (unaspiration) چئجي ٿو.

2. 'وسرڳائي' ۽ 'اوسرڳائي' معلوم ڪرڻ جو طريقو ٻڌايل آهي ته آوازن جي اُچارڻ دوران، هٿ جي پُٺ وارو پاسو چپن جي اڳيان جهلجي، اُن کان پوءِ مٿين آوازن اچارڻ جي مشق ڪجي، جن آوازن جي اُچارڻ مهل، هوا جي ڦُوڪ موجود نه هجي، ته اهڙي خصوصيت کي 'اوسرڳائي' (unaspiration) چئجي.

مٿي ڄاڻايل تشريح مطابق، 'اوسرڳ' ۽ 'وسرڳ' جوڙيدار آوازن جي مالها هن طرح تيار ٿئي ٿي:

اوسرگ	وسرگ	اوسرگ	وسرگ
جوڙيدار آواز		جوڙيدار آواز	
ب	پ	ڙ	ڙهه
ت	ٽ	ڪ	ک
ٽ	ٺ	گ	گهه
پ	ڦ	ل	لهه
ج	جهه	م	مهه
چ	ڇ	ن	نهه
د	ڌ	ڻ	ڻهه
ڊ	ڊ	—	—
		—	—

4.14.3 وسرڳائي/ اوسرڳائيءِ ۾ [ـهه] ۽ [هه] جو وياڪرٽي ڪارج

1. سنڌي زبان ۾ اوسرگ صورت مان وسرگ صورت بنائڻ لاءِ [ـهه] جي صورت ملائي ويندي آهي ۽ اُن سان گڏ اوسرگ صورتن ۾ زائد نقطا به

لڳايا ويندا آهن. سنڌي زبان ۾ اوسرڳ مان وسرڳ صورت بنائڻ لاءِ گھڻو ڪري ھه طريقا اختيار ڪيا ويندا آهن:

i. وسرڳ صورت ۾ مخلوط ’ـھه‘ ملائڻ سان.

مثال طور: سمھڻ، گھمڻ، گھر، جھنگ جھر، جھرڪي، سنھو، ڳنھه وغيره.

ii. اوسرڳ صورت ۾ زائد نقطا ملائڻ سان.

اوسرڳ صورت	ـھه مخلوط	وسرڳ صورت
[ب]	[ـھه]	[پ]
[ت]	[ـھه]	[ٿ]
[ٿ]	[ـھه]	[ٺ]
[پ]	[ـھه]	[ڦ]
[ڇ]	[ـھه]	[ڃ]
[د]	[ـھه]	[ڏ]
[ڊ]	[ـھه]	[ڍ]

مٿئين مثال ۾ فقط ھڪ صورت [ٺ] ۾ زائد نقطا وڃھڻ بجاءِ ھڪ نقطو اڃا به گھٽايو ويو آهي، نه ته ٻين صورتن ۾ زائد نقطا شامل ڪيا ويا آهن.

2. سنڌي زبان ۾ ’ھه‘ وينجڻ، لفظن ۾، متحرڪ حالت ۾ استعمال ٿئي ٿي. ھن ’ھه‘ کي ماھر ملفوظي ’ھه‘ به چون ٿا، ڇاڪاڻ ته اھا صورت، لفظن ۾، اڳيان، وچ ۾، ۽ پڇاڙيءَ ۾، متحرڪ طور استعمال ٿي سگھندي آهي.

مڪمل صورت	اڳ ۾	وچ ۾	آخر ۾
ھه	ھـ	ـھـ	ـــھه

اوسرڳ ۽ وسرڳ حالتن ۾ استعمال ٿيندڙ [ـھه] ۽ [ھه] صورتن کان علاوه ’ھه‘ جون ٻيون به تحريري صورتون لکجڻ ۾ اچن ٿيون، جن جو ذڪر ڪندي واحد بخش شيخ لکيو آهي:

”. . . علت جي حرفن کان سواءِ ٻيا به ڪي حرف آهن، جن کي پڻ مختلف نمونن ۾ اُچاري سگھجي ٿو ۽ اُھي آهن: ’ه‘ ۽ ’ن‘. ’ه‘ جا ٽي قسم آهن:

(1) هاي ملفوظ، (2) هاي غير ملفوظ يا مختفي ۽ (3) هاي مخلوط.

(1) هاي ملفوظ: اها هاي (ه) جا چٽيءَ طرح اُچارجي. مثلاً:

آه – واه – راه – ڪاه – ساراه

(2) هاي غير ملفوظ يا مختفي: اها 'ه' جنهن جو تلفظ ظاهر نه هجي، تنهن کي هاي غير ملفوظ چئبو آهي. مثلاً:

بيگانه، پروانه، سايه، مايه

(3) هاي مخلوط: اها 'ه' جنهن کي ٻئي ڪنهن حرف سان گڏي اُچارجي، تنهن کي هاي مخلوط چئبو آهي. مثلاً:

اوهان، سنهو، ڳنهه." (شيخ، 2006: 21)

واحد بخش شيخ جي ڇاڻايل ٽن صورتن ۾ هاي مخلوط 'ه' جو ذڪر مٿي وسرگ صورت ۾ اچي چڪو آهي. هيءَ اُها ئي وسرڳي [ـهـ] آهي، جنهن کي موصوف مخلوطي 'ه' سان ظاهر ڪيو آهي. اُن کان علاوه واحد بخش شيخ متحرڪ [هه] جو به ذڪر هاي ملفوظ جي صورت ۾ ڪيو آهي.

[هه] جي مختلف صورتن ۽ آوازن جي ويڪرٽي اپياس کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته [هه] جون مختلف ويڪرٽي حوالي سان چار (4) صورتون يا روپ جُڙن ٿا:

لفظ جي اڳ ۾، وچ ۾، ۽ آخر ۾ (وينجڻ صورت ۾)	وسرگ صورت ۾	لفظ جي آخر ۾	لفظ جي آخر ۾
هه مثال طور: هاءِ، گهرو، گڏهه	**ـهه** مثال طور: جهرڪي، ڪلهه، رلهي، سمهه، چڙهه، سڙهه، انهن، سيوهڻ، ماڻهو	**ه** مثال طور: پناه، راه، افواه	**ـه** مثال طور: وابسته، خديجه

[چ] ۽ [هه] = [چهه]، /چهه/ لفظ ۾ وسرگ صورت سان ـهه جي ٻي وڌيڪ وسرڳي صورت ملي آهي. ان مان خبر پوي ٿي ته وسرگ [ـهه] جي صورت ٻيلهه سوار ٿي سگهي ٿي. اهڙا مثال غور ڪرڻ سان ٻيا به ملي پوندا.

4.15 سنڌي وينجڻ آوازن جي ورهاست

سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام مطابق، سنڌي وينجڻ آوازن جي ورهاست محبت ٻرڙي هن طرح ڪئي آهي:

1- صاف وينجڻ آوازَ (Soft or clear consonants)

2- نڪاوان وينجڻ آوازَ (Nasal consonants)

3- ٻُڌٻڌا ۽ بي ٻُڌا وينجڻ آوازَ (voiced and voiceless consonants)

4- اوسرگ ۽ وسرگ وينجڻ آوازَ (Aspirated and unaspirated consonants)

5- بندشي وينجڻ آوازَ (Stops consoants)

(i) ڏماڪيدار خارجي وينجڻ آوازَ (Exposive consonants)
(ii) ڏماڪيدار اندروني/چوسڻا وينجڻ آوازَ (Implosive consonants)
(iii) لرزيدار وينجڻ آوازَ (Trills consonants)
(iv) گسڪيدار وينجڻ آوازَ (Ericative consonants)

6- جزوي بندشي وينجڻ آوازَ (Stop explosive consonants)

7- پاسائتا وينجڻ آوازَ (Lateral consonants)

8- اڌ – سُر آوازَ (نيم – سر) (Semi-vowels)

4.15.1 صاف وينجڻ آوازَ (Soft or clear consonants)

محبت ٻرڙو، صاف وينجڻ آواز جي وصف بيان ڪندي لکي ٿوته:

"اهڙو آواز، جيڪو اپائٽ (پيدا ڪرڻ) مهل ڦڦڙن کان ڌُوڪي ايندڙ هوا جو ڪُل مقدار وات جي کوپي (mouth cavity) مان نيڪال ٿئي ٿو، اُن کي 'صاف' (وينجڻ) آواز سڏجي ٿو. مثال: [آ]، [ب]، [ک]." (ٻرڙو، 2007: 22)

4.15.2 نڪاوان وينجڻ آوازَ (Nasal consonants)

محبت ٻرڙو نڪائين وينجڻ آواز جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"اهڙو آواز، جيڪو اپائٽ مهل ڦڦڙن کان ڌُوڪي ايندڙ هوا جو وڏ ۾ وڏ يا ڪُل مقدار نڪ جي کوپي مان نيڪال ٿئي ٿو، ان کي 'نڪائون' وينجڻ آواز سڏجي ٿو. مثال: [آن]، [م]، [ڻ]، [ڃ]، [ڱ]" (ٻرڙو، 2007: 23)

پروفيسر علي نواز جتوئي هن آواز کي بندشي – ڏماڪيدار ۽ پٽڻٽو آواز سڏي ٿو ۽ انهن جو تعداد پنج ٻڌائي ٿو: [م]، [ن]، [ٹ]، [چ] ۽ [گ]. هو لکي ٿو ته:

"بندشي آوازن جي ڏماڪي کان اڳ هوا جو زور يا داب مُنهن (وات) ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ نڪ وارو رستو (خال) بند رهي ٿو، پر جي هوا جو داب مُنهن (وات) ۾ پيدا نه ڪبو، بلڪ ان کي نڙيءَ کان نڪ جي خال مان خارج ڪبو ته آوازي ڦڙڪن جو آواز يعني صوت معلوم ٿيندو، پوءِ جي روڪ جي هنڌان زبان کي پري ڪبو ته هوا ساڻئي وقت مُنهن (وات) جي خال مان نڪرندي ۽ ڏماڪيدار آواز پيدا ڪندي. اهڙي قسم جي آوازن کي 'صوتيات' ۾ نڪوان (nasals) يعني نڪ وارا (آواز) سڏجي ٿو. اِهي سڀ بندشي – ڏماڪيدار ۽ پُٽڻٽا (آواز) آهن. . . عام طرح سان انهن جو تعداد پنج آهي ۽ سندن مخرج هيٺينءَ ريت آهن:

1- [م]، مخرج چپ (ٻئي چپ)

2- [ن]، مخرج مهارون

3- [ٹ]، مخرج مهارون يا سخت تارون (اڳيون حصو)

4- [چ]، مخرج سخت تارون

5- [گ]، مخرج نرم تارون" (جتوئي، 1983: 60-62)

ڊاڪٽر غلام علي الانا به نڪوان يا گهُٽا وينجڻ مٿيان پنج ٻڌايا آهن، پر مخرجن ۾ ڪٿي ٿوري تبديل آهي، ان جو جائزو هيٺ ڄاڻايل خاڪي مان وٺي سگهجي ٿو:

نڪاوان آواز	[م]	[مھ ہ]	[ن]	[نھ]	[ٹ]	[ٹھ]	[چ]	[گ]
محبت ٻرڙو	چَ پَ	چَ پَ	مُورڌ ني	مُورڌ ني	مُورڌني	مُورڌني	سخت تارون	نرم تارون
پروفيسر جتوئي	چَ پَ	چَ پَ	مَهار	مَهار	مُورڌني يا زبان موڙ	مُورڌني يا زبان موڙ	سخت تارون	نرم تارون
ڊاڪٽر الانا	چَ پَ	-	مَهار	-	مُورڌني	-	سخت تارون	نرم تارون

4.15.3 بندشي وينجڻ آوازَ (Stops consoants)

محبت پرڑو بندشي وينجڻ آواز جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"جن آوازن کي اپائٹ (پيدا ڪرڻ) مهل هوا جي ڏُوڪَ کي ڪنهن به هنڌ مڪمل بندش/ رنڊڪ ٿئي، انهن کي 'بندشي' سڏجي ٿو. اُها بندش، ٻنهي چپن کي پاڻ ۾ ملائڻ وسيلي، متين ڏندن کي هيٺئين چپ سان ملائڻ وسيلي، چپ جي چڪ کي ڏندن جي پاڙ يا مهارن سان ملائڻ وسيلي، چپ جي مهڙ کي سخت تارونءَ سان ملائڻ وسيلي، چپ جي متياڙي کي نرم تارونءَ سان ملائڻ وسيلي ۽ چپ جي پٺ/ پاڙ کي ڪاڪڙي/ نڙيءَ سان ملائڻ وسيلي، ڪري سگهجي ٿي.

بندشي آوازن جا وري ڪجهه قسم ٿين ٿا:

4.15.4 ڏماڪيدار خارجي وينجڻ آواز

اهي آواز جن ۾ هوا جي جُوهه بند ٿي ٻاهر ڪُلي، انهن کي ڏماڪيدار خارجي (Explosive consonants) چئجي ٿو. مثال: [پ]، [ب] ، [د] وغيره.

محبت پرڑي وانگر پروفيسر جتوئي هنن آوازن کي بندشي آوازن جي دفعي ۾ رکي ٿو، جن جو ذکر اڳتي اچي ٿو. ڊاڪٽر الانا انهن کي ڏُوڪٽا يعني ڏماڪيدار وينجڻ سڏي ٿو. ڊاڪٽر الانا ٻڌائي ٿو ته: انهن ۾ [ق] کان سواءِ، جو ئي رڳو هلڪو ڏوڪٽو وينجڻ آهي ۽ اڪيلو آهي، باقي سڀ ڏماڪيدار، هڪ ٻئي جا هلڪا ۽ ڳرا اوسرڳ ۽ وسرڳ جوڙ آهن. (الانا، 2017: 94)

مثال طور:

هلڪا	
اوسرڳ	**وسرڳ**
پ	ق
ٽ	ٺ
ت	ٿ
ڪ	ک
چ	ڇ
...	...

ڳرا	
اوسرڳ	**وسرڳ**
ب	پ
ڊ	ڊ
د	ڏ
گ	گهه
ج	جهه
...	...

4.15.5 ڏماڪيدار اندروني/چوسٽا وينجڻ آواز

اُهي آواز آهن، جن ۾ هوا جي جُوهه بند ٿي اندر ڪُلي يعني ائين محسوس ٿئي ته هوا اندر چڪجي يا چُوسجي ويئي. انهن کي ’چُوسٽا‘ يا ’ڏماڪيدار اندروني‘ (Implosive consonants) وينجڻ چئجي ٿو.

پروفيسر جتوئي مٿيان داخلي ڏماڪيدار يا چوسٽا آواز چار – ٻ، ڄ، ڊ ۽ گ ٻڌايا آهن ۽ سندن مخرج – چپ، مهارون يا سخت تارون ۽ نرم تارون ٻڌائي ٿو. سندس راءِ مطابق، هنن آوازن اُچارڻ مهل نڙگهٽ هيٺ نٿو ڪجي ۽ هوا اندر کان ٻاهر وڃي ٿي. (جتوئي، 1983: 60)

ڊاڪٽر الانا انهن چئن آوازن کي داخلي ڏماڪيدار چوڻ بجاءِ چوسٽا وينجڻ سڏي ٿو، ڇاڪاڻ جو اُهي مُورڌني يعني ٻن چپن واري [ٻ] کي ڇڏي باقي 3 آواز سخت تارون ۽ نرم تارون مخرجن وٽان پيدا ٿين ٿا. اهي سمورا آواز گڙا ۽ اوسرگ ٿين ٿا. (ص 95)

مثال طور:



مثال: [ٻ]، [ڄ]، [گ] وغيره.

4.15.6 لرزيدار

اُهي آواز، جن ۾ هوا جي جُوهه بند ٿي لرزش ڪندي ڪُلي، انهن کي لرزيدار (Trills) چئجي ٿو. مثال: [ٽر/ٽ]، [ڊر/ڊ].

ڊاڪٽر الانا مطابق، هي فقط هڪ آواز [ر] آهي، اُن جو مخرج مهار آهي. هن جو وسرگ جوڙ ڪونه ٿئي. لفظن ۾ ابتدائي توڙي وچينءَ صورت ۾ ڪم ايندو آهي. (الانا، 2017: 101)

ابتدائي صورت	**وچ صورت**
[ر]	[ـر]

اصل ۾ محبت ٻرڙي ’ٽر‘ /’ٺ‘ يا ’ڊر‘ / ’ڊ‘ آواز ٻڌايا آهن. انهن ۾ لرزيدار [ر] آواز کي ظاهر ڪيو آهي، جيڪو انهن ٻن آوازن [ٺ] ۽ [ڊ] ۾ موجود هوندو آهي. پروفيسر جتوئي انهيءَ آواز جا مخرج ’مهار‘ ۽ ’ڪاکڙو‘ ٻڌايا آهن. (ص 64)

4.15.7 گسڪيدار

اُهي آواز جن ۾ هوا جي جُوهہ بند ٿي ڳِسڪو ڪري ڪُلي، انهن کي ڳِسڪيدار (Fricatives) چئجي ٿو. مثال: [خ]، [غ] وغيره.

ڊاڪٽر الانا اُهي آواز 8 ڄاڻايا آهن: چپ – ڏندن گاڏُڻ [ف] ۽ [و] مهار وارا [س] ۽ [ز] سخت تارونءَ وارا [ش] ۽ [ي] نرم تارونءَ کان پونير [خ] ۽ گلي وارو [هه]. (الانا، 2017: 97)

پروفيسر جتوئي 9 آواز ٻڌايا آهن. 8 آواز ڊاڪٽر الانا وارا ساڳيا ڳڻايا اٿس، باقي [غ] جو آواز اضافي ٻڌايو آهي، جنهن جو مخرج نرم تارون ڄاڻايو اٿس. (جتوئي، 1983: 66)

اصل ۾ هي سڀيئي آواز، ڏماڪيدار وينجڻ آهن، جيڪي ٽن گروهن ۾ ورهايل ٿين ٿا: هڪڙا – داخلي ڏماڪيدار (Implosive consonants)، ٻيا – خارجي ڏماڪيدار (Explosive consonants) ۽ ٽيان – بندشي ڏماڪيدار (Stops consonants). هنن سڀني آوازن جا مخرج ٿوري گهڻي فرق سان الگ الگ ٿين ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئي انهن مڙني آوازن جا مخرج ڇهه (6) ٻڌايا آهن ۽ ڪُل تعداد 21 ڄاڻايو آهي. اُهي ڇهه (6) مخرج آهن: 1. ٻن چپن وارا، 2. ڏندن وارا، 3. مُورڌني، 4. سخت تارونءَ وارا، 5. نرم تارونءَ وارا ۽ 6. نرم تارونءَ کان پوئين حصي وارا.

بندشي يا ڏماڪيدار وينجڻ لاءِ پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته:

”هنن آوازن جي خصوصيت هيءَ آهي ته هنن لاءِ هوا جي ٻاهر نڪرندڙ جوهي کي مُنهن (وات) ۾ ڪٿي نه ڪٿي گهڙي ڪن لاءِ بند ڪجي ٿو:

i) اِها بندش، ٻن چپن کي پاڻ سان ملائي به ڪري سگهجي ٿي، جيئن پ، ڦ، ب ۽ ڀ جي آوازن ۾.
ii) اُها بندش، زبان جي مٿياڙي کي مٿين ڏندن سان ملائي به ڪري سگهجي ٿي جيئن ت، ٽ، د، ڈ جي آوازن ۾.
iii) اُها بندش زبان جي چوٽيءَ کي مهارن يا سخت تارونءَ سان ملائي به ڪري سگهجي ٿي، جيئن ٽ، ٺ، ڊ ۽ ڍ جي آوازن ۾.

iv) اُها بندش، زبان جي اڳئي حصي (اڳياڙي) کي سخت تارونءَ سان ملائي به ڪري سگهي ٿي، جيئن چ، ڇ، ج ۽ جهه جي آوازن ۾.

v) اُها بندش، زبان جي پوئين حصي (پچاڙي) کي نرم تارونءَ سان ملائي به ڪري سگهجي ٿي، جيئن ک، ک، گ ۽ گهه جي آوازن ۾.

vi) اُها بندش، زبان جي پاڙ کي ڪاڪڙي سان يا نڙيءَ سان ملائي به ڪري سگهجي ٿي، جيئن عربي ’ق‘ جي آواز ۾.

vii) اُها بندش، نرگهٽ ۾ آوازي ڦڙڪن سان به ڪري سگهجي ٿي، جيئن عربي ’ـــئـــ‘ جي آواز ۾." (حوالو آندل، ص 55، 56، 57)

پروفيسر جتوئي وڌيڪ لکي ٿو ته:

"اُنهن بندشي آوازن جي پٺيان جيڪڏهن سُر آواز شامل ٿيندو ته اُهي ڏماڪيدار (Plosive) ٿي پوندا، جيئن "پٽتي هَٽ" ۾ [پ] ڏماڪيدار آهي. ٽ کي زير ڏبي ته ڏماڪيدار آواز ٿي پوندو، پر جي اُن تي جزم ڏبي ته ساکن ٿيندو ۽ اُن حالت ۾ سندس آواز بندشي (Stop) ٿي پوندو، [ت] ڏماڪيدار آواز آهي. [ٽ] جو آواز زير جي حالت ۾ ڏماڪيدار ٿيندو، نه ته بندشي." (حوالو ڏنل)

حاصل مطلب:

- بندش آوازن جا مخرج – ٻئي چپ، مٿيان ڏند ۽ هيٺيان چپ، چپ جي چوٽي ڏندن جي پاڙ يا مهار چپ جي مُهڙ ۽ سخت تارونءَ، چپ جي مٿياڙي ۽ نرم تارونءَ، چپ جي پُٺ/ پاڙ ۽ ڪاڪڙو وغيره. (محبت ٻرڙو)
- بندشي آوازن جا مخرج – چپ، ڏند، چپ، مهار، سخت تارون، نرم تارون، ڪاڪڙو، نڙي، نڙگهٽ وغيره. (پروفيسر جتوئي)
- ڏماڪيدار آوازن جي پٺيان جزم لڳائڻ سان بندشي آواز پيدا ٿين ٿا. (پروفيسر جتوئي)
- بندشي آوازن جي پٺيان، سُر آواز ملڻ سان ڏماڪيدار آواز پيدا ٿين ٿا. (پروفيسر جتوئي)
- مٿي ڄاڻايل سمورن وينجڻ آوازن کي پنهنجين مڃني خوبين ۽ خاصيتن جي لحاظ کان هلڪن (بي پُٽن)، ڳرن (پٽيٽن)، اوسڳ ۽ وسڳ گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1.15.8 جزوي بندشي (Partial closure)

”اُهي آواز، جن کي اُپائڻ مهل هوا جي جُوهه کي کنهن به هنڌ مڪمل نه پر جُزوي بندش ٿئي، اُها جزوي بندش، جيڀ جي چڪ يا مُهڙ کي مٿينءَ مهاڙ جي اندرئين پاسي يا سخت تارون ويجهو آڻي پيدا ڪئي وڃي ٿي. جزوي بندشي آواز پڻ لرزيدار يا گسڪيدار ٿي سگهن ٿا. لرزيدار جو مثال آهي [ر] ۽ گسڪيدار جو مثال آهي [س].“ (ٻرڙو، 2007: 24)

مٿئين بيان ۾ محبت ٻرڙي لرزيدار (Trills) ۽ گسڪيدار (Frivatives) کي ملائي انهن کي جُزوي بندشي (Partial closure) سڏي ٿو، جڏهن ته ڊاڪٽر الانا (ص 97) ۽ پروفيسر جتوئي (ص 66) هنن آوازن کي مختلف مخرجن ۽ نالن سان سڏيو آهي، جن جي باري ۾ مٿي ذڪر اچي چڪو آهي.

1.15.9 پاسائتا (Lateral)

”هن قسم جا آواز اپائڻ مهل وات جي ڪوپي ۾ هوا جي جُوهه کي اهڙيءَ طرح رندڪ ٿئي ٿي جو ڀيڀ جي پاسن کان هوا جو دگ ڪليل به رهي ٿو. مثال: [ل]“ (ٻرڙو، 2007: 24)

هن قسم جي آواز ڪيڻ دوران مشاهدو ڪيو ته ڀيڀَ جي چوٽي (Tip of tongue) ڏندن ۽ مهارن سان ڇُهڻ دوران سندس پاسا تراکڙا ٿي وڃن ٿا ۽ آواز کي ڪٽي به ڪا روڪ نٿي ٿئي. پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته:

”هنن آوازن جي اُچارڻ وقت زبان جي چوٽي ڏندن يا مهارن سان اهڙي طرح ملي ٿي جو اُن جا پاسا ڪُليل رهن ٿا، جنهنڪري هوا جي گذر ۾ بلڪل بندش نٿي رهي، مگر رندڪ جي پاسن کان لنگهي ٿي، پوءِ جڏهن زبان پري ڪجي ٿي تڏهن هلڪي ڏماڪي سان ’ل‘ جو آواز پيدا ٿئي ٿو.“ (ص 63)

مختلف ٻولين ۾ ’ل‘ جو اُچار به مختلف ٿئي ٿو. بارٿل مامبرگ ان جي اچارڻ جا ٻه طريقا ڏسيا آهن، هڪ اهو جنهن ۾ هوا جو گذر بنهه سوڙهن پاسن مان ٿئي ٿو؛ اهڙي کي ڳسڪيدار پاسائتو آواز (Lateral fricative) سڏبو آهي. انهيءَ جا به ٻه قسم آهن: هڪ بي ٻُڏو ۽ ٻيو ٻُڏٻُڏو. براهوي، مرهٽي ۽ گجراتيءَ ۾ اهڙو آواز موجود آهي. ٻيو طريقو اُهو آهي، جنهن ۾ هوا جو گذر خلاصو ٿئي ٿو. اُن جا ٻه مخرج ٿين ٿا: (1) مهارون ۽ (2) سخت تارون، سخت تارونءَ وارو آواز اڪثر زبان – موڙ (Retro flex) ٿي پوندو آهي. ڪن ڪن زبانن جهڙوڪ، فرينچ ۽ اسپينوي ۾ اُن جو مخرج نرم تارون به هوندو آهي. (مامبرگ، 1963: 44، 45)

ڊاڪٽر الانا هي آواز ٻه [ل] ۽ [لهه] اوسرڳ ۽ وسرڳ جوڙي ۾ ٻڌائي ٿو. هو لکي ٿو ته: "اهي ٻه آواز آهن، جيڪي ٻئي ڳرا ۽ ٻنهي جو مخرج مُورڌن آهي. ٻئي، اوسرڳ ۽ وسرڳ جوڙن ۾ ٻه استعمال ڪري سگهبا آهن. البت سنڌي الف – ب جي پٽيءَ ۾ ان جي وسرڳ جوڙ [لهه] کي داخل نه ڪيو ويو آهي. فقط [ل] آواز ئي لفظن جي ابتدائي ۽ وچين صورت ۾ ڪم ايندو آهي ۽ [لهه] جو استعمال لفظ جي وچ ۾ ممڪن آهي." (الانا، 2017: 100، 101) مثال طور: [ل] = هلڻ. [لهه[= ڪلهوڙو، ڳالهه.

4.15.10 ڦڙڪڻا وينجڻ آواز (Flapped)

محبت ٻرڙي وينجڻ آوازن جي بيان ۾ ٻين سپني وينجڻ آوازن جو ته ذڪر واري سر ڪيو آهي، پر ڦڙڪڻن آوازن (Flapped) جي باري ۾ الڳ ڪجهه ٻه نٿو ٻڌائي، البت 'سنڌي ٻوليءَ جي آوازن جي عمومي خاڪي' (ص 56) ۾ 'لرزائتا آواز' (Trills) جي ڪالم ۾ [ر] ۽ [ڑ] آوازن جو ذڪر اوسرڳ [ر] ۽ [ڑ] ۽ وسرڳ [رهه] ۽ [ڑهه] جوڙن ۾ ڪري ٿو. گويا هُو ڦڙڪڻن آوازن (Flapped) کي لرزيدار (Trills) آوازن ۾ شمار ڪري ٿو ۽ انهن ٻنهي آوازن جي جوڙن جو مخرج 'مُورڌن' ٻڌائي ٿو. ڊاڪٽر الانا ٻه [ر] ۽ [ڑ] آوازن کي ڦڙڪڻن ۾ شمار ڪري ٿو، پر اُنهن جا مخرج ڏار ٻڌايا اٿس. يعني هو [ر] جو مخرج 'مهار' ۽ [ڑ] جو مخرج 'مُورڌن' ٻڌائي ٿو (ڏسو 'سنڌي وينجڻ جو چارٽ'، الانا، ص 103)

پروفيسر جتوئي ٻه محبت ٻرڙي وانگر لرزش يا لرزيدار آواز (Trills) کي ڦڙڪڻن يا جنبشي آوازن ۾ شمار ڪري ٿو. هو [ر] کي مهارن وارو ۽ [ڑ] کي مُورڌني يا زبان موڙ آواز سڏي ٿو. اهڙيءَ ريت هُو [رهه] ۽ [ڑهه] آواز ٻه ساڳين مخرجن وٽان اوسرڳ ۽ وسرڳ جوڙن جي صورت ۾ متعارف ڪري ٿو (ڏسو 'سنڌي آوازن جو خاڪو'، پروفيسر جتوئي، ص 71)

4.15.11 وينجڻ آوازن جي خصوصيت معلوم ڪرڻ

وينجڻ آوازن جي تحقيقي اپياس کان پوءِ انهن جي خصوصيتن کي معلوم ڪرڻ لاءِ جديد صوتيات موجب، هڪ خاص انداز (Behaviour) جوڙيو ويو آهي، يعني جنهن ٻه وينجڻ آواز جي خصوصيت معلوم ڪبي، ته اُن لاءِ ترتيبوار هيٺين سوالن جو ملائي جواب ڏيڻو پوندو:

- ڇا اِهو پُٽيڻو آهي يا بي پُٽو؟
- ڇا اِهو وسرڳ آهي يا اوسرڳ؟
- اِن جو مخرج ڪهڙو آهي؟

- اِن جو قسم ڪهڙو آهي؟

مثال طور:

[ت] = بي پُٽو، اوسرگ، ڏندائون، ڏماڪيدار خارجي (يا بندشي)

[پ] = پُٽپٽو، وسرگ، ۽ چپائون، ڏماڪيدار خارجي (يا بندشي)

[م] = پُٽپٽو، اوسرگ، ۽ چپائون، نڪائون

[د] = پُٽپٽو، اوسرگ، مُورڌني يا زبان موڙ/ بندشي لرزيدار

[لهه] = پُٽپٽو، وسرگ، مهار وارو

4.16 پد (Syllable)

4.16.1 معنيٰ ۽ وصف

- 1 - اُچار جو اُهو حصو، جيڪو هڪ ايڪي ۾ اچاري سگهجي، پر اڪثر هڪ پد حرف علت جي آواز سان ٺهندو آهي. جنهن جي اڳيان، پويان يا ٻنهي پاسن مان ڪنهن به پاسي حرف صحيح موجود هوندا آهن، جيئن: لفظ Water ۾ ٻه، ۽ infermo ۾ ٽي پد آهن. 2 – پد کي ظاهر ڪندڙ نشاني، 3 – (ع ط ناڪاري سان) مختصر ترين صورت، تحرير (did not utter a syllable ٻڙڪ به نه ٻوليائين). (ابڑو، 2010: 1786)

- پَدُ ج پَدَ: ذ. [سن. پدْ] پير – قدم – پگ. پير جو نشان – پيرو. مرتبو – درجو – رُتبو – عهدو. منزل. بيت جي ستٽ جو هڪ پاگو. هڪڙي اکر ۽ اُن جي حرڪت منجهان ٺهيل ’آواز‘. پاگو – حصو، سج جي اُها منزل، جنهن تي ڏينهن رات هڪ جيڏا ٿين (هڪ آهَر پَدُ = اعتدال ربيعي، 23 مارچ ۽ ٻيو وِشوَ پَدُ = اعتدال خريفي، (21- سيپٽمبر) (بلوچ، 2007: 208)

- پَدُ = پير – قدم – جاچ – درجو – لقب – لفظ – مصرع – گرامر جي حوالي سان اهو لفظ، جيڪو اسم – فعل ۽ حرف هجي. (قَرڙو، 2007: 112)

- پَدُ = پاؤں، پیر، پا، قدم، نشان پا،کھوج، درجہ، رتبہ، بڑائی، عہدا، مرتبہ، لقب، خطاب، مقام، جگہ، منزل، لفظ، شرط، شان، چیز، شئے، اصطلاح نحوی، وہ کلمہ جو اسم، فعل اور حروف ہو- (راؤ اصغر، 1997: 214)

- پد (Syllable)، ٻول جو اهو حصو، جيڪو آواز جي اڪيلي سَٽَ (effort) ۾ چيو ويو هجي. (چيمبرس ڊڪشنري)
- پَدُ (درجو) = پَدُ – پدوي (- بيت جو پاڳو، پَدُ (- پير جو سَنڌو) پتو – پرو – پَتائتو. (جهمٽمل، 1978: 52)

مٿين حوالن ۾ بيانن جي تفصيلي اپياس کان پوءِ، معلوم ٿئي ٿو ته لفظن ۾ پد ٽين ٽا ۾ پد، لفظن کان علاوه به پنهنجي الڳ حيثيت ۾ موجود رهن ٽا. پين لفظن ۾ صوتيا پاڻ ۾ ملي پد ٺاهين ٽا ۾ پد پاڻ ۾ ملي لفظ ٺاهين ٽا. پدن ۾ صوتين جو ملڻ، سٽاءَ موجب ٽيندو آهي. پد جي مناسب ٽُز تعريف ۾ وصف پيش ڪرڻ ۾ ڏيهي پرڏيهي عالمن جو پاڻ ۾ اختلاف آهي، ليڪن عالم ان ڳالهه تي متفق ضرور آهن ته لفظن ۾ پد موجود آهن. هيءُ لفظ جو اهو حصو آهي، جيڪو هڪ ئي ساهيءَ ۾ اُچاريو وڃي.

4.16.2 ’پد‘ جي باري ۾ ماهرن جي قائم ڪيل راين جي تناظر ۾ محبت ٻرڙي جي تنقيد

محبت ٻرڙو ’پد‘ جي باري ۾ پروفيسر جتوئيءَ جي انهيءَ راءِ کي مُنجهائيندڙ سڏي ٿو، جنهن ۾ هن چيو آهي ته: ”صوتيه، پاڻ ۾ ملي پد ٺاهين ٽا.“ اُن جي معنيٰ هيءَ آهي ته هڪ پد ۾ هڪ کان وڌيڪ صوتيا موجود هوندا آهن ۽ پد پاڻ ۾ ملي لفظ ٺاهين ٽا، مان مراد اِها آهي ته هڪ لفظ ۾ هڪ کان وڌيڪ پد موجود هوندا آهن.

محبت ٻرڙو لکي ٿو ته:

”جتوئي . . . جن جو پد ۽ لفظ بابت هيءُ تصور هڪ حد تائين مُنجهائيندڙ آهي. ’صوتيا (وائيا) پاڻ ۾ ملي پد ٺاهين ٽا“ جو سڌو مطلب اُهو آهي ته هڪ پد ۾ آوس هڪ کان وڌيڪ صوتيا (وائيا) موجود هوندا آهن ۽ ’پد پاڻ ۾ ملي لفظ ٺاهين ٽا‘ جو سڌو مطلب اِهو آهي ته هڪ لفظ ۾ آوس هڪ کان وڌيڪ پد موجود هوندا، جڏهن ته حقيقت ائين ناهي، ڪيئي ٻولَ (لفظ) اهڙا آهن، جيڪي رڳو هڪ وائيي تي ٻڌل آهن، جيڪو اڪيلي سِر پد ئي هوندو آهي، ۽ ڪيترائي اهڙا پد آهن، جيڪي اڪيلي سر مڪمل ٻول آهن.“ (ٻرڙو، 2007: 127)

محبت ٻرڙو اُن جا مثال ڏيندي لکي ٿو ته:

”/نَ (نه)، تَ (ته)، چَ (چهه)، بَ (ٻه، بِ (به)، هي، هِي، هُو، هو، ها، سا، سو، سي، يا ڪا، ڪي، ڪِي، جا، جو، جي، جِي، مان، تون، تو، آن، سان، ڪان، تان، تان، ۾، چو، چا، جُون، ڏُون، مون، هان/ وغيره. اهي سڀ يڪوائيا (mono-phonemic)

به آهن ته يڪپدا (mono-syllabic) به، ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي مڪمل ٻول به.” (ص 127)

محبت ٻرڙو مٿئين بحث مان اهو نتيجو ڪڍي ٿو ته: اُهي لفظ (ٻول) يڪپدا آهن ۽ اهي لفظ جي ذاتوءَ جي به حيثيت رکن ٿا. وڌيڪ موصوف، ڊاڪٽر الانا جي ذاتو/ ٻول جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

”الانا جن مختلف عالمن جي راين کي آڏو رکندي، جن صورتن کي ٻول جو ذاتو سڏين ٿا، انهن مان ڪي هي آهن: ’/لِکْ، پَڙهه، ڊاهه ْ، کا، آچْ، سڙْ، مَرْ، نَرْ، قَسْ . . ./‘ اهي سڀ ذاتو يڪپدا آهن، اُنڪري پروفيسر جتوئيءَ جي اِها راءِ ته: ’صوتيا ملي پد ٺاهين ٿا ۽ پد ملي لفظ ٺاهين ٿا‘، مڪمل مفهوم ظاهر نٿي ڪري، مثال طور:

(ٻول)	(ٻول جا پد)	(ٻول)	(ٻول جا پد)	(ٻول)	(ٻول جا پد)
چمڪو	چم + ڪو	مطلب	مط + لب	نِبُ	نِ + بُ
هلڪو	هل + ڪو	هڪل	هه + ڪل	سَتَ	سَ + تَ
مڪتب	مڪ + تب	ڏياري	ڏيا + ري	ڪتّ	ک + تّ
		پڙهو	پ + ڙهو	ڪتو	ک + تو

محبت ٻرڙو هتي ٻه سوال اُٿاري ٿو:

i. مٿي جيڪي به پد ظاهر ڪيا ويا آهن، ڇا اُهي مختلف صوتين (وائين) جو ميلاپ آهن؟

ii. ڇا/هڪل، نب، ست، ڪتّ ۽ ڪتو/ جا پد رڳو ائين ئي ٿي سگهن ٿا، جيئن ٻڌايا ويا آهن، يا انهن جي ڪا ٻي صورت به ٿي سگهي ٿي؟

پهرئين سوال جو جواب ڳولڻ کان اڳ هيءَ راءِ ذهن ۾ رکي وڃي ته اُهي آواز، جيڪي معنوي فرق پيدا ڪن ٿا، تن کي صوتيو سڏجي ٿو. (جتوئي، 1983: 75) ۽ سادي ٻوليءَ بابت ٻي اها راءِ به ته: ”مثلاً /کتّ/ جا ٻه جزا ٿي سگهن ٿا: /ک/ ۽ /تّ/. اهي بي مطلب آهن.” (جتوئي، 1983: 110)

پهرين راءِ جي روشنيءَ ۾ مٿي ڏنل پدن کي جاچبو ته اُهي علمي طرح مختلف صوتين (وائين) جو ميڙ آهن، ڇو ته آوازن کان سواءِ ٻول (لفظ) نٿا نٿا سگهن ۽ ٻيءَ راءِ کي ڏسبو ته مٿي سمورا پد بي مطلب آهن، يعني مطلب وارين شين (صوتين، وائين) جو ميڙ بي مطلب آهي!

محبت ٻرڙو اڳتي هلي پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي آخري قائم ڪيل راءِ کي وڌيڪ جامع ۽ درست قرار ڏئي ٿو ۽ اُن سان هو اتفاق ڪري ٿو. پروفيسر جتوئيءَ جي ’پد‘ بابت قائم ڪيل راءِ هن طرح آهي:

”پد، هڪ آوازي لهر آهي، جا بلنديءَ طرف اُڀري ٿي ۽ هيٺاهين تي لهي ٿي ۽ وري جڏهن بلنديءَ جي طرف اُڀري ٿي تڏهن ٻيو پد ٺاهي ٿي.“ (جتوئي، 1983: 85)



پد يقيناً هڪ آواز يا ڪجهه آوازن جو ميلاپ آهي ۽ آواز لفظ ۾ مطلب ئي پيدا ڪندو آهي. ان ڪري پد جي وصف لاءِ لازمي شرط هڪ ستّ (ويرم) ۾ اچاريل آواُ يا آوازَ آهي.

- هيٺين لفظن ۾ /سَچْ/ اچي ٿو:

سچائي /سَچْ + آئي/
سچي /سَچْ + اِي/
سچو /سَچْ + او/
سچيرو /سَچْ + ايرو/
مٿين لفظن ۾ /سَچْ/ هڪ پد آهي. . . (جتوئي، 1983: 111)

۽ /سَچْ/ مطلب رکندڙ آهي (ڏسو حوالو ساڳيو)، /سَچْ/ ۽ ”چَم، هَل، مَک ۽ مَطْ“ سڀ جو سڀ آوازَ جي اڪيلي ستّ ۾ اچاريل آواز آهن پر هڪ مطلب وارو آهي ۽ ٻيا بي مطلب آهن، يعني پد مطلب وارو به ٿي سگهي ٿو ته بي مطلب به. ۽ ظاهر آهي ته پد آواز يا آوازن جو ميلاپ آهي ۽ هر صوتيو بهرحال ڪو نه ڪو آواز ئي هوندو آهي. ان ڪري پد لاءِ صوتين جي ميل بدران آواز يا آوازن جو ميل چوڻ گهرجي، اهو مطلب وارو به ٿي سگهي ٿو ته بي مطلب به، پر پد هجڻ لاءِ لازمي آهي ته آواز جي اڪيلي ڪوشش ۾ اچاريو ويو هجي.

- پد هڪ آوازي لهر آهي جا بلنديءَ جي طرف اُپري ٿي ۽ هيٺائين تي لهي ٿي ۽ وري جڏهن بلندي جي طرف اپري ٿي تڏهن ٻيو پد ٺاهي ٿي. (جتوئي، 1983: 85)

پد جي هيءَ وصف وڌيڪ جامع ۽ درست آهي.

- هڪ پد اورپ جي زنجير ۾ (in the chain of utterance) راڙ (loudness) جي چوٽي آهي، هڪ ڳالهائيندڙ جي acoustic power output {آوازدار قوت جي اظهار} جِي، جيئن اها وقت سان گڏ لاه چاڑھ ڪندي وڃي، اوهين جيڪڏهن ماپ ڪري سگهو ته چاٽي سگهندا ته اهو لاه چاڑھ لاڳيتو چوٽيون ۽ ماڙيون ٺاهيندو وڃي ٿو. چوٽيون پد آهن. (باربر، 1982: 86)

/نِب/ (nib) هڪ اڏارو بول آهي ۽ يڪپدو ٿئي ٿو. پنهنجي بوليءَ ۾ اهو واحد جي به معنى ظاهر ڪري ٿو ۽ ناڏر بول آهي. سنڌي ۾ عام مروج اچار /نِبُ/ ۾ /اُ/ ان جي واحد هجڻ جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ جملي ۾ ان جي حالت به، پر سنڌي ۾ اهو بول 'مونث' جي صيغي سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. /نِبُ/ کي /نِ ۽ بُ/ پدن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو ۽ /نِبْ ۽ اُ/ ان جي وايا‌چاٽي تحريري صورت ٿيندي.

/سَتَ ۽ ڪَتَ/ به اهڙا ئي بول آهن. /سَ ۽ تَ/ ۽ /ڪَ ۽ تَ/ ان جا پد ٿيندا ۽ وايا چاٽي تحريري صورت /سَتْ + آ/ ۽ /ڪَتْ + آ/ ٿيندي.

پر /ڪٽو/ جا پد ڪندي هڪ سوال به اپري اچي ٿو. پروفيسر جتوئي /ڪٽو/ جا پد /ڪَ + ٽو/ ڪيا آهن ۽ /سچو/ کي /سچ + او/ ۾ ٽوڙي /سَچْ/ کي پد سڏيو آهي، تڏهن چو اهو سوال نه ڪجي ته، /ڪٽو/ کي /ڪتْ + او/ جي صورت ۾ چو نه ٿو ٽوڙيو وڃي؟

حقيقت اها آهي ته /ڪٽو/ ۽ /سچو/ ۾ 'ٽ' ۽ 'چ' وٽ هڪ شَد جهڙي ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي (جيڪا سنڌي ۾، عام ڪري، لکت ۾ ظاهر نه ڪئي ويندي آهي). ساڳيءَ طرح 'نِبُ'، 'سَتَ' ۽ 'ڪَتَ' جي 'ب'، 'ت' ۽ 'ٽ' تي واري سِر اهڙي ڪيفيت کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

- عام طور سنڌي صورتخطيءَ ۾ شد جي نشاني ڪم نه آندي ويندي آهي، حالانڪ اچار ۾ کي آواز، ڪن اصولن هيٺ مشدد (geminated) ٿين ٿا. (الانا، 1969: 86)

عربيءَ ۾ شد کي قائم رکيو ويو آهي ۽ انهن (آوازن جي نمائنده) اکرن تي ظاهر ڪئي وڃي ٿي جيڪي سختيءَ يا زور کي ظاهر ڪندا هجن. جڏهن هڪ جهڙا به اکر (جن مان هڪ عام طرح جهيڙي آواز ۽ ٻيو چٽي/متحرڪ آواز جو حاصل هوندو آهي) هڪ ٻئي جي ڪِ ايندا تڏهن اهڙا به اکر لکڻ بدران

هڪ اکر لکي ان تي شد ظاهر ڪئي ويندي آهي. ٻيو ان اکر تي شد اپاري ويندي آهي جيڪو ٻول ۾ شدت يا گهٽي چٽائي ڏيکاري.

سنڌي ۾ شايد ئي ڪو اهڙو لفظ هجي جنهن ۾ هڪ ٻئي جي ڪڍ ايندڙ هڪ جهڙن آوازن کي لکت ۾ هڪ اکر وسيلي ظاهر ڪرڻ مقصود هجي. البت شدت، زور يا چٽائي ٻول جي ڪن ڪن آوازن ۾ اوس ٿئي ٿي. سنڌيءَ ۾ توڙي جو اهڙي نمائندگي ڪندڙ اکرن تي شد نٿي ڏني وڃي پر آواز کي محسوس ڪجي ٿو. محبت ٻرڙو ان راءِ جو آهي ته ڪنهن جهيڙي آواز جي ڪڍ جڏهن ڪو وائل ڳنڍجي اچي ٿو تڏهن اتي اهڙو احساس اپري ٿو. /سچو/، /ڪٽو/ ۽ اهڙن ٻين هزارين ٻولن ۾ /سَچْ/ ۽ /ڪَٽْ/ جي ڪڍ جڏهن /او/ ڳنڍجي اچي ٿو تڏهن /سَچْ/ جو [چ] ۽ /ڪَٽْ/ جو [ٽْ] شد جهڙي ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ لڳن ٿا. ان ڪري محبت ٻرڙو سمجهي ٿو ته اهڙن ٻولن جي پدن کي پد جي حوالي سان ظاهر ڪرڻ مهل /ڪَ + ٽو/ ۽ /سَ + چو/ جي صورت ۾ ته ظاهر ڪري سگهجي ٿو پر وائياڄاڻي (phonemic) حوالي سان نه. ان حوالي سان اهي آواز /ڪٽْ + او/ ۽ /سَچْ + او/ آهن، ۽ اتي /سَچْ ۽ ڪَٽْ/ هڪ هڪ پد ٺاهن ٿا.

/هڪل/ جا پد /هَ + ڪل/ ڏيکاريا ويا آهن. اکرن تي جيڪڏهن تحرڪ جون نشانيون ڏيکاريل هجن ها ته انهيءَ ٻول تي ڳالهائڻ سولو ٿي پوي ها. بهرحال، ان ٻول /هڪل/ جون ممڪن وياڄاڻي (phonetic) صورتون هيٺ ڏجن ٿيون.

(1) هَڪَلَ /هَ + ڪَ + لَ/. اهو ٻول جنهن نموني آوازيون ٿا، ان لحاظ کان ان جا ٽي پد آهن. اهو ٻول اسم واحد آهي ۽ مؤنث سمجهيو وڃي ٿو.

(2) هَڪِلِ /هَڪْ + لِ/. ان ٻول کي /هَڪِلِ/ /هَ + ڪِ + لِ/ ٻه اچارن ٿا جيڪو درست ناهي. /هَڪِلِ/ جا ٻه پد ٿيندا ۽ اهو ٻول امري صيغو آهي.

(3) /هَڪِلْ/. محبت ٻرڙي جي نظر ۾ يڪپدو ۽ ڏاتو ٻول آهي.

/هَڪِلْ/ جو مثال سنڌي ٻوليءَ بابت هڪ نئين ته نه، پر پختي تصور جو واڌارو ڪري ٿو.

- عام طرح هيءَ ڳالهه مڃي ويئي آهي ته سُر {وائل} اڪيلي سر يا وينجڻ {وائڃڻ} سان ملي پد ٺاهي ٿو. مگر ڪي اهڙيون زبانون به آهن جن ۾ چٽو وينجڻ {رتل وائڃڻ} هلڪي وينجڻ {اڙتل وائڃڻ} کان پوءِ اچي پد ٺاهي ٿو ۽ سُر جو ڪم ڏئي ٿو مثلاً **بٽن** (Button) جو صحيح اچار ’بَـٽْـنْ‘ آهي. . . اهڙي وينجڻ کي **پدائتو وينجڻ** سڏجي ٿو. اسان جي سنڌي زبان ۾ اها حالت ناهي. (جتوئي، 1983: 83)

محبت پرڙو اها ڳالهه سمجهڻ کان قاصر آهي ته [نْ] کيئن "سُر جو کم ڏئي ٿو"؟ مروج مفهوم موجب 'بَـٹْـنْ' جا آواز جيڪڏهن ظاهر کيا ته هن طرح لکبا: [ب] + [ا] + [ٽ] + [ن] هڪ سڏو سنئون وائڇڻ ڇو وائل قرار ڏنو وڃي ٿو؟ /هَڪل/ ([ه] + [ا] + [ک] + [ل]) مروج مفهوم موجب بلڪل اهو ساڳيو اِندل (pattern) ناهي ٿو. وري، پروفيسر جتوئي پاڻ به چوي ٿو ته سنڌي ۾ "**و س و و**" (يعني وينجڻ + سر + وينجڻ + وينجڻ) وارا پد نٿا، جنهن جي مثال ۾ /نرس، پرس ۽ هرج/ ٻول پيش کيا اٽائين (1983: 84) پر پوءِ به چوي ٿو ته "اسان جي سنڌي زبان ۾ اها حالت ناهي"!

محبت پرڙي جي نظر ۾ /هَکـْـلْ/ اهو لفظ آهي، جيڪو ان اندل تي پورو نٿکي ٿو. اهڙا ڪي ٻيا مثال آهن: /کُـرْکْ/ (ڪرڪڻ)، /بَـڙْکْ/ (ٻڙڪڻ)، /ڍَڳْڙ/ (ڍڪرڻ)، /گِهـرْکْ/ (گهرڪڻ)، /قَّـٹْکْ/ (قٽڪڻ)، /ڍُرْکْ/ (ڍرڪڻ)، /مُـرْکْ/ (مرڪڻ)، /کِـسْکْ/ (ڪسڪڻ)، /گُهـرْجْ/ (گهرجڻ) ۽ ٻيا ڪيترائي.

- **و س س** {وينجڻ + ڊگهو سُر + نندِو سُر} يا ان کان وڌيڪ سٽاءَ وارو پد سنڌيءَ ۾ ٿي نٿو سگهي. (جتوئي، 1983: 84)

پروفيسر جتوئي ان جي مثال ۾ /لاءِ، هوءَ، ماءُ/ ٻول آندا آهن ۽ انهن مثالن جي ڪري هڪ منجهائيندڙ صورتحال پيدا ٿئي ٿي. متي ڏنل ترتيب يعني 'و س س' کي نظر ۾ رکي مروج مفهوم موجب انهن ٻولن جا آواز ٿيندا:

لاءِ = [ل] + [آ] + [ِا]

هوءَ = [هه] + [او] + [آ]

ماءُ = [م] + [آ] + [اُ]

جيڪڏهن پنهنجي يادگيري کي اٽلايون ۽ ٻسُري (diphthong) طور پروفيسر جتوئي جي ڏنل مثالن يعني /کاءُ، لاءِ، پوءِ، پيءُ، سيءُ ۽ سوءَ/ کي ورجايون ته حقيقت کيئن ٻيهندي؟

- /کاءُ/ ۽ /لاءِ/ جي آخر ۾ ڳالهائڻ وقت محسوس ٿيندڙ آواز ٻسرو آهي.

- /ماءُ/ ۽ /لاءِ/ ۾ هڪ وائڇڻ، هڪ ڊگهو وائل ۽ هڪ نندِو وائل آواز آهن.

- /سوءَ/ جي آخر ۾ ڳالهائڻ وقت محسوس ٿيندڙ آواز ٻسرو آهي.

- /هوءَ/ جا آواز هڪ وائڇڻ، هڪ ڊگهو وائل ۽ هڪ نندِو وائل آهن.

يعني هڪ ٻسرو وائل برابر آهي هڪ ڊگهي وائل ۽ هڪ ننڍي وائل جي!

محبت ٻرڙو اهڙيءَ سوچ سان سهمت نڻو ٿئي.

هڪ ٻسرو هڪ وائل ئي آهي. اهو ٻن وائلن (۽ انهن مان به هڪ ڊگهي وائل ۽ ننڍي وائل) جو ميلاپ ٿي ئي نڻو سگهي. نمبر هڪ ڳالهه.

هڪ ٻئي جي ڪيڙ ايندڙ ٻه وائل (ٻئي ننڍا هجن يا ڊگهو ۽ ننڍو) ڪڏهن به هڪ پد نه ٿا ٺاهي سگهن. نمبر ٻي ڳالهه.

نمبر ٽين ڳالهه ته اهي ڳالهائڻ ۾ ٻسرا ڇو ٿا محسوس ٿين يا هڪ پد ڇو ٿا محسوس ٿين، ان لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيت جو مطالعو ڪجي.

پد جي حوالي سان اڄا هڪ نُڪتو ٻيو به آهي، جنهن جي وضاحت کان پوءِ پد جي وصف کي سولائيءَ سان بيان ڪري سگهجي ٿو.

- سنڌيءَ ۾ زمان ماضي ٺاهڻ لاءِ بنياد جي پويان /يو/ ملائبو آهي؛ جيئن ته:

  /لِکْ/ مان /لکيو/

  /پڑهه/ مان /پڑهيو/ (جتوئي، 1983: 120)

- مگر ڪن حالتن ۾ بنياد جو پهريون پد قائم ڪري ان جي پٺيان /يو/ جي بدران ڪو ٻيو پد ملائبو آهي. مثلاً:

  /ڪاءْ-/ مان /ڪاڏو/

  /آڻْ-/ مان /آندو/

  /وَتْ-/ مان /ورتو/ (جتوئي، 1983: 121)

- **(الف):** [-يو] پڇاڙي، فعلي ڏاتوءَ جي پويان فقط تڏهن ئي ملائي سگهجي ٿي، جڏهن ان جي ملائڻ کان اڳ، ڏاتوءَ ۾ بنيادي طور ڪا به تبديل ڪا نه ايندي آهي.

- **(ب):** [-او] پڇاڙي، ڏاتوءَ جي پويان ان وقت ملائبي آهي جڏهن ان ڏاتوءَ جو فعل 'لازمي' هوندو آهي، ۽ اها پڇاڙي ملائڻ کان اڳ ڏاتوءَ جي پوئين وينجڻ يعني پد ۾، صوتي تبديل ايندي آهي؛ مثال طور:

  وَسْ > وَتْ + او = وَنو

  ڊَهْ > ڊَتْ + او = ڊَنو

قِسْ > قِتْ + او = قِتو (الانا [1987] 54-53)

هتي نوٽ ڪرڻ گهرجي ته پروفيسر جتوئي جنهن شيءِ کي 'بنياد' سڏي ٿو (پاڻ 'بنياد' ۽ 'ڏاتو' ۾ فرق ڪري ٿو) ان کي ڊاڪٽر الانا 'ڏاتو' سڏي ٿو. پروفيسر جتوئي چوي ٿو ته "بنياد" جو "پهريون پد" قائم ڪري پوءِ ٻيو ڪو پد ملائبو آهي. /وَتْ/ "بنياد" جو "پهريون پد" /ورتو/ ٻول ۾، جيڪڏهن آهي ته اهو /وَ/ ئي ٿي سگهي ٿو، جنهن سان پويون "مليل پد" /رْتو/ ئي ٿي سگهندو!

اڪيلو /وَ/ ته برابر هڪ پد آهي پر /ورتو/ ۾ /وَ/ پد ناهي، اتي ممڪن پدَ /ور + تو/ يا /ورت + او/ ئي ٿي سگهن ٿا. /وَتْ/ واري /وَ/ جو /ورتو/ واري /وَ/ سان جيڪڏهن ڪو ناتو آهي ته ڪيئن آهي؟ ڇا /وَتْ/، جيڪو پاڻ هڪ پد آهي، ان کي هڪ پد /و/ ۽ ٻئي پد /تْ/ ۾ ٽوڙي سگهڻ ممڪن آهي؟ ڇا /تْ/ به ڪو پد آهي؟

اهو به نوٽ ڪرڻ گهرجي ته ڊاڪٽر غلام علي الانا ڏاتوءَ جي پوئين وائڇڻ کي پد سڏي ٿو. ڏاتوءَ جو پويون وائڇڻ مٿي ڏنل ٻولن ۾ /سْ/ ۽ /هْ/ آهي. ڇا اهي پد سڏي سگهجن ٿا؟ /وَسْ/، /ڊَههْ/ ۽ /قِسْ/ مان هر هڪ ۾ پد گهٽا؟ ڇا ڪنهن ٻول ۾ "ساڪن" وائڇڻ (وينجڻ) ڪو پد ناهي سگهي ٿو؟ جهيٽو وائڇڻ ڪنهن پد جو جز ته ٿي سگهي ٿو، اڪيلي سر پد نٿو ٿاهي سگهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا اتي ماترا کي پد قرار ڏنو آهي.

هن سڄي بحث جي روشنيءَ ۾ پد جي وصف هن طرح بيهي ٿي:

لفظُ يا لفظَ جو اهو نندي ۾ ننڍو، لئه ۾ريو، آواز جي اڪيلي ست (effort، ڪوشش) ۾ چيل حصو، جيڪو ڪنهن سُر آواز، رتل وائڇڻ يا سُر آواز وسيلي جُهڳٽو ٿيل (clustered) وائڇڻن کي شامل رکي ۽ هڪ آوازي لهر تي پکڙيل ٿئي ٿو.

- انسان جي اوئلي ٻولين ۾ هر پد جي معنى الڳ هئي، جنهن جو زنده مثال چيني ٻوليءَ مان ملي ٿو، ۽ اهي پد ئي ڏاتن جي حيثيت رکن ٿا — ان ڪري سمورين پراٽين ٻولين ۾ پد اڪيلا يا ٻين پدن سان ملي بلڪل نيون معنائون پيدا ڪن ٿا. ڪو به نئون پد جڏهن ڪنهن ٻئي ڏاتو پد سان ملي ٿو، تڏهن جيسين ان پد ۾ اڳيئي ڪا معنى نه هوندي، تيسين ڪو به نئون لفظ نه ٺهندو. ٻوليون اتفاقي طرح پيدا نه ٿيون آهن، پر انسان جي هزارين سالن جي فڪر ۽ ويچار جو نتيجو آهن. ڪو به پد بيڪار ۽ بي معنى نه آهي. البت ائين آهي ته ٻولين جي تاريخ ايتري ته پراڻي آهي، جو هاڻ انهن معنائن کي ڳولي ڪڍڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. ان هوندي به هر لسانيات جو ماهر

ڪوشش ڪري اهڙين پچاڑين ۽ پدن جون معنائون سوڌي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. (سراج، 1964: 57)

"پد ڇا کي چئجي ٿو؟"، سراج الحق ميمڻ ان بابت ڪا به وضاحت نه ڪئي آهي، پر پاڻ جيڪي مثال ڏنا اٿس، جيئن /سْ/ يا /سُو/، /ڪْ/ يا /ڪُـرْ/ ۽ /گْ/، /گُـڙْ/ يا /گُـرْ/، انهن مان پد جو تصور چٽو ٿي اچي ٿو.

محبت ٻرڙو هتي ڪجهه سوالن کي محفوظ رکي ٿو: (1) ڇا هر ٻولي جي پد کي هڪ معنى آهي؟ (2) ڇا ٻوليءَ جو هر ٻول سوچي ويچاري جوڙيو ويو آهي؟ (3) ڇا ٻوليون اتفاقي طرح ٺهيون آهن؟

- ٻولين جي ارتقا جا ٽي درجا (پد) معلوم ڪيا ويا آهن: (1) بيلاڳي (Isolating)، (2) امتزاجي (Agglutinating) ۽ (3) صرفياتي (Inflecting)

جڏهن ٻولي بيلاڳي پد تي هوندي آهي تڏهن ان جي لفظن جون صورتون ڦيرو نه کائيندیون آهن. چيني زبان انهيءَ پد تي آهي. جڏهن زبان امتزاجي پد تي هوندي آهي تڏهن ثانوي لفظن ٺاهڻ لاءِ ابتدائي لفظن کي بنياد بنائي ان جي پٺيان جوڙ ملائيندي ويندي آهي. ترڪي زبان انهيءَ پد تي آهي. جڏهن زبان صرفياتي {Inflecting} پد تي هوندي آهي، تڏهن ان جي لفظن جي صورتن ۾ صرفي{? Morphological، Morphic، Inflecting} اثر هيٺ ڦيرو ايندو آهي. سنڌي زبان انهيءَ پد تي آهي. (جتوئي، 1983: 186)

ٻولين جي اندروني بناوت . . . {جي حوالي سان} سڀني ٻولين کي ٽن قسمن ۾ ورهايو ويندو آهي:

(1) چَـڙن پدن واريون ٻوليون (Isolating Languages)

(2) ڳنڍيندڙ پدن واريون ٻوليون (Agglutinating Languages)

(3) ڦيرو کائيندڙ پدن واريون ٻوليون (Inflecting Languages)

(1) چڙن پدن واريون ٻوليون

هي اهي ٻوليون آهن، جن ۾ اچار ۽ پد بلڪل هڪ ٻئي کان الڳ، چڙا ۽ اڪيلا استعمال ٿين ٿا — ۽ پنهنجي پنهنجي مستقل معنى رکن ٿا. جملي اندر انهن پدن کي ڦيرائبو ته انهن لفظن جي معنى ۽ صورت ۾ ڪو به ڦيرو نه ايندو. هن قسم جي ٻولين جو بهترين مثال چيني ۽ ان سان لاڳاپيل ٻوليون آهن. مثال طور هي جملو ڏسو:

وو پُو پا تا

(مان)　　(نه)　　(ڊڇڻ)　　(هو)

مان　　نه (ٿو)　　ڊڇان　　هن (کان)

ڏسبو ته مٿيان چارئي لفظ هڪ هڪ پد (syllable) جا ٺهيل آهن. ان ڪري اهڙين ٻولين کي هڪ پد واريون ٻوليون (monosyllabic) پڻ سڏيو وڃي ٿو. انهن پدن کي اڳي پوءِ ڪرڻ سان به هڪ بامعنی جملو ٺهندو، جنهن ۾ لفظن جي معنی تبديل نه ٿيندي.

تا　　پو　　پا　　وو

(هو)　　(نه)　　(ڊڇڻ)　　(مان)

هو　　نه (ٿو)　　ڊڇي　　مون (کان)

(هو مون کان نه ٿو ڊڇي)

هن مان اهو ثابت ٿيو ته هر پد جدا معنی رکي ٿو ۽ انفرادي طور ڪتب اچي ٿو. ان کي جملي ۾ ڪهڙي هنڌ به استعمال ڪبو، ان جي معنی به نه بدلجندي ۽ نحوي صورت ۾ به ڪو ڦيرو نه ايندو.

(2) ڳنڍجندڙ پدن واريون ٻوليون

هي اهڙيون ٻوليون آهن، جيڪي مختلف پد هڪ ٻئي سان ڳنڍيندیون ويندیون آهن — ۽ ان طريقي سان نيون معنائون ۽ نيون نحوي صورتون پيدا ٿيندیون رهن ٿيون. هن جو سڀ مثال ترڪي ٻوليءَ ۾ ملي ٿو:

	ترڪي		**سنڌي معنی**
اسم واحد:	**ايِر**	=	گهر
	ايِر+دين = ايردين	=	گهر مان = گهر کان = گهرئون يا گهرن
	ايِر+اِم = ايرم	=	گهر منهنجو = گهرم
	ايِر+اِم+دين = ايرمدين	=	گهر منهنجي کان = گهرانم
اسم جمع:	**ايِر+لر = ايرلر**	=	گهرَ (گهٽا)
	ايِر+لر+دين = ايرلردين	=	گهرن کان = گهرانئون
	ايِر+لر+ام+دين=ايرلرمدين	=	منهنجي گهرن کان

فعل: دي = چوڻ

دي يور = چوي ٿو

دي يورلر = چون ٿا

هن ۾ ڏسبو ته جمع ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن ٻيءَ فعلي صورت لاءِ خاص پد لفظن جي پويان ڳنڍيا وڃن ٿا — ۽ معنائون ان مطابق تبديل ٿينديون رهن ٿيون. پهرين چئن صورتن تائين ته سنڌي ٻوليءَ ترڪيءَ جو ساٿ ڏنو، پر جڏهن جمع {جو وارو} آيو تڏهن ترڪيءَ پنهنجي واٽ ورتي ۽ سنڌيءَ پنهنجي. ان ڪري جو سنڌي به ٿوريءَ حد تائين ڳنڍجندڙ پدن واري ٻولي آهي.

(3) ڦيرو کائيندڙ پدن واريون ٻوليون:

هن ڳٽ ۾ هند-يورپي (هند-آريائي ۽ هند-ايراني) ۽ سامي ٻوليون اچي وڃن ٿيون. ڪنهن به نحوي يا فعلي صورت ۾ — عدد، جنس ۽ زمان جي ڦيري سان پدن ۾ ئي ڦيرو اچي وڃي ٿو. مثال:

<u>هند- يورپي (سنسڪرت)</u>

زمان حال غائب واحد: سنوتي =	سُـ	+	نـــوْ	+	تِـي
	(ڏاتو)		(حال جي صورت)		(ضمير غائب واحد)
زمان حال غالب جمع: سنونتي =	سُـ	+	نَـــوَ	+	آنتِي
	(ڏاتو)		(حال جي صورت)		(ضمير غائب جمع)

مٿئين مثال مان ڏسبو ته رڳو ضمير غائب جي واحد کي جمع ڪرڻ سان، پويان {اڳيان} ٻه-ٽي {هڪ} پد بلڪل بدلجي وڃن ٿا. ساڳي حالت سمورين هند-يورپي ٻولين سان به آهي. انگريزيءَ ۾ هيءَ فعلي صورت ته ڏٺي ويئي هوندي:

Sung	Sang	Sing
سَـنْـگ	سَـينْـگ	سِـنْـگ

ساڳيءَ طرح عربيءَ ۾:

قَصَدَ قَصَدا قَصَدو وغيره.

۽ سنڌي:

ڏسان، ڏسون، ڏس، ڏسو، ڏسي، ڏسن وغيره.

انهن سمورن مثالن ۾ اها پدن جي ڦيري جي صورت موجود آهي.

مٿئين بيان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته سنڌي ڳنڍجندڙ پدن سان گڏوگڏ ڦيرو کائڻ واري ٻولي به آهي، پر اهو ڳانڍاپو ۽ ڦيرو سنڌيءَ ۾ پنهنجو اصلوڪو آهي، ۽ هزارين ورهين کان ايئن آهي.

اوٽو ييسپرسن (Otto Jespersen) پنهنجي ڪتاب ’Language — Its nature, development & origin‘ (ٻولي — ان جي فطرت، واڌارَ ۽ بڻ) ۾ چيني ٻولي بابت مٿي بيان ڪيل ذڪر سان سخت ۽ مدلل اختلاف ڪيو آهي (ص 367-373). چيني ٻوليءَ جي اڏپ (structure) ۾ هر ٻول هڪ پد رکي ٿو، نه وڌيڪ ۽ نه ئي وري گهٽ. اهڙي هر پد (ٻول) جون چار يا پنج ميوزيڪل لانڊون (tones) ٿين ٿيون. . . اُچار جو اهو طريقو، جنهن وسيلي ٻول کي مختلف لانڊن سان اچارڻ جي ڪري معنى ٻي ٿي وڃي ٿي. . . ’وَئنگ‘ هڪ لانڊ موجب ’بادشاهه‘ آهي ۽ ٻيءَ موجب ’بادشاه ٿيڻ‘، ’لائو‘ هڪ لانڊ موجب ’ڪم‘ آهي ۽ ٻيءَ موجب ’ڪمائي‘ (يا ’ڪم جو اجورو ڏيڻ‘). . . امڪان قائم ڪري سگهجي ٿو ته مٿي ڄاڻايل چيني ٻولن جي جوڙن ۾ مشتق (derived) پدن يا اعرابي (flexional) پچاڑين وسيلي فرق ڪيو ويندو هو جيڪي هاڻي پنهنجي پويان لانڊ ۾ فرق کان ٻيو ڪو پاڇولو ڇڏڻ بنا گم ٿي ويون آهن. . . چيني ٻوليءَ کي هاڻي ان مفروضي جي حمايت ۾ پيش نه ٿو ڪري سگهجي ته اسان جون آرين ٻوليون، يا سموريون انساني ٻوليون پهريائين هڪ بنا گرامر ڳالهاءَ سان شروع ٿيون جيڪي يڪپدن پاڙ-ٻولن (root-words) تي ٻڌل هو.

هتي اهو بحث ڏيکارڻ جو مطلب اهو آهي ته پد ۽ ٻوليءَ جي پدائتي اڏپ خود هڪ وڏي بحث جو موضوع آهن.

وڃاڃاڻ ۾ وڏين يا چورس ڏنگين کي هڪ آواز جي نشاندهي ڪرڻ جو اهڃاڻ مقرر ڪيو ويو آهي. محبت ٻرڙي جي تجويز آهي ته پد کي به ان صورت ۾ ئي ظاهر ڪيو وڃي توڙي جو پد ۾ آواز هڪ نه آهي. مثال:

لِـکْ = [ل + اِ + ک]

پَـڙْھ = [پ + آ + ڙھ]

پُـڏْ = [ڀ + اُ + ڏ]

ڪِـسْـڪْ = [ک + اِ + س + ک]

تِـرْڪْ = [ت + اِ + ر + ک]

ڪِسڪَڻ = [ک + اِ + س] + [ک + آ + ڻ]

ء اھڙيءَ طرح وڌيڪ.

محبت ٻرڙو هن کان اڳ ’ٻوليءَ جو بڻ‘ (2002ع) ۾ سُرن جي پاڳي ۾ به ’پد‘ جي حوالي سان چگو خاصو بحث ڪري چڪو آهي. خاص طرح پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي انهيءَ راءِ ته: ’پد، پاڻ ۾ ملي لفظ ٺاهين ٿا‘، تي اعتراض اٺاريو آهي. هُو لکي ٿو ته:

”صوتيا پاڻ ۾ ملي پد ٺاهين ٿا‘ پروفيسر جتوئيءَ جي اها راءِ مٿي ڏنل بحث جي روشنيءَ ۾ سچ ثابت ٿئي ٿي، پر پاڻ جڏهن اهو چوي ٿو ته ’پد پاڻ ۾ ملي لفظ ٺاهين ٿا‘ تڏهن هڪ سوال فطري طرح اُپري ٿو ته چا پدن جي ميلاپ کان پوءِ ئي لفظ ٺهي ٿو يا پاڻ ’پد‘ اڪيلي سر به لفظ ٺاهي سگهي ٿو؟ ان سلسلي ۾ سندن نڪتهء نظر چا هو، اُن جي سُڌ ته پئجي نٿي سگهي، البت پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هڪ پد اڪيلي سر به لفظ ٿي سگهي ٿو. پر هتي جنهن پد جو ذڪر هلي رهيو آهي، اهو اُن پد جو آهي جيڪو ”هڪ آوازي لهر آهي جا بلنديءَ جي طرف اُپري ٿي ء هيٺاهين ڏي لهي ٿي.“ ء جڏهن وري بلنديءَ طرف اُپري ٿي تڏهن ٻيو پد ٺاهي ٿي.“ (ٻرڙو، 2002: 87)

محبت ٻرڙو ’پد‘ جي هن تشريح ء وضاحت سان متفق هئڻ باوجود ’پد‘ جي اُن، ٻي تشريح ء وضاحت کي به ذهن ۾ رکڻ گهُري ٿو، جنهن موجب، ”پد ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ جو ننڍي ۾ ننڍو مترنم/ لئه پريو/ موزون (Rhythmix) يونٽ آهي، جنهن ۾ هڪ سُر يا رسيل/ پاليل (sustained) وينجڻ موجود هجي.“ (حوالو ساڳيو)

هرهڪ سُر ء هرهڪ رسيل وينجڻ هڪ مڪمل لفظ جو نمائندو آهي، ان ڪري ئي هڪ سُر يا رسيل وينجڻ هڪ پد آهي، ان ڪري ئي ننڍي ۾ ننڍو مترنم جزو آهي، ان ڪري ئي هڪ مخصوص معنا رکي ٿو ء ان ڪري ئي هڪ صوتيو آهي. پروفيسر جتوئي جڏهن ’پد‘ جي وضاحت ڪري ٿو تڏهن پد جو اهو مفهوم گم ٿي وڃي ٿو. پد جي هن مفهوم سبب گهڻن ئي لفظن کي ٽوڙڻ، انهن جو چيد ڪرڻ، انهن جا معنادار جزا ڳولڻ ء لفظ جو ڏاتو نج صورت ۾ پڌرو ڪري سگهڻ جا امڪان وڌيڪ موجود رهن ٿا.

نت نئون لفظ جوڑڻ ۾ لفظ جو اُچار ٺاهڻ جي سلسلي ۾ جيئن ته سُر، وينجڻ، صوتيا، صرفيا ۾ پڻ هڪ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ ٻئي پاسي اسان کي جيئن ته لفظ جو نه رڳو ڏاتو هٿ ڪرٽو آهي، پر اهو به ڳولي لهڻو آهي ته وقت بوقت ان ڏاتوءَ سان ڳنڍجندڙ سُرن ۽ وينجڻ ڪيس ڪهڙي معنا پئي ڏني آهي ۽ ڪهڙا اچار ٺاهيا آهن، تنهنڪري هتي سُر جي واڌ کي ذهن ۾ رکڻ به ضروري آهي.

(الف) جڏهن /پٽ، اُٽ، ڏُٽ، ۽ ڪُڪڑ/ جهڙن لفظن جي پويان ڌگهو سر /اِي/ يا /او/ ملائجي ٿو تڏهن لفظ ٺهن ٿا: پوٽي، اوٽي، ڏوٽي ۽ ڪوڪڑي يا پوٽو، اوٽو، ڏوٽو ۽ ڪوڪڑو. ڄاڻايل لفظن جي پهرئين پد تي موجود چوٽو سُر /اُ/ بدلجي ٽيو /او/ ۽ هرهڪ لفظ جو پهريون پد آواز متّجي ٽيو /پو، او، ڏو ۽ ڪو/. پهرئين پد تي سُر جي اها تبديلي ان ڪري ٿي جو هرهڪ لفظ جي آخري پد سان هڪ ڌگهو سُر /اِي/ يا /او/ ملايو ويو. پهرئين پد تي سُر جي اها واڌ پوئين پد تي هڪ ڌگهي سُر جي واڌ جي نتيجي ۾ آئي آهي. ان ڪري ڏنل/ ڄاڻايل لفظن ۾ رواجي طرح/پو، او، ڏو ۽ ڪو/ کي هڪ هڪ پد پر ڌگهي سر جي ميلاپ کان پوءِ ٺهيل آخري پد /-ٽي، - ٽي، -ٽي، - ڙي ۽ -ٽو، ٽو، ڙو/ کي به به پد سمجهڻ گهرجي توٽي جو انهن جي آوازي لهر هڪ ئي آهي.

- پوٽِي = پٽ + اِي (پٽ جو، پٽ سان واسطيدار. /- اِي/ مؤنث جنس ۽ عدد واحد جي نشاندهي به ڪري ٿو.)

- اوٽي/ اوٽو، ڏوٽي/ ڏوٽو ۽ ڪوڪڑي/ ڪوڪڑو پڻ ساڳيو مفهوم ظاهر ڪن ٿا.

- لفظ ۾ هڪ خاص قسم جي واڌ، جوڙ يا ڳنڍ (پچاڑي) هڪ مخصوص تبديلي آندي آهي، چوٽو سُر /اُ/ بدلي /او/ ٽي پيو آهي. ڄاڻايل قسم جي واڌ چوٽي سُر کي هڪ ڌگهي سُر ۾ بدلائي چڏي ٿي. چوٽو سُر /اُ/ بدلجي /او/ ٽئي ٽو.

(ب) اهڙيءَ طرح /پتيل ۽ ٺِڪر/ جهڙن لفظن جي پويان هڪ ڌگهو سر /اِي/ يا /او/ ملائڻ کان پوءِ لفظ ٺهن ٿا: پيتلي، ٺيڪري، پيتلو ۽ ٺيڪرو. ڄاڻايل لفظن جو پهريون پد آواز متائي هاڻي /پي ۽ ٺي/ ٽي پيو آهي. پهرئين پد تي سر جي اها تبديلي ان ڪري ٿو جو هرهڪ لفظ جي آخر پد سان هڪ ڌگهو سر /-اِي/ يا /-او/ ملايو ويو. رواجي طرح /پي ۽ ٺي/ کي هڪ هڪ پد پر ڌگهي سر جي ميلاپ سبب ٺهيل آخري پد /-لي، ٺي، - لو ۽ - ٺو/ کي به به پد سمجهڻ گهرجي، توٽي جو انهن جي آوازي لهر هڪ ئي آهي.

- پيتلي = پتل + اِي (پتل جي، پتل سان واسطيدار. /اِي/ مؤنث جنس ۽ عدد واحد جي نشاندهي به ڪري ٿي.

- پيتلو = پتل + اِي (پتل جي، پتل سان واسطيدار. /-او/ مذڪر جنس ۽ عدد واحد جي نشاندهي به ڪري ٿو.)

- لفظ ۾ هڪ خاص قسم جي واڌ (پچاڑيءَ) هڪ مخصوص قسم جي تبديلي آندي آهي، چوٽو سر /اِ/ بدلجي /اي/ ٿي پيو آهي. ڄاڻايل قسم جي واڌ چوٽي سر کي بدلائي چڏي ٿي، چوٽو سر /اِ/ بدلجي /اي/ ٿئي ٿو.

(ب) بلڪل ساڳيءَ طرح /ٽَڪر ۽ چَپر/ جهڙن لفظن جي پويان هڪ ڊگهو سُر /اُو/ کان پوءِ لفظ ٺهن ٿا: ٽاڪرو، چاپرو. ڄاڻايل لفظن ۾ پهرئين پد جو چوٽو سُر /آ/ بدلجي /آ/ ٿي پيو آهي. پهرئين پد تي سر جي اها تبديلَ ان ڪري ٿي جو هرهڪ لفظ جي آخر پد سان هڪ ڊگهو سُر /اُو/ ملايو ويو. رواجي طرح /ٽا ۽ چا/ کي هڪ هڪ پد پر ڊگهي سر جي ميلاپ سبب ٺهيل آخر پد /-رو/ کي به پد سمجهڻ گهرجي توڻي جو ان جي آوازي لهر هڪ ئي آهي.

- ٽاڪرو = ٽڪر + اُو (ٽڪر جو، ٽڪر وارو، ٽڪر سان واسطيدار./-اُو/ مذڪر جنس ۽ عدد واحد جي نشاندهي به ڪري ٿو.)

- ٽاڪرِي = ٽڪر + اِي (ٽڪر جي، ٽڪر واري، ٽڪر سان واسطيدار./-اِي/ مؤنث جنس ۽ عدد واحد جي نشاندهي به ڪري ٿو.)

- لفظ ۾ هڪ خاص قسم جي واڌ (پچاڑيءَ) هڪ مخصوص قسم جي تبديلي آندي آهي، چوٽو سر /آ/ بدلجي /آ/ ٿي پيو آهي. ڄاڻايل قسم جي واڌ چوٽي سر کي بدلائي چڏي ٿي، چوٽو سر /آ/ بدلجي /آ/ ٿئي ٿو.

پوئين پد سان هڪ ڊگهي سر جي ميلاپ جو نتيجو، عام طرح، اجهو ان نموني ظاهر ٿئي ٿو پر ڪنهن به ٻن پدن واري لفظ جي پهرئين پد سان جيڪڏهن هڪ ڊگهو سر ملائجي ٿو ته ان جي نتيجي ۾ آخري پد تي، عام طرح، اهڙو ڪو به اثر نٿو پوي.

- /مِٽ ۽ ڊِگهه/ جهڙن لفظن جي پهرئين پد سان هڪ ڊگهو سر /اي/ ملائڻ کان پوءِ اسان کي لفظ ملن ٿا: ميٽ ۽ ڊيگهه. پهرئين پد جو چوٽو سر /اِ/ جذب ٿي وڃي ٿو ۽ پوئين پد جو چوٽو سر /آ/ بدلجي /اِ/ ٿي پيو آهي، جيڪو پهرئين پد سان ڊگهي سر جي ميلاپ جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيو آهي. /مي ۽ ڊي/ جي توڻي جو آوازي لهر هڪ ئي آهي، پر اصولن انهن کي به به سمجهڻ گهرجي.

- /اڳ ۽ پَل/ جهڙن لفظن جي پهرئين پد سان هڪ چوٽو سر /آ/ ملائڻ سان لفظ ملن ٿا: آڳ ۽ پال. پهرئين پد جو چوٽو سر /آ/ بدلجي /آ/ ٿي پيو آهي، ۽

پوئين پد جو عملي طرح يا اصولي طرح ساڪن وينجڻ متحرڪ ٿي پيو آهي، جيڪو پهرئين پد سان هڪ ڇوٽي سر جي ميلاپ جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيو. /آ ۽ پا/ جي آوازي لهر توڙي جو هڪ آهي، پر اصولن انهن کي به به پد سمجهڻ گهرجي. /آ/ هڪ ڊگهو سر آهي، ان کي به پد سمجهڻ توڙي جو ڏاڍو عجيب لڳي ٿو، پر حقيقت پنهنجيءَ جاءِ تي حقيقت رهڻي آهي.

هِتي، اهو به چئي سگهجي ٿو ته /اڳ ۽ پل/ جي پهرئين پد سان هڪ ڊگهو سر /آ/ ملايو ويو آهي ۽ ان پد جو پنهنجو ڇوٽو سر جذب يا حذف ٿي ويل آهي.

- /پُٽ ۽ جُڙ/جهڙن لفظن جي پهرئين پد سان هڪ ڊگهو سر /او/ ملائڻ سان لفظ ٺهن ٿا: پوٽ ۽ جوڙ. پهرئين پد جو ڇوٽو سر /اُ/ جذب ٿي وڃي ٿو، پر پوئين پد جي ڇوٽي سر تي ڪو به اثر ظاهر نه ٿيو آهي. /پو ۽ جو/ جي آوازي لهر توڙي جو هڪ آهي، پر انهن کي اصولن ۾ به پد سمجهڻ گهرجي.

-/ پوٽ ۽ جوڙ/ جي آخري پد سان هڪ ڊگهو سر /او/ ملائڻ سان اسان کي مورڳو نئين معنا وارا لفظ ملن ٿا: پوٽو ۽ جوڙو.

هيءَ حقيق، اهو سوچڻ لاءِ مواد مهيا ٿي ڪري ته، هي جو چيو وڃي ٿو ته، ڪنهن لفظ جي آخري پد سان ڪنهن ڊگهي سُر جو ميلاپ ان جي پهرئين پد تي اثرانداز ٿي سندس ڇوٽي سر کي هڪ ڊگهي سر ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو (جيئن 'الف'، 'ب' ۽ 'ب' ۾ ظاهر ٿيو هو)، ڇا اها ڳالهه غلط آهي؟ جيئن 'پٽ' مان 'پوٽ' ۽ 'جَڙ' مان 'جوڙ' ٺهيا ۽ پوءِ وري انهن مان 'پوٽو' ۽ 'جوڙو' جڙيا تيئن ڇا پٽ، اٽ، ڏٽ، ڪڙ، پتل، ٺڪر، ٽڪر، ۽ ڇپر جهڙن لفظن جي پهرئين پد سان پهريائين هڪ ڊگهي سر ڳنڍجي سر کين پوٽ، اوٽ، ڏوٽ، ڪوڪڙ، پيتل، ٺيڪر، ٽاڪر ۽ ڇاپر ۾ تبديل ڪيو ۽ ان کان پوءِ وري انهن ۽ اهڙن لفظن جي آخري پد سان هڪ ڊگهو سر ملائي کين پوٽو، پوٽي، اوٽو، اوٽي، ڏوٽو، ڏوٽي، ڪوڪڙو، ڪوڪڙي، پيتلو، پيتلي، ٺيڪرو، ٺيڪري، ٽاڪرو، ٽاڪري، ڇاپرو، ڇاپري (؟) ۾ بدلايو ويو؟

محبت ٻرڙو انهيءَ ڳالهه کي درست سمجهي ٿو ۽ پروسو رکي ٿو ته لفظ ۾ ڪو به وينجڻ توڙي سر بي معنيٰ، اجايو ناهي، پر ان سان کا نه کا معنا ۽ ڪونه ڪو مفهوم وابسته آهي. انتهائي سنهي سئيءَ سان هرهڪ سُر توڙي وينجڻ کي هڪ بامقصد نموني سبيو ويو آهي. 'هرهڪ لفظ هڪ هيري کاٽ' آهي. اهڙن ڪجهه خيالن جو اظهار محبت ٻرڙي پنهنجي مضمون "هر هڪ لفظ هيري کاٽ" ('ڪينجهر'، مارچ 1994ع) ۾ ڪيو آهي. لفظ ۾ جيڪو ڪجهه آهي

اهو معنيٰ ۽ مقصد پريو آهي. جيڪڏهن ڪير اُن کي سمجهي نٿو سگهي ته اها سندس ڇاڻ جي گهٽتائي ڇئبي.

عام تاثر آهي ته سنڌي ٻولي ساکن اکرن کي به متحرڪ ڪري ڇڏيندي آهي، جيئن ’خِذْمت، ’خدِمت‘، ’عُمْر‘ مان ’عُمِر‘، ’قَتْل‘ مان قَتُل‘، ’خَبْر‘ مان ’خَبَر‘ وغيره.

اهو سنڌي ٻوليءَ جو مزاج آهي يا اڻڄاڻائيءَ، بي خبريءَ يا جهالت وچان لفظ کي غلط اچاريو پئي ويو، ۽ جيئن ته اها غلطي وسيع پيماني تي پکڙجي ويئي آهي، ان ڪري ان کي ”سنڌي ٻوليءَ جو مزاج“ سڏي ليگلائيز ڪرڻ (قانوني بنائڻ) جو جتن ڪيو پيو وڃي.

تحرير ۾ ”اجان“ ۽ ”ماڻهون“ کي به ڇاڻ ”سنڌي ٻوليءَ جو مزاج“ بنايو ويو‘

اڄ ڪلهه، اسان جي عام ڳالهه ٻولهه ۾ ”ماڻهو“، ”ماني“ ۽ ”پاڻي“ جي اچار تي ڌيان ڏجي. ”ماڻهو“ کي ”مان+ڻهون“، ”ماني“ کي ”مان + نِين“ يا ”مان+ني“ ۽ ”پاڻي“ کي ”پان+ڻِين“ يا ”پان+ڻي“ اچاريو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح سوين لفظن ۾ هڪ هڪ ٻه ٻه ”ن“ – غنا وڌايا ويا آهن. اها آهي ته غلطي، اڻڄاڻائي يا جهالت پر ڇا ان کي به ”سنڌي ٻوليءَ جو مزاج“ سڏي ”قانوني“ بنايو ويندو؟

اصل ۾، ٻوليءَ ڏانهن اسان جو رويو نه رڳو ڇڪاڻو آهي پر غافل به آهي. لفظن کي صحيح نموني پاڙهڻ ۽ اچارڻ ۽ ڳالهائڻ جي سلسلي ۾ اسين هر طرح اهڙو ورتاءُ اختيار ڪري ويٺا آهيون، جنهن کي ڪنهن به طرح عالمانه نٿو سڏي سگهجي.

نه رڳو ناجائز ۽ غير ضروري طرح هزاري ”ن – غنا“ پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن ۾ وڌايا ويا آهن، پر هزارين ۽ وڌيڪ درست ڪري ڇڏجي ته لڳ ڀڳ سڀني ڳالهائجندڙ لفظن ۾ موجود ساکن آوازن کي متحرڪ به ڪيو ويو آهي. ان هوندي به هزارين لفظ آهن، جن جي بناوت تي جيڪڏهن ٽورو به ڌيان ڏجي ته انهن ۾ موجود ساکن آواز پنهنجي خبر پاڻ ٻڌائيندا.

”پٽ“ جي پهرئين پد /پ/ سان هڪ ڊگهو سُر /او/ ملائڻ کان پوءِ اسان کي جيڪو لفظ /پوٽ/ ملي ٿو، ان جو پويون پد /ٽ/ اصولي طرح ساکن هئڻ گهرجي ۽ سمجهڻ گهرجي. (”ساکن“ سڏجندڙ آواز حقيقت ۾ بيحد هلڪو اچارجندڙ آواز آهي).

- ”پوٽ“ هڪ ناڏر لفظ آهي (/ٽ/ جو آواز بيحد هلڪو يا ساڪن ٿيندو).
  - ”پوٽو: مذڪر، واحد (پوٽ + او)
  - ”پوٽي“: مؤنث، واحد (پوٽ + اِي)
  - ”پوٽا“: مذڪر، جمع (پوٽ + آ)
  - ”پوٽيون“: مؤنث، جمع (پوٽ + ايون) (/- يون/ ٽي سگهي ٿو ته /اِي + اون/ هجي).
- پوٽ: هڪ ناڏر لفظ آهي، جيڪو ”پَٽ“ جي پهرئين پد /پ/ سان هڪ ڊگهو سُر /او/ ملائڻ کان پوءِ ٺهيو آهي. /ٽ/ جو اچار بيحد هلڪو يا ساڪن ٿيندو.
  - پوٽو: مذڪر، واحد (پوٽ + او)
  - پوٽي: مؤنث، واحد (پوٽ + اِي)
  - پوٽا: مذڪر، جمع (پوٽ + آ)
  - پوٽيون: مؤنث، جمع (پوٽ + ايون) (/اِيون/ ٽي سگهي ٿو ته /اِي + اُون/ هجي).
- اُٽ، اوٽ، اوٽو، اوٽي، اوٽا، اوٽيون.
- ڪڪڙ، ڪوڪڙ، ڪوڪڑو ، ڪوڪڑي ڪوڪڑا ڪوڪڑيون
- پتل، پيتل، پيتلو، پيتلي، پيتلا، پيتليون.
- ڏڻ، ڏوٽ، ڏوٽو، ڏوٽي، ڏوٽا، ڏوٽيون.
- ٽڪر، ٽاڪر، ٽاڪرو، ٽاڪري، ٽاڪرا، ٽاڪريون.
- چپر، چاپر، چاپرو، چاپري، چاپرا، چاپريون.
- ٻڪر، ٻاڪر، ٻاڪرو، ٻاڪري، ٻاڪرا، ٻاڪريون.

- لِکُ، ليک، ليکو، (ليکي، ليکا، ليکيون)، ليکو.
- چِٽُ، چيٽ، (چيٽي، چيٽا، چيٽيون)، چيٽو.

- سِبْ، سيب، (سيبي، سيبا، سيبيون)، سيبو.

- جَڙْ، جوڙ، جوڙو، جوڙي، (جڙي)، جوڙا، جوڙيون (جوڙيون)، جوڙو.
- ٽٽْ، ٽوٽ، ٽوٽو، ٽوٽي، (ٽٽي)، ٽوٽا، ٽوٽيون (ٽوٽون)، ٽوٽو.
- ڦٽْ، ڦوٽ، ڦوٽو، ڦوٽي، (ڦٽي)، ڦوٽا، ڦوٽيون (ڦوٽون)، ڦوٽو.

- ڦٽْ، ڦاٽ، ڦاٽو، ڦاٽي، ڦاٽيون، ڦاٽو،
- لَپ، لاپ، لاپو، لاپي، (لاپيون)، لاپو.
- مَچ، ماچ، ماچو، (ماچي، ماچيون)، ماچو.

1. ضروري ناهي ته هر اسم يا فعل سان هر حالت ۾ ساڳي ترتيب رهي، پر گهڻن اسمن ۾ اها ترتيب باقاعدي نظر اچي ٿي. ’اسم‘ واحد يا جمع ۽ مذڪر يا مؤنث ٿهندو.
2. فعل مان ٿهيل ڪي صورتون اسم يا صفت ٿي سگهن ٿيون.
3. ممڪن ٿهي سگهندڙ ڪيتريون ئي صورتون معنا بدلائي ويون آهن يا گم ٿي ويون آهن.
4. ڇوٽو سُر /آ/ عام طرح وڌي /او/ ٿئي ٿو.
5. ڇوٽو سُر /آ/ عام طرح وڌي /آ/ ٿئي ٿو.
6. ڇوٽو /ا/ عام طرح وڌي /اي/ ٿئي ٿو.

ڪن ٻين هنڌن تي عام طرح –

7. ڇوٽو سر /آ/ وڌي /او/ ٿي سگهندو آهي.
8. ڇوٽو سُر /آ/ وڌي /اي/، آي/، /او/ ڇۂ /آو/ ٿي سگهندو آهي.
9. ڇوٽو سر /ا/ وڌي /اِي/ ٿي سگهندو آهي.
10. ساڳي ترتيب سان انهن جا گهٽا سر به ٿهن ٿا.

/آ/ ڇوٽو سُر باقي ٻنهي ڇوٽن سُرن ـــــ /اُ/ ۂ /اِ/ ـــــ تي واڌ جي لحاظ کان برتري رکي ٿو.

ڪيترن ئي لفظن ۾ ساڳي ڇاڙي مختلف معنائون ظاهر ڪري ٿي، بلڪل ائين جيئن اسان ڏٺو هو ته /آ/ اڳياڙيۂ وارن لفظن ۾ /آ/ مختلف

معنائون ظاهر ڪري ٿي. مثال طور متي ڏنل لفظن ۾ /-او/ پڇاڙي ڏسو. گھٽن هنڌن تي اها ’وارو‘، ’جو‘، ’سان واسطيدار‘ معنائون ظاهر ڪري ٿي.

- اُڇ اُڇو (اُڇ + او)
- آڇ اڇو (اڇ + او)
- اڪ اڪو (اڪ + او)
- آڳ آڳو (آڳ + او)
- اُپ اُپو (اپ + او)
- آڏ آڏو (اڏو + او)

- آرو، آڪو، اُڇو، آجھو، آگھو، سَگھو، سَڇو، ڪَڇو، پَڪو، رَتو وغيره.

انهيءَ بنياد تي اهو چئي سگھجي ٿو ته عام قاعدي موجب /وڏو، پلو، متو، ڇِپو، جھَلو، ٽنگو، ڪُٽو، واٽو/ وغيره جي آخري آواز /-او/ جيڪا معنا ظاهر ڪري ٿو، اهو آهي ’وارو‘، ’جو‘، ’سان واسطيدار‘ ۽ انهن جا بنيادي لفظ ٿيندا: /وڏ، پَل، متـ، ڇِپ، جَھل، ٽنگ، ڪُٽ، واٽ/ وغيره.

اهو به ڏٺو ويو آهي ته /- اِي / پڇاڙي پڙ ڪيترن ئي لفظن ۾ ’واري‘، ’جِي‘، ’سان واسطيدار‘ معنائون ظاهر ڪري ٿي:

- آڇ + اِي = اڇِي
- اُڇَ + اِي = اڇي
- اُپ + اِي = اپِي

- آڙ، آڪِي، اُڇِي، اڳِھي، سگھِي، سڇِي، ڪڇِي، پڪِي، رٽِي، ڦُلھيِ وغيره.

انهيءَ بنياد تي چئي سگھجي ٿو ته /ڏٽي، وڏِي، چڑھي، ڪَٽي، جَھلِي، پَتِلي/ وغيره جھڙن لفظن ۾ آخري آواز /- اِي / هڪ پڇاڙيءَ جو ڪم ڪري ٿو ۽ ’واريِ‘، ’جِي‘، ’سان واسطيدار‘ معنائون ظاهر ڪري ٿو.

انهيءَ بنياد تي چئي سگھجي ٿو ته ڊاڪٽر الانا مرڪب لفظ جي جيڪا تشريح ڏني آهي ۽ ان جي پوئواريءَ ۾ جيڪي لفظ مثال طور آندا آهن، انهن لفظن مان گھٽا سندن ڇاڻايل تشريح جي دائري ۾ نٿا اچن، اهي مرتب لفظ آهن ۽ مرتب لفظ جي تشريح جي دائري ۾ اچن ٿا.

سر جي تبديل ۽ سر جي واڌ سبق ڏئي ٿي ته سر ڪن هنڌن تي هڪ ’صوتيي‘ جي عام تشريح سان ٺهڪي اچي ٿو، جيئن خاص ڪري فعل جي امري

صورت ۾ ظاهر ٿيو هو، ڪن هنڌن تي هڪ ’پد‘ جي عام تشريح سان ٺهڪي اچي ٿو ۽ مڪمل آوازي لهر ٺاهي ٿو، جيئن ڪيترن ئي لفظن جي اڳيان ۽ پويان هڪ ڊگهي يا گهُٽي سُر جي صورت ۾ ظاهر ٿيو هو، اهو هڪ ’پروس صرفيه‘ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو، ڪٽي اهو ’اڳياڑيءَ جو‘ ڪم ڪري ٿو ته ڪٽي ’پَڇاڑيءَ‘ جو، جيئن فعل لازمي جي ڪجهه امري لفظن جي پهرئين پد سان هڪ ڊگهو سر ڳنڍڻ/ وڌائڻ کان پوءِ ظاهر ٿيو هو. (مثال: ساڻ، مار، ڳار، ٺار، . . .)

4.16.3 ’پد‘ کي معلوم ڪرڻ جو آسان طريقو

پد کي سمجهڻو هجي ته راڳ کي ڏيان سان ٻڌجي، ڇو ته پدن جو گهرو تعلق راڳداريءَ سان آهي ۽ پدن کي سمجهڻ لاءِ بهترين طريقو ’ڪن‘ آهن. پدن جي اکرن تي ڏيان ڏيڻ بجاءِ ڪنن تي ڏيان ڏجي. اُن جو بهتر ۽ آسان طريقو هيءُ آهي ته ڪنهن ڳائڻي جي راڳ کي ڏيان سان ٻڌجي، ته هو ڳائڻ مهل هڪ هڪ لفظ کي ساز ۽ موسيقيءَ جي لئه ۽ ترنم تي ڪيترن حصن ۾ ورهائي، ڳائي ٿو. مثال طور: هو سرگم ۾ جڏهن ’سا ري گا ما پا ڏا نِي سا‘ ڳائي، ته توجهه سان ڪَن ڏيئي ٻڌجي، ته اُن ۾ هيٺيان ڪل 8 ڊگها پد ٻڌڻ ۾ ايندا:

سا [آ]، ري [اي]، گا [آ]، ما [آ]، پا [آ]، ڏا [آ]، نِي [اِي]، سا [آ].

۽ وري جڏهن اُن کي ابتو ڳائي، ته توجهه سان ڪَن ڏيئي ٻڌجي، ته هيٺيان 8 ڊگها پد ٻڌڻ ۾ ايندا:

سا [آ]، نِي [اِي]، ڏا [آ]، پا [آ]، ما [آ]، گا [آ]، ري [اي]، سا [آ]،

سُر آواز وينجڻ آوازن کان وڌيڪ چٽا ۽ صاف آهن، ڇو ته کين اُچارڻ ۾ ڪا به رنڊڪ وغيره نٿي ٿئي ۽ اهي پُٽيٽا آهن. سُرن ۾ وري ڪليل سُر چٽا ۽ صاف آهن ۽ انهن کان پوءِ اڌ ڪُليل، پوءِ اڌ سوڙهيا ۽ پوءِ سوڙها سُر چٽا آهن. سُرن کان پوءِ نيم – سر وڌيڪ چٽا آهن. انهن کان پوءِ پَٽڙا آواز ۽ پوءِ نڪوان چٽا آهن. انهن کان پوءِ پُٽيٽا گهسڪيدار، پوءِ پُٽيٽا بندشي، پوءِ بي پُٽا گسڪيدار ۽ آخرين ۾ بي پُٽا بندشي آواز چٽا آهن.

4.17 اِدغام (سنڌي)

4.17.1 معنيٰ ۽ وصف

- ”اِدغام: ذ. [ع. اِدغامَ = لغام چاڑهڻ]، ڪنهن لفظ ۾ هڪ حرف کي ٻئي متجانس يا هم مخرج حرف سان گڏ شد ڏيئي پڙهڻ “مَدْدَت > مَدّتَ: اِدْتخار

> اِدّخار = يا ابدخاز وغيره. (سنسڪرت ۾ اُن کي ’ستڊي‘ چئبو آهي. (بلوچ، 2007: 116)

- فعل: ا – ف مت. الف: (کاڏو وغيره) هضم ڪرڻ يا ٽيڙ، جسم ۾ جذب ڪرڻ يا ٽيڙ، بدن جو حصو ڪرڻ. ب = (معلومات) ذهن نشين ڪرڻ. پ = (ماڻهن کي) وڏي گروهه ۾ جذب ڪرڻ، ملائي هڪ ڪرڻ. 2 – ف مت: (ع ط to، with کان اڳ) هڪجهڙو ڪرڻ، مشابهت پيدا ڪرڻ، 3 – ف مت، صوتيات: آواز سَنڌڻ، ملائڻ. 4 – ف ل: جسم دماغ يا ڪنهن وڏي حصي ۾ گڏجي وڃڻ، جذب ٽيڙ (تحليل ٽيڙ).“ ابڑو، 2010: 96)

- ستڊِ = ستڊو – ستڊُ – ستڊائتو. (ـــــ ستڊ) ستڊِ (سِينڊِ) سينڊو – سينڊِي. (جهمڻمل، 1978: 70)

- ستڊيءَ جو ڏاتو ’ستمڊ‘ آهي. ستمڊا > سمڊي > ستڊي، جنهن جي معنيٰ آهي – ڳنڍ، جوڙ ۽ ميلاپ. (Sir Monier, 1956: 1144)

- سِنڊوءَ جو ڏاتو ’سِڊ‘ (sidh) آهي، جنهن جي معنيٰ نهر يا ندي ڇاڻائي ويئي آهي ۽ ڏنگيءَ ۾ ’سنڊو ندي‘ ڇاڻائي ويئي آهي؛ ۽ ’سنڊوءَ‘ جي معنيٰ ’سنڊ جا ماڻهو‘ به ڏنل آهي، ڏسو: Sir Monier Williams OP, Cit, P. 1217 ۽ پڻ ڏسو Macdonell AA, 1893, Sanskrit – English Dictionary, London, p. 350

ٻن شين کي ملائي هِڪُ ڪرڻ جو ڪو فرق نظر نه اچي. جذب ڪرڻ، هضم ڪرڻ، تحليل ٽيڙ، جذب ٽيڙ، هضم ٽيڙ (عمل) پچڻ، خوراڪ جو هضم يا جذب ٽيڙ، هڪجهڙائيءَ مطابقت.“ (ميمڻ، 2001: 135)

- اِدغام (ع – ا – مذ (🗁) شامل کردینا، (🗎) ایک جنس کے دو حرفوں کو آپس میں ملا دینا۔ (فیروز سنز، 🖮🗀🗀🗎: 🗀🗄)

- اِدغام (ع) گھوڑے کے منہ میں لگام دینا (🗎) بغیر چبانے کے کوئی چیز کھانا (🗎) دو قریب المخرج الفاظ کا اِس طرح مل جانا کہ وہ دونوں مل کر ایک ہی پڑھی جائیں، جیسے شب پر سے شپّر – بدتر سے بتّر۔ (حضرو، ؟: 🗀🗎)

’اِدغام‘، عربي زبان جي ڏاتو ’دغمُ‘ مان ورتل آهي، ۽ اُن جي صفت ’مُدغم‘ آهي، جنهن جي معنيٰ ٽيندي – ’گڏ ڪرڻ‘، ’ملائڻ‘. يعني اُهي ساڳيا ٻه حرف جن کي ’شد‘ سان گڏيو ويو هجي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ اُن جي شرح سُر سهٽيءَ جي آخري داستان جي وائيءَ ۾ هڪ مصرع ۾ ڏاڍي جمالياتي ۽ حسناڪي انداز ۾ ڪئي آهي:

"ڪثرت آهي قرب ۾، اِدغام ۾ اِعراب."

'جيئن اعرابون پاڻ ۾ ملي هِڪُ ٿي وڃن ٿيون، تيئن حق جو طالب به پنهنجي انفرادي حيثيت ختم ڪري، حق سان ملي هِڪُ ٿي وڃي ٿو.' غور سان ڏسجي ته شاهه عبداللطيف هڪ شاعر ۽ ٻولي ماهر جي حيثيت ۾ ٻوليءَ جي قاعدن ۽ قانونن مان وحدت ۽ حق جو سبق، ڪيئن نه تخليقي ۽ سو به جمالياتي انداز ۾ ڪڍيو آهي!

'اِدغام' جنهن کي سنڌي زبان ۾ 'سنڌي' به اِن ڪري چيو وڃي ٿو، جو هڪ آواز ٻئي آواز جي اثر ۾ جذب ٿي يعني سنڌِجي، گڏجي يا مَسجي، وڃان نئون آواز پيدا ڪري وڃهي، جيئن مٿين بيانن ۽ حوالن ۾ چيو ويو آهي، ته ٻوليءَ جي اهڙي صورتحال کي 'اِدغام' (Assimilation) چئجي ٿو. پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا 'اِدغام' لاءِ سنڌي زبان ۾ 'سنڌِي' اصطلاح ڪم آندو آهي، ۽ اُن لاءِ انگريزيءَ جو لفظ 'Assimilation' ڪتب آندو آهي. هنن عالمن کان اڳ ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ ساڳي اها ئي صورت، جيئن جو تيئن، بحال رکي آهي، جيڪا شاهه عبداللطيفؒ پنهنجي ڪلام ۾ 'اِدغامُ' جي صورت ۾ رکي آهي. البت ڪاڪي ڀيرومل انگريزيءَ ۾ 'assimilation' بجاءِ 'Epenthesis' جو اصطلاح ڪم آندو آهي. هيٺ انهن عالمن جي راين جو اڀياس پيش ڪجي ٿو:

4.18 سنڌي (Assimilation) بابت عالمن جا رايا

- ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌيءَ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

" 'اِدغام' (Epenthesis) اُهو آهي؛ جنهن ۾ ڪنهن ساڳئي لفظ جون ٻه اعرابون (آواز) پاڻ ۾ ملي هڪ يڪو علحدو اُچار پيدا ڪن." (آڏواڻي، 1998: 342)

دراوڙي ٻولين ۾ دوهرا علت نٿا ٿين، قديم دراوڙ لوڪ، سنسڪرت سکيا ته دوهرا علت يا ٻِٽا سُر، يڪساهيءَ اچارڻ کين ڏکيا لڳا، تنهنڪري انهن اُچارَ هن ريت ڪيا:

(الف)	سنسڪرت	پراڪرت	سنڌي	تبديل
	تئل	تيل	تيل	آ+اِ=اي

گؤر گور گورو (پُورو) آ+اُ=او. (ص 299)

(ب) ”لاڙ جي ٻولين ۾ داردڪ ٻولين وانگر ’اِدغام‘ (Epenthesis) به آهي:

گھڙي گھَڙو هٿ ڪري چيلهه ٻڌي چوٽو،
مهجو من ميهار کي پار وڃي پوتو،
گھوٽي ۾ گھوتو، مون کي محب ميهار جو.
(شاهه – سُر سهڻي، ص 131)

شاهه جي ڪلام ۾ ’اِدغام‘ جا مثال ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته: ’پھچڻ‘ مان ’پھتو‘، پر مٿي ٻيءَ سِٽ ۾ لکيل آهي ’پوتو‘ پر هتي ڏسبو ته لاڙ جي ماڻهن پنهنجي لهجي مطابق ’پھتو‘ مان ’هه‘ جو آواز حذف ڪيو آهي، ته لفظ بچي پيو ’پُئتو‘. مگر هن هنڌ يعني ’پ‘ جي مٿان زبر ’آ‘ ۽ ’ءُ‘ جي مٿان پيش ’اُ‘ جو آواز آندو آهي. انهن ٻنهي آوازن (آ+اُ) جي ملڻ سان وچان ئي ٽيون آواز ’او‘ جو پيدا ٿي پيو آهي، جنهنڪري ’پئتو‘ مان ’پوتو‘ ٿي پيو آهي. اهڙيءَ طرح لفظ ’چھٽڻ‘ مان ’چھٽيو‘ به لاڙ ۾ ڳالهائجي ’چوٽو‘ ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح ساڳئي لفظ ۾ به هڪ اعراب جو ٻيءَ تي اثر پوي ٿو.

سنسڪرت ۾ قاعدو آهي ته ڪنهن به لفظ ۾ ٻه حرف علت گڏ ڪم نه آڻجن ۽ جي ڪٿي اچن ته انهن کي ملائي يڪو (بنا ساهي) ڪري ڇڏجي. پراڪرت توڙي سنڌيءَ ۾ انهن قاعدن تي هلبو ئي ناهي، تنهنڪري سنڌيءَ جي قاعدن ڇاڻائڻ جو به ضرور ڪونهي.

مثال طور:

”پرم – آنند = پرمانند	آ – آ = آ
وديا – ارٿي = وديارٿي (شاگرد)	آ – آ = آ
مها – آتما = مهاتما	آ – آ = آ
دام – اُدر = دامودر	ا – اُ = او
و – ارٽ = ويرٽ (اجايو)	اِ – آ = يه
و – آڪل = وياڪل (بيزار)	آ – آ = يٽ
مها – اندر = مهيندر	آ – اِ = اي

مها – ايشور = مهيشور (مهيسر) آ – اي = اي

اهڙيءَ طرح حرف علت جي ’سنڌيءَ‘ لاءِ هڪ لفظ جي پڇاڙي ۾ ٻئي لفظ جي اڳياڙيءَ وارو حرف علت ملائي انهن جو يڪو ڊگهو اُچار ڪبو آهي.

حرف صحيح جي ’سنڌيءَ‘ جا مثال:

ست – چت – سججن – سڄڻ (ڇ ٻٽو ج آهي)

ست – چت – آنند = سچانند (’د‘ گم، باقي ’سچانند‘)

وسرگ يعني ’هه‘ جي اُچار وارن اکرن جي سنڌي:

نهه – جل = نرل، نهه – ٻل = نرٻل (’هه‘ مٽجي ’ر‘)

نهه – چل = نشچل، نهه – قل = نشقل (’هه‘ مٽجي ’س‘)

اهڙيءَ طرح سنڌي ٽن قسمن جي آهي.

- پروفيسر علي نواز جتوئي، ’اِدغام‘ لاءِ سنڌي زبان ۾ ’سنڌِي‘ ۾ انگريزيءَ ۾ ’Assimilation‘ اصطلاح ڪم آندا آهن. هُن ’اِدغام‘ يا ’سنڌيءَ‘ جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي ته:

”جملن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ لفظ جو پويون آواز، ٻئي لفظ جي پهرئين آواز ۾ سمائجي ويندو آهي يا هڪ ئي لفظ جي اندر هڪ آواز، ٻئي پر واري آواز جي اثر سببان قُربي ٿيون آواز ٿي پوندو آهي. انهيءَ کي ’اِدغام‘ يا ’سنڌِي‘ (Sandhi) چئبو آهي. ان جا ٻه قسم – هڪ داخلي (Internal) ۽ ٻيو خارجي (External) ٿيندا آهن. ’اِدغام‘ جڏهن ٻوليءَ جي تاريخ ۾ واقع ٿيندو آهي تڏهن اُن کي ’تاريخي اِدغام‘ سڏبو آهي.“ (جتوئي، 1986: 93، 95)

پروفيسر جتوئيءَ جي راءِ موجب، ’داخلي سنڌي‘ لفظ جي اندر ۽ ’خارجي سنڌي‘ جملي ۾ ٻن لفظن جي وچ ۾ واقع ٿيندي آهي. پهرئين قسم يعني ’داخلي سنڌي‘ (Internal assimiation) جا مثال ڪجهه هن طرح آهن:

- آلٰ + الاه = الله (آلاهُ)
- سمڊي > سنڌي
- Impossible = In=possible
- امب > انب
- گڱگا > گنگا

- صبح + آڻي = سپاڻي
- سنگتڙو > سڱتڙو

خارجي سنڌيءَ جا مثال هن طرح جا آهن:

- پت تي چڙهه > پٽّي چڙهه
- چيڪ ڪٽي آهي > چيڪٽّي آهي
- شيخ خوشي مان ايندو > 'شيخوشي' مان ايندو.

يعني 'پت' لفظ جو آخري آواز 'ت' ۽ ٻئي لفظ 'تي' جو پهريون آواز 'ت' ۾ سمائجي، هڪ ٽي ويو آهي.

تاريخي اِدغام جا مثال:

- منيائون > مجيائون. هتي [ي] جي اثر ڪري [ن] ڦري [ج] ٿي پيو آهي. /ڄاڻي/ لفظ، اصل ۾: /ڏياڻي/ هُو. هن ۾ [ي] جي اثر ڪري [ڏ] ڦري [ج] ٿي پيو آهي، پوءِ [ي] گم ٿي ويو.

- پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا سنسڪرت ڊڪشنري (اوڪسفرڊ) جي حوالي سان 'سنڌِي' (اِدغام) جي بنياد، معنيٰ ۽ مفهوم بابت لکي ٿو ته:

"سنڌِي، (سنسڪرت جي) 'سمڌا' ڏاتوءَ مان ڦُٽي نڪتل آهي. 'سنڌِي' جي لغت واري معنيٰ، اُن جي افاديت ۽ صوتياتي عمل کي بلڪل نمايان نٿي ڪري؛ البت لسانيات جي فني ۽ علمي لغت ۾، ان لاءِ ڏنل معنيٰ ۽ وصف 'سنڌِي' جي عمل ۽ مفهوم جي ٺيڪ نموني ترجماني ڪري ٿي. 'سنڌي' لفظ جي معنيٰ آهي 'جوڙ'، 'ڳنڍ' يا 'ميلاپ' جڏهن جملي يا مرڪب لفظ ۾ به لفظ يا مرتب لفظ ۾ هڪ لفظ ۽ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پروس صرفيه (Bound morphemes) هڪ ٻئي جي پويان (مرتب لفظ جي اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي ميلاپ وارو طريقو) اهڙي نموني ۾ گڏيا آهن، جو پهرئين لفظ يا صرفيه جو پويون آواز ۽ پوئين لفظ يا صرفيه جو پهريون آواز، هڪ ٻئي تي اثر ڪري هڪ نئين آواز ۾ تبديل ٿيندا آهن، تڏهن اهڙي تبديليءَ کي ماهرن 'سنڌِي' سڏيو آهي." (الانا، 1987: 105، 106)

ڊاڪٽر الانا جي قائم ڪيل انهيءَ وصف مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:

- لفظن يا صرفين جي ميل وارا مرڪب آواز، پاڻ ۾ تحليل ٿي يا هڪ ٻئي کي متاثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ بدلجندا آهن.

- پوئين آواز جي اثر کان پهريون آواز وچان ئي هڪ نئين آواز ۾ بدلجندو آهي.
- تاريخي ارتقا جي سفر ۾ هڪ آواز متجي ٻيو آواز ٿيندو آهي. ڪٿي آواز گم ٿي ويندو آهي.

4.18.1 اِدغام (سَنڌِي) جا قسم

ڊاڪٽر الانا 'اِدغام' يعني 'سنڌِيءَ' جا قسم هن طرح بيان ڪيا آهن:



- سراج الحق ميمڻ، ڪنهن ذاتوءَ سان پابند صورت (Bound form) ڳنڍڻ واري عمل کي 'سنڌِي' سڏي ٿو. هُو لکي ٿو ته:

"جڏهن به سنسڪرت مان نون لفظن ٺاهڻ لاءِ ڪنهن ذاتوءَ سان اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ڳنڍيون ويندیون هيون ته اُن عمل کي سڏيندا هئا 'سِنڌِي' جو پوءِ

ڦري ’سَنڌِي‘ ٽيو ۽ اڄ خود يورپي ماهرن ان لفظ ’سَنڌِي‘ (Sandhi) کي هڪ ٽيڪنيڪل لفظ طور انگريزيءَ ۽ ٻين ٻولين ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. (ميمڻ، 2009: 63، 64)

سراج الحق ميمڻ موجب، هن لفظ جو ڏاتو سڌ > سد (سنسڪرت – سِيند) = وهڻ، ڳڏيڻ، ڳڻڻ، ڏڪ هڻڻ، آباد ٽيڻ، محدود ٽيڻ وغيره، جنهن مان سِنڌ، سِنڌو، سِڌو، سِينڌ، حرف علت ’اِ‘ سان موجود آهن ته ٻئي پاسي سنڌڻ، سنڌ، سنداڻ (جنهن کي ڪي عالم هڙپرو عربي ثابت ڪرڻ لڳا آهن)، سنڌو وغيره موجود آهي.

4.19 عالمن جي راءِ جي تناظر ۾ محبت پُرڙي جي اِدغام (سَنڌِي) بابت جوڙيل راءِ – هڪ اڀياس

محبت پرڙي ’سَنڌِي‘ (اِدغام) جي معنيٰ، مفهوم ۽ ڪارج بيان ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" مان سَنڌِي (Assimilation – ادغام) جي سلسلي ۾ هيٺيون ڳالهيون اخذ ڪيون آهن:

- لفظن يا صرفين جي ميل وارا مرڪب آواز، پاڻ ۾ سمائجي يا هڪ ٻئي تي اثر ڪري هڪ نئين آواز ۾ تبديل ٿيندا آهن.
- پوئين آواز جي اثر کان پهريون آواز وڃان ئي هڪ نئين، ٽئين آواز جي روپ ۾ ظاهر ٿيندو آهي.
- تاريخي ارتقا دوران هڪ آواز مٽجي ٻيو ٿيندو آهي.
- تاريخي ارتقا دوران لفظ ۾ هڪ آواز مڪمل طرح گم ٿي ويندو آهي.

تاريخي سَنڌِي جا ڪجهه مثال:

- **/ک، گهه ۽ ڻ/ جو /هه/ ۾ بدلجڻ:**

1. مُک ← مُهه ← منهن
2. ميگهه ← مِيهه ← مِينهن
3. گاڻا ← گاها ← ڳاها ← ڳاهه

- **/ر/ جو اچار گم ٿيڻ:**

1. گرام ← گام ← گائون
2. ارڌ ← اڌ
3. ارگهه ← اگهه

4. ارڪ ۽ اڪ
5. چرم ۽ چم
6. ڪَرَن ۽ ڪَن
7. ماتر ۽ ماءُ
8. ڪريندي ۽ ڪندي
9. ڪَرم ۽ ڪم

- **/م/، /س/ ۽ /ش/ جو گم ٿيڻ:**

1. رسـْمي ۽ رسَي
2. سنيهه ۽ نيهه ۽ نِيهه ۽ نينهن
3. نشنَر ۽ ننَر

- **مرڪب آوزن جو هڪ نئين اڪيلي آواز ۾ بدلجڻ:**

1. آگــْـرَ ۽ اڳ (گــْـر ۽ گ)
2. پاگــْـيه ۽ پاڳ (گــْـيَه ۽ گ)
3. يوگــْـيَه ۽ جوگ (=)
4. سَتـْـيَه ۽ سچ (تـْـيَه ۽چ)
5. هَتـْـيَا ۽ هڇا (=)
6. ويديه ۽ ويڇ (دْـيَه ۽ ڇ)
7. آدْـيه ۽ اڇ (=)
8. وديا ۽ وڃا (=)
9. سَنڌيا ۽ سنجها (ڏْـيَه ۽ جهه)
10. هَسـْـت ۽ هٿ (سـْـت ۽ ٿ)
11. ڪستوري ۽ ڪٿوري (=)
12. سَتـْـوَن ۽ ٽوڻ ۽ ٽوٽي (سـْـت ۽ ٽ)
13. ستَن ۽ ٽڻ (=)
14. ڪَشـْـير ۽ ڪير (ڪـْـش ۽ک)
15. اڪشر ۽ اکر (=)
16. اڪش ۽ اک (=)

17. ڪشا ∠ ڪارا (=)
18. لڪشمي ∠ لڇمي (ڪش ∠ ڇ)
19. لڪشڻ ∠ لڇڻ (=)
20. پشچم ∠ پڇم (شچ ∠ ڇ)
21. جَنـْيَه ∠ جڇ (نـْيه ∠ ڇ)
22. شونيه ∠ سڇ (=)
23. پٽيَه ∠ پڇ (=)
24. نندر ∠ ننڊ (در∠ڊ)
25. چندر ∠ چنڊ (=)
26. دروهه ∠ ڏوهه (در∠ڏ)
27. دهه+بل ∠ دُربَل ∠ ڏُٻَل ∠ ڏٻر ∠ ڏٻرو (در ∠ ڏ)
28. درجَن ∠ ڏُڇَڻ

نِسبتي سَنڌِي جا ڪجهه مثال:

(الف) سُر سَنڌِي:

1. پرمَ+آرٽ = پرمارٽ (اَ+اَ = آ)
2. پر+ارڻنا = پرارڻنا (اَ+اَ = آ)
3. سنگهَ+آسڻ = سنگهاسڻ (اَ+اَ = آ)
4. پرم+آنند = پرمانند (=)
5. لڇ+آئتو = لڇائتو (=)
6. ڪيڏ+آري = ڪيڏاري (=)
7. مها+آتما = مهاتما (آ+آ = آ)
8. لڇا+آرو = لڇارو (=)
9. وديا+آليه = وديالِيه (=)
10. آت+اِت = آتيت (اِ+اِ = اِي)
11. هٽِ+اِڪو = هٽِيڪو (=)
12. وس+اِڪو = وسيڪو (=)

13. وهِ+اِڙو = وهيڙو (=)
14. وِ+آڪرڻ = وياڪرڻ (اِ+آ = يا، /يَ+آ/)
15. آپِ+آس = اپياس (=)
16. ڪَرِ+آن = ڪريان (=)
17. مارِ+آن = ماريان (=)
18. شيدي+آٽي = شيدياٽي (اِي+آ = يا)
19. موتي+آئون = موتيائون (=)
20. پاڻي+آڻو = پاڻيانو (=)
21. آني+آرو = آنياور (=)
22. هارِي+آپ = هاريپ (اِي+آ = يَ)
23. ڪائي+آر = ڪائير (=)
24. تئو+آ = توا (آو+آ = وا)
25. ٻائو+آ = ٻاوا (=)
26. سائو+آ = ساوا (=)
27. پائو+آ = پاوا (=)
28. هندو+آٽي = هندواٽي (اُو+آ = وا)
29. لاڏو+آن = لاڏوان (=)
30. ٽانءُ+آ = ٽانوَ (اُ+آ = وَ)
31. پاءُ (اڳ)+آ = پاوَ (=)
32. ڪانءُ+آ = ڪانوَ (=)
33. گھاءُ+آ = گھاوَ (=)

(ب) وينجڻ سَنڌِي:

/س/پويان /م/ جو اثر • نِس+مل ∠ نرمل (س∠ ر)

/س/ پويان /ل/ جو اثر • نِس+لچ ∠ نرلچ (س ∠ ر)

/ت/ پويان /چ/ جو اثر • اُت+چارڻ ∠ اُچـْجارڻ ∠ اچارڻ (ت ∠ چ)

/س8/ پويان /ج/ جو اثر • ست+جن ∠ سَجـْن ∠ سجّن ∠ سڃڻ (ت ∠ ج)

/هه/ پويان /ج/ جو اثر • نِهه+جل ∠ نرجل (هه ∠ ج)

/هه/ پويان /ب/ جو اثر • نِهه+بل ∠ نربل ∠ نربِل ∠ نبِل (هه ∠ ر، پوءِ /ر/گم ٿيو)

/هه/ پويان /ب/ جو اثر • دهه+بل ∠ دربل ∠ دربِل ∠ ڏبِل (هه ∠ ر ۽ پوءِ در ∠ ڏ ٿيو)

/هه/ پويان /چ/ جو اثر • نهه+چل ∠ نشچل (هه ∠ ش)

/هه/ پويان /ق/ جو اثر • نِهه+قل ∠ نشقل (رهه ∠ ش)

جملن ۾ سَنڌي جا ڪجهه مثال:

1. ڪا نه آهي ∠ ڪانهي (/آ/ ۽ /آ/ گم ٿي ويا)
2. ڇا آهي ∠ ڇاهي
3. ڇا نه آهي ∠ ڇا ناهي
4. ويو + س ∠ ويَس
5. ٿيو + س ∠ ٿيُس
6. ڪيو + م ∠ ڪيُم
7. لڪيو + م ∠ لڪيُم
8. نه + آهي ∠ ناهي
9. نه + آهن ∠ ناهن
10. ڇا + آهن ∠ ڇاهِن
11. ڪو نه آهي ∠ ڪونهي
12. ڪو نه آهن ∠ ڪونهن

پروفيسر علي نواز جتوئيءَ پاران اخذ ڪيل نتيجن کي بيان ڪندي محبت پرڙو لکي ٿو ته:

”لسانيات جي عالمن کوجنا ڪري معلوم ڪيو آهي ته لفظ ۾ جيڪي آوازي تبديليون ٿين ٿيون سي ٽن قسمن جون ٿين ٿيون: 1- هڪڙن لفظن مان ڪو آواز گم ٿي ويندو آهي، 2- ڪن لفظن ۾ ڪو نئون آواز پيدا ٿي پوندو آهي

۽ 3- ڪن لفظن ۾ هڪ آواز ٻي آواز ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. اهي تبديليون جاڻي ٻجهي نه ٿيون ٿين مگر احساسن کان سواءِ (لاشعوري طرح) پيدا ٿين ٿيون.“ (ٻرڙو، 2002: 63)

پروفيسر جتوئيءَ جو مؤقف ورجائيندي محبت ٻرڙو اڳتي لکي ٿو ته:

”[ر] هڪ پَٽڑو آواز آهي. اهو آواز جڏهن پد جي پڇاڙي ۾ ايندو ته گم ٿي سگهندو، مثلاً ’برپا‘ مان ’بپا‘، ’گرپ‘ مان ’گپ‘، ’ڪرشن‘ مان ’ڪشن‘، ’پينر‘ مان ’پيٽ‘... ڪڏهن ڪڏهن اچار جي آسانيءَ خاطر يا ڪَمِ (گهٽ) ڪوشش جي ڪري، ڪي آواز لفظن ۾ گم ٿي ويندا آهن؛ جيئن ’مزدور‘ مان ’مزور‘، ’ڏاتر ڏنو‘ مان ’ڏاترنو‘، ’درياء‘ مان ’دريا‘، ’شفاء‘ مان ’شفا‘، ’اللّٰه‘ مان ’الا‘، ’شهنشاهه‘ مان ’شهنشا‘، ’رياء‘ مان ’ريا‘، ’ابراهيم‘ مان ’براهم‘، ’جڏهين‘ مان ’جڏهن‘ يا ’جڏ‘، ’تڏهين‘ مان ’تڏهن‘ يا ’تڏ‘، ’الا ماشاءَ اللّٰه‘ مان ’الا ماشي‘، ’انشاءَ اللّٰه‘ مان ’شال‘ يا ’شل‘ وغيره.“ (ص 63)

آوازي يا صوتي تبديلي جو مکيه قسم اهو آهي، جنهن ۾ هڪ آواز ٻئي آواز سان تبديل ٿي سگهي ٿو. اها تبديل نهايت منظم آهي. مثلاً:

1- ڊگها سُر، چوٽن سرن ۾ تبديل ٿي سگهن ٿا، جيئن ’اوستاد‘ مان ’اُستاد‘، ’اللّٰه‘ مان ’الهه‘، ’بيڪاري‘ مان ’بِڪاري‘، ’باغيچو‘ مان ’بغيچو‘، ’حجام‘ مان ’حجم‘، ’سُوئر‘ مان ’سُئر‘ وغيره.

2- چوٽا سر پاڻ ۾ تبديل ٿي سگهن ٿا، جيئن ’خُصوصيت‘ مان ’خَصوصيت‘، ’خَيال‘ مان ’خِيال‘، ’پَٽو‘ مان ’پِٽو‘، ’شِفا‘ مان ’شَفا‘ وغيره.

3- ساڳئي مخرج جا وينجڻ هڪ ٻئي ۾ تبديل ٿي سگهن ٿا، جيئن ته ’همت‘ مان ’همٽ‘، ’آقا‘ مان ’آغا‘، ’آگا‘، ’آگو‘ ۽ ’آڳو‘، ’مدد‘ مان ’مدت‘، ’نباتات‘ مان ’نبادات‘، ماڻهو‘ مان ’ماڙو‘، ’لاڪپ‘ مان ’لاڪب‘ وغيره.

4- قريبي مخرج وارا وينجڻ هڪ ٻئي ۾ تبديل ٿي سگهن ٿا، جيئن ’ڦيٽو‘ مان ’فيٽو‘، ’بڪرماجيت‘ مان ’وڪرماجيت‘، بَس‘ مان ’وَس‘، ’شمس الدين‘ مان ’شمش دين‘، ڪِڪِي‘ مان ’ڇڇي‘ وغيره.

5- پَٽڑا آواز پاڻ ۾ تبديل ٿي سگهن ٿا، جيئن ته ’جل‘ مان ’جر‘، ’ڪلف‘ مان ’ڪرف‘، ’بالٽي‘ مان ’باڙدي‘، ’تِل‘ مان ’تِر‘، ’ڦل‘ مان ’ڦر‘، ’پٽيوارو‘ مان ’پٽيوالو‘ وغيره. هن قسم جي تبديل دنيا جي سڀني ٻولين ۾ عام آهي.

6- ڇپ جي غلطيءَ سببان ڪي آواز پاڻ ۾ جڳهه مٽيندا آهن، ان کي تقليب (Metathesis) سڏبو آهي، جيئن ته، ’همراهه‘ مان ’هرماهه‘، ’پنجو‘ مان

’چنبو‘، ’مذهب‘ مان ’مهذب‘، ’بندوق‘ مان ’دنبوق‘، ’حسد‘ مان ’حدس‘، ’قفل‘ مان ’کلف‘ وغيره.

7-ڪوڙي مشابهت جي بناءَ ڪي ڪي شخص لفظن جون غلط صورتون بنائيندا آهن، جيئن ته، ’سوالات جوابات‘ جي نموني تي ’جلاب‘ جو جمع ’جلابات‘، ’حساب‘ جو جمع ’حسابات‘، ’ڪتاب‘ جو جمع ’ڪتابات‘، ’علاج‘ جو جمع ’علاجات‘ ٺاهيندا آهن.

محبت پرڙو انهيءَ سلسلي ۾ هتي هڪ نُڪتو اڃا وڌيڪ ڳڻڻ گهري ٿو. اهو نڪتو خاص طرح ڏاري ٻولي جي انهن آوازن ڪي اچارڻ جي سلسلي ۾ آڏو اچي ٿو جيڪي پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ موجود ناهن. مثال طور سنڌيءَ ۾ ’Geology‘ ڪي ’جيالاجي‘ پر ’Geography‘ ۽ ’Geometry‘ ڪي ’جاگرافي‘ ۽ ’جاميٽري‘ اچاريو ۽ لکيو وڃي ٿو توڙي جو انهن ٽنهي لفظن جي اڇياڑيءَ جو انگريزيءَ ۾ اچار ساڳيو آهي. ڪي ’Geology‘ جي اچار ڪي ’جيالاجي‘ ڪن ته ڪي ’جيالوجي‘ ۽ ڪي وري ’جيالجي‘. اهي سڀ اچار غلط آهن. ’ٿواب‘ ڪي ماڻهو اچارينڊو ’سواب‘ ۽ ’ٿوم‘ ڪي عرب اچارينڊو ’ٿوم‘، ’ڏيڏر‘ ۽ ’ڏاند‘ ڪي ڪي ’ديدري‘ ۽ ’داند‘ اچارينڊا ته ڪي ’ديدر‘ ۽ ’داند‘.

ٻين ٻولين جا گهڻا لفظ اڪثر ڪري غلط اچاريا، ڳالهايا ۽ لکيا ويندا آهن. ’دڇڻ‘ ۽ ’ڏهر‘ مان ’درجن‘ ۽ ’درهل‘ ٺهيو آهي يا ’درجن‘ ۽ ’دربل‘ مان ’ڏڇڻ‘ ۽ ’ڏهر‘. اهو فيصلو صحيح نموني تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اهو طئه ٿئي ته موضوع بنايل لفظ حقيقت ۾ ڪهڙي ٻوليءَ جو آهي ۽ ڪهڙي ٻوليءَ اهو لفظ اڌارو ورتو آهي.

محبت پرڙي چواڻي ته: ”هُو (پاڻ) ان پوزيشن ۾ ناهي جو لفظ جي ذاتن بابت ايڏو اونهو علمي بحث ڪري سگهي ته ’ڏهرو‘ مٿجي ’دهل‘ ٿيو يا ’درهل‘ مٿجي ’ڏهل‘ ۽ پوءِ ’ڏهرو‘ پر اها حقيقت ڄاڻي ٿو ته جيڪي لفظ، خاص طرح ڏاريءَ ٻوليءَ جا اڌارا ورتل لفظ، سولائيءَ سان اُچاري سگهجن ٿا، انهن کي ٻولي ۽ ڳالهائيندڙ هروپرو ڪو نه ٿا بگاڑين. مثال طور: درگاهه، درماهه، دراوڙ، درشن، درهم، در، دري، درست، دريچو ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي لفظ جن جي اڇيان، وچ ۾ يا آخر ۾ /در/ اچي ٿو، اهي اڃ به سنڌيءَ ۾ عام آهن ۽ درست حالت ۾ ڳالهايا ۽ لکيا وڃن ٿا، بگڙيا ناهن.“ (پرڙو، 2002: 65، 66)

هتي ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ سراج الحق ميمڻ طرفان ڏنل راين کي هڪ پيرو وري نظر مان ڪيي، سَنڌِي جي بنيادي نظرين کي ذهن ۾ رکندي، هيٺ ڏنل لفظن تي ڏيان ڏجي:

- ڏنگ = ڏ+انگ (ڏکائيندڙ انگ، لڳ يا عضوو)

- ڏِنگ = ڏِ+انگ (ڏکائيندڙ انگ، عادت يا رويو)
- ڏِنگو = ڏِ+انگ+او (ڏکائيندڙ انگ، عادت يا رويي وارو)
- وَنگ = وَ+انگ (وريل انگ، لڳ يا عضوو)
- ونگو = و+انگ+او (وريل انگ وارو)
- وَانگِي = وا+انگ+اِي (وڌيل انگ يا سَڳ وارو، جنهن سان گهٽا ناتا هجن)
- سنگ = س+انگ (سنو، چڳو انگ يا ناتو)
- سنگِي = س+انگ+اِي (سني ناتي وارو، جنهن سان سنو ناتو هجي)
- سنگت، سنگتي = س+انگ+ات/اتِي (سني ناتي وارا)
- وانگ = وا+انگ (وڌيل انگ، گهٽا ناتا)
- وانگر = وا+انگ+اُر (جنهن سان گهٽا انگ ملندا هجن/هڪ جهڙا هجن)
- ڍنگ = ڍ+انگ (ڍپرو انگ، گهٽ قوت وارو انگ، سخت ٽي يا سُڪي ويل انگ. ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڍَنگر = وڻ جو، ڪنڊن وارو ٽارو وغيره)
- ڍنگر = ڍ+انگ+آر (ڍپري يا سڪي ويل انگ)
- ڏُنگ = ڏُ+انگ (’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڏنل معنی: ٻه شيون، ٻه ننگ، ٻه داڻا وغيره.)
- ڏُونگرو = ڏُو+انگ+آرو (’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڏنل معنی: پڻيءَ جو ڪنڊو - ڪرنگهو وغيره.
- ڍينگُ = ڏُو+انگ (...، مضبوط انگ. سنڌيءَ ۾ ”ڍينگ“ ماڻهو جو نالو به آهي)
- ڍينگو = ڍِي + انگ + او (...، مضبوط انگ وارو)
- ڍَنگ = ڍَ + انگ (ڍلائتو يا ڊولائتو انگ، نموني جو انگ، انگ جو نمونو، رويو)
- ٻَنگُ = بَ+انگ (ٻه انگ، ٻٽو انگ، ٻيڻو انگ) (ٻَل وارو انگ)
- ٻُنگُ = بُ+انگ (...، پهلوان)
- چُنگ = چُ+انگ (...، چورڻ وارو انگ، انگ چورڻ، چهنبدار انگ)
- چانگ = چا+انگ
- چانگو = چا+انگ+او
- چُونگَ = چو+انگ (...، چهنبدار انگ، نوڪدار ڪاڻي)

- دَنگ = دَ + انگ (...، پڇاڻيءَ، ڇيهه يا حد جو انگ/ٿَڪ)
- ڪنگ = ڪ+انگ (...، ڪارو رنگ) (؟)
- پَنگَ = پَ+انگ (...، پورينڊڙ انگُ، انگَ/انگن/لڳن کي پورينڊڙ)
- پُنگ = پُ+انگ (...، ڳُهٽو انگ)
- گُونگ = گُو+انگ (...، گم ٿيل انگ، ڳالهائڻ جي انگ جي اٽهوند)
- جُنگ = جُ+انگ (...، ويڑهاڪ ماڻهو)
- دُنگ = دُ+انگ (...، ظاهري انگ، انگ جو ظاهري روپ)
- آڏانگ = آڏي/آڏِ + انگ (اڏ انگ)

ممڪن آهي ته ڪجهه لفظن جي پڇ گهڙ ۾ ڪا سنهي ڪوٽ رهجي ويئي هجي پر "انگ" جي اڳيان ۽ پٺيان، اڳياڙيءَ ۽ پڇاڙيءَ طور آيل پروس صرفيائون ڪنهن نه ڪنهن مخصوص معنى کي ظاهر ڪن ٿيون ۽ ڪنهن نه ڪنهن لفظ جي نمائندگي ڪن ٿيون. اهي سڀ پروس صرفيائون يقيناً ڪنهن زماني ۾ هڪ مڪمل لفظ هونديون جيڪي "انگ" سان گڏ اچي اچي، هوري هوري هڪ صرفيه، پروس صرفيه ۾ بدلجي ويون.

سنڌي لفظن ۾ اڳياڙي طور ايندڙ پروس صرفيائون عام طرح يڪ پد آهن. اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ساڳي پروس صرفيه هر هنڌ ساڳي معنى ظاهر نه ٿي ڪري پر مختلف لفظن آڏو اچي مختلف معنائون پيدا ڪري ٿي. ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته اها پروس صرفيه ڪنهن مقرر لفظ جي "سُسي ويل صورت" ناهي پر مختلف قسمن جا لفظ "سُسي" ساڳئي آواز واري پروس صرفيه ٿي رهجي ويا آهن. اها ڳالهه هيٺ ڏنل 'جامع سنڌي لغات' تان ورتل لفظن ۾ /آ/ اڳياڙي وارن مرتب لفظن تي ڏيان ڏيڻ سان چٽي ٿي اچي ٿي:

- آ = آءٌ، اڇ
- آ = "آهي" جو مخفف (وڏ پاڙڻ مڙس جو شان آ)، آفيم (آهه = نانگ+ڦيٽ = گجي)
- آ = نه: آپاتو (جيڪو پيءُ جي مائٽي مان نه هجي)، آلس، آڪَهُه، آڪو، آڪر، آٽڙ، آٽرو.
- آ = ٻنا: آريج، آسوڪا (بنا غم)، آڌين (بي گهر).
- آ = ٿورو: آپن (ٿورو وسڪارو. پاپن = گهڻو وسڪارو)
- آ = گهٽو: آپار (گهٽو ڏنڏو، واپار)

- آ = تمام گھٹو: آتاھه، آڻاھه
- آ = اونھو: آروش، آروڻ
- آ = تکو: آڻڻ (تکو ڪرڻ)، آڻِي (تکي يا چگّيءَ طرح ڪريل)
- آ = چگّيءَ طرح: آپَر، آنر، آدرش، آھوڙ، آدوڙ، آکيڙو.
- آ = گڏجن، ويجھو/آسپاس (ويھڻ): آتن.
- آ = ابتو: آگم (ابتو وڃڻ. آگمن = الائي ڪڏھن اچڻ)
- آ = چَوطرف، چئني پاسن کان، چئني پاسن ڏانھن، چوڌاري: آبوٽي، آبوٽي، آروگي، آبوسڻ، آبُوھڻ، آپاسڻ، آتارڻ، آگرنڻ، آڪاش، آگمڻ، آگھارڻ.
- آ = تي/مٿان : آڏر، آڌار (ڏرتي تي، جَھل، ٽيڪ، سھارو)، آسر (ھُن مٿي. پاسر = پاسي تي)
- آ = اندران آيل (آت): آچار (آت+چَر = ھلڻ) (آچار: اڳئين موجب ھلڻ)
- آ = ساڻ: آنَد/آنند، آپارڻ، آپار، آپارو، آپارجڻ، آچلائڻ (آ = ساڻ+ڪشل = صاف ڪرڻ، پاڻي سان صاف ڪرڻ)
- آ = تائين: آسار (آ = تائين+سر+وھڻ)

آخري ٻن لفظن ـــــ آچلائڻ ۽ آسار ـــــ بابت محبت ٻرڙي جو خيال آھي ته انھن ٻنھي لفظن ۾ /آ/ متان ’آب‘ يا ’آف‘ ھجي ـــــ آفچلائڻ ۽ آفسار يعني ’پاڻي-چلائڻ‘ ۽ ’پاڻي (سر تائين) وھڻ‘. آفچلائڻ/آبچلائڻ ۽ آفسار/آبسار تڪڙ ۾ ڳالھائڻ سبب ’آچلائڻ‘ ۽ ’آسار‘ ٿي ويا. ’آبشار‘ ھڪ اھڙو ئي مثالي لفظ آھي. ’نيسارو‘ ھڪ ٻيو لفظ آھي، جنھن جو متان ’پا‘ گم ٿي ويو ھجي: ”پاڻيسارو“ (پاڻي+سار+او). (ص 72، 71)

ائين نه به ھجي پر ھڪ صاف ۽ سڌي ڳالھه آھي ته /آ/ سان ايتريون ۽ ڪٿي ڪٿي ته ھڪ ٻئي سان متضاد ڇٽيون معنائون ٻڌائن ٿيون ته جن بنيادي لفظن سان /آ/ اڳياڙي طور ڳنڍيل آھي، اتي /آ/ رڳو ھڪ ڏڳھو سر نه پر ھڪ لفظ ھو جيڪو پنھنجا باقي آواز وڃائي ڏلھو /آ/ ٿي پيو آھي.

- ’آروھه‘ ھڪ لفظ آھي، جنھن جي معنی آھي ’پيار پري لوڏ‘ يا ’اھڙو ھلڻ، جنھن تي پيار اڇي.‘ ’آرو‘ معنی ’پيار‘، تنھنڪري ان لفظ جي آخر ۾ /ھه/ برابر ٿيندي ’ھلڻ‘ جي. ’آرو ھلڻ‘ ڪري ٿيو ’آروھه‘.
- بَٽو = بَٽ+او (بَٽ = باھه جو مَڇ، ٻيڙ، آڙاھه+او = وارو) بٽ وارو.

بَٽ = بَ+ٽ (بَ = باھه+ٽ = ڏھڻ) اھو ھنڌ جتي باھه ڏھي، باھه ڏاھڻ يا باھه مچائڻ وارو ھنڌ.

بٹار/بٹارو = بٹ+آر/آرو = جيڪو باهه ٺاهي يا پيڙ مچائي سگهي. بٹ مچائڻ وارو.

- ڳونڍان = ڳوٽ کان ('ک' آواز/وينجڻ گم ٿي ويو)

ڳونڍون = ڳوٽ ڪَون (=)

چايائين = چوايائين ('وا' آواز گم ٿي ويو)

نائِين = نوائين (=)

ڳهران = گهر مان ('م' آواز گم ٿي ويو)

هَٽان = هٽ تان ('ت' آواز گم ٿي ويو)

- "ماتو" هڪ اهڙو لفظ آهي، جيڪو غلط اچاريو ۽ پُڌو وڃي ٿو. اهو لفظ "مان چيو" آهي جيڪو تڪڙ ۾ اچارڻ سبب "ماتو" ٿي پوي ٿو. اڄ به، جيڪي ماڻهو تڪڙ ۾ "مان چيو" چون، انهن کي ڏيان سان ٻڌجي.

محبت ٻرڙي موجب، ڪٿي ائين ته نه ٿيو آهي ته ڪيترائي لفظ حقيقت ۾ به يا ٻن کان وڌيڪ لفظ هجن جيڪي هڪ ٻئي جي ڪِڍ اچڻ، عام طرح ڳالهائجڻ ۽ تڪڙ ۾ اچارجڻ سبب هڪ لفظ سمجهي ٻڌا ويا ۽ پوءِ لکيا ويا هجن؟ تاريخي سَنڌي جو هڪ وڏو سبب اهو ته ناهي؟ (ص 73)

- غلط اچارڻ ۽ غلط لکڻ جي حوالي سان هتي هڪ مثال 'ٿُنيو' جو پيش ڪجي ٿو، جنهن کي 'تونيو' به لکندا آهن. 'ٿُنيو' سنڌ جي هڪ ڇڪي ڇوکي ماڻهو-ڳٽپ رکندڙ ذات آهي. جيڪڏهن ان جي اچار تي ڏيان ڏبو ته اهو 'ٿُجو' (يا 'ٿُنجو') به ٻڌڻ ۾ ايندو. جيڪڏهن ڪي لکاري ان کي ڪن ايامن کان 'ٿُجو' لکندا اچن ها ته ڇا اهو نه چيو وڃي ها ته اهو لفظ حقيقت ۾ (سنسڪرت جو) لفظ 'تنيه' هو، جيڪو سنڌيءَ ۾ بگڙجي 'تجو' ٿيو آهي، ـــــ جيئن /ڇ/ جي حالت ۾ ان کي 'جنيه' مان ڇڪيو اٿئون. ڇا اهو نٿو ٿي سگهي ته ڪي لفظ متان غلط لکندا آيا هجون ۽ ان ڪري سندن ڏاتو به غلط سمجهيو هجون؟ 'جامع سنڌي لغات' ۾ 'آجارو' لفظ هن مهل به ڏسي سگهجي ٿو جيڪو 'آنيارو' جي معنى ڏيکاري ٿو.

- سنڌي جي ڪيترن ئي لفظن تي اڄ ڪلهه "ن" غُني (گهُٽي) جي وبا جو حملو ٿيو آهي. چڱا پلا، ڏسڻا وائسڻا ماڻهو انهيءَ وبا جو شڪار ٿي ويا آهن. 'اڄا' کي 'اڄان' ۽ 'ماڻهو' کي 'ماڻهون' لکڻ ته بلڪل تازي ڳالهه آهي. پر گذريل، رڳو هڪ سَو ورهين ۾، ارنيسٽ ٽرمپ پاران 1886ع ۾ 'شاهه جي رسالي' جي ڇپائي کان پوءِ سوين لفظن جو مثال پيش ڪري سگهجي ٿو، جن ۾ ڇاٽائي يا اٽڄاٽائيءَ سبب، 'ن' غُنو ڳنڍيو ويو آهي. ڏِيهه (ڏينهن)، نِيهه (نينهن)، شِيهه

(شينهن)، ٻاهه (ٻانهه، ٻانهن) داهه (دانهه، دانهن)، مِيهه (مِينهن)، ميهه (مينهن)، وغيره ڪجهه مثال آهن. ’ميهار‘ ۾ اڇ به ’ن‘ غُنو موجود ناهي. ڪي لفظ لاڙ ۾ غُنا (گھُٽا) آهن ۽ اتر ۾ غُنا (گھُٽا) ناهن ته ڪي وري سِري ڏي غُنا (گھُٽا) اچاريا وڃن ٿا ۽ لاڙ ڏي صاف آهن.

سِنڌيءَ ۾ گھڻي کان گھڻن لفظن جو ڏاتو، عام طرح، ٻه-پدو سمجھيو ويندو آهي: سڦلو، سُپتيو، ڪُپتيو، پٽيتو، آڇيتائي، چيتائي، سچيتائي وغيره لفظن ۾ ڦل، پت ۽ چيت يا چت لفظن کي ڏاتو يا بنيادي لفظ سڏيو وڃي ٿو. انهن کي پاڻوس صرفيه به سڏجي ٿو ڇو ته کين وڌيڪ معنادار جزن ۾ ورهائي نٿو سگھجي.

سَنڌي جي ڇاڻ انهيءَ طريقي ۽ پروسي ۾ شڪ پيدا ڪري ٿي. مثال طور لفظ ”ٻنو“ عام طرح مفرد لفظ سمجھيو ويندو آهي، پر اسان ڏنو ۽ وڏو امڪان آهي ته صحيح هجون، اهو لفظ نه رڳو مرتب آهي پر هڪ پيرو نه، ٻه پيرا يعني /ٻٺ+او/ ۽ /ب+ٺ/ يعني/ب+ٺ+او/ ٽئي حصا ٽن مختلف لفظن جي نمائندگي ڪن ٿا. /ٻنو/ جھڙن لفظن ۾ /-او/ آواز، اڃا تفصيل ۾ ڏسنداسون ته /آ + او/ جو ميلاپ آهي، جنهن ۾ /آ/ ’مذڪر‘ جنس جِي ۽ /-او/ ’واحد‘ عدد جي نمائندگي ڪندي نظر ايندا.

پروس اڳياڙي طور ايندڙ ڪيترائي آواز هڪ هڪ لفظ جي نمائندگي ڪن ٿا. هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته جن ٻه-پدن لفظن کي عام طرح مفرد لفظ سمجھيو وڃي ٿو، ڇا اهي پاڻ حقيقت ۾ مفرد لفظ آهن؟

اهي سڀ ڳالهيون سهيڙي، هڪ هنڌ ڪٺيون ڪري جاچڻ کان اڳ ضروري آهي ته اسين لفظ ۾ سُر جي اثر، وينجڻ جي اثر، ڊگھين ۽ ننڍين پچاڙين جي بناوت، پد جي حقيقي قد بت ۽ اهڙين ٻين ڪجهه شين کي پنهنجي آڏو رکي، ڪي نتيجا ڪڍي هڪ گڏيل راءِ طئه ڪري، پوءِ ان لفظ يا انهن لفظن کي ڇڃ گھڙ هيٺ آڻي ڏسون جيڪي محبت ٻرڙي جي راءِ موجب ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اڏاوت ۾ مکيه ڪردار جا مالڪ آهن.

اُن سموري بحث کان پوءِ محبت ٻرڙو ’اِدغام‘ (سنڌِي) جي باري ۾ هن طرح راءِ قائم ڪري ٿو ته:

”سنڌِيءَ جو علم، اسان کي ٻڌائي ٿو ته، جڏهن به ٻه لفظ پاڻ ۾ ويجھو آڻي اُچارجن ٿا ۽ هڪ ٻئي جي ڪڍ اُچارجن ٿا، تڏهن اُنهن جي ميلاپ واري هنڌ تي سُرن ۾ تبديلَ اچي ٿي. ڪي ڪاڇن ٿا، ڪي وڌن ٿا ۽ ڪٽي ته مورڳو نئين قسم جو سُر ٺهيو پوي. ميلاپ واري هنڌ جيڪڏهن ٻئي وينجڻ آهن ته اڪثر

ڪري ٻنهي ميان يا ته هڪ ڪاڇي وڃي ٽو ته هڪ ٻئي جي اثر هيٺ اُهي مورڳو اڃا به ٽئين قسم جي وينجڻ ڪي جڳهه ڏين ٿا.” (ٻرڙو، 2002: 75)

محبت ٻرڙي اُن جا ڪافي مثال بحث دوران ته ڏنا آهن، پر هتي فعلي صيغي مان ڪجهه مثال، هن طرح به ڏنا آهن:

”فعلي صيغي جي مستقبل واري مروج صورت – ڪائيندو، ڳائيندو، ڌاهيندو، لاهيندو، چاڙهيندو، ويڙهيندو، گهُمائيندو، ڏيڪاريندو، ٻڌائيندو، بيهندو، ڏسندو، ٻڌندو، ڪُسندو، رسندو، لکندو، پڙهندو وغيره ۾ بنيادي يا ٽڙ لفظ جي پويان /- ايندو/ يا /- اِندو/ پڇاڙي اڇي ٽي، جيڪا شايد /آئيندو/ يا /آئندو/ جو ڦهريون آواز /آ/ ڪِرڻ، مِلڻ يا جذب ٿي وڃڻ جي نتيجي ۾ ٺهي آهي. شڪارپور ۽ اُن جي پسگردائيءَ ۾ /-ايندو/ يا /- اندو/ پڇاڙيءَ بدران /- دو/ پڇاڙي اڇي ٽي – لکدو، پڙهدو، ٻڌدو، ڏسدو، گهمدو، وغيره.

سگهارو، ريسارو، ڏڪارو، ڪاٽيارو، آنيارو، واڌارو، هاڪارو، متارو، پاٽيارو، وڻجارو ، مٽيارو وغيره لفظن ۾ ڇاڻائي ويندڙ پڇاڙي /-آرو/ آهي. ڇا اهو ممڪن ناهي ته /وارو/ جو ڦهريون آواز پاڻ کان اڳ واري لفظ جي آخري آواز سان ملي، جذب ٿي ويو هجي؟ (ص 75)

حوالا

1. ابڙو، بدر (2010ع) اوڪسفرڊ انگلش – سنڌي ڊڪشري (ڇاپو ٻيو)، ڪراچي: اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس.
2. آڏواڻي، مهرچند، پيرومل، (1985ع) وڏو سنڌي وياڪرڻ، (ڇاپو ٻيو)، ڇام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
3. آڏواڻي، مهرچند، پيرومل (1985ع) وڏي سنڌي وياڪرڻ، (ڇاپو ٻيو)، ڪراچي: اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس.
4. آڏواڻي، مهرچند، پيرومل (1998) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، (ڇاپو پنجون)، ڇام شورو/ حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
5. اصغر، راجی‌شور راؤ، راجا (ﷺ﷽ء) ہندی - اردو لغت (پہلی اشاعت)، کراچی، انجمن ترقی اردو، پاکستان۔
6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1969ع) سنڌي صورتخطي، (ڇاپو ٽيون)، حيدرآباد: ادبيات پبليڪيشن.
7. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2005ع) سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، (ڇاپو ٻيو)، ڇام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
8. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2017ع) سنڌي صوتيات، (ڇاپو ٽيون)، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

9. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2020ع) سنڌي لسانيات – تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس، (چاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو.
10. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1990ع) سنڌي هولي ۽ ادب جي تاريخ، (چاپو ٽيون)، ڄام شورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر.
11. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1998ع) هڪ جلدي جامع سنڌي لغت، (چاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو.
12. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2004ع) نئين جامع سنڌي لغات، (جلد پهريون)، حيدرآباد: سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو.
13. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2007ع) جامع سنڌي لغات، (جلد چوٿون)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ
14. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2007ع) جامع سنڌي لغات، (جلد چوٿون)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ
15. برڙو، محبت، ڊاڪٽر (2002ع) هوليءَ جو بڻ، (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
16. برڙو، محبت، ڊاڪٽر (2007ع) هول جو بڻ، (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
17. جتوئي، علي نواز، پروفيسر (1983ع) علم لسان ۽ سنڌي زبان، (چاپو ٻيو)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
18. حضرو، عمر فاروق، دار (؟) لُغات فارسي، حضرو: دارِ عمر فاروقؓ.
19. سنز، فيروز (ء؟؟؟؟) فيروزاللغات – جديد اردو (مطبوعہ اول)، لاہور، فيروز سنز (پرائيويٹ) لميٹڈ۔
20. شيخ، واحد بخش (1986ع) سنڌي هوليءَ جو صَرف ۽ نحوَ، (پاڳو پهريون)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
21. شيخ، واحد بخش (2006) سنڌي هوليءَ جو صَرف ۽ نحوَ، (ڳڙيل پاڳا – چاپو ٻيو)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
22. ڦرڙو، محمد پناهه (2007ع) هندي – سنڌي لغت، (چاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي لينگئيج اٿارٽي.
23. قليچ بيگ، مرزا (1992ع) سنڌي وياڪرڻ (4 پاڳا)، ڄام شورو/ حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
24. کریم الدین، مولانا (؟) کریم اللغات، کراچی: میر محمد، کتب خانہ، آرام باغ۔
25. معلوف، لوئس (؟) المُنجد عربی – اردو (مطبوعہ ؟)، مترجم: مولانا ابوالفضل عبدالحفیظ بلیاوی، لاہور: خزینہ علم و ادب، الکریم مارکیٹ اردو بازار.
26. ميمڻ، سراج الحق (2009ع) سنڌي هولي، (چاپو ٻيو)، حيدرآباد: سنڌي لينگئيج اٿارٽي.
27. وسٹاڻي، جهمٽمل، نارومل (1978ع) وٹپتي ڪوش، (چاپو چوٿون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.
28. Andre, Martinet, 1962, Functional Views of Language.
29. Block, B & Trager L., 1942: Outline of Linguistic Analysis, Baltimore: Linguistics Society of America.

30. Bloomfield, L., 1962, Language, London: George Allen & Unwin Ltd.
31. C.L., Barber, 1965, The Story of Language (E.L.B. Edition), London: Pan Books Ltd.
32. Cuddon, J.A., 1991, Dictionary of Literary Terms and Literary Theory, (Third Edition), London, Penguin Books, Ltd.
33. Dictionary – Oxford Language – net
34. Dictionary.com
35. Firth, J.R., 1057, Papers in Linguistics, London: Oxford University Press.
36. https://www.britinnica.com>science
37. https://www.yourdictionary.com>
38. Hussain, Shahid, 2009-10, Dictionary of Literary Terms, (2nd Edition), Lahore: New Kitab Mahal.
39. Jones, Daniel, 1962, An Outline of English Phoentics, London: Cambridge, W. Heffer & Sons Ltd.
40. L. Varshney, Radhey, Dr., 1985, An Introductory textbook of Linguistics & Phonetics, Lahore: Urdu Bazaar, Famous Products.
41. Malmberg, Bertil, 1963, Phoentics, 45, New York: Dover Publications.
42. Memon, Abdul Rasheed, 2001, Kifayat's Comprehensive English to English & Sindhi Dictionary, Vol-I, Karachi: Kifayat Academy Education Publisher, Shah-e-rah Liaquat.
43. Net (Google Search)
44. Parsad, Tarni, 2014, A Course in Liguistics (2nd Edition), Delhi: PHI Learning Private Limited.
45. Pei Morio & Frank Gaynor, 1954, Dictionary of Linguistics, NewYork: Philosophical Library.
46. Rahman, Tariq, 2018, Linguistics for Beginners – Basic Concepts (6th Impression), Karachi: Oxford University Press.
47. Shiply, J.T., Editor, 1955: The Dictionary of World Literary Terms, London: George Allen & Unwin.
48. Sir Moneir Williams, 1956, A Sanskrit Dictionary, Oxford.
49. Ward, C., 1952, The Phonetics of English, England: W. Heffer & Sons, Ltd., Cambridge.
50. Wikipedia, net.

سنڌي صرفيات: معنيٰ ۽ وصف – محبت پرڙي جو صرفيات ۾ ڪم

5.1 معنيٰ ۽ وصف

- صَرۡف: ذ (ع، صرف = مٽاسٽا ڪرڻ – تبديل ڪرڻ) خرچ – اخراج – ڪپت – ڪاپو – ڏيتي. لکت (پئسي جي) – نقصان – هرج. (هوليءَ جو). لفظن جي اکرن، ڦيرين گهيرين،گردانن ۽ بدل سدل ڄاڻڻ جو علم – شبد ساڌن ودیا – شبد ويچار – اشتقاق. (بلوچ، 2007: 198)

- صرف، اهڙن اصولن وارو علم آهي، جنهن سان ٿنهي ڪلمات (اسم، فعل ۽ حرف) جي اصل ۽ رد ۽ بدل جي لحاظ کان حالتون معلوم ڪيون وڃن. (بروهي، 1423: 13)

- صرفيو: ا. (morpheme). لسانياتي سرشتي ۾ علمي تعلق جي ڏس ۾ ڳٽيو ويندڙ صرفي جزو. 2. هوليءَ جو بامعنيٰ صرفياتي جزو، جنهن جو وڌيڪ اشتقاق ٿي نه سگهجي. Morphology = اسم. مُورتيات. شڪليات. شين جي صورتن جو اپياس. لفظ جي صورتن جو مطالعو. هوليءَ ۾ لفظي شڪلين جو سرشتو. صفت – شڪلياتي. صورتياتي. ظرف: ماهر شڪليات (morphologist). (ابڙو، 2010: 1130)

- صَرف: خالص شراب پيئڻ. اسم کي منصرف بنائڻ. فعل جو گردان ڪرڻ. (جلباڻي، 1988: 693)

- صَرۡف: (ع – ا مذ) (🗁) پھیرنا، (🗎) خرچ کرنا، (🗏) (مث) وہ علم جس سے کلموں کی شناخت اور ادل بدل معلوم ہو۔ (فیروز سنز، 🖮🗀🗀🗎: 🗁🗀🖫)

- صرف وہ علم ہے، جس میں کلموں کے بنانے اور ان میں تغیر کرنے کا طریقہ بیان کیا جائے۔ اس علم کا یہ مقصد ہے کہ انسان صحت اور درستی کے ساتھ کلمات کا تلفظ کر سکے۔ کلمہ کی تعریف یہ ہے کہ جو لفظ بامعنی اور مفرد ہو، اس کو کلمہ کہتے ہیں۔ (امرتسری، ؟: 🗐)

- علم صَرف وہ علم ہے، جس سے صیغوں کی پہچان حاصل ہوتی ہے۔ اور لفظوں کو گرداننے کا طریقہ اور ایک صیغہ سے دوسرے صیغہ بنانے کا قاعدہ معلوم ہوتا ہے۔ اس علم کا مقصد یہ ہے کہ الفاظ کو صحیح طور پر پڑھنا آجاتا ہے۔ (چرتھا ولی، ؟:)

- علم صَرف وہ علم ہے، جس سے لفظوں کے گردان، صیغوں کی پہچان، اور ایک صیغہ سے دوسرا صیغہ بنانے کا طریقہ معلوم ہو۔ اس علم کا مقصد یہ ہے کہ اس سے الفاظ کو صحیح پڑھنا آجاتا ہے۔ (پالن پوری، :)

- الصرف: ایک علم کا نام ہے، جس میں کلمات عربیہ کے صیغوں کی وضع و ہیئت وغیرہ سے بحث کی جاتی ہے۔ (معلوف، ؟:)

- صَرف (ع) (۱) روپے وغیرہ کو پرکھنا، (۲) خرچ کرنا، (۳) زمانہ کی گردش، (۴) حادثہ، (۵) توبہ، (۶) پھیرنا - اُلٹ پھیر کرنا - اُلٹانا۔

مٿي بيان ڪيل مواد جي اپياس کان پوءِ چئجي ٿو ته: صَرف، عربي النسل لفظ آهي؛ جنهن جو تعلق، لفظن جي سائنسي علم سان آهي. هيءُ علم؛ لفظن جي جوڙجڪ، ٽوڙ ڦوڙ ۽ بدل سَدل جي باري ۾ سائنسي انداز ۾ تفصيلي بحث ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ 'صَرف' لفظن جي گرامر کي چئجي ٿو، جنهن ۾ لفظن جي بابت قاعدا، قانون ۽ دستور سيکاريا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح لفظ 'صرفيات' عربي لفظ (مفرد) 'صَرف' ۽ سنڌي پابند صورت 'يات' جو ڳنڍُ (Affix) آهي. سنڌي جوڙ 'يات' جي معنيٰ آهي – 'علم' يا 'ڄاڻ'. يعني اُهو سائنسي علم؛ جيڪو لفظن جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ ڏئي. 'صرفيات' لاءِ 'تشڪيلات' يا 'صوتيات' جا اصطلاح به ڪم آندا وڃن ٿا.

مٿي ٻڌايو ويو آهي ته 'صرفيه' زبان جو هڪ اهڙو نندِي ۾ ننڍو معنادار جزو يا حصو آهي، جيڪو وڌيڪ حصن ۾ نه ٿُڪي سگهندو آهي. مثال طور: /پُٽ/ هڪ سادي ۾ سادو 'صرفيه' آهي ۽ اهو فقط هڪ سادي صورت (مفرد لفظ) تي مشتمل آهي. جيڪڏهن اُن کي وڌيڪ حصن ۾ ٽوڙبو ته اهو پُ [اُ] + ٽ ([اُ] جي بن آوازن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. يعني اِتي اُهو ڪنهن حرف جو آواز ته ٿي سگهي ٿو، پر ڪنهن صرفيه يا آزاد صورت رکندڙ لفظ يا بامعنيٰ جزي جي حيثيت نه رکي سگهندو. يعني اهو پنهنجي صرفي معنيٰ ۽ مفهوم وڃائي ويهندو.

’لفظ’ جي مفهوم ۽ وصف جي اپياس لاءِ ’علم صرف’ (Morphology) جي اصولن جي ڄاڻ ضروري آهي. علم صرف کي چگيءَ طرح سمجهڻ لاءِ سڀ کان اول ’صرفيه’ (Morpheme) جي معنيٰ، مفهوم ۽ ڪارج کي سمجهڻ جي ضرورت انڪري به آهي جو ماهرن لفظ ۽ صرفيه جي وصف ۽ مفهوم کي پنهنجي پنهنجي انداز سان بيان ڪيو آهي، جنهن ڪري هن بابت ڪا واضح ۽ هڪڙي راءِ قائم نه ٿي سگهي آهي. نتيجي ۾ عام پڙهندڙ شاگرد، اسڪالر ۽ خود استاد به ’صرفيه’ توڙي ’لفظ’ جي باري ۾ واضح نه آهن، بلڪ مونجهاري جو شڪار آهن.

5.1.1 علم صرف جي وصف ۽ مفهوم

مٿي صرفيه بابت ته بيان ڪيو ويو آهي، پر هتي انهن عالمن جي قائم ڪيل وصفن کي زير بحث آندو ويندو، جنهن مان مونجهارو پيدا ٿي پيو آهي.

- مرزا قليچ بيگ علم صَرف جي باري ۾ لکيو آهي ته: ”اکرن مان لفظن جي ٺهڻ، ۽ لفظن مان جملن جي جُڙڻ کي ’صرف جو علم’ چئبو آهي.“ (قليچ، 1960: 97) مرزا قليچ بيگ ٻئي هنڌ لکي ٿو: ”وياکرڻ جي قاعدن مطابق، ڪا به ٻولي لفظن مان ٺهي ٿي، ٻول رڳو آواز يا اُچار نه آهن، انهن مان ڪو نه ڪو تصور جُڙي ٿو. هنن جو پنهنجو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي.“ (حوالو ساڳيو، ص 2)

  مرزا قليچ بيگ جي مٿين راءِ مان هيءُ مقصد نڪري ٿو ته ٻول، مڪمل مفهوم کي جنم ڏين ٿا.

  ٻين لفظن ۾ لکيو آهي ته لفظُ، ٻوليءَ جو اهم جُز آهي ۽ خيال جو سمورو دارومدار به لفظ تي قائم آهي. وڌيڪ ائين چئجي ته لفظ کي پنهنجي انفرادي معنيٰ سان گڏ اُن کي گرامر جي معنيٰ به آهي، گويا اُها گرامر واري معنيٰ وڌيڪ ڪارج واري آهي.

- ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ته: ”هيءُ علم اهو علم آهي، جنهن جي ذريعي ڪنهن به زبان جي ٻولن ۽ اُنهن جي حصن جي ٺاهه ٺوهه، بناوت ۽ سٽاءَ جي اپياس جي دائري ۾ رڳو ٻول شامل آهن.“ (الانا، 1987: 15)

- بلومفيلڊ. ايل ’علم صرف’ بابت هن طرح لکيو آهي ته: ”هيءُ اُهو علم آهي، جنهن جي مدد سان ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن ۽ لفظن جي جزن جي جوڙجڪ ۽ سٽاءَ جي خبر پوندي آهي. ڪنهن به ٻوليءَ جي علم صَرف مان اسان جي مراد آهي، ته اُها ساخت ۽ اُها سٽاءَ، جنهن ۾ اُن

پوليءَ جي آزاد ۽ پروس صورتن جي استعمال جي خبر پوي.” (بلومفيلڊ، 1961: 207)

مٿئين بحث مان هي نتيجا اخذ ٿين ٿا ته ’صرفيه‘ بن قسمن جا ٿين ٿا. هڪ – آزاد يا خودمختيار صرفيا ۽ ٻيا – پَروس يا پابند صرفيه. آزاد يا خودمختار صرفين جهڙوڪ: /ڪَتّ، نَتّ ۽ چَپَ/ وغيره. هنن صرفين کي جيڪڏهن ننڍين جزن ۾ ٽوڙي ڏسبو ته ’کَ ۽ تّ، نَ ۽ تّ، چَ ۽ پَ‘ جزا ملن ٿا، جيڪي پنهنجي اڪيلي سر ڪا به معنيٰ نٿا رکن، يعني اُهي جزا (/کَ/، /تّ/، /نَ/، /تّ/، /چَ/ ۽ /پَ/) وغيره اڪيلي ڪا به معنيٰ نٿا رکن، يعني اُهي جزا بي معنيٰ آهن. ان لاءِ هيئن چئبو ته /کَتّ/، /نَتّ/ ۽ /چَپَ/، سنڌي زبان ۾ سپ کان معنادار جُزا ٿين ٿا، جيڪي اڃا وڌيڪ معنادار حصن ۾ نٿا ورهائجن، پر اُن جي ابتڙ /سُچيت/، /ڪُچيت/ ۽ /سُڃاڻ/ وغيره ۽ اهڙين بين صورتن کي ٽوڙبو ته اُهي /سُ+چيت/، /ڪُ+چيت/ ۽ /سُ+ڃاڻ/ صورتن ۾ ورهائجن ٿيون ۽ گڏوگڏ اُهي صورتون لفظن جي مشتق ڪارج ۾ ته ڪم اچن ٿيون، پر وڌيڪ ننڍين معنادار صورتن ۾ ٽوڙي نٿيون سگهجن. بين لفظن ۾ ائين چئي سگهبو ته /سُچيت/، /ڪُچيت/ ۽ /سُڃاڻ/ صورتن مان هرهڪ ۾ ٻه، ٻه صرفيه موجود آهن. يعني ڪا به اها صورت – چاهي اُها خودمختار يا پابند هجي، کي وڌيڪ معنيٰ دار حصن ۾ نه ڇڄي سگهجي، ته وياڪرڻي اصول مطابق ان کي ’صرفيه‘ (Morpheme) چئجي ٿو.

5.2 محبت ٻرڙي جي ’صرفيه‘ بابت قائم ڪيل راءِ – هڪ تنقيدي اڀياس

محبت ٻرڙي ’صرفيه‘ لاءِ ”رُوپيو‘ (Morpheme) جو اصطلاح ڪم آندو آهي. هُو ’ٻول جو بڻ‘ (چاپو پهريون) ۾ لکي ٿو ته:

هر اُن ’ٻولياڃاڻي‘ (لسانياتي) ايڪي کي ’رُوپيو‘ (صرفيه، صرفيو) سڏجي ٿو، جنهن جي ڪا نه ڪا معنيٰ هجي. پروفيسر جتوئي (1983: 112)، ٻي، بلاخ ۽ ڇي. ايل ٽرئگر جي حوالي سان ٻڌائي ٿو ته: هر اُها اچاريل صورت جا آزاد هجي يا پابند، جنهن کي مطلب وارن جزن يا ٽڪرن ۾ ورهائي نه سگهجي، تنهن کي ’صرفيه‘ (روپيو) سڏجي ٿو. ڪي عالم ساڳيءَ ڳالهه کي ٻين لفظن ۾ هيئن به بيان ڪن ٿا ته: ’روپيو‘ اهو ننڍي ۾ ننڍو معنادار جزو آهي، جنهن ۾ ڪنهن به هڪ ’ٻول‘ (لفظ) کي ورهائي سگهجي – هر آجي ٽوڙي باندي صورت هڪ ’روپيو‘ سڏجي ٽي. /سُٹيو، ڪُٹيو، ڏُچر، آڃاڻ، عقلمند، آسوند ۽ ڏِنل/ جهڙن ٻولن (لفظن) ۾ /سُ-، ڪُ-، ڏُ-، ۽ آ-/ جهڙا ’اڳجوڙ‘ /پَتِ، چَر، ڃاڻ، عقل ۽ ڏِنَ/ جهڙيون آجيون صورتون ۽ /- مند، - وند ۽ - ال/ جهڙا ’پُنجوڙ‘ هڪ هڪ روپيو آهن.” (ٻرڙو، 2007: 99)

محبت ٻرڙي جي انهيءَ قائم ڪيل راءِ مان هيءُ نتيجو نڪري ٿو ته: صرفيه (روپيو) هڪ ننڍي ۾ ننڍو معنادار جزو آهي، جيڪو اڳتي ٽوڙڻ سان وڌيڪ معنادار پاڳن ۾ ورهائي نٿو سگهجي، پر جيڪڏهن اڃا به اُن کي وڌيڪ حصن ۾ ورهائڻ جي ڪوشش ڪبي ته اُن مان حاصل ٿيندڙ حصا بي معنيٰ ٿي ويندا، يعني انهن جي اڪيلي سر ڪا به معني نه رهندي.

محبت ٻرڙي جي وڌيڪ راين جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس هيٺ 'لفظ' واري بيان ۾ ڪبو، جنهن ۾ محبت ٻرڙي جي تحقيقي ڪم سميت ٻين عالمن جي ڪمن جو پڻ تقابلي جائزو ورتو ويندو.

5.3 لفظ - معنيٰ ۽ وصف

- لفظُ ج لفظَ: ذ. (عن. لفظ) حرف – اکر – ڪلمو – ٻول – چَولِي – ڳالهه – مُنهن (زبان) مان ٻاهر نڪتل اکر. وَچَن – انجام – ٻول – قرار – گارگند (هن لفظ ڪيا). (بلوچ، 2007: 210)
- لفظُ. حرف، مذڪر اسم حرفُ. (عباسي، 1993: 602)
- لفظ ج الفاظ – اکر. لفظ – جملو. (جلباٹي، 1990: 1243)
- لفظ – شبد، ڪلمو، ڳالهه، وچن، واعدو، گفتگو، ڪلام. (ابڑو، 2010: 2057)
- لفظ: مص – کلمات جو بولے جائیں – کلام۔ ج الفاظ۔ (معلوف، ؟: 🖱🗀🗎)
- لفظ (ع-ا-مذ) وہ بامعنی کلمہ، جو مُنہ سے نکلے۔ (فیروز سنز، 🗎🗀🗀🖮: ⌛🗐🗎)
- لفظ: جو مُنہ سے نکلے۔ (کریم الدین، ؟: 🖱🗎)

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ جي وصف ۽ تشريح بابت لسانيات جي ڪيترن ئي ماهرن لکيو آهي، پر اهي گهٽو ڪري هڪ ئي وصف تي اتفاق ڪري نه سگهيا آهن، پر مٿي ڄاڻايل مواد جي اڀياس کان پوءِ ڇئي سگهجي ٿو ته:

لفظ، ٻوليءَ جو معنادار يونٽ آهي. ٻين لفظن ۾ لَفظُ، مختلف معنادار حرفن ۽ مختلف آزاد ۽ پَروس صورتن جو ميڙ آهي، جيڪو ٻوليءَ جو وياڪرڻي مفهوم ۽ ڪارج رکي ٿو. هن کان سواءِ ڪا به ٻولي اٽپوري ۽ نامڪمل آهي. مثال طور: "احمد سنو چوڪرُ آهي". هن جملي تي غور ڪبو، ته اُن جا 4 يونٽ

يا 4 حصا نظر ايندا: (1) احمد، (2) سنو، (3) چوڪرُ ۽ (4) آهي. وري غور ڪبو ته هرهڪ يونٽ ۾ مختلف حرف نظر ايندا: 1 ۾ چار، 2 ۾ ٽي، 3 ۾ چار ۽ 4 ۾ ٽي. وري غور ڪبو ته هرهڪ يونٽ جي صورت، پنهنجي پنهنجي آهي. غور ڪبو ته اها صورت مختلف حرفن جي خاص ترتيب اچڻ سان جُڙي ٿي.

هن ترڪيب يا چيد مان اها خبر پوي ٿي ته هر هڪ صورت جو ڪارج حرفن جي ڪري ئي جُڙي ٿو. چئبو ته لفظ جي جوڙجڪ ۾ حرف وياڪرڻي ڪارج رکن ٿا، چو ته حَرفَ ئي لفظ جا بنيادي جُزا آهن، جن کي لکيت جي صورت ۾ ظاهر ڪجي ٿو. اُهي جزا، ايستائين وياڪرڻي مقصد حاصل نٿا ڪن، جڏهن اُهي ڪنهن خاص ترتيب ۾ گڏجي ڪنهن لفظ کي تخليق نٿا ڪن.

ڊاڪٽر مرليڏر جيٽلي 'لفظ' کي اها 'آزاد صورت' سڏي ٿو، جيڪا اڪيلي سر مڪمل معنيٰ فراهم ڪري ٿي. هو پنهنجي مقالي "سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظ" ۾ لکي ٿو ته: "ڪا به معنيٰ واري صورت، جيڪا مجرد طور اچارجي ٿي، انهن ۾ هرڪا آزاد صورت، لفظ آهي." (جيٽلي، 1990: 25-42)

ڊاڪٽر جيٽلي مثال طور شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مشهور بيت:

سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست! منا دلدار، عالم سپ آباد ڪرين.

پيش ڪيو آهي. سندس راءِ موجب، بيت ۾ ڪُل 13 'آزاد صورتون' موجود آهن، جيڪي اڪيلي سر معنيٰ دار آهن، يعني هرهڪ آزاد صورت، 'لفظ' آهي.

پروفيسرعلي نواز جتوئيءَ لفظ جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي:

"لفظ اُهو اُچاريل ايڪو آهي، جو اڪيلي سر ٻوليءَ ۾ بامعنيٰ مستقل حيثيت رکي ٿو." (جتوئي، 1983: 110)

ڊاڪٽر غلام علي الانا 'لفظ' جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"لفظ، مفرد يا خودمختيار صرفيه ۽ پروس صرفيه جي ميل، يا ٻن يا ٻن کان وڌيڪ صرفين ملائڻ سان ٺهن ٿا." (الانا، 1987: 33)

ڊاڪٽر الانا جي راءِ موجب، لفظ جي ساخت ۾ ستاءَ ’صرفيه‘ مان جُڙندي آهي ۽ صرفيه – آزاد ۽ پروس صورتن تي مشتمل ٿين ٿا، جيڪي وڌيڪ ننڍي ۾ ننڍن معنيٰ دار جُزن ۾ پڃي نٿا سگھجن.

پروفيسر جتوئيءَ جي ’لفظ‘ جي باري ۾ بيان ڪيل مٿئين وصف، ڊاڪٽر الانا جي بيان ڪيل وصف جي پيٽ ۾ وڌيڪ واضح آهي، ڇو ته ڊاڪٽر الانا جي لفظ جي باري ۾ پيش ڪيل وصف، ’صرفيه‘ ۽ ’لفظ‘ جي سمجھڻ ۾ نه رڳو ابهام پيدا ڪري ٿي، پر هڪ وڏو تضاد به پيدا ڪري ٿي، ڇو ته اها هڪ ئي وصف ٻنهي يعني ’صرفيه‘ ۽ ’لفظ‘ کي پنهنجي تحويل ۾ ونڻي بيهي ٿي، جنهنڪري ائين ٿيسهڻ لڳي ٿو ته ’صرفيه‘ ۽ ’لفظ‘ جدا نه، بلڪ هڪ ئي شيءَ آهي. ان تضاد جو مفصل تنقيدي اڀياس، هيٺ موضوع مطابق، محبت ٻرڙي جي ’لفظ‘ بابت پيش ڪيل وصف ۽ ان جي وضاحت ۾ ڪجي ٿو.

5.4.1 ’لفظ‘ جي وصف بابت محبت ٻرڙي جي قائم ڪيل راءِ – هڪ تنقيدي اڀياس

محبت ٻرڙي، لفظ جي وصف بيان ڪرڻ کان اڳ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ پروفيسر جتوئي طرفان قائم ڪيل وصفن جو تنقيدي اڀياس ڪيو آهي، جنهن ۾ بي بلاخ ۽ جي.ايل. ٽرئگر جي حوالي سان آندل ’لفظ‘ جي تشريح کي ڊاڪٽر الانا ’نئين‘ ۽ ’انوکي‘ راءِ قرار ڏنو آهي.

- ”لفظ (مفرد) اهو ننڍي ۾ ننڍو خود مختيار روپ آهي، جيڪو وڌيڪ بامعنيٰ حصن ۾ قطعي طور ٽُٽي نه سگھي. اهڙي بامعنيٰ خودمختيار صورت کي ’لفظ‘ (مفرد) چئبو.“ (الانا، 1987: 21)

محبت ٻرڙو ’لفظ‘ جي وصف جو تنقيدي جائزو ونڻندي لکي ٿو ته:

”ڏيان سان ڏٺو وڃي ته اها ’لفظ‘/ ٻول جي وصف ناهي، اها ته مفرد لفظ يعني ’سادي ٻول‘ جي وصف آهي ۽ انکري ئي ڊاڪٽر الانا کي ڏنگيءَ ۾ ’مفرد‘ لکڻو پئجي ويو آهي. اصولن، لفظ/ ٻول جي وصف اهڙي هئڻ گھرجي، جيڪا رڳو ’مفرد‘ لفظ جي وصف ۽ وضاحت تائين محدود رهجي ويل نه هجي پر ٻول جي سمورن قسمن کي گڏيل نموني سان بيان ڪندي هجي. ڊاڪٽر الانا پاڻ جيڪا وصف ڏني، اها کي قدر وڌيڪ بهتر معلوم ٿئي ٿي، پر اُن جي پيٽ ۾ پروفيسر جتوئيءَ جي بيان ڪيل (مٿين) وصف وڌيڪ بهتر آهي.“ (ٻرڙو، 2007: 101)

محبت ٻرڙي ’لفظ‘ جي وصف بيان ڪندي وڌيڪ لکيو آهي ته:

”ٻول (لفظ) ڳالهايل ٻوليءَ جو هڪ ايڪو آهي. اهڙي قسم جي اورپ (utterance) کي ظاهر ڪندڙ، لکيل نشان ’لفظ‘ آهي. آواز يا آوازن جو اهو ميڙ، جيڪو ڪنهن به ٻوليءَ جي گرامر يا ’ٻول – ڪاٽ‘ (vocabulary) جو ايڪو جوڙيندڙ هجي. هڪ ٻول (لفظ)، ٻوليءَ جو اهو ننڍي ۾ ننڍو يا وڏي ۾ وڏو ايڪو آهي، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ ننڍي ۾ ننڍي خودمختار معنيٰ دار جزي کان ويندي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ آجين (آزاد) توڙي باندي (پابند) صورتن تي ٻڌل ٿي سگهي ٿو.” (حوالو ساڳيو، ص 101)

محبت ٻرڙي جي راءِ مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:

- لفظ، ڳالهايل ٻوليءَ (spoken language) جو ايڪو آهي.
- لفظ، اورپ (گفتگو utterance) جي لکيل صورت آهي.
- لفظ، آواز يا آوازن جو بامعنيٰ ميڙ آهي.
- لفظ، گرامر يا ’ٻول – ڪاٽ‘ (vocabulary) جو ايڪو جوڙيندڙ آهي.
- لفظ، ٻوليءَ جو ننڍي ۾ ننڍو ۽ وڏي ۾ وڏو ايڪو آهي.
- لفظ، ننڍي ۾ ننڍي خودمختيار ۽ معنادار جزي کان ويندي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ آزاد ۽ پروس صورتن تي مشتمل ٿي سگهي ٿو.

هيٺ ’لفظ‘ جي درجيبندي ڪرڻ کان اڳ ’لفظ‘ سان ڳنڍ (affix) طور شامل ٿيندڙ صورت (form) جو اڀياس پيش ڪجي ٿو، جو ’صورت‘ جي سمجهڻ کان سواءِ ’لفظ‘ کي پوريءَ طرح سمجهڻ ڏُشوار آهي.

5.5 ’صورت‘ (form) ۽ ان جا قسم

5.5.1 وصف

لسانيات ۾ ’صورت‘ (form) جي اصطلاح کي وياکرڻي اهميت حاصل آهي ۽ هن بابت ٻوليءَ جي ماهرن سميت مختلف لغتن ۽ ٻوليءَ جي ڪتابن ۾ معلومات ڏني ويئي آهي.

- ’صورت‘ جي باري ۾ چيمبرس ڊڪشنريءَ ۾ هن طرح ڄاڻايل آهي ته: ”گرامر (وياکرڻ) جو ڪو به عنصر، جنهن مان لفظ ۽ جملا ٺاهيا ويندا آهن.“
- اوڪسفرڊ ڊڪشنريءَ مطابق: ”ڪنهن لفظ جي اختيار ڪيل شڪل، ڊول“. (ابڙو، 2010: 685)

- ڈاڪٽر غلام علي الانا جي راءِ موجب: "ماڻهوءَ جي گفتگو مختلف معنيٰ دار جزن تي ٻڌل ٿئي ٿي، انهن ۾ هر جُزي کي 'صورت' چئجي ٿو، مثلاً: ' هن سچ ڳالهايو' هن ۾ /هِن/، /سچ/ ۽ /ڳالهايو/ الڳ الڳ صورتون آهن." (الانا، 1987: 17)

ڈاڪٽر الانا جي متِين راءِ جو اڀياس ڪندي خبر پوي ٿي ته ٻوليءَ ۾ 'صورت'، هڪ معنيٰ دار جزو ٿئي ٿي، يعني جاڻايل مثال ۾ /هِن/، /سچ/ ۽ /ڳالهايو/ ٽي مختلف معنيٰ دار جزا آهن. اهڙي نموني /اسان/، /هن/، /خبر/، /پُٽ/ ۽ /ٻار/ به اڪيلي سر الڳ الڳ لفظن جون صورتون آهن.

هن بحث مان لفظ 'صرفيه' جي صورت ۾ هڪ تضاد اُپري ٿو، جو ته 'صورت' جي باري ۾ ڈاڪٽر الانا جيڪا وصف بيان ڪئي آهي، اُها ساڳي وصف 'لفظ' ۽ 'صرفيه' جي باري ۾ به ادا ڪئي آهي. پروفيسر علي نواز جتوئي به اُها ساڳي وصف 'لفظ' جي بيان ۾ ڪم آندي آهي. هو لکي ٿو ته:

"هر ٻوليءَ جو ڳالهائيندڙ جاڻي ٿو ته ڪهڙا اُچاريل ٽڪرا سندس ٻوليءَ ۾ 'لفظ' جي حيثيت رکن ٿا. مثلاً ڪهڙي به سنڌيءَ کان پڇبو ته هيٺئين جملي ۾ گهٽا لفظ آهن؟

"سردار خان کي پنهنجي وڏي ماڻهپي جو هَٿُ ڪونهي."

ته ڳڻي چوندو، "ست". پڇبس ته "ڪهڙا؟" ته چوندو:

هڪ – سردار خان،

ٻيو – کي،

ٽيون – پنهنجي،

چوٿون – وڏ ماڻهپي،

پنجون – جو،

ڇهون – هَٿُ،

ستون – ڪونهي.

هو سوچڻ کان سواءِ جاڻي ٿو ته اهي اُچاريل ٽُڪرا، روزمرهه جي ٻوليءَ ۾ وري وري استعمال ٿين ٿا ۽ معنيٰ رکن ٿا؛ اُنهن مان هرهڪ کي 'لفظ' سڏجي ٿو." (جتوئي، 1983: 109-110)

پروفيسر جتوئيءَ ’لفظ‘ جي باري ۾ مٿي جيڪي ڪجهه لکيو آهي، اها ’لفظ‘ جي وصف نه، پر اُن جي تشريح بيان ڪئي آهي. ’لفظ‘ جي وصف هو مٿي ٻن سٽن ۾ بيان ڪري چڪو آهي.

محبت ٻرڙو – پروفيسر جتوئي ۽ ڊاڪٽر الانا جي پيش ڪيل وصفن کي ’صرفيه‘/ ’صرفيو‘ جي وصف قرار ڏئي ٿو ۽ گڏوگڏ انهن ۾ موجود پابند ۽ آزاد صورتن جي به ڳالهه ڪري ٿو، جيڪي ’لفظ‘ جو جزو (component) ٿيندڙ آهن. هو لکي ٿو ته:

”پروفيسر جتوئي (1983: 112) ۽ پي. بلاخ ۽ جي.ايل. ٽرئگر جي حوالي سان ٻڌائي ٿو ته: هر اُها اچاريل صورت جا آزاد هجي يا پابند، جنهن کي مطلب وارن جزن يا ٽڪرن ۾ ورهائي نه سگهجي، تنهن کي ’صرفيه‘ (روپيو) سڏجي ٿو. ڪي عالم (جن ۾ ڊاڪٽر الانا به شامل) ساڳي ڳالهه کي ٻين لفظن ۾ هيئن به بيان ڪن ٿا ته ’روپيو‘ (صرفيه) اهو نندي ۾ نندو معنيٰ دار جزو آهي، جنهن ۾ ڪنهن به هڪ ٻول (لفظ) کي ورهائي سگهجي – هر آجي (آزاد) توڙي باندي (پابند) صورت هڪ روپيو (صرفيه) سڏجي ٿي. /سُپتيو، ڪُپتيو، ڏُڇَر، اڇاڙ، عقلمند، آسِروند ۽ ڏَنل/ جهڙن ٻولن (لفظن) ۾ /سُ-، ڪُ-، ڏُ- ۽ آ-/ جهڙا اڳجوڙ (اڳياڙي) /پت، ڇَر، ڇاڙ، عقل ۽ ڏَنَ/ جهڙيون آجيون (آزاد) صورتون ۽ /- مند، - وند ۽ - ال/ جهڙا پٺجوڙ اڳياڙيون هڪ هڪ رپيو (صرفيه) آهن.“ (ٻرڙو، 2007: 99)

محبت ٻرڙي جي مٿين راءِ کي ڊاڪٽر الانا ۽ پروفيسر جتوئيءَ جي هيٺين راين جي تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي:

نندي ۾ نندو معنيٰ دار ايڪو

نندي ۾ نندي معنيٰ دار جزي مان مطلب، اهو پاڻو، جنهن کي اُنا کان وڌيڪ معنيٰ دار حصن ۾ ٽوڙي نه سگهجي، پر جي ٽوڙجي ته ان مان ملندڙ حصن جي مطلب ۽ معنيٰ ۾ ڦير اچي وجي. (الانا، 1987: 20، ايڇ.اِي گليسان جي حوالي سان)

- ابتدائي لفظ کي ’سادو لفظ‘ (simple word) به چئجي. هي اُهي ٻولَ آهن، جي ٽوڙي نٽا سگهجن. اگر انهن کي پڇبو ته اُن جا جزا بي معنيٰ (meaningless) بڻجي پوندا. (”مطلب“ مان مراد لغوي معنيٰ نه آهي، مگر اهڃاڻي معنيٰ آهي) مثلاً /کَتَ/ جا ٻه جزا ٿي سگهن ٿا: هڪ /کَ/ ۽ ٻيو /تَ/ اِهي ٻئي اتي بي مطلب آهن، ڇاڪاڻ ته سادي لفظ جي صورت کي گهٽائي اُن مان ڪو به سالم لفظ معنيٰ وارو ڪِڍي نٽو سگهجي، تنهنڪري کيس نندي ۾ نندي آزاد صورت (minimum free

(form به سڏجي ٿو. (جتوئي، 1983: 110، بي. بلاخ ۽ جي.ايل. ٽرئگر جي حوالي سان)

/آڃاڻ/ کي وڌيڪ /آ-/ ۽ /ڃاڻ/ ۾ پيچي سگھجي ٿو، جن مان هرهڪ جي ٻول (لفظ) جي اشتقاق ۾ هڪ معنيٰ آهي، پر /ڃاڻ/ کي اڃا وڌيڪ ٻن جزن /ڃا/ ۽ /ڻ/ ۾ پيجبو، ته اِتي اِهي ٻئي جزا بي معنيٰ ٿي پوندا.

’ننڍي ۾ ننڍي معنادار ايڪي‘ جي مٿي ڏنل وصف کي ذهن ۾ رکي، پروفيسر جتوئي پاران پابند صورت طور ڏنل ڪجهه مثال جيئن: /سَچ-ً، ڪُنپ-ً، چَم-ً، ڏَڻ-ً/ وغيره تي هڪ ڀيرو وري سوچڻ جي دعوت ڏجي ٿي. ڇا اِهي ننڍي ۾ ننڍي معنيٰ دار جزي جي وصف تي پورا نٿا لهن؟ جي، ”ها“ (۽ محبت ٻرڙو ”ها“ ئي چوي ٿو) ته انهن کي ’سادو لفظ‘ مڃڻو پوندو.

/سَچ-ً، ڪُنپ-ً، ڏَڻ-ً، چَم-ً/+ا= سَچُ، ڪُنپُ، ڏَڻُ، چَمُ + /آ/= سَچَ، ڪُنپَ، چَمَ.

ڏسي سگھجي ٿو ته /اُ/ ۽ /آ/ لفظن ۾ واحد ۽ جمع (۽ مذڪر) جو مطلب وڌائين ٿا ۽ لفظ (ٻول) جي بنيادي معنيٰ جيئن جو تيئن برقرار رهي ٿي. ڇئبو ته انهن لفظن کي پنهنجي هڪ معنيٰ آهي ۽ اهي پنهنجي ذاتوئي صورت ۾ عدد ۽ جنس کي ظاهر نٿا ڪن. سنڌي ٻوليءَ جو هر ذاتو ٻول (لفظ)، هر هر ثابت ٿيندو ته، پنهنجيءَ اصولي صورت ۾ ڪنهن به عدد، جنس ۽ حالت کي ظاهر نٿو ڪري.

5.5.2 ’صورت‘ جا قسم

’صورت‘ جا بنيادي طرح ٻه قسم – خودمختار (Free) ۽ پَرَوَس يعني پابند (Bound) ٻڌايا ويا آهن.

5.5.2.1 آزاد يا خودمختار صورت (Free Form)

اها صورت (Form)، جيڪا گفتگوءَ ۾ اڪيلي سر ڪتب ايندي هجي ۽ ڪنهن ٻئي جي ماتحت نه رهي، ته ان ’جزي‘ (Component) کي ٻوليءَ جا ماهر ’آزاد‘ يا ’خود مختار‘ صورت سڏين ٿا. پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته:

”هي اهڙيون صورتون (forms) آهن، جيڪي پنهنجي سر سالم سادا لفظ ٿي ڪم اچن ٿيون، جهڙوڪ: /سنگ/، /جان/، /خدا/ ۽ /پاڻ/ وغيره. اهڙين صورتن کي ’آزاد صورتون‘ (Free form) سڏجي ٿو.“ (جتوئي، 1983: 112)

مٿي ڏنل صورتون /سنگ/، /جان/، /خدا/ ۽ /پاڻ/ وغيره پروفيسر جتوئيءَ جي راءِ موجب روزمرهه جي زندگيءَ ۾ گفتگوءَ دوران استعمال هيٺ اچن ٿيون ۽ اُهي سنڌي زبان ۾ سادي لفظ طور ڪم اچن ٿيون. ٻين لفظن ۾ اُهي وڌيڪ معنيٰ دار جزن ۾ نٿيون ٽٽن، ته اهڙين صورتن کي 'خودمختار' صورتون چئجي ٿو.

5.5.2.2 پابند يا پَر- وَس صورت (Bound form)

گفتگوءَ دوران لفظ جو ڳالهايل اهو جزو يا صورت جيڪا 'خودمختار' صورت جي محتاج هجي، يعني اها صورت يا جزو اڪيلي سر ڪو به مفهوم نه رکندو هجي، پر اُن جو صرفيائي مفهوم ۽ ڪارج تڏهن بڻجندو هجي، جڏهن اهو جزو يا صورت ڪنهن ٻي خودمختار يا آزاد صورت سان نٿي ملي، ته اهڙي 'صورت' يا 'جزي' کي 'پابند' صورت (Bound form) چئجي ٿو.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي 'پابند صورت' کي 'معنيٰ پري صورت' سڏي ٿو. هن لکيو آهي ته:

"ڪا به معنيٰ پري صورت، جيڪا گفتگوءَ ۾ اڪيلي ڪم نٿي اچي، پر ٻئي لفظ ۾ ملي ڪم اچي ٿي، ان کي 'پَر وَس صورت' (Bound form) چئجي ٿو." (جيٽلي، 1990: 42-25)

جيٽلي مثال طور – سُڪار، – سُٻَت، – سُڳَندَ، – سَويل وغيره لفظ ڪتب آندا آهن، جن ۾ ڪار، – پَت، – گَندَ، – ويل لفظن جي آڏو لڳل 'سُ' کي پابند صورت قرار ڏئي ٿو. 'سُ' جي باري ۾ لکي ٿو ته:

" 'سُ–' به هڪ معنيٰ دار جزو آهي، جيڪو گفتگوءَ ۾ اڪيلي سر استعمال نه ڪبو آهي، پر اهو لفظ جي منڊ ۾ مليل ٿئي ٿو." (حوالو ساڳيو)

پروفيسر علي نواز جتوئي 'پابند' صورت جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"اهڙيون صورتون، جيڪي پنهنجي مُنهن لفظ ٿي ڪم اچي نٿيون سگهن، مگر ٻين (آزاد) صورتن سان ملي لفظ ٿي پون ٿيون، جهڙوڪ: /سَچ ْ/، /ڪُنپ ْ/، /سون ْ/، /لوهه ْ/، /چَم ْ/، /آر ْ/، /ايرو/ وغيره. اهڙين صورتن کي 'پابند' صورت سڏجي ٿو." جتوئي، 1983: 112)

پروفيسر جتوئيءَ جي پيش ڪيل مثال کي ڏسجي ٿو ته انهن مان ڪجهه صورتون - /سَچ ْ/، /سون ْ/، /ڪُنپ ْ/، /لوهه ْ/، /چَم ْ/ 'پابند' بجاءِ 'آزاد' يا ذاتوئي صورت آهن. البت /آر/ ۽ /ايرو/ وغيره پابند صورتون نظر اچن ٿيون، ڇو ته اُهي اڪيلي سر ڪو به وياڪرڻي مفهوم ادا نٿيون ڪن، پر جڏهن اُهي

ڪنهن خودمختار صورت /ڪُنپ+آر/ = /ڪنپار/، /لوهه+آر/=/لوهار/، /چم+آر/=/چمار/ ۽ /سون+آر/=/سونار/ وغيره سان ملن ٿيون، تڏهن وياڪرڻي مفهوم ادا ڪن ٿيون. اهڙي طرح /آر/ پابند صورت جڏهن خودمختار صورتن - /وڏ+ايرو/=/وڏيرو/، /ننڍ/ايرو/=/ننڍيريو/، /چگ+ايرو/= /چگيرو/، /سچ+ايرو/=/سچيرو/ ۽ /مٽ+ايرو/=/مٽيرو/ وغيره سان ملي ٿي، تڏهن ان مان وياڪرڻي مفهوم نڪري ٿو.

'پابند' يا 'پَر – وَس' صورت جي باري ۾ ڊاڪٽر الانا جي وضع ڪيل وصف ۽ اپٽار، پروفيسر جتوئيءَ جي پيش ڪيل وصف جي پيٽ ۾ وڌيڪ واضح ۽ چٽي آهي. ٻنهي عالمن جي پيش ڪيل 'صورتن' جي مطالعي بعد خبر پوي ٿي ته انهن ٻنهي عالمن جي ڇاڻايل مثالن يعني 'خودمختار' صورتن سان گڏ 'پابند' يا 'پَر – وَس' صورتن جي ملائڻ سان جيڪي 'صورتون' يا 'لفظ' ٺهن ٿا، انهن جي پٺيان 'پابند' صورتن جو وياڪرڻي مفهوم هن طرح ظاهر ٿئي ٿو:

- /سَچْ+آر/ =/سچارُ/. پابند صورت /آر/ (پڇاڙي (Suffix) طور)
- /ڪُنپْ+آر/ =/ڪنپار/. پابند صورت /-آر/ =
- /سونْ+آر/ =/سونار/. = = =
- /لوهه+آر/ =/لوهار/. = = =
- /چَمْ+آر/ =/چمار/. = = =
- /وڏْ+ايرو/ =/وڏيرو/. = /-ايرو/ =
- /ننڍْ+ايرو/ =/ننڍيرو/. = = =
- /چگْ+ايرو/ =/چگيرو/. = = =
- /سچْ+ايرو/ =/سچيرو/. = = =
- /مٽْ+ايرو/ =/مٽيرو/. = = =
- /آسرْ+وند/ =/آسروند/. = /-وند/ =
- /عقلْ+مند/ =/عقلمند/. = /-مند/ =
- /وچْ+ٽو/ =/وچٽو/. = /-ٽو/ =
- /پُٽْ+ايتو/ =/پُٽيتو/. = /-ايتو/ =
- /ڏَڻ+ال/ =/ڏڻل/. = /-آل/ =
- /لکْ+يل/ =/لکيل/. = /-يل/ =
- /آ/+جاڻ/ =/آجاڻ/. = /آ-/ اڳياڙي (Prefix) طور

- /اڻ+هوند/ =/اٿهوند/. = /آڻ-/ =
- /سُ+چيت/ =/سُچيت/. = /س-/ =

5.5.3 ’خودمختار‘ ۽ ’پابند‘ صورت بابت محبت ٻرڙي جي راءِ: هڪ تنقيدي اپياس

محبت ٻرڙي ’خودمختار‘ ۽ ’پابند‘ صورتن بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ ٻين عالمن جي راين جي تناظر ۾ تفصيلي روشني وڌي آهي. محبت ٻرڙي ’خودمختار‘ يا ’آزاد‘ صورت لاءِ ’آجي‘ ۽ ’پابند‘ يا ’پَر-وَس‘ صورت لاءِ ’باندي‘ جا اصطلاح ڪم آندا آهن. موصوف کي اهڙي حالت ڇو پيش آئي جو هُن مستعمل صورتن – ’خودمختار‘ (آزاد) ۽ ’پابند‘ (پَر-وس) کي رد ڪري ’آجي‘ ۽ ’باندي‘ جهڙا اصطلاح ڪم آندا. ٻوليءَ ۾ نوان اصطلاح تڏهن ڪم آٿبا آهن، جڏهن انهن جي اشد ضرورت هجي يا انهن جو ڪو متبادل يا معقول لفظ موجود ئي نه هجي، پر هتي ته اهڙي کا به صورتحال موجود نه آهي جو موصوف کي انهن ٻنهي مروج اصطلاحن – (’خودمختار‘ ۽ ’پابند‘) کي رد ڪرٽو پئجي ويو آهي!

محبت ٻرڙي ’پابند‘ يا ’پَروس‘ صورت جي حوالي سان ڊاڪٽر الانا جي راءِ مان هيٺيان نتيجا ڪڍيا آهن:

- باندي (پابند) صورت – اڪيلي سر ڪم نه ايندي آهي، ۽ اڪيلي سر معنيٰ دار نه هوندي آهي.
- باندي (پابند) صورت جو ڪارج، آجي (خودمختار) صورت جي وس ۾ هوندو آهي.
- باندي (پابند صورت، اڳجوڙ (اڳياڑي، Prefix) يا پُٺجوڙ (پچاڑي، Suffix) جي روپ ۾ ڪم اچي ٿي ۽ معنيٰ دار ٿئي ٿي.

محبت ٻرڙي، ’باندي‘ يا ’پر-وس‘ صورت جي حوالي سان پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي راءِ مان هن طرح نتيجا ڪڍي ٿو:

- پابند صورت – اڪيلي سر لفظ ٿي، ڪم نٿي اچي.
- پابند صورت – ٻيءَ صورت يا ٻين صورتن سان ملي لفظ جي حيثيت ماڻي ٿي.

پروفيسر جتوئي ’معنى‘ ۽ (اڳ- يا پُٺ-) ’جوڙ‘ هجڻ يا نه هجڻ جو شرط نٿو رکي. سندس خيال آهي ته /سَچْ-، ڪُنپْ-، لوهْ، چَمْ-، ڏَڻْ-/ وغيره صورتون جيئن ته پنهنجي منهن ’لفظ‘ ٿي ڪم نٿيون اچن، تنهنڪري باندي

صورتون آهن ۾ اهي ’لفظ‘ تڏهن ٿيندیون جڏهن ڪنهن ٻيءَ صورت سان ملن. ڊاڪٽر الانا شرط رکي ٿو ته باندي صورت اڳ- يا پٺ- جوڙ ٿي ڪم اچي ٿي ۽ پوءِ اتي ان لفظ/ٻول ۾ معنادار ٿئي ٿي، اڪيلي صورت هئڻ جي حالت ۾ ان جي ڪا به معنی نه آهي. هتي سوال ٿو اٿي ته چا /سَـچْ-، چَـمْ-، ڪُنپ-، ڏَڻْ-/ وغيره صورتن جي اڪيلي سر ڪا به معنی نه آهي؟ جي معنی آهي، ته ڊاڪٽر الانا پاران ڏنل وصف موجب انهن صورتن کي باندي صورت سڏي نٿو سگهجي. پر پروفيسر جتوئي معنی جو ڪو به شرط نٿو رکي، پاڻ رڳو اڪيلي سر ڪم اچڻ جو شرط رکي ٿو يعني اُهي يا اهڙيون صورتون جيڪڏهن اڪيلي سر ڪم ايندیون ته انهن کي باندي صورت نه چئبو، پر اُن کي لفظ/ٻول چئبو.

”هو ته سچ پچ سمهيو پيو آهي.“

ان جملي ۾ /سَچ/ لفظ جي آوازن تي ڌيان ڏيو. چا ان جملي ۾ استعمال ٿيل لفظ /سَچُ/ (=[س+آ]+[چ+اُ]) آهي يا /سَچْ/ (=[س+آ]+[چ])؟ ۽ چا ان جملي ۾ /سچ/ جي ڪا معنی آهي يا نه؟

محبت ٻرڙي جي راءِ موجب، ان جملي ۾ ڪم آيل لفظ /[س+آ]+[چ]/ آهي ۽ جملي ۾ انهيءَ جي هڪ معنی به آهي، تنهنڪري /سَچْ/ ۽ اهڙين ٻين صورتن کي ’باندي صورت‘ سڏي نٿو سگهجي.

/پروَس/ لفظ ۾ /پَر/ ۽ /وَس/ کي ٻه آجيون صورتون قرار ڏيندي /پروَس/ کي ڊاڪٽر الانا هڪ مرڪب (compound) لفظ قرار ڏئي ٿو، پر /پرديس، پرڏيهه، پرذات، پرڪنڌ، پرمار ۽ پرواس/ جهڙن لفظن ۾ /پر/ کي هڪ آجي صورت سڏبو يا باندي؟ ڄاڻايل ٻولن ۾ /پر/ هڪ اڳجوڙ طور ڪم آيل آهي.

/ڏُڪر يا ڏڪار/ ۽ /سُڪر يا سڪار/ ۾ /ڪر يا ڪار/ هڪ آجي صورت آهي پر /ڪنگهڪر يا ڪنگهڪار/ ۾ /ڪر يا ڪار/ کي هڪ آجي صورت سڏبو يا باندي؟ ڄاڻايل لفظ ۾ /ڪر يا ڪار/ هڪ پٺجوڙ آهي. محبت ٻرڙي جي نظر ۾ اهڙا ڪي ئي اڳجوڙ ۽ پٺجوڙ ٿي ڪم ايندڙ لفظ موجود آهن جيڪي اڪيلي سر به هڪ معنی کي ظاهر ڪن ٿا.

هڪ لفظ /اٽاڻ/ آهي.

(1) /پاٽياڻ، لوٽاڻ، ڪلراڻ/ وغيره ٻولن ۾ /-آڻ/ هڪ پٺجوڙ آهي ۽ لفظ جي اشتقاق ۾ واسطيدار شيءِ جي ”هجڻ“، ”جهڙو“، ”وارو“ جي معنی پڌري ڪري ٿو.

(2) /اٽپورو، اٽ ڏوتل، اٽپچيو، اٽهوند/ وغيره لفظن ۾ /اٽ-/ هڪ اڳجوڙ آهي ۽ لفظ جي اشتقاق ۾ "نه"، "کان سواءِ"، "ڪجهه ڪُٽل" وغيره جي معنی ڏئي ٿو.

/آٽ/ ۽ /اٽ/ (اڳ- يا پٽ-) جوڙ ٿي ڪم اچڻ باوجود ڇا اڪيلي سر ڪا معنی رکن ٿا يا نه؟

'جامع سنڌي لغات' ٻڌائي ٿي:

- آٽِ ج آٽون: ث. [سن. آوَشيش = بقايا، اوبر] ڪنهن شيءِ جو اڇلائڻ يا نه کائڻ جهڙو حصو. چيچڙو (گوشت جو)- اوٽ. بچيل کاڌو - جُوٽِ - اوبر. پچاڙيءَ واري ڳالهه. دنگ - حد - چيهه.
- آٽ تي بيهڻ: ...
- آٽو: [سن. اُچّشَٹ = اوبر؛ آشُد = ناپاڪ] ...

'آوشيش'، 'آچشٹ' ۽ 'آشُد' کي /آٽ/ جو بنياد قرار ڏيندڙ 'جامع سنڌي لغات' وڌيڪ ٻڌائي ٿي:

- آٽڻ: مصدر. [سن. 1- آسـْـٹَرنْ (آ= چڱيءَ طرح+سـْـٹا= چُرڻ کان بس ڪرڻ، بيهڻ)، 2- آشـْـٹَريه = مٹي تَرِي بيڙل] ...
- آٽارڻ : 'آٽڻ' مصدر مان متعدي [سن. آ= چڱيءَ طرح + سـْـٹِر = قائم ...]
- آٽيرڻ : 'آٽڻ' مصدر مان متعدي ...
- آٽڻ : مصدر [سن. آسـْـٹَرن = آٽرائڻ] ...

معلوم ٿيو ته /آٽ/ جو ڏاتو ' آوشيش'، /آٽو/ جو ڏاتو اچشٹ يا 'اشد'، /آٽڻ/ جو ڏاتو 'آسترن' يا 'آستا' يا 'آشتريه' ، /آٽارڻ/ جو ڏاتو 'آستر' ۽ /آٽڻ/ جو ڏاتو 'آستَرن' آهي يعني ڏاتو جي حوالي سان 'آٽ' جو 'آٽو' سان ۽ انهن ٻنهي جو 'آٽڻ' سان ڪو تعلق ناهي!

- 'آٽ' جي حقيقي بناوت ڪيئن آهي، انهيءَ کي الڳ رکندي، محبت ٻرڙو چوڻ اهو ٿو چاهي ته انهن سپني ٻولن جو ڏاتو (يا ترت ڏاتو) /آٽ/ معلوم ٿئي ٿو ۽ ان جي نه رڳو هڪ معنی آهي پر پنهنجي سر سادي صورت طور به ڪم اچي ٿو.

اچو ته /آڻ/ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون. ’جامع سنڌي لغات‘ ٻڌائي ٿي:

- آڻو ج آڻا: ذ. [سن. آڻ = ذرو] تمام ننڍو ذرو. ذرڙو. جزو ...
- اڻوٽِ: ث. ڪمي - قلت - اڻاٽ.
- اڻوڻائي ڇ اڻوڻايون: برسات جي ڪمي ...

/آڻو/ = /آڻ + او/. /آڻو/ = /آڻ + او/

/آڻ/ انهن لفظن ۾ ڏاتو طور ڪم آيل آهي ۽ ان جِي نه رڳو هڪ معنى آهي پر پنهنجي سر هڪ سادي صورت طور به ڪم اچي ٿو.

”ان ڪري اهو تصور ته باندي صورت اڪيلي سر لفظ/ٻول ٿي ڪم نه ٿي اچي يا لفظ جي اشتقاق کان ٻاهر اُن جي ڪا به معنى نه آهي، هڪ غلط تصور معلوم ٿئي ٿو.“ (ٻرڙو، 2007: 96-98)

5.6 پابند صورت جي ترتيب (Order)

مٿي آزاد (خودمختيار) ۽ پَرَوَس (پابند) صورت بابت تفصيلي بحث ٿي چڪو آهي، پر هتي پابند صورت (Bound form) جي ترتيب ۽ بيهڪ سميت اُن جي دائرن ۽ حدن بابت اڳ ۾ پيش ٿيل مواد جو اڀياس ڪيو ويندو.

ماهرن علم صَرف جا هيڻيان پنج اصول مقرر ڪيا آهن:

1- اڳياڑين، وچياڑين ۽ پڇاڑين جو ملائڻ
2- لفظن ۾ اندروني تبديل
3- لفظن ۾ ڪاٽو تبديل
4- لفظن ۾ ٻُڌي تبديل
5- صورت بدلائڻ

مٿين پنجن اصولن مان پهريون اصول يعني ’**اڳياڑين، وچياڑين ۽ پڇاڑين جو ملائڻ**‘ پابند صورت جي ترتيب (Order) جي باري ۾ تفصيلي آگاهي ڏئي ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا لفظن سان پابند صورتن ملائڻ واري ان اصول بابت لکي ٿو ته:

”سنڌي زبان جي اڳياڑين (Prefix) ۽ پڇاڑين (Suffix) کي، خودمختار صورتن جي منڍ يا آخر ۾ ملائي، وڌيڪ لفظ جوڙي سگهبا آهن، انهن کي علم

لسان ۾ ’ڳنڍ‘ (Affix) سڏجي ٿو. ڪي اهڙيون صورتون به آهن، جيڪي ٻن يا ٽن لفظن جي درميان ملائجن ٿيون. اهي گهٽو ڪري سنڌيءَ ۾ آيل اڏارن لفظن ۾ ملن ٿيون، جن کي وچياڙيون (Infix) چئجي ٿو، جيئن: آمد و رفت، گفت و شنيد وغيره ۾ [و].” (الانا، 1983: 44، 43)

سنڌي صوتيات مطابق، آوازن جا مختلف قسم ۽ گروهه ٿين ٿا ۽ انهن جي اها درجيبندي مختلف مخرجن جي طئه ڪيل اصولن ۽ قاعدن جي بنياد تي ڪئي ويندي آهي.

مخرجن بابت اهي به اصول جڙيل آهن، ته ڪهڙا آواز ٻين ڪهڙن آوازن سان ’ميل‘ يعني ’جوڙ‘ بڻائي سگهجن ٿا. اُن لاءِ علم صوتيه (Phoneme) ۽ صرفيه (Morpheme) کان مدد ورتي ويندي آهي. يعني اُهي جوڙ يا ڳنڍ ڪنهن ٻوليءَ جي ماهر پنهنجي مٺهن ويهي نه جوڙيا آهن، پر اُهي ٻوليءَ ۾ اوسر ۽ ارتقائي مرحلن مان گذرندي تيار ٿي پنهنجي اهڙي ترتيب ۽ بيهڪ وٺي بيٺا آهن.

انهن مٿين اصولن مطابق، ڏسڻو اهو هوندو آهي ته سنڌي زبان ۾ اُهي ڪهڙيون پابند صورتون مستعمل آهن، جيڪي ڪنهن ڏاتوءَ جي اڀيان، پٺيان ۽ وچ ۾ ’ڳنڍ‘ طور لڳي پنهنجو وياڪرڻي ڪارج ادا ڪن ٿيون.

5.6.1 اڳياڙي (Prefix)

سنڌي زبان ۾ ٻولن جي آزاد يا خودمختار صورتن جي مُنڍ ۾ جوڙ يا ڳنڍ (affixes) طور لڳندڙ پابند صورت کي ’اڳياڙي‘ (Prefix) چئبو آهي.

5.7 پابند صورت بابت محبت ٻرڙي جو ڪيل تحقيقي ڪم – هڪ تنقيدي اڀياس

محبت ٻرڙي لفظن جي پابند صورت بابت پنهنجي هڪ مقالي ’ضمير پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي‘ (تماهي مهراڻ، جلد 43، نمبر-1، 2، 1994ع) ۾ تفصيلي لکيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”دنيا ۾ جي ڪيترين ئي زبانن ۾، ۽ سنڌيءَ ۾ به اهڙا اکر يا آواز اهڙا آهن، جي ڏسڻ ۾ ڪو به مطلب نٿا رکن ۽ عام طر مقرر آهن، جي ڪنهن به مقرر لفظ آڏو، پويان يا وچ ۾ اچن ٿا، ته هڪ خاص مطلب ٻڌائين ٿا.“ (ٻرڙو، 1994: 191-250)

محبت ٻرڙي مٿي ڄاڻايل مقالي ۾ اڳياڙي (prefix)، وچياڙي (Infix) ۽ پڇاڙي (suffix) جي مرحليوار وصف مثالن سميت بيان ڪئي آهي. هتي پهريان انهن وصفن کي بيان ڪيو ويندو، بعد ۾ انهن کي تنقيدي اڀياس هيٺ آڻبو.

محبت ۾رڙو ’اڳياڑي‘ (prefix) جي وصف هن طرح ڄاڻائي ٿو ته:

”اهڙو آواز يا اکر، يا اهڙا آوازَ يا اکرَ، جي ڪنهن ٻول جي آڏو لڳي ڪنهن معنيٰ ۽ مطلب کي نروار ڪن، ته اهڙي صورت کي ’اڳياڑي‘ چئبو. مثلاً: ’ٻيٽ‘ جي اڳيان ’اُپ –‘ اڳياڑي لڳائي ’اُپٻيٽ‘ ۽ ’جاڳ‘ جي اڳيان ’سُ –‘ اڳياڑيلڳائي ’سجاڳ‘ ٺاهين ٿا.“ (۾رڙو، 1994: 250-191)

’وچياڑي‘ جي وصف بابت محبت ۾رڙي لکيو آهي ته:

”اهڙو اکر يا آواز، يا اهڙا اکر يا آواز جيڪي ڪنهن لفظ جي وچ ۾ اچي ڪا نه ڪا مقرر معنيٰ ظاهر ڪن، انهن کي ’وچياڑي‘ چئجي ٿو. مثال طور: ’مرڻ‘، ’ڪرڻ، ’ٽرڻ‘ ۽ اهڙن ٻين ڪيترن لفظن جي پهرئين اکر کان پوءِ ’-آ-‘ آڻڻ سان واريسر ’مارڻ‘، ’ڪارڻ‘، ’ٽارڻ‘ وغيره ٺهن ٿا.“ (حوالو ساڳيو)

’پچاڑي‘ بابت لکي ٿو ته:

”اهڙو اکر يا آواز، يا اهڙا اکر يا آواز، جيڪي ڪنهن لفظ جي آخر ۾ اچي ڪا نه ڪا يا مقرر معنيٰ ظاهر ڪن، انهن کي ’پچاڑي‘ سڏجي ٿو. مثال طور: ’لوهه‘ ۽ ’ڪنپ‘ جي پٽيان ’-آر‘ اچي ’لوهر‘ يا ’لوهار‘ ۽ ’ڪنپر‘ يا ’ڪنپار‘ ۽ ’ڳنڍ‘ جي پويان ’-آپ‘ اچي ’ڳنڍپ‘ ۽ ’ميل‘ جي پويان ’-آپ‘ اچي ’ميلاپ‘ ٺهن ٿا.“ (۾رڙو، 1994: 250-191)

مٿي ڄاڻايل وصفن ۾ محبت ۾رڙي ’آواز‘ ۽ ’اکر‘ جو استعمال ڪيو آهي، ڇو ته انهن ٻنهي جي وصف ۽ ڪارج ۾ وڏو فرق آهي. ٻين لفظن ۾ ’اکر‘ ۽ ’آواز‘ ساڳي ڳالهه نه آهي. ’آواز‘ ٻوليءَ جو هڪ اهم جُز آهي، جيڪو ڳالهائيندڙ، ڳالهائڻ جي عضون جي مدد سان، ڪنهن مخرج وٽ اچاري ٿو، ۽ ٻوليءَ جا لفظ، آوازن جي وسيلي جُڙن ٿا. ان لاءِ ’علم صوت‘ جا اصول ۽ قانون به آهن. انڪري ’آواز‘ جو وياڪرڻي ڪارج مڃيل آهي، پر ’اکر‘ جو ڪو به وياڪرڻي ڪارج ڪونهي ۽ هر ٻوليءَ ۾ انهن لاءِ ڌار ڌار نشان (Symbols) آهن. ’اکر‘ ٻوليءَ جي ڪنهن به آواز جي لکيل ’صورت‘ کي چئبو آهي. مثال طور: ’ب‘ ’b‘، ’m‘ ۽ ’ ‘ ڌار ڌار ٻولين جي ساڳئي آواز لاءِ مقرر ڪيل اکر (Grapheme) آهن. اهي ’ب‘ آواز جو لکيل روپ ظاهر ڪن ٿا. لسانيات جي ماهرن، انڪري ’آواز‘ (Sound) ’صوتيه‘ (Phoneme)، ’صرفيه‘ (Morpheme) ۽ ’اکر‘ (Grapheme) لاءِ ڌار ڌار نشان مقرر ڪيا آهن. مثال طور:

’س‘ ’اکر‘ آهي ۽ /س/ ’صوتيه‘ آهي

[س] ’آواز‘ آهي ۽ {س} ’صرفيه‘ آهي

محبت ٻرڙو 'وچياڙي' جي وصف بيان ڪندي 'مرڻ' مان 'مارڻ'، 'ڪرڻ' مان 'ڪارڻ'، 'ٽرڻ' مان 'ٽارڻ'. اهڙن ٻين ڪيترن لفظن جي پهرئين اکر کان پوءِ 'آ' جي اضافي آواز کي 'وچياڙي' سڏي ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا، انهيءَ راءِ کي رد ڪرڻ لاءِ آمريڪي ٻولي ماهرن – بلاخ ۽ ٽرئگر جي ڪتاب 'An Introduction to linguistics Analysis' مان حوالا ڏنا آهن. هو پنهنجي مقالي " 'ضمير پچاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي' مقالي جو لسانياتي اپياس" ۾ لکي ٿو ته:

"'مارڻ'، 'ڪارڻ' ۽ 'ٽارڻ' وغيره لفظن جي وچ ۾ جيڪا 'آ' صرفيه ڪم آندي ويئي آهي، اُن کي وچياڙي نه چئبو، پر 'مرڻ' مان جوڙيل 'مارڻ' لفظ ۾ جيڪا تبديلي آئي آهي، ان کي لسانيات ۾ صرفيائي تبديلي (morphemic change) چئبو آهي. اهڙي تبديليءَ کي 'اندروني تبديلي' (Internal change) به چئبو آهي. اهڙي تبديليءَ لاءِ ماهرن دليلن سان وضاحت ڪئي آهي ۽ قانون مقرر ڪيا آهن. انهن قانونن موجب 'مرڻ' فعل لازمي جي ڏاتوءَ مان، فعل متعدي 'مارڻ' جي ڏاتو جوڙڻ لاءِ فعل لازميءَ جي ڏاتوءَ ۾ اندروني تبديلي (Internal change) آندي ويندي آهي، مثال طور:

فعل لازمي	فعل متعدي	آيل تبديلي
مَـرُ	مارُ	آ > آ
سَـڙُ	ساڙُ	= = =
لَـهه	لاهه	= = =
ڊَهه	ڊاهه	= = =

(الانا، 1995: 74-41)

ڊاڪٽر غلام علي الانا جي بيان ڪيل اصول مطابق، لازمي فعلن جي ڏاتوئن مان وڌيڪ فعل متعديءَ جا مثال هن طرح ڏنهن ٿا:

فعل لازمي	فعل متعدي	آيل تبديلي
ٻَرڻ	ٻارڻ	آ > آ
ٽَرڻ	ٽارڻ	= = =
تَرڻ	تارڻ	= = =
ڪَرڻ	ڪارڻ	= = =
ڏَرڻ	ڏارڻ	= = =
رڙهڻ	ريڙهڻ	اِ > اي
مُڙڻ	موڙڻ	اُ > او
چُرڻ	چورڻ	= = =

سُرڻ	سورڻ	= = =
پُرڻ	پورڻ	= = =

واحد بخش شيخ ’وچياڑين‘ جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”فارسيءَ وانگر سنڌيءَ ۾ به ڪن حالتن ۾ هڪ اسم ’و‘ حرف سان معطوف ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن ’و‘ جي بدران ’ا‘ (الف) به عطف جو ڪم ڏيندو آهي ۽ اهڙن اسمن کي ’اسم مرڪب‘ چئبو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ فعل جو اتفاق پوئين اسم سان ٿيندو آهي، ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

”رات و ڏينهن، رات و رات، آمد و رفت، خريد و فروخت، گفت و شنيد، نشست و برخاست، بود و باش، بند و بست، پيچ و خم، تگ و دو، ساز و باز، سوز و گداز، ناز و انداز، مکا ميلو وغيره.“ (شيخ، 2006: 61، 60)

واحد بخش شيخ جي مٿين مثالن ۾ ’و‘ ۽ ’آ‘ وچياڑيون آهن.

محبت پرڙي ’وچياڑي‘ ڳنڍ لاءِ مرڪب لفظن جا مثال ڏنا آهن، هو لکي ٿو ته:

”سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا مرڪب لفظ موجود آهن جيڪي فارسي ٻوليءَ جو سنڌي ٻوليءَ تي اثر ظاهر ڪن ٿا. فارسيءَ جي اثر کان سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظن ۾ ’و‘ وچياڑيءَ (Infix) طور استعمال ٿي آهي. هيٺ اهڙا لفظ مثال طور ڏجن ٿا:

روز و شب، صبح و شام، بحر و بر، آمد و رفت، گفت و شنيد، نشست و برخاست. (پرڙو، 2007، 155)

سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪيترائي فارسي زبان جا لفظ ڪم اچن ٿا، جن ۾ ’ب‘ وچياڑيءَ طور ڪم آئي آهي؛ مثلاً:

درجه بدرجه، سال بسال، وقت بوقت، دربدر، روزبروز.

محبت پرڙو لکي ٿو ته:

”{ب} اڪيلي سر مفرد لفظ طور ڪم نه ٿي اچي، اها هڪ پروس صورت آهي ۽ لفظ جي اشتقاق ۾ ئي هڪ مقرر معنى ظاهر ڪري ٿي جڏهن ته {و} پنهنجي اصلوڪي ٻولي ۾ هڪ مفرد لفظ طور ڪم اچي ٿي ۽ ’حرف جملي‘ /ءِ/ جي معنى ڏئي ٿي، ان ڪري اها هڪ مفرد لفظ جو ڪم ڪري ٿي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته وچياڑيءَ جي حوالي سان ڪنهن پروس صورت

موجود هجڻ جي تخصيص قائم نه رکي وئي آهي. پر جيڪڏهن ڇاڻايل ٻولن ۾ /و/ جو حقيقي آواز /او/ ڏيان ۾ رکيو وڃي ته اها هڪ پروس صرفيه طور اپري اچي ٿي. (ٻرڙو، 2007: 156)

محبت ٻرڙو ’وچياڙي‘ جي حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا جي پيش ڪيل هيٺين مرڪب لفظن تي سوال اٿاريو آهي ته انهن ۾ وچياڙي ڪتب ٿيل آهي، ۽ ٻن لفظن ۾ نه، پر هڪ ئي لفظ ۾ استعمال ٿيل آهي. هو ’ٻول جو بڻ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”/گهَرڏٽي، راڇَ ڏٽي، ڳوٺَ وڏيرو، نڑبيت، جهنگَ ڪڪڑ، جهنگَ ٻلو، اتـرَ واءُ، ڏندَ ڪٽا، نانگَ ول، هٿَ ڦاڑ، واتَ ڳاڑهو، واتَ پٽيو، وڏَ واتو، وڏَ ڪائو، وڏَ ڦڑو، ڪاتَ ڪنو، نڪَ هير، نڪَ سنئون، منهَن ڪنئرو، درياهَ لانگهو، مڑسَ تار، نانءَ چڑهيو، ڪُٽيءَ ڪنيو، نانگَ ڪاڏو، ڪڪَ چڪيو، نڪاحَ ٻڌي، لڇَ پال، ٻنيءَ ٻوڙ، غمَ ٽار، هڏَ ڏوکي/ وغيره ٻولن ۾ /- آ -/،

/ديسان ديس، ڏيهان ڏيهه، هنڌان هنڌ، ڳوٺان ڳوٺ، منهان منهن، راتيان ڏينهن، پيران پير/ وغيره لفظن ۾ /- آن -/.

/پيٽو پيٽي، اڳو پوءِ، هٿوهٿ، وڇون وڇ/، وغيره ٻولن ۾ /- او -/،

/هَٿون هٿ، ڳوڻَون ڳوٺ، گهرَون گهر، هِتَون هُٿ، هيڏَون هوڏي/ وغيره ٻولن ۾ /- آون -/ ۽

/آڳَر ويڑهه، اڪِ ڦلو، ڳنڍڇوڙ، دلِ گهريو/ وغيره ٻولن ۾ /- اِ -/ ڇا پروس صورتون نه آهن، لفظ جي اشتقاق ۾ ڇا انهن جي ڪا مقرر معنى نه آهي ۽ اهي جڏهن ته آزاد صورت ۾ به ڪم نٿيون اچن تڏهن انهن کي وچياڙي ڇو نه سڏجي؟

محبت ٻرڙي جي تنقيدي اپياس مان مرڪب لفظن جي وچ ۾ ڪم آندل /-آ-/، /-آون-/ ۽ /-اِ-/ صوتين کي وچياڙي سڏيو آهي ۽ گڏوگڏ لفظ /سنسڪرت/ ۾ ’س‘ جو اچار هڪ ’وچياڙي‘ آهي.

هن مسئلي کي سمجهڻ لاءِ:

- هڪ پيرو ٻيهر پابند صورت کي سمجهڻ گهرجي.
- مرڪب لفظن جي وچ ۾ ايندڙ صوتين ۽ صرفين کي سمجهڻ گهرجي.

- مرڪب لفظن جي بيان لاءِ ضروري آهي ته فقط اهو ڄاڻجي ته ڳالهائڻ جي لفظن (Parts of speech) مان اهو (مرڪب لفظ) ڪهڙو آهي، يعني ويارڪرڻ ۾ اُن کي ڪهڙي حيثيت حاصل آهي.
- اهو به معلوم ڪجي ته جيڪي خود مختار (مفرد) صورتون ملي مرڪب لفظ ٺاهين ٿيون، اُهي گرامر موجب ڇا آهن؟ ۽ انهن لفظن کي هڪ ٻئي ۾ ملائڻ يا جوڙڻ جي ’ترتيب‘ (order) ڪهڙي آهي؛ يعني ڪهڙا ڪهڙا لفظ پهرئين جز ۾، ۽ ڪهڙا ڪهڙا لفظ پوئين جز جي صورت ۾ مرڪب لفظ ٺاهڻ ۾ ڪم اچن ٿا. مثال طور: /گهر ڏٽي/ مرڪب لفظ ۾، مفرد لفظ /گهر/ اڳ ۾، ۽ /ڏٽي/ لفظ پوءِ يعني پوئين جز جي حيثيت ۾، ملايا وڃن ٿا. ٻنهي مفرد لفظن جي ’گڏجڻ‘ کان اڳ، مفرد لفظ /گهرْ/ جو پويون سر صوتيه /اْ/ بدلائي /آ/ ٿو ڪجي (اهڙيءَ حالت ۾، ’آ‘ زبر حرف جي معنيٰ ڏيڪاري ٿي. ترڪيب ۾ اُن کي زبر اضافت چئي سگهجي ٿو) ۽ پوءِ اُن جي پويان /ڏٽي/ لفظ ملائجي ٿو. جيڪڏهن مرڪب لفظ جي جڙڻ واريءَ ترتيب ۽ ترڪيب ۾ ڦير گهير آڻي /گهرَ ڏٽي/ جي بدران /ڏٽِي گهر/ يا /ڏٽيءَ گهر/ چئبو يا لکبو، ته پوءِ پوين ٻنهي لفظن مان اها معنيٰ يا اها مراد هرگز نڪري نڪري، جيڪا /گهر ڏٽي/ مرڪب لفظن مان نڪري ٿي.

حاصل مطلب: مرڪب لفظ /گهرْ ڏٽي/ ۽ /آگــْـگاڏي/ ۾ سر صوتيه /اْ/ بدلجي /گهرَ ڏٽي/ ۽ /آگگاڏي/ مان /آ/ ٿئي ٿو.

مرڪب لفظن ۾ اها تبديلَ سر صوتيه جي ڪري ٿي آهي، تنهنڪري اُن کي ’صوتيات‘ جي علم مطابق، اندروني تبديل (Internal change) چئبو، نه ڪي اُها پابند صورت آهي. پابند صورت، اُها آهي، جيڪا مختلف آزاد صورتن سان ملي ڪري پنهنجو ويارڪرٽي مفهوم ادا ڪري ٿي، البت اها اڪيلي سر بي معنيٰ آهي.

5.8 لفظ جي درجيبندي

سٽاءَ يا بناوت جي لحاظ کان لسانيات جي ماهرن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ويارڪرٽين، ’لفظ‘ کي ٻن اهم گروهن ۾ تقسيم ڪيو آهي - (1) ابتدائي يا بنيادي لفظ (Primary words) ۽ (2) ثانوي لفظ (Secondary words).

5.8.1 ابتدائي يا بنيادي لفظ (Primary words)

جوڙجڪ جي لحاظ کي هي اُهي لفظ سڏجن ٿا، جيڪي ٻين لفظن جا بنياد فراهم ڪندڙ هجن، يعني ٻين مان ڦُٽي نڪرندڙ نه هجن، بلڪ پاڻ مان ٻيا

لفظ ڦوڙي ڪڍن. پروفيسر علي نواز جتوئي ’ابتدائي‘ يا ’بنيادي‘ لفظ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”ابتدائي لفظ اُهي آهن، جن مان ٻيا لفظ ٺهي نڪرن، ۽ خود ٻئي مان ٺهيل نه هجن. ابتدائي لفظن کي ’سادا لفظ‘ (Simple words) به سڏبو آهي. اِهي اُهي لفظ آهن، جن جي صورت کي ٽوڙي نٿو سگهجي. جيڪڏهن ٽوڙبو ته اُن جا جُزا بي مطلب (meaningless) ٿي پوندا. مثلاً: /ڪَتَ/ جا ٻه جزا ٿي سگهن ٿا: هڪ /ڪَ/ ۽ ٻيو /تَ/. اِهي ٻئي اِتي بي مطلب آهن، ڇاڪاڻ ته سادي لفظ جي صورت کي گهٽائي اُن مان ڪو به سالم لفظ معنيٰ وارو ڪڍي نٿو سگهجي، تنهنڪري کيس ننڍي ۾ ننڍي آزاد صورت (minimum free form) به سڏجي ٿو.“ (جتوئي، 1983: 110)

پروفيسر جتوئيءَ جي انهيءَ وصف مان اهو مطلب نڪري ٿو ته:

ابتدائي لفظ، سادي يعني ننڍي ۾ ننڍو معنيٰ دار جزو آهي، جيڪو وڌيڪ معنيٰ دار حصن ۾ نه ٽُٽي سگهندو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا جي بيان ڪيل وصف به لڳ ڀڳ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي وضع ڪيل وصف جهڙي آهي، البت ڊاڪٽر الانا ان ۾ مفرد لفظ جو واڌارو ڪيو آهي ۽ پروفيسر جتوئي ان ۾ سادي لفظ جو اضافو ڪيو آهي.

5.8.1.1 مفرد يا سادو لفظ (Simple words)

ڊاڪٽر غلام علي الانا مفرد يا سادي لفظ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”اهو لفظ، جو هڪ ئي آزاد صورت وارو هجي، ۽ جنهن سان ڪا به پَر – وس صورت ڳنڍيل نه هجي، اهڙي لفظ کي ’مفرد لفظ‘ چئبو آهي. ماهرن اهڙن لفظن کي بنيادي لفظ (Primary words) به سڏيوآهي. مفرد لفظ جا مثال هي آهن: /ڇوڪرا/، /پيءُ/، /پٽ/، /پت/، /هاٿي/ ۽ /جاڻ/ وغيره. (الانا، 1987: ص 24)

5.8.2 ثانوي لفظ (Secondary words)

جوڙجڪ جي لحاظ کان ’ثانوي‘ لفظ، ’ابتدائي‘ لفظ مان ڦُٽي نڪتا آهن، يعني هڪ کان وڌيڪ آزاد صورتون پاڻ ۾ ملي ’ثانوي‘ لفظ ٺاهين ٿيون ۽ هڪ کان وڌيڪ پَر – وس صورتون، ’آزاد‘ صورت جي اڳيان ۽ پٺيان ملي به ’ثانوي‘ لفظ کي جنم ڏين ٿيون. اهڙيءَ طرح هڪ پابند صورت، هڪ آزاد صورت پاڻ ۾ ملي به ’ثانوي‘ لفظ ٺاهين ٿيون. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي ته ثانوي لفظ کي

ٽوڙڻ سان ’مرڪب‘ (Compound) ۽ مرتب (Complex) لفظ ٺهن ٿا، جن جي هيٺ مثالن سان وضاحت ڪجي ٿي:

5.8.2.1 مُرَڪِّب لفظ (Compound words)

بناوت ۽ جوڙجڪ جي اعتبار کان، هڪ کان وڌيڪ ابتدائي /مفرد لفظ، پاڻ ۾ ملي ’مرڪب‘ لفظ ٺاهين ٿا. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ’مرڪب‘ لفظ جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي:

”اهو لفظ، جنهن کي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لفظن ۾ ٽوڙي سگهجي، تنهن کي مُرڪب لفظ (Compound word) چئبو آهي.“ (جيٽلي، 1990: 42-25)

مرڪب لفظ جا مثال ڊاڪٽر جيٽلي هن طرح ڏنا آهن:

- گهر ڏٽي (گهر+ڏٽي = گهر جو ڏٽي)
- اُتر واءُ (اُتر+واءُ= اُتر جو واءُ)
- خوشبو (خوش+بُو = سٺي بو)
- ڍڪي گاڏي (ڍڪي + گاڏي = ڍڪي جي گاڏي)
- هردلعزيز (هر+دل+عزيز= هر هڪ دل جو عزيز)
- هر فن مولا (هر+فن مولا= هر هڪ فن ۾ مولا يعني هوشيار)

ڊاڪٽر غلام علي الانا ’مرڪب‘ لفظ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”مُرڪب لفظ اُن کي چئبو، جنهن ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ خودمختار صورتون (مفرد لفظ) گڏيل هجن. اهڙن لفظن يعني مرڪب لفظن سان پَر وس صورتن جو گڏجڻ بلڪل ممڪن نه آهي. مثال طور: /گهر ڏٽي/، /آگِ گاڏي/ ۽ /پَر وَس/ لفظ وغيره، مرڪب لفظن جون صورتون آهن، يعني انهن ۾ ٻه آزاد (مفرد) صورتون: /گهرُ/ ۽ /ڏٽي/، /آگِ/ ۽ /گاڏي/، /پَر/ ۽ /وَس/ مليل آهن.“ (الانا، 1987: 30)

مُرڪب لفظ ٺهڻ دوران ڪجهه توجهه طلب ڳالهيون هن طرح ڏسڻ ۾ اچن ٿيون:

- جڏهن ٻه مفرد لفظ پاڻ ۾ ملن ٿا، تڏهن اهو معلوم ٿئي ٿو ته ڪهڙي صورت اڳ ۾، ۽ ڪهڙي صورت بعد ۾ ملي ٿي.
- اهو به ڏسجي ٿو ته پهرين مفرد صورت جي آخري حرف تي ۽ پوئين مفرد صورت جي پهرئين حرف تي ڪهڙو سُر صوتيه موجود آهي.

- ميلاپ کان پوءِ يعني مرکب لفظ ٺهڻ بعد سر صوتيه کهڙو روپ وٺي بيهن ٿا.

انهن توجهه طلب نُڪتن جي لحاظ کان ڪتب آندل مثالن جو جائزو هن طرح وٺي سگهجي ٿو:

/گهَرَ ڏٽي/ مرکب لفظ ۾، مفرد لفظ /گهَرُ/ اڳ ۾، يعني پهرئين حصي جي صورت ۾ ۽ /ڏٽي/ لفظ پوءِ، يعني پوئين حصي جي حيثيت ۾ موجود آهي. هتي ڏسجي ته مفرد لفظ /گهَرُ/ جو پويون سر صوتيه /اُ/ بدلجي /آ/ ٿيو آهي: /گهَرَ/. اُن جي پٺيان /ڏٽي/ مفرد صورت ملي /گهَرَڏٽي/ مرکب لفظ ٺهيو آهي. اهڙيءَ طرح: /آگ گاڏي/ ۾ /آگِ/ بجاءِ /آگ ُ/ ۽ /پَر وَس/ ۾ /پَر/ بجاءِ /پَر ُ/ صورت ۾ موجود آهن. جنهنڪري /آگِ/ جو پويون سر صوتيه /ا/ بدلجي /ا ُ/ ۽ /پَرَ/ مفرد لفظ جو پويون سُر صوتيه /آ/ بدلجي /اُ/ ٿيو آهي.

5.8.2.2 مُرتّب لفظ (Complex words)

لفظ ’مُرَتّب‘ عربي زبان جي ڏاتو ’رُتبه‘ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – درجو. رُتبو. عزت. عهدو. (فيروز سنز، 2007: 404)

صَرفي جوڙجڪ جي لحاظ کان، مُرتب لفظ، اُن کي چئجي، جنهن ۾ ابتدائي صورت سان گڏ هڪ يا ٻه پَر – وَس يعني پابند صورتون اڳيان يا پٺيان ڳنڍ (affix) طور ترتيب ڏنيون ويون هجن، يعني ملايون ويون هجن. پروفيسر علي نواز جتوئي هن کي ’پيچيدو‘ لفظ (complex word) به چيو آهي. سندس نظر ۾ پيچيدو اهو لفظ آهي، جنهن کي ٽوڙبو ته ان جون پابند صورتون معنيٰ دار ٻڌجنديون. پروفيسر جتوئي ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ ۾ ’مرتب‘ لفظ جي وصف بيان ڪندي هن طرح لکيو آهي ته:

”پيچيدا لفظ اُهي آهن، جن کي جيڪڏهن ٽوڙبو ته ان جا جزا مطلب وارا ٿيندا. اگرچ اُهي سالم لفظ نه به هجن. مثلاً: /سچّار/ لفظ کي ٻن ٽڪرن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو: هڪ /سَچ ُ-/ ۽ ٻيو /-آر ُ/. اهي ٻئي سالم لفظ نه آهن. /سَچ ُ-/ جو سالم لفظ /سَچُ/ آهي ۽ /-آر ُ/ جو سالم لفظ /ڪارِ/ آهي. اگرچ /سَچ-/ ۽ /-آر/ سالم لفظ ناهن، تڏهن به اهي اُچاريل ٽڪرا وري ٻين لفظن ۾ اچن ٿا ۽ مطلب وارا آهن.“ (جتوئي، 1983: 111) مٿئين مثال ۾ /سَچ ُ-/ هڪ پد جو بنيادي صورت طور نظر اچي ٿو. کيس بنياد يا پيڙهه (Base) سڏجي ٿو.

پروفيسر جتوئيءَ جي ڪتب آندل مٿين لفظن ۾ /-آر ُ/ جوڙ يا ڳنڍ (affix) طور ٻين بنيادن سان ملي نوان لفظ ٺاهي ٿو ۽ ’ڪار‘ يعني ڪم ڪندڙ جي معنيٰ کي ظاهر ڪري ٿو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ’مرتب‘ جي لفظ جي بيان ڪيل وصف، پروفيسر جتوئيءَ جي قائم ڪيل وصف کان نرالي آهي. ڊاڪٽر الانا ’مرتب‘ لفظ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”مرتب، اهو لفظ آهي، جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پَروَس صورتون شامل ڪيل هجن. مثال طور: /سُپَت، /واڇَٽ/، /پُٽيتو/، /ڪَٽمٺڙو/، /آڻهوند/، /آڇاڻ/، /آڻڇاڻپ/، /ڏُتڙ/، /سَڇڻ/، /سُڇيتائي/ ۽ /ڪُپيتو/ وغيره. انهن لفظن ۾ /سُ-، -ٽُ، -ايتو، -او، آڻ-، آ-، -پ، ڏُ-، سَ-، سُ-، -آئي، ڪُ-، ،يو/ وغيره شامل ڪري نٿيون سگهجن. انهن پَروَس جي شموليت فقط مرتب لفظن جي حالت ۾ ئي لازمي ۽ ممڪن هوندي آهي.“ (الانا، 1987: 24، 25، 27)

ڊاڪٽر الانا جي راءِ مان هي نتيجا نڪرن ٿا:

- مرتب لفظ سان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پَروَس صورتون ملن ٿيون.
- پَروَس صورتون، مرتب لفظ جي اڳ ۾، يا پُٺ ۾، يا هڪ ئي وقت ٻنهي طرفن کان جوڙُ/ ڳنڍ (affix) طور ملائيبيون آهن.
- مرتب لفظ جي اڳ ۾ ڪا به پَروَس صورت ڳنڍ (affix) طور ملائبي، ته اُن حالت ۾ اُن صورت کي ’اڳياڑي‘ (Prefix) چئبو. اگر پٺيان ڳنڍ طور لڳائبي، ته اُن حالت ۾ اُن ڳنڍ کي ’پڇاڙي‘ (Suffix) چئبو.

5.8.2.3 ’مُڪرّر‘ لفظ (Reduplicated words)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ’مُڪرّر‘ يعني دهراءَ وارا لفظ به مستعمل آهن، جيڪي عام گفتگوءَ دوران ٻٽا يا ٽوريءَ ڦير گهير سان اُن جهڙا، وري وري دهرائبا آهن. هن قسم جي لفظن بابت ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکيو آهي ته:

”لفظن جي رچنا (بناوت) جو هڪ ٻيو قسم ڏسو – گهر گهر، هٿون هٿ، مِنائي ٻِنائي، ڦٽ ڦٽ، ڪڙڪڙ، ڦٽاڦٽِ، بڪ بڪيو وغيره. . . اُنهن لفظن ۾ بنيادي روپ يا لفظ جو هوبهو يا ڪي قدر تبديل سان دهراءُ آهي . . . اهڙن لفظن کي دهراءَ وارا يا دهرايل لفظ چئجي ٿو.“ (جيٽلي، 1990: 42-25)

ڊاڪٽر غلام علي الانا لفظ جي مڪمل يا جزوي دهراءَ واري عمل دوران پيدا ٿيندڙ لفظ کي ’مُڪرّر‘ لفظ سڏيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”تڪرار، ڪنهن لفظ جي سڃيءَ صورت يا ڪنهن جز کي ڏُهرائڻ جي عمل کي چئبو آهي، جنهن جي دهرائڻ سان لفظ يا اُن جي حصي ۾ ڪا به تبديلي نه ايندي آهي.“ (الانا، 1987: 62، 61)

محبت ٻرڙو هن قسم جي لفظ لاءِ ’ور – اورپ ٻول‘ جو اصطلاح ڪم آڻي ٿو ۽ مُڪرّر لفظن کي ٻن قسمن ۾ پڙ ورهائي ٿو – (1) مڪمل ور – اورپ (مڪمل تڪرار وارا لفظ)، (2) ور – اورپ يعني اڌپوري تڪرار وارا لفظ.

محبت ٻرڙي هتي ڪجهه لفظن ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ چاهي ٿو.

1) مڪمل ور-اورپ جي ڪري جملي ۾ شدت پيدا ٿئي ٿي ۽ واسطيدار عمل هر هر ٿيندي يا هر واري ٿيندي نظر اچي ٿو. "وک وک تي سوپ ملڻ" جو مطلب آهي "هر وک تي سوپ ملڻ".
2) اڌپوري ور-اورپ جي ڪري پڙ جملي ۾ شدت پيدا ٿئي ٿي ۽ وسطيدار موضوع يا عمل جي شدت، وسعت ۽ گهرائي جو اظهار ٿئي ٿو.

- ڪي لفظ لڳ ڀڳ ساڳئي قسم جي عمل يا معنى کي ورجائيندي نظر ايندا، جيئن: جُٽ ڦِٽ، مَٽ سَٽ، رِلڻ مِلڻ، ڏيڪ ويڪ، ميل ميلاپ وغيره.
- ڪي لفظ ٻن مختلف مفهومن کي ظاهر ڪندي نظر ايندا، جيئن: جهُڙي ڦڙي (جهُڙ ڦ’ڙ)، ڏي وٺ، ڏيتي ليتي، اڇ وڇ، لوڇ پوڇ وغيره.
- ڪي لفظ هڪ ٻئي جي ويجهن مفهومن کي ظاهر ڪندي نظر اچن ٿا، جيئن: پاڇي پتي، گاهه پَنو، سينڌ سُرمو، رَسُ رهاڻ وغيره.
- ڪي لفظ معنوي حوالي سان هڪ ٻئي کان فرق رکڻ باوجود پرپور اصطلاحي مفهوم پيدا ڪن ٿا، جيئن: ماٺهو چيٽو، ڏوڙ ڏکاءُ، لوڀي ٺوڳي وغيره.
- ڪي لفظ اهڙا به آهن جن جو ٻيو جز بظاهر ڪا به معنى نه ٿو رکي پر اصطلاح ۾ هڪ وسيع مفهوم کي ظاهر ڪري ٿو، جيئن: وڻ ٽڻ. ’ٽڻ‘ جي بظاهر ڪا به معنى ناهي پر ’وڻ‘ جي ڪري اڇڻ کان پوءِ ان جو مفهوم "وڻ جهڙي ڪا به شيءِ" ٿيو پوي. "وڻ ٽڻ ئي ڪو نه هو" معنى "وڻ ته ڇا، پر وڻ جهڙي ڪا به شيءِ ڪا نه هئي." "وڻ ٽڻ ٻري ويو" معنى "وڻ ۽ وڻ ٻوٽي جهڙي هر شيءِ (يا وٽن سان گڏ موجود هر شيءِ) ٻري ويئي."
- ’سِڪ پريت‘، ’پيار محبت‘، ’وٽج واپار‘ جهڙن لفظن کي ڏسي اهو سوچڻو ئي پوي ٿو ته، متان ائين به هجي ته، ڪو هڪ لفظ، خاص ڪري پهريون، وڌيڪ آڳاٽو هجي ۽ مروج هجي، ۽ پوءِ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ پنهنجا اثر چڏيا هجن ۽ ان جو ساڳيو مفهوم رکندڙ لفظ پوءِ مروج ٿيو هجي (يا وري پنهنجيءَ ٻوليءَ جو ساڳيءَ معنى وارو لفظ پوءِ رکيو ويو هجي) ۽ اهڙيءَ طرح معنى ۽ مفهوم کي زور وٺايو ويو هجي.

ان طرح لفظ جي درجيبنديءَ جو خاڪو هن طرح تيار ٿئي ٿو:



5.9 لفظ جي درجيبندي بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي قائم ڪيل راين جي تناظر ۾ محبت ٻرڙي جي ڪيل چنڊچاڻ – هڪ اڀياس

محبت ٻرڙي ’لفظ‘ لاءِ ’ٻول‘ (word)، ’ابتدائي‘ لاءِ ’پهريت‘ (Primary) ٻول، ’ثانوي‘ لاءِ ’ٻئيت‘ (Secondary) يا ’ڳنڍ‘ (Composite) ٻول، ’مُرتب‘ يا ’پيچيدي‘ لفظ لاءِ ’ڪُٽيل‘ (Complex) ٻول ۽ ’مُرڪِّب‘ لاءِ ’ڳوپ‘ (Compound) ٻول جهڙا نوان اصطلاح ڪم آندا آهن. گويا هن کان اڳ ۾ مقبول ۽ مستعمل صورتن – ’لفظ‘، ’ابتدائي‘، ’ثانوي‘، ’مرتب‘ ۽ ’مرڪب‘ وغيره کي رد ڪيو ويو آهي.

1. **’ابتدائي‘** لفظ جي وصف محبت ٻرڙي هن طرح بيان ڪئي آهي:

”ننڍي ۾ ننڍو معنادار جزو/ايڪو ۽ هڪ آجي صورت رکندڙ ٻول کي ’پهريت‘ سڏجي ٿو، يعني جيڪو پاڻ يڪي سِر، هيڪلِي، پاڻ تي پاڙيندڙ صورت رکندو هجي، پاڻ ڏاتو (پاڙ، بنياد، اصل، Root) هجي ۽ اهڙي ئي حيثيت ۾ ڪم آيل هجي – اهو ٻول، جنهن کي وڌيڪ معنادار جزن ۾ ٽوڙي نه سگهجي ۽ جنهن سان ڪا به باندي صورت مليل نه هجي.“ (ٻرڙو، 2007: 102، 101)

هن وصف مان ڊاڪٽر الانا ۽ پروفيسر جتوئيءَ جي وضع ڪيل وصفن جي تناظر ۾ هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:

- ڊاڪٽر الانا ۽ پروفيسر جتوئي مفرد، ابتدائي ۽ ڏاتوءَ کي هڪ ئي قرار ڏنو آهي.
- ثانوي لفظ، ابتدائي لفظ مان پيدا ٿيا آهن. مثال /وڏو/ (ابتدائي لفظ) مان /وڏائي/ (ثانوي لفظ) پيدا ٿيو آهي. (پروفيسر جتوئي)
- /ڇوڪر، پيءُ، پٽ، پَٽ، هاٿي، ڇاڻ، ننڍو/ وغيره مفرد لفظ آهن. (الانا)
- الانا جي وضع ڪيل مٿين لفظن کي موصوف ’مفرد‘ ته سڏي ٿو پر پروفيسر جتوئي /وڏو/ جو مثال ڏئي ٿو.

چا اهو درست آهي ته /وڏو/ ۽ /ننڍو/ سان ڪا به پَر وَس صورت يا ڪو صرفيه يا وائيو (صوتيو) مليل ناهي؟ جيڪڏهن ائين درست آهي ته پوءِ اهو به مڇو پوندو ته /وڏي ۽ ننڍي، وڏا ۽ ننڍا، وڏيون ۽ ننڍيون/ ۽ اهڙيءَ طرح ٻنهندڙ ٻين ڪيترن ئي ٻولن سان پڻ ڪا به ٻي صورت يا ڪو ٻيو روپيو يا ڪو به ٻيو وائيو مليل ناهي ۽ اهي پڻ ’مفرد‘، ’پهريت‘ يا ’سادا‘ ٻول آهن؟

2. **’ثانوي لفظ‘** (Secondary word) لاءِ محبت ٻرڙو ’ٻِئيت‘ ٻول ڪم آڻي ٿو. اُن جي وصف هن طرح بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”ڪنهن به آجي ۽ باندي صورت جي مليل يا ڪِن به آجين ۽ باندي صورتن جي ميلاپ يا ڪِن آجين صورتن جي گڏپ توڙي ڪِن به صورتن جي تڪرار/ورجاءَ وسيلي وجود ۾ آيل ٻولن کي ’ٻئيت‘ يا ’ڳنڍڙ‘ سڏجي ٿو. ٻين لفظن ۾ ايئن به چئي سگهجي ٿو ته ’پهريت‘ ٻول کان سواءِ ٻيو هر قسم جو ٻول ’ٻِئيت‘ يا ’ڳنڍڙ‘ ٻول آهي.“ (ٻرڙو، 2007: 102)

محبت ٻرڙي آزاد /’خودمختار‘ ۽ ’پابند‘ صورتن لاءِ ’آجي‘ ۽ ’باندي‘ جا اصطلاح ڪم آندا آهن. هو ’ثانوي‘ لفظ جي وصف بيان ڪندي اُن کي آزاد ۽ پابند صورتن جي ميلاپ سان ٻنهندڙ لفظ قرار ڏئي ٿو. يعني ابتدائي/ مفرد لفظ سان گڏ فقط پابند صورت نٿي ملائي سگهجي، پر هڪ ئي وقت اُن سان گڏ آزاد صورت به ملائي سگهجي ٿي. هتي هيءُ ٻُڌتو بحث طلب ٿئي ٿوته مٿي ڏاڪڙ الانا ۽ پروفيسر جتوئي ’ثانوي‘ لفظ جي جوڙجڪ لاءِ ابتدائي/ مفرد صورت سان فقط پابند يا پَروَس صورت ملائڻ جو شرط لاڳو ڪيو هو، پر محبت ٻرڙي جي بيان ڪيل انهيءَ وصف جي بنياد تي ’ثانوي‘ لفظ جا مثال ڳولڻ سان هن طرح ملن ٿا:

- رحمدلي = رحم + دل + اِي
- تَنگدلي = تَنگ + دل + اِي
- سَنگدلي = سَنگ + دل + اِي
- هوشمندي = هوش + مند + اِي
- عقلمند = عقل + مند + اِي
- علم پروري = علم + پرور + اِي وغيره

مٿين مثالن ۾ /رحم/ ۽ /دل/، /تنگ/ ۽ /دل/، /سنگ/ ۽ /دل/، /هوش/ ۽ /مند/، /عقل/ ۽ /مند/، /علم/ ۽ /پرور/ وغيره به آزاد صورتون /اِي/ پابند يا پَروَس

صورت سان ملي ’ثانوي‘ (ٻئيت) لفظ ٺاهين ٿيون. هي مثال، ثانوي لفظ جي قسم مرتب/ پيچيدي لفظ جا آهن، جنهن لاءِ محبت ٻرڙي ’ڪُتيل‘ اصطلاح ڪم آندو آهي.

3. **’مرتب‘/ ’پيچيدي‘** لفظ جي وصف بيان ڪندي محبت ٻرڙو لکي ٿو ته:

”اهڙو لفظ، جنهن سان هڪ يا هڪ کان وڌ پابند صورتون مليل هجن، انهن کي ’مرتب‘ يا ’پيچيدو‘ لفظ سڏبو آهي.“ (ٻرڙو، 2007: 103)

ڊاڪٽر الانا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئي مرتب يا پيچيده لفظ کي تمام تفصيلي انداز ۾ روشني وڌي آهي ۽ مرتب لفظ جا ڪئين مثال به پيش ڪيا آهن، پر سندن ئي ڪسوٽيءَ تي محبت ٻرڙو مثالن کي پرکي ٿو، ته اُن مان ڪيترائي سندن ڏنل مثال ڪمزور ثابت ٿين ٿا. مثال طور پروفيسر علي نواز جتوئي /سَچار/ لفظ کي ٻن جُزن - /سَچ-/ ۽ /-آر/ کي سالم صورتون نٿو سمجهي. هو /سَچْ/ جي سالم صورت /سَچُ/ ۽ /-آر/ جي سالم صورت /ڪار/ ٻڌائي ٿو، پر اُهي صورتون ٻين لفظن ۾ ڪم اچي معنيٰ دار بڻجن ٿيون.

مٿين مثالن جو اپياس ڪري ڏسبو ته /سَچْ -/:

- ’بنيادي‘ صورت طور نظر ايندو
- سالم لفظ نه آهي
- بنياد يا پيڙهه آهي
- مطلب وارو آهي

نتيجي طور /سَچْ/ جي /-چْ/ وينجن جي ساڪن (ـْ) هئڻ ڪري اُن جي شناخت هڪ يڪپدي ٻول، بي عدد ۽ بي جنس (ناڏر، neuter) ڏاتو طور ظاهر ٿي ٻيهي ٿي.

انهيءَ نتيجي ڪيڏ کان پوءِ چئبو ته /سَچْ/ نه پر /سَچُ/ ئي ’سالم‘ صورت لفظ آهي. اُن مان وري سوال پيدا ٿئي ٿو ته:

- جيڪڏهن /سَچُ/ ئي ’سالم‘ لفظ آهي، ته پوءِ /سَچو/ ڇا آهي؟
- جيڪڏهن /وڏو/ ابتدائي لفظ آهي ته /وَڏَ/ ڇا آهي؟

5.10 لفظ جو ڏاتو، پاڙ يا مصدر

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾، لفظ جي ڏاتو، پاڙ يا مصدر کي وڏي اهميت حاصل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل کان وٺي لفظن جي ڏاتو، پاڙ يا مصدر تائين ڏيهي ۽ پرڏيهي ٻولي ماهرن ڪم ڪيو آهي. ڏيهي عالمن ۾ مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهرچند، ديوان جهمٽمل نارومل وسٹائي، واحد بخش شيخ، پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي، سراج الحق ميمڻ، محبت ٻرڙي ۽ ٻين جا نالا نمايان نظر اچن ٿا.

حقيقت هيءَ آهي ته ڏاتو، پاڙ يا مصدر اهڙا اصطلاح آهن، جن تي عالمن ڪم ته ڪيو آهي، پر اهو اختلافن جي نذر ٿيل آهي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته موضوع تي نئين سر ۽ سائنسي انداز ۾ تحقيقي ۽ تنقيدي چندڇاڻ ڪري انهن اصطلاحن جا دائرا ۽ حدون مقرر ڪرڻ گهرجن، ڇو ته اڀياس مان معلوم ٿيو آهي ته ڪن عالمن مصدر کي ڏاتوءَ کان الڳ ڪري پيش ڪيو آهي ۽ ڪي عالم وري ڏاتو ۽ مصدر کي هڪ ئي ڳالهه سمجهن ٿا. هيٺ عالمن جا رايا پيش ڪجن ٿا، جن جي اڀياس کان پوءِ ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهبو:

1. ديوان جهمٽمل نارومل وسٹائي ’نئون سنڌي گرامر‘ ۾ فعل کي ’ڪِريا‘ ۽ امر (مصدر) کي ’اگيارٿ‘ سڏيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”ڪِريا جو روپ جو ’ڪوشو‘ ۾ ڏنل آهي، سو ’ڪريانام‘ يا ’اسم مصدر‘ آهي. اهو اصل سنسڪرت ۽ پراڪرت ڏاتن جو ’ڪريانام روپ‘ آهي. اهو روپ سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾، ڏاتوءَ سان ’آن‘ ۽ ’آڻ‘ ملائڻ سان ٺهندو آهي. سنڌيءَ ۾ به ائين آهي، پر ’آڻ‘ مٽجي ’آڻ‘ ٿيو آهي. اُن موجب سنڌيءَ ۾ ’ڪِريا‘ [يعني فعل] جو ’اصل‘ يعني ’ڏاتو‘ يا جو ’مول‘ اهو روپ آهي، جنهن ۾ ’آڻَ‘ نه گڏيل آهي، سو آهي ’مار‘ يا ’اگيارٿ‘. تنهنڪري ’اگيارٿ‘ (امر) سنڌيءَ ۾ ڪريا (فعل) جو مول آهي، جنهن ۾ ’آڻَ‘ گڏي ’ڪريانام‘ (اسم مصدر) ٺاهبو آهي.“ (وسٹائي، 1892: 102)

ديوان جهمٽمل نارومل وسٹائيءَ جي راءِ موجب، فعل جو بنياد ’اگيارٿ‘ يعني ’امر‘ آهي. انهيءَ ’مول‘ ۾ ’آڻ‘ پچاڙي، ’ڪريانام‘ يعني ’اسم مصدر‘ ٺاهبو آهي.

2. مرزا قليچ بيگ ’سنڌي وياڪرڻ‘ (پاڻو پهريون) ۾ لکي ٿو ته:

” ’لکڻ‘ لفظ جي پچاڙيءَ ۾ ’آڻ‘ جو اُچار آهي. ’کائڻ‘ لفظ جي پچاڙيءَ ۾ ’اِڻ‘ جو اچار آهي. مصدر جي پچاڙيءَ مان ’آڻ‘ يا ’اِڻ‘ جو اُچار ڪڍي چڏبو ته باقي جيڪو بچندو سو ٿيندو ڏاتو يا بنياد.“ (قليچ، 1992: 35)

مرزا قليچ بيگ وڌيڪ لکي ٿو ته:

" ’مصدر‘ معنيٰ، جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين ٿا يا ڦُٽن ٿا. مطلب ته مصدر، معنيٰ ڏاتو يا بنياد. عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ، مصدر مان ٺهن ٿا، تنهنڪري اُن تي اهو نالو رکيو اٿن. سنڌي ٻوليءَ ۾ فعلن جو بنياد، مصدر نه آهي، تنهنڪري مصدر کي ڏاتو يا بنياد ڪري ليکڻ غلط آهي." (حوالو ساڳيو)

مرزا قليچ بيگ فعل جي ڏاتوءَ ۽ مصدر کي الڳ ڪري ٿو. يعني ’اڻ‘ يا ’اِڻ‘ پڇاڙين ملائڻ سان جيئن – هلڻ = هل+آڻ، ڏاتو ’هَل‘ ۽ ’هل‘ مان پوءِ ’هلت‘، ’هلڻي‘، ’هلائڻ‘، ’هلندو‘، ’هليو‘ ۽ ’هليل‘ وغيره لفظ جڙيا آهن. يعني ’مصدر‘ خود ڏاتوءَ مان جُڙيو آهي.

3. پيرومل مهرچند آڏواڻي ’وڏو سنڌي وياڪرڻ‘ ۾ ’ڏاتو‘ يا ’بنياد‘ بابت مرزا قليچ بيگ واري راءِ ڏُهرائي آهي. هو لکي ٿو ته:

"پڙهڻ، لکڻ، هڻڻ، ٽيڻ ۽ ٻيا اهڙا لفظ جي هن صورت (پڇاڙيءَ ۾ ’ڻ‘) ۾ ڪم اچن ٿا، تن کي چئبو آهي – مصدر. يعني فعل جي اها سادي صورت، جا ڪنهن ڪم يا حالت جي معنيٰ ڏيکاري، تنهن کي چئبو آهي – مصدر. ’مصدر‘ معنيٰ جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين ٿا يا ڦُٽن ٿا يعني ته مصدر معنيٰ ڏاتو يا بنياد. سنڌي ٻوليءَ ۾ فعلن جو بنياد مصدر نه آهي، پر امر واحد آهي، تنهنڪري مصدر کي ڏاتو يا بنياد ڪري ليکڻ غلط آهي." (آڏواڻي، 1985: 98)

مصدر جي باري ۾ پيرومل مهرچند وڌيڪ هن طرح لکيو آهي:

"سنڌيءَ ۾ سڀ مصدر ’آڻ‘ يا ’اِڻ‘ (سنسڪرت ’آن‘) پڇاڙي وٺن ٿا ۽ سڀني مصدرن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش يعني ’اُ‘ آهي. سنڌيءَ ۾ سڀڪنهن امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ ’آ‘ يا ’اِ‘ (سنسڪرت ’اُ‘) آهي. اها پڇاڙي ڪڍي ڇڏبي ته باقي بچندو ڏاتو. سنسڪرت ڏاتو ’ڪَتْ‘ جو اچار ’پراڪرت ۾ ’ڪَهه‘ آهي، جنهن مان سنڌي لفظ ’ڪَهڻ‘ (چوڻ)، ’ڪهڻي‘ (چوٽي) ۽ ’ڪهاڻي‘ (آکاڻي) ٺهيا آهن. هاڻ انهن لفظن جو ڏاتو ’ڪهه‘ ليکبو. سنڌيءَ جا گهڻو ڪري سڀ لفظ، اسم توڙي فعل، سنسڪرت ۽ پراڪرت ڏاتن مان ٺهيل آهن." (آڏواڻي، 1998: 335، 334)

ڪاڪي پيرومل مهرچند جي پهرين راءِ موجب، لکڻ – لک، پڙهڻ – پڙهه، مارڻ – مار، ان طرح مصدر جي پڇاڙيءَ وارو ’ڻ‘ ڪڍي ڇڏبو ته اهو امر واحد ٿي پوندو. ’لک‘ لفظ جي پڇاڙيءَ تي پيش آهي ۽ ’مار‘ لفظ جي

پچاڑيءَ تي زير آهي. اهي پيش ۽ زير ڪڍي ڇڏبا ته باقي بچندو لک – مار ۽ اهي ڏاتو آهن. ٻي راءِ موجب، ڪاڪو پيرومل پهرين راءِ تان ٽڙي ويو آهي. هو سنسڪرت ٻوليءَ جو ماهر هو، هن زندگيءَ جو گهڻو حصو سنسڪرت تي ڪم ڪيو، تنهنڪري هن کي هر ٻوليءَ ۾ سنسڪرت جا ڏاتو نظر اچن ٿا!

4. واحد بخش شيخ لکي ٿو ته:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل جو بنياد، عام طرح مصدر ليکجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جو مصدر سنسڪرت ۽ پراڪرت جي مکيه يا اصل فعل جي برابر آهي، تنهنڪري سنڌي لفظن جو اشتقاق مصدر جي بدران امر مان سمجهڻ گهرجي، پر ڇاڪاڻ ته امر فعل جي مڪمل صورت پيش نٿو ڪري ۽ نه وري منجهس ڪا هڪجهڙائي آهي، تنهنڪري مصدر کي ئي بنيادي لفظ ورتو ويو آهي." (شيخ، 2006: 272)

واحد بخش شيخ جي راءِ مطابق، فعل جي لازمي ۽ متعدي حالتن ۾ مصدر جي صورت ساڳي رهندي آهي، يعني مصدر جو پويون حرف 'ڻ' هوندو آهي، پر ٻنهي جي امر جي صيغن ۾ فرق هوندو آهي. يعني لازميءَ جي امر جي پوئين حرف تي گهڻو ڪري 'پيش' (ـُـ) هوندو آهي ۽ متعدي جي امر جي پچاڑي 'اِ' آواز تي هوندي آهي.

مٿين عالمن جي بيان ڪيل راين جي اپياس کان پوءِ نتيجو هي نڪري ٿو ته: سنڌي وياڪرڻين، جن صورتن کي سنڌيءَ ۾ 'مصدر' ڪوٺيو آهي، اُهي وياڪرڻي قاعدن مطابق، مصدر نه بلڪ ڏاتو، بنياد يا پاڙ آهن. ٻين لفظن ۾ اُن کي هيئن چئبو ته: اها صورت، جنهن مان ٻيون صورتون صادر يعني ڦٽي نڪرن. سنڌي وياڪرڻين شايد ائين سمجهيو آهي ته 'مصدر' يا 'ڏاتو' يا 'مول' يا 'پاڙ' فعلن جا ئي ٿيندا آهن، پر حقيقت هيءَ آهي ته 'ڏاتو' فعل جا به ٿيندا آهن ته کي اسم به ڏاتو بنجي 'ڪردنتن' يا 'مشتق' جي بناوت ۽ جوڙجڪ ۾ ڪم ايندا آهن. ان کان علاوه کي صفتون به ڏاتوءَ طور ڪتب ايندڙون آهن. اهوئي سبب آهي جو لسانيات جي ماهرن، هر اُن صورت کي ڏاتو چيو آهي، جنهن مان ٻيون صورتون صادر ٿين يا ڦُٽي نڪرن ٿيون. مثال طور: اُٺ صورت اسم آهي، 'اوٺي' صورت، 'اُٺ' صورت مان ڦٽي نڪتي آهي، تنهنڪري 'اُٺ' صورت، 'اوٺي' صورت جو ڏاتو يا بنياد يا پاڙ آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا ان سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

" 'اڇڻ'، 'وڃڻ'، 'لکڻ' ۽ 'پڙهڻ' توڻي اهڙيون ٻيون سڀئي صورتون، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۽ صرفي اصولن موجب 'ڏاتو' يا 'بنياد' يا 'مول' يعني پاڙ

(root) نه آهن، چو ته سنڌي ٻوليءَ جو ڪو به لفظ ’هلڻ‘ ۽ ’لکڻ‘ وغيره جهڙين صورتون مان صادر نٿو ٿئي يا ڦُٽي نٿو نڪري، پر حقيقت ۾ ’هَلْ‘ ۽ ’لِکْ‘ يا اهڙيون ٻيون صورتون ئي ڏاتو/ ’بنيادي صورتون‘ يا ’مول‘ آهن، جن جي پويان ’-آڻ‘ يا ’-اِڻ‘ پڇاڙيون ملائي ’هلڻ‘، ’لکڻ‘ ۽ ’ڊاهڻ‘ وغيره صورتون ٺاهيون ويون آهن. تنهنڪري اهو ياد رکڻ گهرجي ته ’هلڻ‘، ’لکڻ‘، ’پڑهڻ‘ ۽ ’ڊاهڻ‘ وغيره جهڙيون سڀئي صورتون، سنڌي ٻوليءَ جي ويڪرڻ ۾ ’ڏاتوءَ/ ’بنياد‘ يا ’مول‘ (root) طور ڪم نٿيون اچن، پر اُهي صورتون ته پاڻ به ڪن ’ڏاتن‘ يا بنيادن/ ’مولن‘ مان ڦُٽي نڪتيون آهن، يعني ته اِهي صورتون خود به ’صادر ٿيل‘ يا ’ڦُٽي نڪتل‘ صورتون آهن.“ (الانا، 2010: 123)

ڏاتو/مصدر/پاڙ (مول)			مصدر
لِکْ -	+	- آڻ =	لِکَڻ
پڑهْ -		- آڻ =	پڑهڻ
هَلْ -	+	- آڻ =	هلڻ
مارِ -	+	- اِڻ =	مارِڻ
ڊاهِ -	+	- اِڻ =	ڊاهِڻ
کارِ -	+	- اِڻ =	کارِڻ

برصغير جي پولين جي ماهر سر جارج گريئرسن جي راءِ مٿين ويڪرڻين جي راءِ کان بنهه ابتڙ آهي. هُو ’ڏاتو‘ کي ’مصدر‘ بجاءِ مول يعني پاڙ (root) ٿو سڏي. اُن لاءِ هن پنهنجي ڪتاب ’Linguistic survey of India‘ ۾ پاڙ (root) ۽ مصدر (حاصل – Infinitive) کي ٻه ڏار ڏار صورتون ڪري بيان ڪيو آهي.

سر گريئرسن ’حاصل مصدر‘ (Infinitive) لاءِ لکي ٿو ته:

”سِري يا مٿين سنڌ ۾ ’آ‘ متصل پڇاڙيءَ ۾ مصدر ٺاهڻ لاءِ ڏاتو ۾ ’آڻ‘ جوڙيندا آهن، جڏهن ته ’اِ‘ پڇاڙيءَ وارن فعلن ۾ ڏاتوءَ سان ’اِڻ‘ پوندو آهي. اهڙيءَ ريت ’هل – آڻ‘ (هَلڻ)، ’مار = اِڻ (مارِڻ)، جڏهن ته لاڙ يا هيٺين سنڌ ۾ اهو فرق نٿو ڪيو وڃي، ۽ ٻنهي صورتن ۾ ’آڻ‘ استعمال ڪندا آهن. ۽ ڏاتوءَ ۾ آمرُ پڇاڙيءَ ۾ ’اُ‘ يا ’اِ‘ پڇاڙي ملي ٿي. ڪنهن به فعل جو ڏاتو يا بنياد معلوم ڪرڻ لاءِ اهو آخري ننڍو حرف علت ’اُ‘ ۽ ’اِ‘ هٽائڻو پوندو، مثال طور:

امري	ڏاتو/

صورت	بنياد
هَلْ (تون هل) مارِ (تون مار)	هل مار
مصدر	**ڏاتو**
پيئڻ پُوئڻ ڏوئڻ	پي پُو ڏو

گريئرسن، 2000: 112)

سر گريئرسن جي مٿين راءِ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ’هَلڻ‘ صورت کي ’ڏاتو‘ يا ’مصدر‘ يعني ’پاڙ‘ (root) نه چئبو، پر ’هَلْ‘ صورت کي ’ڏاتو‘ چئبو. ’هلڻ‘ صورت ته پاڻ ’هَل‘ ڏاتوءَ مان ڦُٽي نڪتل هڪ ’صورت‘ آهي، جنهن کي هو به اردو زبان جي وياڪرٽين وانگر ’حاصل مصدر/‘ سڏي ٿو.

مٿين راءِ کي جيڪڏهن قبول ڪبو ته پوءِ ’سنڌي وياڪرڻن‘ ۾ مصدر جي ڏنل پراڻِيءَ وصف ۾ تبديلي آڻڻي پوندي، ڇو ته پراڻي وصف موجب ’هلڻ‘، ’اچڻ‘ ۽ ’لکڻ‘ وغيره صورتون مصدر آهن، جن مان ’آڻ، يا ’اِڻ‘ پڇاڙين جي ڪڍي ڇڏڻ سان ’امر‘ ٺهندو آهي، پر هينئر اُن وصف ۾ ردوبل آڻيندي هن طرح چئبو ته:

”فعل جي ڏاتوءَ يا ’بنياد‘ يعني پاڙ (root) جي پٺيان ’آڻ‘ يا ’اِڻ‘ پڇاڙيون ملائڻ سان، جيڪا صورت ٺهي ٿي، تنهن کي ’حاصل مصدر‘ (Infinitive) چئبو آهي، مثال طور:

ڏاتو/مصدر/مول		پڇاڙي/علامت		= حاصل مصدر
لِکْ -	+	- آڻ	=	= لِکَڻ
پڑهْ -		- آڻ	=	= پڑهڻ
مارِ -	+	- اِڻ	=	= مارِڻ
ڊاهِ -	+	- اِڻ	=	= ڊاهِڻ

(الانا، 2010: 125)

5.11 ڏاتو پاڙ يا مصدر بابت محبت برڑي جي راءِ – هڪ تنقيدي اڀياس

محبت ہرڑي ’پاڑ/ ڈاتو/ مصدر‘ جي عنوان سان ’ہول جو بڑ‘ (2007ع) ۾ ڈاڪٽر غلام علي الانا، مرزا قليچ بيگ، پروفيسر علي نواز جتوئي، سر گريئرسن، سراج الحق ميمڻ جي راين جي چنڊچاڻ ڪندي نتيجا ڪڍيا آهن.

ڈاڪٽر غلام علي الانا پاران ڈاتو/مصدر بابت پيش ڪيل وصف سان محبت ہرڑو اتفاق رکي ٿو، پر ڈاڪٽر الانا جيڪي ڈاتوءَ لاءِ مثال ڏنا آهن، انهن مان ڪجهه سان محبت ہرڑو ۽ ڪجهه سان پروفيسر علي نواز جتوئي اختلاف رکي ٿو.

محبت ہرڑو ’ہول جو بڑ‘ ۾ هن موضوع جي ابتدا پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي انهيءَ راءِ سان ڪري ٿو، جنهن ۾ موصوف ڈاڪٽر غلام علي الانا جي راءِ سان اختلاف رکيو آهي.

/سڏائڻ/ پيچيدو (complex) لفظ آهي، جنهن جو بنياد /سَڈْڻ/ آهي ۽ /آءِ/ اندريون جوڙ (affix) آهي. اهڙيءَ طرح سان /سڏارائڻ/ به پيچيدو لفظ آهي، جنهن جو بنياد وري /سڏائڻ/ آهي ۽ /را/ اُن جو اندريون جوڙ آهي. هن مثال مان معلوم ٿيندو ته بنياد ہن قسمن جا ٿين ٿا: هڪڙا اُهي، جي خود ہئي بنياد مان ڦُٽي نڪرن ٿا. اهڙن بنيادن کي ٽـڙ (Stem) سڏبو آهي. ٻيا اهي بنياد، جي اصلي ۽ ابتدائي هوندا آهن، جن مان ٻيا بنياد ڦٽي نڪرندا آهن، اهڙن بنيادن کي **’پاڙ‘** يا ’**جَڙ**‘ (Root) سڏبو آهي. گويا **’ٽڙ‘** جي بنياد کي ’**پاڙ**‘ سڏبو آهي. /سڏارائڻ/ جو ٽـڙ - بنياد /سڏائڻ/ آهي، جنهن جو پاڙ – بنياد /سڏڻ/ آهي. (جتوئي، 1983: 117-116)

پروفيسر جتوئي /سڏڻ/ کي پاڙ – بنياد سمجهي ٿو. ہئي طرف پروفيسر غلام علي الانا /سڏ/ کي پاڙ – بنياد سڏيو آهي. محبت ہرڑي، ڈاڪٽر غلام علي الانا جي راءِ کي ورجائيندي لکيو آهي ته:

”/سڏڻ/ اصلي ہول (لفظ) آهي ۽ -سَڈْ/ اُن مان ڦُٽي نڪتل صورت يا /سَڈْ/اصلي ہول (لفظ) آهي، /سَڈْ/ اُن مان ڦُٽي نڪتل صورت؟ جيستائين اها ڳالهه طئه نٿي ٿئي، تيستائين ڈاتو بابت مونجهاري جو شڪار رهڻو پوندو. انهيءَ ڳالهه جي چنڊچاڻ ۽ نبيري لاءِ اسان کي هڪ پيرو وري پروفيسر جتوئيءَ جي ٻيءَ هڪ ڳالهه تي سوچڻو پوندو.“ (ہرڑو، 2007: 167)

پروفيسر علي نواز جتوئي طرفان صرفيات جي گهٽائڻ (substraction) واري اصول مطابق بنيادي لفظن مان صرفيي (morpheme) يا پد (Syllable) ڪڍي چڏڻ سان جيڪو لفظ نڪرندو آهي، سو اشتقاق هوندو آهي، جيئن ته /مارڻ/ مان /مارَ/، /تورڻ/ مان /تورَ/، /ڇاڻڻ/ مان /ڇاڻ/، /ڊڪڻ/ مان /ڊڪ/، /سارڻ/ مان /سارَ/، /ڇَڏڻ/ مان /ڇَڏْ/. اتي اعتراض آڻي سگهجي ٿو ته ڦُٽل

صورت ننڍي آهي، تنهنڪري ڇو نه ان کي بنيادي صورت ڪري وٺجي ۽ (اهو چئجي ته) ان مان وڏي صورت ٺٿي نڪتي آهي يعني /مارَ/ مان /مارڙ/، /تورَ/ مان /تورڙ/ ۽ /ڇاڙ/ مان ڇاڙڻ. اهو خيال غلط آهي، ڇو ته /مار/، /تورَ/ ۽ /ڇاڙ/ گرامر موجب انهيءَ اسم ذات جا مثال آهن، جيڪي مصدري اسمن مان نڪرندا آهن. ان جا ڪيترائي نمونا آهن، مثلاً:

(الف) هلڙ مان هلڻي　　پڑهڙ مان پڑهڻي
لکڙ مان لکڻي　　چوڙ مان چوڻي

(ب) ساڙڻ مان ساڙو　　ڪاڙهڙ مان ڪاڙهو
نبيرڙ مان نبيرو،　　ڏڏڪڙ مان ڏڏڪو

(پ) اٽڙ مان اٽت　　ڳٽڙ مان ڳٽت
وٽڙ مان وٽت　　هلڙ مان هلت
وڑهڙ مان وڑهت

(پ) پڑهائڙ مان پڑهائي لکائڙ مان لکائي
ڪوٽائڙ مان ڪوٽائي

(پ) ڪٽائڙ مان ڪٽائي　　ڇڏائڙ مان ڇڏائي
وٽائڙ مان وٽائي.

مٿي ڇاڙايل مثالن مان محبت ٻرڙو هيٺيان نتيجا ڪڍي ٿو ته:

- ڊاڪٽر غلام علي الانا ڏاتو اسم مصدر (يا حاصل مصدر) کي نڙو سمجهي پر سندس نظر ۾ جيڪا پاڙ (root) آهي، ان کي سمجهي ٿو.
- پروفيسر جتوئي جنهن 'پاڙ – بنياد' ۽ 'ٽـڙ – بنياد' جو ذڪر ڪيو آهي، سنڌيءَ جي ڪيترن ئي لفظن کي جڏهن اهڙيءَ درجيبنديءَ ۾ آڻبو ته پوءِ اسان کي سڃو وڻ پيدا ڪرڻو پئجي ويندو. جيئن ڊاڪٽر الانا چوي ٿو:

- 'سڙڻ' جو ڏاتو /سَڑ/ آهي، اهو سڏبو 'پاڙ ڏاتو'.

- 'ساڙڻ' جو ڏاتو /ساڑ/ آهي، اهو سڏبو "ٽڙ ڏاتو"، ڇو ته /ساڑ/ جو پاڙ ڏاتو /سَڑ/ آهي.

- 'ساڙائڙ' جو ڏاتو /ساڑاء/ آهي، جنهن کي ڊاڪٽر الانا جن /ساڑا-/ سڏيو آهي، ان کي سڏبو 'ڏار ڏاتو'، ڇو ته ان جو ٽڙ ڏاتو /ساڑ/ ۽ پاڙ ڏاتو /سَڑ/ آهي.

- ’ساڙارائڊ’ جو ڏاتو /ساڙاراء/ آهي، جنهن کي ڊاڪٽر غلام علي الانا /ساڙارا-/ لکيو آهي، ان کي سڏبو ’ٽاري ڏاتو’.

- ’ساڙارارائڊ’ جو ڏاتو /ساڙاراراء/ آهي، جنهن کي ڊاڪٽر الانا جن /ساڙارارا-/ لکيو آهي، ان کي چئبو ’پن ڏاتو’.

- ’سَڙِيي’ جو ڏاتو آهي /ساڙڻ/ جنهن کي اصولي طرح ’ڏار ڏاتو’ سڏڻ گهرجي، پر جيئن ته /ساڙاء/ کي ’ڏار ڏاتو’ سڏيو اٿئون، ان ڪري هي ٽيندو ’پنکڙي ڏاتو’.

اهڙيءَ طرح ’ساڙائڊي’ ۽ ’ساڙارائڊي’ لاءِ ’ميوو ڏاتو’ ۽ ’ٻج ڏاتو’ به نٿهي پوندا پر ’ساڙارارائڊي’ لاءِ مونجهارو آهي!” (ٻرڙو، 2007: 170، 169)

محبت ٻرڙي جو هڪ مضمون ’جامع سنڌي لغات جو جائزو’ پهرئين جلد جي حوالي سان پهرين پڙهڻي پنهنجي مڪمل صورت ۾ ڪينجهر (ڊسمبر 1994ع – ايڊيٽر – ناز سنائي) ۾ ڇپيل آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 328 اهڙن لفظن جي نشاندهي ڪيل آهي، جن جي هر پابند صورت ڏار ڪرڻ کان پوءِ آخري، نندي ۾ نندو معنادار جزو /لِکُ/ بيهي ٿو.

پاڙ جيئن ته اهو حصو آهي، جنهن تي ڪنهن به شئي، واقعي، لقاء وغيره جو باقي سمورو ڊانچو اڏيل ٿئي ٿو، انڪري پاڙ، ٻول يا پاڙ لفظ، اهو لفظ آهي، جيڪو پاڻ سان واسطيدار سڀني لفظن جي پاڙ ۾ موجود رهي ٿو. محبت ٻرڙو چندچاڻ کان پوءِ پاڙ جي وصف هن طرح بيان ڪري ٿو:

”پاڙ – ٻول نندي ۾ نندي معنادار آجي صورت آهي. اهو پاڻ ڪنهن ٻئي ٻول مان ڦُٽي نڪري، پر منجهانئس ڪيترائي ٻول ڦٽي نڪرڻ جوڳا هوندا آهن. پاڙ ٻول ئي آهي، جنهن کي پهريت، سادو، ابتدائي، بنيادي ٻول چوڻ گهرجي.

ٽورو اڳ ڏنل حوالي ۾، پروفيسر جتوئي /چَٽڻ/ مان /چَٽَ/ ۽ /ڊُڪڻ/ مان /ڊُڪَ/ کي ڪردنت سڏي ٿو ۽ مصدري اسمن /چٽڻ/، /ڊڪڻ/ وغيره کي بنياد قرار ڏئي ٿو. حقيقت هن طرح آهي ته /چَٽَ/ ۽ /ڊڪ/ ڪردنت برابر آهن، پر انهن جو ڏاتو /چٽڻ/، /ڊڪڻ/ ناهي، انهن جو ڏاتو /چَٽُ/، /ڊُڪُ/ آهي.

پروفيسر جتوئي چوي ٿو ته /مارَ/، /تورَ/ ۽ /جاڻَ/ گرامر موجب انهيءَ اسم ذات جا مثال آهن جيڪي مصدري اسمن مان نڪرندا آهن. هيءُ کو دليل ناهي. مصدري اسمن مان اسم ذات چو ٿا نڪرن؟ چا سمورا اسم ذات لفظ مصدري اسمن مان نڪرندا آهن؟ چا اهو کو پکو پختو قانون آهي ته هر اسم

ذات مصدري اسم مان ئي نڪري ۽ جيڪو لفظ مصدري اسم مان نڪتل نه هوندو، اهو اسم ذات ٿي ئي نٿو سگھي؟

پروفيسر علي نواز جتوئي ڪتاب ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ ۾ بنياد، ڏاتو يا پاڙ لفظ جي سلسلي ۾ ڪا به هڪ صورت قائم رکي نه سگھيو آهي. پاڻ ڪنهن هڪ ٻول جي ڪنهن هڪ صورت کي ڪٽي ’بنياد‘ سڏي ٿو ته ڪٽي ’سالم لفظ‘ ۽ ڪٽي وري ڪنهن ٻئي لفظ جي اُن جھڙي ئي صورت کي ’اڻ – سالم‘ ٿو سمجھي ۽ ڪٽي ’بنيادي صورت طور نظر ايندڙ‘ ۽ ڪٽي ’بنيادي پد‘ سڏي ٿو.

/قربائتو/ پيچيدو لفظ آهي جنهن جو بنياد /قُربْ/ آهي ۽ /-آئتو/ پويون جوڙ آهي. اهڙي قسم جا ٻيا مثال آهن:

پُٽيتو = /پُٽْ + ايتو/

لاڙي = /لاڙْ + اِي/

باغائي = /باغْ + آئي/

ڏَڪار = /ڏَڪْ + ڪار/

سَڏي = /سَڏْ + اي/

سڏيندو = /سَڏْ + ايندو/

هن مثال ۾ /سَـڏْ/ کي ”بنياد“ قرار ڏنو ويو آهي.

پروفيسر علي نواز جتوئي مثال ۾ /سَڏْ/ کي بنياد قرار ڏنو آهي.

/سڏڻ/ جيڪڏهن پاڙ – بنياد آهي ۽ /سڏائڻ/ جيڪڏهن ڏڙ – بنياد آهي، ته پوءِ /سَڏْ/ کھڙو بنياد سڏبو؟ ۽ /سَڏُ/ کي کھڙو بنياد سڏيو ويندو؟

پروفيسر جتوئي جي راءِ موجب /سڏائڻ/ جو پاڙ- بنياد آهي /سڏڻ/، تيئن /ساڙڻ، کاڙھڻ، نبيرڻ، پڑھائڻ، لکائڻ، کوٽائڻ، کٽائڻ، ڇڏائڻ، وڙائڻ/ جو پاڙ- بنياد ٿيندو /سڙڻ، کڙھڻ، نبرڻ، پڑھڻ، لکڻ، کوٽڻ، کٽڻ، ڇڏڻ، وڙڻ/ ۽ انهن جو، اڳ ڄاڻايل بنيادن تي، محبت ٻرڙي جي راءِ موجب حقيقي پاڙ- ٻول ٿيندو /سَـڙْ، کڙْھ، نِـبِـرْ، پَـڙْھ، لِکْ، کوٽْ، کَـڻْ، ڇَـڏْ، وَڙْ/. بلڪل ساڳين سببن جي ڪري /مارڻ ۽ تورڻ/ جو پاڙ ٻول ٿيندو /مَـرْ ۽ ٽُـرْ/ ۽ /ڊکڻ ۽ ڇڙْ/ جو پاڙ ٻول ٿيندو /ڊُکْ ۽ ڇَڙْ/.

هتي محبت ٻرڙو هڪ ڳالھه چڙي ڪري ٿو ته خود اهڙن، رسمي طريقي ۽ وصف پٽاندر نروار ٿيندڙ پاڙ ٻولن مان ڪجھه، کي ٻول سڄ پڄ پاڙ ٻول هجن،

انهيءَ سان موصوف کي اختلاف آهي. جيئن مٿئين سٽاءَ ۾ هڪ ٻول /نِـبِـرْ/ پاڻ ٻول طور اپري آيو آهي جيڪو محبت ٻرڙي جي نظر ۾ پاڻ ٻول ناهي، اهو هڪ ڳنڍڻ ۽ ڳٽيل لفظ آهي. اهڙا ڪيترائي لفظ، جيڪي مٿي آيل وصف جي روشنيءَ ۾ پاڻ ٻول طور اپري اچن ٿا، درحقيقت ڳٽيل لفظ آهن.

پروفيسر جتوئي چوي ٿو ته /سَچْ/ سالم ٻول ناهي (ڇو ناهي؟ ان جي ڪا به وضاحت نٿي ملي) ۽ ان جو سالم لفظ آهي /سَچُ/. وري چوي ٿو ته /ڏَڏْ، لاڙْ، باغْ/ وغيره ڪن لفظن جو بنياد آهن. /سچُ/ کي مثال بنائي انهن جو سالم ٻول هي مقرر ڪرٽو پوندو:

بنياد	**سالم ٻول**
سَچْ	سچُ
ڏَڏْ	ڏِڏ
لاڙْ	لاڙ
باغْ	باغ
ڪنپْ	ڪنپُ
چَمْ	چَمُ
ڏَڙْ	ڏَڙُ

۽ ٻيا.

ٻين لفظن ۾ ايئن چوٽو پوندو ته خود پروفيسر جتوئي جي نظر ۾ جيڪو ٻول بنياد يا پيڙهه آهي، اهو سالم لفظ ناهي.

۽ جيڪو ٻول سالم ناهي اهو جوڙ (affix) ته ٿي سگهي ٿو، ’ڏاتو‘ نٿو ٿي سگهي.

ڏاتو ٻول ڪنهن به عدد، جنس، حالت وغيره کي ظاهر نٿو ڪري.

پروفيسر جتوئي لکيو آهي ته: /سچار/ ۾ /سچْ/ ۽ /آر/ سالم لفظ نه آهن، /سچْ/ جو سالم ٻول /سچُ/ آهي ۽ /آر/ جو /ڪار/. محبت ٻرڙي جي نظر ۾ /سچُ/ جو ڏاتو به /سچْ/ آهي ته /سچار/ جو ڏاتو به /سچْ/، ۽ اهڙيءَ طرح /سچو/، /سچُو/، /سچي/، /سچِي/، /سچاڻ/ وغيره جو ڏاتو به /سچْ/ آهي. /سچْ/ کان سواءِ باقي سڀ جوڙ آهن — پٺجوڙ (suffixes).

/سونار، لوهار، ڏٽار، چمار، ڪنڀار/ وغيره ۾ پٺجوڙ /آر/ جو سالم لفظ ممڪن آهي ته /ڪار/ هجي، پر /اُچار، آجهار، آچار، آٽار، اُپار، آجهار ۽ اُڏار/ ۾ به /-آر/ جو سالم لفظ /ڪار/ ئي هجي، هڪ شڪ واري ڳالهه آهي.

ڪي جوڙ اهڙا آهن جن جو ’سالم‘ لفظ ڳولڻ سان ملي وڃي ٿو، پر ڪي جوڙ اهڙا به آهن جن جو سالم لفظ في الوقت نٿو لڀي. البت محبت ٻرڙو پڪ رکي ٿو ته جيڪو به جوڙ آهي، خاص ڪري اڳجوڙ ۽ پٺجوڙ، اهو ڪنهن نه ڪنهن ٻول جو اڳيون حصو (اڳجوڙ جي حالت ۾) يا پٺيون حصو (پٺجوڙ جي حالت ۾) آهي.

/سونار، لوهار، ڏٽار/ وغيره ٻولن ۾ /آر/ ڏاتو ٿي نٿو سگهي ڇو ته انهن ٻولن ۾ اهو هڪ پٺجوڙ طور ڪم آيو آهي، پر ڪو به نه هوندو جيڪو چئي سگهي ته انهن ٻولن ۾ ڏاتو ٻول /سونْ، لوهه ْ، ڏڻ ْ/ ناهي، ۽ اهو ٻول پنهنجي حقيقي ڏاتوئي صورت ۾ ڪم آيل آهي.

محبت ٻرڙي جي راءِ آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي هر لفظ جو ڏاتو يڪپدو (monosyllabic) آهي. هر ڏاتو پنهنجي بناوت ۾ ننڍي ۾ ننڍي معنادار آجي صورت رکي ٿو. اهو ڪا به جنس نه ٿو ڏيکاري، ڪو به عدد نٿو پڌرو ڪري. ان ڏاتوءَ سان مختلف جوڙ ملائي ڳٽيل لفظ ٺاهيا پئي ويا آهن ۽ اهڙي هر ڳٽيل ٻول ۾ اهو ڏاتو پنهنجي ڏاتوئي صورت برقرار رکي ٿو. البت مرڪب لفظ ۾ هڪ کان وڌيڪ (عام طرح ٻه) ڏاتو پنهنجي اصلي ۽ اصولي صورت ۾ ڪم اچن ٿا. ڏاتو ۾ ڪو جوڙ اهڙيءَ طرح به ملائي سگهجي ٿو جو سندس وچون يا اندريون جوڙ ٿي پوي.

ان ڳالهه کي هن طرح به بيان ڪري سگهجي ٿو:

- لِکْ = [ل + اِ + ک]
- لِکَ = [لِ] + [کَ] = /لَکْ + آ/
- لِکُ = [لِ] + [کُ] = /لِکْ + اُ/
- لکو = [لِ] + [کو] = /لِکْ + او/
- لکڻ، لکائڻ، لکيو، لکايو، لکرايو، لکندو، لکائيندو، ...
- ليکْ = [ل + اي + ک]. ڏاتو سان /اي/ هڪ اندريون جوڙ.
- ليکو = [لي] + [کو] = /ليکْ + او/
- ليکُو = [لي] + [کُو] = /ليکْ + اُو/
- ليکڪْ = [لي] + [کّکْ] = [لي] + [ک + ا + ڪ] = /ليکْ + آڪ/.
- ليکّکُ = [لي] + [کّ] + [کُ] = /ليکڪْ + اُ/

- ليڪڪَ = [لي] + [ڪَ] + [ڪَ] = /ليڪڪْ + آ/
  - ليڪيو، ليڪيندو، ليڪايو، ليڪائيندو، ليڪاري، ...
- /لِکْ/. هڪ ذاتو ٻول. ناڏر جنس. عدد ٻڙي.

توڙي جو اها ڳالهه محسوس ڪئي ويئي آهي ته ذاتو ٻول پاڻ مان ڦُٽايل هر صورت کان ٿورو ڪي گهٽو فرق رکي ٿو پر ان جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻيو اصطلاح ’عيوضي صرفيو‘ (allomorph) ڪم آڻي ان کي ذاتو سان هم آهنگ ڪيو ويندو آهي. ’allomorph‘ لاءِ ’ساٽروپ‘ (عيوضي صرفيه) متبادل طور ڪم آندو ويندو.

’ساٽروپ‘ (allomorph) جي لفظي معنى آهي ڪنهن هڪ ئي شيءِ جو ’ٻيو روپ‘ يا ’بدليل روپ‘ (عيوضي صرفيو).

- . . . مگر بنيادي صرفين {morphemes، رُوپين} ۾ به عيوضي صرفيا ٿيندا آهن، مثلاً ’اُنْ‘ بنيادي لفظ آهي، جنهن جون حالتن مطابق مختلف صورتون هيٺين ريت آهن:

اُنْ اچي ٿو (حالت فاعلي، عدد واحد)

اُنَ اچن ٿا (حالت فاعلي، عدد جمع)

اُنْ ڪاهه (حالت مفعولي، عدد واحد)

اُنَ ڪاهه (حالت مفعولي، عدد جمع)

اُنَ کي گاهه ڏي (حالت جري، عدد واحد)

اڻن کي گاهه ڏي (حالت جري، عدد جمع)

اُنَ جو پُڇُ ڏس (حالت اضافت، عدد واحد)

اڻن جا پُڇَ ڏس (حالت اضافت، عدد جمع)

او اُنَ، حبيبن ڏي هل (حالت ندا، عدد واحد)

او اُنَئو، حبيبن ڏي هلو (حالت ندا، عدد جمع)

انهن سڀني حالتن ۾ ”اُنْ“ بنيادي لفظ جون چار صورتون آهن جن مان هڪَ، حالت فاعلي عدد واحد واري صورت، هوبهو بنيادي لفظ جهڙي آهي، باقي ٻيون ٽي صورتون بدليل آهن. انهن سڀني ۾ بنيادي صورت /اُنَ/ آهي جنهن سان ٻيا جوڙ /آ/، ۽ /آن/ ۽ /آئو/ ملايا وڃن ٿا، تنهنڪري /اُنْ/ ۽ /اُنَ/ عيوضي صرفيا {allomorphs} آهن. (جتوئي، 1983: 118)

چئبو ته بنيادي لفظ رڳو مذڪر واحد هوندو آهي.

هن ٽڪري ۾ "اُنْ" کي بنيادي لفظ سڏيو ويو آهي ۽ توڙي جو اهو مجيو ويو آهي ته /آ/ ، /آن/ ۽ /آئو/ ان سان جوڙ ملايا ويا آهن پر اهو نه چيو ويو آهي ته /اُ/ به جوڙ طور ئي مليل آهي ۽ بنياد (ذاتو) /اُنْ/ ئي آهي.

چيو ويو آهي ته /اُنْ/ بنيادي صورت آهي، ۽

/اُنْ/ بنيادي لفظ آهي!

جيڪڏهن /اُنْ/ ۽ /اُنْ/ ساٽروپ (عيوضي صرفيا) آهن ته پوءِ ڇو /سچُ/ ۽ /سَچْ/، /پُٽْ/ ۽ /پٽْ/، /ٽڏِ/ ۽ /ٽڏْ/، /باغُ/ ۽ /باغْ/ هڪ ٻئي جا عيوضي صرفيا ناهن؟ ۽ ڇو انهن مان هڪ سالم لفظ آهي ۽ ٻيو سالم لفظ ناهي؟

محبت ٻرڙو انهيءَ راءِ جو آهي ته جيئن /اُنَ/ ٻول ۾ ذاتو /اُنْ/ سان /آ/ جوڙ ملايو ويو آهي تيئن /اُنْ/ لفظ سان /اُ/ جوڙ ملائي /اُنْ/ ٺاهيو ويو آهي.

پروفيسر جتوئي چيو آهي ته:

(1) "اُنْ" بنيادي لفظ آهي،

(2) حالت فاعلي عدد واحد واري صورت هوبهو بنيادي لفظ جهڙي آهي.

(3) باقي صورتن سان ٻيا جوڙ /آ/، /آن/ ۽ /آئو/ ملايا ويا آهن.

ايئن چوڻ بدران هيئن چو نه چئجي ته:

(1) جيئن باقي صورتن سان ٻيا جوڙ /آ/ ، /آنْ/ ۽ /ائو/ ملايا ويا آهن، تيئن حالت فاعلي عدد واحد (۽ جنس مذڪر، جنهن جو ذڪر ئي نه ڪيو ويو آهي) واري صورت ٺاهڻ لاءِ جوڙ /اُ/ ملايو ويو آهي، ان ڪري

(2) حالت فاعلي عدد واحد (جنس مذڪر) واري صورت هوبهو بنيادي لفظ جهڙي ناهي، ۽

(3) بنيادي لفظ "اُنْ" (يا /اُنِ/ = ڏاچي) ناهي پر /اُنْ/ آهي، جنهن کي اصولن ذاتو سڏڻ گهرجي ڇو ته ذاتو ان صورت کان سواءِ ٻيو ڪو به ناهي.

پوءِ ته ائين به چوٽو پوندو ته

ڪتو اڇي ٿو (حالت فاعلي، عدد واحد، جنس مذڪر)

ڪتي اچي ٿي (= = = = ، جنس مؤنث)

(۽ اهڙيءَ طرح باقي سڀ جملا) ته پوءِ

- /ڪُتو/ بنيادي لفظ آهي (۽ /ڪُتِي/ به بنيادي لفظ آهي)،
- حالت فاعلي، عدد واحد (۽ جنس مذڪر هجي يا مؤنث) جي صورت هوبهو بنيادي لفظ /ڪُتْ/ جهڙي آهي، جنهن سان ٻيا جوڙ ملايا ويا آهن،
- تنهنڪري /ڪُتْ/ ۽ /ڪُتو/ ۽ /ڪُتي/ ساٿروپ (عيوضي صرفيا) آهن.
- يا وري چئبو ته بنيادي لفظ رڳو مذڪر ٿيندو آهي.

۽ وري جي مثال ڪنهن اهڙي شيءِ جو هجي، جنهن ۾ جنس مذڪر ۽ مؤنث وڌيڪ نمايان فرق رکن ٿا جيئن /ڪتي ۽ ڪٽياٽي/، /ڏوٻي ۽ ڏوٻياٽي يا ڏوٻڙ/، /سونار ۽ سوناري/، /ڀنگي ۽ ڀنگياٽي/ وغيره ته پوءِ اهو مثال ويتر غير علمي ٿي پوندو.

ڏاتو ٻول

(1) ننڍي ۾ ننڍي معنادار آزاد صورت آهي.

(2) ڳٽيل ٻولن جي روپاوليءَ ۾ ڏاتو ٻول پنهنجي حقيقي صورت برقرار رکي ٿو ۽ انهن سڀني ٻولن جو بنياد (پاڙ) ٿي ڪم اچي ٿو.

(3) سنڌي ٻوليءَ جو ڏاتو ٻول يڪپدو ٿئي ٿو.

(4) اهو ڪو به عدد، ڪا به جنس ۽ ڪا به ڪيفيت يا حالت ظاهر نٿو ڪري.

(5) ڏاتو ٻول ڏاتو ٿي ئي ڪم اچي ٿو، جوڙ نه.

(6) ڳوپ ٻول (جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ، اڪثر ڪري ٻه ڏاتو ٻول ٿين ٿا) سان پڻ ڪي جوڙ ملائي، انهن کي ڳٽيل ٻول جي صورت ۾ آندو وڃي ٿو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ جڙيل روپاولي کان جوڙ الڳ ڪيا ويندا ته ڳوپ ٻول ظاهر ٿي پوندو.

مصدر

مصدر معنيٰ اهو لفظ، جنهن سان ٻيا لفظ صادر ٿين ٿا يا ڦُٽن ٿا.

مصدر معنيٰ ’ڏاتو‘ يا بنياد. عربي ۽ فارسيءَ جا ٻول، اهڙن ٻولن مان ڦُٽي نڪرن ٿا، جن جا سنڌيءَ ۾ هم معنيٰ لفظ لکڻ، پڑهڻ وغيره ٿين ٿا، انڪري ڪيترن ئي سنڌي عالمن سنڌي لفظن جو حقيقي ڏاتو يا مصدر ڳولڻ بدران

عربي ۽ فارسي صرف و نحو جي نقل ۾ 'لکڻ' ۽ 'پڑهڻ' جهڙن لفظن کي مصدر قرار ڏيئي چڏيو. حقيقت کي جڏهن ووڑيو ويو تڏهن پڌرو ٿي پيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي قسم جا لفظ بنياد، مصدر يا ڏاتو ٿي ئي نه پئي سگهيا.

حوالا

51. ابڑو، بدر (2010ع) اوکسفرڊ انگلش – سنڌي ڊڪشري (چاپو پهريون)، ڪراچي: اوکسفرڊ يونيورسٽي پريس، پلاٽ 38، سيڪٽر 15، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا.
52. آڏواڻي، پيرومل، مهرچند (1985ع) وڏو سنڌي ويـاڪرڻ، (چاپو ٻيو)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
53. امرتسری، عبدالرحمان، حافظ (ﷺ ء) کتاب الصَّرف (جلد ؟)، حیدرآباد سندھ: مکتبہ اصلاح و تبلیغ۔
54. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1987ع) سنڌي ٻوليءَ جو اپياس، (چاپو پهريون)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
55. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1995ع) ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي مقالي جو لسانياتي اپياس، ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ، ٽماهي مهراڻ، جلد 44، نمبر 1، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
56. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2010ع) سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر، حيدرآباد: سنڌي لينگئيج اٿارٽي.
57. بروهي، غلام قادر، خانپور (1423هه) تنبيان الصَرف سنڌي، شرح ارشاد الصرف، (جلد پهريون)، پير شريف: الجامعه العربيه سراج العلوم الاسلاميه.
58. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2007ع) جامع سنڌي لغات، (چاپو ٻيو)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ
59. ٻرڙو، محبت (1994ع) ضميري پڇاڙيون ۽ صحيح سنڌي ٻولي، ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ، ٽماهي مهراڻ، جلد 43، نمبر: 1 ۽ 2، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
60. ٻرڙو، محبت، ڊاڪٽر (2007ع) ٻول جو بڻ، (چاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
61. پالن پوری، سعید احمد، مولانا (ء) آسان صَرف، (حصہ اول)، کراچی: مکتبہ البشریٰ، چودھری محمد علی چیرڈیبل ٹرسٹ (رجسٹرڈ)، گلستان جوہر۔
62. جتوئي، علي نواز، حاجن خان، پروفيسر (1983ع) علم لسان ۽ سنڌي زبان، (چاپو ٻيو)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
63. جلباڻي، غلام حسين، ڊاڪٽر (1988) عربي سنڌي ڊڪشنري (پاڳو پهريون)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
64. جيٹلي، مرليڈر، ڊاڪٽر (1990ع) سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظ، ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ، ٽماهي مهراڻ، جلد 39، نمبر 4، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

65. چرتھا ولی، مشتاق احمد، مولانا (؟) علم الصرف (حصہ اول)، حیدرآباد سندھ: مکتبہ اصلاح و تبلیغ۔
66. حضرو، عمر فاروق، دار (؟) لُغات فارسی، حضرو: دارِ عمر فاروقؓ۔
67. سنز، فیروز (ﷺ) فیروزاللغات – جدید اردو (مطبوعہ اول)، لاہور: فیروز سنز (پرائیویٹ) لمیٹڈ)۔
68. شیخ، واحد بخش (2006ع) سنڌي هوليءَ جو صَرف ۽ نحوَ، (گڏيل پاڻا – چاپو ٻيو)، جام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
69. عباسي، عبدالرحيم، آخوند (1993ع) جواهر لغات سنڌي اکيچار، (چاپو پهريون)، حيدرآباد، سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو.
70. قليچ بيگ، مرزا (1960ع) سنڌي وياکرڻ (پاڻو ٽيون)، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
71. قليچ بيگ، مرزا (1992ع) سنڌي وياکرڻ (چار پاڻا)، جام شورو/ حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
72. کریم الدین، مولانا (؟) کریم اللغات، کراچی، میر محمد، کتب خانہ، آرام باغ۔
73. معلوف، لوئس (؟) المُنجد عربی – اردو ، لاہور: خزینہ علم و ادب، الکریم مارکیٹ اردو بازار۔

25. Bloomfield, L., 1962, Language, London: George Allen & Unwin Ltd.
26. Cuddon, J.A., 1991, Dictionary of Literary Terms and Literary Theory, (Third Edition), London, Penguin Books, Ltd.
27. Hussain, Shahid, 2010, Dictionary of Literary Terms, (2nd Edition), Lahore: New Kitab Mahal, Urdu Bazaar.
28. L. Varshney, Radhey, Dr., 1985, An Introductory textbook of Linguistics & Phonetics, (first ed), Lahore: Urdu Bazaar, Famous Products.
29. Malik, Munwar Ali, Prof., 2010, Good Luck Dictionary of Literary Terms (New Edition), Lahore: New Kitab Mahal, Urdu Bazaar.
30. Rahman, Tariq, 2018, Linguistics for Beginners – Basic Concepts (6th Impression), Karachi: Oxford University Press.
31. Syal, Pushpinder, D.V. Jindal, 2002, An Introduction to Linguistic & Language, Grammar & Semantics, (4th Edition), 60, New Delhi: Printice, Hall of India Private Limited.

علم نَحوَ – معنيٰ، وصف، اصول ۽ قاعدا:
علم نَحوَ ۾ محبت پرڻي جو تحقيقي ڪم

6.1 علم نحوَ – معنيٰ ۽ وصف

- نَحوُ: ذ. جملن جي بناوت – اکرن جي بيهڪ – جملن جي ترڪيب وارو علم – علم گرامر – وياڪرڻ – (ظرف). طرح – طريقو – ڍنگ – ريت نمونو – راهه – رستو – وقت – واٽ – نوع. (بلوچ، 2007: 417)
- نَحوَ: ڏانهن. نزديڪ. اٽڪل. ساڃيو. (جلباٹي، 1990: 1365)
- **النَحْو:** وہ علم، جس میں کلمات عرب کے احوال مثل اعراب دینا و ترکیب و افراد سے بحث کی جائے اور اس علم کا نام علم نحوَ اس وجہ سے ہے کہ متکلم عرب کے طریقے پر چلتا ہے۔ (معلوف، ؟: ۸۸۶)
- **نَحْوُ** (ع) (۱) قصد - ارادہ (۲) طریقِ راہ (۳) طرف (۴) مانند (۵) وہ علم جس میں لفظ کی بجائے جملے سے بحث ہوتی ہے۔ (حضرو، ؟: ۸۸۴)
- (1) نحوي ترڪيب، جملي ۾ پاڻ ۾ ڳنڍجڻ ۽ لاڳاپو ڏيڪاريندڙ لفظن جي وياڪرڻي ترتيب. (2) چيد لاءِ ٺاهيل نحوي قانون. (ابڑو، 2010: 1790)
- **نَحْوُ** (ع - ا - مذ) (۱) طور - طریق (۲) وہ علم جس سے کلمات کو جوڑنا، توڑنا، ان کی ترکیب اور ان کا باہمی تعلق معلوم ہو۔ (فیروز، ۲۰۰۷: ۷۲۹)
- **نَحْوُ** (ع) طریقِ راہ - مانند - جملوں کا علم۔ (کریم، ؟: ۳۸۲)
- علم نحو، وہ علم ہے، جس سے کلمات کو جوڑنے کا طریقہ معلوم ہو ۔ (پالن پوری، ۱۴۱۷: ۵)

مٿي بيان ڪيل مواد جي اڀياس مان خبر پوي ٿي ته نحوَ اهو علم آهي، جنهن جي ذريعي ڪنهن به ٻوليءَ جي جملن جي ترتيب، بيهڪ ۽ سٽاءَ جي باري ۾ خبر پوندي آهي. هر ٻوليءَ جو مزاج ۽ سٽاءُ پنهنجو پنهنجو هوندو آهي. اُن مطابق، علم نحوَ جاڻ ڏئي ٿو. علم نحوَ ۾ ڪنهن به گفتگو يا ڳالهه ٻولهه ۾

جملي کي اهميت حاصل هوندي آهي. هر ٻوليءَ ۾ جملو هڪ اهڙي گفتار جو نالو آهي، جنهن ۾ ترتيب ۽ ستاءَ ۾ ڦير ڦار ڪرڻ سان مطلب ۽ مفهوم ۾ فرق اچي ويندو آهي. جملي ۾ لفظ ٽين ٽا، جن جي ترتيب ۽ ستاءَ سان اهو جملو پنهنجي ساخت ۾ مڪمل مفهوم رکي ٿو. جملي ۾ هڪ کان وڌيڪ لفظ به اچي سگهن ٽا ته فقط هڪ لفظ تي به جملو تيار ٿئي ٿئي ٿو. مثال طور: آڇُ، وَڃُ، گهُمُ، ڦِرُ، هَلُ، اُٽُ، ويهُ، بيهُ، نَچُ، کِلُ وغيره. هي سڀ هڪ لفظ تي مشتمل سڀ کان ننڍي ۾ ننڍا جملا به آهن، ته لفظ به آهن، ڇو ته هر هڪ لفظ جملي جو مفهوم رکي ٿو. اهڙيءَ طرح جملي ۾ هڪ کان وڌيڪ لفظ به مختلف ستاءَ ۽ ترتيب ۾ رکيا ويندا آهن.

مثال طور – (1)

1. باسط خط لکي ٿو.
2. نسيم ڪتاب پڙهي ٿي.
3. اسلم هٿ ڏوئي ٿو؟
4. سميع ڊوڙي ٿو!
5. سراج اچي ٿو؟

مثال – (2)

1. نسيم اچي ٿي!
2. نسيم ٿي اچي؟
3. نسيم اچي ٿي نه.
4. نسيم نه ٿي اچي.
5. نه، نسيم اچي ٿي.

مثال – (3)

1. تون هل.
2. هل تون!
3. هل نه تون؟
4. نه، تون هل.
5. هل تون نه؟

مٿي ڏنل ٽنهي مثالن جو اڀياس ڪري ڏسبو ته هر مثال ۾ پيش ڪيل جملن جي ترتيب ۽ ستاءَ ۾ فرق آهي. هولين ۾ اُهو فرق، جملن ۾ ڪم آندل لفظن جي رد و بدل ۽ تفريق سان پيدا ٿئي ٿو، ۽ اها رد و بدل، هر مثال ۾ مقصد کي نئون رُخ ڏئي ٿي. هولي ماهر، جملن ۾ لفظن جي اهڙي مٽاسٽا، بيهڪ ۽ ترتيب واري علم کي ئي 'علم نحوَ' (Syntax) چون ٿا.

لفظن مان فقرا (مجموعا Phrases)، جملي جا جزا (Clauses) ۽ جملا (Sentences) جُڙندا آهن. انهن سمورن جزن (Components) جي جوڙجڪ ۽ بناوت جون مکيه چار خاصيتون (Features) هونديون آهن، جن ۾ (1) چوند، (2) ترتيب، (3) ترميم ۽ (4) ستاءُ، شامل آهن. هنن خاصيتن جي ذريعي ڪنهن به هوليءَ جي نحوي جوڙجڪ ۾ رڳو لاڳاپيل جزا ئي هڪ ٻئي سان ملندا آهن.

6.2 علم نحوَ جا اصول ۽ قانون

سنڌي هوليءَ ۾ جملن جي اندر لفظن جي بيهڪ، ستاءَ ۽ ترتيب، ڳالهائيندڙ تي مدار رکي ٿي. ڳالهائيندڙ پنهنجي مرضيءَ سان جملن جي چوند ڪري ٿو ۽ اُن ۾ لفظن جي به مناسب داخلا ڪري ٿو، پر عام طور تي هر جملي ۾ لفظن جي ترتيب ۽ ستاءَ ۾ گهٽو ڪري تبديلي وغيره نه ڪبي آهي، پر ماڻهو، پنهنجي روزمرهه جي گفتار ۾ مرضيءَ پٽاندر تبديلي آڻي ٿو، جنهن کي نحوي ماهرَ اُن گفتار کي 'جهيلار' يا 'ڌار' (Intonation) سڏين ٿا. مثال:

1. معراج لکي ٿو.
2. معراج لکي ٿو؟
3. معراج لکي ٿو!

مٿين مثالن ۾ لفظن جي جوڙجڪ ۽ ترتيب هڪجهڙي آهي، پر انهن جي ادائگيءَ جو طريقو جدا جدا آهي، يعني انهن جي پڇاڻي مختلف ڌار (intonation) سان ٿئي ٿي. پهرئين ۾ پڇاڙي يڪسانيت ۾ رهي ٿي، ٻئي ۾ چڑهندڙ ۽ ٽئين جو خاتمو لهندڙ ڌار سان ٿئي ٿو.

هن ۾ اهو ڏسجي ٿو ته 'ڌار' (Intonation) جي بدلجڻ سان جملن ۾ معنيٰ تبديل ٿي وجي ٿي. هولي ماهر 'ڌار' جا عام طور تي (1) چڑهندڙ (Rising)، (2) ڪِرندڙ (Falling)، (3) چڑهندڙ – ڪِرندڙ ۽ (4) ڪِرندڙ – چڑهندڙ 4 قسم ٻڌائين ٿا.

هي نمونا، جملي جي مختلف سٽاءَ ۾ اچن ٿا، جن جي ڪري معنيٰ ۾ ڦيرو اچي ٿو. يعني ٻين لفظن ۾ چڙهندڙ ڏار جي شروعاتي سطح، مٿاهين به ٿي سگهي ٿي، معمولي به ٿي سگهي ٿي ۽ هيٺاهين واري به ٿي سگهي ٿي.

ماهرن جي راءِ موجب، علم نحوَ جا قاعدا ۽ قانون ڪجهه هن طرح آهن:

1. جملي ۾ لفظن جي چونڊ

عام طرح سنڌيءَ ۾ فاعل – فعل واري سٽاءَ ۾ لفظن جي ترتيب، جوڙجڪ وارن اصولن ۾ پهريون اصول 'لفظن جي چونڊ' هوندو آهي. هن اصول ۾ به ٻوليءَ جي ماهرن ڪيترائي نمونا جوڙيا آهن.

مثال طور:

- ڇوڪرُ ڊوڙي ٿو. (حالت فاعلي، جنس مذڪر ۽ عدد واحد)
- ڇوڪرا ڊوڙن ٿا. (حالت فاعلي، جنس مذڪر ۽ عدد جمع)
- ڇوڪري ڊوڙي ٿي. (حالت فاعلي، جنس مؤنث ۽ عدد واحد)
- ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون. (حالت فاعلي، جنس مؤنث ۽ عدد جمع)

2. جملي ۾ لفظن جي ترتيب (Order)

جملي ۾ فاعل – فعل واري سٽاءَ ۾ اهو نُڪتو ڏيان طلب هوندو آهي ته ڪهڙو جزو يا حصو اڳ ۾ يا ڪهڙو جزو يا حصو پوءِ ايندو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي ته ڳالهائيندڙ جملي جي فاعل – فعل واري سٽاءَ ۽ جوڙجڪ ۾ پنهنجي مرضي نٿو هلائي سگهي.

مثال طور: سرتاج ڊوڙي ٿو.

هن جملي ۾ لفظن جي چونڊ ۽ ترتيب، فاعل – فعل جي سٽاءَ مطابق، رکي ويئي آهي. پر جيڪڏهن اُن جملي ۾ لفظن جي چونڊ ۽ ترتيب مٿئين قانون جي ابتڙ رکي ويندي، ته اهو جملو درست نه ٿيندو.

6.3 علم نحوَ ۾ محبت ٻرڙي جو تحقيقي ڪم – هڪ اپياس

محبت ٻرڙي جا ٻه ڪتاب، علم نحوَ جي مختلف موضوعن تي روشني وجهن ٿا. هتي انهن ٻن ڪتابن جو مختصر اپياس پيش ڪجي ٿو:

1. اڇو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون (**2000**ع)

هن ڪتاب ۾ ٽي عنوان اهڙا آهن، جن ۾ جملن ۾ موجود لفظن جي سٽاءَ ۽ بناوت تي علمي بحث ڪيو ويو آهي، انهن ۾ 1- ’هر هڪ لفظ هيرن کاڻ‘، 2- ’ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي‘ ۽ 3- ’استدلال جو اهو طريقو غلط آهي‘، شامل آهن. ٽئين عنوان ۾ فقط هڪ ننڍو مضمون، بعنوان ’سگھڑ ٻولي‘ شامل آهي، جنهن ۾ جملي اندر لفظن جي سٽاءَ، خاص طرح ضميري پڇاڙيءَ تي بحث ڪيل آهي.

’هر هڪ لفظ هيرن کاڻ‘ ۾ فعل جي ضميري پڇاڙين تي تنقيدي بحث ڪيل آهي ۽ گڏوگڏ ڪي اعتراض پڻ اٿاريا ويا آهن. محبت ٻرڙو پنهنجي تحقيق ۾ سنڌي ٻوليءَ جي آوازن مان ’زمان‘ جي سچاٽپ ڪري ٿو.

هن ڪتاب ۾ جملي جي سٽاءَ ۽ بيهڪ تي ٻيو مقالو ’ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي‘ شامل آهي. هيءُ مقالو دراصل روزمرهه جي ڳالهائجندڙ هڪ جملي کي بنياد بڻائي لکيو ويو آهي. محبت ٻرڙو روزمرهه جي اُن مستعمل جملي کي پنهنجي دل ۾ بار بار ورجائي خاطري ڏياري ٿو ته هِن، اِهو جملو وياڪرڻي اصولن موجب درست نه ڳالهايو آهي. ان کان پوءِ محبت ٻرڙي هن موضوع تي تفصيلي طرح لکيو، جنهن ۾ هن ضميري پڇاڙي، ضميري وچياڙي ۽ ضميري اڳياڙيءَ بابت به بحث ڪيو. انهيءَ جملي کي مختلف زمانن جي گردانن ۾ ڦيرايو اٿس، جن ۾ بنيادي طرح ضمير – اسين، اوهان، اوهين، توهان، توهين بابت کي (7) گردان ڏنا آهن، جن ۾ ضميري پڇاڙي، ضميري وچياڙي ۽ ضميري اڳياڙيءَ جو به جائزو ورتو ويو آهي.

آخري مقالي ۾ ’سگھڑ ٻولي‘ جي عنوان سان سنڌي ٻولي – سٽاءَ کي پيش ڪيو آهي، جن ۾ هن /لِکڻ/ ڏاتو لفظ ۾ ٻه سؤ کان وڌيڪ ’ضميري پڇاڙيون‘ ٺاهيون آهن. هي مقالو، پارتي ٻولي ماهر گنگارام سمراٽ طرفان سراج الحق ميمڻ جي ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ (1964ع) تي ڪيل تنقيد جو جواب يعني رَدُ آهي.

هن ڪتاب جو مهاڳ پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي لکيو آهي، جنهن ۾ هڪ هنڌ هو لکي ٿو ته:

”اصولي طرح آءٌ (مان) مقالي ۾ بيان ڪيل نظريي سان اتفاق رکندڙ ڪونه هئس (آهيان)، ڇاڪاڻ جو هو نحوي بناوتن تي ڏيان ڏيندڙ ۽ ماڻهن کي هڪجهڙي ۽ پنهنجي مرضيءَ واري ٻولي ڳالهائڻ لاءِ زور پري رهيو هو. سماجي لسانيات جي نون نظرين جي اثر هيٺ مان ماڻهوءَ کي اهو حق ڏيڻ جو حامي آهيان ته هو فطري طرح ڳالهائي.“ (ٻگهيو، 2000: 15)

اها حقيقت آهي ته هوليءَ جا عالم ۽ ماهر هڪ طرف هوليءَ جا ڇاڻو به آهن ته ٻئي طرف اُهي هوليءَ جا حڪيم ۽ جراح به آهن، جتي هوليءَ کي جراحت ۽ حڪمت جي ضرورت پوندي ته اُتي هوليءَ جي عالمن جو ڪردار اڳيان ايندو ۽ جتي هوليءَ جي بگاڙ جو مسئلو پيدا ٿيندو ته اُتي به هوليءَ جي عالمن ۽ ماهرن جو ڪردار اڳيان ايندو. تنهنڪري اها فتويٰ ڏيڻ، ته ڳالهائيندڙ کي پنهنجي مرضيءَ سان ڳالهائڻ جو حق ڏجي، اُن تي هوليءَ جا صرفي ۽ نحوي قانون نه مڙهجن، خوش آئيند ثابت نه ٿي سگهندي. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ هوليءَ جي جراح ۽ ليڪسيڪالاجسٽ جو پنهنجيءَ هوليءَ ۾ ڪهڙو ڪردار بيهندو!

2. ضميري پچاڑيون (**2013**ع)

ٿماهي ’مهراڻ‘ رسالي جي جلد 43، شماري 1 ۽ 2/ سال 1994ع ۾ ”ضميري پچاڑيون ۽ صحيح سنڌي هولي“ جي عنوان سان محبت ٻرڙي جو مقالو ڇپيو، جنهن جي رد ۾ پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا جو مقالو ٿماهي مهراڻ جي جلد 44، شماري -1995/1ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا، محبت ٻرڙي جي مٿئين مقالي جي تفصيلي چنڊچاڻ ڪئي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر الانا جي انهيءَ ”لسانياتي اپياس“ جي رد ۾ محبت ٻرڙي ”ضميري پچاڑيون: اپياس جو اپياس“ مقالو لکيو، جيڪو ’مهراڻ‘ ۾ ڪن سببن جي ڪري نه ڇپجي سگهيو. ان مقالي کي 2013ع ۾، ڊاڪٽر محبت اڪيڈميءَ ڪتابي صورت ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. محبت ٻرڙو، هولي ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪيترين ئي وضاحتن ۽ اعتراضن سان اتفاق رکندڙ نه هو، تنهنڪري هن کي ”اپياس جو اپياس“ مقالو لکڻو پيو. محبت ٻرڙي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر الانا جي علمي خدمتن جي اعتراف ڪرڻ بعد سندس مقالي بابت لکيو ته:

”مهراڻ، 1995/1ع ۾، ليکڪ (محبت ٻرڙو [1994]) جي تحقيقي مضمون جو رَدُ (الانا [1995]) لکي، پنهنجيءَ ان علمي خوبيءَ ۽ عالمانه رويي کي، جنهن جو ليکڪ معترف آهي، برقرار رکيو آهي، پر سندن ڪيترين ئي ڳالهين سان اتفاق رکڻ باوجود، ڪِن ڳالهين سان ليکڪ پاڻ کي سهمت ٿيندي اوکو محسوس ڪري ٿو، جنهن ڪري ڪِن ڳالهين کي واضح ڪرڻ جي همت ساري ٿو.“ (ٻرڙو، 2013: 6)

هن ڪتاب ۾ 11 ننڍن عنوانن تي بحث ڪيل آهي، عنوانن جي ترتيب ڪجهه هن طرح آهي:

1. وڌيڪ اپياس ۽ پاڻ کي درست ڪرڻ جي گهرج

هن ۾ ليکڪ، ڊاڪٽر الانا جي شڪايت ڪئي آهي ته هن اصل حوالي ۽ ڇاڻايل حوالي جي لفظن ۾ تبديلَ ڪئي آهي، جيڪا علمي ايمانداري نه آهي.

2. وچياڙي
3. اڳياڙين ۽ پڇاڙين ملائڻ لاءِ ڏاتو جو شرط
4. مفرد ۽ مرتب لفظن بابت تصور
5. عجيب دعويٰ
6. ’اسان‘ بابت وري سوچڻ جي گهرج
7. نئين کوجنا

هن ۾ ضمير متصل ۽ ضميري پڇاڙين تي بحث ٿيل آهي.

8. ضميري پڇاڙيءَ جو ڪارج

هن ۾ مرزا قليچ بيگ ۽ پيرو مل جي حوالن سان، هڪ لفظي جملن تي بحث ڪري نتيجا ڪڍيا ويا آهن. مثال طور: ” ’لکيوسون‘ ۽ ’ڏيکاريوسون‘ ۾ ’-سون‘ جيڪڏهن ضمير متصل آهي (۽ آهي)، جيڪڏهن فاعل – ضمير متڪلم جي جمع جي نمائندگي ڪري ٿو (۽ ڪري ٿو) ۽ جيڪڏهن ’خط لکيوسونَ‘ ۽ ’ڪتاب ڏيکاريوسونَ‘ مڪمل جملا آهن (۽ آهن) ته پوءِ مڇٽو پوندو ته ”اسان خط لکيوسون“ ۽ ”اسان ڪتاب ڏيکاريوسون“ چوڻ غلط آهي.

9. ’اربع خطا‘ ۽ ليکڪ جو هڪ استاد

هن ۾ ضمير ۽ ضمير منفضل تي روشني وڌي ويئي آهي ۽ ڊاڪٽر الانا جي علمي رويي کي ظاهر ڪندي محبت پرڙو لکي ٿو ته: ”هن (ليکڪ) ڏنو ته ’پهچنداسون‘ ۾ /-اسون/ هڪ ضميري پڇاڙي آهي، جيڪا ڪنهن فعل جي پڻيان آڻڻ جو اصولي مقصد ئي اهو آهي ته ضمير منفضل جي تڪرار کان بچيو وڃي ۽ اهڙيءَ طرح ٻوليءَ جي هڪ خوبيءَ کي زندهه جاويد رکيو وڃي. ليکڪ ڏنو ته سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ خوبيءَ ۽ ضميري پڇاڙيءَ جي اصولي ڪارج کي ميساريو پئي ويو آهي، ٻول سان ضميري پڇاڙي ڳنڍيل هئڻ باوجود جملي ۾ غير ضروري طرح ضمير منفضل به آندو پئي ويو آهي ۽ اهڙيءَ طرح نه رڳو وڌڻ ۽ اڪابرن جي ان تخليق جي مقصد کي فنا پئي ڪيو ويو آهي، جيڪا هنن ٻوليءَ کي سونهن ۽ سهنجائي ڏيڻ ۽ ضمير (منفضل) جي ورجاءَ کان بچڻ لاءِ جوڙي هئي.“ (پرڙو، 2013: 66، 67)

10. فعل لازمي ۽ زمان ماضي

هن ۾ زمان ماضي ۽ فعل لازميءَ جي باري ۾ لکيو ويو آهي.

11. ضمير متڪلم واحد ۽ اُن جي ضميري پڇاڙي

هن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا طرفان قاضي قادن جي بيت "جوڳي جاڳايوس، سُتو هوس ننڊ ۾، / تهان پوءِ ٽيوس، سندي پريان پيچري" جي 'س' پچاڑين جي چندچاڻ ڪيل آهي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي راين سان ئي سندس راءِ کي رد ڪيل آهي.

6.3.1 محبت ٻرڙي جي تحقيقي مضمون جو تنقيدي اڀياس

مٿئين عنوان سان محبت ٻرڙي جو مقالو لکيل آهي، جيڪو ٽماهي 'مهراڻ' جي جلد 43، نمبر 1 ۽ 2 سال 1994ع ۾ ڇپيو. هن مقالي بابت تفصيل "ضميري پچاڑيون" ۾ ڏنا ويا آهن. هتي موضوع جي اعتبار کان ڊاڪٽر غلام علي الانا جي مقالي (ٽماهي مهراڻ، جلد 44، نمبر-1، 1995ع) ۽ پروفيسر محمد عمر چنڊ جي "ادبي خط – ضميري پچاڑيون" (ٽماهي 'مهراڻ'، جلد 43، نمبر- 3، 4، 1994ع) سميت ٻين عالمن جي تحريرن جي روشنيءَ ۾ تنقيدي اڀياس ڪيو ويندو.

هن موضوع جو تعلق، علم لسان ۽ گرامر سان آهي ۽ انهن ٻنهي علمن جي شعبي ۾ 'پاڻينيءَ' (400 ق-م) جو ذڪر سڀني کان آڳاٽو اچي ٿو، اُن عالم انهن علمن جا قاعدا قانون وضع ڪيا.

محبت ٻرڙي جو هيءُ تحقيقي مضمون 'توضيحي لسانيات (Descriptive linguistics) جي روشنيءَ ۾ لکيو ويو آهي. پرڏيهي ماهرن - ارنيسٽ ٽرمپ، سر ابراهام گريئرسن، واٽن وغيره سميت ڊاڪٽر غلام علي الانا پروفيسر محمد عمر چنڊ، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو، ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي ۽ ٻين عالمن هن تي ڪم ڪيو آهي.

سنڌي صوتيات ۾ آوازن جي لاءِ قاعدا قانون ٺهيل آهن. اهڙيءَ طرح لفظن ۾ اڳياڑين، پچاڑين ۽ وچياڑين جي ڳنڍ يا جوڙ (Affixes) لاءِ به قاعدا قانون جُڙيل آهن ۽ هر زبان جي آوازن واري سرشتي ۽ نظام جي جوڙجڪ، سٽاءَ لاءِ به الڳ الڳ قانون ٺهيل آهن ۽ اهڙيءَ ريت لفظن جا به قسم ٽين ٽا ۽ هرهڪ قسم سان ڪي اڳياڑيون، ته ڪنهن ٻئي قسم سان وري ٻيون پچاڑيون لڳنديون آهن. سڀئي پچاڑيون يا اڳياڑيون ساڳين گروهن سان نه ملنديون آهن.

ضميري پچاڑي:

ضميري پچاڑي ٻوليءَ جو برابر هڪ معاملو ضرور آهي، پر اُن جي حل لاءِ ڏُکا، قياس آرايون يا پنهنجا پنهنجا خيال نه هلائبا، پر اُن لاءِ وياڪرڻي اصولن ۽ قاعدن کان مدد ونڊي پوندي. ٻولين ۾ ڳالهه ڪرڻ جا طور طريقا گهڻا آهن. مثال طور: ڪنهن کي چئجي ته: 'تون وچ'، 'توهان وجو' ۽ 'وچ' اهي سڀ صحيح آهن، پر هرهڪ جي معنيٰ الڳ الڳ آهي. ائين نه چئبو ته رڳو 'وچ' صحيح آهي،

’توهان وڃو‘ يا ’تون وڃ‘ صحيح ڪونهي. جيئن ”مارينڈوسانءِ“ صحيح آهي، تيئن ’آئون مارينڈوسانءِ‘ ۽ ’آئون توکي مارينڈس‘ به صحيح آهي پر چئجي ’آئون توکي مارينڈوسانءِ‘ يا ’آئون توکي مارينڈو‘ صحيح ناهي.

ساڳي ڳالهه چوڻ جا اسان وٽ اڪيچار طريقا آهن. انهن مان هي سڀ طريقا صحيح آهن، پر انهن ’صحيح‘ طريقن مان ڪهڙو وڌيڪ ’موزون‘ آهي، ان جو انحصار Context تي آهي، يعني انهيءَ جملي کان اڳ ڇا وهيو واپريو، ڇا چيو ويو، ڪيتري خبر اڳ ۾ ئي ڳالهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ جي وچ ۾ ورهايل آهي ۽ ڪيتري خبر وڌيڪ ڏيڻ سان ٻڌندڙ کي ڳالهه سمجهه ۾ ايندي. هيٺين ڏهن طريقن مان پهريان 8 صحيح ۽ آخري ٻئي غير صحيح (غلط) آهن. فاعل جيڪڏهن آهي ته به وهواهه، جيڪڏهن ناهي ته به وهواهه. البت مفعول جي هئڻ يا نه هئڻ سان فعل جي صورت ۾ فرق پوي ٿو.

پروفيسر محمد عمر چنڊ ”ضميري پچاڑي“ جي سلسلي ۾ محبت ٻرڙي جي راءِ کي هيٺين مثالن سان رد ڪيو آهي:

1. تون عزيز کي ڪڏهن لکندينءَ؟
2. . . . عزيز کي ڪڏهن لکندينءَ؟
3. تون پاڻهين کي ڪڏهن لکندينءَ؟
4. . . . پاڻهين کي ڪڏهن لکندينءَ؟
5. تون هن کي ڪڏهن لکندينءَ؟
6. تون ڪيس ڪڏهن لکندينءَ؟
7. تون . . . ڪڏهن لکندينءَ؟
8. . . . . ڪڏهن لکندينءَ؟

(مٿيان اٺ ئي جملا صحيح آهن ۽ هيٺيان ٻئي غلط آهن:

9. تون . . . ڪڏهن لکندي؟
10. تون عزيز کي ڪڏهن لکنديئنس؟

محبت ٻرڙي جي مضمون ص 229 ۾ پهريان ڇهه طريقا صحيح آهن، آخري ٻه طريقا غلط آهن:

1. اسين توڏانهن لکنداسون.
2. . . . توڏانهن لکنداسون.
3. اسين ڏانهئن لکنداسون.
4. . . . ڏانهئن لکنداسون.
5. اسين . . . لکنداسونءَ
6. . . . . لکنداسونءَ

(مٿيان ڇهه ئي جملا صحيح آهن، پر هيٺيان ٻئي جملا غلط آهن)

7. اسين توڏانهن لکندا.
8. اسين توڏانهن لکنداسونءِ.

”آئون لکيو هوندو“ (ص 230) غلط آهي، ”آئون لکندو هوندس“ صحيح آهي، جيئن پڙهايو وڃي ٿو. جنهن کي محبت غلط سمجهيو آهي ”. . . مان لکندو پيو.“ (ص 231) غلط آهي. ”مان لکندس پيو.“ ئي صحيح آهي، جنهن کي محبت غلط سمجهيو آهي.“ (چنڊ، 1994: 287-285)

محبت ٻرڙي پنهنجي مقالي ۾ ’ضميري وچياڙين‘ جي به ڳالهه ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته:

” ’لکيومانءِ‘ (مون توڏانهن لکيو) ۾ ظاهري طرح ٻه ضميري پچاڙيون آهن، پر انهن مان آخريءَ کي’ضميري پچاڙي‘ ۽ ان کان اڳواريءَ کي ’ضميري وچياڙي‘ سڏڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح ”لکانءِ ٿو‘، ’لکينم ٿو‘ ۾ ’ٻه – ٻه ضمير‘ ظاهر ڪندڙ آواز آهن، جيڪي مڪمل فعل جي وچ ۾ آيا آهن، تنهنڪري ٻنهي کي ’ضميري وچياڙي‘ سڏڻ گهرجي. يعني ’لکانءِ ٿو‘ ۾ به ٻه ضميري وچياڙيون آهن، ته ’لکينم ٿو‘ ۾ به.“ (ٻرڙو، 1994: 193)

مٿين صورتحال ۾ ضمير ۾ ’وچياڙي‘ نه ٿيندي آهي. ان جي باري ۾ ڪنهن به وياڪرڻ ماهر جو ذڪر ٿيل نٿو ملي. محبت ٻرڙي جي اِها راءِ، هيٺين پيش ڪيل مثالن جي تقابلي اپياس کان پوءِ رد ٿِي وڃي ٿِي:

1	2	3
مان لکان ٿو.	مان توکي لکان ٿو.	لکانءِ ٿو.
تون لکين ٿو.	تون مون کي/مون ڏانهن لکين ٿو.	لکينم ٿو.

ٽئين نمبر ڪالم ۾ ڏنل جملن جي چندچاڻ ڪرڻ سان اهو ٻُڌڻو واضح ٽئي ٿوته 'لکاڻءِ' فعلي صورت کي ٻن جُزن ۾ تقسيم ڪري سگھجي ٿو.

حوالا

74. ابڑو، بدر (2010ع) اوکسفرڊ انگلش – سنڌي ڊڪشنري (چاپو پھريون)، ڪراچي: اوکسفرڊ يونيورسٽي پريس.
75. آڏواڻي، پيرومل مھرچند (1985ع) وڏو سنڌي وياڪرڻ (چاپو ٻيو)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
76. امرتسری، عبدالرحمان، حافظ (؟) کتاب النحو (جلد ؟)، حیدرآباد: مکتبہ اصلاح و تبلیغ، ٹاور مارکیٹ۔
77. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1987ع) سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، (چاپو ٻيو)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
78. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1995ع) 'ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي' مقالي جو لسانياتي اڀياس، ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ، ٽماھي "مھراڻ"، (جلد 44)، نمبر-1، جنوري-مارچ، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
79. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2010ع) سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
80. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2007ع) جامع سنڌي لغات، (جلد 5)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ
81. ابڑو، محبت (1994ع) ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي، ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ، ٽماھي "مھراڻ"، (جلد 43)، نمبر-1 ۽ 2، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
82. ابڑو، محبت (2000ع) اچو ته پنھنجي سنڌي لکت سنواريون، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي.
83. ابڑو، محبت (2013ع) ضميري پڇاڙيون، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي.
84. پالن پوری، سعید احمد، مولانا (🖮🗁🗐🗁ھ) آسان نَحوٌ (حصہ اول)، کراچی: دارالعلوم دیوبند، البشریٰ ویلفیئر اینڈ ایجوکیشنل ٹرسٹ (رجسٹرڈ)۔
85. پالن پوری، سعید احمد، مولانا (🗏🗏🗐🗁ھ) آسان نَحوٌ (حصہ دوم)، کراچی: دارالعلوم دیوبند، البشریٰ ویلفیئر اینڈ ایجوکیشنل ٹرسٹ (رجسٹرڈ)۔
86. جتوئي، علي نواز، پروفيسر (1987ع) علم لسان ۽ سنڌي زبان، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
87. جلباڻي، غلام حسين، ڊاڪٽر (1990ع) عربي – سنڌي لغت (پاڪو ٻيو)، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
88. چرتھا ولی، مشتاق احمد، مولانا (؟) علم النحو، ص 🗎، ملتان: مکتبہ حقانیہ۔
89. چنڊ، محمد عمر، پروفيسر (1994ع) ادبي خط – ضميري پڇاڙيون، ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ، ٽماھي "مھراڻ"، (جلد 43)، شمارو 3، 4، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

90. حضرو، عمر فاروق، دار (؟) لُغات فارسی، حضرو: دارِ عمر فاروقؓ۔

91. سنز، فیروز (ء) فیروزاللغات – جدید اردو (مطبوعہ اول)، لاہور، فیروز سنز (پرائیویٹ) لمیٹڈ)

92. شيخ، واحد بخش (1984ع) سنڌي ٻوليءَ جو صَرف ۽ نحوَ (پاڳو پهريون)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

93. قليچ بيگ، مرزا (1992ع) سنڌي وياڪرڻ (4 پاڳا)، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ.

94. کریم الدین، مولانا (؟) کریم اللغات، کراچی، میر محمد، کتب خانہ، آرام باغ۔

95. معلوف، لویس (؟) المُنجد عربی – اردو ، لاہور: خزینہ علم و ادب، الکریم مارکیٹ اردو بازار.

96. Cuddon, J.A., 1991, Dictionary of Literary Terms and Literary Theory, (Third Edition), London, Penguin Books, Ltd.

97. Malik, Munwar Ali, Prof., 2010, Good Luck Dictionary of Literary Terms (New Edition), Lahore: New Kitab Mahal, Urdu Bazaar.

98. L. Varshney, Radhey, Dr.: 1985, An Introductory textbook of Linguistics & Phonetics, (first ed), Lahore: Famous Products, Urdu Bazaar.

99. Rahman, Tariq, 2018, Linguistics for Beginners – Basic Concepts (6th Impression), Karachi: Oxford University Press.

100. Parsad, Tarni, 2014, A Course in Liguistics (2nd Edition), Delhi: PHI Learning Private Limited.

101. Encyclopedia Britinica, 15th edition, 1988, Vol: II.

102. Carrol, John, B., 1968, The Study of Language, (7th Edition), Cambridge: Harvard University Press.

سنڌيءَ ۾ لغت سازي، انسائيڪلوپيڊيا، اصطلاح سازي ۽ ترجمه نگاريءَ جي فن تي محبت ٻرڙي جو ڪيل تحقيقي ڪم

7.1 لغت سازي – وصف، اصول، فن ۽ قسم

7.1.1 معنيٰ ۽ وصف

- لُغَت، لُغَتون: ث. (ع) ڪنهن قوم جي زبان. هڪ ڪتاب، جنهن ۾ ڪنهن ٻوليءَ جا لفظ، سمجهاڻين، معنائن وغيره سميت درج ٿيل هجن – فرهنگ – ڪوش ناموسُ – زبان – ٻولي – پاشا – ڊڪشنري – اهي لفظ جن جي معنيٰ مشهور نه هجي. (بلوچ، 2007: 209)
- لُغت (ع – مذڪر) ٻولي – زبان، لفظ. جملو. فرهنگ. ڪوش – ڊڪشنري. لُغات (ع – مذڪر) لُغت جو جمع. لفظ. ٻوليون. جملا. اهو ڪتاب، جنهن ۾ لفظ ۽ معنائون ڏنل هجن – فرهنگ – ڊڪشنري (عبدالستار، 2003: 850)
- لُغت (ع) (🗁) کسی قوم کی زبان – بولی (🗎) لفظ (🗏) فرہنگ۔
  لغات (ع) لُغت کی جمع (🗁) الفاظ – زبانیں – بولیاں (🗎) وہ الفاظ جن کے معنی مشہور نہ ہوں (🗏) فرہنگ۔ (حضرو، ؟: 🖱🗐🖮)
- لُغت (ع – ا – مذ و مث) (🗁) بولی – زبان (🗎) فرہنگ – ڈکشنری۔
  لُغات (ع – ا – مذ و مث) (🗁) لُغت کی جمع (🗎) ڈکشنری۔ (فیروز سنز، 🖮🗀🗀🗎: 🗎🗐⌛)

مٿي پيش ڪيل مواد جي اڀياس کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته لغت، ڪنهن به قوم جي ٻوليءَ جو هڪ تاريخي، ثقافتي، تهذيبي، تمدني، قانوني ۽ اساسي دستاويز آهي، جنهن ۾ لفظ ۽ اصطلاح هڪ ڊگهو تهذيبي سفر طئه ڪن ٿا. لغت ۾ زبان جا لفظ پنهنجي اصل معنيٰ، ستاءَ ۽ ترتيب ۾ رکيا ويندا آهن ۽ لغت ساز لفظن جي ان ترتيب ۽ ستاءَ طرف پورو پورو توجهه ڏئي ٿو، ڇو ته هر لفظ پنهنجي تاريخ رکي ٿو. جڏهن به ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جو پس منظر جاچڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي ته اُن لاءِ انهيءَ سماج جي تهذيب ۽ تمدن جو به

مطالعو ڪرڻ ضروري بنجي ٿو، جتي اُهي لفظ ۽ اصطلاح مروج ۽ مستعمل هوندا آهن، ڇو ته اُهو هڪ مسلسل ۽ لڳاتار عمل آهي.

"ڪنهن به ٻوليءَ جي لغت هڪ ڀيرو ٺاهي ڪانه ڇڏبي، پر وري وري ڀئي ٺاهبي آهي. اهو انهيءَ ڪري جو ڪنهن به ٻوليءَ جي جملي لفظن ۽ اصطلاحن کي فقط هڪ ئي ڪوشش سان سهيڙڻ مشڪل آهي. . . هر زندهه ٻوليءَ ۾ ڪجهه عرصي بعد کي نوان لفظ ۽ اصطلاح رائج ٿين ٿا، جن کي وقت جي معياري استعمال مطابق لغت جي هر نئين دؤر ۾ داخل ڪرڻو پوندو." (بلوچ، 1998: مهاڳ)

ڊاڪٽر بلوچ جي انهيءَ راءِ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته لغت، ڪنهن به سماج ۾، ڳالهائي ۽ سمجهي ويندڙ ٻوليءَ جي مڙني لفظن، اصطلاحن، محاورن ۽ ورجيسن جو هڪ ڏنڊار آهي، جنهن جي پٺيان هڪ وسيع تاريخي پس منظر ٽئي ٿو. ٻين لفظن ۾ لغت سازي يا لغت نويسي لفظن ۽ اصطلاحن کي سندن حقيقي ۽ درست صورت ۾ ترتيبوار رکڻ جو نالو آهي، پر تنهن هوندي به لغت ۾ موجود اهڙا لفظ ۽ اصطلاح به موجود آهن، جن سان اختلاف رکڻ جي گنجائش موجود آهي.

انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا، 'لغت' جي باري ۾ هن طرح لکيو آهي ته:

"لغت (Lexicon)، ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن جي الف – ب وار ترتيب جو اهو مجموعو يا ڪتاب آهي، جنهن ۾ اُن ٻوليءَ جي لفظي خزاني جي گڏ ڪيل هرهڪ لفظ، يا اُن جي حصن کي گڏ ڪري، انهن جي معنيٰ، مفهوم ۽ وصف سمجهائي ويئي هجي." (برٽينيڪا، 1983: 187)

انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا وڌيڪ لکي ٿو ته:

"لفظن جي اهڙي ميڙ يا مجموعي ۾ اُهي لفظ يا ته اُن فرد جي پنهنجي ماحول ۾ مستعمل هوندا، جن اها لُغت جوڙي هوندي، يا وري هنن لفظن جو اهو ذخيرو، ڏار ڏار ڪِرت وارن، ڏنڏو ڪندڙ ماڻهن، پيشه ورن، هنرمندن، ڪاسبين توڙي خاص موضوعن سان دلچسپي رکندڙن وٽان گڏ ڪيو هوندو." (برٽينيڪا، 1983: 532، 187)

انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا جي انهيءَ راءِ کان پوءِ چئبو ته جنهن به قوم وٽ ٻوليءَ جي لفظن جو اهڙو ذخيرو ڪتابي صورت ۾ موجود نه آهي، ته اُن قوم جي ڄمار بنهه گهٽ ٽئي ٿي، يعني اُها قوم پنهنجي قومي وجود واريءَ تحريڪ ۾ پنهنجي قومي ڪيس رکڻ جي به اهل نه آهي.

جان رچرڊسن لکي ٿو ته:

"لغت جي معنيٰ آهي – ٻولي، گفتگو يا لهجو. انگريزيءَ ۾ هن (لغت) لاءِ 'Lexicon' لفظ کم آندو ويو آهي؛ 'علم لغت' لاءِ 'Lexicography' ۽ 'لغت نويس' لاءِ اهلِ لغت يعني 'The writer of a dictionary'" (رچرڊسن، 1984، 1269)

يعني هن فن لاءِ انگريزيءَ ۾ ٻه ڏار اصطلاح 'Lexicography' ۽ 'Dictionary' کم اچن ٿا. لغت سازيءَ ۾ جتي لفظن کي هڪ جاءِ تي الف – ب وار ترتيب ڏيئي، انهن جي ٽُز ۽ درست معنيٰ، پڑهڻي ۽ پس منظر ڏنو وجي ٿو ته اُتي هڪ اساسي لفظ مان ٺهندڙ ٻين لفظن جو به جائزو ورتو وجي ٿو. گويا ٻوليءَ جي ميدان ۾ هيءُ هڪ بيحد اهم کم آهي.

مٿئين مواد جي اپياس کان پوءِ لغت ۽ لغت سازيءَ جي اهميت بابت هيٺيان بنيادي پهلو اُجاگر ٿين ٿا:

- ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي هڪ جائتو کرڻ.
- لفظن جي هِڪَ ۽ معياري صورت قائم کرڻ.
- لفظن ۽ اصطلاحن تي تحقيق لاءِ سولائي پيدا کرڻ.
- ٻوليءَ جي تعلق ۽ لفظن جي ذاتن جي ڄاڻ ميسر کرڻ.
- لفظن جو جاگرافيائي/ علائقائي تعين کرڻ.
- درست لفظن ۽ اصطلاحن ذريعي اصول قائم کرڻ.
- ادب ۾ ٽُز ۽ نج ٻوليءَ جي استعمال جا رجحان پيدا کرڻ.

7.1.2 اصول، فن ۽ قسم

اصول

لغت سازي، باقاعده سائنسي اصولن تي ٻڌل هڪ علم آهي. جيئن هر کنهن علم جا بنيادي اصول طئه هوندا آهن، تيئن لغت نويسيءَ جا به کجهه اصول ۽ قاعدا ٺهيل آهن، جن تي عمل کرڻ جي اشد ضرورت پوندي آهي. ڊاکٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

"عام طور لغت نويسيءَ لاءِ جيکي اصول، قاعدا ۽ قانون، طور طريقا ۽ عملي قدم کنيا ويندا آهن، اُهي لڳ ڀڳ اُهي ئي آهن،جيکي هر ٻوليءَ جي لغات تيار کرڻ يا لغت نويسيءَ لاءِ لفظن جو سرمايو گڏ کرڻ يعني شد –

پندار ڪَٺو ڪرڻ، گڏ ڪيل لفظن جا ڏاتو ماده، اشتقاق ڪڍڻ، ٻوليءَ جي لهجن، محاورن ۽ روزمرهه وارن اچارن (Dialectology) ۽ ٻوليءَ جي لساني اپياس ۽ وياڪرڻي جائزي لاءِ اختيار ڪيا ويندا آهن.” (الانا، 1991: مهاڳ، د)

لغت سازيءَ لاءِ ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن ۽ ماهرن جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن، انهن مان ڪجهه هن ريت آهن:

1. لفظن جي ذخيري کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ.
2. لفظن کي حروف تهجيءَ مطابق ترتيب ڏيڻ.
3. لفظن کي جزن ۽ پدن ۾ ورهائي، اُن جا اُچار (معياري) مقرر ڪرڻ.
4. لفظن جا اصل مادا/ ڏاتو، بنياد ۽ اشتقاق ڪڍڻ.
5. لفظن جي ترتيبوار معنيٰ ۽ تشريح ڪرڻ.
6. لفظن جي وياڪرڻي حيثيت کي ظاهر ڪرڻ، (مثال طور: اسم، صفت، ظرف وغيره ٻڌائڻ).
7. لفظن جي سماجي حيثيت ۽ معيار مقرر ڪرڻ، (چوٽي، پهاڪا، محاورا ۽ عام ڳالهه ٻولهه ۾ انهن جي بيهڪ وغيره ٻڌائڻ).
8. لفظن جي هم معنيٰ ۽ ابتڙ معنيٰ متعارف ڪرڻ.

مٿين اصولن کي عملي شڪل ڏيارڻ کان اڳ، سڀ کان پهرئين اصول يعني لفظن جي ذخيري کي ڪَٺي ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا آهن. مثال طور: ٻوليءَ جي لفظن، اصطلاحن، چوٽين، پهاڪن، تمثيلن، فُقرن، مُحاورن کي هڪ هنڌ جمع ڪرڻ لاءِ انهن جي ذخيرن، سرچشمن ۽ ماخذن ڏانهن لغت سازن ۽ ماهرن کي رجوع ڪرڻو پوندو آهي. ڪنهن به ٻوليءَ ۽ اُن جي لفظن ۽ اصطلاحن جو ذخيرو ۽ سرچشمو – اُن ٻوليءَ جو ادب، لوڪ ادب، سُگهڙ، شاعر ۽ عام ماڻهو هوندو آهي، اُنڪري لغت سازَ، پنهنجا اهڙا نمائندا مقرر ڪندا آهن، جيڪي انهن ذخيرن مان پنهنجو گهربل ڪچو مواد گڏ ڪندا آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته: ”لغت نويسيءَ لاءِ لغت نويس ڏار ڏار قدم کڻندا آهن. کي لغت نويس جدا جدا خِطن ۾ پنهنجا خابرو مقرر ڪندا آهن. اُهي ماڻهو پنهنجي پنهنجي تر مان ڏار ڏار موضوعن وارا لفظ گڏ ڪري لغت نويس يا مرڪزي آفيس ڏانهن موڪليندا آهن. کي لغت نويس پنهنجن ساٿين، مددگارن جي مدد سان ڪتابن، رسالن، اخبارن، مضمونن ۽ مقالن وغيره مان آساسو گڏ ڪندا آهن. کي ماهر (اهي) ٻئي طريقا اختيار ڪندا آهن.” (الانا، 1991: مهاڳ، ڏ)

لغت سازيءَ جو فن

دنيا ۾ لغت سازيءَ جي علم ۽ فن وڏي ترقي ڪئي آهي. مختلف عالمن جي تحريرن جي اپياس کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته سڀ کان اڳ ۾ اشوري قوم هئي، جنهن لغت نويسيءَ طرف ڌيان ڏنو. قدم آثارن جي ماهرن نينوا شهر جي کوٽائي ڪندي اشوري بادشاهه ’بانيپال‘ جي محل مان هڪ لغت جو ڪتاب هٿ ڪيو، جيڪو غالباً 650 ق-م آڳاٽو آهي. ان کان پوءِ چيني قوم جي ماڻهن 350 ق-م ’لغات‘ تي ڪم ڪيو. چيني زبان ۾ پهرين لغات ’يوپيان‘ (Yu pien) ٻڌائي وڃي ٿي، جنهن جو مرتب ’ڪيو يي وانگ‘ (Ku ye wong) هو. اُن پوليءَ ۾ پي لغت ’شو ووان‘ (Shu wan)، جيڪا 150 ق-م ڌاري ترتيب ڏني ويئي. چيني قوم کان پوءِ يوناني قوم جي ماڻهن لغت نويسيءَ جي شعبي ۾ ڪم ڪيو. لغتدان ’وليريڪيس فليڪس‘ (Valarius Flaccus)، آگسٽس شهنشاهه جي دور ۾ ٿي گذريو آهي، جنهن جي لغت به ملي ٿي. ان کان پوءِ، چوٿين صدي عيسويءَ ۾ هزيشيوس (Hesycius) جو نالو ملي ٿو، جنهن پڻ لغت تي ڪم ڪيو.

يونانين کان پوءِ ’لغت‘ جي فن ۾ عربن پاڻ ملهايو آهي. پهريون عرب لغتدان الخليل بن احمد (وفات 175هه) هو. ان کان پوءِ اسماعيل بن حماد الجوهري (وفات 400هه) ’تاج اللغة‘ نالي هڪ لغت تيار ڪئي. عربن کان پوءِ هند ۽ سنڌ ۾ لغت سازيءَ جو فن پيدا ٿيو.

سنڌ ۾ لغت سازيءَ جي تاريخ ڳولبي ته اها نٿي جي لغت ساز، مُلا عبدالرشيد الحسني المدني التتوي (وفات 71-1670ع) جي لغت نظر ايندي. هن لغت نويس 40-1636ع دوران عربي – فارسي لغت ’منتخب اللغات شاهجهاني‘ لکي. ان کان پوءِ ڪلهوڙا دؤر (1783ع-1700ع) کان ٽالپر دؤر (1843ع-1783ع) تائين ’سنڌي – فارسي لغتن‘ تي ڪم ڪرڻ جا مثال ملن ٿا.

سنڌيءَ ۾ لغت سازيءَ جي باقاعده ابتدا انگريز دؤر (1947ع – 1843ع) ۾ ٿي. ڊبليو ايڇ. واٽن، ڪئپٽن جارج استئڪ، جي شرٽ، ارنيسٽ ٽرمپ ۽ مقامي لغت سازن ۾ - لڪشمڻ وشنو پرنج پائي، جهمٽمل نارومل وسٹائي، ڪؤڙومل چندنمل ڪلٹاٹي، بولچند ڊولومل، جي.بي آڏواٹي، پرمانند ميوارام، خانچند نانواٹي، سڃڻ سنگهه فتح سنگهه، ڇينمل ڪؤڙومل آڏواٹي، نانڪرام ڏرمداس ميرچنداٹي، ايم. ايڇ رامچنداٹي ۽ اي.ڊي لالواٹي، پيرومل مهرچند آڏواٹي، ميرزا قليچ بيگ، آخوند عبدالرحيم عباسي، خليفو مير محمد، محمد بخش واصف وغيره جا نالا ملن ٿا، جن لغت سازن، هن فن جا بنياد پختا ڪيا.

لغت جا قسم

لغت سازي باقاعده هڪ سائنسي علم ۽ فن آهي، جنهن جي ترقيءَ جو دارومدار روزمرهه جي وهنوار ۽ اُن مان حاصل ٿيندڙ نتيجن سان مشروط آهي، جنهنڪري نه رڳو گهرج پٽاندڙ لغتن جي فن (Technique) ۽ علم (Knowledge) ۾ نواڻ ۽ واڌ آئي آهي، پر ساڳئي وقت اُن جا ڪئين نوان نوان قسم به متعارف ٿيا آهن. دنيا ۾ جون شاهوڪار ٻوليون هاڻي اُهي سڏجن ٿيون، جيڪي 'عالمي مارڪيٽ' جون ٻوليون آهن، انڪري جيڪي لغتون ڪنهن زماني ۾ فقط هڪ ئي زبان يا هڪ ئي شعبي ۾ لکيون ويونديون هيون، اُهي اڄ جي 'گلوبلائيزيشن واري دور' ۾ گهرج پٽاندڙ هڪ کان وڌيڪ شعبن ۽ قسمن ۾ لکڻ ۾ اچن ٿيون.

هن وقت دنيا اندر جيڪي لغتن جا قسم ۽ نمونا مستعمل ۽ مروج ٿي چڪا آهن، تن ۾ ڪجهه اهم هن طرح آهن:

1. هڪ ٻوليائي لغات

هن قسم جي لغات ۾ ڪنهن هڪ زبان جي ڏکين لفظن جي معنيٰ، اصل/ بنياد، سميت ساڳي ئي زبان ۾ سمجهائي ويندي آهي. سنڌي زبان ۾ آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي 'جواهر لغات سنڌي اڪيچار' (1845-1852ع) هڪ ٻوليائي لغت طور سنڌيءَ ۾ پهرين ڪاوش سمجهي وجي ٿي، جنهن کان پوءِ سنڌيءَ جي ٻين لغت نويسن هن قسم جي لغات تي ڪم ڪيو. تن ۾ - مرزا قليچ بيگ، ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، شاهجهان قريشي، مولوي علي محمد مهيري، لالا هاسانند ۽ سهجرام جا نالا اهم آهن.

2. ٻه ٻوليائي لغات

هيءَ لغات، غالباً دنيا جي سڀني ٻولين ۾ موجود آهي. سنڌي زبان ۾ ٻه ٻوليائي لغات تي چگو خاصو ڪم ٿيو آهي، جن مان ڪجهه مثال/ نمونا هن طرح ٻه پڌرا ٿيا آهن:

i. انگريزي – سنڌي لغت
ii. سنڌي – انگريزي لغت
iii. عربي – سنڌي لغت
iv. سنڌي – عربي لغت
vii. هندي – سنڌي لغت
viii. سنڌي – هندي لغت
ix. سنڌي – براهوي لغت
x. براهوي – سنڌي لغت

v. اردو – سنڌي لغت
vi. سنڌي – اردو لغت
xi. سنسڪرت – سنڌي لغت

3. گهڻ ٻوليائي لغات

هن قسم جي لغات تي به دنيا ۾ جي ٻولين ۾ ڪم ٿيو آهي. پاڪستان ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، پشتو اڪيڈمي، اردو مرڪزي بورڊ سميت ٻين خانگي ادارن به هن قسم جي لغات تي ڪم ڪيو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

"پاڪستان ۾ هن سلسلي جو ڪم پشتو اڪيڈمي ۽ اردو مرڪزي بورڊ ڇاپيو هو. پشتو اڪيڈمي پنج – لساني لغت، ۽ مرڪزي اردو بورڊ 'هفت – لساني لغت' تيار ڪرائي ڇاپائي. انهن لغتن ۾ اردو ٻوليءَ جي لفظ کي مرڪزي لفظ مقرر ڪري، اُن جي سنڌي، پنجابي، پشتو، بلوچي، بروهي ۽ انگريزيءَ ۾ معنيٰ ڏني ويئي آهي."

ان کان علاوه، هر ٻوليءَ وانگر سنڌي زبان ۾ به موضوع وار، ادبي، اصطلاحي، تشريحي، ثقافتي، لهجيوار، جاتيوار، ڏنڌيوار، تاريخوار لغات تي ڪم ٿيو آهي، جنهن جي فهرست ڪجهه هن طرح آهي:

- لهجيوار لغات
- جاتيوار لغات
- ڏاتو ڪوش
- اشتقاقي لغات
- تشريحي لغات
- ادبي لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن واري لغات
- اساسي/ بنيادي لغات
- ڏنڌيوار لغات
- ثقافتي قسم جي لغات
- موضوعاتي لغات
- دفتري لغات
- تاريخوار/ سَنَدوار لغات

- انسائيڪلوپيڊيا – لغات
- گلاسري (فرهنگ) وغيره.

’لغت‘ جي مٿي بيان ڪيل سمورن قسمن تي ڪم ڪرڻ لاءِ ساڳيائي اصول اپنائبا، جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا آهن، البت لغت سازيءَ جي ڪنهن به هڪ قسم جي تياريءَ دوران مٿي بيان ڪيل ماهرن جي سمورن اصولن تي عمل ڪرڻ کان اڳ ۾ گهربل لفظن ۽ اصطلاحن جي ڪوج ۽ انهن جي اڪيڙ ذريعي معنيٰ تيار ڪرڻ ضروري هوندو آهي، ڇو ته ’لغت‘ جو سمورو دارومدار لفظن ۽ اصطلاحن تي هوندو آهي. لفظن ۽ اصطلاحن جو سڌو تعلق وري انساني سماج ۽ اُن جي تاريخ سان هوندو آهي، تنهنڪري لفظن ۽ اصطلاحن کي فقط ڪنهن هڪڑي رُخ يا زاويي سان ڏسي معنيٰ طئه ڪرڻ نه گهرجي، بلڪ انهن جي پوري علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ تاريخي سفر کي سمجهڻو پوندو ۽ هر زاويي ۽ رُخ کان انهن جو اڀياس ڪري، معنائون گڏ ڪرٽيون پونديون.

7.2 محبت ٻرڙي جو لغت سازيءَ تي ڪيل ڪم – هڪ تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس

محبت ٻرڙو ’لغت‘ جي تياريءَ لاءِ گهربل لفظن ۽ اصطلاحن جي ڪوجنا ۽ انهن جي اُڪيڙ ذريعي معنيٰ تيار ڪرڻ واري مٿي بيان ڪيل نُڪتي کي ’بنياد‘ بڻائي ٿو. اُن سلسلي ۾ هُن مختلف هنڌن تي لفظن ۽ اصطلاحن جي اُڪيڙ ڪئي آهي ۽ انهن جي تهه تائين وڃي ڪئين معنائون متعارف ڪرايون آهن، ڇو ته محبت ٻرڙو ڄاڻي ٿو ته دنيا جي هر زبان، علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ تاريخي طور ڪو نه ڪو پس منظر رکندي آهي، لغت تيار ڪرڻ وقت اُن سموري پس منظر کي ويچار هيٺ آڻبو آهي.

7.2.1 محبت ٻرڙي جو لغت سازيءَ ۾ ڪم جو دائرو

محبت ٻرڙي لغت سازيءَ جي لاءِ لفظن ۽ اصطلاحن جي گهاڙيتي، اشتقاقن، ڏاتن، جزن سميت انهن جي معنيٰ ۽ تاريخي پس منظر سمجهائڻ کان وٺي نون لفظن ۽ اصطلاحن گهڙڻ (coin) تائين به ڪم ڪيو آهي. ان تناظر ۾ هن ڊاڪٽر بلوچ جي ترتيب ڏنل ’جامع سنڌي لغات‘ جي پهرئين جلد جو تنقيدي اڀياس به ورتو آهي. هتي انهن ٻنهي حوالن سان تحقيقي بحث جاري رکجي ٿو.

محبت ٻرڙي سنڌي زبان جي آوازن تي جنهن نموني سان تحقيق ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اها ٻين عالمن جي پيٽ ۾ نرالي ۽ الڳ حيثيت جي حامل نظر اچي ٿي. هن سنڌي ٻوليءَ کي انهن شاهوڪار ٻولين جي صف ۾ بيهاريو آهي، جن ۾ ’آواز‘ معنيٰ جي اعتبار کان بنيادي حيثيت رکي ٿو. يعني

سنڌي زبان جا آواز، پنهنجي مزاج ۽ سڀاءَ ۾ ڪا نه ڪا 'بنيادي معنيٰ' رکن ٿا، جن جي بناء تي ٻيا لفظ ڦُٽن ٿا ۽ ائين آوازن جي سڃاڻ سان انيڪ لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪڙو نظام جُڙي پوي ٿو.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي، سراج الحق ميمڻ ۽ محبت ٻرڙي جي 'آوازن' بابت ڪيل ڪم کان پوءِ ڄاڻ پوي ٿي ته ٻوليءَ ۾ 'آواز' کي معنيٰ ملڻ جا ٻه اهم اصول آهن: (1) فطرتي آوازن جي ذريعي ٻوليءَ ۾ مفهوم جو پيدا ٿيڻ ۽ (2) اشارن جي آوازن ذريعي معنيٰ جو پيدا ٿيڻ.

پهرئين اصول بابت بيان، ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو سماج ڪارج' سميت سراج الحق ميمڻ جي ڪتاب 'سنڌي ٻولي' ۾ ملي ٿو ۽ ٻئي اصول جو ذڪر، محبت ٻرڙي 'ٻوليءَ جو بڻ' ۾ ڪيو آهي. هتي انهن ٻنهي اصولن بابت تحقيقي اڀياس ڪيو وڃي ٿو.

1. فطرتي آوازن جي ذريعي ٻوليءَ ۾ مفهوم جو پيدا ٿيڻ

هن اصول مطابق، فطرتي آوازَ لفظن ۽ اصطلاحن جي ڏاتوئن جو بنياد بڻيا آهن ۽ گڏوگڏ پکين ۽ جانورن جي آوازن جي نقالي به هن اصول کي هٿي ڏئي ٿي. سراج الحق ميمڻ لکي ٿو ته:

"ٻوليون آوازن جو مجموعو آهن ۽ منهنجي نظر ۾ ٻولين جي اُسرڻ جو سڀ کان صحيح نظريو اهو آهي ته جن ٻولين ۾ لفظن جا ڏاتو، فطرت جي محرکات جي آوازن سان مشابهه هجن، اُهي ئي ٻوليون ابتدائي انسانن جون ٻوليون آهن. فطرتي عناصر ۾ ڪيترائي آواز آهن: مٽي، هوا ۽ پاڻي پهريان عناصر هئا، جن سان انسان جو واسطو رهيو هو. . ." (سراج، 2009: 86)

i. هوا ۾ پيدا ٿيندڙ 'سُون سُون' يا 'سُو سُو'، انسان جي ٻڌڻ واري سگهه يعني حواس کي بار بار متاثر ڪيو. انهيءَ 'سُو سُو' يا 'سون سون' جي معنيٰ 'آواز' طور انسان جي ذهن ۾ اُپري. يعني سُ يا سُو معنيٰ - 'آواز'. اهڙي طرح 'سُ' يا 'سُو' آواز ٻين لفظن جو بنياد بڻيا، جيئن: سُوسٽ، سُوساٽ، سُوسڙو، سُراٽ، سيسراٽ، سُرسُر، سُس پُس وغيره. هنن لفظن جو ڏاتو 'آواز' بڻيو. انهيءَ تناظر ۾ هيٺين لفظن جو مشاهدو ڪبو ته انهن جو بنياد، 'سُ' يا 'سُو' (آواز) نظر ايندو.

سُٽڻ، سُئڻ، سُٽس، ساگر، سُر، سيٽي، سينڊ، سانت، سائر وغيره

ii. پاڻيءَ ۾ گوڙ ۽ شور به هوندو آهي ته سانت به هوندي آهي. پاڻي ڪنهن مٿانهين جبل کان هيٺ آبشار ۾ ڪِرندو آهي ته وڏا گرڙاٽ، گڙگڙ يا گرگر

ڪندو آهي. انهيءَ آواز مان ’گ‘ يا ’گر‘ پاڻيءَ سان لاڳاپيل آوازن جو تصور پيدا ٿيو. انهيءَ ’گ‘ يا ’گر‘ ذاتوءَ مان ٻيا لفظ ٺُٽي نڪتا، جيئن: گُرڙي، گُرڙاٽ، گرڙاٽ، گجگوڙ، گجي، گاج، گجڻ، گوڙ، گرج، گارو وغيره. ان کان علاوه، پاڻيءَ جي معتدل روانگيءَ دوران جيڪي آواز پيدا ٿيا، تن ۾ جر جر، جهرجهر يا شر شر جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا، اهڙيءَ طرح جرجر، جهرجهر يا شرشر به پاڻيءَ جي آوازن جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيڻ لڳا، جن مان پوءِ ڪيترائي ٻيا لفظ جُڙي پيا. جيئن: جَر، جَل، جهرڻو، جهاڻِ، جُهڙ وغيره.

iii. مٽيءَ ۾ جانورن جي ’ڪرڙڻ‘ کي ڏسي اوائلي انسان، اُن کي اُها معنيٰ ڏني، جنهن مان ڪئين ٻيا لفظ ٺُٽي نڪتا، جيئن: ڪيڙڻ، ڪيڙ، ڪيڙي، ڪوڙڻ، ڪيت، ڪينهو وغيره. جانورن جي زمين کرڙڻ سان جيڪو آواز پيدا ٿيو، اُهوئي هنن لفظن جو اڇتي هلي بنياد بنيو.

2. اشارن جي آوازن ذريعي معنيٰ جو پيدا ٿيڻ

انسان، شروع کان ئي فطرت ۽ اُن ۾ موجود سمورن لقائن کي مشاهدي ۽ تجربي هيٺ آڻيندو رهي ٿو ۽ اُن مان سکندو رهي ٿو. اُن طرح پنهنجي ٻوليءَ کي وسيع ڪندو رهي ٿو. اشارن جا آواز دراصل انسان، فطرت ۽ اُن جي اصولن مان سکندو رهي ٿو. انڪري اشارن جا آواز، ٻوليءَ جي بنيادي نظرين ۾ اهم حيثيت رکن ٿا ۽ اشارن جي ٻوليءَ جو بنياد، فطرتي آوازن سميت جانورن، پکين ۽ ٻين ڇَرند پَرند جيوتن تي مدار رکن ٿا. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته:

”اشارا، ٻوليءَ جي انتهائي سُڌريل صورت آهن. اشارن مان ڪي ٻڌڻ وارا اشارا ٿين ٿا، جيڪي آوازن جي وسيلي پيدا ڪجن ٿا ۽ ڪي ڏسڻ وارا اشارا ٿين ٿا، جيڪي اکين سان ڏسي، پوءِ سمجهي ٿا سگهجن.“ (ٻوهيو، 1978: 247)

اهڙيءَ طرح چئي سگهجي ٿو ته: آوازَ (Sounds) ۽ اشارا (Gestures) گڏجي ’معنيٰ‘ کي تخليق ڪن ٿا. ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي راءِ مطابق، ٻڌڻ وارا اشارا، دراصل گفتگوءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن ۽ اصطلاحن جي بنيادي صورت آهن، ۽ ڏسڻ وارا اشارا، انهن لفظن ۽ اصطلاحن جي لکڻ جي بنيادي صورت آهن.

محبت ٻرڙو ’اشارن‘ کي ٻوليءَ جي آڳاٽي صورت قرار ڏئي ٿو. هو لکي ٿو ته:

”آوازن کان سواءِ ٻوليءَ جي آڳاٽي صورت هئي اشارا (Gestures). اشارن مان ڪي ٻڌڻ وارا اشارا ٿين ٿا، جيئن شاديءَ، غميءَ، عيد، ڏمال، جنگ وغيره جو ڏُهل، پير يا نغارو، ريلوي استيشن تي ريل گاڏيءَ جي آمد جو گهنڊ يا وڄڻ مهل گارڊ پاران سيٽي، پوليس جي سيٽي، خطري جو سائرن وغيره ۽ ڪي ڏسڻ وارا

اشارا ٿين، جيڪي اکين سان ڏسي پوءِ سمجهي سگهجن ٿا، جيئن ڪرڪيٽ راند ۾ امپائر جا اشارا، ٽرئفڪ پوليس مئن جا اشارا وغيره.” (ہرڙو، 2002: 127)

مٿين ٻنهي اصولن جي آڌار تي محبت ٻرڙي لفظن ۾ اصطلاحن جي ’بنيادي معنيٰ‘ لاءِ ’آواز‘/ ’اکر‘ کي ڏاتو واري صورت ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس راءِ موجب، لفظن جي ٺهڻ جي ترتيب امڪاني طرح هيٺين طريقي موجب، جُڙي هوندي:

1. امري لفظ، جيڪي فعل جي ’ڏاتو‘ طور ڪم ايندا هوندا ۽ سندن زمان ’حال‘ هوندو.
2. امري لفظ جي ڏاتوءَ مان ٺهندڙ صفتن جو اسم جُڙيو هوندو.
3. صفت کان جدا ’اسم‘ جُڙيا هوندا.
4. اسم کان جدا ’صفتن‘ سان جُڙيل لفظ آهستي آهستي وجود ۾ آيا هوندا.
5. ماضي ۽ مستقبل جو تصور بعد ۾ جُڙيو هوندو.
6. ڪائنات ۾ پيدا ٿيل شين جي فطرت معلوم ڪئي ويئي هوندي ۽
7. انفرادي خصلتن ۽ گڻن لاءِ به ڪي مخصوص لفظ ٺهيا هوندا.

محبت ٻرڙي جي تحقيق مطابق:

1. هر آواز، وينجڻ مان گهڙجي تيار ٿيو آهي. يعني فعلي ڏاتوءَ جي پٺيان مختلف پڇاڙين (Suffixes) ملائڻ سان ڪيترائي لفظ ٺهن ٿا، جيڪي وينجڻ منجهان گهڙجي نڪرن ٿا. مثال طور:

- فعلي ڏاتو پٺيان /-اِڇ) ملائڻ سان:

- اُڇِ، رِهڇ، هلِڇ، ڪائِڇ، پيئِڇ، جهلِڇ، مرِڇ، ٻُڌِڇ، ٻَڌِڇ، ڇُڏِڇ، لهِڇ، ٻارِڇ، ڪارِڇ، ڊهرائِڇ، مارائِڇ، بيهارِڇ، ٻُڌائِڇ، ٻَڌائِڇ، گڏِڇ، رُلِڇ، سلِڇ وغيره ٺهن ٿا.

- فعلي ڏاتو پٺيان /-اِن/ ملائڻ سان:

- جهلِن، ڇڏِن، ڪائِن، ڊاهِن، ساڙِن، ٻارِن، ساڙائِن، مارائِن، ڪارائِڻ وغيره ٺهن ٿا.

- فعلي ڏاتو پٺيان /-آن/ ملائڻ سان:

- لِکَن، پڙهن، ويهَن، بيهَن، ڊهَن، ٺهَن، ڇهَن، سهَن، ملَن، ڪِلَن، ڊوڙَن، ڏسَن، هلَن، ٻڌَن، گهمَن، ليڻَن، اڻَن وغيره لفظ ٺهن ٿا.

- فعلي ڏاتوءَ پڻيان /-آڻ/ ملائڻ سان:

- اڻ، رهَڻ، هلَڻ، سمهَڻ، ويهَڻ، بيهَڻ، ڊهَڻ، ڏسَڻ، پُڌَڻ، گهمَڻ، وڃھڻ، مِلَڻ، چڙهَڻ، پڄَڻ، ڊوڙڻ وغيره لفظ ٺهن ٿا.

- فعلي ڏاتو پڻيان /-اِڻ/ ملائڻ سان:

- کائِڻ، پهرِڻ، ٻارِڻ، کارِڻ، ٽارِڻ، لاهِڻ، ڏهرائِڻ، سمهارِڻ، مارائِڻ، بيهارِڻ، کيڏائِڻ، ٻڌائِڻ، سَٽِڻ، ڪٽِڻ، وڍِڻ، جهلِڻ، ڇڏِڻ وغيره ٺهن ٿا.

2. ’ماءُ‘ ۽ ’پيءُ‘ (والدين جي رشتن تي غور ڪندي ’مائٽ لفظ کي ما (ء) + اِٽ = ’مائٽ‘، جزن ۾ ٽوڙي سگھبو. هن ۾ /ما(ء)/ پروس صرفيه طور ۽ /-اِٽ/ هڪ پڇاڙيءَ طور ڪم آيو آهي. انهيءَ لفظ مان ٻيا جيڪي رشتا/ مائٽ نڪرن ٿا، اُهي ماءُ جي طرفان ٺهن ٿا: جيئن: ماسي، ماسڙ، مامو، مامي، ماسات، ماروٽ وغيره. هي اهڙا لفظ آهن، جيڪي ’ماءُ‘ جي رشتي کان جڙيل آهن.

ساڳيءَ طرح ’پي (ء)‘ جي رشتي يا مائٽيءَ سان ظاهر ٿيل لفظن ۾ /پ-/ هڪ اهڙي اڳياڙي (Prefix)، هڪ پروس صرفيه آهي، جيڪو ’پيءُ‘ (والد) واري معنيٰ ڏئي ٿو. اهڙي طرح /-ٽ/ هڪ پروس صرفيه آهي، جيڪو اِتي هڪ خصوصي رشتي کي ظاهر ڪري ٿو، جيئن:

- پُ + ٽ (پُٽ)
- پوٽ (هڪ نادر يا نيوٽرل جينڊر رکندڙ لفظ، عدد اڻڄاتل)
- پوٽو (مذڪر واحد)
- پوٽي (مؤنث واحد)
- پوٽا (مذڪر جمع)
- پوٽيون (مؤنث جمع)

اهڙيءَ طرح /پيءُ/ جي ’پ‘ جي نسبت سان پڦي، پڦڙ، پڦاٽ وغيره لفظ جُڙيا آهن، جيڪي ’پيءُ‘ جي طرفان رشتيداريءَ کي ظاهر ڪن ٿا.

3. ’سَگھه‘، ’سَگھو‘، ’آگھو‘ اهڙا لفظ آهن، جن مان پهرين ٻن لفظن جي معنيٰ ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ زور، طاقت، ٻَلُ، طاقتور، مضبوط جي معنيٰ ڏنل آهي ۽ پوئين لفظ جي معنيٰ ضعيف، ڪمزور، بي مزي ڏنل آهي.

انهن ۾ /سَگھو/ جو آخري ڊگھو سُر /او/ پڇاڙي، ’وارو‘ جي معنيٰ ڏيڪاري ٿو، يعني – سگھه وارو، سگھه رکندڙ، ڊگھو /اُو/ پڇاڙي، جنس مذڪر، عدد واحد کي ظاهر ڪري ٿو. /سگھِي/ جي پڇاڙي /اِي/ آهي، جيڪا ’وارِي‘ جي معنيٰ

ڏيڪاري ٿي، يعني – سگهه واري، سگهه رکندڙ. /اِي/ پڇاڙي جنس مؤنث ۽ عدد واحد کي ظاهر ڪري ٿي. /سَگها/ ۽ /سَگهيون/ واري سر ٻنهي جا جمع لفظ آهن. /سَگهه/ اسم، جنس مؤنث، 'گهه' جي مٿان زبر يعني چوٽو سُر آهي.

- /سگهْه/ فعل جي امري صورت آهي ۽ مروج ناهي.
- /سگهه ْ/ ڇاڻايل قاعدي موجب فعل جو ڏاتو هئڻ گهرجي، پر هيٺين مثالن مان معلوم ٿيندو ته 'سَگهه' ڏاتو نه آهي:

- سَگهِرْ (هڪ ناڏر لفظ)

+ سَگهرو، سَگهرا، سگهِري، سَگهِريون، سگهاريون

- سگهائت

+ سگهائتو، سگهائتا، سگهائتي، سگهائتيون

- سگهت

+ سگهتو، سگهتا، سگهتي، سگهتيون.

مٿي ڏنل سمورا لفظ بظاهر ته 'سَگهه' يا 'سَگهه ْ' مان نڪتا آهن، پر هيٺ تحقيقي چنڊچاڻ اُن جي ابتڙ حقيقت کي ظاهر ڪري ٿي.

عام طرح چيو ويندو آهي ته 'سَگهه' هڪ مفرد لفظ آهي، جنهن جا ٻه پد آهن: سَ+گهه چا 'سگهه' سچ پچ هڪ مفرد لفظ ٿي سگهي ٿو، چا اُن کي وڌيڪ بامعنيٰ جزن ۾ ٽوڙي نٿو سگهجي، چا اُن ۾ اڳيان موجود /س-/ هڪ پروس صرفيه، هڪ اڳياڙي ناهي ۽ چا اها ڪَٽجي وڃڻ کان پوءِ باقي بچندڙ صوتيو يا پد [گهَه] يا /گهه/ هڪ پاڻ- وس صرفيه، هڪ ننڍي ۾ ننڍو معنيٰ دار جزو، هڪ مفرد لفظ نه آهي؟

حقيقت هيئن نظر ايندي جڏهن 'آگهو'، 'اگهي' ۽ 'اگهائي' جون پڇاڙيون /-او/، /-اِي/ ۽ /-آئي/ هٽائي ڏسبو ته باقي ڪهڙي صورت ملي ٿي، اُها صورت آهي – 'گهه'.

چا 'سگهه' ۽ 'اگهه' هڪ ٻئي جو ضد نه آهن؟ (محبت ٻرڙو سوال پڇي ٿو!)

'سگهو' ۽ 'اگهو'، 'سگهي' ۽ 'اگهي'، 'سگهائي' ۽ 'اگهائي' جڏهن هڪ ٻئي جو ضد آهن ته پوءِ 'سَگهه' ۽ 'اگهه' به هڪ ٻئي جو ضد هئڻ گهرجن. 'جامع سنڌي لغات' ۾ 'اگهو' کي بنيادي لفظ ڇاڻايو ويو آهي ۽ 'سگهه' ۽ 'سگهو' کي

توٹي جو ثانوي يا ورتل (Derivated) لفظ ڄاڻايو ويو آهي، پر انهن ٻنهي لفظن جو ڏاتو ’سگھڑ‘ سڏيو ويو آهي.

مٿي ڏنل بحث جي روشنيءَ ۾ پڪ سان چئي سگھجي ٿو ته انهن ۽ اهڙن ٻين ساڳيو ڏاتو رکندڙ لفظن جو حقيقي ڏاتو لفظ ’گھھ‘ آهي.

محبت ٻرڙي مٿئين اصول مطابق، ’گھھ‘ ڏاتوءَ مان 330 لفظ جوڑيا آهن، جن مان ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڪي هيڪڙ ٻيڪڙ ڏنل آهن، نه ته اڪثر لفظن جي داخلا ڪونه ٿي ملي.

نموني طور هتي ڪجھه لفظ پيش ڪجن ٿا:

- آگھات: ضرب – ڏڪ. زخم. قتل – ذبح
- آگھاتو: لالچي – لوڀي. هڀچي – پيٽوڙي
- آگھاٽو: = = =
- آگھاٽجڻ: دوسجڻ. ستجڻ. گڏ ٽيڻ
- آگھارڻ: چاڇولڻ . . . ڪپڙي/ (ٽانوَ) کي پاڻيءَ سان (چاڇولڻ/ (ڏوئڻ)
- آگھار: چاڇول ڏيئي ڏوئڻ جي حالت
- آگھارائڻ: چاڇولائڻ، (ڏوئرائڻ)
- آگھارجڻ: چاڇولجڻ/ (ڏوئجڻ)
- آگھارو: کار جو ڪُنپ چڑھيل
- آگھاڙو: ٻوٽي جو ھڪ قسم
- آگھاگھِمڻ: گوڙ مچائڻ – ڏمڙ ڪرڻ. شور – فساد – ڏمڙ – ھُل
- آگھا؟
- آگھٽ: سوڙھه
- آگھٽجڻ: پيڙجڻ – ڦُسجڻ – ستجڻ
- آگھڙ گھَتِ: ڏُکو ھٽندڙ – ڏُکائي
- آنگھو: ڏائِڪُ ڦر کي کيرڏائڻ کان روکڻ لاءِ منهن تي ٻڌل ٻچانگي کاڻي
- آنگا ڪِيڻ: نشان ڪِيڻ – لينگھا ڪِيڻ

- اُگهہَ: اُگهڻ جي حالت (مهڻا ڏيئي صاف ڪرڻ جي حالت)
- اُگهاڙ: اوگهڙ – ننگائي (اڻ ڍڪيل هجڻ جي حالت)
- اُگهاڙڻ: نانگو ڪرڻ. ظاهر ڪرڻ
- اُگهاڙا: هڪ ذات جو نالو
- آگهامڻ: مُلهه ٽيڻ
- آگهم: هڪ ذات جو نالو
- اُنگهه: غَشي يا سُٽي
- اگهيڙ: وڏي گهيري وارو
- اوگهٽ: اُپڪَپرو، اٽانگو – ڏکيو. (ہرڙو، 2002: 155- 143)

مٿي ڄاڻايل لفظن جي لڙهيءَ مان معلوم ٿيو ته [گهه] هڪ ننڍي ۾ ننڍو بامعنيٰ جزو آهي، جنهن کي قاعدي موجب، هڪ پاڻوس صرفيه هڪ بنيادي يا مفرد لفظ سمجهڻ گهرجي. اهو هڪ صوتيو، هڪ پد، هڪ اسم، هڪ صفت، هڪ فعل به آهي. [گهه] طاقت، همٽ، مڙسي، بهادري، قوت، بَل، مٿيرپ، جاڏپ، جوپائي، جُنگائپ، سوپ، مقابلي، جهيڙي، ڪُوپائي، گهندائپ، گهمنائپ وغيره جو اهجاڻ آهي.

4. محبت ہرڙي موجب: "سنڌي ہوليءَ جو ڪو به ڏاتو ہول ڪنهن به طرح عدد ۽ جنس کي ظاهر نٿو ڪري ۽ اهو ڏاتو ہول جيڪو ڪنهن فعلي صورت کي جنم ڏئي ٿو، اهو ڏاتو واري حيثيت ۾ ڪنهن به زمان کي ظاهر نٿو ڪري، رڳو سرگرميءَ جي نشاندهي ڪري ٿو." (ہرڙو، 2000: 183-182)

محبت ہرڙي مٿئين بيان جي دليل ۾ هيٺيون مثال ڏنو آهي:

- وَڍ = [و+آ+ڍ)، هڪ ڏاتو ہول (لفظ) آهي.

- وَڍِ [و] + [آ] + [ڍ] + [ِ]، (امر واحد، جنهن جو جمع 'وڍيو' = /وَڍ/+/او/ آهي).

- وَڍُ [و] + [آ] + [ڍ] + [ُ]، (اسم، جنهن جو جمع 'وڍَ' = /وڍ/ + /آ/ آهي).

- وَڍَ [و] + [آ] + [ڍ] + [آ]، (اسم 'وڍڻ' جي حالت، جنهن جو جمع 'وڍون' = /وَڍ/+/اُون/ آهي).

- وَڍو [و] + [آ] + [ڍ] + [او]، (اسم، جنهن جو جمع 'وَڍا' = (وڍ/ + /آ/ + /آ/ آهي).

- وڃڻ = /وڃ/ + /آڻ/

محبت ٻرڙي جي انهيءَ ڪسوٽي ۽ صيغي مطابق /ڃ/ جو متضاد اکر/ آواز، /ڏ/ آهي. يعني انهن ٻنهي اکرن/ آوازن کي بنياد/ ڏاتو بڻائي هڪ ٻئي جا ابتڙ/ ضد ٺاهي سگهجن ٿا، جيئن:

لفظ	ضد	لفظ	ضد
• وَڏُ	وَڃُ	- وڏارائڻ	وڃارائڻ
- وَڏِ	وَڃِ	- وڏائيندو	وڃائيندو
- وڏڻ	وڃڻ	- وڏرائيندو	وڃرائيندو
- واڌِ	واڍِ	- وڏارائيندو وڃارائيندو، وغيره.	
- واڌو	واڍو		
- واڌِڪو	واڍِڪو		
- وڏائڻ	وڃائڻ		
- وڏرائڻ	وڃرائڻ		
• ڏَکُ	ڍَکُ		
- ڏَکُ	ڍَکُ		
- ڏَکِڻ	ڍَکِڻ		
- ڏاکُ	ڍاکُ		
- ڏاکو	ڍاکو		
- ڏَکيندو	ڍَکيندو		
- ڏَکائيندو	ڍَکائيندو		
- ڏَکرائيندو	ڍَکرائيندو		
- ڏَکبو	ڍَکبو		
- ڏَکايل	ڍَکايل		
- ڏَکار	ڍَکار		
- ڏَکراءِ	ڍَکراءِ وغيره		

7.2.2 ’جامع سنڌي لغات‘ [جلد -**1** جي پهرين پڙهٽي] جو جائزو – هڪ اڀياس

محبت ٻرڙي جو مٿيون تحقيقي مقالو، ماهوار ’ڪينجهر‘ (ايڊيٽر – ناز سنائي) جي ڊسمبر 1994ع واري شماري ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ محبت ٻرڙي ’جامع سنڌي لغات‘ جي پهرئين جلد جو جائزو ورتو آهي. هِن جائزي ۾ ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ موجود ڪيترين ئي ڪوٽَن ۽ ڪمزورين جي نه رڳو نشاندهي ڪئي آهي، پر پنهنجي سوچ ۽ سمجهه آهر انهن بابت مشورا ۽ صلاحون به ڏنيون آهن. مثال طور: پهرئين جلد ۾ ٽائيٽل تي ڏنل لفظن – لغات، مروج، بسعي، مرتبه، اهتمام، زير نگراني ۽ شعبئه – جي معنيٰ ڏنل ئي ناهي (ص 36) يا ٽين ۽ چوٽين درجي جي پهرين گيتن جي ڪجهه لفظن جي معنيٰ به انهيءَ جلد ۾ ڏنل نه آهي (ص 36). انهن نشاندهين کان علاوه لغت ۾ لفظن جي داخلا به درست نموني رکيل نه آهي. جيئن: ’لکائيندڙ‘ لفظ ڏسٽو آهي:

- لکائيندڙُ: (فاعل، مذڪر، واحد) لکائڻ وارو، جيڪو لِکائي:
- مريم کان چڱي لکرائيندڙُ سندس ڀاءُ هو.
- شاگردن کي صورتخطي لکارائيندڙُ سندن استاد ئي هو. (ص 39)

ڪنهن لفظ جو اچارُ ۽ صورتخطي ته هڪ جهڙا هجن پر معنيٰ ۽ مفهوم ٻيو ٻيو هجي ته اهڙي حالت ۾ ڇا ڪجي؟ لفظ آهي ’لِکائي‘.

- لِکائي: 1- (اسم) لکڻ جو نمونو، ڍنگ، طريقو، انداز: ظفر جي لکائي ايڏي سُهڻي آهي جو ماڻهو بس ويٺو ڏسي. لِکائي ته اسلم جي، ايڏي رد جو پاڻ به پڙهي نه سگهي. 2 – (فعل، متعدي بالواسطه، مؤنث) لِکائڻ جو ماضي: نصيبان چڱي ته لِکائي، پر موڪلي نه سگهي. اصغر سڄي ڪلاس کي صورتخطي لِکائي.

’لِکڻ‘ مان ’لکجڻ‘، ’لِکائڻ‘ مان ’لِکائجڻ‘، ’لِکرائڻ‘ مان ’لکرائجڻ‘، ’لِکارائڻ‘ ۽ ’لکارائجڻ‘. مصدر اچن ٿا، وري انهن جا ماضي، مستقبل ۽ اسم حاليه، پوءِ فاعل ۽ مفعول، وري مذڪر ۽ مؤنث، واحد ۽ جمع، شڪليون ۽ انهن کان پوءِ هر هڪ مصدر مان ڏهاڪن جي ڪٽپ ۾ ته رڳو فعلي صورتون نٿن ٽيون. (حوالو آندل، ص 40)

محبت ٻرڙو ’لکڻ‘ مصدر مان ٻيون ڪئين صورتون ٻڌايون آهن. جيڪڏهن انهن سان سندن فاعلي صورتون ۽ ضميري پڇاڙيون گڏ هجن ته سندن ترتيب اڳا به قِري ويندي. لغت ۾ ائين ڪرڻ مناسب آهي!؟

محبت ٻرڙي انهيءَ هڪڙي ’لکڻ‘ مصدر مان 328 ٻيون صورتون پيش ڪيون آهن، جيڪي هتي سپ جو سپ ته نٿيون ڏيئي سگهجن، البت مثال طور ڪجهه ڏجن ٽيون:

لِک، لکاراءِ، لکارائج، لکارائجڙ، لکارائجي، لکارائجي، لکارائڙ، لکارائي، لکارايي، لکارائيندا، لکارائيندڙ، لکارائيندو، لکارائيندي، لکارائيندي، لکارائيندیون، لکارايل، لکان، لکانءِ، لکاڻي، لکاڻيون، لِکاءِ، لکائبا، لکائبو، لکائبي، لکائبيون، لکائج، لکائجان . . . ليکو. (ص 48-45)

هي اهڙا لفظ آهن، جن جي ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ اِنٽري (داخلا) نه آهي. محبت ٻرڙي جي راءِ موجب، اهڙن لفظن جون داخلائون ’لغات‘ ۾ هڻڻ گهرجن. محبت ٻرڙي چوٽين درجي جي سنڌي ڪتاب ۾ هڪ گيت ’ڪوٽان ڪوٽ بڻائيه ڏرتيون‘ جون ڪجهه سٽون ڏنيون آهن ۽ ان ۾ شامل لفظن ۽ اصطلاحن تي غور ڪرڻ جو پڻ چيو آهي، ته ’بڻائيه‘ کي ڏسو ۽ ’انت نه پارا‘ کي پرکيو، چو ته ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ’ڪوٽ‘ ج ڪوٽَ‘، ’بڻائڻ‘ (بڻايو – بڻائيندو – بڻايل) ’انت نه پارا هجڻ‘ ڏنل آهن. اڪيلي سر ’پارا‘ (جنهن معنيٰ ۾ هتي ڏنل آهي) ڪٿي به ڪونهي، ۽ جي آهي ته ’پارو ج پارا‘ ڄاڻايل آهي. تنهنڪري لازم آهي ’جامع سنڌي لغات‘ مان جيڪو به لاپ ونڻ گهري ٿو، ان کي سنڌيءَ جي اڳواٽ ئي ڇڳي پلي، بلڪ عالمانه ڄاڻ هجڻ گهرجي.

جيڪڏهن ٿورو غور ڪري سوچجي ته محبت ٻرڙي جي ٻڌايل لفظن ۽ اصطلاحن جي اهڙي ذخيري گڏ ڪرڻ سان جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ مصدر گهڻائي گهڻائي فقط ٻه هزار هجن، ته به انهن مان لکين لفظ ۽ هزارين اصطلاح نڪري سگهن ٿا. محبت ٻرڙي ’جامع سنڌي لغات‘ لاءِ اها به تجويز ڏني آهي ته جيڪڏهن دنيا جا سمورا ملڪ، اهم شهر، اهم تاريخي مڪان، وڏا جبل، علائقا، واريااسا، پٽ، ميدان، رياستي عهدا، سيرگاهه، بندرگاهه سميت فلسفيانه، سائنسي، علمي ۽ فني اصطلاح، دنيا جون ٻوليون، نديون، ماڻريون، ڏينڏون . . . ڄاڻائي سگهڻ جهڙو سپ ڪجهه ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ اچي وڃي ته پوءِ ڪهڙي ڳالهه ڪجي!

پهرئين جلد ۾ محبت ٻرڙي ڪافي اهڙن لفظن جي نشاندهي ڪئي آهي، جنهن جي معنيٰ، سندس دعويٰ مطابق، درست نه ڏني ويئي آهي. جيئن: ’آواٽ‘ جي معنيٰ ’ڪُواٽ‘ ۽ ’الڪٽو‘ جي معنيٰ ’ڪلڪٽو‘ به ڏنل آهي، جڏهن ته اڳياڙي ’آ‘ ۽ اڳياڙي ’ڪَ‘ جي اڇڻ سان واريسر ’نه‘ ۽ ’ڪِنو‘ (ڪڏو) جي معنيٰ ظاهر ٿيندي. ’آواٽ‘ معنيٰ ’جنهن لاءِ يا جتي واٽ نه هجي‘ ۽ ’ڪواٽ‘ معنيٰ ’ڪِنو يا خراب دڳ‘. ’متارو‘ جي چالو معنيٰ ڏٽو مُٽو، ٽُلهو، ٽنپرو وغيره ته ڏني ويئي آهي، پر اُن جي علمي ۽ حقيقي معنيٰ ’مت + آرو‘ يعني ’مت وارو‘، اڪابر، سمجهدار، ڏاهو وغيره ڏنل نه آهي.

ڪٿي ڪٿي ته سنڌي لفظن جي معنيٰ عربي ۽ فارسي صيغن ۾ ڏني ويئي آهي ’-اگم ڄاڻ‘ جي معنيٰ ’غيبدان‘ ڏني ويئي آهي، جڏهن ته غيب جي

حوالي سان به صحيح معنيٰ ’غيبداني‘ ٿيندي، نه ڪي غيبدان. ’اڇپو‘ جي معنيٰ ’فوق العارت‘ ۽ ’اڇل‘ جي معنيٰ ’بي جنبش‘ ڏنل آهي.

محبت ہرڙي اهڙن ڪيترن ئي لفظن جي نشاندهي ڪئي آهي، جيڪي پنهنجي گهربل جاءِ تي هجڻ بجاءِ ٻئي هنڌ رکيل آهن، جنهنڪري لفظ ڳولينڊڙ کي مايوسي ٿئي ٿي. ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ نه ’گهڻ ڪائڪ‘ لڏو ۽ نه ئي وري ’جاڻڪ‘. ٻي واري ڪو ٻيو لفظ پئي ڏٺم ته اوچتو ’اِ‘ ۾ ’گهڻ – ڪائڪ‘ تي نظر پئجي ويئي. ’گهڻ ڪائڪ‘ هڪ ته عام لفظ آهي ۽ ٻيو ته لغت رٿيندڙن جي نظر ۾ به آيو، پوءِ ڇو پنهنجيءَ گهربل جاءِ تي موجود ناهي؟

محبت ہرڙي جي ’جامع سنڌي لغات‘ تي اصل وجهه اِها هئي ۽ هُن جلد پهرئين کان جائزي وٺڻ جي ابتدا ڪئي ۽ پهرئين جلد جي جائزي دوران 1155 اهڙا لفظ ۽ اصطلاح گڏ ڪيا آهن، جيڪي هِن جلد ۾ موجود نه آهن.

7.3 انسائيڪلوپيڈيا – معنيٰ، وصف، فن ۽ تاريخ

7.3.1 معنيٰ ۽ وصف

- انسائيڪلو پيڊيا – گنج معلومات، مها ڪوش، وڏي لغت، وِشوَ ڪوش؛ ڪافي جلدن تي ٻڌل جامع معلوماتي ڪتاب، جنهن ۾ گهڻن علمن، موضوعن ۽ انهن جي پهلوئن تي الف – ب وار معلومات ڏنل هجي. (ابڑو، 2010: 571)

- انسائيڪلو پيڊيا: (انگ – مذکر/ مونث) سڀني علمن ۽ فنن بابت معلومات جو حوالاتي ڪتاب – قاموس العلوم – دائره المعارف. (عبدالستار، 2003: 126)

- انسائيڪلو پيڈيا: (انگ - ا- مث و مذ) - وہ کتاب جس میں جملہ علوم و فنون کے متعلق معلومات درج ہوں - مخزن العلوم۔ (فیروز سنز، ۲۰۰۷: ۸۴)

مٿي پيش ڪيل معلومات جي اڀياس مان ڄاڻ پوي ٿي، ته انسائيڪلو پيڊيا اُن علم کي چئجي، جيڪو الف – ب وار نموني ڪنهن به چيز بابت گهڻ طرفي ۽ گهڻ رُخي معلومات فراهم ڪري. اهو لفظ (انسائيڪلو پيڊيا) ہن يوناني (Greek) لفظن: ’سائڪليوس‘ يا ’ڪائڪليوس‘ ۽ ’پيڊيا‘ مان ٺهيو آهي. ’سائڪليوس‘ جي معنيٰ آهي – گول يا عام گهيرو ۽ ’پيڊيا‘ (Paideia) جي معنيٰ آهي – هدايتون يا تعليم/ ضابطو.

هي علم، جڙ ته هڪ ڪتاب جي صورت ۾ اهڙو علمي پندار آهي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي موضوعن تي مقالا، مضمون، لفظ، اصطلاح، وغيره داخل ٿي وڃن ٿا. هن ۾ ڪنهن به شيءِ بابت نه رڳو معنيٰ ۽ مفهوم بيان ڪيو ويندو آهي، پر اُن جو تاريخي مواد، پيش منظر ۽ پس منظر سميت شامل ڪيو ويندو آهي.

محبت ٻرڙي موجب، پهريَن انسائيڪلو پيڊيائن کي وسيع پيماني تي سادي سِڌي نموني ڊڪشنري (لغت، ٻولَسڌ) سڏيو پئي ويو يا وري ’سرهائيءَ جو باغ‘، جڏهن پهريون پيرو جرئت ڪري ’اسڪالش‘ نالي هڪ اسڪالر ’انسائيڪلو پيڊيا‘ لفظ ڪم آندو، تڏهن اُن کي گهٽي پذيرائي نه ملي، تان جو ’ڊينِس ڊائڊروٽ‘ نالي هڪ محقق اُن کي تاريخي حيثيت وارو فرينچ انسائيڪلو پيڊيا نالو ڏيئي، لکي عام جام ڪيو. انسائيڪلو پيڊيا جي متبادل طور هڪ لفظ ’سائيڪلوپيڊيا‘ به ڪم ايندو ۽ قابلِ قبول ٿيندو رهيو آهي، پر پوءِ ’انسائيڪلو پيڊيا‘ اصطلاح مروج ٿي ويو.

محبت ٻرڙو لکي ٿو ته:

”انسائيڪلو پيڊيا لفظ جي معنيٰ ۾ به تاريخي اوسر سان گڏ تبديلي ايندي رهي آهي. اڇوڪا گهٽا ماڻهو انسائيڪلو پيڊيا کي سموري ميسر ڄاڻ جو گهڻ جلدي ميڙ (مُڇو) سمجهن ٿا، جنهن کي نقشن ۽ تفصيلي پنوتريءَ سان گڏوگڏ ڪتابسُڌَن (ببليوگرافيز)، تصويري خاڪن، ننڍاڻن (تخفيفن) ۽ پرڏيهي محاورن (اصطلاحن)، ڏيهه سُڌن (گزيٽيئرز) ۽ اهڙن ٻين شين سان سڌاريو ويو هجي.“ (ٻرڙو، 1998: 7)

انسائيڪلو پيڊيا به هڪ قسم جي مفصل ۽ جامع لغات آهي، ليڪن لغت ۽ انسائيڪلو پيڊيا ۾ بنيادي فرق هي آهي ته: لغت ۾ لفظن ۽ اصطلاحن جي حسب نسب، معنيٰ، پس منظر، تاريخ کان وٺي اُن جي صرف و نحوَ تائين، روشني وڌي ويندي آهي، جڏهن ته انسائيڪلو پيڊيا ڪنهن به موضوع تي تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. ائين چئي سگهجي ٿو ته: انسائيڪلو پيڊيا اُها ڄاڻ – پندار آهي، جيڪا فقط ڪنهن هڪ موضوع جي پابند نه آهي، پر اُن ۾ ڪئين ٻيا موضوع ۽ اُن سان لاڳاپيل ۽ متصل مواد به شامل ٿي سگهي ٿو.

7.3.2 فن ۽ تاريخ

دنيا ۾ سڀ کان آڳاٽي انسائيڪلو پيڊيا ’ايلدر‘ (Pliny the Elder) جي ’نيچرل هسٽري‘ ٻڌائي وڃي ٿي، جيڪا 30 کان مٿي جلدن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ تقريباً سڀني علمن جو مختصر ذڪر آهي. 10 صدي عيسويءَ ۾ عربن هن علم تي ڪم ڪيو. ابو نصر فارابي ’احصاء العلوم‘ نالي هڪ انسائيڪلو

پيڊيا تيار ڪئي. وچئين دور ۾ ڪيتريون ئي انسائيڪلو پيڊيائون جوڙيون ويون. علامه نويري (1276ع – 1333ع) عربيءَ ۾ هڪ انسائيڪلو پيڊيا ترتيب ڏني. هيءَ ابتدائي انسائيڪلو پيڊيا جا ڪتاب هئا، جن کان پوءِ باقاعده هن فن ترقي ڪرڻ شروع ڪئي. محبت پرڙو هن فن جي ابتدا ٻه هزار ورهيه آڳاٽي چاڻائي ٿو ۽ اُن جو جديد روپ پنج سؤ سال اڳ لکي ٿو ۽ سمجهي ٿو ته هن فن جا اهجاڻ اوپر ۾ سپ کان آڳاٽا آهن. هو انسائيڪلو پيڊيا جي فن ۽ تاريخ بابت لکي ٿو ته:

”پهرئين انسائيڪلو پيڊيا جو ڏس پتو چين ۾ ملي ٿو، جيڪو 2 هزار ورهيه کن لکيو ويو ۽ پوءِ اُن کي نت نئون ٿاهڻ بدران جهڙوڪر ساڀيو ئي ورجائبو پئي رهيو. هن جو جديد روپ اڄ کان پنج سؤ سال اڳ نروار ٿيو ۽ هن علم ۽ فن جا اهجاڻ ’اوپر‘ ۾ ’اولهه‘ کان وڌيڪ آڳاٽا سمجهيا وڃن ٿا.“ (پرڙو، 1998: 7)

محبت پرڙي جي نزديڪ پهرئين انسائيڪلو پيڊيا جو ڪتاب ’هُئانگ – لَئن‘ (شهنشاهه جو آئينو)، سنه 220ع ڌاري ترتيب ڏنو ويو. پر اڄ اُها انسائيڪلو پيڊيا اٽلپ آهي. ان کان پوءِ واري انسائيڪلو پيڊيا ’پائين – چُو‘ 600ع ۾ تيار ڪئي ويئي. 620ع ۾ ’آءِ – وين لِئي – چُو‘ (فن ۽ ادب جو جهُڳٽو)، پئِي – تانگ شُ – چاو (ڪتابن جو سَتُ)، چُو، هُسُئيهِ چِي (تعليمي سکيا ۾ داخلا) ۽ ٽُونگ – تائين – (ذهين پتلا) ٽُونگ – تائين، وين هسِئينِ ٽُنگ ڪائو (ادبي بچتن جو عام اپياس) وغيره وغيره چيني زبان ۾ لکيون ويون.

يونان ۾ افلاطون جي پائٽيي ’سِپيوسيپس‘ (وفات: 339-338 ق.م) جي لکيل انسائيڪلو پيڊيا جا ڪجهه حصا مليا آهن، جيڪي يورپ جي تاريخ ۾ انسائيڪلو پيڊيا جي علم ۽ فن جو پهريون نمونو شمار ڪيا وڃن ٿا. روم ۾ ’ڪيٽو دي – سينسر‘ (183 ق.م) کي ’پنهنجي پٽ جي نصيحت‘ جي عنوان سان لکيل انسائيڪلو پيڊيا کي پهريون ڪتاب ڄاڻايو وڃي ٿو.

انگريزي عالم ’الڪُوئِن‘ جي شاگرد رَئبَنَس مارس (856ع – 776ع) جي ’دِي يونيورسو‘ (سنسار بابت) وڏي شهرت حاصل ڪئي. دِي اومنيفاريا ڊاڪٽرينا (پانت پانت جا نظريا) انساني ۽ سائنسي ڄاڻ بابت سوالن ۽ جوابن جي صورت ۾ لکيل هو. هَگ آف سينٽ – وڪٽري (1141ع – 1096ع) جو ’دِدِاسڪيليَن‘ جنهن ۾ علمي مونجهارن سميت آزاد فنن (لبرل آرٽس) تي لکيل هو، ملي ٿو.

مصر ۾ نهايت العرب في فنون الادب (ادبي فنن ۾ ڏاهه جو مقصد) غالباً 9 هزار صفحن تي مشتمل ملي ٿو، جنهن ۾ مختلف شعبن جي باري ۾ تفصيلي ڄاڻ ڏنل آهي. جپان ۾ ’ايدو‘ يا ’توڪُوگاوا‘ دور (1867ع – 1603ع) ۾ انسائيڪلو پيڊيا جو علم ملي ٿو، جنهن ۾ چيني ۽ جپاني ادب جو چونڊ مواد گڏ

کيل آهي. ڪوجِيرُوئينِ (1914ع – 1879ع) 51 – جلد ۾ نِهَن – هياڪا – ڊائجيٽين يعني ’وڏو (مهان) جپاني انسائيڪلو پيڊيا‘ (1919ع – 1908ع) – 10 جلد، ملن ٿا.

محبت ٻرڙو جديد انسائيڪلو پيڊيا جي تاريخي اوسر ۽ فن بابت لکي ٿو ته:

”سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ جديد انسائيڪلو پيڊيا جنم ورتو. فرانسيس بيڪن جو انسٽاريشيو مئگنا لکڻ مهل مقصد اهوئي هو ته سائنسن، فنن ۽ سموري انساني ڄاڻ کي ٽيڪ ٽاڪ بنيادن تي بيهاري سگهجي ته جيئن شين ۽ ذهنن جي وچ ۾ سڌي ۽ حقيقي گهرائي جوڙي سگهجي. ان سڃي رٽيل مانڊاڻ جو رڳو ڪجهه حصو ئي ڇپجي سگهيو، پر ليڪڪ 130 ننڍا حصا ٽن وڏن حصن ۾ ورهائي ترتيب ڏيڻ جو سوچيو هو.“ (ص 11)

ٻارهين صدي عيسويءَ تائين الف – ب وار جي ترتيب سان ڪا به انسائيڪلو پيڊيا نه ڇَپي ويئي هئي. اهڙيءَ انسائيڪلو پيڊيا ترتيب ڏيڻ جو سهرو ’لوئي موريري‘ نالي هڪ ماهر جي سر تي اچي ٿو، جنهن ’گرانڊ ڊڪشنري هسٽارڪ‘ (مهان تاريخي ٻولَسڌ) نالي انسائيڪلو پيڊيا لکي، جنهن ۾ شخصيتن سميت جاگرافيءَ جي موضوع بابت به مواد ڏنل هو.

فرينچ ۾ چارلس ايسٽيني (1564ع – 1504ع) جي ترتيب ڏنل هڪ ’انسائيڪلو پيڊيا‘ ملي ٿي، جنهن جو نالو هو – ’ڊڪشنري هسٽوريم جاگرافيڪم ايٽ پوئيٽيڪم‘ (تاريخي جاگرافيائي ۽ شاعراڻي ٻولَسڌ). هيءَ انسائيڪلوپيڊيا سنه 1553ع ۾ ڇپي. اُن ۾ تاريخ، شاعري ۽ جاگرافيءَ جي موضوعن تي ڄاڻ ڏنل هئي. ان کان هڪ سال اڳ پيڊرو ميڪسيڪا جو ’ليس ڊائورسيس ليزنس‘ (پانت پانت جا سبق، 1552ع) ڇپجي چڪي هئي. ارڙهين صديءَ جي ابتدا ۾ جان هئرس جي ’ليگزيڪم ٽيڪنيڪم‘ (هنري، ٻولَسڌ، 1704) ڇپي، جنهن ۾ مختلف قسم جي هنرن بابت گهڻ طرفي ڄاڻ ڏنل هئي.

جرمنيءَ ۾ 18 صديءَ جي ابتدائي ڏهاڪن ۾ ثقافتي طرز تي جديد انسائيڪلو پيڊيا تي ڪم ٿيو. ’اليگمينيس ليگزيڪان‘ (1721ع) جي نالي سان هڪ انسائيڪلو پيڊيا جوهَن ٽِيوڊور جئبلو ننسڪي هڪ ماهر ڇپائي پڌري ڪئي.

جرمنيءَ ۾ پهريون پيرو ببليوگرافي طرز تي ’گراسيس وولسٽينڊگز يونيورسل ليگزيڪان‘ (انتهائي ڳوڙهو/ رچيل سنساري ٻولَسڌ – 1750-1732ع) جي عنوان سان هڪ انسائيڪلو پيڊيا ڇپي، جنهن جو لکندڙ ’هيمزخ زيڊلر‘ هو. ان کان علاوه، جنهن ’انسائيڪلو پيڊيا‘ جرمنيءَ جي ماٺهن جي گهڻي حد تائين

علمي اُڄ اجهائي، اُها هئي ’ڪنورسيشنس – ليگزيڪان‘، ((1811ع – 1796). هن انسائيڪلو پيڊيا جو مرتب ’فريڊرڪ ارنالڊ بروخاس‘ هو.

19 صديءَ ۾ ’ابراهام ريس‘ نالي هڪ ماهر ’ڊِي نِيُو سائيڪلو پيڊيا‘ (1802-1820ع) ترتيب ڏني. هن انسائيڪلو پيڊيا کي ’برٽانيڪا‘ جو مقابل ليکجي ٿو.

نوح ويبسٽر جي ’اميريڪن ڊڪشنري آف ڊِي انگلش لينگئيج‘ (انگريزي ٻوليءَ جو آمريڪي ٻولَسڊ) پنهنجي مزاج ۾ ’انسائيڪلو پيڊيا‘ هئي. هيءَ انسائيڪلو پيڊيا آمريڪا جي 19 صديءَ جي تاريخ ۾ ڏور رس اثر چڏيندڙ انسائيڪلو پيڊيا ثابت ٿي. ساڳيءَ صديءَ ۾ برطانيا ۾ ’چيمبرس انسائيڪلو پيڊيا‘ (1860ع-1828ع) به پاڻ ملهايو. پولئنڊ ۾ ’انسائيڪلو پيڊيا پوزيچنا‘ (1868ع-1858ع) ۽ بريهميائي سلونِڪ ناڪني (سائنسي) ٻولَسڊ (1890ع – 1860ع) سان مقابلو ڪندي هنگرين ايجلئٽيميز ميگيار انسائيڪلو پيڊيا (سنساري هنگرين انسائيڪلو پيڊيا، 1876ع – 1861ع) پيش ٿيون.

روسين به هن علم ۽ فن ۾ پاڻ ملهايو. وِي.اين. تاتيشيف جي ’ليڪسيڪن روسسڪوئاءِ‘ (روسي ٻولَسڊ) جو ڪجهه حصو 1873ع ۾ ڇپيو، بعد ۾ بروخاس جي تيار ڪيل انسائيڪلو پيڊيا جي نموني تي ’اي – استار چيوسڪي‘ جي اسپراووچني اينتسائيڪلوپيڊيچيسڪي سِلوور (انسائيڪلو پيڊيائي ريفرنس ٻولَسڊ، 1873ع – 1855ع) ڇپي.

ڊنمارڪ ۾ اٺويهين صديءَ جو خاتمو ٽن سئين گهڻ جلدي انسائيڪلو پيڊيائن سان ٿيو: آلرس (1899ع – 1892)، هيگرٽس (1900ع – 1892ع) ۽ سَلمونسينس (1911ع – 1893ع) جي انسائيڪلو پيڊيائن جو مثال تاريخ ۾ ٻيو نٿو ملي.

آمريڪي رياستن ۾ ’نيو انٽرنيشنل انسائيڪلو پيڊيا‘ جو پهريون ڇاپو 1904ع ۾ ڇپيو، جيڪو ساليانن سڌارن اُن ۾ مواد جي بهتري آندي، جنهن ’انسائيڪلو پيڊيا آمريڪانا‘ ۾ نئين سگهه پري. انسائيڪلو پيڊيا يونيورسل السٽريڊ يوروپيو آمريڪانا (1907ع – 1905ع) (ايسپا) ڇپي، جنهن کي وڏي مجتا ۽ پذيرائي ملي، ۽ ’انسائيڪلو پيڊيا اِٽيئليانا‘ به هن ڪتاب وانگر ضخيم ۽ پذيرت جوڳو ٻٽيو. اسپيني انسائيڪلو پيڊيا ڊڪشناريو سلوت (1913ع – 1907ع) ڇپي. هيءَ انسائيڪلو پيڊيا ڪيترا پيرا اپديٽ ٿي ۽ ڇپي. اسپينش ۾ پي وڏي انسائيڪلو پيڊيا، ’انسائيڪلو پيڊيا ليبر‘ (1960ع – 1955ع) جي نالي سان به ڇپي. محبت ٻرڙي جي خيال موجب، انهن سپني مان وڏي پذيرائي ۽ اهميت

انسائيڪلو پيڊيا ائٽليانا (1939ع – 1929ع) ڪي ملي، جنهن ۾ شاندار مواد سان گڏ رنگين ۽ عمديون تصويرون، دستاويزي مضمون شامل هئا.

ويهين صديءَ ۾ فرانس ۾ وڌيڪ ٽي انسائيڪلو پيڊيائون منظرعام تي آيون، جن ۾ 'انسائيڪلو پيڊيا فرانسيس (1966ع – 1935ع)، انسائيڪلو پيڊيا ڊي لا يلييادِ (1955ع) ۽ انسائيڪلو پيڊيا يونيورسلس (1928ع) شامل آهن.

جن ڏينهن ۾ محبت ٻرڙو انسائيڪلو پيڊيائن تي تحقيقي ڪم ڪري رهيو هو تڏهن سنڌيءَ ۾ انسائيڪلو پيڊيا اڃا منظرعام تي نه اچي سگهي هئي، اُنڪري محبت ٻرڙي ڪي پنهنجي سنڌي زبان ۽ سنڌي عالمن جي باري ۾ لکڻو پيو ته:

"هيڏي شاهوڪار، سُڪي ۽ ستابي (سنڌي) ٻولي، ايڏو ثقافتي ورثو ۽ شاندار ماضي، هزارين ڏاها، ڏاتار، عالم اڪابر، سياڻا سيبتا، شاعر اديب، ليکڪ، سائنسدان، سياستدان، تاريخ چاڻو، هنرمند، فنڪار ۽ ڪلاڪار: علم، ادب، فن ۽ هُنر جو ڪهڙو شعبو آهي، جنهن ۾ سنڌي نه هجن؟ پوءِ به سنڌي انسائيڪلو پيڊيا جي خاني ۾ ٻُڙي!؟" (ٻرڙو، 1998: 15)

انهيءَ صورتحال کي ڏسندي محبت ٻرڙي سنڌيءَ ۾ 'انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا' جي سري هيٺ ڪم ڪرڻ جي ابتدا ڪئي، ۽ موضوع وار مواد جون حدون ۽ دائرا طئه ڪري مواد جون موضوع وار فهرستون ۽ تعارفي مضمون پڻ تيار ڪرڻ شروع ڪيا. اهو زمانو، آسي واري ڏهاڪي جي پڇاڙي ۽ نوي واري ڏهاڪي جي شروعات جو هو. انسائيڪلو پيڊيا تي ڪم ڪرڻ دوران محبت ٻرڙي سنڌيءَ ۾ سائنسي اصطلاحن جي ڪوٽ کي شدت سان محسوس ڪيو، ڇو ته انسائيڪلو پيڊيا ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي ڪيس اشد ضرورت پيش آئي ۽ هيڏانهن سنڌي زبان ۾ اُن طرف ڪم نه ٿيو هو، تنهنڪري محبت ٻرڙو انسائيڪلو پيڊيا جهڙي اهم رٿا کي ڪجهه وقت پوئتي رکندي سائنسي ۽ فني اصطلاحن تي ڪم ڪرڻو لڳو. تنهن کان پوءِ 'انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا' تي ٻيهر ڪم ڪيائين، جنهن جي پهرين ڪڙي، 15 آڪٽوبر 1991ع ۾ روزانو 'جاڳو' اخبار ڪراچيءَ ۾ 'انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا' "مواد سهيڙيو مهم" (ذاتيون ۽ ديهون) جي عنوان سان ڇپي، جنهن ۾ 'ذاتيون ۽ ديهون' جي موضوع تي 'الف' اکر سان شروع ٿيندڙ ذاتين ۽ ديهن جا نالا ڏنا ۽ پڙهندڙن/ لکندڙن کي پڻ دعوت/ گذارش ڪئي، ته هو به ان سلسلي ۾ الف سان شروع ٿيندڙ پنهنجن پنهنجن تعلقن ۽ ضلعن سان لاڳاپيل ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڪن. 'انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا' جي ٻي ڪڙي 15 نومبر 1991ع جي روزانه 'جاڳو' ڪراچيءَ ۾ ساڳئي عنوان سان ڇپي، پر اُن ۾ سنڌ سان واسطو رکندڙ راڳ، ساز سميت، پسوئن، ڳهن ڳڻن، زيورن، پرت جي نمونن ۽ ڪپڙن بابت ڊيٽا گڏ ڪرڻ جي گذارش

ڪئي هئي. اُن مضمون جي ٽِين ڪڙي روزانو اخبار ’جاڳو‘ جي تاريخ 28 نومبر 1991ع ۾ ڇپي. اُها سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ وڻن، ٻوٽن، پاڇين، گاهن، مشيني اوزارن ۽ پرزن بابت معلومات گڏ ڪرڻ جي سلسلي ۾ هئي. هن رٽا جي چوٽين ڪڙي، روزانو ’آفتاب‘ حيدرآباد تاريخ 14 اپريل 1992ع ۾ ڇپي. اُها ڪڙي، سنڌ سان واسطو رکندڙ اديبن، قلمڪارن، محققن، شاعرن جي باري ۾ هئي.

هن رٽا جي پنجين ڪڙي ماهوار ’سائنس‘ جام شوري ڊسمبر 1993ع واري شماري ۾ ڇپي. هيۂ ڪڙي، سائنسي ۽ فني اصطلاحن تي ”ٻول گهاڙيتو“ جي عنوان تي مشتمل هئي، جنهن ۾ روزمرهه جي استعمال هيٺ ايندڙ غلط سائنسي اصطلاحن جي نشاندهي ڪيل هئي ۽ گڏوگڏ نون اصطلاحن جي لاءِ سائنسي سميت صرفي نحوي انداز ۾ گهڙڻ جا اصول ۽ قاعدا مثالن سان بيان ڪيل هئا. ان کان علاوه محبت ٻرڙو پنهنجي وفات (9 اپريل 1996ع) تائين ’انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا‘ بابت مواد لکندو رهيو، پر اُهو ابتدائي مواد، سندس وفات کان ٻن سالن بعد سندس ٻي ورسيۂ جي موقعي تي ’انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا‘ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. اُن ڪتاب جي هڪ ڪاپي راقم الحروف، ڊاڪٽر غلام علي الانا کي پيش ڪئي، جيڪو اُن وقت سنڌي ٻوليۂ جي بااختيار اداري ۾ چيئرمن طور ذميداريون سنڀالي رهيو هو ۽ انهيۂ سال يعني آگسٽ 1998ع کان ’انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا‘ جي سري هيٺ هڪ باقاعده ريسرچ سيل قائم ڪري، هن رٽا تي ڪم جي ابتدا به ڪري چڪو هو. پوءِ اُن رٽا جو پهريون جلد سال 2009ع ۾ ڇپيو. ان کان اڳ 2005ع ۾ پاڻ جي هڪ عالم پروفيسر فتح الله صديقيۂ سنڌيۂ ۾ انسائيڪلو پيڊيا جو پهريون جلد ڇپرائي، سنڌيۂ ۾ ’انسائيڪلو پيڊيا‘ کي متعارف ڪرائي چڪو هو. حالانڪ سنڌيۂ ۾ ’انسائيڪلو پيڊيا‘ جي موضوع تي ڪم ڪرڻ جو ابتدائي سهرو محبت ٻرڙي جي سِر تي اچي ٿو، جيڪو 89-1987ع ڌاري هن ڪم جو ابتدائي خاڪو پيش ڪري چڪو هو، جيڪو قسطوار مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ به ڇپرائي چڪو هو.

7.4 ’انسائيڪلو پيڈيا‘ جي موضوع تي محبت ٻرڙي جي ڪيل ڪم جو تعارف

1998ع ۾ ’انسائيڪلو پيديا سنڌيڪا‘ جي عنوان سان محبت ٻرڙي جو ڪتاب ڇپيل آهي، جنهن جو تعارف، مٿي جزوي طرح پيش ٿي چڪو آهي، پر هِتي تفصيلي طور ان کي اڀياس هيٺ آندو وڃي ٿو.

محبت ٻرڙي ’انسائيڪلو پيديا‘ جي لاءِ سنڌي زبان ۾ ’مَها ٻولَسڌ‘ جو اصطلاح ڪتب آندو آهي، گويا هيۂ پهريون پيرو محبت ٻرڙي سنڌي ۾ اصطلاح گهڙي ’انسائيڪلو پيديا‘ جي متبادل طور استعمال ڪيو آهي. ’سنڌي مها ٻولَسڌ‘ تي ڪم ڪرڻ ڪنهن هڪ فرد جي وس کان مٿي هو، اُن لاءِ وسيلن ۽

گڏوگڏ گھٽن فردن جي ضرورت هئي. ظاهرآهي، اهو ڪم ادارا ئي ڪري سگھن ٿا، جن وٽ بجيٽ به آهي، ماڻهو به آهن ۽ وسيلا به آهن. اُن مشڪل ۽ ضرورت کي محسوس ڪندي محبت ٻرڙي هن ڪم ۾ هٿ ڇنڊڻ کان اڳ ۾ اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪالمن ۽ مضمونن ذريعي سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرن، ليکڪن سميت زندگيءَ جي سمورن شعبن سان واسطو رکندڙن کان مدد طلبڻ لاءِ ’مواد سهيڙيو مهم‘ شروع ڪئي.

ڪنهن به ڪم جي اڪلاءَ لاءِ پهريان اُن ڪم جي بابت پوري حڪمت عملي ٺاهڻي پوندي آهي، اُن ڪم جا دائرا ۽ حدون مقرر ڪرڻيون پونديون آهن، پوءِ ئي اُن ڪم کي سرانجام ڏنو ويندو آهي.

محبت ٻرڙي مطابق، ٽيڻ ائين گهرجي ته سجاڳ ۽ سڃاڻ عالم هن ڪم کي سنجيدگيءَ سان هٿ ۾ کڻن ۽ پنهنجو پهر وهن. هڪ علمي ڪچهري سڏائي وڃي، جنهن ۾ سنڌ جا علم، ادب، فن ۽ هُنر جي هر شعبي سان واسطو رکندڙ ماڻهو ويهن ۽ گڏجي ويهي صلاح مصلحت ڪجي ۽ پنهنجا رايا لکت ۾ ڏجن. (ٻرڙو، 1998: 19)

1. محبت ٻرڙي ’انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا / سنڌي مها ٻولسڌ‘ جي مواد گڏ ڪرڻ لاءِ اخبارن ۽ رسالن ۾ ”مواد سهيڙيو مهم“ جي عنوان سان هڪ سلسلو شروع ڪيو. ان جي پهرين ڪڙي روزاني ’جاڳو‘ ڪراچي، 15.10.1991 ۾ ڇپي، جنهن ۾ ذاتين ۽ ديهن جي باري ۾ معلومات گڏ ڪرڻ لاءِ هيٺيون سوالنامو جاري ڪيو:

محبت ٻرڙي ذاتين جي سلسلي ۾ فهرست ڏني آهي، جنهن ۾ 113 ذاتيون شامل آهن، جيڪي ’الف ممدوده‘ (آ) ۽ ’الف مقصوره‘ (ا) سان شروع ٿين ٿيون.

محبت ٻرڙي ’ديهن‘ لاءِ ’الف ممدوده‘ (آ) ۽ ’الف مقصُوره‘ (ا) سان شروع ٿيندڙ ’ديهن‘ جي فهرست ۾ 147 ’ديهون‘ ڏنيون آهن، جن مان ڪجهه ’ديهن‘ جا نالا هن طرح آهن:

- آبادُ (جيڪب آباد) - آباد ريو (سجاول
- آبادُ (ڏوڪري) - آباد مهلائي (سکر)
- آبادُ (روهڙي) - آبدار (ڪراچي)
- آبادُ (سيوهڻ) - آبڙي (بدين)
- آبادُ (ڪنڊيارو) - آبڙي (حيدرآباد)

- آبادُ (ڪوٽڙي) - آبڙي (قنبر)
- آبادُ (وارهه) - آبڙي (گوني)
- آبادُ پانچو (سجاول) - - آبڙي (ميرپورخاص)
- آبادُ جاگير (روهڙي) - . . . ايلچي (ٽنڊو الهيار)
- آبادُ جاگير (سکر) - ايلچي (ڪوٽڙي)
- آباد جاگير (ڪَڪڙ)- ايلچي قنبر (ص 27)

2. ’مواد سهيڙيو مهم’ جي پِي ڪڙي روزاني ’جاڳو’ ڪراچيءَ ۾ 15.11.1991 ۾ ڇپي. اها ڪڙي ’پَسون، راڳ ساز، ڳهه، زيور، پرت جو نمونو ۽ ڪپڙو’ تي مشتمل هئي. مواد گهرائڻ لاءِ ’سوالنامو’ به مرتب ڪيو.

’پسون’ ۾ ننڍا ساهه وارا جيت جڙيا، پکي پکڻ اچي وڃن ٿا، جنهن لاءِ انگريزيءَ ۾ ’زولاجي – Zoology’ اصطلاح ڪم اچي ٿو، پر محبت ۾ ڙي ان لاءِ ’پَسون پياس’ اصطلاح جوڙيو آهي. ’الف’ ممدوده ۽ ’الف’ مقصوره سان شروع ٿيندڙ پَسُن جي نالن جي فهرست ۾ ڪي 58 نالا داخل ڪيا آهن، جن مان ڪجهه نموني طور ڏجن ٿا:

- آب زُلال، ڪينئون - ايڙڪ (جهنگلي ٻڪر يا گهَٽو)، جانور
- آبياري، پکي - ايل (هڪ قسم جي ٻڪري ياري)، جانور
- آبنوس، مڇي - ايلاچي (منگر مڇي جو هڪ قسم)، مڇي.
- آبو جهلي، پکي
- آتش افروز (عنقا، سيمرغ، گرڙ پکي)، پکي
- آتورو (ٽنڊڙ جو هڪ قسم)، جيت
- آدم (اُٽ جو قسم)، جانور
- آٽيرڻ، پکي
- آڏڻ، پکي
- آڙ (آڙَ)، جيت

<u>راڳ – ساز</u>

- آبري، راڳڻي - اُچاڙو، راڳ
- آبري، سُر - اچڙوٽي (يڪتاري وڄائڻ جو نمونو)

- آپيري، راڳڻي
- آڙو چوتال، وڄت
- آڙي، راڳڻي
- آسا، راڳڻي
- آساوري (اساوري) راڳڻي
- آساوري، ٽاٽ
- آوه، ساز
- امروهي (موسيقيءَ جو هُنر) (؟)
- انترنامي، وڄت
- انترو (راڳ جو وڇ)
- اوج سُر، موسيقي
- اورنگي، موسيقي
- اوغان، راڳڻي. (ص 30)

<u>ڳهه، زيور</u>

- آڳوٺي
- ارٽڙي (نٽ جو پرزو)
- الپاڪ
- الوَلڪُ
- الويڙ (ويڙهه، گهڙ – وڪڙ ڇلو)
- آلي (ٽڪلو)
- اٽوٽ
- اٽوٽي
- اوگينؤ
- ايرينگ (ايئر رنگ)
- ايڪواٽي

<u>پرت جو نمونو ۽ ڪپڙو</u>

هن ۾ 31 داخلائون آهن، جيئن: آب روان (ململ جو قسم). آٽ، ٽوي. - آڏيو، ڪپڙو. – آڏي تار. – آڏي ڦري. . . اورنگزيبي (اورنگشاهي) ڪپڙو.

3. ’مواد سهيڙيو مهم‘ جي ٽين ڪڙي - وٽن، پوٽن، پاڇين، گاهن، مشين جي پُرزن ۽ اوزارن متعلق آهي، جيڪو ڪالم روزاني ’جاڳو‘ ڪراچيءَ ۾ 28.11.1991 ۾ ڇپيو.

’الف ممدوده‘ ۽ ’الف مقصوره‘ سان شروع ٿيندڙ گهربل مواد جي لسٽ ۾ 111 داخلائون شامل آهن.

4. ’مواد سهيڑيو مهم’ جي چوٿين ڪڙي ’ليکڪن’ بابت آهي. اهو ڪالم روزاني ’آفتاب’ حيدرآباد 14.04.1992 ۾ ڇپيو. جنهن ۾ ’ليکڪن’ جي مواد گهرائڻ لاءِ ’سوالنامو’ به پيش ڪيو ويو.

محبت ٻرڙي ’الف ممدوده’ ۽ ’الف مقصوره’ سان شروع ٿيندڙ ليکڪن جي نالن جي فهرست ڏني آهي، جنهن ۾ 1016 ليکڪن جا نالا شامل آهن. ڪجهه نالا نموني طور هن طرح آهن:

- آتم انقلابي، آتما نامه، آثار آرائين، آثم (آثم ناٿن شاهي)، آپٽي هري نارائڻ، آچار محمد، آچاريه راج گوپال، آخوند اي.ايس، آخوند حاجي عبدالرحمان ’انجم’ هالائي، آخوند خير محمد، آخوند رشيد، آخوند زخمي هالائي،آخوند شفق، آخوند عبداللطيف ’عبد’ صديقي، آخوند گل محمد هالائي، آخوند منور جي، آدرش، آدرش پٽو . . . . ايون هنٽر. (ص 39-33)

هيءُ ته هو سنڌيءَ ۾ ’انسائيڪلو پيڊيا جوڙڻ جو ابتدائي خاڪو، جيڪڏهن ان طرح سنڌي الفابيٽ جي باقي 51 اکرن تي به ڪم ڪجي ته هوند انسائيڪلو پيڊيا جا هزارن جي تعداد ۾ عنوان ٿي وڃن ۽ ڪئين جلدن تي اُها انسائيڪلوپيڊيا ٺهلجي وڃي.

سنڌيءَ ۾ ’انسائيڪلو پيڊيا’ جي باري ۾ محبت ٻرڙي جو جوڙيل ابتدائي خاڪو هيٺين نُڪتن کي واضح ڪري ٿو:

- هي ڪم مضمون وار هڪڙ گهرجي؛ جيئن: تاريخ، فلسفو، سائنس، سماجي سائنس، علم و ادب، ٻولي، ڪلچر، زراعت، شخصيتون، جاگرافي، سياست، فن، راندين، سير و سياحت وغيره.
- مضمون وار ڪم کي ننڍن ننڍن موضوعن ۾ ورهائجي؛ جيئن: شخصيتون – علمي، ادبي، سياسي، سماجي، آرٽ ۽ فن وغيره.
- مضمون وار موضوعن کي گهربل مقام ۽ حيثيت ڏيڻ.
- انسائيڪلو پيڊيا جهڙي گهڻ طرفي علم ذريعي سنڌ جي ماڻهن کي تعليم ڏيڻ.

7.5 اصطلاحسازي – معنيٰ، وصف ۽ فن

7.5.1 معنيٰ ۽ وصف

- اِصطِلاح (ع – ا – مث) کسی علمی یا فنی گروہ کا کسی لفظ کی عام معنوں کے علاوہ کوئی خاص مفہوم مقرر کرلینا۔ (فیروز سنز، 🖮🗀🗀🗎: 🗐⏳)
- اِصطلاح (ع – مؤنث) ڪنهن ڏنڊي، فن يا علم جو خاص مفهوم ڏيڪاريندڙ لفظ – ورجيس (عبدالستار، 2003: 98)
- ٽَم (term) / اسم: 1 – اصطلاح، مخصوص ۽ متعين معنيٰ لاءِ ڪتب ايندڙ لفظ (technical term فني اصطلاح)، 2 – (جمع طور) استعمال ٿيل ٻولي، اظهار جو طريقو ((answered in no uncertain term
- ٽمنالاجي/ اسم، 1 – اصطلاح، خاص مضمون يا شعبي جا خاص لفظ، 2 – اصطلاحن جي مناسب استعمال جو مطالعو، اصطلاحن جو اڀياس. (ابڑو، 2010ع: 1818، 1819)

مختلف ’لغتن‘ جي اڀياس کان پوءِ ڄاڻ ملي ٿي ته لفظ ’اصطلاح‘ عربي زبان جي ’صلح‘ مان نڪتو آهي، معنيٰ اٽس - ’چگو ٿيڻ‘.

ڈاڪٽر جيٽلي جي نظر ۾ هيءُ لسانيات ۾ ڪنهن خاص صورت ۽ وصف ۾ مروج ٿي ويندو آهي، يعني اُن کي ڪنهن فرد جي مرضيءَ سان تبديل نه ٿو ڪري سگهجي.

ڈاڪٽر شمس الدين عرساڻي ’اصطلاح‘ کي ’ورجيسي‘ ٻوليءَ جو نمونو سڏي ٿو. هو لکي ٿو ته:

”ورجيسي ٻولي اُها آهي، جيڪا عام ماڻهو پنهنجي ماحول ۽ آسپاس جي مشاهدي ۽ آزمودي جي بناءَ تي ٺاهين، جوڙين ۽ سينگارين ٿا.“ (عرساڻي، 2012: 15)

ڈاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي نظر ۾ جيڪڏهن ’ورجيس‘ جي علمي معنيٰ ڳولجي ته اُها ’محاورو‘ يا ’اصطلاح‘ نڪرندي. ٻين لفظن ۾ ’محاورو‘ ۽ ’اصطلاح‘ ئي ’ورجيس‘ کي ظاهر ڪن ٿا. يعني هن ۾ ’ورجيس‘ جو ڪمال ٻوليءَ جي زيب، سونهن ۽ اُن جي پوشاڪ سان آراسته آهي. انڪري ’ورجيس‘ ۽ ’محاوري‘ يا ’اصطلاح‘ جي ماحول ۽ پس منظر ۾ ٿورو فرق اچي وڃي ٿو. ’ورجيس‘ ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ جي انفرادي تبديل يا قَير گهير جو عمل دخل نه ٿو رهي، پر اُهو سماج جي تبديليءَ سان مشروط آهي، پر ’محاوري‘ يا ’اصطلاح‘ ۾ اهڙي صورتحال جي پابندي نه آهي. ان ۾ ڪنهن فرد جي گهڙاوت ۽ اُن جو انفرادي ڪردار ڪٽپ ۾ اچي به سگهي ٿو ۽ نه به اچي سگهي ٿو. لفظ ’ورجيس‘، ’جامع سنڊي لغات‘ موجب، ’ورج‘ مان نڪري ٿو، معنيٰ اٽس - رسم، رواج، دستور، هلت، رهڻي ڪهڻي، ريت وغيره.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي وڌيڪ لکي ٿو ته:

"سنسڪرت ۾ محاوري يا اصطلاح لاءِ ڪو خاص الڳ هم – معنيٰ ٽيڪنيڪي لفظ اسان کي ڪونه ٿو ملي. انهيءَ جو ڪارڻ اِهو آهي ته ان زبان جي ماهرن اهڙن استعمالن کي شبد شڪتي (لفظن جي طاقت) جي اندر سمجهايو آهي. انهيءَ ڪري هنديءَ ۾ توڙي ٻين ڪِن ٻولين ۾ ودوانن محاوري، اصطلاح ۽ ورجيس جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪي خاص ٽيڪنيڪي لفظ گهڙيا آهن." (جيٽلي، 2004: 56)

مٿئين بحث مان معلوم ٿئي ٿو ته محاوري ۽ ورجيس ۾ به فرق آهي. 'محاورو' لفظن ۾ اصل يعني اکري معنيٰ ڏيڻ بجاءِ ٻي يعني عارضي معنيٰ به ڏيندو آهي، پر 'ورجيس' ۾ اها صورتحال پيش نه ايندي آهي، يعني اُها اصل معنيٰ ۾ ئي ڪتب ايندي آهي. ورجيس، لفظ ۽ ٻوليءَ جي سٽاءَ سان مشروط آهي. جيڪڏهن اُن جو صحيح سٽاءُ ۽ جڙت نه رکبي ته معنيٰ تي اثر پوندو، جڏهن ته محاورو ڳالهه ٻولهه دوران گفتگو ۽ ڪچهريءَ کي سونهن پريو ۽ اثرائتو بڻائي ٿو. تنهنڪري 'اصطلاح' جي معنيٰ به وسيع ٿئي ٿي. پر معنوي اعتبار کان هتي 'اصطلاح' کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ قسم جي معنيٰ ۾ ائين چئبو ته: اهو لفظ، جيڪو ڪنهن جملي ۾ وقتي استعمال ڪرڻ سان اُن کي زور وٺائي ٿو ۽ هڪ خاص معنيٰ ڏانهن اشارو ڪري ٿو، پر اُن جي سٽاءَ ۽ جڙاوت ۾ فرد جو انفرادي ڪردار مشروط نه هوندو آهي، پر اُن جي اها معنيٰ سماج طئه ڪندو آهي. 'اصطلاح' جي ٻئي قسم جي معنيٰ هيءَ نڪري ٿي ته: اهو لفظ، جيڪو ٻوليءَ کي خوبصورت ۽ شاهوڪار بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ هن جو تعلق فرد جي ڪردار سان مشروط ٿئي ٿو. جيئن، ٻوليدان، لغتدان ۽ گرامر جا ماهر، ٻوليءَ جي ٺاهه ٽوهه ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا. ٻوليءَ جا سرجن ۽ ليڪسيڪالاجسٽ (اصطلاحسازَ) نوان نوان اصطلاح ۽ لفظ جوڙي ٻوليءَ کي خوبصورت ۽ شاهوڪار بڻائڻ ۾ ڪوششون وٺن ٿا ۽ روزمرهه جي مختلف شعبن جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا. 'اصطلاح' جي ٻئي قسم جو هيءُ مفهوم پنهنجي اصل جوهر ۾ انهيءَ 'اصطلاح' جي معنيٰ کي تحويل ۾ وٺي ٿو، جنهن جو مطلب، موضوع جي اعتبار کان هتي گهربل آهي. مثال طور:

- اصطلاح – 1	معنيٰ	انگريزي لفظ
• دل تي مڳ ڏرڻ • دل تي پوڻ • دل نه لڳڻ	تڪليف يا اذيت پهچائڻ پاڻءِ پوڻ، قبول پوڻ پاڻءِ نه پوڻ، قبول نه پوڻ	To hurt To get accepted To get no fascination To remain confused

• دليون هڻڻ • وات ۾ مڳ پوڻ	فيصلو نه ڪرڻ، ٻُڌڻ ۾ رهڻ نه ڪچڻ، نه جواب ڏيڻ	To keep quiet or remain calm
- اصطلاح – 2	**معنيٰ**	**انگريزي لفظ**
• پوليدانُ • اصطلاحسازُ • سماجيات • ماحولي گدلاڻ • پونءَ ڇاڻ • انگ پياس • انگ پياسڪ • انگ پياسي • پَنَ ڇاڻ • پنڇاڪ • پنپياسڪ • پنپياسي • مانسڇاڻ • مانسپياس	پوليءَ ماهر اصطلاح جوڙيندڙ سماج جو علم ماحول جي خرابي ڌرتيءَ جو علم انگن جو علم، انگي حساب انگي حسابن جو سڪندڙ، ان جو علم سڪندڙ (شاگرد) انگي حسابن جو مطالعو ڪندڙ کنڊرن يا قَتل نشانن جو علم کنڊرن جو علم ڇاڻيندڙ، ماهر کنڊرن جو علم پڙهندڙ، سکندڙ کنڊرن جو علم مطالعو ڪندڙ انسان بابت علم، بشريات، علم علم الانسان، انسانيات = = =	Linguistics Lexicologist(Coin) Sociology Environmental Pollution Geology Arithmetic Arithmetician Arithmetical Archaeology Archaeologist Archaeologist Archaeological Anthropology = = =

- ورجيسون

- اٿو لٿو
- مهل ساڪ
- اٽڪ ويهڻ
- گهمڻ ڦرڻ

- ڇجهه ڳوهه
- گهٽو تٽو
- الهه تلهه
- مار موچڑو
- چور چڪار

7.5.2 سنڌيءَ ۾ اصطلاحسازيءَ جو فن ۽ تاريخ

سنڌي زبان ۾ ادبي اصطلاحسازيءَ جي فن ۾ باقاعده نڪار ۽ جدت تڏهن آئي جڏهن انگريز سرڪار (1947ع – 1843ع) سنڌ ۾ ڇاپخانا قائم ڪري مختلف شعبن ۾ ڪتاب لکرائڻ ۽ ترجمو ڪرائي ڇپرائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. انگريز عالمن مان ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (1885ع – 1828ع)، ڊبليو.ايڇ. واٿن (؟)، ڪئپٽن جارج استئڪ (وفات: 1855ع) وغيره پهريان مستشرق عالم هئا، جن پاڻ به سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۽ لغت تي ڪم ڪيو ۽ پنهنجي سرپرستيءَ ۾ ٻين ماهرن کان به ڪم ورتو.

ڊبليو. ايڇ واٿن پهريون لغتدان هو، جنهن 1836ع ۾ "سنڌي زبان جي واڪيبلري" جوڙي. ان کان پوءِ ڪئپٽن جارج استئڪ، جيڪو پوءِ حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر به ٿي رهيو، تنهن 1843ع ۾ "سنڌي زبان جي واڪيبلري" جوڙي. اُن کان پوءِ هن 1849ع ۾ 'انگريزي – سنڌي لغت' به جوڙي. هنن ٻنهي لغتن ۾ سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جو ڇگو ذخيرو معنائن سان متعارف ڪرايو. 1879ع ۾ جارج شرٽ، ٻن سنڌي لغتدانن – اڌارام ٿانورداس ۽ مرزا صادق علي جي سهڪار سان "سنڌي – انگريزي لغت" جوڙائي، جنهن ۾ هِن اُن وقت جي مروج ۽ مستعمل سنڌي زبان جي مشڪل لفظن ۽ اصطلاحن کي درج ڪيو، پر جارج شرٽ جو لغت ۾ وڏي ۾ وڏو ڪارنامو سندس پنهنجي جوڙيل "اڪر ڏاتو" لغت آهي، جيڪا هن 1866ع ۾ آمريڪن مشن پريس لڌيانه مان ڇپرائي پڌري ڪئي. جارج شرٽ جي انهيءَ ننڍڙي لغت جي ڪتابڙي کي ٻوليدانن وٽ وڏي مڃتا حاصل آهي، جو هن ۾ عام لفظن ۽ اصطلاحن جا 'ڏاتو' ڏنا ويا آهن. هن کان اڳ اهڙي نوعيت جو ڪم نه ٿيو هو. هن نوعيت جو ٻيو ڪم 1886ع ۾ جهمٽمل نارومل وسٹائيءَ جو ڪتاب "وٺتپتي ڪوش" 73 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ به اهڙا ادبي اصطلاح ڏنا ويا آهن، جيڪي ڏاتن ۽ مشتقن جي حيثيت رکن ٿا. هن ۾ ناشر طرفان پيش ڪيل 'ٻه اکر' ۾ ڇاڻايل آهي ته:

”سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو ذخيرو، ۽ صرف – نحوَ جا مصطلحات (اصطلاح) سنسڪرت سان گهڻي پاڳي تعلق رکن ٿا. هن ڪتاب ۾ ’مشتقات‘ متعلق بحث ڪندي، انهن سنڌي لفظن جا سنسڪرت وارا اصل ۽ مُولشبد ڏنا ويا آهن، جن مان اُهي لفظ، ڦُٽي نڪتا آهن.” (وسٹائي، 1978: 3)

سنڌي زبان ۾ اصطلاحن، پهاڪن، محاورن، ورجيسن ۽ ٻين فني علمن تي سوين ڪتاب ۽ لغتون ڇپجي چڪيون آهن، پر موضوع جي مناسبت سان هتي ڪجهه اهم ڪتابن جي وچوَ پيش ڪجي ٿي:

ڪتاب / لغت جو نالو	جوڙيندڙ/ لکندڙ	سال
• گلشڪر (پهاڪا ۽ محاورا)	ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي	1869ع
• سنڌي پهاڪا	ديوان ڪؤڙومل چندنمل ڪلناڻي	1889ع
• سنڌي ٻوليءَ جي سونهن (ورجيسون ۽ محاورا)	گهنشيام داس	-
• پهاڪن جي حڪمت	مرزا قليچ بيگ	1925ع
• پهاڪن جي پيڙهه	پيرومل مهرچند آڏواڻي	1925ع
• گلقند (ٻه پاڳا)	=	1928ع، 1926ع
• سنڌي ڪٽمڻڙا عرف اصطلاحاتِ اصغر	غلام اصغر وندير	1956ع
• پهاڪن جي پيڙهه	الهبخش ٽالپر	1969ع
• پهاڪن جي پاٻوهه	تيرٿداس پيسومل هاڻيراماڻي	1973ع
• سنڌي اصطلاح (ٻه پاڳا)	ليکراج ڪشنچند عزيز	1978ع، 1976ع
• ڏُرن جي دٻلي (پهاڪا ۽ چوٽيون)	سترامداس جڙياسنگهاڻي	1982ع
• ماڻڪ ۽ موتي (ورجيسون ۽ محاورا) (ٻه پاڳا)	=	1983ع، 1982ع
• پهاڪن جي پاڙ	ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو	1973ع
• اصطلاحن جي اصليت	ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو	1987ع
• سنڌي پهاڪا ۽ محاورا	سنتداس پنهو مل ڪشناڻي	1993ع
• سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)	مرليڌر جيٺلي	1996ع
• ٻوليءَ جو بڻ	محبت ٻرڙو	2002ع

• سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت	محبت ٻرڙو	2003ع
• ٻول جو ٻڻ	محبت ٻرڙو	2007ع
• دفتري لغت	خالد آزاد	2009ع
• هارپ جي لغت	سيد صالح محمد شاهه	2010ع
• ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت	مختيار احمد ملاح	2015ع

7.5.3 سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي

اصطلاح سازي جو ستاءُ اهڙو هئڻ گهرجي جو منجهانئن گهٽي قدر معنيٰ ۽ مطلب ظاهر ٿي سگهي. انهيءَ ڪري اصطلاح ٺاهڻ لاءِ ٻين زبانن جو سهارو وٺڻ لازمي آهي.

محبت ٻرڙي لکيو آهي ته:

”سنڌيءَ ۾ هن مهل تائين ڪو هڪ به اعليٰ تعليمي نصاب نه جُڙي سگهيو آهي. وڌيڪ صاف ڪري ٻڌي ٻوڪي ڳالهه ڪجي ته ڪنهن هڪ به سائنسي موضوع تي ڪو هڪ سڄو ۽ جامع ڪتاب موجود ناهي.“ (ٻرڙو، 1998: 70)

ٽيسز جي تياريءَ دوران جيڪي لغتون نظر تي چڙهيون آهن، تن مان ڪجهه هن طرح آهن:

- مخزن الادويات حڪيم پرپداس 1935ع
- فرهنگ جعفري يا تحفة الادويات حڪيم محمد جعفر انصاري 1946ع
- جديد سائنٽيفڪ ڊڪشنري ڊاڪٽر شمس الدين تنيو 1987ع
- سائنٽيفڪ ڊڪشنري ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي 1994ع
- فرهنگ همايوني فقير عبدالغفور ’مفتون‘ همايوني 2004ع
- سوشيالاجيءَ جي لغت پروفيسر تنوير جوٽيجو 2004ع

- قانون جي لغت 2007ع — خليل الرحمان شيخ
- پرنٽ ٽيڪنالاجيءَ جي لغت 2007ع — امين لغاري
- سياسيات جا اصطلاح 2008ع — خليل الرحمان شيخ
- تعميراتي لغت ميمڻ 2010ع — حاڪم علي شاهه بخاري ۽ محمد عثمان
- هيماٽالاجي لغت 2010ع — پروفيسر رشيده پٽي
- بئنڪنگ ۽ فنانس جي لغت 2011ع — حاڪم علي شاهه بخاري ۽ محمد عثمان ميمڻ
- بين الاقوامي تعلقات جي لغت 2012ع — انعام الله شيخ
- ميڊيڪوليگل انگريزي-سنڌي لغت 2015ع — خليل الرحمان شيخ
- ميڊيڪل ڊڪشنري (انگريزي-سنڌي) 2015ع — ڊاڪٽر عاشق حسين بدوي
- پريڪٽس آف ميڊيسن (سنڌيءَ ۾) 2015ع — دوست محمد چانڊيو
- اقتصاديات جي لغت 2018ع — خليل الرحمان شيخ

7.5.4 محبت ٻرڙي جو اصطلاحسازيءَ ۾ ڪيل ڪم – هڪ تنقيدي اڀياس

عام ٻوليءَ جي بگاڙ جو هڪ اِهو مسئلو هو، جنهن جو ذميدار محبت ٻرڙو پڙهيل لکيل طبقي سان گڏ پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کي قرار ڏئي ٿو. ٻوليءَ سان ٻيو ۽ اهم معاملو جيڪو موضوع جي اعتبار کان گهربل آهي، اهو آهي انگريزي اصطلاحن ۽ لفظن جو سنڌيءَ ۾ غلط متبادل جوڙڻ جو رجحان. محبت ٻرڙي "ٻول گهاڙيتو" مقالي ۾ اهڙن انگريزي اصطلاحن جي نشاندهي

ڪئي آهي، جن جو ستاءُ ۾ جوڙجڪ، ويڪرٽي اصولن جي ابتڙي آهي، جن مان ڪجهه لفظ هي آهن:

’Environmental pollution‘ لاءِ ’ماحولياتي آلودگي‘، ’Hearing‘ لاءِ ’شنوائي‘، ’Privatization‘ لاءِ ’نجڪاري‘، ’Materialist‘ لاءِ ’مادي پرست‘ ۽ ’Idealist‘ لاءِ ’خيال پرست‘ وغيره.

’ماحولياتي آلودگي‘، انگريزي متبادل/ اصطلاح لاءِ محبت ٻرڙو لکي ٿو ته:

انگريزي لفظ ”Hearing“ لاءِ محبت ٻرڙي ”شنوائي“ بجاءِ سنڌي متبادل لفظ ”ٻُڌڻي“ تجويز ڪيو آهي. انگريزي لفظ ”Privitization“ لاءِ عام طرح ”نجڪاري“ متبادل طور ڪم آندو وڃي ٿو، پر محبت ٻرڙو ان متبادل بجاءِ ”خانگائڻ“ جو اصطلاح سفارش ڪري ٿو، چو ته نجڪاري ۾ ”نج“ لفظ جي معنيٰ آهي – خالص، صاف، ٺيٽ، شڌ وغيره، تنهنڪري اها معنيٰ ”پرائيويٽائزيشن“ لفظ کي پنهنجي تحويل ۾ نٿي وٺي، چو ته ”پرائيويٽ“ جي معنيٰ آهي –ڪنهن فرد جو، يعني ”خانگي“. اهڙيءَ طرح ”Materialist“ ۽ ”Idealist“ لاءِ سنڌيءَ جا متبادل ”مادي پرست“ ۽ ”خيال پرست“ طور مروج ٿي ويا آهن، سي به کل جوڳا آهن، يعني اهي ترجمي جي اعتبار کان درست نه آهن. انگريزي زبان ۾ لفظ جي پڇاڙيءَ ”ist-“ طور لڳندي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – ”مت وارو“ يعني ’مَتارو‘.

اوڪسفرڊ انگلش – سنڌي ڊڪشنري ۾ ”ist-“ جي معنيٰ هن طرح داخل آهي:

”ist/ist/suffix- پڇاڙي: شخصي اسم ساز (۽ ڪڏهن متعلقه صفت ساز) بمعنيٰ: 1- ڪنهن سرشتي وغيره جو پوئلڳ يا حامي، ڏسو: (2) ism– (جيئن fatalist; Marxist) 2- الف: پيشيور (جيئن Pathologist) ب: ڪنهن نه ڪنهن ڪم سان لاڳاپيل (جيئن tobacconist)، 3- ڪنهن شيءِ کي هلائيندڙ، وڃائيندڙ، ٺاهيندڙ (جيئن Violinist, balloonist, motorist) 4- ize- تي ختم ٿيندڙ فعلن جو فاعل (جيئن plagiarist)، 5- متعصب (جيئن racist, sexist)“ (ابڙو، 2010: 932)

ان کان علاوه ڪيترن ئي انگريزي لفظن جي آخر ۾ ”ism-“ پڇاڙي (Suffix) طور ڳنڍيل هوندي آهي، جيئن: Capitalism؛ Shownism؛ Feudalism؛ Leninism؛ Maoism؛ Marxism؛ Socratism؛ Fetishism؛ Fascism؛ Epicureanism؛ Nazism؛ Formalism وغيره.

هنن لفظن جي پڇاڙيءَ جي ڪنهن انگريزي ڊڪشنريءَ مان معنيٰ ڳولبي ته اها ’پرستي‘ يعني مادي پرستي، خيال پرستي، سامراج پرستي،

وطن پرستي وغيره جهڙين معنائن کي تحويل ۾ نه وٺندي. آڪسفرڊ انگلش – سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ "ist-" جي معنيٰ هن طرح داخل آهي:

"ism/n (2) 12- اِزم/ اسم، ڳالهه ٻولهه، ع ط گڏو: مَتو، ڪو امتيازي پر بي تصريح نظريو، اصول، فلسفو، ريت رسم وغيره، جنهن جي نالي جي پويان –' ism' لڳندو آهي؛ نالي وارو نظريو، ريت رسم وغيره." (ابڙو، 2010: 930)

محبت ٻرڙي 'ist-" لاءِ "متارو" يا "مَتيو" ۽ "ism-" لاءِ "مَت" متبادل متعارف ڪيو آهي. (ص 47)

"جامع سنڌي لغات" ۾ "متيو"، "متي"، "متر"، "متڙيو" وغيره لفظن جي داخلا نه آهي، البت "متارو" جي داخلا ملي ٿي.

محبت ٻرڙو ان معنيٰ تي تشويش ظاهر ڪري ٿو، چو ته ساڳي لغت ۾ لفظ 'مت' جي معنيٰ – سمجهه – ٻوجهه – هوش – فهم – ادراڪ – پرجهه – سوچ – ويچار – خيال وغيره ڏنل آهي. (ص 268)

1. سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ استاد ايم.اي قاضي هن فن تي هڪ انگريزي – سنڌي ڊڪشنري "Dictionary of Scientific & Technical Terms" جوڙي آهي، جنهن ۾ "سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي" جي عنوان سان مهاڳ لکيو آهي. مهاڳ ۾ هن ڪنهن به ملڪ جي معاشي ۽ اقتصادي استحڪام لاءِ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي زور ڏنو آهي. انڪري انهيءَ لغت ۾ هن سائنسي ۽ فني اصطلاحن تي ڪم ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته:

"دنيا جي ترقي يافته ملڪن جو جيڪر جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته انهن ملڪن ۾ انساني زندگيءَ تي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو تمام گهرو اثر موجود نظر ايندو. اسان جي ملڪ جو مستقبل به سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي وسيلي روشن ٿي سگهي ٿو. اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهندو جڏهن اها ڪوشش ڪئي وڃي ته سائنسي معلومات عام ماڻهن کي سندن مادري زبان ۾ پهچائي وڃي." (قاضي، 1994: 7)

هن لغت ۾ غالباً 9000 اهڙا سائنسي ۽ فني اصطلاح درج ڪيا ويا آهن، جيڪي موضوع سان لاڳاپيل مروج ۽ مستعمل انگريزي اصطلاح آهن، جن جا سنڌيءَ ۾ متبادل نه هئا، اگر هئا، ته انهن ۾ ڪافي مونجهارا ۽ ابهام آهن، جنهنڪري اڄ جي نوجوانن کي اهي سمجهڻ ۾ دشواري پيدا ڪن ٿا. پروفيسر ايم.اي قاضي لغت ۾ اصطلاحسازيءَ جي فن کي عالمي معيار مطابق جوڙڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، ته جيئن اُهي مروج عالمي اصطلاحن سان ٽڪراءَ يا

تضاد ۾ نه اچن، جيئن: هيڊروجن لاءِ 'H'، برومين لاءِ 'Br'، ڪئلشيم لاءِ 'Ca'، آڪسيجن لاءِ 'O' وغيره نشانيون بحال رکيون آهن.

محبت پرڻي "سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي" جي عنوان هيٺ لکيل انهيءَ مهاڳ کي "پياري سوکڙي" سڏيندي، ان جو جائزو به ورتو آهي. جائزي ۾ هن موضوع جي اهميت کي نروار ڪندي لکيو آهي ته:

"سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي" ڏاڍي پياري سوکڙي آهي . . . سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ئي نه، پر ان جي جياپي ۽ بقا لاءِ به سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي جوڙجڪ بيحد اهم آهي. اڄا به صاف چئجي ته، بنيادي حيثيت رکي ٿي." (پرڻو، 1998: 69)

'Herb' لاءِ محبت پرڻي 'اوپڙ' متبادل مقرر ڪيو آهي، پر هُن ضرورت مطابق، عارضي طور اڪتفا ڪيو آهي، ليڪن اهو "Botane" لاءِ متبادل قرار ڏئي ٿو، پر جڏهن "Vegetation" کي ذهن ۾ رکي ٿو، ته پوءِ "Botane" لاءِ "وڻوٽ" چونڊي ٿو. هونءَ به "نبات"، "Botane" لاءِ مناسب متبادل نٿو لڳي، سنڌيءَ ۾ "نبات" مصريءَ مان جوڙيل هڪ شيءِ کي چئبو آهي.

پروفيسر ايم.اي قاضيءَ انگريزي لفظ جي آخر ۾ پڇاڙيءَ طور ڪم ايندڙ -"al" جو سنڌيءَ ۾ متبادل "بابت" تجويز ڪيو آهي. محبت پرڻو ان متبادل سان اختلاف رکي ٿو، سندس راءِ مطابق، جيڪڏهن اهو متبادل مناسب آهي ته پوءِ هيٺين انگريزي جملن جو سنڌي ترجمو ڪري ڏسجي:

- They were discussing about <u>biological</u> matters.
- It is classified as <u>Lethal</u> poison.
- He is a <u>medical</u> student.
- The <u>political</u> party was banned. (ص 70)

محبت پرڻو ان جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

"جاڻايل سنڌي ۽ انگريزي ۽ اهڙا ٻيا سوين جملا چٽيءَ طرح ٻڌائين ٿا ته -"al" پڇاڙيءَ بدران سنڌيءَ ۾ "بابت" جهڙو لفظ ڪنهن به طرح نٿو ٺهڪي ۽ نه ئي سونهي ٿو. "بابت" انگريزي لفظ "about" (ابائوٽ) جو متبادل آهي. "ميٿميٽڪس" جي بدران "علم رياضي" يا "حسابي علم" يا "علم رياض" ۽ "ميٿميٽڪل" جي بدران "رياضي" يا "حسابي" وڌيڪ درست ٿيندا. منهنجي نظر ۾ "ميٿميٽڪس" جي بدران ڳٽڻجاڻ، ڳٽڻپياس، حسابجاڻ، حساب پياس، "ميٿميٽڪل" جي بدران ڳٽڻجاڻي، حسابي، حسابجاڻي، حسابپياسي ۽

"ميٽميٽيشن" جي بدران ڳٽڇاڪ، ڳٽڇياسڪ، حسابڇاڪ، حسابڇياسڪ وڌيڪ بهتر متبادل آهن." (هرڙو، 1998: 81)

محبت هرڙي، پروفيسر ايم.اي قاضي جي انهيءَ راءِ کي "برحق" تسليم ڪيو آهي ته انگريزيءَ جا سنڌي متبادل (اصطلاحَ) ٺهڪندڙ، ننڍا ۽ سنڌي هوليءَ جي صرف و نحوَ مطابق هجن. يعني سنڌي لفظ ۽ اصطلاح نه "انگريزين" جو مَٽُ هجن پر سولا ۽ ننڍا هجڻ سان گڏ سپني گهربل صورتن ۾ بدلجي به سگهن. ان لاءِ ضروري آهي ته انگريزي اصطلاحن جي فطرت، مزاج ۽ سنڌي اصطلاحن جي فطرت ۽ مزاج کي نه رڳو سمجهيو وڃي پر انهن کي پاڻ ۾ هم آهنگ به ڪيو وڃي.

مٿئين طريقي موجب محبت هرڙي اصطلاح گهڙيا آهن، جن مان ڪجهه ملاحظه ڪريو:

Axial (ڪ يا سرائيءَ سان واسطيدار) = ڪَڇات، ڪَڇار، سرائِيٽو.

Chorodate (فائلم ڪاربِيٽ سان واسطيدار) = ڏوريات.

Opthalmic (اک سان واسطيدار، اک جو، اکر وارو) = اکيت.

Optic (نظر/ ڏسڻ سان واسطيدار)= ڏٺار.

Auditory (ٻڌڻ سان واسطيدار، ٻڌڻ جو، ٻڌڻ وارو) = ٻڌيت.

Anterior (اڳ واري پاسي سان واسطيدار) = اڳيت.

Posterior (پُٺ واري پاسي سان واسطيدار) = پٺيت.

Lateral (پاسي سان واسطيدار) = پاسيت

Medial (وچ سان واسطيدار) = وچيت

Adipose (سٽي، چربيءَ سان واسطيدار، سٽي جو) = ساٽي

Predaceous (کاڌي خوراڪ لاءِ جانور جو شڪار يا شڪار ڪندڙ) = ؟

Oliparous (آنا پيدا ڪندڙ) = آنائِتِ

Alanatois (Allas= ٽڙ، eidos= شڪل يا صورت) = ٽراٽ

Diploid (ٻيڻو، ٻٽو. eidos- جهڙو) = ٻٽول

Aqueous (جنهن ۾ پاڻي هجي) = پاڻيئاٽ (پاڻياٽ)

Aquatic (پاڻيءَ سان واسطيدار يا پاڻيءَ ۾ رهندڙ) = پاڻيئر

Morphology (Morphe= شڪل، روپ. logos= ڳالهه ٻول يا تقرير (بحث) = روپچاڻ، روپياس.

"ڊاڪٽر (ايم.اي) قاضي جن "ose-" پڇاڙيءَ لاءِ سڃو لفظ "جيان" مقرر ڪندي "بصر جيان" (adenose)، "راٹي جيان" (Glebulos)، "ماناري جيان" (fevose) ۽ "ميوي جيان" (fruiticose) متبادل آندا آهن.

بصر جيان سنهڙيون پاڙون رکندڙ.

ميوي جيان مٺو ۽ مزيدار.

موتيءَ جي داڻي جيان چمڪدار

ماناري جيان هن گهر جا ڪمرا به چوڪُندا آهن.

ليڪ ڏنل لفظن بدران ڇا اهي لفظ ڪم آڻي سگهبا، جن بدران اُهي لفظ ڊاڪٽر قاضي (پروفيسر ايم.اي قاضي) مقرر ڪيا آهن ۽ ڇا هيٺ ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظن بدران سندن مقرر ڪيل لفظ ڪم آڻي سگهبا؟

- It seems like an adenose.
- Fruiticose is availed from fruits.
- Glebulose is not a chemical.
- What is favose?

ڇاڪاڻ متبادلن موجب، مٿي ڏنل سنڌي جملن کي انگريزيءَ ۾، ۽ انگريزي جملن کي سنڌيءَ ۾ الٽو ڪرڻ سان ماڻهو عجب ڪيفيت ۾ ڦاسيو وڃي. اصطلاح جوڙڻ مهل بنيادي لفظ ۽ ان جي مدد سان ٺهندڙ ٻين اصطلاحن تي گهربل ڌيان نه ڏيڻ سان گڏ پڇاڙيءَ جو قيدي بڻائڻ ڪري ڊاڪٽر قاضي جن گهڻن ئي اصطلاحن کي انصاف پلئه وجهڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪي متبادل ته مورڳو ڪِل جوڳا ٿي پيا آهن، جيئن "بصر جيان" جيڪو "adenose" جي متبادل طور ڪم آندو آهي." (ٻرڙو، 1998: 90، 91)

محبت ٻرڙو وڌيڪ لکي ٿو ته:

"'Aden' هڪ يوناني لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي "غدود؟/ گُٽ.

"ايڊينوز" معنيٰ "غدود سان واسطيدار" يا غدود جو/ جي يا غدود وارو/ واري – "گُٽوئي". (ص 90، 91)

محبت ۾رڙي "Aden" لفظ مان ٺُتندڙ ٻيا انگريزي لفظ ۽ انهن جا سنڌي متبادل هن طرح ترتيب ڏنا آهن:

Aden = gland	گُٽ، گُٹو (غدود)
Adenose (pertaining to aden or gland)	گٹوئي
Adenoid (Aden=gland+eiods=form)	گُٹول
Adenoma (. . . +oma=rawflesh)	گُٹوسو (گٽ+اوسو=ماس جي ڳوڙهي)
Adenitis (Adin+itis=inflammation)	گٹام (. . . + کام = ساڙو، پاچ)
Adenectony (. . . = ektome=excision)	گُٹواڍ (گُٽ+واڍ= وڍڻ جو عمل)
Adenovirus (. . . +virus=poison)	؟
Adenomyoma (. . . +myost muscle + . . .)	گُٹماسو (. . .+ماس+اسو)
Adenopathy (. . . +Pathos=disease)	گُٹروگ (. . . +روگ=مرض)
Adenotonsillectomy (. . .+tonsil+. . .)	گُٹڪليواڍ (. . .+ڪَلي، ڪَليون+. . .)
Adenofibroma (. . . +fibret+. . .)	گُٹنادسو (. . . +تاندورو+. . .)
Adenocarcinoma (. . . + Karkinos+. . .)	گُٽ ڳڙاسو (. . . + ڳُڙ + . . .)
Adenoidectomy (aden+eiods+ektome)	گُٹولواڍ

مٿي چاڙايل اپياس کان پوءِ پڪ ٿي وڃي ٿي ته "ader" جو متبادل "بصر" ۽ "adenose" جو متبادل "بصر جيان" مقرر ڪرڻ ۾وليءَ جي فطرت، مزاج ۽ گرامر جي بلڪل ابتڙ آهي.

7.6 ترجمه نگاريءَ جي وصف، فن، قسم ۽ اصول

7.6.1 ترجمه نگاريءَ جي وصف

ترجمي جي وصف، عالمن ۽ ماهرن پنهنجي پنهنجي انداز ۽ زاوين کان بيان ڪئي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي ته:

"ڪنهن تحرير يا تقرير کي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ آڻڻ جي ڪم کي ترجمو چئجي ٿو." (بلوچ، 2007: 7)

"فيروزاللغات اردو" جو مؤلف ترجمي جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"ایک زبان سے دوسری زبان میں بیان کی ہوئی عبارت، گفتگو، یا تقریر کو ترجمہ کہتے ہیں۔" (فیروز، [illegible])

بدر ابڑو "اوڪسفرڊ انگريزي – سنڌي ڊڪشنري" ۾ لکي ٿو ته:

"هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ ڪنهن لفظ، تقرير، ڪتاب جي تقريري يا تحرير صورت کي ترجمو چئجي ٿو." (ابڑو، 2010: 1874)

مولوي نورالحسن نيّر "نوراللغات" ۾ ترجمي جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي ته:

"ایک زبان کی لغت کو دوسری زبان میں بیان کرنا۔" (نیّر، [illegible]: ؟)

عبدالستار بلوچ، "اردو – سنڌي لغت" ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي وصف نقل ڪندي لکيو آهي ته:

"تحرير يا تقرير کي ٻي ٻوليءَ ۾ آڻڻ کي ترجمو چئجي ٿو." (عبدالستار، 2003: 287)

عطش درانی لکي ٿو ته: "ترجمہ کسی زبان پر کیے گئے ایسے عمل کا نام ہے، جس میں کسی اور زبان کے متن کی جگہ دوسری زبان کا متبادل متن پیش کیا جائے۔" (درانی، [illegible]: ؟)

"ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت" ۾ ترجمه جي باري ۾ لکيو ويو آهي ته:

"هڪ ٻوليءَ جو مواد/ ادب، ٻي ٻوليءَ ۾ اٿلائي آڻڻ کي ترجمو ڪرڻ جو عمل چئبو آهي." (ملاح، 2010: 88)

ترجمي جي معنيٰ، مفهوم ۽ وصف کي جيڪڏهن آسان پيرايي ۾ بياڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ته ان لاءِ هن طرح چئي سگهجي ٿو ته: ترجمو، هڪ اهڙو ٻڌو تخليقي عمل آهي، جنهن دوران مترجم ۾ تخليقي صلاحيتون، ترجمي دوران سرگرم عمل ٿي ويندیون آهن جو ترجمو، هڪ تخليق جو روپ ڌاري وٺندو آهي. وليرام ولپ لکي ٿو ته:

”ترجمي ڪندڙ ماهرن لاءِ ترجمو ڪرڻ هڪ تخليقي عمل مان گذرڻ برابر آهي، ۽ ترجمي جو فن، تخليقي عمل جو هڪ متاڻهون فارم آهي. . . ترجمي جو ڪم جيڏو اهم آهي، ان کان وڌيڪ گهٽو ڏکيو به آهي ۽ هڪ هوشيار ڀالهائيندڙن جا فڪري لاڙا، پي هولي ڀالهائيندڙن جي اندازِ فڪر کان نه رڳو مختلف هوندا آهن، بلڪ جمالياتي حس، مزاج جي حس ۽ اندازِ بيان به مختلف ٿيندا آهن، جن کي هڪ مترجم، سليقي سان سنپالينڊو آهي. . . مترجم، هڪ رت جو عطيو ڏيندڙ (Blood donor) وانگر هوندو آهي، جيڪو اصلي تخليقڪار کي پنهنجي فن ۽ فهم جو خون donate ڪندو آهي.” (ولپ، 2006: 13)

ترجمه نگاري ڇا آهي؟ اهو هڪ بنيادي ۽ دلچسپ سوال آهي، پر اُن جو بنهه سادو ۽ آسان فهم جواب ڪو به نه آهي، ليڪن اُن جو اصل مقصد پڙهندڙ کي ترجمي جي اهميت ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي ته ترجمي جي معنيٰ ۽ مطلب کي سمجهيو وڃي. ڊاڪٽر مرزا حامد بيگ لکي ٿو ته:

”منهنجي خيال ۾ ترجمو، هڪ هوليءَ ۾ پيش ڪيل حقيقتن کي هيءَ هوليءَ ۾ لاهڻ جي عمل کي چئجي ٿو.” (بيگ، 1998: 5)

ترجمي جي باري ۾ ڊاڪٽر مرزا حامد بيگ جي اها هڪ سادي تعريف آهي، جنهن ۾ پڙهندڙ کي بخوبي اهو معلوم ٿي ويندو آهي ته هڪ زبان مان ٻي زبان ۾ متن (Text) کي لاهڻ واري ڪم کي ’ترجمو‘ چئجي ٿو.

دراصل لفظ ”ترجمه” عربي زبان سان تعلق رکي ٿو، پر هن لفظ جي اشتقاق جي حوالي سان عالمن ۾ اختلاف موجود آهي. هِڪڙن عالمن جو خيال آهي ته اهو لفظ ”تُرجُمٌ” مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – رل وچڑ ڪرڻ يا خلط ملط ڪرڻ. ٻين عالمن جو خيال آهي، ته اهو لفظ عربيءَ جي ”تَرجِمٌ” مان نڪتو آهي ۽ معنيٰ اٽس – مشڪوڪ. پر اهلِ علم جي گهڻائيءَ جو خيال آهي، ته لفظ ’ترجمه‘ اصل ’تَرَجَمَ‘ مان مشتق آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – پٽڑي هٽڻ، سنگسار ڪرڻ، لعنت ملامت ڪرڻ، گار ڏيڻ، چڏي ڏيڻ، ڏکي چڏڻ. (معلوف، ؟: 280) اصطلاحي معنيٰ موجب، اهڙو گفتو يا اهڙي ڀالهه جيڪا هڪ هوليءَ مان ٻي هوليءَ ۾ منتقل ڪجي.

ترجمي جي وصف بيان ڪندي پروفيسر غلام احمد حريري لکي ٿو ته:

”ڪلام يعني ڀالهه هولهه کي هڪ زبان مان ٻي زبان ۾ لاهڻ کي ترجمو چئجي ٿو؛ جيئن ساڳي هوليءَ جي رديف کي هٿائي، اُن جي جاءِ تي ساڳي هوليءَ جو ٻيو رديف رکجي ٿو.” (حريري، 1999: 21)

نثار احمد قريشي ترجمي جي وصف هنن لفظن ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”ڪنهن مصنف جي خيالن کي سندس پنهنجي ٻوليءَ جي لباس ۾ اهڙي طرح سنواري سينگاري پيش ڪيو وڃي، ان کي پنهنجي لفظن ۽ محاورن جي سانچي ۾ ان طرح پرٽيو وڃي جو ترجمي ۽ تاليف وچ ۾ ڪو به فرق باقي نه رهي.“ (قريشي، 1985: 40)

مٿي بيان ڪيل وصفن ۽ تعريفن جي اڀياس کان پوءِ ترجمي جي باري ۾ هن طرح چئي سگهجي ٿو ته:

- ڪنهن ڳالهه ٻولهه، لفظ، تقرير، مطلب کي هڪ زبان مان ٻي زبان ۾ لاهڻ.
- ڪنهن لفظ، ڳالهه ٻولهه ۽ تقرير وغيره جي مطلب ۽ مقصد کي ٻي زبان ۾ تفصيل ۽ وضاحت سان پيش ڪرڻ.
- مصنف ۽ ليکڪ، يا ڪنهن به فرد جي خيالن کي پنهنجي زبان جو اهڙو ويس ڏيڪايو وڃي، جو ترجمي ۽ اصل وچ ۾ به فرق نظر نه اچي ۽ اهو مواد يا ليکڪ جا اُهي خيال، سندس پنهنجي ٻوليءَ جا يعني اصلوڪا ئي لڳن.
- اصل عبارت/ لکت ۾ جيڪڏهن جملو پيچيده/ ڳُتيل ۽ ڊگهو هجي ۽ ساڳئي وقت لفظ بلفظ ترجمي ڪرڻ سان معنيٰ ۾ اُلجهاءُ پيدا ٿيندو هجي ته ان صورتحال ۾ جملي کي ننڍن ننڍن حصن/ جزن ۾ ورهائڻ گهرجي، ته جيئن ترجمي ۾ اصل عبارت سان معنوي ربط ۽ هڪ ڪَرائي قائم رهي، ڇو ته هر لفظ/ متبادل جو پنهنجو تهذيبي ۽ ثقافتي پس منظر هوندو آهي، ڪنهن لفظ جي مخصوص معنوي مزاج ۽ ماحول کي سمجهڻ بغير اُن جو ترجمو متبادل لفظ جي حيثيت ۾ ڪرڻ سان مونجهارو اڃا به وڌي ويندو آهي، ڇو ته ترجمي دوران پهريون عمل، لفظن جي درست ترجمي تائين پهچ جو آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته اهڙا متبادل چونڊيا وڃن، جيڪي عام فهم هجن ۽ اُهي پنهنجي پاڻ ۾ متن (Text) جي صلاحيت به رکندا هجن. جيستائين اصل متن جي لفظن جي خوبصورت هئڻ جو تعلق آهي، ته اُن مان مراد اها به آهي ته ترجمي ڪرڻ دوران دقيق ۽ ڳُوڙهن لفظن/ متبادلن جي استعمال ڪرڻ کان پرهيز ڪجي، ته جيئن مطلب جي وضاحت ۽ اظهار جي قوت ۾ ڏکيائي پيش نه اچي.

7.6.2 ترجمي جو فن

ترجمه نگاريءَ جو فن، قديم فن آهي. هيءُ اهو فن آهي، جنهن جي ذريعي علم جا دفينا علم جي شائقن لاءِ کُلن ٿا، انکري ترجمه نگاري جي اهميت ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي ٿي، ڇو ته ترجمي جي ڪري علمن جا خزانا هڪ زبان کان ٻيءَ زبان ۾ داخل ٿين ٿا، جنهن ڪري ٻولين وچ ۾ وڌيڪ ويجهڙائي پيدا ٿئي ٿي. ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ترجمو ان ٻوليءَ جي زرخيزي سمجهيو ويندو آهي. ترجمي سبب ٻوليءَ ۾ وسعت ۽ گهرائي پيدا ٿئي ٿي ۽ نوان نوان اُسلوب، اصطلاح ۽ گهاڙيتا جُڙن ٿا ۽ نيون نيون صنفون پڻ متعارف ٿين ٿيون. ترجمو رڳو ٻن زبانن جي وچ ۾ ئي نه پر ٻن مختلف تهذيبن جي درميان هڪ مضبوط پُل جو به ڪم ڪري ٿو، جنهن جي ذريعي مختلف خيالَ ۽ تصورَ هڪ تهذيب کان ٻي تهذيب ڏانهن داخل ٿين ٿا. اليگزينڊر پُشڪن ٺيڪ چيو آهي ته ترجمو ٻن ثقافتن جي وچ ۾ ميڊيا جو ڪم ڪري ٿو، تنهنڪري ترجمه نگاريءَ جو فن هر دور جي ترقيءَ جي ضرورت آهي. هن فن جي ذريعي ڪنهن به زبان جو جمود ٽُٽي پوي ٿو ۽ ان زبان جي علمي ۽ ادبي زمين سيرابجي پنهنجي فصل ۽ سرمايي ۾ اضافو آڻي ٿي. اڄ جي جديد ٽيڪنالاجي ۽ سائنس جي دور سان لاڳاپيل جيڪو به مواد ميسر ٿئي ٿو، اهو گهٽو ڪري ترجمي جي مرهون منت آهي. اسان وٽ گهٽو ڪري ته ترجمي کي تخليق جي پيٽ ۾ آسان ۽ عام رواجي ڪم ليکيو ويندو آهي، پر ائين آهي ڪونه.

جڏهن کان انسان هڪ ٻئي سان تهذيب و تمدن جي ذريعي ملڻ شروع ڪيو ۽ هڪ ٻئي سان وڙج واپار ۽ جنگ و جدل جي شروعات ڪئي هوندي ته يقينن انهن کي هڪ ٻئي جي ٻولين کي سمجهڻ لاءِ ترجمان جي ضرورت پيئي هوندي، پر جڏهن لکت جو فن ايجاد ٿيو ۽ ماڻهو لکڻ ۽ پڙهڻ لڳا ته هڪ ٻئي جي علمن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي هوندي. ترجمي جو سڀ کان وڏو مثال ’ڪليله دمنه‘ جو ترجمو آهي، جنهن کي ’آب حيات‘ ڳولڻ لاءِ نڪتل وزير، نوشيروان لاءِ پهلوي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. ان کان پوءِ آهستي آهستي هن فن ۾ ترقي ٿيندي رهي. هندستان ۾ غلام گهراڻي جي دور ۾ ترجمي جو ڪم باقاعده شروع ٿيڻ لڳو، پر مغليه دور ۾ هن فن باقاعده مغليه شهنشاهيت جي سرپرستي حاصل ڪري ورتي. جڏهن ’دارالترجمه‘ نالي هڪ اداري جو قيام عمل ۾ آيو. اڪبر بادشاهه جي زماني ۾ هن فن پنهنجون پاڙون مضبوط ڪرڻ شروع ڪيون ۽ تمام سڀ کتاب ترجمو ٿيا، جن ۾ عيار دانش، رامائڻ، مهاڀارت وغيره جهڙا کتاب شامل آهن.

سنڌ ۾ بنو اميه جي ڏينهن ۾ قرآن مجيد جي سنڌي زبان ۾ پهرئين ترجمي ٿيڻ جا اشارا ملن ٿا، پر اُن بابت چٽيءَ طرح ڪي به ثبوت نه مليا آهن، انکري سنڌي زبان ۾ پهريون ترجمو آخوند عزيزالله ميمڻ مٹياروي جو تسليم ڪيو وڃي ٿو، جيڪو هن قرآن مجيد جو تحت اللفظ ترجمو ڪيو هو.

ترجمه نگاريءَ جي فن، سنڌ ۾ انگريزن جي ڏينهن ۾ وڏي ترقي حاصل ڪئي. ان ۾ ڪا به راءِ نه آهي، ته انگريز دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معياري لپي جڙڻ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ وڏو واڌارو آيو ۽ بيش بها ٻين ٻولين جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا ۽ ان سلسلي جديد دور تائين پنهنجو عروج ماڻي ورتو آهي ۽ اڄڪلهه جي انٽرنيٽ واري دور ۾ ته هن فن، حيرت انگيز ترقي ماڻي ورتي آهي.

7.6.3 ترجمي جا قسم

ماهرن، ترجمي جا ڪافي قسم بيان ڪيا آهن، پر اُنهن ۾ مشهور ۽ اهم قسم آهن: (1) لفظي ترجمو، (2) علمي ترجمو، (3) ادبي ترجمو، (4) آزاد ترجمو، (5) تفسيري ترجمو، (6) اصطلاحي ترجمو وغيره.

1. لفظي ترجمي جو مطلب آهي - ڪلام کي هڪ زبان مان ٻي زبان ۾ اهڙيءَ طرح ترتيب ۽ ستاءَ ۾ نقل ڪرڻ، جيئن اهو اصلوڪو ئي لڳي. يعني اصل ڪلام جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ ذري جو به فرق نظر نه اچي.

2. علمي ترجمو، به دراصل لفظي ترجمي جو قسم آهي. هن ترجمي ۾ ان ڳالهه جو خيال رکبو آهي، ته جنهن لفظ يا اصطلاح جو جيڪو ترجمو هڪ جاءِ تي ڪيو وڃي، اهو هر جاءِ تي ساڳين معنائن ۾ استعمال هيٺ آڻجي، ته جيئن ترجمي جي هڪجهڙائي برقرار رهي ۽ پڙهندڙ جو ذهن به ڪٽي اُلجهي نه سگهي. (قمر، 1976: 70)

3. ادبي ترجمي لاءِ ضروري آهي ته اهو بامحاورا ڪيو وڃي ۽ گڏوگڏ پنهنجي ٻوليءَ ۾ روزمرهه جي مستعمل تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين سان آراسته ڪيو وڃي ته جيئن ترجمي ۾ ادبي رَسُ ۽ چَس پيدا ٿئي ۽ ترجمو، طبعزاد يا اصلوڪي کان گهٽ ڏسڻ ۾ نه اچي.

4. آزاد ترجمي کي صحافتي ترجمو به سڏيو ويندو آهي، ڇو ته ڪنهن به ڳالهه يا واقعي جو صحافتي ترجمو ڪرڻ سپ کان وڌيڪ آسان آهي. اهڙن ترجمن ۾ ڪنهن به قسم جي پابندي نه هوندي آهي، البت ترجمه نگار جي لاءِ اها آساني ۽ گنجائش هوندي آهي، ته هو اصل مقصد ۽ ڳالهه جي ڇڙ کي سمجهي، پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي اُسلوب ۽ انداز سان صورتحال کي بيان ڪري.

5. تفسيري ترجمي ۾ ڪنهن به ڳالهه کي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ وضاحت ۽ تفصيل سان بيان ڪيو وڃي، جو اُن جي اصلي معنيٰ ضربجي نه، بلڪ اها جيئن جو تيئن برقرار رهي.

6. اصطلاحي ترجمو، ادب سميت سماج جي ٻين علمن، جهڙوڪ: سائنس، فلسفو، جاگرافي، زراعت ۽ ٻين هُنري علمن ۽ مضمونن سان تعلق رکي ٿو، جنهن ۾ هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ انهن اصلوکن لفظن ۽ اصطلاحن جي جاءِ تي متبادل پيش ڪيا ويندا آهن ۽ انهن ۾ وقت ۽ حالتن موافق واڌارا سڌارا پڻ آندا ويندا آهن. هن ترجمي ۾ علمي معيار جا متبادل ۽ لفظ استعمال ڪيا آهن.

7.6.4 ترجمي جا اصول

- ترجمو درست، عام فهم ۽ فصيح هئڻ گهرجي.
- بامحاوره هئڻ گهرجي.
- اضافي لفظن جي استعمال کان پرهيز ڪجي.
- درست متبادل استعمال ڪجن، چاهي اُهي مستعمل هجن يا نه به هجن.
- ترجمي ۾ صرف لفظن جو ٿُڙ ترجمو نه ڪرڻو پوندو آهي، بلڪ مواد جي اصل روح کي ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي آهي.

7.7 محبت ٻرڙي جو ترجمه نگاريءَ ۾ ڪيل ڪم – هڪ تنقيدي اڀياس

محبت ٻرڙو نه رڳو ٽن ٻولين – سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ جو ماهر هو، پر هو ساڳئي وقت عربي، فارسي ۽ سنسڪرت ٻولين جي لغتن جو به دلچسپيءَ سان اڀياس ڪندڙ اديب، محقق ۽ مترجم هو. منجهس تخليقي، تحقيقي، تنقيدي ۽ ترجمي جي صلاحيت موجود هئي. هو 40 کان وڌيڪ ڪتابن جو مصنف ۽ مترجم هو.

محبت ٻرڙي جا هيٺيان ڪتاب، ترجمو آهن:

1. **اڏڪ قلعي کان** – ليکڪ: آفتاب احمد، ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر، سال 1999ع.
2. **ماڻهو ۽ ماڻهپو** - (ترجمو ۽ تخليق)، ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر، سال 1999ع.
3. **موسيٰ کان مارڪس تائين** – ليکڪ سبط حسن (اردو تان ترجمو)، ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر، سال 2005ع.
4. **جدلي مادیت جا بنيادي اصول** – ليکڪ: اي اسپرڪن ۽ اوياخوت، ڇپائيندڙ: CPCS (سينٽر فار پيس اينڈ سول سوسائٽي)، حيدرآباد، سال 2008ع.

5. **آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي** – ليکڪ: ايم. ايڇ پنهور، ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر، سال 2010ع.
6. **ڏاهپ جو جنم** – ليکڪ: گنرخ وولڪوف، ڇپائيندڙ CPCS (سينٽر فار پيس اينڈ سول سوسائٽي)، حيدرآباد، سال 2011ع.
7. **آهنجي ڏرتي** – (متفرقه ليکڪ)، ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر، سال 2014ع.

مٿي بيان ڪيل ڪتابن مان 1 ۽ 3 اردوءَ تان ترجمو ٿيل آهن، باقي انگريزيءَ تان ترجمو ڪيل آهن. انهن مڙني ترجمو ڪيل ڪتابن جو اڀياس ڪبو ته اُن ترجمي ۾ نه رڳو اردو پر انگريزي لفظن جا سنڌي متبادل، گهڙو ڪري عام فهمُ، آسان ۽ فصيح استعمال ڪيا آهن. ڊاڪٽر فياض لطيف، محبت پرڙي جي ترجمي جي معيار بابت لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر محبت پرڙي ترجمي جي سلاست ۽ عام فهميءَ جي سلسلي ۾ هڪ اهم ڪم اهو ڪيو آهي ته هن نه رڳو اردو لفظن جا سنڌيءَ ۾ عام فهم ۽ سَولا متبادل/لفظ استعمال ڪيا آهن، پر انگريزي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪيترن ئي لفظن جا پڻ آسان سنڌي لفظ ڪتب آندا آهن، ايتري تائين جو هن ڪيترن ئي اردو توڙي سنڌيءَ ۾ عام طور استعمال ٿيندڙ انگريزي لفظن جا سهنجا متبادل لفظ ڏنا آهن." (فياض، 2017: 143)

ترجمي جي اهميت ۽ مقصدن جي حوالي سان جيڪڏهن بحث ڪجي ته اها ڳالهه توجهه طلب آهي ته ڪنهن ٻوليءَ جي لفظن جو ترجمو جڏهن به ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪيو ويندو آهي، ته ترجمو ٿيندڙ ٻوليءَ جي نه رڳو لفظي ذخيري ۾ وڌو واڌارو ٿيندو آهي، پر اُن سان لاڳاپيل ٻي اضافي معلومات به هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيندي آهي. هي عمل ٻوليءَ کي شاهوڪاريءَ طرف وٺي وڃي ٿو، بشرطيڪ اُن سڃيءَ صورتحال جو دارومدار ترجمي جي نج پڻي ۽ شفافيت تي ٻڌل هجي. محبت پرڙي جي ترجمي جو اُن حوالي سان اڀياس ڪجي ٿو، ته سندس ترجمي ۾ اُهي سموريون خوبيون نظر اچن ٿيون، جيڪي هڪ شفاف ۽ نج ترجمي ۾ هئڻ گهرجن. محبت پرڙي گهڙو ڪري علمي ۽ اصطلاحي ترجمي جو قسم اپنايو آهي.

هتي سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان سندس ترجمو ڪيل ڪتاب "آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي" (ايم.ايڇ پنهور) مان ٻن مضمونن جي ترجمي جو اڀياس پيش ڪيو ويندو.

7.7.1 آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي (ليکڪ – ايم.ايڇ پنهور)

محبت پرڙي هن ڪتاب ۾ ايم.ايڇ پنهور جا 8 مضمون ترجمو ڪري شامل ڪيا آهن، جن مان فقط ٻه مضمون: "سنڌ جون ٻوليون" ۽ "سنڌ جي ٻولي" گهربل موضوع جي دائري ۾ اچن ٿا، انڪري هتي انهن ٻنهي مضمونن جي ترجمي جو اپياس، مٿي بيان ڪيل ترجمي جي بنيادي اصولن کي آڏو رکي ڪيو ويندو.

1. "سنڌ جون ٻوليون" (آمريءَ جي اوسر کان منصوره جي ميسارجڻ تائين – يعني 5 هزار روهيه اڳ کان 1025ع تائين)

هيءُ مضمون، ايم.ايڇ پنهور جي انگريزي مقالي "Languages of Sindh between Rise of Amri and Fall of Mansura i.e., 5000 years ago to 1025 A.D." جو سنڌي ترجمو آهي. هن مضمون جي ابتدا ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت مختلف ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن جي راين ۽ نظرين جو اپياس پيش ڪيو ويو آهي، جن ۾ يورپي ليکڪ سر وليم جونس (1786ع)، ارنيسٽ ٽرمپ (1872ع)، جارج گريئرس (1903ع)، پيرومل مهرچند (1961ع)، جيرامداس دولترام (1957ع)، ڊاڪٽر اين.اي بلوچ (1962)، سراج الحق ميمڻ (1964)، ڊاڪٽر غلام علي الانا (1974ع) وغيره شامل آهن.

ايم.ايڇ پنهور، جارج گريئرسن جو نظريو بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"He thought Sanskrit was one of primary languages of the sub-continent and was spoken some where in its north-western part. Grierson's theory originally written in 1903 was accepted by a large number of scholars from Sind including Dr. Daudpota, and is based on scientific data available at his time." (www.panhwar.com)

محبت پرڙي مٿئين پئراگراف جو ترجمو هن طرح ڪيو آهي:

"هن سمجهيو پئي ته سنسڪرت، اپڪنڊ (هند – سنڌ. انڊيا) جي پهرينئي (Primary) ٻولين منجهان هئي ۽ اُن جي اُتر – اولهائين ڪنهن حصي ۾ ڳالهائيندي ويندي هئي. گريئرسن جو نظريو، اصل ۾ 1903ع ۾ لکيل، ڊاڪٽر دائودپوٽي سميت سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن پاران قبوليو ويو ۽ سندس دور ۾ ميسر سائنسي ڄاڻوڪي (Data) تي ٻيهاريل آهي." (پرڙو، 2010: 61)

ترجمي جي مٿئين اقتباس کي ترجمي جي هيٺين بنيادي اصولن مان ڪيڏ جي ضرورت آهي:

- ترجمي ۾ استعمال ڪيل ٽيڪ سنڌي متبادل، ڇاهي اُهي مستعمل هجن يا نه به هجن.

- ترجمي ۾ سلاست ۽ فصاحت.
- ترجمي ۾ قائم ڪيل اصلوڪ پٽو.

مٿين اصولن موجب، مترجم سنڌي عبارت ۾ جيڪي لفظ، متبادل طور استعمال ڪيا آهن، اُهي ’Primary‘ لاءِ ’پهريٰئي‘، ’sub-continent‘ لاءِ ’اپڪنڊ‘ ۽ ’Scientific data‘ لاءِ ’سائنسي ڄاڻوڪي‘ آهن. غور ڪجي ته ’Primary‘ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ’ابتدائي‘ يا ’شروعاتي‘ گهٽو ڪري مروج آهي، پر مترجم انهن ٻنهي متبادلن کي نظر ۾ رکي هڪ اهڙو سنڌي متبادل استعمال ڪيو آهي، جيڪو ٺيٺ سنڌي ته آهي، پر اُهو ايترو مستعمل نه آهي. مترجم گهٽ مروج يا غير مستعمل سنڌي متبادل کي ڪتب آڻي اُن کي ٻيهر زندگي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت ’اپڪنڊ‘ لاءِ سنڌي ۾ عام مروج ۽ مستعمل لفظ آهي – ’برصغير‘. انگريزي لفظ ’continent‘ لاءِ ’براعظم‘ سنڌي متبادل ڪتب ايندو آهي، پر جڏهن ان لفظ آڏو ’-Sub‘ اڳياڑي (Prefix) طور لڳائبو ته سنڌيءَ ۾ ان لاءِ ’ننڍو‘ يعني ’صغير‘ گهٽو مروج آهي، پر مترجم انهن مروج صورتن بجاءِ ’اپ‘ اڳياڑي طور استعمال ڪيو آهي، جيئن: اپپرنش، اپپاشا، اپپيٽ وغيره استعمال ڪيا ويندا آهن، تيئن هتي مترجم به ٻوليءَ جي نج پڻي کي قائم رکڻ لاءِ ’برصغير‘ بجاءِ ’اپڪنڊ‘ متبادل طور استعمال ڪيو آهي. ائين ’scientific data‘ لاءِ ’سائنسي ڄاڻوڪي‘ جو متبادل ڪتب آندو آهي.

يا هيءُ ٽڪرو ملاحظه ڪجي:

“This argument is not correct. Sanskrit became a dead language as it was not spoken in any of the provinces of the sub-continent and had been limited to the use of religious literature and ceremonines. It also had ceased to become official language in any of provinces of Mouryans, whose official language was Pali and it was thie languae in which Budhist text were written from 550 B.C. onwards.” (www.panhwar.com)

مٿئين ’اقتباس‘ جو ترجمو محبت ٻرڙي هن طرح ڪيو آهي ته:

”هي دليل درست نه آهي. سنسڪرت (Sanskrit) انڪري مُئل ٻولي ٿي پئي جو اُها اپڪنڊ جي ڪنهن به علائقي (Province) ۾ نه ڳالهائي ويندي هئي ۽ ان کي رڳو ڏرمي ساهت (Religious literature) ۽ ڪِرياڪرم (Ceremonies) تائين محدود ڪيو ويو هو. اها ان لائق به نه رهي هئي جو مورين (Mouryans) جي ڪنهن صوبي ۾ سرڪاري ٻوليءَ طور رائج رهي سگهي. مورين جي ڏينهن ۾ پالي (Pali) سرڪاري ٻولي هئي ۽ اها ئي ٻولي هئي، جنهن ۾ 550 ق.م کان ٻوڌي گرنٿ (Texts) لکيا ويا.“ (ٻرڙو، 2010: 65)

ترجمي ۾ مترجم ’sub-continent‘ لاءِ ’اپکنڊ‘ متبادل طور استعمال ته ڪيو ئي آهي، ليڪن، ’Province‘ لاءِ ’علائقو‘ لفظ تجويز ڪيو آهي، حالانڪ اُهو لفظ ’صوبي‘ يا ’پرڳڻي‘ ۾ موجود ڪنهن مخصوص ’تر‘ يا ’حصي‘ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جڏهن ته ’برصغير‘ (Sub-continent) ۾ مُلڪَ اچي وڃن ٿا، تنهنڪري ’اپکنڊ‘ يعني ’sub-continent‘ جي ماتحت ’علائقو‘ لفظ انهيءَ مفهوم کي پوري طرح تحويل ۾ نٿو وٺي بيهي، ان لاءِ علائقي بجاءِ ’خِطو‘ مناسب رهي ٿو، چو ته اُهو ’اپکنڊ‘ (برصغير) جي اعتبار کان پنهنجي پاڻ ۾ معنيٰ جو تاثير به رکي ٿو ۽ اُن لفظ کي پوريءَ طرح پنهنجي دائري ۾ به آڻي بيهي ٿو.

پئراگراف ۾ ’Religious literature‘ لاءِ ’ڌرمي ساهت‘ تجويز ڪيو ويو آهي، حالانڪ ان لاءِ ’مذهبي ساهت‘ متبادل به رکي سگهجي پيو، ليڪن مترجم کي ’Religious‘ لاءِ ’ڌرمي‘ لفظ وڌيڪ موزون انڪري لڳو جو ليکڪ، پوليءَ جي انهيءَ دور کي بحث هيٺ آندو آهي، جنهن دور ۾ سنسڪرت پولي، هندو (سناتن) ڌرم جي پولي هئي، انڪري مترجم کي اهو لفظ وڌيڪ موزون ۽ منطقي (Logical) نظر آيو ۽ گڏوگڏ هن کي ’Ceremonies‘ لاءِ ’ڪِريا ڪرمَ‘ متبادل رکڻو پيو، نه ته اُن لاءِ ’رسمي تقريبون‘ جهڙو مروج متبادل به موجود آهي. اهڙيءَ طرح مترجم کي ’Budhist texts‘ لاءِ ’ٻوڌي گرنٿ‘ استعمال ڪرڻو پيو. حالانڪ ’Text‘ لاءِ ’متن‘ يا ’ڪتاب‘ جهڙا متبادل به موجود آهن،پر اُهي موضوع ۽ عبارت جي متن جي مزاج ۽ ماحول جي موافق نه آهن.

متئين عبارت جي اپياس کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته مترجم اصلوڪي عبارت جي نج پڻي کي نه رڳو ترجمي ۾ قائم رکيو آهي، پر اُن جي گهُرجن موافق، موزون ۽ مناسب متبادل به تجويز ڪيا آهن. هتي هڪ اهم ڳالهه بحث هيٺ آڻڻ گهرجي ٿي ته لفظ ’سنسڪرت‘ (Sanskrit) جو اُچار، اسان وٽ عام طور تي غلط ڪيو ويندو آهي، ’سنسڪرت‘. يعني پويون ’س‘، ڪاف سان مِلائي ’سَنْسَکْرَت‘ جو اُچار ڪيو ويندو آهي، جيڪو بلڪل غلط آهي، اُن جو دُرست اُچار آهي ’سَنْسِکِرْتَ‘ (سَنْسِ+ڪِرِت).

ان کان علاوه هيٺئين اصلوڪي (انگريزي) عبارت مان ترجمي جون هيٺيون خوبيون ۽ اصول موجود نظر ايندا:

- درست ترجمو، عام فهم ۽ فصيح.
- ترجمي ۾ ڪتب آندل ٻيٺ سنڌي متبادل.
- ترجمي ۾ لفظن جو ۽ جملن جو پاڻ ۾ ربط.
- ترجمي ۾ سلاست ۽ فصاحت.

“Religion, Imperialism & Loan words in Sindhi and other languages

Early Semitic languages spoken in the Fertile Crescent were Acadian, Phoenician, Punic, Hebrew, Aramaic, Syriac, and early Arabic. Hamitic branch included languages Libyco-Berber languages of northern Africa. Arabic language of Arabia influenced Spanish and Sicilian, in which tongues many words and even geographical names are of Arabic origin. Maltese is a mixture of Arabic and Italian. Many words in Persian, Sindhi, and Hindustani, other Indian languages and Malay of Malaya and Indonesia are of Arabic origin, but genetically these languages have maintained their identity.” (www.panhwar.com)

“مذهب، سامراجيت ۽ سنڌي ۽ ٻين ٻولين ۾ اُڌارا ورتل لفظ

شاداب ڪٽاري علائقي ۾ ڳالهايون ويندڙ اوائلي سامي ٻوليون - اڪادي (Akkadian)، فونيشي (Phoenician)، پُيون (Punic)، عبراني (Hebrew)، آرامي (Aromic)، شامي (Syriac) ۽ اوائلي عربي هيون. حامي (Hometic) گهراڻي ۾ اترادي آفريڪا ۾ ڳالهايون ويندڙ تصويري اُکر واري آڳاٽي مصري ۽ لبيائي - بربر (Libyco – barbar) ٻوليون هيون. حجاز (Arabis) واري عربي ٻوليءَ، اسپيني ۽ سِسليائي (Sicilian) تي اثر وڌو. ايتريقدر جو ڪيترن ئي لفظن سان گڏ يُون سُڌي (Geographical) نالا به عربي بڻ مان آهن. مالٽائي ٻولي، عربيءَ ۽ اطالويءَ (Italian) جو ميلاپ آهي. فارسي، سنڌي، هندستاني (پارتي، هندي) ۽ ٻين پارتي ٻولين ۽ انڊونيشيا ۽ مَلايا جي مَلائي/ مَلئي (Malay) ۾ ڪيترائي لفظ عربي بڻ مان آهن، پر جٽاڻي (Genetically) جَڻ يا بُڻ جي حوالي سان، انهن ٻولين پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکي آهي.” (ٻرڙو، 2010: 89)

2. “سنڌ جي ٻولي” (4-هزار – 1-هزار ق.م)

ايم.ايڇ پنهور هن مضمون جي ابتدا، گريئرسن جي رپورٽ ‘Linguistc Survey of India’ کان ڪندي لکي ٿو ته:

“Greirson’s famous report, the *Linguistic Survey of India,* was published in 1930; a real scientific work nationalist’s movements in the Sub-Continent were heading towards climax. As would normally happen under the circumstances Grierson’s statement that Sindi was derived from Sanskrit was cheerfully accepted by the Hindus of Sind and as a rebut Dr. Daudpota stated that if Sanskrit is the mother of Sindi language, Arabic is its father. As a consequence of this statement further controversy developed and the extremist attitudes were taken to prove or disprove the original theory without adding to

the scientific facts and knowledge. Those who vehemently supported the Greirson's theory were Prof. Malkani and Bherwani. Latter had seen some trends of Dravadian languages in Sindi but did not probe deeper into it as had happened with trump in his Grammar of Sindi language published in 1868. The controversy did not end with the partition of the sub-continent and new theories were evolved both to marry Sanskrit with Arabic to bring birth of Sindi or completely deny any correlation of Sindi with Sanskrit and consider it a purely Semitic language. Still another theory was evolved stating that Sindi language. Still another theory was evolved stating that Sindi was Dravadian language and any abnormalities into its grammar were due to corrupting influence of Sankrit on it. Another theory that Sindi was language of Indus Valley people and it spread from Sind in all directions, giving rise to various Indo-European languages including Sanskrit, was also put forward. This theory though attractive enough to some of the Sindi nationalists is without any archaeological evidence that people of Indus valley civilization migrated from here in all directions. (www.panhwar.com)

محبت برڑي متئين پئراگراف جو سنڌي ترجمو هن طرح ڪيو آهي:

"گريئرسن (Grierson) جي مشهور رپورٽ: هندستان جو لسانياتي جائزو ((The Linguistic Survey of India 1930ع ۾ شايع ٿي. هيءُ هڪ حقيقي سائنسي پورهيو آهي. بدقسمتيءَ سان، اها ان مهل پڌري ٿي، جڏهن هندستاني اپکنڊ ۾ قومي تحريڪون پنهنجي اوج تي پهتل هيون. اهڙين حالتن ۾ گريئرسن جو اهو بيان ته سنڌي هولي سنسڪرت مان نڪتل/ اُپريل/ اُسريل هئي، ڪي سنڌ جي هندن سرهائيءَ سان قبول ڪيو، پر مسلمانن ان کي باطل قرار ڏنو. هڪ سنڌي مسلمان وڏي عالم ڊاڪٽر دائودپوٽي ان کي رد ڪندي چيو ته سنسڪرت جيڪڏهن سنڌي هوليءَ جي ماءُ هئي، ته عربي ان جو پيءُ ٿئي. ان جي نتيجي ۾ هڪ تضاد اپريو ۽ سائنسي سچاين ۽ جاڻ ۾ واڌارو ڪندڙ بڻائتي (Original) نظريي کي صحيح يا غلط ثابت ڪرڻ لاءِ انتها پسند (Extremist)، رويا اپري آيا. گريئرسن جي نظريي جي پوري زور سان تائيد ڪندڙن ۾ پروفيسر ملڪاڻي ۽ پيرواڻي (Bherwani) شامل هئا. پيرواڻي توڻي جو سنڌي هوليءَ ۾ ڪي دراوڙي هولين وارا لاڙا ڏنا، پر انهن ۾ گهرو نه ويو، جيئن ٽرمپ (Trumpp) پنهنجي ڪتاب، سنڌي هوليءَ جي گرامر (A Grammer of Sindhi Language) ۾ ڪيو، جيڪو 1868ع ۾ ڇپيو. اپکنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ به تضاد نه ڪُٽو ۽ نوان نوان نظريا پيش ڪيا ويا، جن مان ڪن ۾ سنسڪرت ۽ عربيءَ جي وچ ۾ شادي ڪرائي ٿي وئي ته ڪن ۾ سنڌي ۽ سنسڪرت جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي ناتي کان مورڳو انڪار ڪندي، ان کي هڪ نج سامي (Semite) هولي سمجهيو

ويو. هڪ وڏيڪ نظريو اهو به اُسريو ته سنڌي هڪ دراوڙي ٻولي هئي ۽ ان جي گرامر ۾ ڪي اڍنگايون (abnormalities) سنسڪرت جي اثر سبب هيون. اڄا هڪ وڏيڪ نظريو اهو پيش ڪيو ويو ته سنڌي، سنڌو ماٿر (Indus valley) جي ماڻهن جي ٻولي هئي ۽ اها سنڌ مان هر ڏس ۾ پکڙي ۽ ان سنسڪرت سميت سمورين انڊو- يورپي (Indo-European) ٻولين کي جنم ڏنو. هيءُ نظريو، توڙي جو سنڌ جي ڪجهه سنڌي قومپرست (Nationalist) فردن لاءِ ڪشش رکندڙ هو، پر اهو ڪابه اهڙي پڙاڃاڻي (قديم آثارن جي) (Archaeological) شاهدي نه پيو رکي، جيڪا اهڙي ڪا حقيقت ٻڌائي سگهي ته سنڌوماٿر جي سڀيتا (Civilization) هتان سڀني ڏسن ۾ پکڙي هوندي." (ٻرڙو، 2010: 106، 107)

هن ترجمي ۾ محبت ٻرڙي ٻوليءَ جي نفاست ۽ مناسب متبادل لفظن جي ادائگيءَ طرف پوري ڌيان ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هِن، انگريزي لفظن جي سنڌيءَ ۾ مروج اصطلاحن سان گڏوگڏ نوان متبادل/ اصطلاح به گهڙيا آهن، جيئن – انگريزي لفظ 'Extremist' لاءِ 'انتهاپسند' بجاءِ 'انتهائڪ' متبادل ڪم آندو آهي، ڇو ته 'ist-' انگريزي پڇاڙي، 'پسند' جي معنيٰ کي ظاهر نٿي ڪري، انڪري 'انتهائڪ' (يعني – انتهائي حد تائين ويندڙ. انتها ڪندڙ) متبادل تجويز ڪيو آهي، جيڪو 'ist-' جي معنوي گهرج کي به پورو ڪري ٿو ۽ ٻوليءَ جي انفرادي خوبصورتيءَ ۾ به اضافو آڻي ٿو. مترجم، انگريزي لفظ 'original' لاءِ 'بنيادي'/ 'بڻيادي' متبادل، موزون نٿو سمجهي، اُن لاءِ هُو 'بُٽائتو' متبادل ڪم آڻي ٿو. 'Nationalist' لاءِ مستعمل متبادل 'قومپرست' بجاءِ 'قومائڪ' متبادل کي ترجيح، اِنڪري ڏئي ٿو جو 'نيشنلسٽ' ۾ ڪم ايندڙ پڇاڙي 'ist-' 'پرست' يا 'پسند' جي معنيٰ نٿي ڏيڪاري. اِنڪري ان لفظ جي نحوي سٽاءَ مطابق، 'قومائڪ' (يعني – قوم کي اپارينڊ) معني ڏيي ٿو. 'Archaeological' لاءِ 'آثار قديمه' بجاءِ 'پڙاڃاڻي' متبادل ڪتب آندو آهي. هي متبادل، 'آثار قديمه' جهڙي مروج ۽ متبادل کان وڏيڪ مانوس ته نه آهي، پر اُهو ٻوليءَ جي نج پڻي جي اعتبار کان 'آثارِ قديمه' کان وڏيڪ فصيح ۽ سُهڻو آهي.

مترجم جي ترجمي ۾ ٻوليءَ جي سلاست ۽ رواني‌ءَ جو اندازو، سندس ترجمي ڪيل هيٺئين اقتباس مان ڪري سگهجي ٿو:

"اڳ ڪيل ڳالهه ٻولهه مان اهو پڌرو آهي، ته اُهي نه ته سامي ٻوليون هيون ۽ نه وري سنسڪرت، جن سنڌي ٻوليءَ کي جڙيو هجي. سنڌي اپکنڊ ۾ اسريل اها ٻولي آهي، جيڪا ڏکڻ ايران کان ايندڙ انهن ماڻهن جي اُٽن لاڏائو چولين، 1300 ق. م – 1100 ق. م تائين، سبب اپري، جن کي اڇ آڳاٽا / قديم سِٿي (Ancient seythian) سڏيو وڃي ٿو. اهي پوءِ آيل سٿين جا ڏاڏاٽا هئا، جن 80 ق. م ڌاري [هاڻوڪي سڃي] پاڪستان ۽ پارت جي ڪجهه حصي تي فتح حاصل ڪئي. سنڌين جا مهاندا اهي ساڳيا آهن، جيڪي سٿين جا [ءِ] اها ڳالهه رسلي،

گوها ۽ سورلي (Sorley) سميت اپکنڊ ۾ تحقيق ڪندڙ ڪيترن ئي مانسڃاڻڪن (Anthropologists) جي بيان ڪيل آهي، انهن جي خيال موجب سڌين جا وڏا وڏا جڏا 80 ق. م کان 46ع تائين سنڌ والارڙ لاءِ ايندا رهيا ۽ ان ڪري سنڌي، سڌين جهڙا ڏيکارجن ٿا. انهن کي خاطري هئي ته سنڌو [راهپ وارا] ۽ اڳ سنڌو [راهپ وارا] ماڻهو دراوڙ هئا، جن کي اتر اپکنڊ مان ڏکڻ ڏانهن آرين تڙي ڪڍيو ۽ ان ڪري رڳو انڊو يورپين نسل اتر انڊيا ۾ رهجي ويو. اهو نظريو موهن جي دڙي، سيمٽري ايڇ ۽ جنڪر ماڇن تان لڏل کوپڙين جي ڇڪاس کان پوءِ پوريءَ طرح رد ڪيو ويو آهي. اهي سمورا ماڻهو "آڇاتا سڌي" هئا، جيڪي پاڻ آڇاتا انڊو يورپين هئا ۽ شايد هڪ ٻئي سان ويجهي مائٽي رکندڙ ٻولين مان ڪا هڪ ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ سنڌو ماٽر ايراضيءَ ۾ انهن ٻولين جي گڏپ هڪ نئين ٻولي يا ساڳي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي محاورن کي جنم ڏنو. اهو به ڏيکارجي ٿو ته انهن ٻولين تي بٽائتن (Original) وڇهٽي دراوڙ ماڻهن جو پڻ اثر پيو، جن جي ماڻهو ڳٽپ 20-25 سيڪڙو تائين هوندي ۽ انهن جي ٻولين مان ڪيترائي لفظ ۽ ويا ڪرٽي گڻ جذب ڪيا ويا هوندا." (ٻرڙو، 2010: 116، 117)

مٿئين اقتباس جو اصلُ (Original) هن طرح آهي:

"From the foregoing it is clear that it was neither Semite languages nor Sanskrit which gave birth to Sindhi. Sindhi is a language which developed in the sub-continent due to migration from South Iran in eight waves from 3100 B.C. to 1100 B.C. by people now known as ancient Seythians. They were forefather of later Seythians who had conquered Pakistan and parts of India in 80 B.C. The features of Sindis are similar to Seythians was recognized by British Anthropologists working in the sub-continent including Risley, Guha and Sorley, in whose opinion hordes of Seythians came to Sind during the period of their occupation in 80 B.C. to 46 AD. And therefore Sindis look like Seythians. They were convinced that Indus and pre-Indus people were Dravadians who were thrown out by Aryans from Northern sub-continent to the South India and thereby only Indo-European race remained in Northern India. This theory has been completely rejected after the examination of skulls found from Mohan-jo- Daro, Cemetry-H, Junker and Jhangar sites. All these people were ancient Seythians who in turn were ancient Indo-Europeans and probably spoke one of a number of closely related languages which were ancient Indo-European languages, and amalgam of these languages in Indus Civilization area formed a new language or a number of dialects of a common language. It does appear that these languages were also influenced by the original Mesolithic Dravidian 10 people

whose population may have been 20 to 25% and absorbed many words and grammatical trends from their languages." (www.panhwar.com)

مٿئين ترجمي جي اقتباس جو اپياس ڪبو ته هيٺيان نتيجا ملندا:

- لفظن جو سنڌيءَ ۾ ٽُز ترجمو.
- مروج سنڌي متبادل بجاءِ غير مروج سنڌي مبادلن جو استعمال، مثال طور: اپکنڊ (Sub-continent)، مانسڃاڻڪ (Anthropologists)، وچپڻي (Mesolithic)، موهين جو دڙو (Mohan jo daro) وغيره.
- ترجمي ۾ ٻوليءَ جي سلاست ۽ روانيءَ جو عنصر قائم رکڻ.
- لفظن ۽ جملن جي ترڪيب ۽ سٽاءُ، گرامر جي صوتي، صرفي ۽ نحوي قاعدن موجب رکڻ.

هتي اها نشاندهي ڪجي، ته اصل عبارت ۾ مصنف موهين جي دڙي جي اصل صورت موهن جو دڙو 'Mohanjo' رکي آهي، پر مترجم اُن کي 'موهين جو دڙو' 'Mohenjo Daro' ڪري لکيو آهي. "موهن جو دڙو" صورتخطي تي ڪافي بحث هلندڙ آهي. ڪي محقق/ اسڪالر اُن کي 'موهن جو دڙو'، ڪي 'موئن/ مُئن جو دڙو' ۽ وري ڪي "موهين جو دڙو" ڪري لکن ٿا، پر جيئن ته هتي ترجمي جي ڳالهه آهي ته مترجم کي اهائي صورت رکڻ گهرجي، جيڪا اصل عبارت ۾ آهي. جيڪڏهن ان بابت مترجم کي ڪي اعتراض هجن، ته اُهي ڪيس فوٽ نوٽ يا حاشيه ۾ ڏيڻ گهرجن.

حوالا

103. ابڙو، بدر (2010ع)، اوڪسفرڊ انگلش – سنڌي ڊڪشنري (ڇاپو پهريون)، ڪراچي: اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس.

104. بلوچ، عبدالستار (2003ع)، اردو – سنڌي لغت (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

105. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1988ع)، جامع سنڌي لغات، (جلد پهريون)، حيدرآباد/ ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

106. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1998ع)، هڪ جلدي سنڌي لغت، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

107. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2007ع)، جامع سنڌي لغات، (جلد اول الف – ب)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

108. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2008ع)، جامع سنڌي لغات، (جلد ٻيو)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
109. ٻرڙو، محبت (2003ع)، سنڌي ٻولي – لفظ، لغت ۽ لکيت (ڇاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
110. ٻرڙو، محبت (1998ع)، انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (ڇاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
111. ٻرڙو، محبت (2002ع)، ٻوليءَ جو بڻ (ڇاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
112. ٻرڙو، محبت (2010ع)، آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي، (ڇاپو پهريون)، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.
113. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر (1976ع)، سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، (ڇاپو پهريون)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
114. پليجو، رسول بخش (1940ع)، ادب ۽ ترجمن جي اهميت، (مقالو)، ايڊيٽر: غلام محمد گرامي، ٽماهي ’مهراڻ نمبر 1960/1ع، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
115. جڙياسنگهاڻي، سترامداس، سائل، پروفيسر (2009ع)، سائڪل ڪوش، حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن.
116. جيٹلي، مرليڈر، ڊاڪٽر (2004ع)، سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)، (ڇاپو ٻيو)، ڪنڊيارو: روشني پبلڪيشن.
117. حامد بيگ، مرزا، ڈاکٹر (ء) مغرب کے نثری تراجم (مطبع اول)، اسلام آباد: مقتدره قومی زبان۔
118. حريري، غلام احمد، پروفيسر (ء)، تاريخ تفسير و مفسرين، فيصل آباد: ملک سنز پبلشرز، کارخانہ بازار۔
119. حضرو (؟)، لُغات فارسي، دار عمر فاروق رضي الله عنه (ڇاپو پهريون).
120. خادم، قاضي (2006ع) جوئاري، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
121. دہلوی، سيد احمد (ء) فرہنگ آصفيہ، جلد: -، لاہور، سنگ ميل پبلی کيشنز۔
122. طالب المولیٰ، محمد زمان، مخدوم (1991ع)، لُغات سنڌي مخففات (ڇاپو پهريون)، ڄام شورو/ حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
123. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر (2012ع)، سنڌي ورجيسي ٻولي، (ڇاپو ٻيو)، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
124. فيروز سنز (ء) فيروزاللغات اردو (مطبوعہ اول، لاہور: - شاہراہ قائداعظم، پاکستان۔
125. فياض لطيف، ڊاڪٽر (2017ع)، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ترجمن جو تنقيدي جائزو، (مقالو)، ، محبت جن جي من، ترتيب ۽ تدوين: رياضت ٻرڙو، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڈمي.
126. قريشی، نثار احمد (ء)، ترجمہ اور روایت اور فن، اسلام آباد: مقتدره قومی زبان۔

127. قمر، رئيس، ڈاکٹر (ء؁؁؁؁)، ترجمہ کا فن اور روایت، دہلی، تاج پبلشنگ ہاؤس، مٹیا محل۔

128. ملاح، مختيار احمد (2015ع)، ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت، (چاپو پهريون)، حيدرآباد: سنڌي لينگئيج اٿارٽي.

129. ملڪاڻي، منگهارام (1993ع)، سنڌي نثر جي تاريخ، (چاپو ٽيون)، حيدرآباد/ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

130. ميمڻ، سراج الحق (2009ع)، سنڌي ٻولي، (چاپو ٻيو)، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

131. ميمڻ، فهميده حسين، ڊاڪٽر (2009ع)، انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا، (جلد پهريون الف – ٻ)، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

132. نیّر، نورالحسن، مولوی (؁؁؁؁ء) نوراللغات، (مطبوعہ اول) کراچی، جنرل پبلیکیشن ہاؤس۔

133. وسٹاڻي، جهمٽمل، نارو مل (1978ع)، وٹپتي ڪوش، (چاپو چوٽون)، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

134. ولپ، وليرام (2006ع)، ادب جي واڌاري ۾ ترقيءَ ۾ مترجم جو ڪردار، (مقالو)، ڪلاچي، جلد 9، شمارو 14، 15، ڊسمبر 2006ع، پٽائي چيئر، ڪراچي: ڪراچي يونيورسٽي.

135. Ajwani, A.L., Professor, (1970), History of Sindhi Literature, Delhi: Sahita Academy.

136. Alexnder Faser Tytler (1992), Essay on the Principles of Tranlsation, Translation History and Culture (A Source Book), Edited by, Andre Lefevere, London, New York: II New Fitter Lane.

137. Cuddon, J.A, 1991, Dictionary of Literary Terms and Theory, (Third edition), London: Penguin Books Ltd.

138. dictionaries.com

139. Dictionary, Oxford language

140. Encyclopaedia Britannica, 1983, Micropaedia, Vol: VI, 15th edition.

141. Hussain, Shahid, 2010, Dictionary of Literary Terms (2nd edition), Lahore: New Kitab Mahal.

142. John, Richardson, Dictionary of Persian, Arabic & English, revised and improved edition, Lahore: Sang-e-Meel Publication.

143. merium-webster.com

144. Qazi, Mumtaz Ali, Prof, (1994), Scientific & Technical Terms (English to Sindhi), Jamshoro: Sindhi Science Society.

145. study.com

146. Syal, Pushpinder, D.V. Jindal, 2002, An Introduction to Linguistics, Language, Grammar & Semantics (4th Edition), New Delhi: Printice Hall of India Private Ltd.

147. thesaurus.com

148. www.panwhar.com

نتيجا ۽ تجويزون

باب پهريون

- محبت ٻرڙو هڪ سماج سڌارڪ انسان جي حيثيت ۾ سڃي سنڌ ۾ هليو ۽ ان دوران هن سنڌ جي مختلف علائقن جي لهجن ۽ سماجي گروهن جي لساني انداز کي پرکيو ۽ پروڙيو، هونئن به محبت ٻرڙي ۾ ننڍپڻ کان وٺي ئي پڙهڻ، پُرجهڻ ۽ سکڻ جي عادت پيل هئي. هو اجاين ڪمن ۾ وقت ضايع ڪرڻ بجاءِ، پڙهڻ، لکڻ ۽ دوستن سان اهم موضوعن تي ڪچهري ڪندي صَرف ڪندو هو.

باب ٻيو

- هن جي مقالن ۽ مضمونن ۾ آڳاٽي ۽ اوائلي انسان، ڪيئن ڳالهائڻ سکيو، ان لاءِ ٻولي ماهرن جا نظريا ملن ٿا:

– **بَو – وَوو وارو نظريو:** هن نظريي موجب، ابتدا ۾ انسانُ، فطرت ۽ حيوانن جي آواز جو نقل ڪرڻ سکيو هوندو. ننڍڙو ٻار، جنهن وقت ڳالهائڻ سکندو آهي، تنهن وقت ڪُتي کي پؤنڪندو ڏسي چوندو – ’پنئون پنئون‘، ٻليءَ کي مِيڪندي ڏسي چوندو – ’مِيائُو مِيائُو‘ ۽ ڪانوَ کي ڪَنوندو ڏسي چوندو – ’ڪان ڪان‘. هن جي اڀياس موجب ”قوي گمان آهي ته انسان پهريان نقل ڪندي ڳالهائڻ سکيو هوندو.“

– **پوه – پوه يا ڦُوه – ڦُوه وارو نظريو:** هن نظريي سان به سهمت نظر اچي ٿو ته ابتدا ۾ انسان – غم، خوشي، ڪاوڙ، تعجب واريءَ حالت ۾ ڪي آواز بي ساخته انداز ۾ اُچاريا هوندا، جن اڳتي هلي هڪ سنڌ آريائي ٻوليءَ جو بنياد رکيو هوندو. آريائي نسل ۽ آريائي ٻوليءَ جي وڏي پرچارڪ مئڪس مُلر (Max Muller) اٺويهين صديءَ ۾ هيءُ نظريو پيش ڪيو.

– **ڊنگ ڊانگ وارو نظريو:** هو ڊنگ ڊانگ واري نظريي سان سهمت نظر اچي ٿو، جنهن موجب ”ٻولين جي آواز ۽ مفهوم جي وچ ۾ ڳجهو تعلق آهي، تنهنڪري ابتدائي انسان تي ٻاهرئين دنيا جا جيڪي اثرات پيا هوندا، تن جي اظهار لاءِ هُن مناسب آواز استعمال ڪيا هوندا.“

– **ٻوليءَ جو يو – هي – هو وارو نظريو:** هن مطابق، ابتدا ۾ جڏهن به ڪِن ماڻهن گڏجي ڪو ڪم ڪيو هوندو، تڏهن خاص قسم جا آواز ڳالهايا

هوندا، جهڙوڪ: هي – هو، ها – هو، هُون – ها وغيره. گڏجي ڪم ڪندڙ (ڪامي) ماڻهو اڇ به گڏيل ڪم ڪندي اهڙا آواز ڪندا آهن.

- **ٻوليءَ جو اشارن جو نظريو:** هن نظريي مطابق، ابتدا ۾ انسان، گونگن وانگر اشارن ۾ ڳالهايو هوندو. اڇ به مشاهدو ڪيو ته گونگا ماڻهو، اشارن کان ٻوليءَ جو ڪم وٺن ٿا ۽ خود ڳالهائيندڙ به ڳالهائڻ دوران هٿن، ٻانهن ۽ مٿي جي چرپر کان ڪم وٺن ٿا.
- **ٻوليءَ جو سڙ تار وارو نظريو:** هن نظريي موجب، انسان اوائل ۾ ڳائڻ سکيو، پوءِ ڳالهائڻ. هيءُ نظريو، ڊينمارڪي عالم اوٽو ييسپرسن (Otto Jesperson) پيش ڪيو.
- **ٻوليءَ جي لڳ لاڳاپي وارو نظريو:** هن نظريي مطابق، هر انسان ۾ ٻين انسانن سان ميل ميلاپ پيدا ڪرڻ جو قدرتي جذبو موجود آهي، جنهن جي ڪري ٻوليون پيدا ٿيون ۽ اهي تبديل ٿيندي ترقي ڪنديون ويون. هن نظريي موجب، ڳالهائڻ جون 4 منزلون آهن – 1- آوازن سان لاڳاپي واري منزل (جنهن ۾ انسان ۽ حيوان ساڳئي پد تي موجود هو)، 2- رڙ واري منزل، جنهن ۾ رڙ جو تعلق ماحول سان هو، نه ڪي ڪنهن هڪ شخص/ فرد سان، 3- سڏ واري منزل، اول ڳائڻ، پوءِ ڳالهائڻ تائين وٺي آئي، 4- لفظن جي پيدا ٿيڻ جي منزل.
- **ٻوليءَ جو فعل وارو نظريو:** هن نظريي مطابق، نيم خانه بدوش ۽ مقامي ٽولن ۾ هڪ ٻئي کان مدد ۽ سهاري وٺڻ واري تقاضائن ۽ التجائن وارن لفظن، ابتدائي ٻوليءَ جي صورت اختيار ڪئي هوندي. اهي التجائون اڪثر هلي عملي ڪمن، جهڙوڪ – پڇڻ، ويڙهڻ، مارڻ ۽ ختم ڪرڻ جهڙين فعلي صورتن ۾ تبديل ٿيون هونديون. ڊائمنڊ اي.ايس (Diamond A.S.) 1959ع ۾ هيءُ نظريو پيش ڪيو، جنهن کي ’فعل وارو نظريو‘ به سڏيو وڃي ٿو.
- **مورس سوئڈيش وارو نظريو:** هن نظريي موجب، ٻوليءَ جي ارتقا، چئن دورن – 1- اوائلي پٿر وارو دور، 2- قديم پٿر وارو دور، 3- نئون پٿر وارو دور ۽ 4- موجوده دور يا تاريخي دور. هنن دورن ۾ ٻولي ترقي ڪري موجوده حيثيت اختيار ڪئي آهي. هيءُ نظريو، مورس سوئڊيش 1971ع ۾ پيش ڪيو. انهيءَ نظريي جي اپٽار ڪندي هو ٻوليءَ جي مختلف نظرين تي پنهنجي هڪ تز راءِ رکي ٿو.
- **فطري آوازن جو نظريو (بُو – وُو وارو نظريو)،** ٻوليءَ جو رڳو هڪ حصو آهي، ٻوليءَ جي باقي حصن جو بنياد چا آهي اهو تحقيق طلب آهي. ٻوليءَ جي اهڙن نظرين بابت محبت ٻرڙي جي قائم ڪيل راءِ آهي ته:

- ابتدائي انسان، جيتن جڻن، پکين پکڻ ۽ جهنگلي جانورن وانگر آواز اچاري سگهندو هو، اهي ’حيواني ٻولي‘ جي خاني ۾ رکڻا پوندا.
- پکي، جانور (حيوان) جي آوازن کي جيکڏهن راڳ چئجي ته ابتدائي انسان جي وقتي آوازن جي جهونگار ۽ تنوار کي چا راڳ سڏي سگهبو؟
- اوائلي انسان، ابتدائي عرصو ’حيواني سهکار‘ کندي گذاريو آهي، پر حيوان جي سطح تي اهو سهکار کي به لفظ پيدا نٿو ڪري سگهي.
- خوشي ۽ غم جي ڪيفيتن جا آواز بدليل آهن، پر اهي سڀئي ڪيفيتون حيوان ۽ اوائلي انسان کي ڪي به لفظ نه ڏيئي سگهيون آهن.
- محبت ٻرڙي جي راءِ مطابق، نظرين ۾ هڪ گڏيل ڪوٽ موجود آهي. يعني اُهي ٻوليءَ جي ابتدا، ڪنهن ’بي آواز گونگي‘ کان ڪن ٿا. ابتدائي انسان، ’بي آواز گونگو‘ هجي، اهو ممڪن نه آهي!
- ساهه وارو اُن تخليقي سطح تي پهتو هجي جو فطرت جي آوازن جو نقل ڪري سگهي ۽ انهن ۾ فرق به ڪري سگهي، سماجي وهنوار ۾ هڪ ٻئي جو مددگار به ٿئي، اهو ابتدائي انسان، جنهن جو ذهن هڪ تخليقي سطح تي رسيو هجي، ان جو نالو ’ماڻهو‘ آهي.

باب ٽيون

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ڪيترن ئي ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن جا نظريا ۽ رايا ملن ٿا، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ، تاريخ ۽ اُن جي پس منظر بابت گهڻو ڪجهه بيان ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت هن طرح نظريا ۽ رايا پيش ڪيا ويا آهن:

- **ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو نظريو:** سنڌي، نج سنسڪرتي ٻولي آهي، سنڌيءَ ۾ جيڪي خصوصيتون آهن، تن جي آڌار تي چئجي ٿو ته هيءَ ٻولي، قديم پراڪرت سان هڪجهڙائي رکي ٿي.
- **سر جارج ابراهم گريئرسن:** سنڌي ٻولي، هند – آريائي ٻولين جي اتر – اولهه واري جي هڪ مکيه ٻولي آهي، جيڪا وراڇڊ اپڀرنش مان نڪتي آهي.
- **جارج شرٽ:** سنڌي، سنسڪري زبان جي ڏيءُ آهي، پر سنسڪرت وارو نج خون سنڌي زبان ۾ نه آهي. سنڌي زبان جي گرامر جي مکيه پاڻ جو بنياد ته سنسڪرت مان آهي، پر ضميري پڇاڙين جو استعمال، سنڌيءَ کي ايراني زبان سان ملائي ٿو.
- **پيرومل مهرچند آڏواڻي:** سنڌي پراڪرتي بگڙيل ٻولي آهي، جيڪا اصل سنسڪرت زبان مان ڦُٽي نڪتي آهي.

- **ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:** سنڌي ٻولي هڪ سامي صفت ٻولي آهي، جيڪا سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل نه آهي، پر سنسڪرت کان اڳ واري مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اُسري، اها هند – آريائي ٻولي آهي. لهندا، ڪشمير ۽ اترئين سنڌو ماٿر جون داردي ٻوليون ان جون پينر آهن.
- **سراج الحق ميمڻ:** سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان نه، پر سنسڪرت، سنڌي ٻوليءَ مان جائي آهي.
- **جيرامداس دولترام:** سنڌي ٻولي، ويدڪ دور کان آڳاٽي ٻولي آهي، جيڪا سنڌو ماٿر جي هينئين حصي جا ماڻهو ڳالهائيندا هئا. ان مان موجوده سنڌي ٻولي اُسري ۽ نسري آهي.
- **ڈاڪٽر غلام علي الانا:** سنڌي غير آريائي ٻولي آهي. هن ٻوليءَ جون پاڙون سنڌو – ماٿر واريءَ تهذيب ۾ ڪُتل آهن. موجوده سنڌي زبان جو بنياد، سنڌو ماٿر واري اها قديم ٻولي آهي، جيڪا هن ماٿر جا رهواسي ڳالهائيندا هئا.
- **جان ايڈورڈ مچينر:** سنڌي ۽ سميري ٻولين جو پاڻ ۾ جگري ناتو آهي. سنڌ جي مهرن ۾ لکيل امڪاني ٻولي سميري به آهي ۽ سمير جي تجارتي لکتن ۾ ميلوها جو ذڪر ملي ٿو. اهو اشارو سنڌ ڏانهن آهن.
- **ڈاڪٽر آسڪوپرپولا:** سنڌي زبان، درواڑي نسل منجهان آهي ۽ قدامت جي لحاظ کان گهڻي آڳاٽي آهي ۽ درواڑي نک جون ٻيون ٻوليون، اُن مان اُسريون آهن.
- **ايم.ايچ پنهور:** سنڌي قديم هند – يورپي ٻولي آهي، جنهن تي دراوڑي اثرات پيا، جنهن بعد آڳاٽي سنڌي جُڙي. ان کان پوءِ مختلف دورن ۾ مختلف ٻولين جو مٹس اثر پيو، جن ۾ - سنسڪرت، پراڪرت، پالي، يوناني، آرمائي، پهلوي، قديم ايراني، فارسي، عربي ۽ انگريزي وغيره ٻوليون شامل آهن.
- سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت محبت ٻرڙي جي راءِ آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو سينو بيحد وسيع آهي. ان پنهنجي مضبوط پاڪر ۾ سامي ساٹ جي ڪجهه ٻولين سميت سنسڪرت سان گڏ ڪيترين ئي ٻين انڊو – يورپين توڑي دراوڑي ٻولين جي ’ٻول ڪاڻ‘ مان ٻولن جو جهجهو ذخيرو پاڻ ۾ سمائي رکيو آهي.

باب چوٿون

- صوتيات بابت محبت ٻرڙو لکي ٿو ته، ’صوتيات‘، عربي النسل لفظ آهي، جيڪو ’صوت‘ (Phone) مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – ’آواز‘ ۽ ’يات‘ جي معنيٰ آهي – علم، ڄاڻ يا معلومات. اهو علم، جيڪو آواز بابت ڄاڻ ڏئي، اُن کي ’صوت‘ چئجي ٿو. هن علم جو اڀياس، علم طبعي (Physics)، علم بدن (Physiology) ۽ علم رياضي (Mathematics) جي ذريعي ڪبو آهي. جديد

سائنسي دور ۾ نت نيون سائنسي مشينون ۽ اوزار ٺهي رهيا آهن، جن جي ذريعي به 'آواز' ۽ اُن جي خوبين کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ سولايون پيدا ٿيون آهن، اِنکري هاڻي هيءُ علم به آوازن جي باري ۾ هڪ 'سائنسي علم' بڻجي پيو آهي.

- صوتيات جو علم، دراصل ٻن علمن – 'علم آواز' (Phonetics) ۽ 'علم صوتيه' (Phonemics) جو مرکب آهي. 'علم آواز' ۾ هي ڏسڻو آهي ته ٻوليءَ ۾ لفظن اندر کيترا آواز استعمال ٿين ٿا ۽ اهي کهڙا آهن، انهن جو مخرج ڇا آهي، پر 'علم صوتيه' ۾ هي ڏسڻو آهي ته اهي کهڙا آواز آهن، جيکي ٻوليءَ ۾ معنوي فرق پيدا کن ٿا.
- هن علم جي ذريعي هر آواز ۽ اُن جي مخرج جو نه رڳو جائزو وٺي سگهيو آهي، پر اُهو به ڄاڻي سگهبو آهي ته کهڙن آوازن جي اُچارڻ لاءِ کهڙا عضوا چرپر کن ٿا ۽ انهن جي عمل جو طريقيکار ۽ قاعدو کهڙو آهي.
- هن علم جي مدد سان نه رڳو آواز جي قسم ۽ اُن جي خاصيتن کي سمجهي سگهجي ٿو، پر انهن جي نحوي ۽ صَرفي کارج ۽ استعمال جي به خبر پوي ٿي.
- هن علم جي ذريعي معلوم ٿئي ٿو ته کهڙا آواز ڳرا، کهڙا هلکا، کهڙا صاف، کهڙا لکيل ۽ کهڙا نکاوان يعني گهُٽا آهن.
- آوازن جو اپياس ٽن طريقن – (1) تلفظ يعني اُچار جي ذريعي، (2) هوائي لهرن جي ذريعي ۽ (3) ٻڌڻ يعني سُٹڻ جي ذريعي ڪري سگهبو آهي. انهن مان پهريون اصول، وڌيڪ مستند شمار ڪيو وڃي ٿو، ڇو ته اُن اصول تي عمل ڪرڻ سان عضون جي چرپر کي مشاهدي هيٺ آڻي سگهبو آهي.
- محبت ٻرڙي 'صوت' (Phone) لاءِ 'وايو' ۽ 'صوتيه' (Phoneme) لاءِ 'وائيو اصطلاح ڪم آندا آهن. 'وايو' ان آواز کي چئجي ٿو، جيکو مخرج ذريعي پيدا ڪيو وڃي، پر 'وائيو' ان آواز کي چئجي ٿو، جنهن سان لفظن ۾ معنوي فرق پيدا ٿئي.
- محبت ٻرڙي جي تحقيق موجب، 'صوت' (وايو) ۽ 'صوتيه' (وائيو) ٻنهي جو ڏاتو 'واءُ' آهي. 'واءُ' معنيٰ 'هوا' معنيٰ – آواز جي وَهُڪ'. جنهن هنڌ آواز کي لنگهه نه ملندو، ان لاءِ 'وايو' ۽ جتي آواز کي جزوي يا مڪمل لنگهه ملندو، اُن لاءِ 'وائيو' اصطلاح ڪم اچن ٿا.
- آواز پيدا ڪرڻ لاءِ قوت ۽ زور جي ضرورت پوي ٿي. اهو زور ۽ قوت، سيني جون مشڪون ۽ پيٽ ڇهه (diaphragm) مهيا کن ٿيون، جيکي ڦڦڑن جي معرفت هوا کي ٻاهر ڪڍن ٿيون، پر آواز فقط واڪل ڏورين جي لرزش ڪرڻ سان پيدا ٿئي ٿي.

- لساني آوازن جا ٻه گروهه ٿين ٿا – (1) وينجڻ آواز (Consonants) ۽ (2) سُر آواز (Vowels). وينجڻ لاءِ انگريزيءَ ۾ ڪم ايندڙ اصطلاح ’consonant‘ يوناني ٻوليءَ جي لفظ ’consonantem‘ تان ورتل آهي، جنهن جو مطلب آهي – اهو آواز جيڪو سُر آواز جي سهڪار سان پيدا ٿيو هجي. اهڙيءَ طرح سُر آواز لاءِ انگريزيءَ ۾ ڪم ايندڙ اصطلاح ’vowel‘ اصل ۾ يوناني ٻوليءَ جي لفظ ’vox‘ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – آواز. وينجڻ کي پنهجو ڪو به آواز نه آهي، پر سُر کي پنهنجو آواز آهي. جنهنڪري وينجڻ، سُر آواز سان ملي لفظ يا پد ٺاهي ٿو.
- وينجڻ ’consonant‘ کي عربيءَ ۾ ’مصمّت‘ چئبو آهي. ’مصمّت‘ جي معنيٰ آهي – خاموش يا چُپ. ۽ ’سُر آواز‘ کي عربيءَ ۾ ’مُصوّت‘ چئبو آهي، يعني – آواز وارو. اهوئي سبب آهي جڏهن حروف صحيح سان حروف علت ملندا تڏهن لفظ يا پد ٺهندا، يعني ٻين لفظن ۾ اڪيلي سُر وينجڻ يا حروف صحيح ڪو به لفظ يا پد نٿا ٺاهي سگهن.
- محبت ٻرڙي چار اڻ ڪوجيل سُر آواز – آ، اُ، اِ ۽ اِئ دريافت ڪيا آهن. سندس تحقيق موجب، هي سُر آواز اسان جي ٻوليءَ ۾ موجود آهن، پر انهن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي يا انهن طرف ڪنهن عالم جو ڌيان ئي نه ويو آهي.
- سنڌيءَ ۾ 10 سُر آواز آهن – جيڪي حروف علت ۾ ڪم ايندڙ ا، و ۽ ي مان ٺهن ٿا. يعني آ، اِ، اُ، آ، آو، اُو، آي، اي ۽ اِي.
- ’آ‘ جو مثال: ’مَئڻ‘ مان مَئه، ’ڏَئڻ‘ مان ’ڍئه‘، ’رَئڻ‘ مان ’رَئه‘، ’هَئي‘ مان ’هَئه‘ وغيره. هن آواز اچارڻ دوران آوازي لهر مٿي چڙهندي ختم نٿي ٿئي، پر مٿي چڙهندي هلڪو موڙ کائي ختم ٿي وڃي ٿي.
- ’اُ‘ ۾ آوازي لهر مٿي چڙهي، چڙهندي ختم نٿي ٿئي، پر مٿي چڙهندي هلڪو موڙ کائي ختم ٿي/ لهي وڃي ٿي. مثال طور: ’آيُئه‘ ۾ ’يُئه‘، ’لکندُ‘ ۾ ’دُ‘، ’هُئڻ‘ ۾ ’هُئه‘ وغيره.
- ’اوءِ‘ اهڙو سُر آواز آهي، جيڪو اُ، او ۽ اُو کان مختلف آهي. ’اوءِ‘ اچاريندي [او] جي آوازي لهر مٿي چڙهي، چڙهندي ختم نٿي ٿئي، پر چڙهندي هلڪو موڙ کائي ختم ٿي يا لهي وڃي ٿي. مثال طور – ’روئڻ‘ مان ’روءِ‘، ’ڏوئڻ‘ مان ’ڏوءِ‘، ’لوئڻ‘ مان ’لوءِ‘، ’ڍوئڻ‘ مان ’ڍوءِ‘ وغيره.
- اِءِ ائِ. [اِءِ] اچاريندي [اِ] جي آوازي لهر مٿي چڙهي، چڙهندي ختم نٿي ٿئي، پر چڙهندي هلڪو موڙ کائي ختم ٿئي ٿي يا لهي وڃي ٿي. مثال طور – ’نِئڻ‘ مان ’نِئه‘، ’نيئڻ مان ’نيئه‘، ’جئڻ‘ مان ’جئه‘، ’ٿيڻ‘ مان ’ٿئه‘ وغيره.

- محبت ۾رڙو لکي ٿو ته، وينجڻ آوازن جي خصوصيتن جي بنياد تي ورهاست ڪري سگھجي ٿي.
- پد، هڪ ويرم ۾ اُچاريل آواز کي پد (Syllable) چئجي ٿو. يعني هڪ پد هڪ اهڙي آوازي لهر آهي، جيڪا بلنديءَ کان هيٺئين طرف وڌي ٿي، ۽ وري جڏهن بلنديءَ طرف اُپري ته ٻيو پد ٺاهي ٿي. صوتيا ملي پد ٺاهين ٿا.
- پد کي سمجھڻو هجي ته راڳ کي ڏيان سان ٻڌجي ۽ پدن جي اکرن تي توجهه ڏيڻ بجاءِ ڪنن تي ڏيان ڏجي ۽ ٻڌجي ته ڳائڻو هر لفظ کي ساز ۽ موسيقيءَ جي لئه ۽ ترنم تي ڪيترن حصن ۾ ورهائي، ڳائي ٿو.
- اسم ادغام يا سنڌجڻ بابت محبت ۾رڙو لکي ٿو ته، ’اِدغام‘ (Assimilation) عربي ٻوليءَ جي ’دغم‘ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – ملائڻ يا گڏ ڪرڻ. اصطلاحي معنيٰ موجب، هڪ آواز ٻئي آواز جي اثر ۾ جذب ٿي يعني سَنڌجي، گڏجي يا مَسجي نئون آواز پيدا ڪري، اته اُن کي ’اِدغام‘ چئبو.

باب پنجون

- علم صَرف بابت محبت ۾رڙو لکي ٿو ته، صَرف، اهو علم آهي، جنهن ذريعي لفظن ۽ اُن جي جزن جي جوڙجڪ، ستاءَ ۽ بيهڪ بابت خبر پوي. يعني هيءُ علم، لفظن جي جوڙجڪ، ٽوڙ ڦوڙ ۽ بدل سَدل جي باري ۾ هڪ سائنسي علم آهي. ٻين لفظن ۾ ’صرف‘ لفظن جي گرامر کي چئجي ٿو، جنهن ۾ لفظن جي بابت قاعدا، قانون ۽ دستور سيکاريا ويندا آهن. ’صرف‘ لفظن جي پٺيان ’يات‘ پڇاڙي (suffix) ملائي ’صرفيات‘ جوڙيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – اهو علم جيڪو لفظن جي باري ۾ سائنسي طرح ڄاڻ ڏئي.
- علم صرف کي سمجھڻ لاءِ پهريان ’صرفيه‘ (Morpheme) کي سمجھڻو پوندو آهي. صرفيه، اصل ۾ لفظن جي آزاد (Free) ۽ پابند (Bound) جزن کي چئجي. آزاد جزا پنهنجي جوهر ۾ معنيٰ دار ٿين ٿا ۽ پابند جزا بي معنيٰ ٿين ٿا. آمريڪي ماهر لِسان بلومفيلڊ جي راءِ موجب، هيءُ اهو علم آهي، جنهن ذريعي ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن ۽ اُن جي جزن جي جوڙجڪ ۽ ستاءَ بابت آگاهي ملي. يعني لفظن جي اها ساخت ۽ ستاءَ، جنهن ۾ اُن ٻوليءَ جي آواز ۽ پابند صورتن جي استعمال جي خبر پوندي هجي.
- محبت ۾رڙي ’صرفيه‘ لاءِ ’رُوپيو‘ اصطلاح ڪم آندو آهي. سندس راءِ موجب، هر اُن لسانياتي ايڪي کي ’صرفيه‘ (روپيو) چئجي ٿو، جنهن جي ڪا نه ڪا (وياڪرڻي) معنيٰ هجي.
- لفظ، ٻوليءَ جو اهڙو معنيٰ دار ايڪو آهي، جنهن ۾ مختلف معنيٰ دار حرفَ ۽ مختلف آزاد ۽ پابند صوتن جا ميڙ شامل هوندا آهن، جيڪي ٻوليءَ جو وياڪرڻي مفهوم ۽ ڪارج رکن ٿا.

- عالمن، لفظن کي ٻن اهم گروهن ۾ ورهايو آهي – (1) ابتدائي لفظ ۽ (2) ثانوي لفظ. ابتدائي لفظن ۾ مفرد يا سادا لفظ شامل ڪيا ويا آهن ۽ ثانوي لفظن ۾ - مُرڪب، مرتب، مُڪرّر وغيره لفظ درج ڪيا ويا آهن.
- محبت ٻرڙي ’لفظ‘ لاءِ ’ٻول‘، ابتدائي لاءِ ’پهرين‘، ثانوي لاءِ ’ٻئيت‘، ’مرتب‘ لاءِ ’ڳُٽيل‘، مرڪب لاءِ ’ڳوپ‘ ۽ مڪرّر لاءِ ’ور – اورپ‘ اصطلاح ڪم آندا آهن.
- لفظ جي پابندي صورت (Bound form) کي عالمن – اڳاڙي (prefix)، وچياڙي (Infix) ۽ پڇاڙي (Suffix) ۾ ظاهر ڪيو آهي. اڳياڙي، لفظن جي سادي صورت جي آڏو رکي ان مان ’مرتب‘ لفظ ٺاهبو آهي. ڪيترن سادن لفظن جي آڏو ۽ ٻنيان به آزاد صورتون (اڳياڙي ۽ پڇاڙي) ملائي ’مرتب‘ لفظ جوڙبو آهي. وچياڙي ٻن سادن لفظن جي وچ ۾ ملائي مرتب لفظ ٺاهبو آهي.

باب ڇهون

- علم نحوَ، اهو علم آهي، جنهن جي وسيلي ٻوليءَ جي جملن جي ترتيب، بيهڪ ۽ ستاءَ بابت آگاهي ملي. هن علم ۾ گفتگو يا ڳالهه ٻولهه ۾ لفظن کي نه پر جملن کي اهميت حاصل هوندي آهي. ڳالهائيندڙ پنهنجي مرضيءَ سان جملن جي چوند ڪري ٿو ۽ اُن سان گڏوگڏ لفظن جو به مناسب انتخاب ڪري ٿو. هر ٻوليءَ ۾ جملو هڪ اهڙي گفتار آهي، جنهن ۾ ترتيب ۽ ستاءَ ۾ ڦير ڦار ڪرڻ سان مطلب ۽ مفهوم ۾ تفاوت ايندو آهي. جملي ۾ هڪ کان وڌيڪ لفظ به اچن ٿا ۽ فقط هڪ لفظ تي به جملو ٺهي سگهي. هن علم جا ڪي اصول به مقرر ٿيل آهن، جيئن – (1) جملي ۾ لفظن جي چوند، (2) جملي ۾ لفظن جي ترتيب وغيره.
- اهڙو اکرُ يا آوازُ يا اهڙا اکرَ يا آوازَ، جيڪي ڪنهن لفظ جي آخر ۾ اچي ڪا نه ڪا يا مقرر معنيٰ ظاهر ڪن، پر اُهو اکرُ يا آوازُ هڪ ضمير جي به نمائندگي ڪري يا اُن جو مَتُ هجي ته اهڙي اکر يا آواز کي ’ضميري پڇاڙي‘ چئبو. پسندا، ويهندا، گهُمندا، ڳالهائيندا وغيره لفظن جي پٺيان ’-سي‘/ ’سون‘ پڇاڙي طور ملائڻ سان ترتيبوار ’ڏسنداسي‘ (ڏسنديون)، ’ويهنداسي‘ (ويهنداسون)، ’گهُمنداسي‘ (گهمنداسون)، ’ڳالهائينداسي‘ (ڳالهائينداسون)، وغيره لفظ ٺهن ٿا، جيڪي فعل سميت ضمير جو به ڪم ڪن ٿا. ۽ اهو ضمير ’اسان‘ يا ’اسين‘ آهي. مٿين لفظن ۾ ’سي‘ يا ’سون‘ ضميري پڇاڙي آهي.

باب ستون

- لغت ڪنهن به ٻوليءَ جي گڏ ڪيل لفظن جي انهيءَ ذخيري کي چئبو آهي، جنهن جي الف – ب وار ترتيب سان انهن لفظن جي مفصل معنيٰ، سندن

خاندان، نسبت ۽ جنس سميت درج ڪئي ويندي آهي. لغت سازي هڪ لڳاتار لفظن جي گڏ ڪرڻ ۽ انهن جي معنائن جي تعين ڪرڻ جو عمل آهي، چو ته ڪنهن به ٻوليءَ جي لغت فقط هڪ پيرو نه ٿاهبي آهي، پر اُها بار بار جوڙبي آهي.

- لغت سازيءَ جا اصول مقرر ڪيل آهن، جن جي بنياد تي سنڌيءَ ۾ لغتون ترتيب ڏنيون ويون آهن.
- محبت پرڙي لغت سازيءَ جي لاءِ لفظن جي جوڙجڪ، سٽاءَ سميت انهن جي جزن، پاڳن ۽ ذاتن تي به ڪم ڪيو آهي. هن سائنسي ۽ فني اصطلاحن تي به ڪم ڪيو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃ نه هئڻ جي برابر ٿيو آهي.
- لغت سازي ۽ لغت نويسيءَ ۾ فرق آهي. 'سازي' ۽ 'نويسي' جي معنيٰ ۾ پس منظر ۾ فرق آهي. لفظ 'سازي' يعني 'ساز' مان جُڙيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – ٺاهيندڙ. جيئن عمارت سازي، رنگسازي، جلد سازي، گلسازي، راڪسازي وغيره (ڏسو – اوڪسفرڊ انگريزي – سنڌي ڊڪشنري، ڇاپو پهريون، سال 2010ع، ص 764-763). 'نويسي' جي معنيٰ آهي – اها لکڻي يا تحرير، جنهن جو تعلق تخليق سان هجي، جيئن خط نويسي، ڪتاب نويسي، مضمون نويسي وغيره. لغت سازيءَ ۾ هڪ لغت ساز جي آڏو اڳواٽ ٺهيل ٺڪيل لفظ موجود هوندا آهن، جن تي هو ڪم ڪندو آهي. هو پنهنجي طرفان ڪي نوان لفظ تخليق يا ايجاد نه ڪندو آهي، تنهنڪري 'لغت نويسي' جي پيٽ ۾ 'لغت سازي' لفظ وڌيڪ موزون ۽ درست آهي.
- محبت پرڙو لغت ۽ انسائيڪلو پيڊيا جو وڏو ڇاڪ هو. هو لکي ٿو ته، انسائيڪلو پيڊيا (Encyclopaedia) اُن 'پنڌار ڇاڙ' کي چئجي ٿو، جيڪا حروف تهجيءَ ۾ ڪنهن به شيءِ بابت گهڻ رخي معلومات مهيا ڪري. اهو لفظ ٻن يوناني لفظن – 'سائيڪليوس' يا 'ڪائڪليوس' ۽ 'پيڊيا' مان جڙيو اهي. 'سائڪليوس' يا 'ڪائڪيلوس' جو مطلب آهي – گول يا عام گهيرو ۽ 'پيڊيا' جو مفهوم آهي – تعليم يا هدايتون/ ضابطو. يعني هي ڪنهن به چيز بابت معلومات فراهم ڪرڻ جو اهڙو گهيرو آهي، جيڪو ڪنهن به موضوع جي چوڌاري چيڪلي وانگر ڦري ٿو ۽ هر لحاظ کان معنيٰ ۽ مفهوم فراهم ڪندو رهي ٿو.
- محبت پرڙي 'انسائيڪلوپيڊيا' لاءِ سنڌيءَ ۾ 'مَها ٻولستَ' جو اصطلاح (متبادل) ڪم آندو اهي.
- سنڌيءَ ۾ پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين طور ذميداري سنڀالڻ کان پوءِ 'انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا' جي سري هيٺ اٿارٽيءَ ۾ مرڪزي تحقيقي آفيس قائم ڪري 'انسائيڪلو پيڊيا' تي ڪم ڪرڻ جي ابتدا ڪئي. ان جو پهريون جلد 2009ع ۾ ڇپيو، پر ان کان

اڳ ۾ 2005ع ۾ پاڻ جو هڪ عالم پروفيسر فتح الله صديقيءَ سنڌيءَ ۾ ’انسائيڪلو پيڊيا‘ جو پهريون جلد ڇپرائي چڪو هو. حالانڪ سنڌيءَ ۾ ’انسائيڪلو پيڊيا‘ جي موضوع تي ڪم ڪرڻ جي ابتدا، محبت ٻرڙو آسيءَ واري ڏهاڪي (1987-89ع) ڏاري ڪري چڪو هو. سندس تعارفي مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ به ڇپجي چڪا هئا. بعد ۾ اُهي ڪتابي صورت ۾ ’انسائيڪلو پيڊيا سنڌيڪا‘ (1998ع) جي ٽائيٽل سان ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر ڇپائي پڌرا ڪيا.

- ’اصطلاح‘ عربي النسل لفظ آهي، جيڪو عربي لفظ ’صلح‘ مان ڦُٽو آهي. ’صلح‘ جي معنيٰ آهي – ’ڇگو ٽيڻ‘. اصطلاحي ۽ فني اعتبار کان ’اصطلاح‘ ڪنهن به شعبي يا مضمون ۾ ڪنهن به شيءِ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ مخصوص نالو آهي. ٻين لفظن ۾ اصطلاح ڪنهن خاص مقصد لاءِ گهڙي ٺاهيو وڃي ٿو.
- سنڌيءَ ۾ ’اصطلاح‘ ٻن قسمن ۾ ملن ٿا. هڪڙا – ادبي اصطلاح ۽ ٻيا – سائنسي ۽ فني اصطلاح. سنڌيءَ ۾ انهن ٻنهي قسمن جي اصطلاحن تي ڪم ٿيو آهي، ليڪن سائنسي ۽ فني اصطلاح سازيءَ جي پيٽ ۾ ادبي اصطلاحن تي ڪم ڪرڻ جي تاريخ آڳاٽي آهي، يعني هن فن، انگريز دور (1947ع – 1843ع) ۾ تيزيءَ سان ارتقائي سفر جاري رکيو ۽ هن فن تي پهريان ڪم ڪندڙ انگريز ۽ هندو اسڪالر هئا.
- ترجمه نگاريءَ جو فن قديم آهي. هن فن ذريعي علم جا نت نوان دفينا ڪُلن ٿا. ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ترجمو اُن ٻوليءَ جي زرخيزي سمجهيو ويندو آهي. ترجمي سبب ٻوليءَ ۾ وسعت ۽ گهرائي پيدا ٿئي ٿي ۽ نوان نوان اُسلوب، اصطلاح ۽ گهاڙيٽا جُڙن ٿا ۽ نيون نيون صنفون پڻ متعارف ٿين ٿيون. ترجمو، رڳو ٻن زبانن جي وچ ۾ ئي نه، پر ٻن مختلف تهذيبن جي درميان هڪ مضبوط پُل جو به ڪم ڪري ٿو، جنهن جي ذريعي مختلف خيال ۽ تصور هڪ تهذيب کان ٻي تهذيب ڏانهن منتقل ٿين ٿا.
- ترجمه نگاريءَ ۾ اها ڳالهه توجهه طلب هئڻ گهرجي ته ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن جو ترجمو ٻي ٻوليءَ ۾ ڪبو آهي ته ترجمو ٿيندڙ ٻولي شاهوڪار ٿيڻ لڳندي آهي ۽ گڏوگڏ ان معنيٰ سان لاڳاپيل ٻي متصل ڄاڻ به هڪ ٻوليءَ کان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ منتقل ٿيندي آهي. ترجمي جو مدار، ترجمي جي نج پڻي ۽ شفافيت تي قائم هوندو ته اهو مقصد حاصل ٿي سگهندو. محبت ٻرڙي جي ترجمي نگاريءَ ۾ اهي خوبيون نظر اچن ٿيون.

تجويزون

- مٿي پيش ڪيل مڙني نظرين ۾ سچائيءَ جو ڪو نه ڪو پهلو موجود آهي. جيڪڏهن انهن مثبت ۽ نسبتاً صحيح پهلوئن کي منطقي، فلسفياڻي ۽ تخليقي انداز ۾ گڏ ڪجي ۽ گُم ٿي ويل پهلوئن کي ڳولي، قولهي، هنن سان گڏايو وڃي ته بهتر نتيجا نڪري سگهن ٿا.
- پولي، ماڻهوءَ جي بنهه پنهنجي پيداوار آهي. پولي ڳالهائيندڙ ساهوارا "ماڻهو" آهن، ماڻهو ئي پولي ڳالهائين ٿا. ماڻهوءَ کان سواءِ پولي ۽ پولي کان سواءِ ماڻهو وجود ۾ نه ٿا اچي سگهن. ٻئي هڪٻئي سان اٽٽ نموني ڳنڍيل، لاڳاپيل ۽ لازم ملزوم آهن.
- پولي، اهو خزانو آهي، جيڪو ڳالهائڻ جي عمل سان وڌي ۽ گڏ ٿئي ٿو. پولي ماڻهوءَ جي اڏاوت ڪري ٿي ۽ ماڻهو به پوليءَ جي اڏاوت ڪري ٿو. ٻئي هڪٻئي کي سينگارين ۽ سنوارين ٿا.
- پوليون، انساني سماج جي ابتدا سان گڏ اسريون، سکيون ويون ۽ انهن جي واڌ ويجهه ٿيندي رهي. پولين جو ماحول جيترو وسيع ۽ گوناگون هوندو، اوترو ئي وٽن پولن جو وسيع ۽ ڪشادو ذخيرو ۽ دفينو به موجود هوندو.
- اوائلي انسانن جي اچاريل ابتدائي آوازن بابت مختلف نظرين ۾ جيڪو ڪجهه چيو وڃي ٿو ۽ انهن آوازن جون جيڪي به خوبيون ۽ گڻ ٻڌايا وڃن ٿا، انهن مان گهڻا ئي سنڌي پوليءَ ۾ به موجود آهي.
- پولي، گذريل هزارين نه پر لکين ورهين دؤران ڏاڪي به ڏاڪي ارتقا ۽ اوسر ڪئي آهي. يعني هر هڪ پوليءَ ۽ اُن جي پول کي پنهنجي ڪا مخصوص ۽ پختي صورت وٺڻ ۾ هزارين ورهيه لڳي وڃن ٿا ۽ پولي توڙي اُن جو هر پول، ڏيري ڏيري بدلجندا رهن ٿا.
- سنڌي پوليءَکي گهڻو ڪري هڪ ٻُڌائتي پولي سمجهي تحقيقي هيٺ نه آندو ويو آهي، ۽ جيئن ته ان کي ڪنهن نه ڪنهن ٻيءَ پوليءَ (يا پولين) مان ڦُٽي نڪتل سمجهيو ويو آهي، ان ڪري هن پوليءَ سان ڇڻ ڪه ماٽيلو سلوڪ ٿيندو رهيو آهي، جنهنڪري سنڌي پوليءَ جا ڪيترائي حقيقي گوشا ۽ گڻ پڌرا نه ٿي سگهيا آهن.
- مختلف پيش ٿيل نظرين / راين جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته: سنڌي پولي نه رڳو هڪ جهُوني ۽ ڪُهني پولي آهي، پر هڪ سگهاري پولي به آهي ۽ جيتري سگهاري آهي ته اوتري لچڪدار به آهي. اهو ئي سبب آهي جو اتهاس جي انيڪ لاهن چاڑهن باوجود پنهنجو بقا رکندي ۽ وڌندي رهي آهي. پنهنجي اتهاس دوران هن نه رڳو ٻين پولين کان هزارين لفظ ورتا آهن، پر هزارين لفظ ٻين پولين کي ڏنا به آهن. هن پوليءَ جا

ڳالهائيندڙ مختلف وقتن تي دنيا جي مختلف علائقن ۾ خِطن ۾ وڃي آباد ٿيا ۽ اتي پنهنجا اثر ڇڏيا ۽ بلڪل ان طرح ٻين هنڌن کان به ڪيترائي ماڻهو سنڌ ۾ آيا ۽ هتي اچي پنهنجا اثر ڇڏيا. انهيءَ سڀ ڪجهه باوجود سنڌي ٻوليءَ پنهنجي جوهر ۾ پنهنجي اندر ۾ ڪا وڏي ۽ بنيادي قيرقار اچڻ نه ڏني.

- سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لڪل گوشن تي ٿيل تحقيق اڃا انهيءَ نهج تي نه پهتي آهي جو هُن بابت ڪي بنيادي ڳالهيون اتفاق راءِ سان حل ڪري سگهجن.

- سنڌي ٻوليءَ جي اصل بڻ بنياد کان سندس ٻولن جي ڏاتوءَ تائين، ڪي نه ڪي اختلاف به موجود آهن.

- ٻوليءَ جا ڪافي عالم، ٻين ٻولين-عربي، فارسي، هندي، سنسڪرت، انگريزي، يوناني وغيره جي بڻ بنياد بابت ۽ سندن ٻولن جي ڏاتوءَ بابت ته هڪ حد تائين درست راءِ پيش ڪري سگهن ٿا، پر سنڌي ٻوليءَ جي معاملن ۾ ڪٿي نه ڪٿي مونجهاري جو شڪار آهن ۽ اختلاف راءِ رکن ٿا، پر اسڪالر انهيءَ اختلاف راءِ کي تعميري نظر سان ڏسي ٿو.

- سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي بنهه اصلوڪن ٻولن کي ڪنهن نه ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ مان آيل، اڏارو ورتل سمجهي، انهن کي ڪنهن نه ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ سان ملائي، ان ٻوليءَ ۾ ڏاتو ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ڪيترن ئي ٻولن کي بلڪل بگاڙي اهو مطلب/ مقصد ماڻيو ويو آهي، جڏهن ته اهڙن ڪيترن ئي ٻولن جو ڏاتو، خود ٻوليءَ جي ٻول-ڪاڻ (لغت) ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿئي.

- سنڌي ٻوليءَ وٽ سامي، حامي، دراوڙي ۽ انڊو-يورپي ستّ جي ٻولين سان ويجهي يا پرانهين ناتيداري رکندڙ ڪيترائي ٻولَ ۽ ڪي ٻيا ويا ڪرٽي گڻ هن طرح موجود آهن:

1. سنڌي ٻولي، ويدڪ آرين، سميرين، سيٿين، ايرانين، يونانين، راجپوتن، عربن، مغلن، پٺاڻن، بلوچن ۽ انگريز حڪمرانن جي غلام رهي آهي.

2. جڏهن دراوڙي ٻولين-تامل، تيلگو ۽ ڪَناڙي – جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جو تقابلي مطالعو ڪجي ٿو تڏهن سنڌي ٻوليءَ جي اپياس جي سلسلي ۾ نوان نوان راز کلي پون ٿا ۽ ڪيترائي ثبوت ملن ٿا، جن جي بنياد تي اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جو پاڻ ۾ گهاٽو سنٻنڌ آهي.

3. قديم دور اٽڪل چوٿين صدي عيسوي ۽ اُن کان اڳ وارو زمانو آهي، جنهن کي ”سنڌ جي پولي يا پولين وارو دور“ چئي سگهجي ٿو... هن عرصي ۾ سنڌ ديس جي پوليءَ يا پولين تي آريائي، سامي ۽ داردي پولين جو اثر پيو.

(BIBLIOGRAPHY) ڪتابيات

1. ابڑو، عبدالغفار، شفيع محمد (1966ع): "گنج سخن" انجمن فروغ ادب هالا
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1985ع) "ديني ادب جو ڪيٽالاگ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.
3. آگرو، غلام رباني (؟): "جهڙا گل گلاب جا"، اڪيڈمي ادبيات اسلام آباد
4. بدوي، لطف الله (1936ع): "تذڪره لطيفي حصو 3" شڪارپور
5. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (؟): "واقعاتي بيت" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
6. بيگ، مرزا قليچ، شمس العلماء (1925ع): "قديم سنڌ ان جا مشهور ماڻهو ۽ شهر"، حيدرآباد.
7. پٺو، سعيد احمد، مولانا (2020ع): "حضرت مخدوم سرور نوح رحمة الله عليه"، (فارسي ترجمو) طالب المولىٰ اڪيڈمي.
8. پٺي، محمد صالح، مخدوم (؟): "ادبي تحفو" سنڌ مسلم سوسائٽي.
9. پهوڙ، فقير حاجي، (1104ع): "ڪئوس فخريه"، قلمي، ذاتي ڪتب خانه هالا نيو.
10. پيرزادو، اسلم (1996ع): "عقيدت جا گل" طالب المولىٰ اڪيڈمي هالا
11. ٺٽوي، مير علي شير، قانع (؟): "تحفة الڪرام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ.
12. ٺٽوي، مير علي شير، قانع (1884ع): "مقالات الشعراء سنڌ"، حيدرآباد.
13. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر(1983ع): "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد.
14. جويو، محمد ابراهيم، (1991ع): الوحيد "آزاد سنڌ نمبر" نئون ڇاپو، اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد، اطلاعات ڪاتو سنڌ رسالو پيغام ڪراچي مئي جون.
15. چنا، محبوب علي، پروفيسر (1965ع): "ڪچڪول" بزم طالب المولىٰ هالا.
16. حسيني، اسدالله شاهه، ڊاڪٽر (1981ع): "چپر ۾ چڙيون" بزم طالب المولىٰ هالا.
17. خان، خداداد خان (1963ع): "لب تاريخ سنڌ".
18. دائودپوٽو، عمر بن محمد، شمس العلما (1934ع): "سرها گل" ڪراچي.
19. دليل الذاڪرين قلمي قديم.
20. راشدي، حسام الدين، پير "هو ڏوٽي هو ڏينهن"
21. راشدي، علي محمد، پير (1965ع): "اهي ڏينهن اهي شينهن"حيدرآباد.
22. سليم، هالائي قاضي عبدالحي (1944ع): "تذڪره شاعر هالا"، هالا.
23. سيد جي.ايم (1968ع): "جنب گذاريم جن سين"، حيدرآباد.
24. سيوهاڻي، محبوب علي، چنا پروفيسر(1991ع): "مخدوم نوحؒ جن جا سهيوڳي"، (ڇاپو پهريون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
25. شيخ، محمد ابراهيم خليل، ڊاڪٽر (1948ع): "رهنمائي شاعري جلد نمبر 3" حيدرآباد.
26. صديقي، جميل الزمان، مخدوم، (؟): "تذڪره مخدومان هالا"، ذاتي ڪتب خانه.

27. صديقي، غلام حيدر، مخدوم، (1926ع): "سفينة النوح"، ترجمه و اشاعت شيخوپوره، ادارا ڪتب خانه، ميان مشتاق احمد ڍوگر.
28. صديقي، غلام حيدر، مخدوم، "سڪينة الروح"، (قلمي)، ذاتي ڪتب خانه هالا نيو.
29. صديقي، قريشي، فتح محمد، مخدوم (2011ع): "رساله فتحيه"، (جلد پهريون)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ.
30. طالب المولىٰ، محمد زمان، مخدوم (1983ع): "ياد رفتگان"، اشاعت طالب المولىٰ اڪيڈمي.
31. طالب المولىٰ، محمد زمان، مخدوم (1996ع): "ڪافي" هالا.
32. طالب المولىٰ، محمد زمان، مخدوم (1998ع): "مضامين طالب المولىٰ" طالب المولىٰ اڪيڈمي هالا.
33. عبدالقادر بن سيد هاشم (1926ع): "تذڪراه اولياءَ سنڌ".
34. علوي، اسرار احمد آخوند، ڊاڪٽر (2009ع): "تحفة الروح"، هالا پراڻا، ادارا ڪتب خانه قاضي غلام محمد قريشي.
35. قادري، عبدالرسول، ڊاڪٽر (2007ع): "حديقة الاولياء" (سنڌي ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سنڌ.
36. قادري، مولوي عبدالحي (1963ع): "مختصر سوانح حيات مخدوم نوحؒ".
37. قاسمي غلام مصطفىٰ مولانا (1986ع): "الرحيم" ايڊيٽر، شاهه ولي الله اڪيڈمي، حيدرآباد.
38. قريشي، غلام محمد، قاضي، (2006ع): "تاريخ درگاه شريف هالا"، هالا پراڻا ادارو ڪتب خانه قاضي غلام محمد قريشي.
39. قريشي، محمد شوڪت علي، قاضي، (1999ع): "چوند ملفوظات غوث الحق مخدوم سرور نوحؒ هالائي"، هالا پراڻا ادارا ڪتب خانه قاضي غلام محمد قريشي.
40. گرامي، غلام محمد، مولانا (1965ع): "ٽماهي مهراڻ، شاعر نمبر" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
41. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر (1960ع): "مقدمهءِ لطيفي" حيدرآباد.
42. مخدوم، جميل الزمان (1999ع): "انهن سندي ڳالهڙي"، طالب المولىٰ اڪيڈمي، هالا.
43. مخدوم، سعيد الزمان، عاطف (1982ع): "هالڪندي" سروري پبليڪشن هالا.
44. ميمڻ، الله بچايو (1989ع): "مخدوم غلام حيدر" هالا سماجي تنظيم
45. ميمڻ، محمد صديق (1940ع): "حضرت مخدوم سرور نوحؒ " سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد.
46. وفائي دين محمد، مولانا، (2011 ع): "راحت الروح"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سنڌ.

ABSTRACT

His name was Lutfullah by parents and became famous as Makhdoom Nooh. Many appropriate leaders have said that indeed it was the name Lutfullah put by his parents on Makhdoom Nooh, but as his name Lutfullah was already put on a faqeer alies Madan faqeer by Hazrat Samdiyat, so he did not accept the name Lutfullah for his ownself & then no one remembered the name put by his parents over him. On the earth & in heavens & everyone knows him as Makhdoom Nooh / Sarwar Nooh. Makhdoom Sarwar Nooh R.A was the descendant of the noble family of Amerul Momineen Sultanul Auliya, Ameer ul Muttaqeen, Hazrat Abu Bakar Siddique (R.A) & he usually used to say that I am one of the descendent of Hazrat Abu Bakar "R.A". Makhdoom Sarwar Nooh R.A dictated & made counting of the all names of the chain of the descendants from Hazrat Abu Bakar Siddique R.A to his self.Due to religious services ofMakhdoom Sarwar Nooh R.A his name is taken/remembered with great respect in Islamic world. He was Mujaddid of 10th century & was a great preacher of Islam in Sindh. One of his religious services is that he wrote the 1st Persian translation & tafseer of Quran-e-Pak in world & that translation & tafseer in present which is about written 400 years ago.During the life of Makhdoom Sarwar Nooh R.A (1502-1590) two families ruled over Sindh i-e. Argon and Turkhan. Poets like Qazi Qazan & Shah Abdul Kareem were his contemporaries. His teachings, lectures words, speeches, talks are full of wisdom & knowledge by every means. In his poetry & kalam there is usage of a particular word "Jogi" beautifully & wisely.The language used by Makhdoom Sarwar Nooh R.A in his scriptures & poetry is very easy to understand. After listening the poetry of Makhdoom Sarwar Nooh R.A, no one dares to say that this is 400 years old. This is the poetic greatness of Makhdoom Sarwar Nooh R.A.It should be kept in mind that there was someone ruling over sindh when conteruplating over the philosophy & concernment of scriptures emphasizes on Moderateness & enhances the importance of time. Makhdoom Sarwar Nooh R.A scriptures are mystical (hectic) from meaning point of view.

Biography of Makhdoom Sarwar Nooh R.A And

His Epistemic & Literary services

Introduction:, His name was Lutfullah by parents & became famous as Makhnoom Nooh. Many appropriate leaders have said that indeed it was the name Lutfullah put by his parents on Makhdoom Nooh, but as his name Lutfullah was already put on a faqeer alies Madan faqeer by Hazrat Samdiyat, so he did not accept the name Lutfullah for his ownself & then no one remembered the name put by his parents over him. On the earth & in heavens & every one knows him as Makhdoom Nooh / Sarwar Nooh. Makhdoom Sarwar Nooh R.A was the descendant of the noble family of Amerul Momineen Sultanul Auliya, Ameer ul Muttaqeen, Hazrat Abu Bakar Siddique (R.A) & he usually used to say that I am one of the descendent of Hazrat Abu Bakar "R.A". Makhdoom Sarwar Nooh R.A dictated & made counting of the all names of the chain of the descendants from Hazrat Abu Bakar Siddique R.A to his self.

Birth of Makhdoom Sarwar Nooh R.A: Makhdoom Sarwar Nooh R.A was born on Friday, 27th Ramadan 911 Hijri (1505AD). His father Makhdoom Naimatullah considered his birth as a non-ending blessings by Almighty Allah for his family & named him Lutfullah, but he became famous as Nooh (R.A).

Father's Name: Makhdoom Sarwar Noah's father's name was Naimatullah.

Education & Nurturance: When Makhdoom Sarwar Nooh R.A became 7 years old he started to stud at a pious personality Makhdoom Arabi R.A, who was famous amongst people with the name Shah Dinoo. Some scholars say that Makhdoom Sarwar Nooh R.A only did Hifz (remember word by word) of Quran-e-kareem in Madarsah & rest of his knowledge was divine & in some books it is said that Makhdoom Sarwar Nooh R.A got all knowledge from Huzoor-e-Akram (S.A.W.W) directly & got 4 special commandments & gifts which are:

1. Permission of doing zikir to every person without being Makhdoom Sarwar Nooh's follower.

2. Knowledge of Tafseer of Quran-e-Kareem.

3. Knowledge of doing the Tashreeh of Hadith.

4. Knowledge of doing Interpretation & meaning of dreams – also there are some other sayings which favors that Makhdoom Sarwar Nooh R.A acquired Ilm-e-Ludanni.

Makhdoom Sarwar Noah's Family: Makhdoom Sarwar Nooh R.A had four wives, 1st wife was from Turk Tribe who's urf was baajor & Makhdoom Sarwar Nooh R.A had 4 sons & 4 daughters from that wife, from 2nd wife Makhdoom Sarwar Nooh R.A had 5 sons, from 3rd wife he had 3 sons & 1 daughter, from 4th& the last wife was from Sahta caste & Makhdoom Sarwar Nooh (Ghousul Haq)belonged to Awaisi Tareeqah & got faiz directly from Hazrat Muhammad (S.A.W.W), but his parents, grandparents & rest of the family were followers of Suhruwardi Tareeqah from beginning.

Religious Services of Makhdoom Sarwar Nooh R.A: Due to religious services of Makhdoom Sarwar Nooh R.A his name is taken/remembered with great respect in Islamic world. He was Mujaddid of 10th century & was a great preacher of Islam in Sindh. One of his religious services is that he wrote the 1st Persian translation & tafseer of Quran-e-Pak in world & that translation & tafseer in present which is about written 383 years ago.

Makhdoom Sarwar Nooh services in the field of Literature: During the life of Makhdoom Sarwar Nooh R.A (1502-1590) two families ruled over Sindh i-e. Argon & Turkhan. Poets like Qazi Qazan & Shah Abdul Kareem were his contemporaries. His teachings, lectures words, speeches, talks are full of wisdom & knowledge by every means. In his poetry & kalam there is usage of a particular word "Jogi" beautifully & wisely.

Language: The language used by Makhdoom Sarwar Nooh R.A in his scriptures & poetry is very easy to understand. After listening the poetry of Makhdoom Sarwar Nooh R.A, no one dares to say that this is 400 years old. This is the poetic greatness of Makhdoom Sarwar Nooh R.A.

Falsfa & Fikir (Philosophy & concernment solicitude): It should be kept in mind that there was someone ruling over sindh when conteruplating over the philosophy & concernment of scriptures emphasizes on Moderateness & enhances the importance of time. Makhdoom Sarwar Nooh R.A scriptures are mystical (hectic) from meaning point of view.

UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO

Ph.D. THESIS

A CRITICAL STUDY OF THE WORK OF MUHABBAT BURIRO ON SINDHI LANGUAGE

THESIS SUBMITTED TOWARDS THE PARTIAL FULFILLMENT OF THE REQUIREMENT OF THE UNIVERSITY OF SINDH, FOR THE AWARD OF DOCTOR OF PHILOSOPHY DEGREE IN SINDHI

DEEN MUHAMMAD KALHORO

DEPARTMENT OF SINDHI

University of Sindh
Jamshoro, Sindh, Pakistan

2021